
مانجو ڪوهستان
(خاڪا)
ج ع منگهاڻي
سنڌي ادبي بورڊ

# مانجو ڪوهستان

(خاڪا)

ج.ع منگهاڻي

سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو
2014ع

ڊجيٽل ايڊيشن:
2019ع
سنڌ سلامت ڪتاب گهر

# ارپنا

بيحد ذهين، سائنسدان، اليڪٽريڪل انجنيئر ۽ محبوب ياءُ محمد بخش بڪڪ (منگهاڻي) جي نانءُ
جنهن هن ڪتاب جو سڄو سفر مون سان گڏ ڪيو پر منزل تي پهچڻ کان اڳ اوچتو، نئين دنيا جي سفر لاءِ سنپريو ۽ روانو ٿي ويو پاڻ ڪتاب جي صورت ڏسي نه سگهيو.
آءٌ ڪتاب هٿن ۾ جهليو، اڪيون در ۾ وجهي پئي واجهايان.

مَران، مَٿو پِٽيان، نِهاريان نَيٽان،
سُخن جي سَندانِ، آءٌ نَہ جِيندي اُن رِي.
(شاهہ)

سندس ڪمهلي وڇڻ وارو وڇوڙو سهڻ منهنجي لاءِ، هڪ امتحان آهي جنهن جي نتيجي جي مون کي ڪائي خبر ڪانهي.

منهنجا ڪيچي قول ڪري ويا، هئي نہ ويل وڇڻ جي......

**ج.ع.مُنگهاڻي**

# سنڌ سلامت پاران

سنڌ سلامت ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن سلسلي جو نئون ڪتاب **”مانجو ڪوهستان“** اوهان اڳيان پيش ڪجي ٿو. هيءُ ڪتاب سنڌي ادب جي مانائتي ليکڪا ۽ شاعره محترمه **ج.ع. مُنگهاڻي** صاحبه جو ڪوهستان جي سگهڙن ۽ سياڻين شخصيتن جي خاڪن تي مشتمل هڪ تحقيقي تصنيف آهي، جنهن ۾ پاڻ ڪوهستان جي گمنام شخصيتن جي ادبي، ثقافتي ۽ سماجي زندگيءَ سان گڏو گڏ اُنهن جي اُٿڻي ويهڻي، ثقافت ۽ روايتن کي نمايان انداز ۾ بيان ڪيو آهي. مهاڳ (مقدمي) ۾ منگهاڻي صاحبه لکي ٿي:

”ڪوهستان ۽ ڪوهستان جي انهن ڪردارن بابت لکڻ ٿي چاهيان جن کان دنيا ۽ دنيا وارن سان گڏ پنهنجا ويجها به بيخبر ۽ اڻواقف آهن. ڪين خبرئي ناهي ته جُبل جا اهي سگهارا ڪردار سنڌن ئي عزت ۽ طاقت آهن جن جي واکاڻ ۽ ساڃ (تعريف) سنڌ ۽ سنڌين جو مانُ ۽ شان آهي. جبل جي سيني ڪردارن تائين پهچڻ منهنجي لاءِ مشڪل نه پر ناممڪن آهي. تنهن هوندي به آئون انهيءَ ڪم جي شروعات ڪري رهي آهيان. جيڪي ڪردار منهنجي پهچ ۾ آهن، انهن جو تعارف ڪرائڻ منهنجو حق ۽ فرض آهي. جيئن جيئن جبل جي عظيم ڪردارن تائين رسائي حاصل ٿيندي ويندي، تيئن تيئن اهي پنهنجي روشن نالن ۽ سُرهن ڪارنامن سان گڏ متعارف ٿيندا ويندا.“

هي ڪتاب 2014ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ پاران ڇپايو ويو. اسان ٿورائتا آهيون مُنگهاڻي صاحبه جا جنهن ڪتاب سنڌ سلامت ڪتاب گهر ۾ پيش ڪرڻ جي اجازت ڏني.

اوهان سڀني دوستن، پڙهندڙن، سڄڻن، بزرگن ۽ ساٿين جي قيمتي مشورن، راين، صلاحن ۽ رهنمائي جو منتظر.

**محمد سليمان وساڻ**
**مينيجنگ ايڊيٽر ( اعزازي )**
**سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام**
sulemanwassan@gmail.com
**www.sindhsalamat.com**
**books.sindhsalamat.com**

# فهرست


چپائيندڙ پاران 06

مهاڳ 07

مقدمو: مانجو ڪوهستان 10

- هڪ ڏاهو، ڏات وند ڇُتو خان بِڪَڪُ (مُنگهاڻي) 58
- هڪ غير معمولي ڪردار: سناسي خان بڪڪ (جمعاڻي) 70
- مالدار، سخي ۽ مهربان ڪردار: رُهيل بڪڪ (پوراڻي) 84
- هڪ سگهارو ۽ پرجهلو ڪردار: سيٺ علي محمد بڪڪ (مُنگهاڻي) 86
- هڪ خوبصورت ۽ بهادر ڪردار سيٺ غلام محمد بڪڪ (جمعاڻي) 108
- هڪ شاندار ڪردار حاجي مريد خان بڪڪ (چاڪراڻي) 118
- هڪ سگهارو ۽ دادلو ڪردار قادر بخش بڪڪ (منگهاڻي) 132
- ڏاهو، بهادر ۽ ويچ ڪردار عمر خان بڪڪ (پوراڻي) 159
- هڪ معجزاتي ڪردار صاحب ڏني بڪڪ (جمعاڻي) 173
- هڪ وضع دار ڪردار وڏيرو ملهه خان پالاري (ڳلاڻي) 187
- نڙ جو بي تاج بادشاهه نابين شاهه محمد بڪڪ (ٽوڪاڻي) 196
- ڪوهستان جي مدر ٽريسا ماسي مهران بڪڪ (زهرياڻي) 205
- ٽي لطيفي ڪردار 215
- پڙهيل ڪردار الله بچايو يار محمد سمون (بهلول/ڇٽو 227
- هڪ اڻ ورچ ۽ محنتي ڪردار سائين بشير احمد جوڪيو (هميرڪا 238
- سماجي ڪارڪن محمد عرف ممون بڪڪ باراڻي 243
- هڪ سريلو ڪردار ۽ نئون پيجل استاد محمد جمن (سخيراڻي) 247
- هڪ متنازعہ ڪردار دادلي گدي 264

# ڇپائيندڙ پاران

هيءُ ڪتاب "مانجو ڪوهستان" سنڌي ادب جي مانائتي ليکڪ ۽ شاعره محترم ج. ع. مُنگهاڻي صاحبہ جو ڪوهستان جي سگهڙن ۽ سباجهڙين شخصيتن جي خاڪن تي مشتمل هڪ تحقيقي تصنيف آهي، جنهن ۾ پاڻ ڪوهستان جي گمنام شخصيتن جي ادبي، ثقافتي ۽ سماجي زندگيءَ سان گڏو گڏ اُنهن جي اُٿڻي ويهڻي، ثقافت ۽ روايتن کي نمايان انداز ۾ بيان ڪيو آهي.

محترمہ ج. ع مُنگهاڻي صاحبہ جي قلمي پورهئي کي مانُ ڏيندي سنڌي ادبي بورڊ طرفان ڪوهستان جي سگهڙن جي خاڪن تي مشتمل هيءُ سندس تحقيقي ڪتاب **"مانجو ڪوهستان"** کي ڇپائي پڌرو ڪيو ويو آهي.

هيءُ ڪتاب سنڌي ادبي بورڊ طرفان پنهنجي ايامڪاريءَ ۾ شايع ڪري سُرهائي محسوس ڪري رهيو آهيان. جنهن لاءِ آئون جناب مخدوم جميل الزمان صاحب چيئرمن سنڌي ادبي بورڊ، جو تهدل سان شڪر گذار آهيان، جنهن پنهنجي مفيد مشورن سان منهنجي رهنمائي ڪري اشاعتي مرحلي کي آسان ڪيو.

اميد آهي تہ، اسان جو هيءُ پيار پريو پورهيو ادب سان دلچسپي رکندڙن وٽ مانءُ لهندو.

الهڏنو وگهيو

سيڪريٽري

21- جمادي الثاني 1435ھ

22- اپريل 2014ع

# مهاڳ

پکين جي پرن جهڙي نرم ۽ گرم احساسن جهڙو، ڪوهستان جنهن کي آئون هڪ خطو نه، پر ڪائنات سمجهندي آهيان.

ائين سمجهڻ لاءِ اهڙو ئي گداز احساس هئڻ ضروري آهي جهڙو ڪوهستان لاءِ ڪوهستانين جو آهي.

آئون ڄاڻان ٿي ته هر ماڻهو پنهنجي علائقي لاءِ اهڙائي جذباتي ۽ نفيس احساس رکندو هوندو، جڏهن ته آئون پنهنجي ڏکئي سنگلاخ پهاڙن جي ڏکين، سخت جان ۽ ساهو رهواسين جي احساسن بابت اهڄاڻي ڏيڻ چاهيان ٿي جن کان شايد هرڪو واقف نه هوندو.

ڪتاب، مانجو ڪوهستان جي مهاڳ ۾ ڪي اهڄاڻيون ڪوهستان ۽ ڪوهستانين بابت ڏنيون اٿم. جيڪي اڃا مختصر ۽ ڄڻ ته مبهم آهن ۽ جن جي اظهار ن جا واضح ۽ تفصيلي اهڃاڻ اڃا باقي آهن. انهن جي وضاحتن لاءِ ڪيئي ضخيم ڪتاب گهرجن.

ڪوهستان تي لکڻ منهنجو فرض هو، مونتي قرض هو، جيڪو لاهڻ چاهيندي به لاهي نه ٿي سگهيس. هيڏو سارو ڪوهستان هو، اُڪ جي ماکي ته نه هو.

منهنجي گهراڻي جا ماڻهو/ منهنجي ڪٽنب جا فرد ڪوهستان بابت ڄاڻ ۾ انسائيڪلوپيڊيا جو درجو رکن ٿا. منهنجو سنڌي ادب ۾ وارد ٿيڻ تهائين آسانيون پيدا ڪندڙ هو. وري لطيف پاڪ جي لفظن تي ڪم ڪرڻ ڄڻ هن ڪتاب کي لکڻ لاءِ هڪ قوت ۽ سگهه جو باعث بڻيو.

اهي ئي همٿون هيون جن همٿون ڏنيون، ۽ مون ڪتاب 'مانجو ڪوهستان' لکڻ جو فيصلو ڪيو. جڏهن ڪتاب لکڻ شروع ڪيم تڏهن جتي منهنجو سڄو گهراڻو مون سان ٻيلي ٿيو هو. اتي ادبي دنيا جا گهڻگهرا پڻ منهنجي آتت ۽ مدد گار بڻيا هئا. آئون سمجهان ٿي ته اهيئي هاڪاري حالتون هيون جن جي ڪري ڪتاب 'مانجو ڪوهستان' لکي سگهي آهيان.

سڄي ڪم ۾ جتي امان، بابا، ڀائرن، ڀينرن ۽ دوستن جهڙي نندي پڪيءَ جو ساٿ هيو، اتي مون کي اعتراف ڪرڻ ڏيو ته محترم تاج بلوچ صاحب جهڙي وڏي شاعر ۽ ايڊيٽر جي به حوصلا افزائي گڏ هئي. محترم بشير احمد جوکيو صاحب جون محبتون ۽ وڙ وسارڻ جهڙا ناهن. هو جيستائين جيئرو هو فون ڪندو رهيو ته، 'مانجو ڪوهستان'

ڪڏهن ٿو اچي؟ ۽ منهنجو پيارو ٻالڪو ڊاڪٽر شير مهراڻي ۽ سندس ڊوڙون ۽ هلاڪيون پڻ اعتراف لائق آهن.

هاڻي انهيءَ شخص جو ذڪر، جيڪو منهنجو سڳو ۽ وڏو ڀاءُ هو. جنهنجي ذڪر ڪرڻ ڪان سواءِ منهنجي زندگي اڌوري آهي. اهو محبوب، مشفق، مهربان ۽ ذهين ترين شخص، جنهن جي محبتن ۽ توجهه جو مرڪز آئون پاڻ کي سمجهندي هيس. آئون به اعتراف ٿي ڪريان ته منهنجي محبتن ۽ توجهه جو مرڪز پڻ اهوئي هو.

زندگيءَ جي هر مصروفيت ۾ ۽ ادبي ڪم ۾ پاڻ مون سان ڳنڍيل هو. "ڇا ڪيو؟ پين ڪيو؟ پنا ڪپڻ؟ ٽي.سي.ايس ڪرٽو آهي؟ فيڪس جو رول آهي؟ صدر پيو وڃان، ڪو ڪم ڪار آهي؟ ڪجهه کپي؟"

سڄي زندگي سندس ذات ڪان ڪنهن کي به ڪا شڪايت نه ٿي. سيني جو محبوب سيني جو پيارو. پنهنجي گهر ۾ ريڊيو اسٽيشن قائم ڪئي هئائين، جتان سڄي ڳوٺ لاءِ پروگرام نشر ڪندو هو ۽ سيني جون فرمائشون پوريون ڪندو هو. ريڊيو پروگرامن جي شروعات، 'جيئي سنڌ' سان ٿيندي هئي.

سندس هيرن جهڙا لفظ ۽ موتيءَ داڻن جهڙي لکڻي سڄي ڳوٺ ۽ ڄاڻ سڃاڻ ۾ مشهور هئي. جڏهن هو پشاور انجنيئرنگ يونيورسٽيءَ ۾ پڙهندو هو ته سڄي ڳوٺ (حاجي مريد ٻڪڪ ڳوٺ) جو مرڪز هو. گهر جي هڪ هڪ ڀاتيءَ سان گڏ خاندان جو هڪ هڪ فرد ۽ ڳوٺ جو هڪ هڪ ماڻهو ڪيس ڏار ڏار خط لکندو هو. جن ۾ ڳوٺ ۾ رهيل وڏي تعداد ۾ بلوچ ۽ ٻيا سڀ درزي، حجام، ڊاڪٽر، ڪمپائونڊر، ڊرائيور، ڪلينر ۽ پيش امام. مطلب ته هر قسم جا ماڻهو ڪيس خط لکندا هئا ۽ پاڻ هُو هڪ هڪ کي پابنديءَ سان جواب ڏيندو هو، سندس خطن جي عبارت ۽ مضمون ايڏا ته خوبصورت هوندا هئا جو ماڻهن اهي خط سانڍي رکيا هئا.

منهنجو مامون سيٺ غلام محمد ٻڪڪ صاحب (جيڪو هن ڪتاب ۾ هڪ خوبصورت ۽ معجزاتي ڪردار جي حيثيت ۾ آيل آهي)، پڻ ڪيس مستقل خط لکڻ وارن ۾ شامل هو. موٽ ۾ ڪيس لکيل خطن جا مضمون ۽ اکر نهايت اعليٰ، نفيس ۽ منفرد هوندا هئا، جڻ ته ڇپائي هجي، جڻ ته پرنٽ ٿيل هجن جيڪي مامي غلام محمد ٻڪڪ صاحب پير سائين پاڳاري کي فخر مان ڏيکاريندي چيو هو ته، "هي منهنجي ڀاڻيجي جا مون ڏانهن لکيل خط آهن."

جڏهن هو پشاور مان موڪلن تي ڪراچي ايندو هو ته سڄي ڳوٺ وارا سندس دعوتون ڪندا هئا. اهو ئي هر دلعزيز ۽ محبوب شخص جيڪو هن ڪتاب لکڻ ۾ منهنجو ساٿي ۽ پر جهلو هو اهو هاڻي ڪتاب جي صورت ڏسڻ مهل اٽمندائتو پري هليو ويو آهي، جنهن لاءِ هي لفظ لکندي منهنجي دل جي رفتار گهٽ وڌ ۽ هيٺ مٿي ٿي رهي آهي، ۽ لڙڪ لارون ٿي وهي رهيا آهن.

اهو منهنجو غير معمولي ۽ ايڪسٽرا آرڊنري ذهين ياءُ اليڪٽريڪل انجنيئر محمد بخش بڪڪ آهي جنهنجا پيار ۽ وارفته محبتون جنم جنم ۾ مون سان جڙيل ۽ ڳنڍيل رهنديون.

جنهن جي سُرهي سات لاءِ آئون هر جنم ۾ ائين ئي سرگردان ۽ متلاشي رهنديس جيئن گلن لاءِ پوپٽ ۽ شمع لاءِ پتنگ هوندا آهن يا لطيف رح چواڻي، جيئن سو هرڻ هماءُ، سرگردان سنسار ۾.

تيئن ئي آئون سندس ڳولا ۾ سموري سنسار ۾ سرگردان رهنديس!!!

جوانيءَ ۾ سندس اوچتي وڇوڙي وارو حادثو منهنجي لاءِ اڻ وسهندڙ واقعي مثل آهي.

شايد آئون به سندس جهڙي ئي ساهو آهيان ۽ جاڻان ٿي ته منهنجي اها مضبوطي ڪيس ضرور وڻندي، ڇو جو هن ڪڏهن به منهنجي اکين ۾ لڙڪ ڏسڻ نه چاهيا هئا، پر آئون سندس جهڙا لوهي لڱ ڪٿان آڻيان؟ هو ته پنهنجي هر تڪليف لڪائي ڇڏيندو هو ته متان اسان کي تڪليف ٿِئي.

بس، آئون پنهنجو هي قلمي پورهيو ڪيس ارپيندي خوشي محسوس ڪري رهي آهيان.

لڳي مون کي لوه، وره واتون لائيون

راز جنهين سين روح، سو ڪوهيارو ڪيچ ويو. (شاهه رح)

جاڻان ٿي ته جتي به هوندو خوش هوندو. آمين ڇو جو هُن ڪڏهن به ڪنهن کي به ڏک نه ڏنو هو.

ڏاڍي شال ڪيس جنت الفردوس ۾ جاءِ ڏي. آمين ثم آمين.

**ج.ع.منگهاڻي**

# مقدمو

## (مانجو ڪوهستان)

ڪوهستان تي لکڻ لاءِ جڏهن قلم هٿ ۾ جهليم تہ هَٿُ ڏڪي ويو. ظاهر ظهور دانهن ڪيائين، "لکي سگهندس؟"

لمحي لاءِ تہ آئون پاڻ بہ ڏڏي ويس پر ٻَلاتو (طاقتور) لطيف رح اڳيتا (اڳيان) ڦري آيو.

ڇَپَرُ ۾ ڇَمَرُ يانيان، ڪانيو ۾ ڪارو،
پَبُ وجهنديس پُٺِ تي، صُبح سَوارو
وڃڻ مون وارو، ڪِينَ وهنديس وِچَ ۾.

اها همت ۾ هڪل تہ ٿي سگهاري ۾ ٻلوان لطيف رح جي. آئون اَپهُچُ ڳُوپُ ڪريان پنهنجي، 'جنهن جي هَٿُ نہ ساٿُ'

اُڳِرڻ ۾ اُلارون ڪرڻ رهيا پنهنجي ماڳ، هَٿَ ٻڌڻ سان بہ ڪِين (ڪجهہ) ملي تہ لڪ ڪٽيم،

آڏَ تِرِ چا آهَڙا، ڏاڪا ڏونگر ڪي،
هو جي وَرَ وِندُر جا، مارِيندا مون ڪي،
هاڙهو هيٺيءَ ڪي، لنگهائج لطيف چئي.

اها ٿي ڳالهہ اڳُٿُ (اڳتي) وڌڻ جي ۾ لطيف سائين ڪي پنهنجي ۾ لفظن جي وچ ۾ آٽي ڪجهہ لکان تہ لکان، نہ تہ لفظ وڏا استاد آهن. ڪڏهن بہ ڪتا بي بنجڻ نہ چاهيندا آهن. ڪتا بي ليڪ ڪي ٺي بنجٹو پوندو آهي (ڪلي يا روئي).

ٿي سگهي ٿو تہ زماني ۾ ڪو لفظن جو استاد بنيو هجي ۾ ڏنڊي جي زور تي لفظن ڪي مجائي پنهنجي مرضيءَ سان هلايو هجي. باقي مون موٽاج (محتاج/ معذور) اڳيان لفظ هميشہ استاد. ۾ آئون سدائين ڪتابي رهي آهيان. جيڏانهن وٹين تيڏانهن وارين. ڪوشش ڪندي آهيان/ ٻاڏائيندي آهيان تہ، "آئون وريو نہ ٿي وران، جيئن وران تيئن واريو ڙي يار."

پر ائين ٿيندو ڪونهي، ڪتابيءَ جي چوڻ تي استاد جو ورڻ سندس نيم (عادت) جي خلاف هوندو آهي. ائين آئون هميشہ سندن وس، واڳ سدائين انهن هٿ!

اهڙي اَپُهچائي واري آڌائمر ماحول ۾ لطيف سرڪار جون همٿون ساڻ آهن تہ نڪو لهر نڪو لوڏو.

وَرَ وَراڪا وِچَ ۾ ، لکين آڏا لَڪَ،

هو جي آڏا حق، سي ڪندا ڪَوهُ ڪُنيءَ ڪي.
لکڻو اٿم، مانجو ڪوهستان. مهربان، مشفق، ڀاول ۽ شاهوڪار ڪوهستان، جنهن لاءِ قلم ڪي ٻہ مهربان، مشفق، ڀاول ۽ شاهوڪار ٽيڻو پوندو.
لفظن ڪي ٻہ ٻچُڪاري، چُٻُڪَاري (ٻارن وانگي) تَاتَاري (خوشامد ڪري) ڏُتاري وارڻو پوندو جيڪي ذهن تي اچي مِچڪا ڏئي، تمڪي، لِمِڪا ڪري، اچي تِرڪي پڳا ٿا وڃن. وري لفظن ڪي ٻہ سُڌا تورو ٿي ساٿ ڏيڻ گهرجي. پرجي ڏنگا ۽ ڪُڌا تورا ٻہ ٿيا تہ، "سانگي سکيا هون اسان جي اوٺ الله تي."
شروعات لطيف رح جي بيت سان ڪندي برڪت ۽ پاڳيري پائيندس.

چِپَر ۽ چِمَرَ، تا لڳهُ لڳن پاڻ ۾،
ڏاڍا ڏونگر ڪَرَڪَرا، وَيڏُ ونگايون وَرَ،
آئون پيادي پَنِئين، نماڻي نِتر
سوڙهي جِتِ سَبگر، اُتِ ٻاتاڙيءَ ٻيلي ٿيئين.

ڪوهستان، جيڪو خزانن مان پِنبِڙيڪَر، (تارون تار) ڏن مان ٻُچُڪيل (تمام گهڻو پريل) تنهن کي آئون سُجيو، سکڻو، ڏکيو ڏڪاريو ڪيئن چوان؟
بظاهر ڏکيو، ڏڪاريو، نوٺ ملڪ چئي سگهجي ٿو جو، لوڪ جي ظاهري ۽ اکين ڏٺي حالت لڙڪ لاڙڻ جهڙي آهي، ڏکيءَ تو ءِ ڏڪار، توٽي وسن مينهنڙا، صاحب هٿ سکار، هِن وَسِ آهن هٿڙا. (شاهه رح)
وَسَ (مينهن جي مند) تہ وَسَ (اختيار) ۾ ڪونهي، هٿ ضرور ڪڇيل (ڪنيل) آهن.
وسي تہ نخلستان نہ تہ ريگستان. اهو آهي مان جو ڪوهستان. ڪوهستان جي پکڙيل وڏي ايراضي جنهن ۾ جبلن، ڪَوهن، چِپَرن، ٽَڪَرن، ڏُونگرن، پهاڙن، لَڪن، ٻُنين، لَڪِين، چِپُنِ، مُٽڪَنِ ۽ پٽرن جو شَرو (حساب) نکو پاند، حد نکو حساب، چَيهُ نکو دَنگ، عدد بي عدد شمار بي شمار، حد لاحد. پَبُ، ڪيرٿر، مَهيرُ، لاڪاڻُ، هَمَليگُ، مَري مُگٽر، ڪانيو، ڪارو، جَائو جمر... هتي ڪوهستاني شاعر پَرَئي باريجي جو هڪ طويل شعر ڏينديس جيڪو ڪوهستان جي جبلن بابت آهي.

اڳيون مڙيئي اڳ ٿيون، جَوڙُون سِين جنسار
دادلي تنهن 'دنبار' تي آهي داتا جو ديدار
سا سائي هوندي سدائين، نشانبر نروار
رَهندا مَنجهس راجوئي، جن جو ونگو نہ ٿيندو وار

ويچاري تنهن 'مَهڙ' جو ٻُندُڪَ' ڪنيو آبار
پٽاري تنهن 'ٻنڌڪ' تي آهي مينهن جي ملهار
ڏاتر ڏاجهو، سدائين سڀاجهو، مولي ڪيو منار
ٻنيون ٻارا، دميون ديرا، ڪٺندا شال خرار
ونگ، گُرونڊي، ڏاجهي ڏيندو، پاڱو شال پتار
اپر اچ 'اُلر' ڪي آهه، 'ٻَهنير' جي بسيار
هليوڪين 'هُنديءَ' سين، ڪهجي پيو ڪوٽار
'سورجاڻي' جي سڀُٽ ۾ آهي ، 'گڏو لڙيو'، غفار
'سُنبڪَ'، سان صلاح پائي، 'ميٺارڙيو'، 'ڪارو نپار'،
موڙهو رند منجهي ويو، جنهن جي سنگتي لڌي نہ سار
گنجو، گهاري واڳون واري، پري اڪتو پرار
'ڪانپو' 'ڄتينگ' 'ڏا قرو'، ڏسن ڪونہ ڏڪار
تن وڏين جي وچ ۾ پيو، 'رئٽو'، رند يار
'غئبي' 'سگهاني' پاڙ ۾ پلا جيئن ٻهار
'ٻَڊو' چارڻ سڪ سنيارڻ، جن جو عمر پير پار
'پِت، 'نَئيگُ، 'نَورپين'، جنهن جي نبيءَ سندي نهار
ڪيرٿر ٿيو چپر، وڏو ئي وينجهار
'ڪيرٿر، سدا سَبَرُ، گارو ڙي گرنار
'ٻن، پاڙيو آهي اگهاڙو، جنهن ۾ سُجهي ڪو سنگهار
'گڙُ پيئرو'، وطن وارو، جنهن جي ڪَوٽَر ڪپ ڪنار
پِيا مَڪڙ ميهئي تان، ٿيو آنڌار ڪي آزار
پيڏر پايون سدا سايون، جن جي 'اُتي جانيءَ' توار
ٻڏين ٻارو، ڪڏين ڪارو جنهن جي 'چاپار' تي چٽڪار
'هَمَليگُ' سدا سوپيگ، جنهن جي 'لاڪاڻ'، تي لغار
پُٻ، نوراني ڏِسي ڏاني، جو آهه سيني جو سردار
'مَهَيرُ'، 'مگٽر' پاڙ ۾ ملي ٿيا مهند يار
'مَهَيرُ' موچارو، ٻڏين وارو جنهن جي ڪَنڊِ ڪپ ڪنار
'مول' موچاري، پاڻيءَ واري ٻي اُتُسُ ناهه ميار

ڪن ڪکين جودن، جنهن ۾ پاڻيءَ جي پچار
ڦَنگ وريون، مَوريون، سايون شال اپار
باريءَ پوتا سدا سَهو تا، ڪامل ڪلا دار
چوريا ڪنهن نہ چُرن، جن جون پاڙون ۾ پاتار
ماني تن کي موڪ ڏني، باريءَ پيير بسيار
پريو چوي ٿو. جهندي، ڪي، آءُ تہ ڏينءَ چپرن جا پار
ڪلمي جي قطار، سپيئي اُڪرندا سين پرار.

لطيف سرڪار چواڻي، 'لَيڙن جو لطيف چئي، ڏُونگر آهي ڏَسُ،.... جتي ڏونگر ڏَسُ، جبل پَتو هجي اتي جا احوال بہ انهن ڏونگرن، جبلن ۽ چپرن ڪان ئي پڇبا جن کي لاڪيڻي لطيف رح جو راڻو/ عزرائيل/ ملڪ الموت سڏيو آهي. 'واقف نہ وٽڪار جي، جِت جبل جوراڻُو' اهو ئي جَو رَاڻو جبل، جبل وارن لاءِ وري جياپو، ڪوٽ قلعو، عزت، بانور، پَرُ، آڏَ، پناهہ، ڪاڏو خوراڪ، پاڻي پنجڻ، اَوچڻ اَڍَ، ساهہ پساهہ سڀ آهي.

حيرت جي ڳالهہ اها آهي تہ جبل جو ماڻهو ڪيڏو بہ ڏکيو بکيو هجي جبل جي گلا ۽ گهٽتائي نہ ڪندو. نہ ئي اُچل ڏئي هَٿُ ڇنڊي. اُڪڙ چُڪڙُ (آخري حد) اَپرو لڙُ وات مان جيئن آيو تيئن اَوَائو (بي سمجهيءَ وارو ڇڙ واڳ)، ڇَڙِهَو پَڙِ هَو (ظاهر ظهور) بنا آڏ ۽ اٽڪ جي ڪڍي ڇڏيندو.

جيئن پاڻ چئون تا تہ، ڳالهہ هڪ طرفي نڪو نهي نڪو جُڙي، يا هڪ هٿ جي تاڙي ڪونہ وڄي، تيئن جبل بہ ڪين هٿان (هٿن) سڪڻو ڪونہ ٿو ڇڏي. جيڪو بہ وٽس ويندو اهو وٽائنس پرجي تُرجي، هَروِٽ ۽ ڏن مان جهوليون، جَهولاڻَ ۽ پاڪُر پري ايندو. اهو تڏهن جڏهن جبل وٽ هلي ملهي، ڪشالا ڪڍي وڃبو نہ تہ،

جَي ڪَو ڏُٺُ ڪري، تہ ڏونگر ڏورڻ ڏاڪڙو
چِپَرُ ڪين ڏي، سوڪڙيون سُتن کي. (شاهہ رح)

ائين تہ ماءُ بہ بنا گهرڻ/ روئڻ جي ٻار کي نہ ٿي ڌارائي. اتي لڳ جهلي، وڪون وجهي وڃبو تڏهن، جبل پاڻ هلي تہ وٽن ڪونہ ايندو؟

البتہ وَسَ وسي تہ جبل ٻُوڏُ ۾ پرجي جڻ تہ وٽن هليو ايندو آهي. ڏُٿ، ساوڪ، سُرهاڻيون، جبلن جي چوٽين، اِندن (پاسن) ڪندن، پاسن، ڪَورَن، ڪپرن، گُريَنَ تان ڇٽندو، لَهندو، ڳنڊيرن جي ڳنڊيين سان ڳنڊ جندو هيٺ تري تائين ڪڙو منجهہ ڪڙي وانگيان هلندو، جَڙندو لهي ايندو آهي. اهڙيءَ مهل ائين لڳندو آهي تہ ڏوتي ڏٺ کي ڳولڻ نہ پر ڏٺ ڏوتين کي ڏوريندو وٽن

اچي پهتو آهي. پوءِ ته منڊل منڊجي ويندا آهن. جيڏانهن نهار ڪر/ نظر وجهه تيڏانهن ٻارڇو، چورو چنير، مائي مرد، ننڍو وڏو، سيڪو جبل ۾ ڇُهٽيو، ڇِپڙيو (چنبڙيو) پٽن ۾ پکڙيو، مُوچارا (گهٽا گڏ) ٿيو پيو ڏٺ ميڙيندو. ۽ چونڊيندو. نظر نهار تائين ڏسبو ته ڪو جبل جي ترَ ۾ ڪو چوٽيءَ تي، ڪو اڌ ۾ ڪو ڪڏي ڪوبي، ڪاٽي، ڪَورَ، ڪَپَر، اَڏَ، جُهڏَ، ڏَرِ، ڏَرَڙَ ۾ ڏٺ ميڙيندو نظر ايندو، جِتِ (جتي) پير پير اڳيان، ڳاگا، ڳاگيون، پَيرُون، ڇِيڙَ، اناڱڙا، رَيَبڙَ، جَهنگولا، وَهَر، پِڇرا، مُنديرِيُون، ڪِڙمَت، ڪرياتو، گيدوڙا، ڪَونريُون، جهنگ بصر، ليهار، ڪتاليون، ٻير، ڪو ڊِير، مُنگها، ڦنگيون، پِنبِر، ڏونرا، واڙيل، هَنجهَو، هزار داڻي، حُسين ٻوٽو، مَڪَ، سِنگو ٽيون، پٽ ڪنوار/ رَسول/ ايريالَ، انجير، گولُون، لُلُرُ، لاٽو، مليرو گهوگهيتا، ڏِنگٽي، ڇيڇَن، سِنگريون، ٻَروڙ، پونگرو، مِزليون، مَريڙو، زَهَمَر، گولاڙا، وَاهَو، هَرڙو، سِنهارُ، ڊاک، ڏَڏَر، ٽانڪاري، ڪنييون، ڊِامڻ، ڊَپَ، ڪُنبَ، مانڌاٽو، ٿُوهر، لاٽي، توهه. الله جي ماني، آهر.... پر هرهڪ نعمت مان جبل اندر توڙي ٻاهر پريو بينو هوندو. جبلن جا ماڻهو سَرَهنِ (جابلو ٻڪر) ۽ گڊَن (جابلو گهيٽن) وانگي ٽپ ڏيندا. چالون هڻندا، لانگون وَرائيندا جبل جي ذري ذري، پِڇي پِڇي تي نگاهه رکندا، لهندا، چڙهندا، ڪڏندا پيا.

پنهنجي ڪتاب "شاهه لطيف جي ٻولي- تحقيقي جائزو" ۾ هڪ لفظ 'ڪرڪاڻ'، جي معنيٰ ڏيندي ذڪر ڪيو هوم ته، جبل جا ماڻهو وَسَ ۾، "ٻوڪيون ٻڌيون، جهولاڻ جهليو، پڇيراٽيون ڪڇيو، پيرا اَرِهاٽا (اگهاڙا) ڏٺ چونڊيندا، گڏ ڪندا آهن. جن غريبن وٽ، انگ نه سجي اڳڙي، تن وٽ ڪهڙا اٺ ڪهڙا گهوڙا! اٺ ۽ گهوڙي تي سوار 'هزار داڻي' (ڏٺ جو قسم) ڪيئن لڪيندا! (ڏسندا). جنهن وَلِ جي پاڙئي نه ٿيندي آهي. اهي ڇيڙ، (ڏٺ جو قسم) ڪيئن چونڊيندا، جيڪي زمين سان لِتل/ چپڙيل، پنن ۾ لڪل هوندا آهن. اهي ڳاگيون ۽ ڳاگا ڪيئن ڏسي سگهندا، جنهنجو ننڍڙو ٻوٽو پيادا مَسَ تا پَسن. اهي "ڪوڊير" (ڏٺ جو هڪ قسم) ڪيئن ڪڍندا، جنهن جي اڻ لکي وَلِ ڏسڻ لاءِ پيرڙي ٻه هٿوراڙيون ۽ داڦوڙا هڻي موراتا ڏين ته، "ڪَو ڊِيرَ ڊَمَ ڊِيرَ پاڻ نه ڏيکار ته ٻه وَلڙي ڏيکار". "ڪَوڊير" جنهن ڪي جهنگ بصر ٻه چون جيڪو نظر نه ايندو آهي. چو جو اهو ڦناڻي، موري، گجر وغيره وانگر زمين جي اندر هوندو آهي، جنهن جي نازڪ اَڻَ لکي ول هوندي آهي، جنهن ڪي ڏوٽي ٻه ڏڪيائيءَ سان لهندا آهن. ڏٺ چونڊيندڙن جو پنهنجو ڏار مزاج ٿيندو آهي. اهي ڏٺ جي هرهڪ قسم سان بيحد گهڻو پيار ڪندا آهن ۽ هر هڪ قسم جي ڏٺ ڪي چونڊيندي لطف ونندا آهن، محظوظ ٿيندا آهن چو جو هو انهن جي فائدن، نقصانن ۽ اهميت ڪان مڪمل طرح واقفيت رکندڙ هوندا آهن.

جبل جا سُچيت، سُجاڻ ۽ سُدير رهاڪو پاڻ ئي پنهنجا ۽ پنهنجي مال جا ويج، طبيب، حڪيم، ڊاڪٽر ۽ سرجن هوندا آهن. ڏوائون، سُتيون، ڦَڪيون، پٽيون، پِنيون، چَتيون ۽ ڏڀ سڀ انهيءَ مهربان جبل جي وٿن ۽ خزانن مان ناهين ۽ جوڙين جنهن جبل ۾ ساهه پساهه اٽڪيو/ ٽنگيو اٿن.

لفظ 'وچا' بابت ساڳئي متين ذڪر ڪيل ڪتاب ۾ لکيو اٿم، "جبل ۾ طبيب ۽ حڪيم جو ڏار تصور ڪونهي. نه ئي جبل ۾ طبي وديا ۽ حڪمت بابت ڪي ڪلاس ٿيندا آهن. يا ليڪچر ڏبا آهن. جبل جا ماڻهو پاڻ ئي پنهنجا ويج طبيب آهن ستيون، ڦڪيون، پٽيون سڀ پاڻ ڪن. لطيف رح چواڻي، پاڻ ئي ٻڌن پٽيون، پاڻ ئي چڪيا ڪن." مصداق، جَواڻ، سُڪو ليمون، ڪتا ڏاڙهون، سَونف، سُنَ مَڪائي، چَمبرَ ڪاني، نَوشادرُ، وَهرُ، وَڏف، سڪا انانگڙا، ايريال، جَلَ ڦُلَ، اِينجٽيون، سُڪي سُنڍ، ڪِرياتو، سَونا، سُڪا ڦودني پَنَ، اُهرَ، جَئورٽڪي، سِنهار، پٽ ڪتالي، حُسين ٻوٽو، اچو زيرو، ڪَپُٺي، ٻَوئَي مادرُ، موريءَ ٻڄُ، مصري، ٻاٻريچي، ڪَئو جاپن، هِنگ، هنجو، مورِتا سنگ، مُنڊيري، ڪِرِمت، اهي سڀ سندن دوائون، سُتيون، ڦَڪيون، پِنيون ۽ پٽيون آهن. انهن کي سڪائي اُکرِيءَ ۾ جهجهري ڪُٽي ڪَپڙ ڇاڻ ڪري ماکيءَ ڳاڙ، کِهَ پچو، مَصريءَ ڳڙي، لوڻ ڪٺو وجهي ناهي جوڙي سنڀالي رکن، اهي ستيون ۽ ڦڪيون اهڙيون ته ساڪُريون، سُپڪُ ۽ سوادي ٿين جو اگهو (بيمار) ته گهوريو (نهيو) پر اَرو (سگهو/ تندرست) به پيو چَٽي ۽ ڦڪي. توري ڪا چار گودڙائي (بدهضمي) ۽ هَينئن پِرَنُ (التي اچڻ) ٿيو ته چپٽي پري وات ۾ وجهن يا ترِيءَ تي رکي ڦڪي هٽن ته ڪيڏي وئي چارگودڙائي ڪيڏي هينئن پِرَنُ. ماڻهو نئون نمرو "هَرَ پيو جهلِيندو" (محاورو) اهيئي سندن ڪل ڪائنات آهن.

جبل اهڙي جاءِ جتي ڪنهن به احتياط ۽ حفاظت جو ڪو بندوبست هجڻ ته ڇا اهڙي ڪنهن تصور جو به تصور ڪونهي. اتي جيئري بندي سان موسم جون مستيون به ٿين، اُسَ ۽ لُڪَ به تکي ته سيءُ ۽ پارو به چِتو.

گرميءَ ۾ جبل تپي تندور ٿي پوندو آهي. زمين ٽانڊو ٿي وڃي. ماڻهو پائين ته پير نه اکيون رکجن. ڪاڙهو اهڙو جو پونگن کي باهيون لڳيو وڃن، سج به سو انيزي تي لهيو اچي ته ماڻهوءَ ويچاري جي ڇا مجال آهي جو سينو ساهي مقابلو ڪري سگهي. سج جو تئُ ۽ اس ۾ اُساٽجڻ جنهن کي شهري ماڻهو سَن اسٽروڪ (sun stioke) چون اُهو ته سندن لاءِ اڏري پڏري ڪٽي (موت) آهي. لُڪَ، اُسَ، ڪاڙهو ته گهٽي ڪان گهٽو جنهن لاءِ وري وٿن جهلو (حفاظتي قدم) ڪوبه نه! پر جيڪو ڪين جياري ٿو (الله جله) اهو ڪين سُرت ۽ جياپي جا پار

بہ ڏي ٿو. اهڙيءَ مهل ۾ جبل جا جوان همٿون ڪونہ هارين، لُڪاٽيل (لڪ ۽ اس لڳل) ڪي هڪدم ٿڌي پاڻيءَ ۾ تڙ ڪرائي/ وهنجاري، آمري ۽ ڪنڊ جو شربت پيارين تہ نئون نمرو ٿيو پوي.

سرديءَ جي موسم ۾ جبل نريو پارو ٿيو وڃي. ايڏي سِهَ (سردي) جو ڦڦڙ پيا رڦن (ڏڪن). راتين جو تہ باقائده جبلن تي برف پوندي آهي. جبل بہ ايڏا اُچا جن جي اڌ مان ڪڪر لنگهين تہ چوٽين کي ڪشڪاءُ (پرواهہ/ احساس) ئي نہ ٿئي.

لطيف سرڪار تہ ڪوهستان ۾ آيو/ رهيو/ ٽڪيو آهي. جنهن اهي سيپئي لقاءَ ڏٺا، سنا ۽ پنهنجي روشن ماڻڪين ۾ انهن جا جيئرا عڪس چِٽي ماڳ موٽيو هو. ڇِپَرَ ۽ ڇَمَرَ، ٽا لڳهہ لڳن پاڻ ۾....! يعني، جبلن ۽ ڪڪرن جو ميلاپ پيو ٿيئي/ جبل ۽ ڪڪر ميلاپ پيا ڪن.

سيارو وري ماڻهن ۽ مال لاءِ نوان مسئلا ۽ مشڪلون آڻيندو آهي. گندي پُڇُ (ڪپڙا)، ليڙ لڳڙ بہ محدود. گرم سوئيٽر، ڪوٽ، شالون، جراب، دستانہ ۽ ٽوپيون رهيا پنهنجي ماڳ، هتي تہ هٿن سان ڪڏهن ڇاتي تہ ڪڏهن پُٺي تي ڍڪجي، وني جو سُو سَڙاٽُ ڪري جبلن مان واءُ ورندو تہ جهڳيون جهڻ ڪري ويندو. ڏريون (ڀونگن جا پاسا) ڏري (ٽڪر تي) اڏ تي وڃي پَٽُ ونديون. هانءُ هيرڻ پن ڪان بہ وڏ ڦڙڪي ڦُرِش (ذرا) تي ويندو. مال جون واڙيون ڪاني ڪاني تي وڃي مَلُڪَ ڪٽنديون ۽ مال ويچارو سڪٽي ڪاري پٽ ۾ ڪَن ڪڍيو پيو ڏڪندو.

مال بہ ساهدار ساسي آهي خاص ڪري گهرو/ پاليل مال تي موسمن جو اثر ماڻهوءَ جيترو ئي پوي. ٻڪريون ٻئي مال جي پيٽ ۾ سياري جي سٽ سهي نہ سگهن. ڪنگهہ ۽ ڇڪ جو نڪاءُ پيو پوندن. ڪين هڪ زڪام جهڙي بيماري ٿيندي آهي، جنهن کي "پرسينڻ" چون نڪ پيو وهندو ڇاتي بند تي ويندن، ڇُرڻ ڦِرڻ، ڪائڻ پيئڻ کان لاچار تي پوندا. دوا، دارون، ٿهل ٽڪور تہ اهي بہ لهڻا. ڪارو تماڪ اڳڙي ۾ ٻڌي ساري رات پاڻيءَ ۾ پُسائي/ چوڙي صبح جو تيل ۾ ملائي نڪ ۾ وجهن تہ ٻڪرين کي ڇڪون اڇن ۽ ڇاتي کلي پوين.

مال جو پاڻ ڪان بہ مٿي خيال رکن ۽ انهن سان هلاڪيون (محنتون) ڪندي پاڻ بہ سيءَ ۾ جهلجي، وڍجي پون. لَيسُ/ مَڏِهاڙُ/ پُتي، زڪام ۽ نمونيا، پاسا جهلجيو ڇاتيون ونجيو وڃن تہ ساهہ ڪڻڻ ڪان بہ لاچار. پهرين تہ سليماني چانهہ (ڪاري چانهہ) ڪاڙهي ان ۾ لونگ، دالچيني ۽ سڪي سُنڍ وجهي ڪاڙهي ڪاڙهي مريض کي "مُنهن ٻاڙهہ" ٻاڦ (steam) ڏين تہ سينو ۽ پاسا کليو وڃن. جي گهڻي تڪليف هوندي تہ ڪڪڙ جا چوزا چلي پاسن تي ٻڌي مٿان پاهي (رڍجي) ڪَلَ ڇاڙهي ڇڏين تہ ڦڦڙ کليو پون. جي ڪو غريب آهي ۽ ڪل جي پهچ نہ اٿس تہ پاهي (ريڍي) مال جو پاڻ ڪوسو ڪري ان جون تَتَا ڪُون ۽ سَيڪُ ڏين؛ يا زمين تي باهہ ٻاري

سوسي چار (اڌ ڪوسي رک) تي بيمار کي سمهارين ته ڇٽيو پوي. جبل وارن وٽ پلاستر به پنهنجو، ٻاجهر جي اٽي جو ڏريو (ڏارو) رڌي پاسن تي ٻڌن ته جند پند پلاستر جو ڪم ڏي.

جبل وارا ڪاڌي ڪائڻ، خاص ڪري گوشت ڪائڻ جا وڏا خوراڪي ٿين سير ٻه سير گوشت ته اک تران (هينان) ئي ڪونه آٽين/ ليڪين ئي ڪونه! سڀيون ڪوڊيون (ٻڪر/ گهيٽو) ڪرڙي ڪايو وڃن ته اوڳرائي به ڪونه ڏين. ڪڏهن ڪنهن مهل وِهَاڃي، ٽِڇجي ۽ پِتاڃجي پون ته گهه جا ٻُنا (ڍُڪ) پرائي (پياري) مٿان ڪٽاڻ ڪارائين ته اُوڪارا ڪري پِٽُ ڇنديو ڇڏين. ڪڏهن ڪا اَرِ (بدهضمي) ٿين ته ڪندِ جو ڦَڪُ هٽيو ڇڏين يا ڪير پاٽي ڳڏي پي ڇڏين ته اڳوٽيءَ ڪان به اڳرا ٿيو پون.

جبل سان واهپي جي ڪري ۽ لهڻ چڙهڻ دوران ڪِرَڻَ ۽ ڏِڪجڻ جا به وڏا امڪان آهن بلڪ وڏا واقعا تي پوندا آهن جن کي پاڻ ئي مُنهِين (مقابلو) ڏيندا آهن. هلڪي ڏڪ ۽ ڦٽ تي هيڊ ۽ تيل ملائي لڳائين ته نَسون (رڳون) ڪليو وڃن. رڳو جي ٻاهر جا ڏڪ ۽ ڦٽ هجن ۽ ٻُت جهاڳورجي پوي ته ڪُنيِيءَ جو پڪل اٽو ۽ گهه ڳڏ پيارين، جيڪڏهن نڪ ۽ وات مان رت ايندو هوندو ته بيهي ويندو. اهڙي ماٺهوءَ کي ڪَلَ اَوَسُ چاڙهين. ڪَلَ به گرمائش ڪري نسون ڪولي وجهي ٿي ۽ جميل رت وري به رڳن ۾ ڊوڙڻ لڳي ٿو.

خارش، ڦٽ ڦرڙي ٿين ته به وڏا استاد آهن. نم جا پن ڪُٽي پاڻيءَ ۾ وجهي پاٽي ڪاڙهي ان مان وهنجا رين ته بدن صاف ٿيو پوي. ڏڪ لڳڻ سان رت جمي دڙٻ تي وجي ته پٽرا ڪوسا ڪري تَتَا ڪُون ۽ سَيڪَ ڏين ته جميل رت جو نشان لهي ويندو. وري جي ڦٽ ۽ ڳڙهه نٽو ڦاٽي ته بصر ڪوسو ڪري ڦٽ/ ڳڙهه مٿان رکي اڳڙي ٻڌي ڇڏين يا اٽي ۾ هيڊ وجهي ڳوهي ڪوسو ڪري ڦٽ مٿان ٻڌي ڇڏين ته ڦٽ ڦاٽي پوي. ۽ رت پاءُ ۽ ڳند ڇڏي ڏيندو. پوءِ سائي رنگ جي اڳڙي سرنهن جي تيل ۾ وجهي ٿوري هيڊ ۽ لوڻ جو ڪٽو وجهي ٻاهه تي ٽاٽاري سَوسِي سوسي ڦٽ مٿا رکن ته ڦٽ سُڪي اُرو (نيڪ) ٿي ويندو.

جبل ۾ ترار، ڪهاڙيون ته عام پر ٽوپاڪ/ بندوق جو به وٽن وڏو رواج ۽ هِرس (شوق) آهي. شڪار ته شڪار پر هونئن شغل ڪندي به نشان بازيءَ جا وڏا مقابلا ڪندا آهن ائين سدائين لانچيا (مسلح)، پلاٽيا پيا گهمندا آهن. وڙهن مارڻ گهوريو پر يوڳ مشڪري ۾ به اهڙو ڏڪ هٽن جو زخم ٿي پوي. ڪلندي ڪلندي لاڳيون (هٿ جي حرڪت سان يوڳ مشڪرو) ڏيندي به وڏا ڏڪ لڳيو ويندا اٿن. لاڳ (يوڳ مان هڪ ٻئي سان هٿ چراند ڪرڻ) ۾ لڳل ڏڪ تي ڪاوڙجن ڪونه. پر ڏڪ ته ڏڪ آهي. اهو جي اونهون لڳي وڃي ته پَنِ جو شيرو، ناس ۽ آنجڻ

(سومو) وجهن. پَنِ جو شيرو ۽ ناس زخم سڪائي رت بند ڪري ۽ آنجڻ رڳو زخم کي ٿڌي ڪرڻ جو ڪم ڪري.

جبل ۾ نانگ بلائون بي شمار، خاص ڪري واسينگ نانگ/ڪاريهر (King Cobra) کي خطرناڪ ۽ زهريلو سمجهندا آهن ۽ ڪيس عزت به ڏيندا آهن. بلڪ ڪيس 'پير' به سمجهيو ويندو آهي. چوندا آهن ته جي ڪا باس باسيل نه ڏبي آهي ته پير يا اولياءُ واسينگ نانگ جي روپ ۾ ايندا ۽ جي ڪنهن جي خواب ۾ واسينگ نانگ ايندو آهي ته هو ضرور ڪانه ڪا وسريل باس ياد ڪري ڏئي ڇڏيندو آهي. جبل ۾ اهو پڻ مشهور آهي ته، واسينگ سان ڇيڙ نه ڪجي ته هو ماڻ ميٺ ۾ پر مان به لنگهي هليو ويندو، وڙهندو يا ڏنگيندو ڪونه. پر جي ساڻس ڇيڙ ۽ ڇرچ ڪبي، يا ڪيس ڇيڙائبو ۽ هڪل ڪري شانڪاربو (للڪاربو) ته هو پُڇَ جي چوٽيءَ تي بيهي مقابلو ڪندو. ڪوهستان ۾ اها ڳالهه به مشهور آهي ته، هڪڙو ماڻهو گهوڙي تي سوار پي ويو. سامهون واسينگ به پنهنجي واٽ وٺيو پي ويو ته اوچتو گهوڙي سوار کي ڪو پوڳ سُجهيو ۽ هڪل ڪري واسينگ کي شانڪاريائين، "ڪيڏانهن پيو ڪنڌ هيٺ ڪري وڃين؟ مڙس آهين ته مقابلو ڪر". چون ٿا ته اجا اهي لفظ سندس وات ۾ ئي هئا ته واسينگ هڪدم سنئون ٿي پڇ پَرَ بيهي گهوڙي سوار جي نرڙ تي ڏنگ هنيو ۽ گهوڙي سوار اچي پٽ ورتو ۽ تڙپي دم ڏنائين (حالانڪ چوندا آهن ته نانگ کي ڪَن نه ٿيندا آهن/ نه هوندا آهن).

جبل ۾ واسينگ نانگ کي شينهن جو درجو مليل آهي (بلائن ۾)، ٻئي نمبر تي جبل ۾ "ڪَوراڙِ" بلا کي خطرناڪ سمجهيو وڃي ٿو جيڪا واسينگ نانگ جي ابتڙ بنا ڪنهن ڇُرچ ۽ ڇيڙ جي ٽڪو ڏئي هرو ڀرو ماڻهوءَ سان وڙهندي ۽ ڏنگيندي آهي. ڪوراڙ بلا مختلف خوبصورت رنگن جي هوندي آهي، جنهن جي ٻُت تي نهايت سهڻا ڇٽ ڇٽيل هوندا آهن. هوءَ نهايت زهريلي بلا سمجهي ويندي آهي. جبل ۾ ڪيس واسينگ نانگ کان ٻئي نمبر تي چِٽي/ چيتي جو درجو مليل آهي.

جبل ۾ ڪيئي نانگ بلائون آهن جيڪي ماڻهو لاءِ ڪُني (موت) آهن. پر جنهن بلا سڀ جبل ۾ وڏا ڦهر ۽ خُنام ڪيا آهن اها آهي ڪَپُڙ ڏيڍ فٽ جي ڊگهي. سنهڙي ميرانجهڙي رنگ جي ڪُشاهيڳ (ڪوجهي/ بدصورت) بلا جنهنجو رنگ صفا مٽي ۽ مُنُڪَن (پٽرن) جهڙو ٿيئي. بي خياليءَ ۾ ته ڪڏهن به نظر نه ايندي آهي. هونئن به جبل ۾ بي خيالو ٿي نڪري نه سگهبو آهي. 'ڪپر' جي فطرت ئي اها هوندي آهي ته واٽ تي ڪنهن پٿر يا سڪل ڪاٺيءَ جي آڏ ۾

بيهي ڏنگ هڻڻ. جبل جا ڪيترائي ڪوپا ان هچاخور بلا ڏنگي شهيد ڪيا آهن. لطيف سرڪار
بہ متس ڪاوڙيل آهي.

ڪُپُرَ، گاروڙين سين، وڏو وِڏئي ويرُ
نانگَ نہ ويندين نڪري، تو ڏرِ مَٿي پيرُ
هي تِنين جو ڍيرُ، جِن جَهونا ڳَڙُهہ جلائيو.

ائين ئي جبل ۾ ڪيئي نانگ بلائون آهن جن لاءِ لطيف بادشاھہ چوي ٿو، ڪَرَڙا ڏُونگر ڪِهَہ گهٽي،جت نانگ سُڄن نيلا. جتي نيلا... نانگ ڦٽيون ڦُلُهاريو ڦوڪا ريندا ڦِرَن ۽ فطرت جي عين مطابق پَٽَ، پٿر، وَڻَ، وَٽَ، ٻوٽي ڪانيءَ جي رڱ ۾ رڱجي انوکن اندازن سان سارو سنسار سراپيو وينا هجن. اتي ڪيئي ڏنگجڻ ۽ ڪکجڻ جا واقعا بہ ٿيندا آهن. پر جبل جي قدرتي ويڄن وٽ نانگ جي ڏنگيل لاءِ بہ وڏيون وِٿون ۽ اَوٿون (طريقا) آهن. اهڙيءَ مهل اهي اَوٺَاتا حڪيم ڇڙَڪا ۽ متحرڪ ٿي ويندا آهن. سندن وِڄائون (لياقتون) ۽ ڏبَ (دوائون) لوڪ جا درد لاهيو ڪين موت جي منهن مان ڪڍيو زندگيءَ سان هَمَڪِنار ۽ ياڪر پارايو ڇڏين.نانگ جو ڪَکيل/ ڏنگيل جي بروقت، هڪيو تڪيو ويج وٽ پُڄو (پهتو) تہ معنيٰ ڪينئُن (خير) ٿيو. ڏنگيل کي هڪدم ڏنگ واري هنڌ کان ٿورو مٿي ڪنهن ڪپڙي سان سَڪُ (سخت) ٻڌي ڏنگيل جاءِ کي ڪَپَ/ چريءَ سان ڪراس (+) جي شڪل ۾ چيرا ڏئي رَتُ وهائيندا آهن. رت بيهي ويندو تہ ڏانگي (ڏنگ جو علاج ڪرڻ وارو) وات سان چوهي/ چوسي بہ رت ڪڍندو آهي. پوءِ ڏنگيل کي بصر ڪارائي گهہ جا ٻتا (ڍڪ) پرائيندا (پياريندا) آهن، ۽ ان کي الٽيون ڪرائي زهر جو اثر ختم ڪرائيندا آهن. پوءِ بہ خاطري نہ ٿيڻ جي صورت ۾ ڏنگيل حصي کي اَوجَهہ ۾ وجهي ڪجھہ وقت ڇڏي ڏين، ائين ڪرڻ سان زخم مان رت جاري ٿيندو آهي ۽ سڄو زهر نڪري ويندو آهي.

ائين ئي مال جي ٻيگي ٽُٽي ۽ اگهائي سگهائي جا بہ پاڻ ڪاريگر آهن. جيڪو جتي رهي ٿو تنهن کي تِتي (اتي) قدرت سڀ جو علم ڏئي ڇڏيو آهي.

جيئرو جيءُ آهي تہ ڪائيندو، پيئندو، ڪرندو، ڏکجندو، اگهو ٿيندو. انهن سيني جا علاج، دوا، دارون جيڪي بہ وٽن آهن اهي سڀ صدين جي تجربن ۽ آزمائڻ جا نتيجا ۽ ثمر آهن. جيڪي وقت سان گڏ سڌرندا ۽ ڪين فائدا پهچائيندا رهندا آهن.

اڄ بہ جبل جا ماڻهو ڏک بک ۾ بہ شهري ماڻهوءَ کان وڌيڪ تندرست ۽ طاقتور آهن. شهري ماڻهو سکيو ستابو، ڪاڌو ڍئوتي، چربيون چاڙهي، گوشت جا ٻُنا ٻٽيو هلڻ کان هلاڪ ٿيو

ويهي رهن. وري ٿولهہ ۽ چربي لاهڻ لاءِ علاج، ورزشون، ڪاڏي پيتي جون بندگيرون (ڊائيٽنگ) انهن هلاڪين ۾ تہ مرڳو نِزيڪُ (ڪمزور) ٿيو چُڙيُو (چمڙي لڙڪايو) پون.
روز پاڻي رازق جي هٿ ۾ آهي. پر جبل وارن جو جڻ وَسَ (مينهن جي مند) جي هٿ ۾ آهي. وَسَ وسي تہ ڊِئو، نہ تہ بک. وَسَ بہ مُدامَ (وقت) تي اچي. ائين جبل جو ماڻهو نئون نيرانو پيو جَهنگ جهڙيندو آهي. اها ٿي جبل وارن جي ڊائيٽنگ ۽ ايڪسرسائيز سو، هانيءَ ڪانيءَ سنوان سِڌا، وڏا قد، ويڪريون ڇاتيون، ڇيلهہ ڇهبڪ، شَنبيءَ (استيڪچر) سوهڻا، ڪهيءَ ملوڪ. جُهجَهہ (وڏا پيٽ) ڇٽيل ۽ پيچ پيريل بي ڊولا ڳولي نہ ليندا. ٿلهائيءَ جي پيٽ ۾ سنهائيءَ ڏانهن مائل آهن. ٿورو ڪہ گهٽو جيڪو بہ ڪائين اهو بت تي لڳين باقي بوگَ (گوشت) ۽ ڪلها وس ۾ بہ ڪونہ چاڙهين پوءِ بہ بيساها ۽ نزيگ ناهن. پت ماني جي ناهي تہ بہ خير آهي. جبلن ۾ ٿيندڙ قدرتي ميون (ڏٿ وغيره) جي ذات ذات جا رَسَ اندر ۾ ٽا پون. جيئن ماکيءَ جي مک گل گل ۽ ميون جا رس چوسي اچي ماناري ۾ وجهي ماکي ناهيندي آهي تيئن ئي جبل جي ماڻهن جا اندر بہ جڻ تہ مانارا آهن. جتي ميون، گلن، پنن، ولين چوڏن، پاڙن ۽ ڪونئرن جا مختلف رس گڏجي ماکي بنجن ٽا. ائين اهي هر وقت مستعد ۽ چاڪ چو بند نظر اچن ٽا. لطيف چواڻي، جن جو ويڙهين سين واپار، سي ڏوٿي هُونِ نہ ڏُبرا.
يعني- جن جو جهنگ، جبل سان وهنوار آهي/ تعلق ۽ واسطو آهي، اهي ڏٿ چونديندڙ ڪڏهن بہ جسماني طور ڪمزور نہ هوندا. ڇو جو جهنگ ۽ جبل ۾ وس جي مند ۾ تہ طرحين طرحين ڪاڇ جبلن ۽ پٽن ۾ پکڙيا پيا هوندا آهن. جبل جو ماڻهو پلي هڪ هنڌ تي ويهي يا ويهي نہ بہ ڪائي پر جي رڳو هلندي، گهمندي، ڦرندي ڪٿان ڳاگي، ڪٿان ڳاگو، ڪٿان ليهار، ڪٿان ٻير، ڪٿان ڇيڙ ۽ ڪٿان ڪنالي ڇِندو وات ۾ داڻو داڻو، ڪٽو ڪٽو وجهندو چٻيندو هلندو ويندو تہ بہ بکيو ڪين رهندو. جڏهن جسم ۾ مختلف قوت ۽ طاقت جا ميوا پوندا تہ اهي ڏوٿي ڪيئن ڏبرا ۽ بيساهارهندا! اهي تہ سَبَرَ ۽ ساهيٺا هوندا. وَسَ ۾ انهن مضبوط ۽ طاقتور ماڻهن سان ڪو پهرين جوڙ جو ملهہ بہ پڄي نہ سگهندو. سَٺَ سان ڪنڌ پر ڪيرائي وجهنس.
وَسَ وسي تہ سِيئي اُڏِڪا لهيو وڃن، ستن پٽن جا پيئر ٿيو مڇيون وٽيو پيا مُرڪندا. مينهن تَريون ڏئي پيو وسندو. پاڻي ڇاروڙا ڪري پيو وهندو. پونگن ۾ مينهن جو ڪهڙو جَهلو (رڪاوٽ)، جهڙو ٻاهر تهڙو اندر پيو وسندو. سامان سڙهو، رلي راتنو، ليڙ لڳڙ سپ پسجي سُڙُبَ (پاڻيءَ مان پريل) تي پَٺُ تي ويندا. ڦڙيءَ جو نڪاءُ پيو پوندو. تنوڻ تندي جي ڪاوار ئي تہ ملندن تہ بہ چوندا، 'اُنا مڙيئي پلا.'

ڪڪر ڪارونڀار ڪري ڪڙڪن ته ڏينهن به رات جيان ڪاري ڪُونٽ ٿي وڃي ڳَئيءَ (ڪڪرن جي ٽڪرائڻ جو آواز) جو ڏڏڪو پيو پوندو. وني جو ڪڙڪو ڪري وِڄ لڳندي ته سندس پڙلاءَ ۾ پسبو ته سپيئي مُک سَرها ۽ چهرا خوشيءَ مان ٻهڪيل نظر ايندا. سندن جَوڙيون (ڄاڙيون) ڪل مان ڪنن سان لڳيون پيون هونديون. وَاتَ مُرڪ مَنجهان ٻوٽجندا ڪونه، وَيلون (واڇون) چولاٽ (ڪياڙي) سان وڃي لڳنديون. اُترا ۽ ڪيچلا ته لاڳين ۽ ڪڳين ۾ پورا هوندا. پر مانيٽن جي مُشڪ به ڇپن ۽ اکين مان پئي ڦڻندي. ڏوتل آسمان مان مَسَ مينهن اوڪاٽبو (بند ٿيندو) ته تيز تکي اُسَ نڪري ايندي سيڪو ڊوڙي ٽپڙ ٽاڙي، گندي پُڄَ (ڪپڙا) ڪٽي آٽي رَوهه (اُسَ) تي لاڙيندو (اڇلائيندو). ٻاهر پٽ ۾ مارينگن (چلهي جي ٽن پٽرن) ۾ ڦشَ ڦوهر، ڪک ڪانا وجهي ڦوڪون ڏئي، ٽاندا ٻاري جيڪو ٽورو گهٽو هوندو اهو رڌي پچائي ونندو. وري جا رَڱَڙِ (مسلسل مينهن) ڏِرندي (ڪڙڪندي) ته الائي ڪڏهن اوڪاٽجي.

اسين شهر وارا ٿوري مينهن تي به بيزار ٿيو الله کي قرآن ميڙ ڪريون. روڊ، رستا، ڳليون، گهيڙ سڀ گٽر ٿيو وڃن ماڻهو نه نڪرڻ جهڙو نه هلڻ جهڙو. جتان ڪٿان نک تي رومال رکي پانچا گوڏي تائين ڪٽي گذر جي ته گذر جي نه ته گهر اڇي اوڪارا (الٽيون) ڪجن.

جبل ۾ مينهن وسي ته دل چوي ته پلي پيو سدا وسي. مينهن جون ڦڙيون ڄڻ عطر جا قطرا هجن. چوڌسائن مان هڳاءَ پيا ايندا، سُرهاڻيون، مهڪارون، هبڪارون، ٻي ڳالهه نڪا ڳت. اسين شهري ماڻهو ڪنهن ڪذاني وجون ته مينهن جا منظر ۽ حسنا ڪيون ڏسي مبهوت ٿيو وجون. پر جبل وارن لاءِ اهي مينهن جا نظارا رڳو منظر، حسنا ڪيون ۽ مهڪارون ناهن. مينهن ته انهن جو جياپو آهي جنهن ۾ سندن ساهه پساهه اٽڪيل آهي. پلي ڪيترو به مينهن وسي ڪلندا ٺهڪ ڏيندا پيا نعرا هڻندا، پيڄ مولا چانديءَ جا گولا. اصل مينهن مان ڍئوئي ڪين ٿيندن. جي ڪجهه چئبو ته مشڪي چوندا، چلهه به ڪڏهن اگّارن مان ڍائي آهي.

ٻارن جو ته رونشو لڳو پيو هوندو، پٽن ۾ پڙيُون (ڊوڙون) ڪريو خوشيءَ مان ڪُوڄُ (سنهيون ڪيڪون) لڳون پيو هوندن. مس اجا اپ تي ڪکر مُڄ (ڳڏ) ٿيندا. ڦڙ ڦڙ شروع ٿيندي ته پڙيون ڪري ڊوڙي مائرن جي مٿن تان گنديون جهڙپي جهوليون جهلي ڪلندا راڳ ڪندا گهر گهر ويندا. 'ڪارڙو ڪنيارڙو الاڏي مينهن وسي' گهر گهر مان ڪٿان اٽو، ڪٿان ڳڙ، ڪٿان گهه، پني اڇي هڪ هنڌ ٽامڙو چاڙهي ڏريو رڌي پاڻ به کائيندا ته گهر گهر ورهائي به ڏيندا. وَسَ جا مزا ماڻٽا آهن حسنا ڪيون ڏسڻيون آهن ته وڃي جبل ۾ ڏسو.

مينهن وسي بَس ڪندو آهي تہ سڄو وايومنڊل سرهاڻين سان ھبڪار جي ويندو. مٿيءَ جي مقدس مهڪار سان گڏ گلن ڦلن، ڪکن پنن، ولين گاهن ۾ ڏٿ جي هڪ هڪ قسم جي ڌار ڌار خوشبوئن سان جبل مهڪي پوندو آهي، ۾ پَٽَ پُونا مئخانہ بنجي نشو اوتڻ لڳندا آهن.
جبل جي هڪ سڄاڻ شاعر ۾ حضرت شاھ عبداللطيف ڀٽائي رح جي ڪلام ڪي اردوءَ ۾ منظوم ترجمو ڪندڙ مولا بخش علي محمد بڪڪ جو وَسَ (مينهن جي مند) بابت هڪ نظم جنهن جو عنوان ئي وَسَ آهي اهو پيش خدمت آهي.

## وَسَ

ڪَڪَرُ ڪارو ڪَري ڪَڙڪا
ڏُڪَر ڪي ڏي اڇيو ڌَڙڪا
ڏکر ويو پَر نہ تون سڏڪا
امان ڌرتي مني ڌرتي
آهن چوڌار گجگوڙيون، ننديا ڍورا بہ ڪَن بوڙيون
پنهوارن جون ڳنوارن جون، لڳن ڪَنَ سان ٽيون اڄ جوڙيون
وڄون ٽيون ڪَنِ اڇهو تِڙڪا
امان ڌرتي مني ڌرتي
اڇي سانوڻ ڪيا سَرها، اَيون گابا رڊون ڪرها
سيئي ساوا سيئي سٽيا، اڪين پَسِجن ننا اَرها
هَڪَلَ هُلَ سيندي ۾ ڳِتڪا
امان ڌرتي مني ڌرتي
ڦُنن پيا گاهہ جا ڌرڙا، چَرَن چوٽين چڙهي ڦرڙا
ٻڌيو بارا اڇيو هيجئون، ڏين هاري ٽا اڄ هرڙا
لٽا خوراڪ جا ڪتڪا
امان ڌرتي مني ڌرتي
وطن سرسبز آسارو، اياڳن جو وريو وارو
غريبن جو ابوجهن جو، اڇي ڏس هاڻ اوتارو
برهہ باهيون ٽيون ڪن پڙڪا

امان ڏرتي مڻي ڏرتي
ڪَنَالِيون ٻير ڳاڱِيون ڏس، مُنگها ڦُنگيون ۽ ڪَونئريون ڏس
ڇِپڙَ ڪَوڊِيرَ گهوگهِيٽا، مِنا لِيهارَ پيرُون ڏس
ڏراڙن جا لٽا اُڊڪا
امان ڏرتي مڻي ڏرتي
ٻَنيا ٻرَ باغَ باغيچا، وِڇايا گاهه غاليچا
غريبن تي ابوجهن تي، اِهي احسان آڳيجا
نيون سوسيون نوان پِتڪا
امان ڏرتي مڻي ڏرتي
وسيو ساوڻ آ راڳن سان، مليو آ مينهن ياڳن سان
ڪڏن جهومن ڪريو سوهٽيون، ٻَڪڪ ڏس ڪيئن چاڳن سان
مکڻ جا سِرَ مٿي مٽڪا
امان ڏرتي مڻي ڏرتي.

يا، لس ٻيلي جي هڪ آڳاٽي شاعر ولي محمد رُونجهي جو هڪ طويل شعر آهي.

وَنوَ مينهن وَسَ ٽي، مَوريا ٻج ٻيهرَ
ڪانهَ، ڪانڊيرا اٽيا سُڻ موچارا سَرَ
لنب لوت لڳي پيا، پٽين ۾ پُوتَر
ميها، مُنگها، مَزليون، ڄُڳا ڪيا ڇاٻَر
ڊِپ، ڊامڻ اٽيو، ڪَيا مَنڊِيئڙي مجر
ڳَمَ، ڳنڊير، ساوڪون، سنگيو، ڇيهي لاءِ چَرَ
ڪِهَ، ڪٿهڙيون، خوب ڪُنبهيون، ڏنهون ڪيا ڏيهر
يَن، پِچِٽيءَ، موڪ مَرِيڙو، لاٽا، لوت، للر
ڪيرٽيءَ جا خوشيءَ سين ٽا چَرن ٻُورَ ٻَڪَرَ
لال لاٽي ڦَٻڳي، ٻي پوئي پٽ پٽر
ڪڏ ڪوتَڪ اٽي، اجا زور ڦلي زَهَمَر،
ٿوپ ڪلهوڙي پنيون پڪيون، جوپ جهجهاتِ جَرَ

واھو، ويڪو، جوپ جوانسو، ٻمائو، ٻڪر
ڦانگ، سنگو ٽيون ڦليون، ٽا ڪن گولاڙن تي گذر
نرو، هرڙو، سگيا، ڦٽا چل چٻر
ريڪ، مُنڊيري، سِنيَار سوايو، ڏٽين لاءِ ڏنوَرَ
ڏڌر، ٽَانڪارِي، اُٽند انگي پيو، ٻيلوڙا گنجڪ منجهہ گهر
ڏيڏو، ڪڙمٽُ، ٻيل، ٻريڙي، ڊاک جهنگين تي جر
آئون چَل چونديندس چپ ۾، ٻاٻاٽن سين ٻر
چيڙ ميڙي، وليون ويڙهي، پريو ڪوڙي ڪانبا ڪر
ميها آندم چوندي پاند ۾، ڪيم ڪاٺونبن سين ڪر
ڏونرا، پيرون پوج پٽن ۾، لال پڪا ليهر
درس ديڳوڙا ديسين ۾، ٻيا ڦاروئڙن ڪيا ڦر
لال ليسوڙيون پڪيون، ٻيون ڪوڊيريون ڪٺر
آٽيو ڳاڱا ڳوٺ ۾، پٽيون ڪن پنھور
ڪوريون، ٻيريون، گگريون، ترين ڦليا ٿوهر
بيد، ڄميون باغ ٿيون، ڪيا گهوگهيتي گُگُر
پرٽ، پونگر، ڪرنگھ، ڪتي پڇ، حاجيئڙي هونگر
اُست، ابتيون، ٿيو ڳوهينديو، ٻي جا بيحد گهٽي بتر
ٻاجهہ، ٻڪني، هنڌ هنڌ هيرڻ، پَٽَين پَڇُو نگر
ڪوب ڪيروليون، هار هسڳريون، چندني ڪيا چڪر
ٽِ پُنيون ٺهڪن، منگليون مرڪن، ڦٽيون ٻڪر هاليون ٻيھر
ٻڙَ، انجير، سرنھ ساجو ٿيو، ويڙيون ويءَ ولر
ڪَھُوءَ، مَھوءَ وڻ ڪيترا، ٻيا پھٽيرا پٽر
لڏي لوهيڙا نگيا، پاٻوهيا پِپر
ٻَيل ٻبورين ٻور ٻڌا، آئون چونديان ساڪڙ ساڻ سڳر
ڪورڻ، مينديون، چوندڻ ويندیون، جتي جال جڳر
گُرُڙُ، ڳاراني، ويڙ ورينگڻ، ڪاڌم سونھاري سڳر
اَڪَ، ٻُوھَ، اباٽن اوڏڙا، نِمَ تِتِ نشانبر
ٽانت، هشنگ، ڪار، ڪپون، ميشڪ ڪيا مجر

قَوڙَ، گرؤڙ، خوب ڪرڪ، ٽيو تِتَي وڻ تمر
تنهنجا ڪم نہ اچن ڪيوڙا، آما، انب اپر
ليما، ڪويون، آمريون، تو وٽ نت پڪا ناير
سرڪن، ونجهہ ولاتي، پر قوت اسان جو ڪؤنر
سرها سانبين سومرا، گام اسان جا گهر
ڪٿوريءَ خوشبو ڪئي، اوتيائون عطر
ساريم وڻ وطن جا، ساڃا سڀ سڪر
واحد جي وڏائيءَ جي ڪمي ناهي ڪر
مون ڪي عقل ايترو آيو منجهہ اندر

هي طويل شعر ٽيهٺ (63) بندن تي ٻڌل آهي جنهن جا پويان بند غير واسطيدار آهن، تنهن ڪري آخري شعر شاعر جي نالي وارو هيٺ ڏجي ٿو.

سندي دوساٽي در، شل ويندیس ولي محمد چئي.

اهو منظر نامو تہ ٽيو وَسَ ۽ سڪار جو جنهن ۾ سوين سک ۽ خوشيون آهن، جيڪي سڀ مهربان ۽ ڏاتار جبل کان حاصل ٿيندڙ آهن، جنهن جي مجتا اهي سڀاجها منهن مٿي ڪري دل کولي مڃيندا آهن. اهو تہ سِڪي جو هڪڙو پاسو ٿيو، ٻيو پاسو آهي ڏڪار، جڏهن ساڳيو ئي مهربان ۽ ڏاتار جبل کين ڏيڻ کان بيوس ۽ لاچار ٿي پوندو آهي، تڏهن بہ جبل ۾ الائي کهڙي ڪرامت آهي جو، جبل جو ماڻهو ڪڏهن بہ جبل کي مياري ڪونہ ڪري، پلي جبل کين ڪجهہ بہ نہ ڏي. پوءِ بہ هو خالي سڪٽي ڪُوتني (نوڙهي/ گنجي) جبل ۾ بہ رڳو نهاري بہ پيا نرندا. چَندا (ڄڻ) ڪو هير (هينئر) وتانس پرجي ترجي آيا هجن.
ڏاڏي اَڄَرَ تي ڏاڍي حيرت ٿيندي هيم جيڪا پنهنجي اسي (80) ورهين جي ڄمار ۾، مس ڪي بہ ٽي پيرا ئي جبل مان هتي اسان وٽ ڪراچي شهر ۾ آئي هوندي. اها بہ ڪنهن وڏي لاچار ۽ ضرور سان آئي هوندي. جڏهن بہ آئي هوندي ايندي ساڻ روز وڃڻ جا ساهيا هوندا هئس. اَنهَرِي انهري (ناخوش/ اداس/ بيزار) ٽپڙ ٽاڙي ٻَڌندي، پُڇَ لُڱڙ (ڪپڙا) ويڙهيندي، سَمهاڙا ڪندي، وڃڻ جي سانياهن ۾ لڳي پئي هوندي. ايڏي اباڻڪي ۽ اتاولي هوندي هئي ڄڻ هتي قيد ۾ هجي. ڏاڏي اَڄَرَ ڪي ڏسي مون ڪي مارئي ياد اچي ويندي هئي. ساڳي ئي اڪير، ساڳي ئي زهير (اُڪند)، ۽ ساڳي ئي درماندگي هوندي هيس پنهنجي ملڪ (جبل) لاءِ.

سُنڌيءَ (علائقو) واري ڪُونتي (ڳنجي) جبل جي چوٽ تي رهيل ڏاڏي اَڄَرَ جو گذران ڪو سکيو سَهنجو ڪونہ هو. جبل وارن وٽ کهڙا سک کهڙا سَهنج؟ کهڙا ڏن کهڙيون دولتون؟

زمينون گهٽيون ئي پر اُني بنا ائين جڻ ابن ڏاڏن هَٿَ- سَجَ ئي نہ ڪئي اٿن. ڪُوڪُ (ڪنڌ ورائي) پِيري (ڦيري) ڏسندا بہ ڪونہ تہ ڪا اباڻي بہ اٿن! زمينون، زمينن جهڙيون، مٽي، مٽيءَ جهڙي نڪا ٻنڌ نڪا وَٽِ.

ٻني ٻارو بہ وَسَ تي. وَسَ وَسي تہ ٻئي هٿ وجهن زمين ۾. انچ انچ جو حساب رکن. ليکي (حساب) ۾ وٺانِ (انهن کان) ڪوبہ ڪونہ ڪٽي. مجال ڪو سندن زمين مان وِرِتَ (گرانٽ) بہ ڪٽي. ٺوپاڪون (بندوقون) ڇُٽي وينديون. پنهنجي اباڻي ٻَنيءَ جي عزت ۽ سنڀال ڪن. پنهنجي زمين جي کسجڻ کي پنهنجي مڙسيءَ جي شان جي خلاف سمجهن. پاڻ ڏيڻ چاهين تہ سڄيون ديهون ڏئي ڇڏين. باقي زور زبردستيءَ سان کسجڻ کان اڳ ساهہ ڏين. ٻنيءَ ۽ ونيءَ کي ڪونہ ڳڏين يا ملائين جيئن ڪن هنڌن تي مشهور آهي تہ، "ٻني ۽ وني ڇڏين ڪين جوان". ٻنيءَ جي پنهنجي عزت ۽ اهميت آهي ۽ ونيءَ جي پنهنجي عزت ۽ اهميت آهي.

ڪوهستان ۾ عورت جي عزت ۽ اهميت تمام گهڻي آهي. باقي ٻني تہ ٻني آهي، جنهن جي آباديءَ لاءِ ڪوهستان ۾ نڪو درياهہ نڪي شاخون. نڪو واهہ نڪي نهرون، پهرين ۽ آخري آس مينهن جي. مينهن ناهي تہ ٻنيءَ ڏي لوڏو بہ نہ هڻن. وڃي پنهنجي ڪک ڪاني، ڦڙهي ڪانيءَ جي ڪندا.

جبل جي اڏن ۽ ڪنارن ۾ ڦڙها جام ٿين. اهي وڍي، ٻَند ٻڌن. ائين ئي ڪانين ۽ گاهہ جا ٻند ٻڌي باريگن (بار ڪٽڻ وارا اٺ) تي رکي اوڏ ڇڪ جي شهرن ڏانهن وڪڻڻ وڃن. اتان ڪاڌي پيتي ۽ ضرورت جون ٻيون شيون وٺيو موٽن. پنيان سندن ٻارڇا/ گهر ياتي ساٿَ (انن جو اهو وڳ جيڪو خريد فروخت لاءِ شهر وڃي)، جي گَسَ گسين ۾ اکيون ٽنگيو ويٺا هوندا. سَاٿُ ايندو تہ عيدون ٿي ويندون.

جبل جي ماڻهن جي اها خوبي آهي تہ ٿورو ڪي گهڻو سڀ ونڊي ورهائي ڪائيندا آهن. اتي ائين ڪونهي تہ هڪڙو ٻک مري ۽ ٻيو ڦاٽي مري. نہ ئي هو ائين سمجهن تہ پاڻ ڍائو، جڳ ڍائو. پاڻ سائو جڳ سائو. سات ايندو تہ هڪ هڪ کي ساري سنڀالي، سَڏَ ڪري ذري مان ذرو ورهائي ڏيندا. هيڪلا ڪُرِڪ (ڪُنڊ) ۾ ويهي ڪائي اوڳرائي ڪونہ ڏين، اندَ پاسي جي بہ خبر رکن. پنهنجي هُوند جي مستي ڪونہ ڪن. وٽن هوندو تہ بہ ڪمي (نمي) ڪائيندا، اُرڪُل (سڳن سان) هٽي ڪنهن کي پري ڪونہ ڪندا.

روز پاڻي رب تي پر جهڙو حال حبيبان تهڙو پيش پِريان (پرين کي) ڪن. 'هوندي' مان اپالو وٺان ڪوبہ نہ وجي. ڪَتي ڪوني، گوڏو گوڏي سان گڏي ويهاري ڪارائيندا. باقي اٿهوند تي ميار بہ ڪانهي. نہ هوندو تہ نوان نيرانا گندي کُڙيءَ ۾ هٽي لت ڪوڙي ائين سمجهي رهندا، جڻ سَتَ رڇيون ڪائي ڪاڄ مان وات ڪڍي (ڊِئو ڪري) ستا آهن.

جبل جو مينهن بہ جڻ اڪين جو ڊِئو، هِيڏانهن وَئو هوڏانهن ويو. پَلُرَ جا پياڪ سِپُن وانگي وات ڦاڙيو وينا هوندا. ۽ مينهن جو پاڻي چِرَڪا ڪري وهندو. جبل جي اُڏن، چِرُن، ڪڏن، ڪوبن، ڪاتتن، ڏرڙن مان چِٽي (لهي) وجي ترُ (ترو) وننڊو. جنهن کي پياسا پَٽَ چوهي، چٽي، چُڪائي، جنيپون چٽي، وات اگهي ويهي رهن ۽ ماندا ماٺهو مِرمِرِ، جَنبِ جَنبِ نهاريندا رهجي وجن.

جيئرن لاءِ وري بہ قدرت وٽ عجيب انصاف پر يا قانون آهن. سُندِيءَ (علائقو) واري جبل جي مٿان گُرِيءَ تان بيهي چوڦير اکيون ڦيرائبيون تہ رڳو بُس ۽ مُتِڪا (مٽي ۽ پٿر) پيا لڪجندا (ڏسجندا). پر جڏهن گُريءَ تان هيٺ چِٽي جبل جي وَرَ وَڪَڙَ، گس گسين تان هيٺ لهي اچبو تہ ويساهہ ئي نہ ايندو تہ ڪو هي ساڳي ئي سڪل پوني جو منظر نامو آهي.

هيٺ لهي اچي ڏسبو تہ جبل جي اڌ منجهان اندران ئي اندران پاڻي جهرڻن جيان ڦٽي چاروڙا ڪري ڪِري هيٺ وڏي ٿوپي جي صورت ۾ پريل نظر ايندو، جتي چوطرف وڏا وڏا ٻُجا (گهرا گهاٽا) قديم وڻ هڪ عاليشان باغ جو ڏيک ڏئي رهيا آهن. جتي ٻين شاندار قديم وڻن سان گڏ هڪ تمام گهرو ۽ وڏو قديم پراسرار ڪجيءَ جو وڻ آهي، جنهن لاءِ مشهور آهي تہ اهو هزارين سال پراڻو وڻ آهي. جنهن ۾ 'جنات' رهي ٿي. ڪجيءَ جي ان وڻ کي ڏسڻ سان ئي ان جي قدامت ۽ پراسراريت تي يقين بہ اچي ٿو، جو ان نهايت گهاٽي وڻ جي مٿان ۽ پاسن کان مٽي ئي مٽي ٻيا بہ ست- اٺ مختلف ميون ۽ ڏٿن جا وڻ ۽ ٻوٽا مُريل آهن. اُهي ان کي قديم ۽ پراسرار ڪان سواءِ عجيب بہ بنائي رهيا آهن. ساڳي ئي جبل جي اڌ ۽ اڏن ۾ انجيرن جا وڏا شاهي درخت پڻ آهن جيڪي ان عجيب ۽ حيرت پري تصوراتي تصوير جهڙي منظر جو حصو بڻيا بيٺا آهن.

اهو آهي ڏاڏي اَڃَرَ جو پيارو ۽ محبوب جبل. ۽ سندس اباڻو پِڊَ، جنهن جي چوٽ تان هر روز اويُون (مشڪون) ڪٽي، گُريءَ واري ڏکئي ۽ جان جوکم ۾ وجهڻ جهڙي مشڪل پيچري تان، الائي ڪيترا سو فٽ هيٺ واري ٿوپي تان پاڻي پرڻ ويندي هئي. جبل تان لهڻ ۽ چڙهڻ وارو روز جو اهو معمول شهر وارن لاءِ جيڪر وڏو ڪارنامو هجي، جيڪو ڏاڏي اَڃَرَ روز سرانجام ڏيندي هئي. بنا ڪنهن فخر ۽ مجتا جي.

ماني ۽ ڏرئي لاءِ بہ ان ڪٽا يا ڪٽڪ داٽا بہ پاڻ اُڪَرِيءَ ۾ چڙھي، چَندي، اُپٽي، چُوندي صاف ڪري ڳري پٽرائين جنڊ ۾ پيھي/ ڏري ماني ۽ ڏريو پاڻ ئي پچائيندي ۽ رڌيندي ھئي.
اَيُون (ٻڪريون) ۽ پھون (رڍون) بہ پاڻ ڏھي، چوڪي، ڪاڙھي، سُنباڻ وجھي ڄاٽي (ڄاٽڻ معنيٰ، ڪير ۾ ڪتاڻ وجھي ڏونئرو ڄمائجي). جَھڻ (لسي) جُھڳيندي (ولوڙيندي) ھئي.
جبل ۾ ڪھڙا رڇ (ٽانوَ) ڪھڙا سَندَ (ٽانوَ)، ڪھڙا سيٽ، ڪھڙا ڏِش! پاٽي پرڻ لاءِ، اوئي جھڻ جھڳڻ لاءِ "اِيزِڪَ"، جھڻ ڪٽي وجڻ لاءِ، مثال ڏراڙ وغيره ٿوري مقدار ۾ لسي ڪٽي وجي ان لاءِ 'ڪلي' ۽ مکڻ ڳاري گھہ بنائي ان کي محفوظ رکڻ لاءِ "زِڪَ" ڪتب آٽيندا آھن، جيڪي سڀ نندي مال (ٻڪرين) جي کل مان جبل جا سچيت، سجاڻ ۽ سٹير مايون ۽ پُرِھَ (مرد) پاڻ ئي ناھيندا، جوڙيندا آھن.
پاٽيءَ لاءِ اَوِئي ناھڻ واري کَلَ تي ايڏي مشاقي ۽ ھلاڪي ڪونہ ڪن. البتہ کل کي نرم رکڻ ۽ سُڪَڻ کان بچائڻ لاءِ ٻبر جي چوڏي جو اندريون کچو ۽ نرم پاسو ڪُٽي ۽ ڪانھيريءَ (وڻ) جو چوڏو وجھي پاٽيءَ مان پري زِڻُ (تمام گھٹو پري) ڪري رکن. جڏھن رَٿ پِٽُ سڪِي وجي تہ پاٽي ھاري کَلَ کي ابتائي صاف ڪري ڏوئي آڪاري (صاف ڪري) آڇلائي (ٻن ٽن پاٽين سان صاف ڪري) ٻاھرين پاسي وارا وار لاھي ڪُري صفا ڪري پاٽي لاءِ ڪتب آٽين.
ڪير کي ڄمائي جَھڻ جُھڳڻ (لسي ولوڙڻ) لاءِ "اِيزِڪَ" بنائين تہ ان کل تي "اوئيءَ" کان وڏيڪ ڏيان ڏين. کل ۾ پاٽي، ٻيروليءَ ۽ ڏاڙھون جون کلون/ ڇليون وجھي رکن تہ کل رچيو ڪُونئري (نرم) ٿيو وجي ۽ رنگ بہ بدلجي پيئَرَو (پيلو) ٿيو وجي پوءِ پاٽي ھاري صاف ڪري ان ۾ ڄمايل ڪير وجھي ھڪ پاسو بند ڪري ٻيو پاسو ڪليل رکن. ٻڌل پاسي کي ھڪ ماٽھو جھليندو ۽ ڪليل پاسي کي ھٿ سان بند ڪري ٻيو ماٽھو جھليندو. پر جي ڪو ٻيو ماٽھو نہ بہ ھجي تہ بند پاسي کي رسي سان ڪنھن وڻ جي ٽڙ ۾ ٻڌي، ڪليل پاسو پاڻ ھٿ ۾ جھلي پوءِ کَلَ کي يڪو ڏونڏاڙ ٻو رھبو تان جو سچو مکڻ ڪليل پاسي وٽ اچي مُچَ (گڏ) ٿيندو. اھو ڪيبو ويندو ۽ کل کي ڏونڏاڙبو رھبو. جڏھن مکڻ سچو نکري ويندو تہ آخر ۾ وجي لسي بچندي تہ، "اِيزِڪَ" آھستي وڻ تان کولي ھيٺ لاھي رکندا. مکڻ ٺامڙي ۾ وجھي رکندا. لسيءَ جا ڪٽورا پري پيئندا جنھن ۾ مکڻ جا ذرا ذرا بہ شامل ھوندا، اھا پاٽيءَ واري گھاٽي/ ڳَٽِ مکڻ مليل لسي وڏي ڳَمَ (طاقت) واري آھي. اھا بنا ڪاڏي جي بہ ڪين توانو رکي ٿي.
گِھَ کي محفوظ رکڻ لاءِ جيڪا کل ناھين اھا نھايت پاڪائيءَ سان لاھين، ۽ وڏي محنت، مشاقي ۽ احتياط ڪن. ۽ ان کَلَ کي وڏي اھميت ڏين. کل ۾ مينديءَ جا پن، ڪورِ (وڻ) جو چوڏو، رسدار وليون ۽ سُرھن ٻوٽن جون ڪچيون ٽاريون وجھي، پاٽيءَ مان پري ڏاِئين

(مڪمل پري) ڪري رکن، ڪجهہ ڏينهن ڪان پوءِ جڏهن ڏسن تہ ڪل اندران سُڪي، رَڇي (رڱجي) وئي آهي تہ پاڻي هاري ڪل کي ابتائي گهہ لڳل ڳوهيل اتي سان اهڙي صاف ڪن تہ اها تمام گهڻي نرم ۽ نفيس ٿي پوندي آهي. اصل جهڙي ريشم ٿي ويندي آهي. ان کي چون، "زِڪَّ". پوءِ ان ۾ مکڻ ڳاري گهہ ناهي وجهن.

مکڻ کي ڳارڻ مهل بہ وڏي ڪاريگري ڪم آڻين. مکڻ ۾ ڳرڻ مهل ڳاڙهن چانورن جو اٽو ۽ هڪ بہ ايلاچيون وجهي ڳارين تہ گهہ صاف، شفاف ۽ سُرهو ٿيو پوي جنهن کي ناري "زِڪَ"۾ وجهن.

ڳاڙهن چانورن جو اٽو وجهڻ جو مقصد اهو آهي تہ اهو مکڻ ۾ شامل لسيءَ جي ڪتاڻ/ ڪتاس کي چوهي ۽ چوسي وٺي. واقعي بہ جڏهن گِهہُ کي ڇاڻي اتي ڪان ڌار ڪبو آهي تہ اهو اٽو چڪڻ/ ڪائڻ مهل ڪٺو هوندو آهي جيڪو گهہ ۾ رڌجي بيحد لذيذ ٿي پوندو آهي جنهن کي 'وِشِنَاڻُ' چوندا آهن، جنهن ۾ ٿوري کنڊ ملائي وڏي شوق سان کائيندا آهن. "وِشِنَاڻُ" جبل وارن جي بيحد پسنديدهہ ۽ مرغوب غذا آهي.

"زِڪَ" ۾ گهہ کي وڌيڪ سوادي ۽ مزيدار بنائڻ لاءِ مَنجهس (ان ۾) "دَوشَا" ملائيندا آهن.

"دَوشا" بنائڻ بہ وڏي محنت ۽ ڪاريگري ۽ هلاڪيءَ وارو ڪم آهي. کجور ڪٺي ان جون ککيون ڪڍي صاف ڪري ڳوهي مُجَ ڪري وڏي ٿامڙي ۾ وجهي، سڄو ٿامڙو پاڻيءَ مان پري مُنهن ڪَرَ (تارون تار) ڪري ٽانڊي تي رکن. جڏهن پاڻي لهرون ڪائي تہ ڏوئي سان هلائي رڌڻ لاءِ ڇڏي ڏين جيڪا ڪلاڪن جا ڪلاڪ پئي رڌجندي آهي. رڌجڻ مهل ڏوئيءَ سان ڇلي ڇلي هلائبي آهي. رڌجڻ ڪان پوءِ اها کجور ماکي ۽ منڌ ٿي ويندي آهي جنهن کي چلهي تان لاهي ڏوئيءَ سان هلائي هلائي ناري سنهي ڪپڙي سان ڇاڻي پوءِ "زِڪَ" ۾ پيل گهہ ۾ شامل ڪبي آهي. ڪي تہ کجور ۾ رڌجڻ مهل سونف ۽ ايلائچون بہ وجهن ائين "زڪَ" ۾ گهہ کي محفوظ ڪندا آهن.

"دَوشا" مليل "زڪَ" وارو گهہ تمام گهڻو سوادي ٿيندو آهي جنهن جو رنگ بہ عام گِهہ ڪان گهڻو بدليل، شفاف ۽ سون جهڙو هوندو آهي. ۽ سواد هلڪو منو ۽ بيان ڪان ٻاهر آهي.

جنهن بہ اهو "زڪ" جو "دوشا" مليل گهہ نہ کاڌو آهي اهو ان جي لذت ۽ سواد جو تصور بہ نٿو ڪري سگهي. ڇو جو اهو عام ڏٻن وارن گهن ڪان تہ بلڪل مختلف آهي. پر جبل جي انهيءَ سچي گهہ ڪان بہ مختلف آهي جيڪو ڏٻن ۽ بوتلن ۾ هوندو آهي.

ڪَلَ مان نهيل اهي سَنڌِ ۽ ٽانو جبل وارن لاءِ تہ بلڪل وڏيون سِڻَائُون ۽ وِٿَ آهن ئي پر شهر وارن لاءِ بہ عجيب حيرت ۾ وجهندڙ آهن. مثال نندي ٻڪرجي ڪَلَ مان بنايل ڪَلِي جنهن ۾

ٿوري مقدار ۾ لسي پوندي آهي جيڪي ڏراڙ مال چارڻ لاءِ ويندي لسيءَ مان پري ڪٽي ويندا آهن، اهڙي ئي ننڍي ڪل مان بنايل اَوئي ۾ پاڻي پري ڏراڙ ساڻ ڪڻن. سياري ۾ بہ ڪڻن پر گرميءَ ۾ هروڀرو تاڪيدي (تاڪيد ۽ تياري) سان ڪڻن. انهن ۾ حيرت پري ڳالهہ اها آهي تہ پلي ڪيڏي بہ گرمي ۽ اُس هجي، اوئيءَ مان پاڻي ڪيبو تہ اهو ايڏو ٿڌو هوندو جڻ ريفريجريٽر مان نڪتل آهي. ائين ئي "ڪليءَ" واري لسي بہ يخ ٿڌي هوندي آهي.
گرميءَ ۾ مال چاريندي ٿڌو پاڻي ۽ ٿڌي لسي ڏراڙن ۽ مسافرن لاءِ هڪ نعمت هوندي آهي. اهو ئي سبب آهي جو جبل وارن جو مال سان ايڏو قرب ۽ چاهہ هوندو آهي جيڏو پنهنجي اولاد سان هجي، گهرياتين سان هجي. مال جي حوالي سان جبل وارن ۾ اها چوڻي معروف آهي، "سون رتيءَ ڪان، رت رتي پلي." پاڻ پلي ڏکيا بکيا هجن مال جو ڪک پاڻي چُڪو (ختم ٿيو) تہ سندن وَچ چڪي پوندا/ واهون ڪٽي ويندن. مال جو انهرو منهن ڏنائون تہ ڳچ ڳري پوندن، ڳولي ڦولي، وڙولون ڪري مال جوگاهہ پاڻي وجي لهندا. پوءِ مال ڪاهي، "وانديا" ٿي وجي اتي رهندا.
ڏاڏي اَڄَرَ ڪراچيءَ ۾ اسان سان گڏ وينل هوندي بہ جبل سان جَڙيل هوندي هئي. اسين پلي پيا ساٿس ڳالهايون ۽ مارڪا ڪريون پر جواب ندارد هوءَ اسان وٽ هجي تہ اسان جون ڳالهيون ۽ مارڪا ٻڌي. سندس تانگ تہ جبل سان لڳي پئي هوندي. هَري هَري (آهستي آهستي) پئي پٽڪندي ۽ ٻُٽڪندي، "الاجي مالُ پِهِرايائُون (چرڻ لاءِ جهنگ ۾ وني وجڻ)، واريائون (موٽايائون) ڪِين نہ الاجي تور (ٻڪرين ۽ رڍن جا ننڍا ٻچا) تَندُ (نندڙي رسي) ۾ اڙايائون ڪين نہ! پڙايُون (ٻچن -تور جي ڪنڌن ۾ وجهڻ واريون گول ڦاسي نما رَسيون) ڇڄي ويون هيون، جوڙيائون ڪِين نہ، الاجي تور اَجهو (وينو) ڪي ٿَهِي (ڏار ڏار ٿي پيجي) ويو. اَيون (ٻڪريون) ۽ پِهُون (رڍون) الاجي ڪيئن چُون (ٿيون) هونديون؟ واڙ ڪي ڪڙهہ ڏنائون ڪي نَهارِن (ٻگهڙ/درندن) حوالي ڪيائون، اَوَنُون (جوان ٻڪريون) الاجي جهليائون ڪي ٻَرَ (چڙوچڙ) چِي (ٿي) وييون.چِيڪَ (آزاد) ڏُڪيون (پيٽ سان) اُرُڪُلَ (سگَن سان ڏڪ هٽن) هٽي هڪ ٻئي جا پيٽ ڦاڙي وجهنديون. اواڳيا چِيڪ چوڪرا ٽَاڏوڙَنِ (هل مستيون، ڊوڙون) ۾ پورا هوندا. ڏڻ (رڍون جو ميڙ) ۽ ڪَيراڳ (ٻڪرين جو ميڙ) بہ ڏٽيءَ سان، هيڪلو مَڙهو (پوڙهو بيمار) پُرُهُ (مرد سندس گهر وارو) پڇي ڪونہ سگهندو. شڪر جو آئون تَرڏ (ڳَئن جو ميڙ) ۽ وڳ (انن جو ميڙ) ٻين حوالي ڪري آيس. هيڪلو مڙهو تہ ٽڪريور (ماني/ڪاڏو) ۾ بہ ڏکيو چَو (ٿيو) هوندو. ڪِريانِي (تئي ۽ سِرَ ڪان سوءِ ٽاندن تي پڪل ماني) جو رهيگ (عادي) آهي. مُورِ (عام) ماني ڪونہ ڪائي سگهيو هوندو."

پوءِ جڻ تہ ديھو ڪائي (چرڪ پري) سجاڳ ٿي چوندي، "ھاڻ موڪل ڏيوم تہ وڃي ڪڪن پيڙي ٿيان، وڃي پنھنجي پڪي ۾ پوان." اھو ئي اَوسَو (فڪر) اھوئي اُڏُڪو (ڳڻتي) ھوندو ھيس. ڪراچيءَ ۾ مائٽ ست رچيون (ست ڪاڏا،ست ٽانوَ) اڳيتا (اڳيان) رکنس تہ جبل ساريو پئي اَنجھڙي (لڙڪن سان) روئندي. شھر ۾ اچي ڪاڏي پيتي ڏانھن ٻَنڌُ اچي ويندو ھئس. جڻ ٻُنجو ھجيس. چئبوس تہ ، نہ ٿي ڪائين چو؟ تہ بيوسيءَ مان چوندي، "اسين ڪُلن پٽن جا رھيگ (عادي) ھتي بند جاين ۾ ٻوساٽجو مرون ٿا. اسان جو نج ڪاڏو پيتو، ٿورو ڪي گھٽو، پاڻ ھٽن سان پيھي پچائي ڪائون، شھر جا تہ اَٽا اَنَ بہ الائي ڪھڙا آھن. اسان جا تہ پيٽ ئي بند ٿي اُڦُرڪي آيامي ٿا پون." ڏھ پندرھن ڏينھن ملھ وڙھي رھائبو ھئس تہ لڙڪ لاڙي چوندي، "گھر ۽ مال بہ گھوريو (نھيو) آئون تہ ھڏ (اصل) جبل لاءِ زَھِيرجي (اڪنڊجي) پئي آھيان."
ڏاڏي اَڃَرَ تہ گذاري وئي، پنھنجي ئي ٽڏي ڇِتَرَ (ٽڏي) تي پنھنجن ئي پُٽن ۽ ڏيئن جي ھٿن ۾. نڪا وڏي بيماري ۽ تڪليف ڏنائين نڪا سڪرات ڪيائين. ماڻ منيءَ ۾ جبل جائي وڃي جبل پيئي.
اھا ئي ڪار اھا ئي سار اڄ بہ جبل جي ھر ماڻھوءَ ڪي جبل سان آھي. ھڏ ماڳھين ڪجھ بہ نہ ٿو مِلينِ تہ شھر ڏي مھاڙ ڪن ٿا، نہ تہ سَوَ سور سھي بہ سنھرا وينا آھن. پلي ست نيرانيون (بڪون) ھجن حرام ڪو ڏک بک جي ٻُڙُڪَ بہ ٻاھر ڪڍن! لڪاءُ ئي ڪونہ ڏيندا تہ ساٽن ڪھڙي ماجرا آھي.
ڪارو سڪٽو دَڪَڙُ (اڌ منو اڌ ٻاڙو) لُڙو (مٽيءَ ھاٽو) پاٽي پي منھن تان ھٿ ڦيري گندي (اجرڪ ڪي جبل ۾ گندي بہ چون) مٿان ڪري ليٽي پوندا الله جي آسري ۾، "سياجو سج سَرھائي (خوشي) آٿيندو، جي نہ آندائين تہ بہ مٿس ميار ڪانھي، سڪ بہ تہ ڏنائين آھي. ھي جو جيئرا ساھ ڪٽي پيا ھلون چلون اھي بہ تہ سندس ئي ٿورا آھن." اوپروڪو ڏسي تہ طاق لڳي وڃن. (حال نہ ڏنو پلو).
جبل جي ماڻھن جو گذر سفر ڏکيو ۽ آٽين ۽ چاڙھين، ڏٽ ڏھاڙي.... جي مصداق ھوندي بہ سڪون مان ڇڪار آھي، جيڪا ڳالھ سندن ظاھري حالت ڏسڻ کان پوءِ سمجھ سان ٻاھر آھي، بي سبب آھي. لاشڪ تہ اھو ئي سبب ھوندو جيئن پيار، محبت، عشق وارو جذبو بي لوث ۽ بي عرض ھوندو آھي، تيئن ئي جبل وارن جو ڏک ۽ بک ۾ بہ پر سڪون رھڻ، سندن جبل سان بي لوث ۽ بي غرض عشق واري جذبي جي موجودگي آھي.
وَسَ بنا جبل ڪارو ڪورو پونَو. ڪَڪُ پَنُ بہ رَوھ (اُسَ) تي ڪڙھي ڪامي ڪارو ڪلور ٿيو وڃي. پوءِ بہ ماڻھن جا جبل ۾ سوين آسرا سوين اميدون آھن.

هڪ جهڙا سڪٽا ڏينهن ڪيرپاٽي، ڦَش ڦُوهَرَ تي گذارين پرپڍَ ڪو نہ ڇڏين. ڪتان اڇي ڪو جي سندن گهٽگهرو ڏک ڪري وڏي اڇي پنهنجائپ مان ڪين چوندو، "ٻارٻچو بک نہ ماريو، هلي ڪو شهر ۾ هٽ پير هٽو." تہ هڏ ماڳهين ڪاوڙ جي پوندا، "اسين چندا (چڻ) ڪو بک جون دانهون ڪٽي وٽن ويا آهيون جو متيون تا ڏين. ڪهڙو اسان جا ٻار رَوسي (روئڻ) ڪري وٽن ٽڪر (ماني) لاءِ ويا آهن جو اباڻن پدن تان اٿڻ جون صلاحون تا ڏين! اج اَيَرا سيان سَيَرا ٿينداسين. اجا الله مان آسرو ڪو نہ پليو آهي. جيڏو الله تيڏو آسرو، شهر ۾ ماڻهو هڪ ٻئي ڪي ڪُتان گهان (ڪتن وانگي) وات تا وجهن. ايڏي دنيا جو لٽ هنئين پَٽَ تي نہ پوي . اسان لاءِ شهر ۾ ڪهڙا جريدا (تيار) دستر خانا وڇايل آهن. ڇيلا (ڇا لاءِ) وجي شهر ۾ جَهپا (ڌڪا) جهليون، ٻار روليون، پَران (پراون) جا منهن جَوهيون (چتايون) پاٽيءَ مٿان ڦَش ڇون (هلڪا ٿيون).

ڏُونگا آچِ مَ تِنِ ڪي، ڪاسا ڄنين نہ ڪَمُ
پِنندي پَرڏيهہ ۾، تِنِ سَوڍِين ٿئي شُرمُ
اُتن گهٽي اَدَبَ سِين، ڳالهائين نَرمُ
قادر ڪَرِ ڪَرَمُ، تہ اُنِ جي وَطن ۾ وَسَ ٿيئي.
(شاهہ رح)

اهوئي سندن خواب آهي. اها ئي سندن خواهش آهي تہ سندن وطن ۾ وَسَ ٿئي. باقي ٻيو ڇا ڪپي انهن صابرن، شاڪرن ۽ ٿور گُهر جائن ڪي.
خدا ڪارٽي ڳالهہ بہ اها ئي آهي تہ جبل ۾ هو پٽري، مُنڪي جا پاڻ ڏٽي آهن. ڄتِ وٽين اُتِ گُسَ (زمين کوٽڻ لاءِ خاص بنايل ٿلهو ڪِلي نما لوهي اوزار) ڪٽي ڪڏون ڪُٽي (ڪوٽي) ڪانيون نوڪي پڪا اڏي ويهي رهن. اها ٻي گونڊري ريت جبل ۾ ڪانهي تہ ڪو ڪنهن ڪي چوي، "هِتان اٿي هُت ويهہ." نہ ئي ڪو ڪنهن ڪي اَيَرو اڪر چوي. ڄُڙُ ٻُڪُ (چينپ) ۽ دَڙَ (ڪاُڙ مان ڳالهائڻ) رهيا پنهنجي ماڳ، جي رڳو ڪنهن جو انهرو (ناخوش) منهن ڏسندا يا رکو ڳالهاءُ ۽ نراڙ ۾ سِٽِ (گهنج) ڏٺائون تہ او.... ست ڪوهہ ڏور وڃي رهندا. اندر جو سور اندر ۾ ئي سانڍي ڇڏيندا. پرائي دنيا ڪي دانهون ڏئي پٽر ڪو نہ پوندا. ڏمر ۾ بہ پنهنجن جي خبر ڪان بيخبر نہ رهندا، آئي وئي ڪان پيا خير خبر وٺندا، پنهنجن سان دليون ائين جڙيل ۽ ڳنڍيل اٿن جو شل نہ ڪنهن جي مٿي جي سور يا ٻَري (تپ/ بخار) جو ٻڌن. اُڄِري (بيساختہ) اڇي مٿان پوندا، ڪيڏي ڏمر، ڪيڏي ڏک، اڱهي (بيمار) جي مٿان پيرن پَرَ بيهي سچ اپاريندا. لاڙهي

(مريض جو ڪاڏو) پاڻيءَ لاءِ پيا پڙيُون (ٻوڙون) ڪري پچائون ڪندا. وري تهڙي جا تهڙا ڏِسُ تہ هڪ ٻئي جي منهن جا چَئوٽا (لاڏ، قرب) پيا وٺندا، هٿن جو چانئون پيا هَڪَ ٻئي تي ڪندا. گهوريا پاڻي پيا ٽيندا.

جيڪو وٽن هوندو ورچي ورهائي کائيندا. بکيا بہ گڏ هوندا تہ ڍئيل (ڍاول) بہ گڏ هوندا. تِرَ مان تيرهن پتيون ڪندا جُوڦَ (ڪنجوسي) ڪري پاڻ لاءِ رکي کنو ڪري ڪونہ لاڙيندا (اڇلائيندا) سڪ ۾ ساڻ، ڏک ۾ ڏور رهڻ واري رسم جبل ۾ ڪانهي. اتي اهيئي چوٽيون آهن تہ، "جن سان مِناپيئجن، تِنِ سان ڪَڙا بہ پيئجن." دنيا تہ ائين آهي جو، "بکئي کي ڏئي ڪونہ، سکي کي سهي ڪونہ." اهي سڀ ڪُريتون جبل کان ٻاهر جون ريتون آهن. هي تہ اها ئي ڪن جيڪا سين کي سينيائي (ياڻءِ پوي). هَٿُ چڙي اِرِڪ (نونٺ) چٽڻ کي عيب سمجهن، پنهنجا تہ پنهنجا پر ڌارين سان بہ ڪنهن ڳالهہ ۾ ڪونہ ڪُسائين. ڏئي نہ سگهندا تہ ڏکوئيندا بہ ڪونہ. ٻيو جي پُڄي نہ سگهندا تہ گَنِيُون (هلاڪيون، محنتون ڪري) گهي وَهندا (ڪم ڪندا) ۽ شاديءَ مراديءَ ۾ ڪم ڪار ڪري بوجا (بار) لاهيندا. "پري اٺ تان وڃڻي لهي تہ بہ سنو." ڪوجي سندن لاءِ هُبَ (حب) مان بہ وڪون وجهي اڳيان ايندو تہ هي پاٻوهہ مان پنج وڪون ڪٽي اڳِت (اڳتي) وڌندا.

منهن جي مائٽي وَٽانِ (انهن ڪان) ڪانہ پڇي. نہ ئي ڪنهن جي اڳيان پنيان خوشامندون ڪندا قِتِ قِتِ ڪندا ڦرندا. ڳالهہ نہ وٽندن تہ تيڏيءَ مهل منهن تي ٻولائي (منهن مقابل) چوندا، "سيڏي ڳالهہ سوڻي جي ...." پرپٺ گلا تہ گهوريو اجا اُتَر ورندي ڏئي اٿندا. جي ڪنهن سندن ويريءَ تي بہ بَوچ (بهتان) وڌو تہ ڪيس اَچو (سچو) ڪري ايندا. پلي ڏهہ ڏک هجن پر اگڻ. آئي ڪي وات جي گلا بہ ڪونہ ڏين. ابتو هٿ ڏئي منهن انهرو ڪرڻ کي پنهنجي اگڻ ۽ گهر جي بي عزتي سمجهن. گهر آئي ويريءَ سان بہ سنهرا ٽي ملن، حرام ڪنهن وير وَڍِ جو لڪاءُ ڏين. ڪينڪاري، اَوڌَ مان خاشو هنڌ وهاڻو ڪڍي، وچائي ويهاري خبرون چارون وني ڪارائي پياري پاڪر پائي موڪلائي گسَ تائين گڏجي وڃي رواٽي ايندا. تڏي تي آيل سان نڪو وير نڪو وَڍُ، پلاند پراٽا ناهن ٽيندا، مياروں مورچا ٻڌي ٽيون بيهن ۽ وَيرَ پيا وقت سان هلندا، نبيرجندا.

جبل جي اها ئي مانائتي ريت آهي، "ڏي عزت، وَٺُ عزت". ٻيو سڀ سهي ويندا پر هلڪو حَرَفُ (لئزيا ڏوهہ) اصل نہ سهن. بيعزتي وارو اَڳَ لڪو اڪر بہ اندر ۾ وَڍَ وجهي ڦَٽُ ٻنجندو اٿن. بي گوندرائي (بيغيرتي) جو پِرَو (جمڻ وقت ڏنل پهرين خوراڪ) ستيءَ ۾ ئي ڪونہ سَنيرن؟ سهن بہ ڇو؟ هو تہ پرائي پاڻيءَ کي بہ اوڏا ڪونہ وجن پلي نوان نيرانا وينا هجن. پَرَ

۾ پلي ديڳيون ڏميون (دم تي) هجن، ڪُوڪُ پيري (ڪنڌ ورائي) ڏسندا ته ڪونه ته اِنڌَ (پاسي) ۾ ڪي چڙُون آهن.
ڪَوٺَ ڏئي عزت سان گهرائيندن ته وجي ڏئي وني، ڪائي پي ايندا نه ته بي دعوتيا ڪنهنجو گراهه به حرام ڪائين. غريب هوندو پلي ڏهن ويلن جو لنگهڻ (بک) هجيس. ڪو ڪاچ جا ٿال پري آڻي گهر ۾ ڏي، دعوت نه هوندي ته موتائي منهن ۾ هٽندا. اڳيون ڏوهه مجي زور ڪري ڪاچ ڏي ته وٺانس ٿال وني سندس ئي اڳيان ڪاچ اڇلائي هاري ٿانوَ اُڳاڙي (خالي ڪري) ڏيندو. جهڙي تهڙي نموني ۾ ڪاڏي تي پاڻ کي لاڙين (اڇلائين) ڪونه. نه ئي چڙهين ديڳين دعوت قبولين ديڳيون چاڙهي پوءِ جي ڪو دعوت ڏي ته چون، "اسين ڪي لورا لنگها آهيون جو چڙهيءَ ديڳ تي وجي چانپ (ناچ) ڪڏون؟"
باقي جي ڪو عزتون ڏئي شاديءَ ڪان اڳ ڪين گهرائي ساڻس صلاحون ڪري ڪُٺُ (تاريخ) ٻڌي سڄي ڪاچ جو هَشَنگُ (ذميداري) هٿ ۾ ڏي ته مڙس اهڙا مهلاتا (مهل تي منهن ڏيڻ وارا) جو سڀ مٽي تي ڪٽي ڏٽيءَ کي ڪِمامُ (ڪاڏو ۽ انتظام)، سُرهو ڪري جڳ ۾ واهه واهه ڪرائي ڏيندا. وَارَا (ڦيرا/ چڪر/ وَرَ) ڪري ڪاچ مان پنهنجا گهر پري ڏٽيءَ جو ڪاچ ڪنو ڪونه ڪندا. اجا به جي ڪَسَ ڪَسَرَ (گهٽتائي) اڪين سان رهيل ۽ ڪٽل ڏسندا ته وڏي ڏٽيءَ کي دانهن ڏئي دُرُتُلُ (پريشان) ڪونه ڪندا. ماٺ منوڙيءَ ۾ (چپ چاپ) پنهنجو به مَندي (ملائي/ ڳنڍي) پورت ڪري مٽي ڪري ڇڏيندا. پيرن پر بيهي، ديڳين تان وَرَ ڏئي ساري سنياري راج ڪارائي اٿندا. تيسين پاڻ وات تي ڦُلُوش (ذرو) به نه رکندا، واري ورائي پيا ڪوٺ ٺوٺ ڏي ڏسندا. پڇاڙيءَ ۾ هٿ چنڊي اٿندا ته ڏٽي به ڪين ڏهه ڏهه عزتون ڏئي وڏي مانَ ۽ پاٻوهه مان اُوچون اُوچون (سنا ڪپڙا) اوڍائي شالون، اجرڪون ڪلهن تي وجهي. ڪاچ واتو ڪري (ڪارائي) موڙيون پري ٻڌي ڏئي رواٽيندا (اماٽيندا). پوءِ جي ڳاٽ ڪٽي، ٻانهن هٽي (لوڏي) هلن ٿا ته نهن ٿا، اهڙو اپرو ڪم ئي ڪونه ڪن جو ڪين پنيرا پوندا ملن. پَرَ پُٺِ جي گلا ۽ پنيان واري ڦِٽِ لعنت ڪان موت ڪان به مٽي ڏڃن.
ٺوري ۾ خوش. نه هَئِہ نه ڪَئِہ. نه وَٺِ نه ڪُوندَ نه هُٺُ ڌُنبُڙُ، نڪو نَٺُ ننگر، نڪاٽٺ ٻِنَاڪ، نڪا جَتِ پَتِ، نڪا اُنُڦُتَائي، گيرب گذاري ويندا. پر سُجائي ڪين سليندا. وٽن امُونگڙو (بيحد گهڻو) نه هوندو پر ڏيک اهڙو ڏيندا جو سندس اڳيا هوند هستيءَ (پيسي وارو) وارو به هِينمائي (جرئت ڪري) نه سگهندو. پلي ڪو پاسَنگ (شاهوڪار) گهر جو تِشِينگُ (ٻٽاڪي) مڙس هجي، اک جي پَوڇڻ سان مَيجَ ڏئي بيگر لاءِ سڏي ڏسي! ساڳي ئي اک جي پَچَنڊ واري ورنديءَ سان مٺيءَ ۾ ملائي اٿي ويندا. ڳِيتَڳِيُون گهَڙَ (ليٽڙيون پائڻ) جارهيگ ئي ڪونهن.

تَنهنُبولَ (موڊ/ مزاج) نہ ٿين تہ ڪک پيجي ٻہ ٻہ نہ ڪن. ڪرڻ تي اچن تہ جيل ٻہ ڪٽيو وجن. سَپَنِ جُون سِيندون ڪَڍڻ (عقل ڪل) جي دعويٰ ئي ڪونہ ڪَن پر آهن سڀ ۾ سَراز (ماهر). مانيٽا اهڙا جو وٽن ويهہ تہ ڪَنَ پيا شُونشَڙَاٽ ڪندا، گهٽي هُلَ ۽ اجائي ٻَڪَ سان ڪانہ پوين. ڳالهائين تہ اڪر توري تڪي ڳالهائين. ميٺڙي سيٺڙي، ايڙ ميڙ جا اڪر گڏي سڏي اِڍون (ڊِڳ) ڪونہ ڪن، باقي ڪچهريءَ جا ڪوڏيا. اوجاڳي جا پڪا، وِهَڪَ جا ڏاڍا (مضبوط). ڪانيون ڪڍي وهن تہ سچ اُياري ڇڏين. البتہ اَرندي (بنا واٽ جي فضول) واٽ سان ڪانہ پوين نڪو ماين وانگي چِرِ چِرِ ۽ چاهوڙاڪن. ماين جي وچ ۾ ٻہ ڪونہ پون مايون پاڻ ۾ وڙهنديون، ڳالهائينديون. هنن ڪي ڪِشِڪَاءُ (پرواهہ) ئي ڪونہ هوندو پر جي گهٽي دير تائين ماٺ نہ ڪيائون تہ ڪَرڙاپُ (ڪاوڙجي) ڪري اٿندا تہ مَنجهان (انهن مان) هٿ ناري وهندا.

جبل وارن جو اهو حيرت جهڙو مزاج آهي تہ ڪوبہ بنا سبب جي پاڻ ڪي نمايان ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪندو آهي. اجا چاهيندو آهي تہ پس منظر ۾ هجان. جڏهن تہ جبل کان ٻاهر گهٽن هنڌن/ علائقن جا ماڻهو ارادتن پاڻ ڪي نمايان ۽ پيش پيش ڪرڻ چاهيندا آهن. بلڪہ ڪوشش ڪندا آهن تہ ڪين وڏيڪ اهميت ڏني وڃي. يعني اهي پنهنجي حيثيت کان وڏيڪ حيثيت چاهيندا آهن جنهن جا لائق ٻہ نہ هوندا. نتيجي ۾ پنهنجي حيثيت کان ٻہ ڪري پاڻ ڪي ڪلڻ هاب ڪندا آهن.

جبل جو ماڻهو مٿين ڳالهين جي برعڪس پنهنجي اَپچاري (بنا موضوع) ذات ڪي پَچاري (موضوع بنائي) شِينشَلوَ (پوڳ جو نشانو) نہ ڪرائيندا آهن. جيترو ٻہ ٿي سگهندو آهي ٻُهڙَنِ (بيلحاظ، واٽ خورن) جي ٻَوٿَ ڪونہ لڳن. ڳالهہ سان واسطو نہ هوندن تہ اَپُچيا تي پُني ڏئي ٻئي ڪنهن غير واسطيدار سان مارڪو ڪندا. پر جي ڳالهہ سان ٿورو ٻہ واسطو ۽ تعلق هوندن تہ هَرَ (هرڻ) وانگي ڪَن ڪٽا ڪري، ڇَهَئي حِسون سجاڳ ڪري چَپَ ڪوڙي وچ تي ويهي رهندا. اڪر اڪر تي ڏيان ڏيندا، ميار هوندي تہ اڪين سان مجيندا ۽ پري ڏيندا. ميار نہ نڪتي تہ مياري ڪندڙ ڪي چِڪي رڪندا. ۽ پنهنجي ميار ۽ وَاوارُ (حساب، وهنوار) مُئي مارائي کان سواءِ نہ ڇڏيندا.

سخت جان اهڙا جو لنگهڻ (بک) ۾ وَقت گذري وجي، سڪي ٻڙُهُ (ڪاني) تي ويندا پر زبان مان لفظ ٻہ نہ ٻوليندا. مينهن واءَ جا سا ٿوڪ، اُس لُڪَ جا پَڪا، جاڳڻ جا استاد، ۽ ڏک ڏاڍ جا ساهو. سندن حال ڏسي حيرت ٿيندي آهي تہ ڪيئن ٿا جالين؟ پر هو تہ اهڙن حالتن ۾ ٻہ سڀ ۾ پورا سڀ ۾ شامل آهن. مرٽي پرٽي، ڏيڻ وٺڻ، فاتحہ ڦوڙي، پوئو بجار، ڏنُ پوت، خير خيرات سڀ ۾ نشانبر. نڪ تي مَرُ (پاڻ تي گلا يا ميار) ڪونہ سهن. مٿي تي آيل هَڙَ (سڀ) پَرتي (ڏنڊ

وغيره) پري ڏيندا. ڪو جي ساڻن ڏک ۾ ڀاڱي ڀائيوار ٿي حال ڀائي ٿيو ته پاڻ به ڏيجِگيرَ (ڏيڻ وارا) اهڙا ٿي بيهندا جو مال وڪڻي ٽڪڻي به سندن لڙ لاهي ويهندا.
ڪيئن ٿا اهڙي سَڄَ ۾ پورت ڪن. اهو به رب جو هڪ راز ۽ ڳجهه آهي. پاڻ تو هلائين پاڻ تو جيارين. اسين شهري ماڻهو اهڙي اڻ هوند ۽ اوکاين ۾ نه ته ڇهُ تي (ٽڪجي) ڪِري پئون ۽ ڇِرجي (ڇتاڻي) هڪ ٻئي ۾ وات وجهون ۽ گهنرو (نڙي) ڦاڙي پاروڙا (رڙيون ۽ روئڻ) ڪري جڳ ڪي اٿهوند ڇتايُون (ڇتاءُ/ موت جو اطلاع). ڪَڪَڙاٽ (دانهون) ڪري ملڪ ڪِنو ڪريون. الله به سچاڻي سگ توڏي، اسين ٿوري تڪليف ۾ به ويهي جيئرن لاءِ پار ٿا ڪيون ۽ وتائي فقير جيان رڙيون ڪري الله کي به آزمائش ۾ وجهيو ٿا ڇڏيون. جيئن هڪ ڀيري وتائي فقير کي پير ۾ ڪنڊو لڳو ته وني جو دانهون ڪيائين ته راڄ اچي گڏ ٿيا. سيني پڇيو، "ڇا ٿيو وتايا، ڇو ٿو رڙيون ڪرين؟" وتائي فقير پنهنجو پير مٿي ڪري پير ۾ لڳل ڪنڊو ڏيکاريو، ننڍڙو ڪنڊو ڏسي ماڻهن چيس، "واهه ڙي وتايا واهه، هيڏ ڙي ڪنڊي تي ايڏيون دانهون ڪري ملڪ مُڄَ (گڏ) ڪيا اٿئي؟" وتائي فقير معصوميت مان چيو، " ابا، آئون ايوب عليہ صابر ڪونه آهيان جو سهندس. اڄ ڪنڊو هنيائين آهي. اهو سهندس ته سڀاڻي ڀالو هڻندو!!"
جبل جا ماڻهو به واقعي ايوب عليہ صابر (حضرت ايوب عليہ) آهن اهڙا اهڙا ڏک ۽ ڦٽ ٿا سهن جو اڳين جون ٻِڪُون ڦري، متيون منجهي پون. ڦٽن مان رَوگُ ۽ رَيشَ (ڦٽن جو گند) پيا ڳڙندا. اتي ٻير جا پَن ڪُٽي رکيائون ته رکيائون نه ته جبلن ۾ هلندي، ڦرندي، لهندي، چڙهندي پاڻ ئي سندن ڦٽ پرجي، ڦاٽي، ڪڙيون ڏئي سڪي وڃن.
هر ڳالهه، هر فن جا سَرازَ (ماهر) پاڻ ڪائڪ (پنهنجو ڪمائي ۽ محنت ڪائڻ وارا). پرائي ڏن ۽ ڏڻ ڏي اک جي پوڇڻ به نه پيرين. (ورائين) ڏاڙو ۽ چوئري ته گهوري (نهيو) پَرائي دَرَ ڏانهن اک به ڪونه ڪڻن. پونگن/ جهوپن کي کهڙا در کهڙا تاڪ، کهڙا ڪڙا، ڪهڙيون تاڪيون ۽ تاڙيون. ڦاٽڪ ڪُلا پيا هوندا، حرام ڪو بنا اَڪرَ (پليڪار) جي ڪو ڪنهن جي گهر ۾ گهڙي يا ٻچڙائيءَ جي نيت سان ڪو آڏيءَ جو اٿي. نيت نيڪ ته منزل آسان. ڪو جي مَنجهَنِ (انهن ۾) ڏامَيچ (ٻچڙو) هوندو ته ان کي نظرن تان ڪيرائي ٻاهرين پٽرين (برادري ۽ رت پت) کان ٻاهر ڪڍي ڇڏيندا. هَٿَ رکي اُرُتُڪ گُرُتُڪ (جيئن تيئن) ڪري وچ ۾ هٽي ڪونه اگهائيندا. (قبول ڪرائيندا) جي ڪو اَستَو مَستَو (زور زبردستي) ڪري پنهنجي اونڌي سُونڌي ڳالهه مڃائڻ چاهيندو ته اهو ٽڪيارو ٿي نڪري ويندو. نڪو پرائو تڏو تڪين نڪا پنهنجي نُڪَ (نسل) لڄائين. ننڍِ وَڏائيءَ جو لحاظ. نياڻي سياڻي جي ساڃهه، نياڻيءَ کي ته

ست قرآن سمجهن. پلي ڏهہ خون هجن نياڻي ميڙ سندن در تي آئي تہ سڀ معاف ڪري ڪين پوتيون اجرڪون اوڍائي عزتون ڏئي، مٿي تي هٿ رکي رواڻيندا (اماڻيندا).

'ڪارو ڪاريءَ' جي ريت جبل ۾ ڪانهي. اڄ تائين ڪابہ عورت 'ڪاري' ڪري ماري نہ وئي آهي. جبل ۾ عورت جو وڏو احترام ۽ عزت آهي ۽ عورت بہ انهن پروسن جو پرمر رکڻ ڄاڻي ٿي ۽ رکي ٿي.

اوڏي ماضيءَ ۾ انگريزي صحافت سان لاڳاپيل خيرپور جي اڳوڻي ناظمہ ۽ هاڻي قومي اسيمبلي جي ميمبر محترم نفيسہ شاهہ ڪي ڪنهن انگريزي رسالي لاءِ، 'ڪارو ڪاريءِ' جي موضوع تي ڪا رپورٽ يا آرٽيڪل لکڻو هو. (جيڪو پوءِ سندس پي.ايڇ.ڊي ٿيسز جو موضوع پڻ رهيو). انهيءَ سلسلي ۾ هوءَ مون سان ملڻ اسان جي گهر آئي هئي ۽ ڪوهستان ۾ ٿيندڙ 'ڪارين' بابت مونکان پڇيائين. مون ڪيس اهو ئي جواب ڏنو هو، "جبل ۾ اڄ تائين ڪنهن بہ عورت کي ڪاري ڪري ماريو نہ ويو آهي." اهو ٻڌي هوءَ حيران ٿي وئي هئي. سچ بہ اهي حيران ڪندڙ وصفون جبل سان واڳيل ۽ لاڳاپيل آهن/ هيون!! ڇو جو ٻڌڻ ۾ پيو اچي تہ 'ڪارو ڪاري' واري موضوع کي ميڊيا پاران گهڻي اهميت ملڻ جي ڪري، (over coverage) هاڻي جبل جو ماڻهو (مرد) بہ انهن ڪڏين ڪارروائين کي مڙسي سمجهڻ لڳو آهي ۽ ريس ڪرڻ جي ڪوشش پڻ ڪري پيو. شال ڌڻي ڪين انهن ڏوهن ۽ قتلن کان پناهہ ۾ رکي (آمين).

آئون ڄاڻا ٿي تہ عورت جي عزت ۽ احترام ڪرڻ ماڻهپي جي عظمت ۾ ڳڻبي ڇو جو عورت 'ماڻهو' آهي.

جبل وارن جا عجيب فيصلا، حڪمتون ۽ عدالتون آهن ڇا مجال جو ڪنهن کي حق پلئہ نہ پوي. بيمار جو ڊپ نہ ٿيئي، ڏوهيءَ کي سزا نہ ملي. سندن سزا جا نمونا ئي نرالا آهن. رڳو جوڻيت (چغلخور) جي اڏيل جوڻي ڇا اهميت رکي ٿي! وٽن ڪو چغل چاڙي ثابت ٿيو تہ ان جي ياد داشت، سزا جي سزا، ننڍن لاءِ آئندي جو سبق. وهندڙ (مصروف) واٽ تي پٿرن جو ڍير رکي ان ۾ سُڪي ڪاني ٽُنبيو ڇڏين، جنهن ۾ اتان لنگهيندڙ هرڪو ماڻهو ڪاني ٽنبي ٽڪ هڻيو هليو وڃي. اهڙي عبرت ناڪ سزا سبب ڪنهن کي جرئت ئي ڪانہ ٿيئي جو لائي چائي ڪري ٻہ گهر ٻاري . اهڙي طرح هرهڪ چڱي مَني ڳالهہ جي ياد داشت لاءِ وٽن نرالا نمونا آهن. شاديءَ جي ياد داشت لاءِ هو پڙهيل ڪين آهن نکي وٽن داخلا دفتر ئي آهن. تنهنڪري ڪنهن واٽ جي ويجهو گول چڪر ۾ پٿر رکي وچ ۾ ٻہ ٽي وڏيون روهيون ياڇپون (پٿر) رکيو ڇڏين

جي جڻ لنگها آهن. دهل پيا وڄائين. ٻاهران گولائيءَ ۾ رکيل پٿر ڄاڃي آهن جي ڏانديو پيا ڪڍن يا ڇانپ (ناچ) پيا ڪن.

وري جي ڪنهن مانجهي مڙس ڪُڙيو ڪڍندي (ويڙهه وڙهندي) جنگ ۾ جهيڙي ۾ شهادت جو جام پيتو هوندو ته ان جي يادگيري لاءِ ٻُني (ٽڪريءَ) تي مائي (يادگار) اڏيو ڇڏين. اهڙيءَ طرح ڳڻن ۽ اوڳڻن کي پشتن (نسلن) کان ڳائيندا اچن.

جيئن سر رچرڊ فرانسز برٽن پنهنجي ڪتاب "سنڌ ۽ سنڌو ماتريءَ ۾ وسندڙ قومون" (Sindh and the races that inhabit the valley of the Indus) ۾ انهيءَ شاعر جو ذڪر ڪيو آهي جنهن ۾ ديشن دروهين جي خلاف عام ماڻهن پاران ڪاوڙ جو اظهار ڪيل آهي، جنهن جو مختصر مثال ٻه ڏئي ٿو جيڪو "مهرو" نالي هڪ مڱڻهار جو چيل آهي ۽ سنڌ جي ڪنڌ ڪڙڇ ۾ پَٽَ شاعر ڳائيندا آهن. ان ۾ محمد خان نوڙهي ڪؤڙي ناريجي ۽ ٻين ديش دروهين خلاف شعر جو اظهار آهي.

ڪل نه پئي مير کي قيد جي، ڏاڍو رب ستار
لکيا خط فريب جا، سڙيل صوبيدار
ڪنڌ پڳو ڪؤڙي جو، پئي منشيءَ تي مار
کهنبڙيا وارو خراب ٿيو، جنهن کي لعنت جي لغار
لک لعنت نوڙهي کي، جنهن لائي هنياريا ٻاهه
نوڙهو پڳو ناهه سي، سُڻ ڳاندوءَ جا پار
لک لعنت نوڙهي کي جنهن لائي داروءَ کي ٻاهه
ڪلڪتي کان ڪونايائين، اڇي چاچا پڳ ٻڌاءِ،
ڪنجون ونو ڪوٽ جون، ويهي سنڌ هلاءِ
............... مهرو مڱڻهار چوي،
سگهو وجهي تو شير ۾ اوهان جي والي واڳ وراءِ.

شاعر ميرنصير خان جي حماقت تي افسوس ٿو ڪري جو هن انگريزن تي ڀروسو ڪيو، ۽ مير صوبدار تي لعنت ٿو ڪري ڇو جو هن چارلس نيپيئر کي پڳ نسبت خط لکيو هو. هٿيار بند ڪوهستاني قومن کي فاتح سنڌ تي حملي ڪرڻ کان روڪيو هو. شعر جي باري ۾ رچرڊ برٽن چوي ٿو ته، هن شعر جي طرز ٿلهي ۽ سادي آهي. پر اها ڳالهه يورپي مطالعو ڪندڙن

ڪي به قبول ڪرڻي پوندي ته، ان جا جذبا حب الوطني ۽ بلند خيالن کان خالي ناهن ۽ مهرو بيشڪ جَسُ جو حقدار آهي."

ائين ئي سچي جبل ۾ هاڪاري ڪم/ قدم لاءِ جَسُ ۽ محبت ڀريا شعر ۽ مورا ڏٻا آهن، ۽ ناڪاري ڪم/ قدم لاءِ نفرت ۽ ڌڪار طور پڻ شعر ۽ مورا هوندا آهن . اهڙي طرز ۽ طريقي جي ڪري ماڻهو غلط ڪم ڪرڻ کان ڊڄن ٿا ۽ سني ڪم ڪرڻ لاءِ اڳيان وڌي ٿا اچن.

سندن اهڙن انوکن نمونن، فيصلن، سزا ۽ جزا جا نتيجا، تڏي تي ملڻ ڪري ماڻهن جا حوصلا وڌن ٿا. سچي ۾ حقدار جو حق ڪڏهن به نه ويندو ۽ ڪوڙي، ظالم ۽ بڇڙي لاءِ سزا ۽ ڌڪار به اَوس وٺن آهي.

فيصلي مهل ساک ڏيڻ جي وڏي اهميت آهي. اول ته ساک ڏين ئي ڪونه، جي ڏين ته پنهنجي اوڏي/ ويجهي تي به ڪک ڪونه رکن (پردو ڪونه رکن). جيڪا ڳالھ هوندي اها پيرائتي جيئن جو تيئن امين/ جج جي اڳيان رکن. نڪو وَٺُ نڪو وَڪَڙُ، نڪو فَندُ نڪو قيرُ، پلي پوءِ ان جو نتيجو ڪيڏو به خراب نڪري. يا وير وَڌُ ۽ دشمني وڌي . هو بنا ڪنهن متيبد جي ايچو پيچو (ذرو ذرو) پٽرو ڪري پَٽَ تي رکندا، ۽ سچ وڏي وات (زور سان) هَڪَڙُ (ڪلو ۽ رکو) ڳالهائي ويندا. ڳنج مِنج ڪونه ڪن، ڪوڙي جي وائيءَ ۾ وَرَ گهٽا، سچو اچو، سنئون سِڌو، اڪيون اکين ۾ وجهي منهن منهن تي ٻولائي چئي ويندا. اهڙا سَرِ جواب (حاضر جواب) جو اڳيتا (اڳيان) پلي ڪيڏو به ڏهيسر ڏيادار هجي چوٽو چئي ڏيندا. باقي جهڙي تهڙي ڪُساڪئي (ڪوڙي ساک وارو) جي ساک ڏيڻ ته گهوريو. پر اهڙي ڪي ڪچهري ۾ ئي ڪونه وهارين. جي ڏوهي هوندو ته سندس ڪنهن وڏي ۽ ساڪائتي (سچي ساک واري) ماڻهوءَ ڪي گهرائي وٺانس ساک وٺندا. اهو به پنهنجي سِرَ جي ساک ڏيندو.

لٺ ڏڪي جي ڳالھ هوندي ته اوڙي پاڙي لاءِ به دِليان وِچان اُٿي بيهندا. پر جي ساکَ پَتِ جي ڳالھ هوندي ته پَري ئي بيهندا، پاءُ تي به هٿ ڪو نه رکن (پناهه ڪونه ڏين). اها ئي ڳالھ آهي ته، لٺ هٽجي پاءُ پاران، ڳالھ ڪجي خدا ڪارڻي.

موت کان ڪونه ڊڄن خبر اٿن ته موت ايندو ۽ پنهنجي مهل تي ايندو. ائين ڪيڏي به هائيءَ (ظلم جي آخري حد) ۾ اچي (بيساخته) وجي پوندا. باقي ان ڳالھ کان ڊڄن ته، هرڪو پنهنجي قبر ۾ پوندو پاڻ جواب ڏيندو. دنيا چئن ڏينهان جو چٽڪو آهي. پوءِ اها ئي قبر جي اونداهي ۽ اڪيلائي، ڪلهن وارا همراهه (ملائڪ/ ڪرامن ڪاتبين) حرام ڪو ڪنهن ڪي ڏٽائين (بچاءُ ڪن). جيڪو پوکبو سولٽبو، جَوَ پوکي ڪٽڪ ڪانه لٽبي. رت پلي دانگيءَ تي تپي ڪارو ٿيئي. پر ڳالھ سچي ڪندا. ساک جا اهڙا سچا جو هڪ ڏني ته ٻئي کان نه پُڇ. پوءِ

ڏوهيءَ جو بچڻ ڏکيو. جيڪو بہ ڏوهہ گناهہ ثابت ٿيو ان جي ميار ۽ ڏنڊ هَڏ گُڏ پيجي، گينداڙي بہ ونن. ائين تڪڙي سزا ۽ جزا جي ملڻ ڪري ڏوهہ بہ گهٽ ٿين.
ساڏا سوڏا (سنوان) ٿوري تي خوش ٿيڻ وارا، وٽن نڪو جوق (لالچ) نڪا جُکي (هبچ). هوندو تہ گڏ کائيندا. نہ هوندو تہ ميار ڪانهي. جهڙي بہ مهل/ وقت مِلين اکين تي رکي گڏارين. ڇِنَ پَٽَ ڪوهَہ ڪونہ ڪن نڪو پرائي ڪٽي ۾ هٿ وجهن. نڪو پنهنجو پَٽُ ڦاڙائين. ڳالهہ ڪي ڳالهہ سان مارين. ڇَوَٽو چون اَچوٽو ڪونہ چون، جيڪا ڏند سان چجي تنهن لاءِ ڪاتي ڪونہ ڪين. وات جي وار ڪان ترار (تلوار) جي وار ڪي سنو سمجهن. دشمن ڪي دسڻ جو ٻل ٻانهن ۾ آهي تہ اَرندو (بنا وات جي) وات چو وڃائجي. سڪٽي جهڳي (اجايو ڳالهائڻ) ڪونہ هٽن. گارگند ۽ اگهاڙو وات هٽڻ جبل وارن وٽ ڪونهي گار ڏيڻ ڪي وڏو عيب سمجهن. بدزبان ۽ گاريال ڪي پاڙيو ۽ نامرد سمجهن. ڪنهن ٻار بہ گار ڏني تہ اهڙي ڏوئي تپائي جِنڀ (جڀ) تي رکنس تہ يا عمريءَ لاءِ گيسي تي وجنيس. لائي چائي، ٻچاڦوڙي ۽ ڪونس ڦتائي ڪري وچ ڪٽوراتي ڪونہ ويهن. گڏجي ويهندا تہ پنهنجي ئي ڏک سک ۽ اُڏيءَ ڪُٺيءَ (ڪوٺ ٿوٺ) جي ڳالهہ ۽ اوسو (فڪر) هوندن. موسَو (بهانو) ڪري هاسيڪار، ڳالهہ ڳالهہ تان پئي ڪنهن ويريءَ جي بہ هَري (گهٽتائي) ڪونہ ڪن، نہ ئي گُٽَ گُسِتِي (ٻي ڪي نونٺ يا هٿ) هٽي ڪنهن تان ڦِشِڪَڙِي (ڦشري) ڪن. مڙس ماڻهو، مڙساٽيون ڳالهيون ڪري اٽن.
ڪوهستان، جيئن تہ نندي ايراضي تي ٻڌل ناهي. ڪراچيءَ کان هلي ٿو تہ لسٻيلو لتاڙي وڃي وَڍُ. خضدار ۽ ڪنراڇ مان نڪري ٿو. ٻئي پاسي دادوءَ وٽان نڪريو وڃي. پنج آڱريون بہ هڪ جهڙيون ۽ هڪ جيڏيون جيئن تہ ناهن، تيئن ئي ڪوهستان جي ان وسيع ۽ عريض ايراضيءَ ۾ ڪي اهڙيون بہ برادريون، نُکُون ۽ وراٽيون (شاخون) آهن، جتي اهڙيون ڪيئي ڪُسَرِيون (اڻ وٽندڙ) ڳالهيون ۽ حرڪتون عام جام ٿينديون آهن جن کان مٿي نفي ۽ بچان ڏيکاريل آهي.
مثال، هلڪڙائي، گارگند، ٿرڙائي، فِتِ فِتان، جَتِ پَتِ، اَتَڪائي (ناسمجهيءَ واري تڪڙ)، ڦُٺُڪُ ڏئي وچ ۾ پوڻ (هلڪائي مان ٽپ ڏئي وچ ۾ پوڻ) گُٽَ ۽ گُسِتي هٽڻ، ڦِشِڪَڙي ڪرڻ، اک جي پوچڻ (ڪناري) ۽ پرونءَ جي پير (ڦيڙي) سان اُهُجُون (سجاٽپون اشارا) ڏيڻ، چَپُ اُٻتائي ڪنڌ ڪي سَٽَ ڏئي اٿڻ (پاڻ ڪي ڪجهہ سمجهڻ)، سِٽِ (نرڙ ۾ گهنج) وجهي ڳالهائڻ، ٿوري ڳالهہ تي لَلَڪَو (ڪڙڪو)ڪري دَهَدُورُ (منهن مقابل) ٿيڻ بارٻچي جي ڳالهہ تان هَٻڙاٽُ (وڏو آواز) ڪري وَاتارَڻ (ڳالهائڻ سان وڙهڻ)، سنئين سُبتي حُرف ڪي اُٻتائي چِڙي بي لحاظي ڪري تَوارَ (لئز) ڪرڻ، ٻتاڪ ۽ وڏائيءَ مان اک هٽي ننول ڪرڻ، نندوڏائي جي

ساجهہ، نڪا عمر ۽ رتبي جو خيال، نڪو گهرَ جي گُذر فڪر جو اَوسو (فڪر) ۽ نڪوزال ٻار جو اونو. ٽوپي ڏِنگ تي ماني راڄ تي. گهر ۾ پلي اَٽي جي چِرڪَ ۽ اَنَ جي لَپَ بہ نہ هجي. پاڻ ڪُري ڪائي جها ٻن جهوڙن وارو اَنَاڳ (اڳٺ) لوڏي، رومال ڪلهي تي رکي ڪنگهڪر ڪري گانگهارو 'ٿُو' ڪري لاڙي، پانجو چندي، جتو نوڪي سُجي گهر مان منهن مٿي ڪري ائين نڪرندا جڻ پرئي پُڪُلي گهر مان پڳيو چُڳيو ڪائي نڪتا آهن.

چئبو آهي تہ هوند تي هَوڏِ آهي اٿهوند لاءِ جهڙو اُپريو تهڙو نہ اُپريو. پَرَڪن پِتي ڪان وانجهيلن جي سُجائي بہ سٽيي آهي! 'سڪٽي ڪُني گهٽو اُقامي' وانگيان ايندي ويندي پيا وَات وِجهندا. آئي وئي ڪي پيا ڏاڙهيندا، ڪنهن واتهڙو سان سندن ڪوليڙ لڳڙ لڳو تہ اُچنگ (ٿاهہ) ڏئي ڦِندِڪ (شاهد آگَر) سان پُچَ (ڪپڙا) پيا چنڊيندا. ذريءَ ڳالهہ تي بہ ٽڪو ڏئي وڙهي پوندا. جي ڪنهن سَنئون حُرف وات مان ڪڍيو تہ پائيندا سندس جنپ (ڄڀ) ڪاڪڙي مان چني ڪڍون. نہ سونت نہ ساجاهہ. نہ ادب نہ احترام. سيني ڪي هڪ ئي لٺ سين هڪليو ڪاهيو وڃن. جڻ ٻيو هرڪو لئيءَ مان لٺ وڍي آيو آهي (اوپرو آهي). باقي پاڻ راڄ ڏٽي آهن. ٻُرُ ٻُرُ اهڙي جڻ ملڪ جا والي هجن لَهي لَوهَ لِڪ بہ نہ نالو سَونَ ٻائي. پاڻ ٽَڪي جا بصر بہ نہ لهن، ٻئي تي اَڳِري اُلارون ڪن. دنيا واستي ٽونٽيون هٽي اڳتي ٿين.

اها ٿي پنهنجي پَسِٺُوري (اوقات) ڏيکارڻ، نہ تہ جن سياڳن وٽ هُوند (ڌن) ۽ هُندِيُون (ملڪتون) آهن. اهي بہ ڪمي ٽا ڪائين، هلندي زمين بہ ڪونہ ڏڪوئين. هي الله جا سنواريا سڪٽي هَڙَ، بڪئي پيٽ بہ ائين زمين تي دڙا هٽي هلندا جڻ ڌرتيءَ جا ڏٽي هجن. زالون ٻار اڄ بک مرن تہ پلي سو پيرا مَرن، چڙهن اگُوني جي مٿي تان. پاڻ وري اُڄ بک جا اهڙا ڪچا ۽ ڪانئر جو جئان تئان (جتان ڪتان) گُهري گهتِي پنهنجي ڪُڪِ پري، مُچَ تان هٿ ڦيري، اوڳرائي ڏئي، پاڻ ڪي مَڪي چَڪي، جُتو چِيّڪائي لوڏو ڏئي ائين هلندا، جڻ چيلهہ تي ناٽي جون واسَٽِيُون (چمڙي جو پاڪيٽ نما پٽو جنهن ۾ پيسا وجهي چلهہ تي ٻڌبو آهي. واحد: واسٽي) ٻڌل اٿن. اجايو وات وڄائي، وڏيون ڳالهيون ڪري پيا پاڻ کي پڏائيندا. اَپَري جي اوڏو بہ نہ ويندا، سيرن جا سلامي هوندا. گار بہ اهڙي وجاهتي ۽ اگهاڙي ڏيندا جو اندر ڪڙهي ڪامي ڪَلور ٿي وڃي. وني جو ڪَنان ڪڍي (زور سان) ٻَرِڪَرَ (رڙ) ڪري گار ڏيندا تہ ڪلا پٽ پڙا ڏي جيان ٻُري ويندا. سامهون بہ اهڙي ئي سُپَڪَ ۽ ڪلاسيڪل گار ايندي. پوءِ جي امُهون سَمُهون زائفائون هونديون تہ اوگهاتي گهاتي (گهٽي گهٽي) وِرِمَ (دير) تائين، هڪ ٻئي جا چگهہ (يار) بہ آگرين تي ڳٽي هٿ- ترٻءَ تي رکي ڏينديون. پر دل ۾ اصل ڪونہ رکن. پنهنجا عيب بہ ڪونہ لڪائين.

ائين دنيا ۾ گهٽ هوندو ته مايون پنهنجن عيبن تي به پردو نه رکنديون هجن! مرد ته مرد پر مايون به بنا ڪنهن خوف ۽ ڊپ ڊاءَ جي ته ان جو نتيجو ڪهڙو نڪرندو، ڪلم ڪلو سيني کي ٻڌائي ويندديون. حرام ڪو مُهرو (منهن جو رنگ) مُڙين. چَندا (چڻ) پرائي ڳالهه ٿيون ڪن. مردن اڳيان نه باقي پاڻ ۾ زائفائون پنهنجي ته پنهنجي پر پنهنجي ماءُ پيڻ، ڏاڏي ناني جا عيب به ساري ترِيءَ تي رکن. عورتن جي اهڙي بهادري، سواءِ هڪ برادريءَ جي ٻي ڪنهن به برادري ۾ ڪانهي. اها اڪيلي ڪوهستان جي برادري آهي جنهن جون مايون نه رڳو پنهنجي ذات پاين سان پر ٻيءَ ذات جي عورتن اڳيان به پنهنجي عيبن کي ڦلورڻ ۾ عار (عيب) ڪونه پائين. ٻارن واري معصوميت سان پنهنجو ڳجهيون ڳالهيون به بنا ڪنهن خوف جي ٻڌائي ڇڏينديون. انهيءَ برادري جا ماڻهو خاص ڪري عورتون نهايت خوبصورت آهن. ۽ پنهنجي مرضيءَ واريون پڻ.

انهن عورتن مان ڪن سان مون ڪچهريون به ڪيون جن گهٽيون ئي ڳالهيون، واقعا ۽ قصا ٻڌايا ۽ ڪراس بريڊ بابت به جاڻ ڏنائون، هڪ نهايت حسين عورت پنهنجي باري ۾ ٻڌايو، منهنجي شادي پنهنجي ئي سؤٽ سان ڪيائون، جيڪو ڪُشاهِيگُ (ڪوجهو) هو. آئون راضي نه هيس. مائٽن کي به چيم. پر انهن نه مجيو. آئون پنهنجي ئي هڪ مائٽ لاءِ مرندي (پائيندي) هيس جيڪو شَاهِيگُ (سوهڻو) هو. منهنجي شادي زور زبردستيءَ سان ڪُتي سَتي ان ڪوجهي سان ڪيائون. پر آئون ساڻس ڪانه نهيس، روز رات جو ساڻس وڙهي،، لتون هڻي، چَڪَ وجهي پاڻ کان پوئتي ڪندي هيس . هو جڏهن ساڻو ٿي سمهي پوندو هو ته آئون پنهنجي مائِٽَ ڏانهن هلي ويندي هيس جيڪو پڻ مون لاءِ بينو هوندو هو. آئون صبح کان اڳ وري اچي سمهي پوندي هيس. ٻين کي خبر نه هئي پر منهنجي مڙس کي ته هئي تنهن پنهنجن ۽ منهنجن مائٽن سان ڳالهه ڪئي. منهنجو به وات هيڏو ڊوري جيڏو سو مڃائي نه سگهيا. آئون مڙس کي ڪوڙو ڪري ويس! نيٺ هڪ فيصلو ڪيائون ته رات جو هن کي ٽنگ ۾ رسو وجهي ٻڌي ڇڏيندا سين. مون کي به خبر پئجي وئي سو ڇا ڪيم جو رات کان اڳ ئي هڪ نندي جاتي (قينچي نما اوزار) پنهنجي چولي جي کيسي ۾ وجهي ڇڏيم. رات جو مون کي ٽنگ ۾ رسو وجهي ٻڌي ڇڏيائون. آڌيءَ جو آئون اهو رسو جاتيءَ سان وڍي جيئن پنهنجي مائٽ سان پڳي آهيان تيئن اچ سوڌو وٺن نه وئي آهيان. ٽن ٻارن جي ماءُ آهيان." پڇيم، "مائٽن ۽ ساهرن مان ڪوبه پنيان نه آيو؟" جواب ڏنائين، "ساري راڄ کي خبر هئي ته آئون شاديءَ ۾ راضي ڪونه هيس، گهٽو ئي رنم گهٽو ئي پٽيم، آئون ڪانه نهنديس، ڪانه نهنديس. سڄي راڄ منهنجي مائٽن کي مياري ڪيو. ساهرن به چيو. اسان جو ڇورو ڪشاهيگ. هوءَ ڇوري

شاهيگ هئي. ٻہ ٽي سال وڏو وير هو. اسين ٻہ لڪا پڳاسين پي. ڏاڍا ڏڪا ڪاڏاسين. هاڻي اوڙي جا اوڙا (تهڙي جا تهڙا) آهيون. مائٽ اچن وڃن ٿا. آئون وري اوڏانهن نہ ويس. تہ الائي هچاخور ٽنگن ٻانهن مان پڇي وجهن يا هڏ مارين."

هڪڙي مائيءَ جي مٿي ۾ پراڻو گهرو گهاءُ هو جنهن لاءِ پڇيم تہ چيائين، "امان آئون ٻہ ڏينهن تي (جوانيءَ ۾) خاشل (سني) نہ هيس. اُت ڦُٽُ (هلڪائي) گهٽي هيم. هيڏانهن هوڏانهن جهڙپ جهٽ پي ٿيندي هيم، جوتا موچڙا ٻہ پي ڪاڻم؛ هڪ ڀيري ثابتي سان جهلجي پيس، ڪهاڙي جيڪر ماري وجهيم پر ڦڙتيءَ سان ڏڪ گسائي ڀڄيس، پوءِ بہ ڏڪ اونهون لڳي ويو. اتان ڀڄيس وڃي وڏيري جي گهر پناه ورتم، جنهن وهاري دوا دارون ڪري نيڪ ڪيو. پوءِ مائٽن کي سمجهائي تہ، ڇوريون پاڻ آزاد ڇڏيو. پوءِ وري ڏوهہ انهن کي ڏيو! وڏيري منهنجي مائٽن کان ڏاڙهين ۾ سينڌين جون ساڪون وٺي پوءِ مون کي سندن حوالي ڪيو. ۽ منهنجي شادي بہ وڏيري ان سان ئي ڪرائي جنهن سان آئون جهلي هيس، اڄ خوش آهيان.'

ائين ٻين بہ ڪيترين پنهنجا ڦَولَ ڦُلُورِيا (راز ٻڌايا). سندن چوڻ هو، 'اسان کي گناهہ ثواب جي خبر ڪانهي نہ ئي مذهب جي ڪا ڄاڻ اٿئون.'

سچ بہ اهي ماڻهو دل جا صاف صفا مومن آهن. ڪابہ ڳالهہ ڪوبہ راز دل ۾ ڪونہ رَهَينِ. سنا تہ سنا، ٻچڙا تہ ٻچڙا، نڪو پوش نڪو پردو، نڪو روپ نڪو ٻهروپ، نڪا ڪوٽ نڪو فند. (سازش) نڪو پوز. نڪا ايڪٽنگ. ٻارن جا ٻار ائين ئي جهڳڙا، ائين ئي پيار. پاڻ ۾ وڙهي ڇَانبوَٽ (چنبڙي) ٿي لڱڙ ليڙون ڪري، پوندا، جَهانڦا (چنبا) هڻي وري تهڙي جا تهڙا، ٿوري ويرم ويندي ڏس تہ هڪ ٻي جي هٿ تي تاڙيون هڻيو پيا ٺهڪ ڏين. وچ ۾ ڪو ڦتائڻ ۽ ٿوڙڻ (جدا ڪرڻ) وارو ڪوبہ ڪونهي، جيڪو شڱاڻُ (طعنو) مهڻو هڻي ڏور ڪرين ڏک ۾ تہ هڪ ٻئي مٿان گهوريا پاڻي پيا ٿيندا (قربان پيا ٿيندا). ائين ڪونہ پائيندا تہ سندن ڏک ڪونهي؟ پنهنجو ئي ڏک سمجهي، گوڏا سَٽي ڪُٽي، رانيوڙا (رڙيون) ڪري روئي ڳوڙا (ڏوڏا) سُڄائي ويهندا. اتي هڪ ٻئي کي ڪٽي ڪوني پاڻيءَ جو ٻُڪُو (ڍُڪ) نڙيءَ تان ڇاڻيندا، وجي پنهنجي گهر مان رڌي پچائي آڻي گراهہ وات ۾ وجهي اَنَ واتو ڪندا. پنهنجو پوءِ بہ پنهنجو آهي ماري بہ ڇانو ۾ رڪندو. ڏارين سان ڪهڙي يا ري رات رهي ڪن صبح تياري . پنهنجا هونئن بہ پنهنجا آهن. ڏک سک ۾ هڪ ٻي جي مَٿان پئي (مدد ڪري) هڪ ٻئي کي پَڪَرَنِ (مددگارتين). سڱ مائٽيءَ جا اهڙا منا جو ستين دِسين (ستن ڏيهن/ ملڪن) مائٽي شُونشيَ (ڳولي نهاري) وجي لهن. پَرِيُٺ جي ڳالا کي هَڏِ (اصل) الله جا عيب سارڻ سمجهن. ڪير پنهنجي ڏگِري (عيب ظاهر ڪري) ڪٽي تہ ڪٽي نہ تہ ٻيو هاسيڪار اتي ڪنهن جو بہ ڪچو

(گلا) ڪونہ ڪري. ٻہ گهر ٻارڻ، ٻہ دليون ڏار ڪرڻ، ايري ڪي ٻوٽ تي ٻُوڇُو (ٻنجي/ ڊڪڻ) ڏئي دينا داستي بَوڇُ وجهڻ، نياڻي سياڻي جي ساجاهہ نہ ڪرڻ، اَستو مَستَو (هروپرو) ٻچڙي اک وجهڻ، اُرتُڪائي ڳُرتڪائي پاڻ ڪي وچ تي لاڙڻ، اڪيون نَپي نِيپُ تي (بيغيرت بنجي) واندا ويهي جريدو (تيار) ڪائڻ وارا ٻہ ڳولڻ سان ملي ويندا تہ، اتي ئي ڪي اهڙا ٻہ ٽانڪئان ۽ اَڻ سَهو ماڻهو ٻہ ملندا جيڪي ميارون ۽ خواريون سهڻ ڪان موت ڪي مٽي پائين. اَپَرَ پنيءَ (پنهنجي غير موجودگيءَ ۾ ٽيل) ڪنهن ذريءَ ڳالهہ تي بہ ڪومائجي پُڙ ٽيو وجن. اهڙن ئي ٻن حدن جو نانءُ آهي 'ڪوهستان'.

ڪوهستان رڳو هڪ خطو ڪونهي ڪائنات آهي، جتي رنگ رنگ جون ريتون، قسمين قسمين رواج، طرح طرح جون رسمون، رويا، جذبا، احساس، لهجا ۽ سندن جبل جهڙي ئي مضبوط، طاقتور، شاهوڪار ۽ معتبر ٻولي آهي جنهن ۾ جَڙيل ۽ واڳيل انوکا، نرالا مضبوط/ نِزيڳُ (ڪمزور) اَيرَا/ سَيرا، سَبر/ ڏُبرا، ٽانڪئان/ ڏاڍا، ساهو/ اڻ ساهو، بهادر/ ياڙيا، مانيٽا/ واتخور، بااخلاق/ بداخلاق، حيادار/ بيحيا، مهذب/ گاريال، ٻاجهارا/ هنيلا، لحاظ پريا/ بي لحاظ، شريف/ بدمعاش، مومن/ ڪافر سيپئي پنهنجي پرپور رعنايُن/ ڪرتوتن سان صدين/ جنمن ڪان رهيا پيا آهن. ها، باقي هڪڙي ڳالهہ سيني ۾ هڪجهڙي ۽ مشترڪ آهي تہ پنهنجي علائقي ۽ ٻوليءَ سان شديد پيار بلڪ عشق اٿن. ٻئي ڪنهن بہ علائقي ۾ نڪو وجن نڪو ڪنهن ڪي تنگ ڪن! وڙهن پرچن پنهنجا پاڻ ۾.

ڪوهستان جون مايون/ عورتون بہ مردن جهڙيون سگهيون (مضبوط/ بهادر)/ سچيون ۽ هڪ سخنيون آهن. جيڪا ڳالهہ ڪنديون اها پارينديون جي نہ پاري سگهيون نہ ڦڪيون (شرمنده) ٿي ڪنڌ هيٺ ڪري لجياريون ٿي هلنديون، ڏَڏَروَ (اُتون لانگ) ڪري ٻئي تي ڳالهہ لاڙي ڪَرُ ڪٽي ٻانهن لوڏي ڪونہ هلنديون. ڪَمَ ڪَار ۾ مردن سان ٻيل هونديون. ٻني ٻارو، ڪاني پاڻي، مال وتاڻ، گهرٻار سڀ ۾ برجستيون، پوريون هونديون.

منهن مهانڊي ۾ ملوڪ، نهيون جڙيون هونديون. ڪپڙو ڪٽي اُوچو (قيمتي/ مهانگو) نہ هوندو پر ڦاٽل ۽ ميرو نہ هوندو. ڏوئي پوئي، ڳنڍي سنڍي، وجهنديون (پائينديون) تہ سونهنديون پيون، وڏيون ٿلهيون پوتيون ۽ ڪلا ٿلها ڪپڙا پائين. وضعدار ۽ معتبر اهڙيون جو مردن سان گڏ ٻينيون هونديون تہ نهنديون بہ مردن وانگيان ئي پيون. اها ئي سندن وضعداري ۽ معتبرائي ڪين نمايان رکي ٿي. اهو ئي سبب آهي تہ ڪوهستاني عورت جو رايو (راءِ) ۽ ڳالهہ وڏن فيصلن ۽ جرڳن تي پڻ اثرانداز ٿيندي آهي.

ڪوهستان ۾ مرد، پوءِ اهو وڏيرو هجي يا عام غريب ماڻهو، پنهنجي گهر جي عورتن ماءُ، پيڻ، زال ۽ ڌيءَ جي ڳالهه ٻڌندو آهي. انهن کي اهميت ڏيندو آهي ۽ ڏکين فيصلن ۾ ساڻن صلاح مشورو پڻ ڪندو آهي.

ڪوهستان ۾ غربت بہ دنگ هر شيءِ جي تنگي پرجي ويسريندي (اوچتو) ڪو مهمان مڙهو لنگهي آيو تہ اٿهوند جو لڪاءُ ئي ڪونہ ڏيندا. ڇِترُ (تڏو) ڪَرَئو (ڪونئرو) ڏئي اَوڏَ جا رسا، سڳا (رليون، وهاڻا ۽ سوڙيون سوهڻي نموني ويڙهي قطار ۾ هڪ ٻي جي مٿان ديوار وانگر رکن. ان کي 'اَوڏِ' چئبو آهي جنهن کي خوبصورت ريشمي رسا ۽ پنهنجي هٿن سان ناهيل جهوڙن، ڦلن وارا سڳا ناهي ان سان ٻڌن تہ سجو گهر بنا ڪنهن فرنيچر ۽ ڊيڪوريشن پيسز جي سينگارجي ويندو آهي). ڪولي وهاڻا رليون ڪڍي ڏينديون پوءِ پِنڊي، شيڪڻ (جنڊ جي هينيان رکيل ڏاس ۽ اُنَ مان بنايل تڏو جنهن ۾ پيسل اٽو پوندو آهي يا ماني رکبي آهي) چندي، ٻچيو سچيو اَنُ اٽوڪُٽي (ڪوٽي) ڪٽي رڌي پچائي مزمان اڳيتا (اڳيان) رکنديون. ٻاڙ يلي ٻکيون هجن، ٻارٻچو يلي نيرانو ٻاڻون ڏي... ٻارن جي اهڙي تربيت ڪن جو مجال ناهي جو ٻار مزمان جي مانيءَ ڏانهن اک کڻي بہ نهاري. ڪاني، نڪري، مُتڪي/ پٽري سان ائين رَهَمُورَو (ريڏو، ريجهيو) پيو ڪڏندو جڻ هينئر ڪاچ مان وات ڪڍي ڊائو پُنو ريڏو (وندريو) پيو ڪيڏي.

جبل جو پُرهہ (مرد) توڙي مائي هڪ صلاح هڪ سوچ رکندڙ آهن. ڏاڏي ينيي جيڪا هر ڳالهہ مهاڙ، هر ڪم ڪار ۾ مردن جهڙي يا اجا ڪن مردن کان ڪَسَر (مٿي) هئي. اها جبل ۾ اهڙي شان سان رهندي هئي جڻ مٿي هينيان خزانن جون ڪُرزينون (خرزينون) رکي سمهي ٽي. ڏڪار ۾ هرڪو ڏکيو ۽ هيٺو ٽي پوندو هو. پر ڏاڏي ينيءَ جي همٿ، حوصلو ۽ عقل سيني جو ڏڍ ٽي پوندو هو. سندس حيثيت ۽ رتبو، 'ماتا ديوي' (Mother goddess)جهڙو هو. سَاٺُ (انن جو اهو گلو/ وِڳ جيڪو گهر جو سيڌي سامان لاءِ جبل جون جنسون گهہ، ماکي، مک، چتر، تڏا، پندا، ڪيس، ڪتا، اوجا، مرئا، ڦڙها، ڪانيون، گاهہ وغيره کڻي شهر وڃي ۽ بدلي ۾ گهربل سامان شهر مان وٺي اچي) دير ڪري، گهر ۾ چاڙهڻ لاءِ مس ڪين، هجي نہ هجي، پر ڏاڏي ينيي هر اوکي ويل کي مڙسي سان منهن ڏئي ويندي هئي. هڪ ڀيري ڊل وٺڻ لاءِ تپيدار وٽن آيو. ساٺ ويل هو جنهن سان وڏا مرد ويل هئا. ڏاڏي ينيءَ وٽ مال (ٻڪريون، رڍون) جون پِرِ جُون (بيحد گهڻائي) هيون، سو هڪدم هڪڙو سنو ٻڪر کهارائي، ڪجهہ ٽاندن تي پچارايائين (سَڄِي). ڪجهہ جو ٻوڙ رڌي ڪٽڪ جي ماني (جيڪا جبل ۾ مانائتي ٿيئي. جبل ۾ گهڻو جوار ۽ ٻاجهر ٿيئي. ڪٽڪ جو اٽو سِناتيون (سگهڙ مايون) ڪنهن خاص

مهمان لاءِ سِٽَ ڪري رکنديون آهن). پچائي، جهڻ جو ڪٽورو ڀري جنهن ۾ چنبي جيترو مکڻ جو چاڻو وجهي تپيدار جي اڳيان رکيائين. رڻ ملڪ ۽ ڏڪار ۾ تپيدار ڪي جو اهڙو ٻلاتو ڪاچ مليو تہ قَلوش (ذرو) بہ نہ ڇڏيائين اوڳرائي ڏئي لت ڪوڙي سمهي پيو. شام جو موڪلائي گهوڙي تي چڙهي ٻئي ڳوٺ پهتو جتي رات جي مانيءَ جي مهل هئي. سڀ ئي مرد ٻرد هئا جن تپيدار سان ڪينڪاري ڪيس، ويهاري ماني آڻي ڏني. ٻاجهر جي ماني ۽ لسي ڏسي تپيدار حيران ٿي ويو. هُتي مائيءَ وٽ ڏينهن جي مانيءَ مهل ڪي وڏا مرد بہ ڪونہ هئا. ساٺ سان ويل هئا، ٻارٻچا ۽ ڪي ڇوڪرا ٿاهئا ۽ پاڻ پوڙهي مائي هئي جنهن اهڙي شاهي ماني ڪارائي جو دنگ هئي. هتي تہ سيئي نندا، وڏا مرد بہ پيا ڏسجن؟ تپيدار ڪي ماٺ ڏسي گهر ڌڻيءَ چيو، "ماٺ ڇو آهيو؟ ماني ڪائو!" تپيدار بہ ايندڙ ويندڙ هو، ۽ ساڻن هجات بہ هو. ان ماني ڏانهن اشارو ڪري چيو "هي ڇا؟" گهر ڌڻي سمجهي ويو چيائين، "ادا ، ڏڪار آهي ڇا ڪريون، اهو ئي اسان جو گذران آهي. جهڙو حال حبيبان، تهڙو پيش پريان." تپيدار مرڪي چيو، "ادا، ڏک نہ ڪجانءِ ڏينهن جي ماني مون فلاڻي ڳوٺ ۾ ڪاڌي هئي. ڏڪار ۽ اٿهوند سڄي جبل ۾ ساڳي آهي پر ان گهرجي ماني واهہ واهہ... ڄڻ ڪا دعوت هجي. جڏهن تہ اتي وڏو ڪو مرد بہ نہ هو. هڪ پوڙهي مائي هئي جيڪا عزت ۽ مانَ ۾ مردن کان بہ گهٽو متي هئي." سيني حيران ٿي پڇيو، "ڪهڙي مائي؟" تپيدار احترام سان چيو، "امڙ ينيي!" تنهن تي سيني مردن پيار ۽ احترام مان مشڪي چيو. "ادا، اها مائي اڄ نہ پر اڳ ئي اسان مردن کان گهٽو متي ۽ زور آهي. ان جي هڪ هڪ وڙ ۽ ڳالهہ سان اسين پڄي ڪونہ سگهون."

ڏاڏي ينييءَ ڪي مشڪلن ۽ مصيبتن ڪي منهن ڏيڻ جو ڏانءُ ايندو هو. ڪڏهن بہ ڪنهن ڏڪار ۽ ڏڪيائيءَ، ڏاڏي ينييءَ ڪي مات نہ ڏني. پلي ست ورهيو ڪُوتٽَو (گنجو) ڏڪار هجي. ڇون ٿا اهو ڏڪار راڻي وڪٽوريہ جي گنجي پٽ ڊيوڊ، جيڪو موجوده راڻي ايلز بيٿ جي ڏاڏي جي دور حڪومت ۾ آيو هو جنهن ۾ ست سال مينهن نہ وٺو هو، ۽ ڪَکَ پَنَ جو وجود ئي ختم ٿي ويو هو. زمينون ۽ جبل ڪُوتٽا/ نوڙها ٿي ويا هئا (جبل ۾ نوڙهي ڪي "ڪُوتٽَو ڇئجي ٿو)، ۽ اهو ڏڪار آيو بہ ڪُوتٽي بادشاهہ جي دور ۾ هو ۽ اسم با اسم جيان ڏڪار بہ ملڪ ڪي ڪوتٽو ڪيو هو جنهن سبب اڄ بہ جبل جا ماڻهو انهيءَ وڏي ڏڪار ڪي "ڪُوتٽڙو ڏڪار" ڇوندا آهن.

ڪوتٽڙي ڏڪار ۾ ماڻهو حالان بدحال هجن، ڪاڌي پيتي جو منهن نہ مهاڙ، وات نہ گس هجي. مالُ سندس اڳيان پيو بک مان پاهہ ٿيو مري. ڏاڏي ينييءَ گاهہ پاڻيءَ لاءِ وڙولون ڪيون، ڪک پن لاءِ ماڻهو موڪليائين ڪتان بہ ڪو ڏس پتو ڏاڏي ينييءَ ڪي ملي تہ، "فلاڻي هنڌ يا

جوءِ ۾ مال لاءِ ڪو ذرو گاهه پاڻي آهي." تہ ڏاڏي پنيي هڪدم سَٽَ ڏئي اٿندي، لٺ هٿ ۾ جهلي، پٽ، ننهن ۽ پوٽن سان گڏجي، ڏراڙن سان مال ڪاهائي نڪري، پويان هڪل ڪندي تہ سڄو ڳوٺ ساڻس گڏ پنهنجو ٻارٻچو ۽ مال ڪاهي گڏ هلندو. هوءَ سيني سان گڏ اچي انهيءَ جوءِ ۾ وانڍي ٺي رهندي. ٻيو تہ هرڪو ٺڪو ڪٿو انن تان ٿيڙ ٺاڙي لاهي اچي وٽن هينيان وسامندو (ساهي پٽيندو). ڏاڏي پنيي ڪات ڪٽي ٻين ڪي ٻہ سڏي، شانڪاري جبلن جي ڪورن، ڪنارن مان ڦڙها وڍي آڻي، پُسائي، ڪُٽي، ڇلي انهيءَ مان پڙڇ (وڏو تڏو) اڻڻ ويهي رهندي. پاڻ سان گڏ ننهن ۽ پوٽين ڪي ٻہ ساڻ ڪري پڙڇ اٽي تيار ڪندي. گُسَ ڪٽي ڪڏون ڪوٽي ڪانيون وڍارائي ٻيهاري مٿان پڙڇ وَڇائي، سُوئُو (لوهہ جو سئيءَ جهڙو اوزار) ڪٽي پڙڇ ڪي ڪانين سان سبي ڇڏيندي، جڻ تہ تنيو لڳي ويو هجي. پاسن تان ڏريون ۽ پَٽَريُون ڏئي بند ڪندي. صبح ٿيندو تہ ٻيو هرڪو زل تني (ڪاڙهو، اُسَ) ۾ آسمان هينان هوندو ۽ ڏاڏي پنيي پنهنجي وَڳَرَ (خاندان) سُوڌو (سميت) ڇانوَ ۾ ويٺي هوندي. پوءِ تہ صبح ساڻ سيني ڪي ڏڙي، ڳالهائي پنهنجي اڏيل وشال پونگي ۾ آڻي ويهاري، متيون ڏئي سمجهائي، ساڻن گڏجي وڃي ڦڙها وڍائي، پڙڇ اُٽائي، پونگا اڏائيندي هئي. ائين هرڪو پونگن ۾ سکي هوندو، ۽ ٻرَ ۾ بستي ٺي ويندي هئي. سڄي عمر ۾ ڏاڏي پنييءَ ڪي ڪنهن بہ اُسَ ۾ يا وڻ جي هينان ستل/ وينل نہ ڏٺو. پلي ملڪ ۾ ڏڪار هجي. پلي ڏاڏي پنيي مال جي سانگي وَانڍِي هجي. پر هوندي پاڻ پنهنجي هٿن سان ناهيل/ اڏيل گهرجي ڇانو ۾. وڻ هينان زائفان جي سمهڻ ڪي عيب سمجهندي هئي. چوندي هئي، "اها بيشدائي (فحاشي) آهي. زال ذات جو ننڊ ۾ سُتي گندي، پُڇُ (ڪپڙو) لهي يا هٽي ٿو وڃي. ۽ مرد ۽ مائيءَ ۾ فرق آهي."

ساڳين ڦڙهن مان چتر، تڏا، ڏريون، پَٽَرِيون، چتريون، پنديون/ پندا، چنڊٽا/ بوهارا پڻ ناهيندي هئي، ۽ ٻين بہ سيني ماين ڪي پار ڏئي سيڪاري ڏرُ (ماهر) ڪري ڇڏيائين ڪين متيون ڏيندي هئي تہ اهي سڀ ناهيو تہ مرد ڪٽي وڃي شهر ۾ وڪٽي اچن. پاڻ تہ اهڙا چِتَر ۽ پَنِيُون (تڏا) اُٽندي هئي جو دنگ هئا. اڻڻ ۾ اهڙا نقشا ۽ ڊزائين بنائيندي هئي جو هرڪو حيران ٿي ويندو هو. پوءِ رڍن جي لُٽيل اُنَ ڪي ٻير جي لاک مان رڱي، وَٽي سڳو بنائي اهو اُوني رنگين سڳو اُٽيل چتر جي نقشن ۾ سُوئي سان وجهندي تہ چِتر غاليچو بنجي پوندو. ڏاڏي پنيي نہ رڳو ڦڙهن مان اهي سِٽائون بنائيندي هئي. پر هوءَ هڪ ماهر قالين ساز پڻ هُئي. جڏهن لَوبُ (اُنَ ۽ ڏاس جي ڪتر جي مند) ٿيندو هو تہ هوءَ مردن سان گڏ اُنَ (رڍن جي) ۽ ڏاسَ (ٻڪرين جي) جا پُنَا (پُنَو، معنيٰ- هڪ رڍ جي اُنَ يا هڪ ٻڪريءَ جي ڏاس) ڪٽي ڏار ڪري رکندي هئي. جبلن مان ٻير ۽ ٻٻر جا ڪچا چوڏالاهي پاڻيءَ ۾ وجهي ڪاڙهي تنهن ۾ اُنَ وجهي رڱيندي

هئي. ٻير ۽ ٻير جي وڻ مان لاک ٻه ڪڍن جنهن کي "مجٺ" چون. ٻير جي لاک گهٽي ڪانهه ليي، ٻير جي لاک ٻه ساڳي ئي نموني ڪاڙهي اُنَ رڱي رکندي. پوءِ 'جَلَڪَ مَڪَڙِي' (سڀڱي بنائڻ لاءِ ڪانيءَ مان ناهيل اوزار) ڪٽي سڳو جوڙي ڊيرا ۽ آٽيرٽا پري رکندي، جنهن مان ننڍا غاليچا جنهن کي'اَوجَا' چون، فراسيون، ڪٽيون/ ڪتا، خرزينيون، مَرَئا (ڳوٽين جهڙا وڏا ٽيلها جنهن ۾ گهر جو سامان رکجي) ۽ گهر جي سينگار لاءِ ڦل، جُهوڙا، جهالرون، انن لاءِ سينگار وغيره ناهيندي هئي. مرد جڏهن ڪانيون، گاهه ۽ ڦڙها ٻَندَ ٻڌي شهرن ڏانهن سات ڪٽي ويندا ته، ڏاڏي پنيي جا جوڙيل اوجا، مَرئا، فراسيون وغيره پڻ شهر ڏانهن وڪڻ ڪٽي ويندا هئا، جتي ڏاڏي پنيي جي هٿ جو هنر وڏو مانُ ۽ وڏي قيمت ماٽيندو هو، جتان پوءِ ضرورت جو سڀ سامان وٺي ايندا هئا. ائين سُجَ ۾ ٻه ڏاڏي پنيي پنهنجي هٿن جي سَجائي (مهارت) جي ڪري سڪي گذاريندي هئي، ۽ ٻين تي ٿورا ڪندي هئي. اڄ ٻه سندس نالو هرڪو احترام سان وٺندو آهي.

سُڪار ۾ جڏهن ڳوٺ موٽندي هئي ته جنهن ٻه جوءِ ۾ هوءَ واندي ٿي رهيل هوندي، اتان جي ڪو گذرندو ته اهي اچا، چنديل ۽ راڳيل پد ڏسي هرڪو مشڪي پيار مان چوندو، "هي امڙ پنييءَ جا پَدَ آهن." هوءَ جتي ٻه رهندي متيءَ سان پَٽَ راڳي رهندي هئي، ٻين کي ٻه پار ڏئي چوندي هئي، "ڪُتو ٻه جتي ويهي ٿو اهو هنڌ پُڇَ سان صاف ڪري پوءِ ويهندو آهي اوهين ته ماڻهو آهيو."

هڪ ڀيري مال ۾ 'نَڪَاڻُ' پيو (مال جي بيماري جنهن ۾ رڍ يا ٻڪري هڪ ٻه رڙ مس ڪري مري ويندي آهي) ڏاڏي پنييءَ وٽ مال جون پرِجُون (تمام گهڻيون) هيون، اها نياڳي بيماري سندس مال ۾ ٻه پئي، جيڪا واڙن جا واڙا، وٿاڻن جا وٿاڻ ختم ڪريو ڇڏي. هڪ ڏينهن ڏاڏي پنييءَ جي هڪ وڏي ٻڪري، 'نڪاڻ' ۾ جهلجي پئي، ٻڪريءَ رڙ ڪئي، ان وقت گهر ۾ ڪوبه مرد نه هو. ڏاڏي پنييءَ کي جبل ۾ رهندي ٻه مذهب جي ڄاڻ هئي ته جي مال 'گانورو' (مردار) ٿئي ته عورت ڪنهن بلنديءَ تي بيهي زور سان ٿي سڏ ڪري ڪنهن مرد کي حلال ڪرڻ لاءِ سڏي پوءِ جي ڪاورندي نه ملي ته پلي عورت مال کي سيرَ (ذبح ڪري) وجهي اهو حلال ٿي ويندو. سو جيئن ئي ٻڪريءَ رڙ ڪئي، ڏاڏي پنييءَ نڪا هم ڪئي نڪاتم ڊوڙ ڪري ٽڪريءَ تي چڙهي وئي، ۽ زور سان سڏي چوڻ لڳي، 'اباڪو آهي، اَئي (ٻڪري) ٿي گانوري (مردار) ٿيئي اچي سير وجهو". ٿي ڀيرا ائين سڏي وري ڊوڙي گهر ڏانهن آئي ته ٻڪري زمين تي ڦٿڙي رهي هئي، ايندي ساڻ تکي ڇري ڪٽي لت ڏئي ٻڪري کهي (ذبح) وڏائين. سيئي مايون اچي گڏ ٿيون. چون، "مائيءَ جي ڪنل اَئي (ٻڪري) مردار آهي. اسين

ڪونہ ڪائون". ڏاڏي ينيءَ نڪو ڪڇيو نڪو پڇيو، هيڪلي ٻڪريءَ جي ڪل لاهي، گوشت وڍي اڌ ٽانڊن تي پچايائين". حالانڪ جبل ۾ سَڄي مرد بنائيندا آهن. پر جئين تہ ڏاڏي ينيي هر فن مولاهئي، سگھاري، سچيت، سڌير ۽ سَنگھار هئي، ان لاءِ ڪوبہ ڪم ڏکيو نہ هو. سو اڌ ٻڪري پچائي اڌ مان وڏو ٽامڙو پري ٻوڙ لاءِ چاڙهي ڇڏيائين. تازي گوشت ۾ سڄا سُڪا ڳاڙها مرچ، سڄا ڏاٽا، بصر لوڻ وجهي ڇڏيائين. گوشت پنهنجي ئي پاڻيءَ ۾ رڌ جي مِرجُهہ (صفا نرم) تي ويو تہ، سڄي گھہ جون ڏويون پري مٿان وجهي پڳي پڳي گوشت کي ڳاڙهو ڪري ٽامڙو هيٺ لاٿائين، ۽ سيني ماين کي ڇيائين، سَند (ٽانو) ڪٽي اچو تہ ٻوڙ ڏيانوَ گوشت پڳل ڏسي ماين جي وات ۾ پاڻي تہ پرجي ويو هو پر دل جي مٿان چون، 'نہ نہ، اسين گانورو گوشت ڪونہ ڪائون!' ڏاڏي ينييءَ سَٺَ ڏئي ٽامڙو اوڏو ڪري پوڳيل گوشت پنهنجي ٽانون ۾ وجهي پنهنجي ننهن، پوٽن ۽ پوٽين کي سڏي پاڻ سان گڏ کارائيندي ماين کي چيو، "نٽيون ڪائو نہ هنيون آڱوني جي مٽي تان. نياڳيون آهيو پاڳ ۾ ئي هي پڳيل حُلوانُ (نرم گوشت) ڪونہ اٿوَ مَرُ (پلي) وجي مُنڪا (پٽرا) چٻيو". ڏاڏي ينيي جي اڳيان مايون تہ ڇا مرد بہ جواب ڏئي نہ سگھندا هئا. هوءَ ٻاجهاري هئي، ڪَندَل (ڪرڻ واري) وَجاهتي هئي. پر سَگھي (مضبوط) ۽ چيڙاڪ بہ هئي ڳالهہ نہ وڻنديس تہ پرَ ۾ رڪيل لٺ وهائي ڪيندي هئي. ماين مات ڪري سپ ٻڌو.

وراندڪيءَ (شام) جو سپ مرد مال چاري ورائي گھر آيا.زالن ڊوڙي وجي ڪين سربستي ڳالهہ ٻڌائي. ڳالهہ ٻڌي سپ ئي ڏاڏيءَ وٽ آيا ۽ پڇيائون. ڏاڏيءَ جيڪا ڳالهہ هئي اها ٻڌائي چيو، "ڪائو ٽا تہ پڪل گوشت بہ آهي، پڳل ٻوڙ بہ، ڪائو ٽا تہ ڪائو نہ تہ آئون ڪٽينديسانوَ ڪونہ!" سيني ڳالهہ ٻڌي. هڪڙا چون حلال آهي؛ ٻيا چون، مردار آهي. ڳوٺ واري ملي ڪان پڇيائون. ڏڪار ۾ گوشت جو ٻڌي ملون سَرهو ٿيو چوي، "آئون پاڻ هلي ٿو امان (ڏاڏي ينيي) ڪان ماجرا پڇان." ملون آيو. ڏاڏيءَ سڄي ڳالهہ جيئن جو تيئن ٻڌائي تہ، هن ٽڪريءَ تان زور سان سڏ بہ ڪيا... سڄي ڳالهہ ٻڌي، جنهن جي ساک سيني ماين پڻ ڏني تہ ملي چيو، "امڙ ينيي اڳ ئي سچي آهي. سندس ڳالهہ ويساهہ جهڙي آهي جنهن جي شاهدي سيني ماين بہ ڏني آهي. ۽ اهو سڄو عمل عين مذهب جي مطابق آهي، آئون فتوا ڏيان ٿو تہ امڙ ينييءَ جي هٿان ذبح ٿيل ٻڪريءَ جو گوشت حلال آهي! "پوءِ سيني مردن، ملي، زالن سميت اهو گوشت کاڌو. يعني اهو ڪريڊٽ پڻ ڏاڏي ينييءَ کي مليو تہ، عورت جو ذبح ڪيل مال مردن بلڪ ملي بہ کاڌو. ائين ڏاڏيءَ جون ڪيترين ڳالهيون اڄ بہ جبل ۾ مقبول آهي.

جبل ۾ ڏڪار لازم آهن. ڏڪار معنيٰ ڏڪ، بڪ ۽ ڏڪيائون/ اوکايون، ان هوندي به ڪي ڪِل جا پهلو به نڪريو پون. هڪ ڀيري سخت ڏڪار هو هڪ مائيءَ ميڙي سيڙي ڪي ٻاجهر ڪٽا پيهي ٻاهر پٿر تي مارينگن ( ٽي پٿر جن تي ٿامڙويا سرَ رکجي) تي سِرَ (پٿر جو تئو) رکي تپائي ماني وڌائين. اجا مس پڪي اڌ پڪي ٿي ته پري کان ڪنهن اوپري کي ايندي ڏٺائين. جهنگ، جبل ۾ پلي ڪو اوچتو اوپرو مسافر يا واٽهڙو پونگو ڏسي اچي ته معنيٰ اهو مزمان (مهمان) ٿيو. ڇو جو جبل ۾ ڪي هوٽلون ۽ مسافر خانه ته ڪونهن جتي وڃي رهجي. جبل ۾ ڪنهن به مسافر کي ڪاپونگي نظر آئي ته اتي لڙي ايندوم ٻيو نه ته به لسي پاڻي پي ساهي پٽي اڳتي پنڌ پوندو.
جيل جا ڪلاپٽ، پري کان هرڪو پڌرو. ڏڪار ته هو پر مائي به ڪاشُوم (ڪنجوس) هئي يا ته ويچاري مجبور هئي. پري کان جو ڪنهن اوپري کي ڏٺائين ته تڪڙ ڪري اڌ ڪچي ماني سِرَ تان لاهي ڪپڙي ۾ ويڙهي پنهنجي هينان رکي ڇڏيائين. پري کان اهو سڄو لقاءُ مسافر ڏسي ورتو هو. مائي ته ساڌ ٿي ويهي رهي، مسافر اچي سلام ڪيو. مائيءَ رکو (سرد مهري) جواب ڏنو ته، "ادا، گهر ۾ ڪابي پَهَرَ (ماڻهو) ڪانهي". پُرهه (مرد) سات سان ويا آهن، ڏڪار ۾ ٻار به بک مان ٻاتون ٽا ڏين." وري ٻارن کي هڪل ڪيائين، "پائو کي پاڻي ڏيو ته پي وڃي".
پاڻي پي مسافر وينو رهيو. مائي جيڪا ڪوسي مانيءَ تي ويني هئي اها ڪامي پڇي رهي هئي ۽ آسيري پاسيري ٽيڻ لڳي. مسافر کي ته سب خبر هئي ته مائي سان ڪهڙي ماجرا آهي (هن پري کان ڏسي ورتو هو) پڇائين، "ادي، ڪا تڪليف اٿئي ڇا؟" مائيءَ انهري ٿي تڪليف مان چيو، "ادا، هڪڙو ڏڪ نڪتو اٿم ان ۾ گهڻو سور آهي." مسافر به ڪو حرامي هو سو ڪيس تڪليف ڏيڻ لاءِ هرو ڀرو وٺس ويهي ڳالهيون ڪرڻ لڳو ۽ پوءِ موڪلائي اٿيو، "ادي، تنهنجي منهن جا رنگ پيا ڦرن ضرور گهڻو سور هوندو" ۽ مشڪندو هليو ويو. مسافر جي وڃڻ کان پوءِ مائي مانيءَ تان اٿي ته جسم جون کلون ئي لهي ويون هيون ۽ ٻاجهر جي ٽلهي سِرَ جي پڪل ماني پنهنجو ڪم ڏيکاري وئي هئي. مائي ويچاريءَ سان ته حشر ٿي ويو. پوءِ ته سچ به اهو وڏو ڦٽ ٿي پيو جيڪو مَس پنيون، پها ڪري اَرو (نيڪ) ٿيو.
ڪجهه سالن کان پوءِ ساڳيو مسافر ساڳي ئي مائيءَ وٽ لنگهي آيو. (شايد اها ئي وات هيس) تڏهن سڪار جا ڏينهن هئا، وَسَ پئي هئي. جبل ۾ سڪار هجي ته سيئي ڏڪ ۽ ڏنجهه لحظي ۾ لهيو وڃن. دنيا جا سک ڇا، دنيا ئي وسريو وڃي. مال مڙهو ڊائو پنو نينگ ٽپا پيو ڏيندو. ٻار ٻچو نَاچ ڪَاري ۾ پورو هوندو، مائي ۽ مرد جي ڪِل ڇَپن تي اٽڪي بيني هوندي. وڏو پوڳ مشڪرو نهيو. پر عام اهڙي ڳالهه جيڪا جي ڏڪار مهل ڪجي ته دڙڪو ڏئي ماٺ

ڪرائجي؛ اهڙي ڳالهه تي به هرڪو ٿهڪ ڏئي نري ويندو. ساڏي سوڏي ڳالهه به هرڪو هڪ ٻئي کي سڏ ڪري ٻڌائي پيو ڪلندو ۽ ڪلائيندو. اهڙي مهل ته ڪاڄ جي ڪا ڪوٺ ئي ڪانهي. مُورُ مڙيئي ڊوڙ ڪري ماڻهو جبل تي چڙهي ته ڏٺ مان جهول پري موٽي. خاص ته ڇا ڪنهن عام مهمان يا واٽهڙو مسافر اڳيان به ست ڪاڄ رکيا. سو، مائيءَ به رڌي پچائي مهمان اڳيان رکيو، مهمان ته اهو ئي حرڪتي مسافر هو تنهن پڇيو، "ادي، اڳ ڏڪار مهل آيو هئس تڏهن توکي ڪو ڦٽ هو، اهو هاڻي ڪيئن آهي؟ مائي به موسم جي مهربانين سان ڪل ڦل هئي تنهن سَرهائيءَ مان چيو، "ادا، ڦٽ ته نيڪ آهي پر سَرَٽ (نشان) رهجي ويو آهي. مهمان مرڪي چيو، "ادي، ڏڪار مان سڪار ٿيندا. پر ڦٽ جا سرٽ نه لهندا." اها ڳالهه اڄ به ڪوهستان ۾ هڪ پهاڪي جي صورت ۾ مشهور آهي.

جبل ۾ ائين ئي بنا مند ڏسڻ جي اوير سوير مهمان مڙهو، آڏي مانجهيءَ اچي سَهڙندو آهي. هوند (ڏن) وارا ته منهن ڏئي ويندا آهن پر اٺهوند وارن لاءِ ميارون مٿي تي اچي ويندي ون آهن. ڪوهستان ۾ سڄاڻ سگهڙيون اهڙي ڏکئي وقت ۾ به پاڻ تي ميار ۽ هَرو اڪر (گلا) نه سهن ۽ دانائي سان مهمان سان گڏ گهر ياتين کي به ڪارائي ڇڏين.

ڪنهن سمي، ڏڪار ۾ هڪ سگهڙ مائي جي گهر هڪ وڏيرو مهمان ٿي آيو. وڏيرو به سڃاتل ۽ مانائتو، گهر ۾ هجي به ڪجهه نه، چانور، ڪڻڪ، جوار ۽ ٻاجهر جا ڪي ايراسيرا داڻا ڪڻا هئا. گهه ته ڪٽي ستائيون زالون گهر ۾ ڪِينَ ڇُڪائين، زِڪَ، جي ڪُنڊ ۾ اوکي وقت لاءِ بچائي رکن. پر اتو ۽ اَنُ ته ڪپي جيڪو ڏڪار جي سٽ جهلي نه سگهيو. مڙس چيس، "گهر ۾ جيڪي به داڻا ڪڻا آهن اهي پيهي پچاء ته آئون ٻڪر کهي پچايان." زال هئي عقلمند ۽ سيبتي چيائين، "ٻڌ، هن ڪاري ڏڪار ۾ جتي هٿ نه ڏسي هٿ کي، آئون نکو ٻچا ٻڪ ماريان نکو توکي ٻکيو رکان. سيئي ڪڻا پيهي پچايان ته به مس کي تي چار مانيون ٿين. وڏيرو به ماڻهو آهي. ڏسي سمجهي ٿو ته ڏڪار آهي. مڙس چيو، پوءِ؟ زال چيس، "پوءِ ائين جو تون وڃي وڏيري سان ڪچهري ڪر. آئون ڪاڏو رڌي پچائي توکي سڏيان ٿي." مڙس اڳ ئي پنهنجي زال جي سمجهه ۽ عقل کان واقف هو. اهو مطمئن ٿي آرام سان وڏيري کي لسي پاڻي ڏئي ڪچهري ڪرڻ لڳو. مائيءَ ڇا ڪيو جو مختلف اَنَ (چانورن) جا قسم گڏي جنڊ ۾ ڏري وڏو ڏاڙهي چاڙهي اُنَ ۾ سچي گهه جون ڏويون پري وجهي، ٿهڪائي ان ۾ ڏريل اتو وجهي پچڻ لڳي پچي پچي جڏهن اتي جو رنگ اچي مان ڦري ڳاڙهو ٿيو ته ان ۾ پاڻي جو پتيلو پري وڏائين ۽ ڪجهه ڳڙ جا ڳنڊا وجهي ڏوئيءَ کي مسلسل هلائي رڌڻ لڳي، رَجهي رَجهي (رڌجي) جڏهن ڏريو پَٽُ (گهاٽو -ٿِڪ) ٿي ويو ته مائيءَ ان ڪوسي ڪوسي "ڏرئي"

مان ڏويون ڀري ڪٽورن ۾ وجهڻ لڳي. ڪٽورا ڀري رکندي آئي. وري ڇا ڪيائين جو ٿال ۾ پاڻي ڀري ان ۾ ڏرئي مان ڀريل ڪوسا ڪٽورا رکي ٺارڻ لڳي. جڏهن ڏريو اڌ ڪوسو اڌ ٿڌو يعني سَو سَو ٿيو ته بلڪل جيلي ۽ ڪسٽرڊ جو ڏيک ڏيڻ لڳو. مائيءَ به وڏا ڪٽورا ڀريل ڏرئي جا هڪ وڏي ٿري نما ٿالهي تي رکي مڙس کي سڏيو. مڙس آيو، زال ٿري هٿ ۾ ڏنس! مڙس حيران ٿي چيو، "ڇاهي؟" زال چيس، "ڪاڏو آهي" مڙس ٿورو تکو ٿي چيو، "نوا ۾ عقل ۾ آهين ڪي نه؟ هي ڏريو وجي وڏيري کي ڪارايان؟" زال کيس ٺامڙو ڏيکاري چيو، ڪاوڙ ج نه، ڏس ڪيترو ڪاڏو ٿي پيو آهي. اسين به ڪائون، ٻار به ڪائين، ته مهمان به ڪائي ڊِئو ڪري يا رڳو مهمان کي ڪارايان؟" مڙس به سَمجُهو هو سو زال جي هٿن مان ٿالهي وٺي وجي وڏيري جي اڳيان رکيائين. وڏيرو به هڪ وار ڏريو ڏسي حيران ٿيو (ڏريو، غريباڻو ڪاڏو آهي). هڪ ڏڪار ٻيو جبل ۽ ٿيون بک.... هٿ ڌوئي ڪائڻ شروع ٿي ويو. جبل ۾ چمچا ڪٽي! ڏريو ٿيئي پٽُو/ پٽڙو. جيئن جيئن وڏيرو ڪائيندو وَيو تيئن تيئن سندس آگرين جي وِٿين مان ڏريو ڪرندو ويو، ائين وڏيري جي سڄي سُونهاري. (ڏاڑهي) ۽ شهپر (مُڇون) سڀ ڏرئي مان ڀرجي ويا. ڏريو هو سوادي ۽ لذت ڀريو، سوڪائي ڊِئو ڪري وڏيرو اٿيو ته گهر ڌڻي سندس ڏاڑهي ۽ مڇون ڏرئي مان ڀريل ڏسي چپن ۾ مُرڪ لڪائي ڪونئرو ڪٽي چيو، "سائين، هٿ ڌئو!" وڏيرو به هو حال ڀائي سو ٺهڪ ڏئي چوڻ لڳو، "ادا، هٿن ٻتن ڌوئڻ جو ڪم ڪونهي سڄو ٻوٿ ڌوئڻو آهي پاڻي گهڻو ڪپندو". وڏيري جي ٺهڪ سان گڏ گهر ڌڻيءَ جو ٺهڪ به اڀريو. مائيءَ جنهن اهو لقاءُ ڏٺو ڀي اها مرڪي مرڪي ڏرئي جا ڀريل ڪٽورا ٻارن جي اڳيان رکڻ لڳي. وڏيري مائيءَ ۾ نهاري ڪلي چيو، "امان، واهه جو ڪاڏو کارايو اٿئي سڄي ڄمار نه وسرندو. ڀوڳ ڪونه ٿو ڪريان تمام گهڻو سوادي ڪاڏو آهي."

وڏيرو مزيدار ۽ سوادي ڪاڏو ڪائي هٿ منهن ڌوئي لت ڪوڙي سمهي پيو. مائي ٻارن کي ڊِئو ڪرائي پوءِ پاڻ به مڙس سان گڏجي مشڪي مشڪي ڪائڻ لڳي. مڙس پيار ۽ تعريفي نظرن سان پنهنجي سگهڙ ۽ لائق زال ڏانهن نهاري مشڪي ساڻس گڏ هڪ ئي ڪٽوري ۾ ڪائڻ لڳو. جنهن ڏڪار ۽ اڻ هوند ۾ ٿوري مان به مهمان ۽ گهر ڀاتين کي ڊِؤ تي ڪاڏو ڪارايو.

ڪوهستان ڏکيو ملڪ ته آهيئي جتي سک واري ڪابه ريت ڪانهي. ٻيا سک ته وجي سک ۾ پون پر ايترو به ڪونهي ته ڏڪار مهل ماڻهو به وقت آرام سان ماني ڪائي سگهي يا ڪنهن اويري سويري آيل مهمان کي ڪجهه ڪارائي سگهي. اڳ ته اڳ پر اڄ به ڪوهستان انهن سهولتين کان وانجهيل آهي. محروم آهي. جيڪي ڌارين کي ميسر آهن جن جا اهي پر ڏيهي حقدار به ناهن. تنهن هوندي به ڪوهستان جون ڏڪارن جون عادي سگهڙ مايون

آئيءَ ويل لاءِ اڳوات اٽو پيهي رکنديون آهن. پر ڪڏهن ائين به ٿيندو آهي جو پيٺل اٽو ڪٽي ويندو آهي ۽ اوچتي آيل مهمان جي اڳيان جنڊ جوٽڻو پوندو آهي، جيڪو ڪوهستان جي سگهڙ ماين جي اڳيان هڪ عيب آهي. چو ته هو جنڊ جي "رُون، رُون" کي مهمان جي ڪنن تائين پهچڻ پنهنجي گهٽتائي سمجهن ٿيون. پر مجبوري ته نه ڪنهن جي پيٽ نه ماءُ. ائين ئي ڪنهن گهر ۾ آڌيءَ رات جو مهمان آيو. ظاهر آهي ماني ته ڏبي. الائي ڪڏهن گهران نڪتو هوندو. اولاڪن (اٽن) هٽي اڏ مئو ڪيو هوندس. سو اچڻ سان گهر ڌڻيءَ ڪيس گهر ڪان ٻاهران پير ۾ ئي تڏو، هنڌ ۽ پاڻي آڻي ڏنو. جبل ۾ ڪاڏي پاڻيءَ لاءِ پڇڻو ڪونهي آڻي ڏيڻو آهي. گهر ۾ پيٺل اٽو نه هو، گهر ڌڻياڻيءَ جنڊ جوٽيو جيڪو ڪيس وڻيو نه ٿي پر مجبوري هئي. جنڊ ۾ ان جو ڳارو (هٿ ۾ لپ جيترو اَنُ/ ڪڻڪ وغيره) وجهي جيئن ئي جنڊ جي هٿئي کي جهلي ڦيرو ڏنائين ته، هٿيو (ڪاٺ جوڳن) ڪُڙي (نڪري) آيو ۽ جنڊ جو پُڙ ڪڙڪو ڪري ڪِري پيو. مائيءَ چڙ مان چيو، "مٿو ڪاڏو.... ڏاڙهي جو!" مائيءَ چيو ته آهستي هو. پر هڪ رات جي خاموشي ۾ پيو مهمان گهر جي پير ۾ هو، تنهن ٻڌي چيو، "ادي، جنڊ جو ڳالهاءُ ڳرو آهي." مائي به حاضر جواب هئي ڪلي چيائين، "ادا، اويرا مهمان جنڊ جو ڳرو ڳالهاءُ سهندا."

اڄ به جبل جون سگهڙ سنگهاريون ڪٽي مان به ڪري گهر هلائين ٿيون. مائي لالي، جيڪا پرت پري گهر هلائيندي هئي. سندس مڙس ويچارو غريب لوهه ڪُٽيندو هو (لوهار هو) ڪيس هڪ ئي ڌيءَ هئي جيڪا جهڙس ئي هئي. مائي لالي پهرين جبل ۾ رهندي هئي. جبل ۾ هرڪا مائي ڪُنَ (پرت) پرڻ جي استاد آهي. اتي ڪيس پورهيو ملي نه سگهيو ته لڏي ڪراچيءَ ۾ آئي. ڪراچيءَ ۾ اچي اهڙا اهڙا پرت پريائين جو ڏسي ڏندين آڱريون اچي وينديون هيون. لڳندو ئي نه هو ته هي هٿ جو پرت آهي. ائين لڳندو هو جڻ ڪپڙي جو. پنهنجو ئي ڦور (چٽ) ۽ پرنٽ آهي. ڪپڙا، گنديون، چنيون، چادرون، وهاڻا، پرس، ساڙهيون، گاديون، ڪشن وغيره، ساڙهين جا ته اهڙا ڊزائين ايجاد ڪيائين جو ڪراچيءَ جون مايون چتيون ٿي پيون. مائي لاليءَ جو تعلق حالانڪ اهڙي برادريءَ سان هو جتي گهري ڪاڻڻ عيب نه پر "پَرِ" (ريت) سمجهي ويندي آهي، ان جي باوجود مائي لاليءَ سڄي زندگي ڪنهن جي اڳيان هٿ نه ٽنگيو. سڄي زندگي پنهنجي پورهئي جوڪٽيو (ڪمائي) ڪاڏو. مون به ڪائونس سوٽ ۽ پوتيون پرايون جيڪي حيران ڪندڙ آهن.

مشهور ٽي.وي پروڊيوسر ۽ "هم" چينل جي ڏجاڻي محترم سلطانہ صديقي، سندس ڀيڻ شاهجهان جعفر ۽ ڀاڻيجي مشهور بيوٽيشن نبيلا جعفر ۽ ڀين بہ گهڻين مشهور ماين ڪانئس ڀرت ڀرايا هئا. مطلب تہ هوءَ غير معمولي ۽ حيران ڪندڙ ڀرت ڀريندي هئي.
مائي لالي پورهئي خاطر ڪراچي شهر ۾ آئي هئي. پر سندس تانگ سندس ڇڪ اها ئي جبل ڏانهن هئي. سدائين انهري، سدائين ناخوش ۽ اداس. اسان ڪيس سنهري (مسرور) ۽ ڪلندي گهٽ ڏٺو. هونئن بہ ويچاريءَ کي سک ۽ خوشيون گهٽ مليون هيون (سندس زندگي هڪ المناڪ داستان آهي جيڪو ڌار ڪتاب گهري ٿو).
مائي لالي پاڻ تہ مستقل پنهنجي ننڍڙي ڪٽنب (مڙس ۽ هڪ ڌيءَ) سان گڏ ڪراچي هلي آئي هئي. پر سندس ڀائر ۽ ويجها مائٽ جبل ۾ ئي رهيل هئا، جيڪي ساڻس ملڻ وٽس ڪراچي ايندا هئا. پر پاڻ پنهنجي مصروفيتن جي ڪري جبل ڏانهن نہ ويندي هئي. سدائين ائين ئي پئي چوندي هئي، شل منهنجا ڏينهن جبل ۾ وڃي چڪن (ختم ٿين)، ۽ منهنجا ڀائر ڪلها ڏئي مون کي جبل ۾ ڍڪين (دفن ڪن). پر جي آئون هتي ڪراچيءَ ۾ مئيس تہ بہ اها ئي پارت اوهان کي ٿي ڪريان تہ منهنجو مڙهہ ڪراچيءَ ۾  نہ رولجو. الله اوهان کي درجا ڏيندو. منهنجو مڙهہ وڃي جبل پڄائجو." اسين ڪلي چونداسين، "چو، ڪراچيءَ ۾ قبرستان ڪونهن؟" چوندي، "اوهان جي مقامن ۾ قبرن مان  هڏا ڪڍي اڇلائي ٻيا ٿا ڍڪين. منهنجا هَڏَ جبل ۾ نجو." ٿيو بہ ائين ئي، جو پنهنجي ڀاءُ جي سخت بيماريءَ جو ٻڌي هڪدم تيار ٿي جبل وئي، اتي ئي اوچتو گذاري وئي، ۽ سيني سندس ڀائرن (بيمار ڀاءُ سميت) ۽ مائٽن ڪلها ڏئي جبل جي سُرهين ولين جا واس ڏئي ڪيس مهربان جبل جي مشفق هنج ۾ دفن ڪري سندس روح کي مسرور ۽ سکي ڪيو.

واجهائي وطن کي، ساري ساهہ ڏيان
هي سِرُ ساڻيهہ سامهون، منهنجو نج ميان
مقامياڻي ماروئين، وڃي ٿر ٿيان
ميائي جيان، جي وڃي مڙهہ ملير ڏي. (شاهہ رح)

ڪوهستان ۽ ڪوهستان جي انهن ڪردارن بابت لکڻ ٿي چاهيان جن کان دنيا ۽ دنيا وارن سان گڏ پنهنجا ويجها بہ بيخبر ۽ اڻواقف آهن. ڪين خبرئي ناهي تہ جُبل جا اهي سگهارا ڪردار سندن ئي عزت ۽ طاقت آهن جن جي واڪاڻ ۽ ساڃ (تعريف) سندن ۽ سنڌين جو مانُ ۽ شان آهي.

جبل جي سڀني ڪردارن تائين پهچڻ منهنجي لاءِ مشڪل نہ پر ناممڪن آهي. تنهن هوندي بہ آئون انهيءَ ڪم جي شروعات ڪري رهي آهيان.
جيڪي ڪردار منهنجي پهچ ۾ آهن، انهن جو تعارف ڪرائڻ منهنجو حق ۽ فرض آهي. جيئن جيئن جبل جي عظيم ڪردارن تائين رسائي حاصل ٿيندي ويندي، تيئن تيئن اهي پنهنجي روشن نالن ۽ سُرهن ڪارنامن سان گڏ متعارف ٿيندا ويندا.
'مانجو ڪوهستان' ۽ سندس رهاڪو لائق آهن تہ اهي جڳ اڳيان نشان بر ٿين. جن جون ريتون رسمون، قدر، اخلاق ۽ سندن غريباڻي ۽ ڏکي رَهَڪَ (رهڻي ڪهڻي) جي ابتڙ نهايت شاهوڪار ۽ ڏنو ان آهن. جن جي ٻولي ۽ لهجي جي وسعت، معنويت، عظمت ۽ پراسراريت سواءِ پٽ جي گهوٽ حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائي رحمت الله عليہ جي اجا ڪو ٻيو ڄاڻي ۽ پرکي نہ سگهيو آهي.
ٻيا بہ گهڻائي گنجي ۾ گُڻَ (جبل ۾ هنر) آهن جن جي آشڪار ٿيڻ سان نئين دنيا سان متعارف ٿيڻ برابر راز کلندا. شرط هي آهي تہ ماڻهو پنهنجي ذهنن ۽ دلين جا در بنا ڪنهن منافقت، ساڙ، ڪيني، ۽ ڪثافت جي سچائي ۽ خلوص سان کُليا رکن، ۽ 'مانجي ڪوهستان' کي ڄاڻڻ ۽ سڃاڻڻ جي ڪوشش ڪن.
مانجو ڪوهستان پنهنجي سڃاڻپ، شناخت چاهي ٿو. ٻئي ڪنهن کان بہ نہ رڳو پنهنجن کان.

پَيرُ پَروُڙَي پاءِ، گنجي ۾ گُڻَ گهڻا
ڪاهوڙي کَرا وِيا، نَڪا اَوڏي ماءِ
جنهين ڏٺي جاءِ، تنهن موٽڻ ميهڻو. (شاهہ رح)

اهو آهي مانجو روهہ (جبل) ۽ اهي آهن مانجارو هيلا (جابلو)

سُڪا مُنهن سَندن، پَيرين پُراڻا ڪيترا
سَاجُوءِ ڏوري آئيا، سُونهان جِتِ مُنجهن
ڳُجها ڳُجهيون ڪَن، تِهان پَراهين پَنڌ جُون.
(شاهہ رح)

## مددي ڪتاب

1- شاهہ جو رسالو (پاڪيٽ سائز) محمد عثمان ڏيپلائي.
2- ٻيلاين جا ٻول- ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ.

3- ماهوار نئين زندگي رسالو- مضمون صالح محمد يار محمد سمون.
4- سير ڪوهستان- الله بچايو يار محمد سمون.
5- سنڌ ۾ سنڌو ماٿري ۾ وسندڙ قومون- رچرڊ برٽن.
6- مددگار- پروفيسر رسول بخش سيٺ علي محمد بکڪ
7- مددگار- انجنيئر محمد بخش سيٺ علي محمد بکڪ
8- مددگار- مولابخش سيٺ علي محمد بکڪ

# مانجو ڪوهستان

## (خاڪا)

# هڪ ڏاهو، ڏات وند، سچو ۽ منصف ڪردار
# چُتو خان بِڪَڪُ (مُنگهاڻي)

ڪوهستان جي ڪردارن تي لکڻ مهل لطيف سائين لفظ لفظ تي سات ڏيندو آهي.
هاڻي به جڏهن محترم چتو خان بڪڪ تي لکڻ لاءِ قلم کنيم ته مون کان اڳ لطيف پاڪ فرمائڻ لڳو،
ماڻڪ مِٺُ سندم، اونداهيءَ ۾ سوجهرو.
رحم، انصاف ۽ سچ جو اهڙو علم بردار جنهن جي لفظ لفظ تي اکيون ٻوٽي اعتبار ۽ يقين ڪيو ويندو هو.
جنهن وٽ فيصلو آڻيندي هرهڪ ماڻهو مطمئن هوندو هو. اندر مان اهو پڪو پختو ويساهه اپرندو هو ته، 'مون سان نا انصافي نه ٿيندي'. سندس فيصلا اهڙائي سچا، ديانت ڀريا ۽ انوکا هوندا هئا.
اهو دور اهڙو هو جڏهن عورت جو درجو ٽيون، چوٿون يا اجا به گهٽ هو، تڏهن به آئون ڀانيان ٿي ته جبل جي عورت خوشنصيب آهي جو اهڙي دور ۾ به سندس اهميت هئي، ۽ عزت هئي. سندس ڳالهه جو وزن ۽ رتبو هوندو هو، ۽ جنهن جي راءِ وڏن وڏن فيصلن تي به اثرانداز ٿيندي هئي. آئون ته ايترو به چونديس ته، يورپ جي عورت جڏهن سماج جي هٿن ۾ رانديڪو هئي تڏهن جبل جي عورت راڄ ڏجاڻي (ڏياڻي) هئي.
نه رڳو وڏ گهراڻن جي عورتن لاءِ احترام هوندو هو. پر جبل ۾ عام پورهيت عورت جو به وڏو قدر هو چو ته عورت پنهنجي عزت جو وڏو خيال رکندي هئي/ آهي. ڪٿي به ڪنهن به ڳالهه ۾ هوءَ پاڻ کي نه ڪيرائيندي هئي/آهي.
بک ڏک هزار هجن پر زبان سان سلڻ معنيٰ سڄي وڳر (خاندان) کي ٽِڪو (بي عزتيءَ جو نشان) سمجهندي هئي. اهڙي صورت ۾ هوءَ پنهنجي ذات جو فيصلو گهٽو ڪري پاڻ ئي ڪرڻ چاهيندي هئي. وٽند اٽوٽند (پسند/ ناپسند) جي ڳالهه بنا هبڪ جي ڪري ويندي هئي.
ادلي بدلي ۾ سگ ڏيڻ جي ريت اڳ به هئي. هاڻي به آهي. پاءُ، سؤٽ ۽ چاچي جي بدلي ۾ ڏيءَ جو سگ ڏبو آهي. جي مائٽ سگ نهاري ڏين يعني برابريءَ وارو ڏين ته چڱو. انتو،

منڊو، ڇريو، ڪريو، ڪوجهو، سٺي سڱ جي بدلي ۾ نه ونجي ته سنو جڏهن ته ادلي بدلي مهل انهيءَ ڳالهه کي گهڻ اهميت ڏني ويندي آهي. بس، سڱ جي بدلي ۾ سڱ مليو....

ائين ئي جبل ۾ هڪ سوهڻي ڇوڪري بدلي ۾ هڪ ڪوجهي ۽ بي عقل ڇوڪري کي ڏني وئي. ڇوڪري وڏي ٿي، سمجهو ٿي ته، شادي ڪرڻ کان انڪار ڪيائين. آسي پاسي جي ماڻهن به ڇوڪريءَ جي انڪار جو ٻڌو. انهن ڇوڪريءَ جي مائٽن کي سمجهايو جن جواب ڏنو ته، "ڇوڪري مس سامائي آهي. شادي ٿيندي، پرڻجي جڏهن گهر جو مڏالو (زميداري) مٿي تي ايندس، بار ٿيندس ته خوش ٿي ويندي".

شاديءَ جون تياريون هيون، ڇوڪريءَ جو يڪو اهو ئي چوڻ، "آئون نڪاح مهل انڪار ڪنديس". نيٺ نڪاح جو وقت به آيو، شاهد پڇڻ آيا ته، "فلاڻو پٽ فلاڻي جو توکي قبول آهي؟" ڇوڪريءَ جواب ۾ انڪار ڪيو. ماءُ، پڦي ۽ ماسيءَ زوريءَ سندس مٿو، 'هاڪار'، ۾ لوڏيو ۽ 'ها' چيو. شاهدن وجي، 'قبول آهي' چيو. ائين نڪاح ٿي ويو.

اجا مس رات ٿيڻ واري هئي ته ڇوڪريءَ 'ٻاهر وڃڻ' جو عذر ڪيو. جبل ۾ کهڙا واش روم کهڙا ٿو ائليٽ ۽ باٿ روم! هوءَ ٻاهر نڪتي پيءُ جي بينل اٺن مان هڪ مهري اٺ تي ٽپ ڏئي چڙهي. اٺ کي ڊوڙائيندي ويڙهي کان ٻاهر نڪتي. هُلُ مچي ويو، "ابير، رحمي اٺ تي چڙهي هلي وئي". مرد ڊوڙي ٻاهر نڪري اٺن تي چڙهيا، ۽ تکڙائي پويان نڪتا.

ڇوڪري 'رحمي' اٺ کي مينهن واءُ ڪندي ڪراچيءَ ڏانهن راهي ٿي. ۽ اچي نڪاءُ ڪيائين (اچي هڪدم پهتي). چٽي خان بڪڪ جي گهر.

اجا هوءَ مس پهتي ته پويان مرد به اٺن کي ڊوڙائيندا اچي چٽي خان بڪڪ جي گهر سهڙيا. وڏا هُل هنگامه ٿي ويا.

چٽو خان بڪڪ نهايت مانيٽو، گهٽ ڳالهائو ۽ نهنو هو. هو کين اطمينان سان ٻڌندو رهيو. وري اندر گهر ۾ وجي ڇوڪريءَ کان پڇيائين. خبرون ورتائين جنهن کيس سهڪندي سڀ ڪجهه ٻڌايو ته، "منهنجو نڪاح زوريءَ ڪيو ويو آهي مون نڪاح مهل انڪار ڪيو هو."

چٽو خان بڪڪ گهر کان ٻاهر نڪتو، مردن کي ويهاري پاڻي ماني ڪارائي چيائين، "بابا، ناحق نه ڪريو، ڇوڪري به اوهان جي، ڇوڪرو به اوهان جو. پوءِ برابري ڇو نه ٿا ڪريو؟ اهڙا نمونا ڪريوئي ڇوٿا جنهن جو نتيجو اهڙو نڪري."

اهي سڀئي ماڻهو سندس عزت ۽ احترام ڪندڙ هئا. کيس چڱيءَ طرح سان سڃاڻندا هئا، کين اها به خبر هئي ته وٽس سام وننڌڙ کي ڪوبه سندس مرضيءَ خلاف نه ٿو وٺي وجي سگهي. اهي سڀ سندس ڳالهيون ڌيان ۽ توجهه سان ٻڌندا رهيا. سندس هٿ ۾ اهو فيصلو

ڏنائون جنهن فيصلو ڪندي چيو، "ڇوڪري منهنجي ٻه نياڻي آهي. هي گهر اوهان جو ٻه پنهنجو گهر آهي. ويهو تا ٽِڪو تہ ويهو. ڇوڪري اوهان کي نہ ڏيندس. بلڪہ آئون ڪيس پاڻ ئي هتي پرڻائي ڏيندس. ڇو تہ ڇوڪريءَ جو ڪوبہ نڪاح نہ ٿيو آهي."
سيني هڪ ٻئي ۾ نهاريو. پاڻ ۾ سس پس ڪيائون. ٻانهن سندس حوالي ڪري، ۽ سندس مرضيءَ تي ڇڏي پاڻ وري جبل ڏانهن روانا ٿي ويا.
ڇٽي خان بڪڪ کي پاڻ بہ پنج نياڻيون ۽ ٻہ پٽ هئا. ڪيس نياڻيون ڏاڍيون پياريون هيون، جن جا سڀ ئي لاڏ، ڪوڏ ۽ چاڳ هو پٽن کان ٻہ مٿي ڪڍندو هو.
ڇوڪري رحميءَ جي همٿ ۽ جرئت ڪيس ڏاڍي وڻي. ڪڏهن تہ مشڪي ڪيس چوندو هو تہ، "اٽ کي ايڏو تيز ۽ تکو ڊوڙائڻ ڪيئن آيئي؟" رحميءَ کلي ڪيس ٻڌايو تہ، "جبل ۾ اهو ئي تہ ڪم هوندو هو. گاهہ ۽ ڪاٺيون اٺن تي لڏيندا هئاسين. جي ڏڪار ۾ وانڍا ٿيندا هئاسين، تہ ٻہ لڏو اٺن تي ئي لڏيندا هئاسين. اٺن کي تيز ڊوڙائڻ ۾ آئون سيني کان زور هوندي هيس. تہ مشڪي چوندو هئس، "تڏهن تہ مردن کان ٻہ اڳ مون وٽ پهتي آهين، نہ تہ ڪٿي جبل ۽ ڪٿي ڪراچي؟ وڏا پنڌ، وڏا ڪشالا آهن. سنو ٿيو مون وٽ پهتي آهين نہ تہ الائي ڇا ٿئي ها. جس آهي توکي ان همٿ تي."
رحميءَ معصوميت مان چيو، "اتي ڪيئن رهان اهي تہ مون کي گناهہ جي زندگي گذارڻ لاءِ مجبور ڪري رهيا هئا." ڇٽي خان بڪڪ سندس مٿي تي چمي ڏئي، "هاڪار" ڪئي.
ڇوڪري رحميءَ جو سڄو خاندان هوندئن تہ مذهب کان واقف هو. پر الائي ڪهڙيءَ مائٽيءَ جي مصلحت انهن کان اهو سڀ ڪرايو. رحمي قرآن شريف پڙهيل هئي، ۽ نماز جي پڻ پائبند هئي. اهو سڀ ڪيس سندس مائٽن سيکاريو هو.
حالانڪ جبل ۾ مذهب بابت ڪا جذباتي يا گهڻي ڄاڻ ڪانهي. پر رحميءَ جو نانو جبل کان ٻاهر اڪثر واپار خاطر ويندو هو، جنهن دوران سندس واسطو تبليغي جماعت وارن سان ٿي ويو هو. جنهن پنهنجي نياڻي کي ۽ ڏوهٽين، پوٽين کي قرآن شريف پڙهايو ۽ مذهب جي باري ۾ معلومات ڏني. جنهن جي ڪري اهي گناهہ، ثواب ۽ پنهنجي حقن کان واقف هئا.
ڇٽي خان بڪڪ ڇوڪري رحميءَ جي شادي ڪراچيءَ ۾ رهيل سندس مائٽن مان هڪ سنو ڇوڪرو ڏسي، پوءِ رحميءَ جي مرضي پڇي ۽ هن جي 'هاڪار' کان پوءِ ڪرائي هئي.
اڄ ڪراچيءَ ۾ سندس اولاد جو ٻہ اولاد رهي ٿو، جيڪي سڀ تعليم يافتہ ۽ مذهب ڏانهن لاڙو رکندو آهن. سندس پٽ يوسي ناظم ٿيو، ۽ پوٽا / پوٽيون پڙهيل ۽ قرآن مجيد جا حافظ آهن. سندس هڪ ڏوهٽي گريجوئيشن ڪرڻ کان پوءِ مذهبي تعليم وڏن عالمن کان ورتي. هاڻي

درس، تدريس جي شعبي سان وابسته آهي. نعت خواني ۽ واعظ به ڪندي آهي. ڏاڍي سٺي، مهذب ۽ مانيٽي ڇوڪري آهي.
ڇٽو خان بڪڪ نهايت رحم دل ۽ ٻاجهارو هو. ڪنهن کي به ڏک ۽ ڏک ۾ ڏسي نه سگهندو هو. پاڻ جيئن ته سڪيلڌو هو. پر سندس پينرون (سمي، ڪمي، صاحب ڏني ۽ آسودي جيڪي هن ڪتابن جي ڪردارن ۾ شامل آهن.) هيون جيڪي پاڻ ته سڀ نهايت ذهين، قابل ۽ بهادر هيون. پر سندن اولاد به بيحد قابل ۽ نامور ساماڻو، جيڪي پڻ هن ئي ڪتاب ۾ ڏار ڏار ڪردارن جي صورت ۾ موجود آهن.
يادگيريءَ لاءِ وري به ٻڌايان ته سميءَ جا پٽ، لونگ ۽ پنهون، ڪَميءَ جو پٽ حاجي مريد بڪڪ، صاحب ڏنيءَ جو پٽ سيٺ غلام محمد بڪڪ.
ڇٽي خان بڪڪ جي ڳوٺ ۾ جڏهن کي جبل مان ڏڪار ڪري لڏي اچي رهندا هئا ته هو انهن جي پر گهور لهڻ پنهنجو فرض سمجهندو هو. انهن کي ڪارائڻ جي شروعات پنهنجي گهر مان ڪندو هو، ۽ پنهنجي خوبصورت ۽ سلڇڻي گهر واري حاجاڻي الله رکي کي چوندو ته، 'گهر ۾ جيڪو به هجي انهيءَ مان حصو ڪڍي ڏي.' هوءَ اٽو، چانور ۽ گهه وغيره ڪڍي ڏيندي هيس ته هو وري پنهنجي پيٽن ۽ پاٽيجن ڏانهن ويندو هو ۽ انهن کان به حصو وٺي انهن غريب لڏي آيلن تائين پهچائيندو هو. ايستائين، جيستائين اهي پاڻ پيرا (پنهنجي حيثيت وارا) نه ٿا ٿين.
ڇٽو خان بڪڪ ڇهن فٽن جو نهايت خوبصورت سرخ سفيد رنگت جو ٻاجهارو ماڻهو هو. جنهن کي رڳو به شوق هئا. هڪ گهوڙي سواري جو ۽ ٻيو شاعري ڪرڻ جو. گهوڙن جا وٽس سٺا نسل هئا، ۽ پاڻ وڏو شهسوار هو. شاعريءَ جي ڏات کيس ورثي ۾ مليل هئي. سندس والد مُنگهو خان بڪڪ پڻ شاعر هو.
ڇٽو خان بڪڪ ننڍپڻ ۾ ئي ٻين کان مختلف ۽ ذهين هو. اجا صفا ننڍو هو. مائٽن جو سڪيلڌو ۽ دادلو هو ته کيس پنهنجي مال مان هڪ ننڍو ٻڪر ڏاڍو وڻندو هو. جيڪو هو به تمام گهڻو سوهڻو هرڻيءَ جهڙو هو، جنهن کي ڪارائيندو پياريندو به پاڻ ئي هو. هڪ ڏينهن هڪ مهتي نالي واڻيو وٽن آيو جيڪو اڳوڻي زماني موجب مال جي بدلي مال ڏيندو وٺندو هو. تڏهن هو جبل ۾ رهيل هئا. هنن سامان ورتو ته بدلي ۾ واڻئي چيو ته،'مون کي اهو ٻڪر ڏيو'. ان وقت نه رڳو هو پاڻ پر ڪوبه مرد گهر ۾ موجود نه هو. سندس ماءُ ۽ پينرن واڻئي کي چيو ته، "اسان جو ڇوڪرو داد لڏو آهي. هي ٻڪر ان جو آهي تون ٻيو ٻڪر ڪڻ". واڻيو نه مڙيو چوي ته،

"ٻڪر اهو ئي ڏيو." مجبورن سامان جي بدلي ۾ ڪيس ٻڪر ڏنائون جيڪو ڪٽي هو هليو ويو.
شام جو جڏهن پيءُ سان گڏ هو گهر آيو، ۽ ڪيس سڄي ڳالهه جي خبر پئي ته، سيني اهو سمجهيو ته ڏاڍو گوڙ ۽ غصو ڪندو. پر هو ماٺ تي ويو. ننڍڙي عمر ۾ به هو عقل جو اڪابر هو ، مائٽن جي مجبوري سمجهي نڪو ڪڇيائين نڪو پڇيائين. باقي واٽئي جي ضد تي ڪيس ڪاوڙ لڳي. هن انهيءَ ننڍڙي عمر ۾ به جڻ شعر چيو. بلڪ واٽئي کي پٽيائين،

واءُ (بيماريءَ جو نالو) ڪيندو وجود مان
ٿانڪي (چمڙيءَ جي بيماري) ڪيندو ٽنگن مان
نزلو ڪيندو نڪ مان، ڪوڙهه ڪيندو ڪڇن مان.

وري ٻيو شعر چيائين،

ڳاءِ جي گوشت لاءِ ٿو مهتو مري
ڪنو ڪندس ڪين ڪي ڪائيندس تري
ڏي ڪُرُڪَو (خوبصورت) ٻڪر پري، ته چوٽڪو چيئه (ٽيئي) 'چوڪري' مان". هو جيئن ته خاندان جو اڪيلو پٽ هو، ۽ عقلمند هئڻ جي ڪري هو ننڍپڻ ۾ ئي گهڻو معتبر ۽ عزت وارو هو. جنهن جي ڪري شعر ۾ پاڻ کي "چوڪرو" چوڻ تان سيني ڪيس روڪيو ته، "پاڻ کي شعر ۾ چوڪرو نه چئو" ته وري بدلائي چيائين،
"ڏي ڪُرُڪَو ٻڪر پري، ته چوٽڪو چيئه بڪڪ مان" چون ٿا ته پوءِ واقعي به مهتي واٽئي کي اهي سڀئي مٿيون شعر واريون بيماريون لاحق ٿيون ۽ هن ڳئون جو گوشت به کاڌو (جيڪو برهمڻ نه کائيندا آهن). يعني بيمارين ڪيس اهڙو چريو ڪيو جو برهمڻ ذات سان تعلق هئڻ جي باوجود هن ڳئون جو گوشت کاڌو. جڏهن ڪيس خبر پئي ته ڪيس اهي بيماريون "پٽڻ" جي ڪري ٿيون آهن، ته هو پاڻ کي بيماريءَ واري حالت ۾ ڪٽائي جبل ۾ ڇتي خان بڪڪ وٽ آيو . پيرن پئي هٿ ٻڌي معافي ورتائين، ۽ پنهنجي "ضد" ڪرڻ تي ڪيس ڏنڊ پري ڏنائين. اهو سندس والد مُنگهي خان بڪڪ موٽائي ڏنو ته، "معافي وٺڻ وڏي ڳالهه آهي."
هو وڏو ٿيو ته عمر سان گڏ سندس شاعري به پختي ٿيڻ لڳي ۽ هو جبل جي طاقتور ٻوليءَ جي آڌار طاقتور شعر چوڻ لڳو.

مون پنهنجي شعري مجموعي، "رولاڪ خواب" جي ارپنا ڪيس ڪندي سندس هڪ اهڙو ئي شعر ڏنو هو،

سڻ سسئي سمجھ ڳالهہ، آهي پنڌ پري
منزل متو ئي ڪين ڪو، ويا ڪيچي ڦهر ڪري
تون اَسُونهين (اڻواقف) اڃ نہ مرين، ڪڻ پاڻي پوڄ (گهٽو) پري
اَميا (اڻ ماپيل) پنڌ انن جا، هلن هوت هَري (آهستہ)
ڪوهيارو ڪري، نظر هن نماڻيءَ تي.

۽ لکيو هيم تہ، "متين ستن جي خالق ڇل ڇل وهندڙ دريائن جهڙي اَجهل (اڻ جهل) شاعر پنهنجي مانائتي ڏاڏا سائين محترم ڇتو خان بکڪ ولد مُنگهو خان بکڪ جي نانءُ."

هُو جي هُئا هِتِ تہ متن هوند حق ٿيو.
مٽيون مورت مَتِ، مَانَ وِسريون ڪي لهان.
(شاهہ رح)

سندس شاعري جبل ۾ مشهور ٿيڻ لڳي ۽ سندس شعر جو هڪ ٽڪ (هڪدم) اثر ڪرڻ تي، هو جبل ۾ هڪ سچي ۽ الهامي شاعر طور مقبول ۽ معروف ٿيڻ لڳو. جبل جا ماڻهو پنهنجون مصيبتون ۽ ڏک لاهڻ لاءِ وٽس ايندا هئا. جڏهن هو ڪراچيءَ ۾ هوندو تہ ڪيس جبل ڏانهن وٺي ويندا هئا تہ، هي قدرتي مصيبتون ۽ آفتون اسان تي آيل آهن انهن ڪي ٽارڻ لاءِ ڪو شعر چئو تہ اهي ٽري وڃن.

تڏهن سچي ۽ الهامي شاعر جي چيل لفظن تي وڏو ڀروسو، اعتقاد ۽ يقين ڪيو ويندو هو تہ، هُو (شاعر) جيئن چوندو تيئن ئي ٿي ويندو.

هڪ ڀيري جبل جي علائقن ڪِيريءَ ۽ اُوڪَي ۾ ڀڳاڙن (بگهڙن) جي جُهڙي (گهڻا ڀڳاڙ، جبل ۾ ڀڳاڙن جي اهڙي ميڙ کي جيڪو گڏجي حملو ڪندو آهي انهن کي 'ست ڀڳاڙي' بہ چيو ويندو آهي)، نمودار ٿي. انهن مال ڪائي ناس ڪري ڇڏيا هئا. غريب ماڻهو ويچارا پريشان انهن درندن سان ڪيئن پڄي سگهن؟ اهي جبل مان هلي ملهي ڇتي خان بکڪ وٽ ڪراچي ۾ آيا ۽ اچي ڪيس 'ست ڀڳاڙيءَ' جي دانهن ڏنائون ۽ چيائون تہ، اسان سان گڏجي جبل هل، ۽ هلي اتي سر زمين تي ڀڳاڙن کي "سِٺِ." ('سِنَٺَ' معنيٰ شاعريءَ ۾ ڪنهن کي بد دعا ڏيڻ يا پٽڻ/ پٽ ڏيڻ.) هو ڪيس وٺي جبل ۾ آيا جتي هن هڪ بيت چيو،

امر ٿيو الله جو، پڄي ويا ڀڳاڙ
ڪونہ ڏين ڪيريءَ تي نڪو اُوڪي تي اوناڙ

ڏنڻ چارين ڏراڙ، بي ڊپا ٻڪڪ چوي.
چون ٿا تہ پوءِ واقعي بہ انهن علائقن مان ڀڳاڙن جو وجود ختم ٿي ويو ڇو تہ پوءِ هونہ ڪٿي نظر آيا نہ ئي وري ڪنهن انهن جي اوناڙ ٻڌي.

ڀڳاڙن، هاتارن، گدڙن (جيڪي اڄ بہ جبل ۾ آهن) کان سواءِ اڳ جبل ۾ چِتا (چيتا) بہ گهڻا هوندا هئا، جن جو ماڻهن ۾ وڏو خوف هوندو هو.

جبل جا ماڻهو وڏا بهادر ۽ مضبوط آهن. پر جي ڪٿان اوچتو اهڙو خطرناڪ درندو حملو ڪري وجهي تہ وڏي مصيبت ٿي پوندي هئي. پر جبل جا مانجهي مرد اهڙن درندن سان بہ دهَدُور (مدمقابل) ٿيا ۽ سوڀارا ٿيا. جن ۾ پوپٽ ٻڪڪ سر فهرست آهي. ان جو ذڪر ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ پنهنجي مرتب ڪيل ڪتاب، 'واقعاتي بيت' ۾ ڪيو آهي. جنهن چيتي سان آمهون سامهون، دوبدو مقابلو ڪري ڪيس ماريو هو. سندس ان بهادريءَ تي ڪيس تڏهوڪي انگريز سرڪار بندوق، ترار (تلوار) ۽ سند ڏني هئي.

ائين اهڙن ئي مقابلي ۾ ٽن ڀائرن ڏِتو (جيڪو جسم ۾ ڪمزور هو پر دل جو وڏو مضبوط ۽ بهادر هو)، هاڙهو ۽ ٻاڙو (جيڪي ٻئي مضبوط جسم جا نهايت بهادر هئا)، انهن ٽنهي ڀائرن گڏجي چِٽي ڪي سندس غار ۾ اندر گهڙي ماريو هو. جنهن جبل ۾ ٻاھ ٻاري ڏني هئي. انهن کي پڻ چِٽي خان ٻڪڪ پنهنجي هڪ طويل شعر ۾ خراج تحسين ڏنو آهي،

ساراهيان سچو ڏڻي، صاحب رب ستار
سوڀون آهين سائينءَ وس، ڏيندڙ آ ڏاتار
مِرون (درندو، سوئرنہ) آهي ملڪ ۾، چِٽو چون چؤ ڏار
ٻڪڪ آهن بهادر، مانجهي مٽيا دار
وينا چوھ چِپر ۾، جتي گهرو جبل گرنار
تنهن ڪاڏا ٿي مال ماڻهن جا، زوريءَ ۽ زبار
نہ ڪنهنجي وَرُ چڙهيو، نہ ڪَيُس ڪنهن پچار
امر ٿيس الله جو، ڏنس مَت ڏاتار
اَئي (ٻڪري - اَئي) ماريائين اوڏڙي، ٻَرِڪَرَ (دانهن) ڪئي ٻڪرار
سڏ سان ساٿي ٿيا، مانجهي مٽيادار
آيا تہ وينو آهي، گهڙيو منجھ (اندر) گرنار
هُلَ ڪري ٿو هيبت مان، ڪري ڏيل ڏڪار
اُتي 'ڏِتي' ڏنگي ڏيل مان، نرتون ڪوڙيو نار

سو سامهون ٿيو شير کي، جُهلَهَ ڪري جهونجهار
ورايائين وات ورهيام کي، قابو منجهه ڪپار
اتي 'هاڙهو' هَمُٿُ (بروقت) آيو، تونگر تنهين وار
پوءِ 'ٻاڙو' ڏار آيو، ڏنئير (بهادر) ڪري ڏڏڪار
اڇي ڇهتيا ڇٽي کي، ڪونسي منجهان خار
ٻازو ٻري ٻَر چڙهي، آيو هرسي (شوقين) هٽڻ هار
تہ هي ماري هليا مانجهي، سو مَوکي مردار
هُن جو مرڻ هو مرتبو، هنن کي سوڀ ڏني ستار
کيرَ پُٽَ ڏنن رب، ڏنسن ڏات ڏاتار
سکي ساوا آهن سي، جن جو ٻاڙو منجهه پاتار
ٻکڪ بيت بنايو، تنهن سوپاري وينجهار
ڪلمي جي قطار، ڇُٽي ويا ڇُٽو چوي.

ائين ٿوري ٿوري ڳالهہ لاءِ جيئن ماڻهو وٽس فيصلا آڻيندا هئا، تيئن ئي هو وٽس شاعريءَ لاءِ بہ ايندا هئا. سندس ڪيئي شعر اڄ بہ ماڻهن کي ياد آهن.

شاعري سندس رت ۾ شامل هئي. سندس والد منگهو خان ٻکڪ بہ شاعر هو. پر جيئن تہ جبل ۾ اها ڳالهہ مشهور آهي تہ سچو شاعر لاولد هوندو آهي يعني هن کي پٽ جو اولاد نہ ٿيندو آهي. گهڻو ڪري تہ هو بي اولاد هوندو آهي، اها پڻ حيرت جهڙي ڳالهہ آهي تہ لطيف سرڪار کي بہ ڪو اولاد نہ هو، جنهن جي خبر جبل وارن کي هئي. رهائشي طور تي لطيف سرڪار جو واسطو جبل سان نہ هو پر هو جبل وارن جي وجودن ۾ ٽڪيل هو، اها ڳالهہ آئون هنڌ هنڌ چونديس ۽ هر هر چونديس.

واقعي بہ دنيا ۾ ائين ئي هو. مرزا غالب پڻ هڪ سچو شاعر هو ۽ بي اولاد هو. اهو سڀ جبل وارن کي ڪيئن پتو پيو هو، جو هو ڇٽي خان ٻکڪ کي شاعري ڪرڻ کان منع ڪرڻ لڳندا هئا. تڏهن، جڏهن ڪيس ٻن پٽن جو اولاد ٿيو هو. پاڻ جيئن تہ اڪيلو پٽ هو. پر جڏهن ڪيس بہ پٽ ٿيا تہ سندس خاندان ۾ خوشيون جهمريون هڻڻ لڳيون. هو پاڻ ۽ سندس شاعري مسرور ۽ مطمئن ٿي ويا هئا، جيڪا جبل ۾ ماڻهن جي دلين ۽ ذهنن ۾ ديرا دمائڻ لڳي هئي.

جبل وارن جو اهو خوف تڏهن سچ ٿيو جڏهن سندس وڏو پٽ نوت ٻکڪ جيڪو سندس جهڙو ئي ڏاهو ۽ سڏير هو. اهو شاديءَ جي پهرين ئي مهيني ۾ گذاري ويو!! پوءِ تہ سندس

مائٽ سنڌس شاعري جي خلاف بيهي رهيا، ۽ ڪيس شاعري" کان سخت طريقي سان منع ڪرڻ لڳا.

نوجوان پٽ جي وچوڙي چٽي خان بکڪ جهڙي عقل جي اڪابر کي به انهن ڳالهين تي ويساهه آڻڻ لاءِ مجبور ڪري ڇڏيو. پوءِ هن پنهنجي ٻئي لائق ۽ غير معمولي پٽ سيٺ علي محمد بکڪ جيڪو ان وقت 16-17 سالن جو هو ان ۾ نهاريو. پوءِ جڻ ڪيس به پنهنجي ٻئي پٽ جي وڃائڻ جو اڳوات خطرو محسوس ٿيڻ لڳو. ۽ هن ڇرڪي شاعري تان هٿ ڪنيو، ۽ پنهنجو پٽ ڪنيائين. جنهن سامائي ڪيس وڏا سک ۽ مانَ ڏنا. پاڻ سنڌس ڪابه خواهش اڌوري نه ڇڏيائين. 41- 1942ع ۾ جڏهن اجا گاڏيون عام نه هيون تڏهن به وٽس گاڏي/ موٽر هئي تڏهن هو شاعري ڇڏي پٽ ڪٽڻ واري پنهنجي فيصلي کي درست سمجهڻ لڳو، جيڪو جڻ ته پيچتاءُ بڻجي ساڻس وڙهڻ لڳو هو.

هن سنجيده شاعري ڪرڻ ته ڇڏي ڏني هئي، پر پوءِ به ڪڏهن ڪڏهن يوڳ ۾ ڪائونس ڪا سٽ نڪري ويندي هئي. سنڌس هڪ دوست هو لڪمير فقير بکڪ جيڪو سنڌس ريس ۾ شاعري ڪندو هو.

ڪنهن ڏڪار مهل چٽو خان بکڪ پنهنجو مال وني ٿٽي ۾ آيو هو. لڪمير فقير وري ڪنهن ٻئي هنڌ پنهنجو مال ڪاهي ويو هو. جڏهن ٻئي ڪراچيءَ ۾ اچي گڏ ٿيا ته لڪمير فقير بکڪ کيس چيو،

چٽا آئين ڇڏي، ڪيئن ننگر مان نڪري.

ته ڪيس انهيءَ مهل جواب ڏنائين،

لکو آئين لڏي

ڪيئن ڇپر کي ڇڏي.

اهڙيون ڪيئي سٽون اڄ به جبل وارن کي ياد آهن جيڪي اڳ ئي سنڌس شاعريءَ جا معترف هئا. ۽ سنڌس شاعري جهونگارڻ لڳندا هئا.

چٽي خان بکڪ جي شخصيت جبل ۾ سچ جي علامت سمجهي ويندي هئي. ۽ جبل وارا پنهنجي هر ڳالهه ۾ ڪيس "امين" مقرر ڪندا هئا.

بکڪ برادري پنهنجي برادريءَ کان ٻاهر ڏيءَ جو سڱ نه ڏيندي آهي. مرد ڀلي ٻاهران شاديون ڪري اچن، جيئن چٽي خان بکڪ جي پنهنجي ماءُ به بروهڻ هئي ۽ بزنجو ذات سان تعلق هئس. هو نهايت بلند ڪردار جي اڪابر مائي هئي.

ڇٽو خان بکڪ پاڻ تہ مائٽن جو سڪيلڊو پٽ هو. پر ڪيس چار پيرون هيون جيڪي پنهنجي ماءُ ۽ پيءُ وانگر غير معمولي هيون. انهن جون شاديون پنهنجي ئي خاندان ۾ ٿيل هيون جن مان هڪ ڀيڻ (سمي) جا پٽ لونگ ۽ پنهون، ٻيءَ ڀيڻ (ڪَمي) جو پٽ حاجي مريد بکڪ، ٽي ڀيڻ صاحب ڏنيءَ جو پٽ سيٺ غلام محمد هو. جيڪي سڀ ئي پنهنجي مامي جي شخصيت مان گهڻو متاثر ۽ مرعوب هئا.

هڪ ڀيري هڪ بکڪ (سڪيو بکڪ) شيخ برادريءَ مان شادي ڪئي ۽ بدلي ۾ انهن کي پنهنجي ڀائٽيءَ جو سڱ ڏنو، جنهن جو گواهہ ڇٽو خان بکڪ هو جيڪو انهن ريتن ۽ رواجن تي يقين نہ رکندو هو.
سڪيو بکڪ شيخ برادريءَ مان پرڻجي آيو. ان وقت سندس ڀائٽيءَ جي عمر ننڍي هئي، اها جڏهن وڏي ٿي تہ شيخ برادريءَ سڱ جو مطالبو ڪيو. شاديءَ جي تاريخ وڻڻ آيا تہ، ڇوڪريءَ جا سؤٽ، ماسات (ڀاءُ نہ هئس) اٿي بيٺا، تہ، 'ڇوڪريءَ جو سڱ ٻاهر نہ ڏينداسين!' جن جي حمايت ۾ ڇٽي خان بکڪ جو پٽ سيٺ علي محمد بکڪ ۽ ڀاڻيجا لونگ بکڪ، سيٺ غلام محمد بکڪ ۽ حاجي مريد بکڪ هئا. اهي نوجوان، باهمت، باحيثيت ۽ جذباتي هئا.سيني جي انڪار ڪرڻ تي شيخ برادريءَ جي بزرگن چيو تہ، "سڱ ڏيڻ جو اسان سان واعدو ٿيل آهي، جنهن جو شاهد ڇٽو خان بکڪ آهي." سندس نالو ٻڌي سڀ ماٺ تي ويا، اهو شرط رکيائون تہ، 'جي ڇٽي خان بکڪ سڱ ڏيڻ بابت ساکيءَ واري ڳالهہ مڃي تہ اسين سڱ ڏينداسين!' اهو ٻڌي شيخ برادري مطمئن ٿي وئي ۽ چيائون، "بيشڪ جي ڇٽو خان بکڪ چوي تہ سڱ وڻڻ مهل سڱ ڏيڻ جي ڳالهہ نہ ٿي هئي تہ، اسين پاڻ بہ سڱ تان هٿ ڪڍي وينداسين.'

ويني جنين وٽ، ڏکندو ڏور ٿيئي
تون تنين سين ڪٽ، اوڏا اڏي پکڙا.

(شاهہ رح)
ڇوڪريءَ جا سڀ سؤٽ، ماسات ۽ سندس پٽ ۽ ڀاڻيجن سان گڏجي وٽس ميڙ آيا تہ، "توهان انڪار ڪريو پوءِ اسين ڄاڻو اسان جو ڪم ڄاڻي."
انهن سيني سندس آڏو گهڻائي متا مونا هنيا. پر سندس هڪ ئي ڳالهہ هئي تہ، "سڱ وڻڻ مهل سڪئي خان بکڪ منهنجي اڳيان سڱ ڏيڻ جي ڳالهہ ڪئي هئي." هو سيني سان گڏجي اتي آيو ۽ شيخ برادريءَ جي اڳيان اچي سڱ ڏيڻ بابت 'هاڪار' ڪئي تہ، سيئي نوجوان بکڪ

ڇَههُ (ٽڪجي، هارائي) ٿي ويا. سندس بهادر، زوراور ۽ چيڙاڪ پاڙيجو سيٺ غلام محمد بڪڪ اتان ائين چئي اٿي ويو ته، "هن گامو سچار اسان جا هٿ وڍائي ڇڏيا نه ته شيخ برادري جيڪو اسان کان سگ وٺي اهو جڳ ڏسي ها!!"

چٽو خان بڪڪ ماڻهپي جو اهڙو مثال هو جنهن تي جبل کي بجا طور تي فخر آهي. هُو اهڙو ماڻهو هو جيڪو ذات پات، مذهب فرقي جي وَرَ وڪڙ کان آجو هو. سندس لاءِ ٻين برادرين جي پڻ اها راءِ هئي ته هو سچو ۽ اصول پرست ماڻهو آهي. ائين هرهڪ جي اڳيان هُو ساک ۽ انصاف جو ماپو هو ۽ هرڪو ڪيس عقيدت ۽ احترام جي نگاهه سان ڏسندو هو، ڪيس پائيندو هو ۽ پنهنجا فيصلا سندس حوالي ڪندو هو.

ورهاڱي کان اڳ ڪراچيءَ ۾ رهيل پنجابين، پناڻن ۽ چاچين جا سيپئي فيصلا وٽس ايندا هئا. ورهاڱي کان پوءِ وٽس مهاجر به پنهنجا فيصلا آڻيندا هئا. جيڪي پوءِ سندس لائق پاڙيجو حاجي مريد خان بڪڪ ڪندو هو جنهن کان بعد ۾ سندس ئي بيمثال پوٽو قادر بخش سيٺ علي محمد بڪڪ اهي ذميداريون نڀائڻ لڳو هو (جيڪو جوانيءَ ۾ ئي سنڌ جي ٻين پاڳن جيان هليو ويو).

چٽو خان بڪڪ ڏور نظر رکندڙ هڪ حساس انسان هو. ورهاڱي واري هلچل کان به اڳ جڻ ته ڪيس خبر پئجي وئي هئي ۽ هن جبل وارن کي آگاهه ڪيو هو ته، هاڻي حالتون تبديل ٿيڻ واريون آهن جيڪي شايد اسان جي حق ۾ نه هجن!!
اهو احساس جبل جي هڪ لاجواب پٽ سناسي خان بڪڪ وٽ به هو، جيڪو چٽي خان بڪڪ جو سؤٽ ۽ پيٽويو هو جيڪو پڻ هڪ ڪردار جي حيثيت ۾ هتي شامل آهي. ان مان اها خبر پڻ پئجي سگهي ٿي ته جبل جا ماڻهو ڪيڏا سچيت ۽ سجاڳ آهن.

عقل، هوشياريءَ ۽ چالاڪيءَ بابت جڏهن هن کان پڇبو هو ته اهو ماڻهن، جانورن ۽ پکين ۾ ڪنهن ڪي آهي؟ ته پاڻ چوندو هو ته، 'ماڻهن ۾ لنگهو، جانورن ۾ گدڙ ۽ پکين ۾ ڪانگ وٽ اهي وصفون آهن. ۽ اهي وڏيڪ عقلمند، هوشيار ۽ چالاڪ آهن.'

چٽي خان بڪڪ تي لکندي ۽ سندس وڏي شخصيت جي باري ۾ ٻين کان ڳالهيون ٻڌي، ائين لڳو ته يوناني فلاسافر ڊايرجنيز جيڪو ماڻهوءَ جي ڳولا ۾ ڏينهن ۾ به بتي ڪڻي گهمندو هو، اهو پڻ اهڙي ئي ماڻهو جي تلاش ۾ هو يا جيئن مولاناروم رح فرمايو آهي ته.

ڪر ديو ملو لم
انسانم آرزو ست.

(ديون جهڙا منهن ڏسي ڪڪ ۽ بيزار ٿي پيو آهيان، ماڻهو ڏسڻ چاهيان ٿو). ڇٽو خان بڪڪ اهڙو ئي ماڻهو هو جنهن تي ماڻهپو بہ فخر ڪري ڇو تہ هو ماڻهپي جو شانُ هو/ مانُ هو.

ڪَلاَ لَنئُون ڪَاءِ، مَتِ نَہ سِڪين مُون هِنيان
روئندي رَاتِ وِهاء، چِڪَائيندي بَنِيُون.
(شاهہ رح)

# هڪ غير معمولي ڪردار: سناسي خان بڪڪ (جمعاڻي)



سڄي ڪوهستان ۾ اهڙو خوبصورت ۽ بهادر ماڻهو گهٽ ٿيو هوندو. ظاهري ڏيک ويک بيحد شانائتي. ڳورو/ سفيد رنگ، بدن جو قدرتي طور گهٽيل، قداور، دانا، سگهارو، بهادر اهڙو جو وڏا وڏا هنئاتا (بهادر، دل وارا) ملهه به جي خبر پوندن ته، ڪنهن شاديءَ يا غميءَ ۾ سناسي خان بڪڪ آيل آهي ته سوچي سمجهي ايندا ۽ نوڙت وارو لهجو اختيار ڪندا.

جبل ۾ ڪهڙا اسڪول، ڪهڙا ڪاليج ۽ يونيورسٽيون (جيڪي اڄ به خواب آهن اهو زمانو ته صديون اڳ جو هو). پر جڏهن سناسي خان بڪڪ ڳالهائيندو هو ته، سندس گفتگو ۽ انداز پڙهيلن کي سوچڻ تي مجبور ڪندو هو.

هو، انگريزن جي دور ۾ پوليس جي محڪمي ۾ اٺ سوار هو. انگريزن سان سخت نفرت ڪندو هو. انگريزن جي زماني ۾ پوليس جو اٺ سوار معنيٰ وڏي حيثيت ۽ دٻدٻي وارو. پر سناسي خان بڪڪ کي جيئن ته انگريزن سان نفرت ۽ چڙ هئي تنهن ڪري هن اها نوڪري (ٽوڪري) ٽڪ هڻي ڇڏي ڏني.

هو اهڙو لباس پائيندو هو جو حاڪم به حيران ٿي ريس ڪندا هئا. هٿ ۾ هميشه لٺ هوندي هيس، ۽ ان لٺ لاءِ به ڪيترين ئي ڳالهيون مشهور هيون ته، اها لٺ وِڄڻ ڪان پوءِ به وري مُري، وڏي ايذي ئي ٿي ويندي آهي. ان لٺ جي ڪانيءَ بابت آخر تائين اها خبر پئجي نه سگهي ته ڪهڙي وڻ جي آهي.

لٺ سدائين مينديءَ سان رتل ۽ چمڪندڙ هوندي هئي. سناسي خان بڪڪ لٺ هلائڻ جو ايڏو ماهر هو جو اڳيون اجا مس لٺ ۾ هٿ وجهي ته، سندس لٺ وچ وانگر وراڪو ڪري حملا آور کي ٻوٿ پر ڪرائي وجهندي هئي.

جيئن ته هرهڪ علائقي جا پنهنجا قدر، ماڻ ۽ ماپا هوندا آهن تيئن وري ڪوهستان ۾ (ان وقت) اهي قدر هئا. اهو ماڻهو مانائتو ۽ مڙس ليکبو هو جيڪو پنهنجي علائقي ڪان ٻاهر ڪنهن زورائتي ۽ طاقتور ماڻهوءَ جي گهر ۾ گهڙي ڌاڙو هڻي مال ۽ ملڪيت ڪٽي ايندو هو. ان کي "ڌاڙو" نه پر ڪارنامو سمجهيو ويندو هو.

باقي ڪنهن ڪمزور کي لٽڻ ۽ ڦرڻ جي ريت جبل ۾ ڪانهي. اهڙي حرڪت عيب ليکي ويندي آهي. ۽ ان تي ٺڪ لعنت ڪئي ويندي آهي.
سناسي خان بڪڪ ٻه انگريز جي اٺ سواري ٽڏي پاڻ جهڙا بهادر ۽ زورائتا ساٿي ساڻ ڪري هندستان (موجوده) جي سفر جو سعيو ڪيو. ان وقت سندس عمر 26- 25 سال هوندي. هو سپ ئي ريل جي رستي اتي پهتا ۽ 'سورت' جي شهر جي شهرت ته اتي مندرن جي گهڻائي آهي، ڪين سورت جي شهر ۾ پهچايو. ان ماڳ تي رڳو هندوڪار هو. سناسي خان بڪڪ جيئن ته بهادري ۽ دانائي سان گڏ خوبصورت به هو، سو اتي ٻاون/ پنڊتن جو لباس پهري تلڪ لڳائي، مالا جپيندو مندرن ۾ وڃڻ لڳو. هندو اهڙي خوبصورت ۽ نوجوان ٻاوي کي ڏسي ٻلهار ٻلهار ٿي، سندس چرنن (قدمن) ۾ ڪري ڪيس پوڄڻ لڳا. هن کان پڇا ڪندا هئا ته، "ڪٿان آيا آهيو؟" ته هو مالا جپيندو سنڌ ڏانهن اشارو ڪندو هو ته هو ڪيس سجدا ڪرڻ لڳندا هئا.
سناسي خان بڪڪ جا ساٿي ڪنهن جاءِ ۾ لڪل هوندا هئا، ۽ پاڻ مندرن جي جانچ ڪندو رهندو هو.
هڪ مندر ۾ گهڙيو ته حيران ٿي ويو ته اتي رڳو سون ئي سون هو. ديوتا به سون جا ته ديويون به سون جون، مورتيون به سون جون ته ڳئون ۽ هاٿي به سون جا. مندر جا محافظ ۽ رکوال ان حسين ۽ نوجوان ٻاوي (سناسي خان بڪڪ) کي مندر گهمائيندي فخر ۽ عزت سمجهي رهيا هئا. وڃڻ مهل مٿس زور به ڀريندا رهيا ته، اسان وٽ رهي پئو ۽ هو بنا ڪنهن اهميت جي ڪين حيرت ۾ وجهي موڪلائي هليو ويندو هو.
هو روز اهي روئدادون ۽ وارداتون اچي ساٿين کي ٻڌائيندو هو ۽ سپ ئي گڏجي صلاحون ڪندا هئا ۽ پنهنجي واپسي جا انتظام ڪرڻ لڳندا هئا.
نيٺ هڪ رات جو، 'سورت' جي انهيءَ گولڊن مندر کي، آڌيءَ رات جو ڌاڙو هنيائون. مندر جا گهڻائي محافظ ۽ رکوال هئا پر سناسي خان بڪڪ ۽ سندس بهادر ساٿين اڳيان ڪوبه بيهي نه سگهيو. اهي ڪامياب واردات ڪري سون جا مڻ ڪٽي سنڌ ڏانهن روانا ٿيا. باحفاظت مال سميت جبلن واري شينهن علائقي ۾ پيهي ويا.
مندر کي لٽڻ مهل ڪنهن به مذهب سان نفرت مقصد نه هو. نه ئي ڪو مذهب وارو تعصب جبل جو نِيَمُ هو، اها ڳالهه قطعي نه هئي. پنهنجي علائقي کان پري وڏي ڌاڙي جي ۽ گهڻي کان گهڻو مال حاصل ڪرڻ جي ۽ اهو به گهڻي کان گهڻي خطري اندر. اهو ڪوهستان جي

قدرن جي عين مطابق هو ته جيترو به غير علائقي مان وڏو ۽ ڪامياب ڏاڙو هٽي ايندو، اهو اوترو ئي مانُ ۽ عزت پنهنجي علائقي ۾ ماڻيندو.
باقي پنهنجي علائقي ۾ جنهن به اهڙي حرڪت ڪئي اهو ٽڪيارو ٿيندو.
سناسي خان بڪڪ جو 'سورت' واري مندر لٽڻ واري واقعي ڪي جبل ۾ محمود غزنوي جو سومنات مندر لٽڻ واري واقعي سان تشبيهه ڏني ويندي هئي.
سناسي خان بڪڪ ۾ هڪ اهو به حيران ڪندڙ گڻ هو ته هو، ڪنهن مظلوم جي دانهن تي ڪيڏي به وڏي ظالم سان ٽڪرائجي ويندو هو.
ڪوهستان ۾ جبل جي ايراضي وڏي ۽ ماڻهن جي آبادي گهٽ آهي، جيڪا پڻ ڇڙو ڇڙ ۽ هڪ ٻئي کان پري پري رهيل. پر سناسي خان بڪڪ پنهنجي براق گهوڙي تي چڙهي پنهنجي هڪ هڪ ماڻهوءَ جي سار لهندو هو. ايتريقدر جو ڏڪار وارن ڏينهن ۾ ڪي سندس ذات ڀائي (بڪڪ) غريب لڏي جبل مان ڪنهن سائي سبز مقام نئي، سجاول يا دڙي واري پاسي ۾ وڃي وانديا ٿيندا هئا ته، انهن جي سار سنڀال لهڻ لاءِ اوڏانهن به ويندو هو.
هڪ ڀيري ائين ئي سار سنڀال لهڻ لاءِ هو دڙي ۾ آيو جتي ڪي غريب بڪڪ وانديا ٿي آيا هئا. اهي ڪيس ڏسي خوشي ۽ فخر مان ٽڙي پيا ته هيڏي بهادر ۽ خوبصورت نوجوان جا اسين به ذات ڀائي آهيون.
سناسي خان بڪڪ جو خبرون چارون وٺڻ جو انوکو نمونو هوندو هو. هو ڪنهن هڪ هنڌ يا ڪنهن اوطاق وغيره ۾ ويهي خبرون ڏيندو ۽ وٺندو نه هو. بلڪ هو هڪ هڪ گهر ۾ وڃي خبرون چارون ڏيندو ۽ وٺندو هو. ائين ڪيس اگهي، سگهي، ايري سيري، غريب ۽ اڻ پهچ جي خبر پئجي ويندي هئي. ائين ئي خبرون چارون وٺندي جڏهن هو هڪ گهر ۾ آيو ته ان گهر جو ڏٺي هڪ وڏي عمر جو ڪمزور ۽ غريب ماڻهو هو. سناسي خان بڪڪ وٽس ويهي رهيو. حال احوال وٺڻ لڳو ته، "جبل ڪي ڇڏي اچڻ کان پوءِ جا ڪهڙا حال آهن؟" ته پوڙهي جي اکين ۾ لڙڪ تري آيا ۽ سندس هيٺن حالتن وارا پٽ به لڙڪ لاڙڻ لڳا. سناسي خان بڪڪ سندن لڙڪ ڏسي حيران ٿي ويو!
جبل جو ڪيڏو به ڏکيو بکيو مرد هجي پر روئندو ناهي. سناسي خان هڪدم پوڙهي جي ڪلهي تي آٿت جو هٿ رکي چيو، "چاچا، مون ڪي سچي ڳالهه ٻڌاءِ ته توسان ڇا ٿيو آهي؟
"ابا، جيڪو ماڳ کان ٽڙندو آهي اهو هيٺو هوندو آهي!" ايترو چئي پوڙهو سڏڪڻ لڳو ته، سناسي خان بڪڪ اتاولو ٿي چيو، "چاچا مهرباني ڪري مون ڪي ٻڌاءِ ته هتي توسان ڇا ٿيو آهي؟" پوڙهو هڪدم چلڪي پيو، "ابا، اسين بي پهچ هيٺا ماڻهو...." وري پوڙهو روئڻ لڳو

تہ سناسي خان بڪڪ جي نرڙ جون رڳون تاڻجي ويون ۽ هن پوڙهي کي دلاسو ڏئي چيو، "چاچا، تون بي پهچ، هيڻو ۽ بيوس ناهين. بس مون کي سچي ڳالهہ ٻڌاءِ." پوڙهي کي سندس ڏنل دلاسو اندر تائين همٿون ڏئي ويو. هن چيو، "ابا، اسين هتي واندا (مال جي گاهہ پاڻيءَ خاطر پنهنجو علائقو ڇڏي ٻي پاسي رهيل) آهيون، هتي نڪو اسان جون زمينون نڪو پَٽَ-مال سانگي آيا آهيون. نڪو ڪنهن کي ستايون نڪو تنگ ڪريون. اسين تہ ڪنهن جي ٻاڙي پاڻيءَ جي بہ اوڏا ڪونہ وڃون. پنهنجي ٻچن ۽ مال کي واڙ هٽي مُرُڪُٽُ (منهن مونن ۾ هٽي) ڪريو پيا آهيون..... پرائو هنڌ آهي مُئي ساهہ تا ڪٽون، پوءِ بہ هتي جا وڏيرا ۽ زميندار اسان کي نہ تا سهن!!"

سناسي خان بڪڪ جا پرون ڪاوڙ مان متي تي ويا، ۽ سندس عقاب جهڙيون تيز تکيون اکيون ٽاندن جيان جرڪي پيون. "ڪيئن نٽا سهن؟ ڇا تا چون؟ اوهين تہ ڪنهن جي بہ زمين تي رهيل ناهيو. هي تہ جهنگ آهي. جيڪو سرڪار جو آهي؟" پوڙهي انهرو ٿي چيو، "ابا، اهي سرڪار بہ تہ پاڻ آهن نہ..." سناسي خان تکو ٿي چيو، "نہ چاچا، اهي سرڪار ناهن، هاڻي ٻڌاءِ ماجرا ڪهڙي آهي؟" پوڙهي جا لڙڪ وري ڇلڪڻ لڳا، "ابا، وڏيرن جا نوجوان پٽ ڳاڙها ريشمي رومال ڪنڌن ۾ وجهي، گهوڙن تي چڙهي اچي اسان جي واڙن ۽ لوڙهن مٿان بيهي هل هڪلون ڪندا ڳالهائيندا، اسان جي پونگن ڏانهن اَوڪاسي (ڪنڌ مٿي ڪٽي) نهاريندا ٿهڪ ڏيندا رهن ٿا. اها روز جي ڳالهہ آهي. اسين ڪمزور ۽ هيڻا، بيعزتي ۽ بيغيرتي تہ گهٽو ئي لڳي پر ڇا ڪريون وس ئي ڪونهي. ڇوڪرا گهٽيون ئي اُپَڪون (اڇلون) ڏئي اٿن. پر آئون ڪين جهليان تہ مارجي ويندا. هڪ ڏينهن آئون لوڙهي کان ٻاهر وينو هئس تہ هي پيادل ٿهڪ ڏيندا ٽنوليون ڪندا پي آيا. مون کي دڙڪو ڏئي چيائون، "اڙي کوڳ، ڪهڙا پيو نظارا ڪرين. اندر ڇو نٿو وهين؟" چيم، "ابا، نظارا ڪهڙا. واسري تي وينو آهيان، پنهنجي ئي واڙ جي اڳيان،" مون بس رڳو ايترو چيو، منهنجي ايتري چوڻ تي انهن نڪا ڪئي هم نڪاتم. اچي مون کي لتن ۽ چماٽن سان ورايائون....." ائين چئي پوڙهو ڊنڊڪارون ڏئي روئڻ لڳو.

سناسي خان جو خوبصورت گلابي چهرو ڪاوڙ مان ڳاڙهو رت ٿي ويو. هڪدم ٽپ (ٽپو) ڏئي اٿيو ۽ پوڙهي کان پڇيائين، "تون انهن کي سڃاڻين ٿو؟" پوڙهي ورندي ڏني، "ها، آئون ڪين سڃاڻا ٿو، ہ وڏيري جا پٽ هئا ۽ ٻيا سندن مائٽ ۽ دوست آهن. وڏيرو پاڻ بہ گهٽو بڇڙو ۽ ظالم آهي آئون جڏهن ڪيس اها دانهن ڏيڻ ويس تہ ان وري ٻيڻو بيعزت ڪيو ، سناسي خان بڪڪ انهيءَ مهل وڏيري سان ڳالهائڻ لاءِ پوڙهي جي پٽ کي ساڻ وٺي سندس اوطاق تي پهتو تہ، وڏيرو پاڻ وڏي ناٽ سان ڇپر ڪٽ تي وينو هو، ۽ ٻيا سندس ڪارندا هيٺ پٽ تي

وينل هئا. سناسي خان بنا ڪنهن سلام جي اندر اوطاق ۾ گهڙيو ته، وڏيرو هن ارڏي خوبصورت جوان ڪي ڏسي ٿورو هبڪيو. پر وري ساڳئي وڏيرڪي ٺٽ ٻٽاڪ مان هيٺ پٽ ڏانهن اشارو ڪري چيائين، "اچو، اچو، ويهو." سناسي خان بڪڪ بنا ڪنهن ورندي ڏيڻ جي بيپرواهيءَ مان وٽس اچي چيو، تنهنجا پٽ ڪٿي آهن؟"
وڏيرو هن بهادر، ارڏي ۽ بي ڊپي نوجوان ڏانهن حيرانيءَ مان نهارڻ لڳو، جيڪو سندس ئي اوطاق ۾ اچي کيس نظر انداز ڪري رهيو هو. وڏيري جا ماڻهو اکيون ڦاڙي کيس حيرانيءَ مان تڪي رهيا هئا سناسي خان وري به کيس چيو، "تنهنجا پٽ ڪٿي آهن؟" وڏيرو سامت ۾ اچي ويو، "ڇو" سناسي خان بڪڪ نهايت سپاٽ لهجي ۾ چيو، "ڇو ته اهي مياري آهن. بلڪ ڏوهي آهن. انهن ڏوهه ڪيو آهي." وڏيرو ويتر حيران ٿيو چيائين،" ڇاڪيو آهي انهن؟ تون ڪير آهين؟" سناسي خان بڪڪ برف جهڙي انداز ۾ چيو، "آئون ڪير به آهيان، پر تنهنجي پٽن هڪ پوڙهي جي بيعزتي ڪرڻ ۽ ڪين مارڻ وارو ڏوهه ڪيو آهي." وڏيري اطمينان سان چيو، "اڇا، اڇا. اهو پوڙهو جيڪو جبل مان اچي هتي وانديو ٿيو آهي."
"ها!" سناسي خان مختصر جواب ڏنو ته وڏيري مشڪي بي پرواهي مان چيو، "جوان مڙس آهن، رت ۾ جوش اٿن، پوڙهي به ضرور ڪا حرڪت ڪئي هوندي، ڇريا ته ڪونهن...." سناسي خان ڇڙي چيو، "حرڪت پوڙها ڪندا آهن يا جوان؟ ۽ ڇريا ته آهن جو ائين ڪيائون." وڏيرو جيئن ته کيس سڃاڻندو نه هو، سندس لفظن ڏانهن بنا ڪنهن توجهه ڏيڻ جي، هيٺ پٽ تي وينل پنهنجن ماڻهن ڏانهن نهاري مشڪي چيائين، "ابا، جوان مڙسن سان اسين ته پڄي نه ٿا سگهون ، الهڙ آهن ڇا ڪريون.... ٻار ته ناهن جو مار ڏيونِ."
اهو ٻڌي سناسي خان بڪڪ بس رڳو ايترو چيو، "نيڪ آهي جوان مڙسن ۽ الهڙن سان اسين پڄي ويندا‌سين. تون فڪر نه ڪر." پوءِ هڪدم وڏيري کي پٺي ڏئي وڏيون وڪون کڻندو اوطاق مان ٻاهر نڪري ويو. پوڙهي جا پٽ جيڪي ساڻس گڏ هئا، اهي ڊوڙندا سندس پويان ٻاهر نڪتا.
پوڙهي وٽ اچي ڪائونس پڇيائين، "اهي ڪهڙي مهل ايندا آهن؟ پوڙهي جواب ڏنو،" ابا، واٽ اها ئي اٿن، گذرندا روز آهن. باقي انهن جي اچڻ وڃڻ جي ڪائي مهل ڪانهي...." چيائين، "نيڪ آهي چاچا، اڄوڪو ڏينهن ۽ رات اوهان جو مهمان آهيان."
پوڙهو ۽ سندس پٽ رڳو کيس حيرانيءَ مان ڏسڻ لڳا جنهن وٽ ڪنهن به خوف ۽ ڊپ جو ڪو نالو ۽ نشان نه هو.

وچينءَ (ٽپهريءَ) جي ويل ٽري وئي هئي. سانجهي ٽيڻ واري هئي تہ، لوڙهي جي ٻاهران ڪل ۽ ٺهڪن جو هُل ٿيو. پوڙهي جا ڪن ڪڙا ٿي ويا تہ سناسي خان ٻڪڪ پڇيو، "ڇاجو گوڙ آهي؟" پوڙهي چيو،" ابا، اهي ئي ڇوڪرا آهن."
سناسي خان پنهنجي لٺ هٿ ۾ جهلي اٿيو ۽ لوڙهي جي ڪَڙَهَ (در) وٽ آيو تہ ڏهہ پندرهن نوجوان لاڳيون ڏيندا، مستيون ڪندا، ڪلندا بي پرواهيءَ مان لوڙهي ۾ لوٽا هڻندا ڪڙهہ وٽ آيا. سناسي خان جيڪو ڪڙهہ تي ايسَتاده (بيٺل) هو ان کي ڏسي ٿورو هٻڪيا. پر وري پوڙهي کي ڏسي همٿ ٽين جيڪو سناسي خان جي پنيان بيٺل هو. چيائون، "اڙي، هي ڪهڙا رنگ رنگيلا مهمان پيو آٽين. اجا سبق نہ مليو اٿئي ڇا؟"
انهن جو ايترو چوڻ ۽ سناسي خان ٻڪڪ جي لٺ وچ وراڪا ڪري حضرت موسيٰ عليہ واري عصا وانگر ڄڻ پاڻ ئي وڙهڻ لڳي. ڪن پل ۾ اهي ڏهہ پندرهن نوجوان مُچَ/ گڏجي هيٺ ڪري پيا. پوڙهو ۽ سندس پٽ اهو لقاءُ ڏسي سڪتي ۾ اچي ويا. انهن کي هڪل ڪري سناسي خان رسيون گهرائي سيني کي ٻڌايو. پاڻ گهوڙي تي چڙهي وڏيري وٽ آيو ۽ ڪيس چيائين، "چاچا سان وهنوار/ حساب ڪتاب ڪر، نہ تہ تنهنجا ڇيڳڙا ڇورا مون وٽ ٻڌل آهن. آئون ڪٽيو ٿو وڃان جبل.
وڏيري جي مٽي ۾ بہ اجا مڳي هئي چيائين، "ڇوڪرن کي ڇڏائڻ لاءِ مون وٽ وڏا هٿ آهن."
اهو ٻڌي سناسي خان جهڙپ هڻي وڏيري کي ڪنڌ ۾ جهلي، گهوڙي تي اونڌو ليٽائي ڪٽي اتي آيو جتي وڏيرڪا ٻار ٻڌل هئا. ڇوڪرن کي هوش اچي ويو هو. هو سناسي خان ٻڪڪ جي هٿن ۾ وڏيري کي قابو ڏسي ڏڪڻ لڳا. سناسي خان، وڏيري کي گهوڙي تان هيٺ اڇلائي پوڙهي ڏانهن اشارو ڪري وڏيري کي چيو، "ڇورن کي چئو تہ چاچا کان پيرن پئي معافي وٺن."

وڏيرو ڪو بنيادي بي حياءُ هو. چيائين، "ڇوڪرا مرضيءَ وارا آهن...."ڇوڪرن دانهون ڪري چيو،" اسين معافي وٺون ٿا. پيرن پئي معافي وٺون ٿا!" وڏيري ڇوڪرن کي چيو، "ٿُڪ هَجيو ياڙيا!" سناسي خان ڪاوڙ مان هڪل ڪري چيو، "سڄي بيغيرتائي وڏيري جي آهي." وري جو وڏيري کي ڪنڌ ۾ جهليائين تہ هو هيڊو ٿي ويو، ۽ ٿنگون گهريندو هلڻ لڳو. سناسي خان وڏيري کي سندس ڇورن سميت گهرن ڪان پري جهنگ ۾ وٺي آيو. ساڻس گڏ پوڙهو ۽ پوڙهي جا پٽ ۽ پاڻٽيا هئا.

جهنگ ۾ پهچندي ئي سناسي خان وڏيري کي چيو، "آخري پيرو ٿو چوان  تہ تون ۽ تنهنجا چورا چاچا کان پيرين پئي معافي وٺو نہ تہ...."وڏيري چيو، "پوڙهي سان جيڪو ڪيو مون ڪيو ۽ سنو ڪيو." وڏيري جو ايترو چوڻ ۽ سناسي خان سٽ ڏئي وڏيري کي جهلي، ان جا ڪپڙا لاهي ڪيس سندس پٽن اڳيان اگهاڙو ڪري وڻ سان ٻڌو. پوڙهي کي چيائين، "توکي جيڪا بہ وڻي اها سزا ڏينس."
پوڙهي ۾ بدلي جي باھ ڦڙتي آڻي ڇڏي. ۽ پوءِ پوڙهي سيني جي اڳيان ڪيس اهڙي اذيت ناڪ سزا ڏني جو سندس ماڻهن شرم کان اکيون پوري ڇڏيون، ۽ وڏيري جي رڙين سان جهنگ ٻُري ويو. جنهن کان پوءِ سناسي خان سيني کي آزاد ڪيو تہ، وڏيري جا پٽ پيءُ جي سزا ڏسي پاڻ مرادو پوڙهي جي پيرن تي پئي معافيون وٺڻ لڳا. سناسي خان بڪڪ کين اها ڌمڪي ڏئي گهوڙي تي چڙهي جبل ڏانهن روانو ٿيو تہ، "هاڻي اوهان جي ڪا بہ شڪايت مون کي ٻڌڻ ۾ نہ اچي." ۽ واقعي ان واقعي کان پوءِ جيترا سال بہ پوڙهو اتي واندو ٿي رهيو، سندس ڪکن جي ويجهو ڪو بہ نہ آيو.
اهڙو ئي ۽ ان سان ملندڙ هيو بہ واقعو آهي تہ ائين جبل جا ڪي ماڻهو واندا ٿي، ڪنهن ٻئي علائقي ڏانهن ويل هئا جن کي اتي جي پوليس وارن ڏاڍو تنگ ڪيو هو. ٻئي ٽئي ڏينهن گهوڙن تي چڙهي اچي چون تہ، "اسان کي ڪاڏي لاءِ ٻڪر ڏيو". هي غريب ويچارا جيڪي رهيل ئي مال سانگي هئا. اهي کين ننڍين ٻڪرن مان هڪڙو ٻڪر ڏئي ڇڏيندا هئا. هڪ پيري آيا تہ انهن جواب ڏنو تہ، "هاڻي اسان وٽ ڪوبہ ننڍو ٻڪر ڪونهي." تہ انهن وڏو ٻڪر گهريو تہ وڏو ٻڪر ڏيڻ کان انهن واندين انڪار ڪيو تڏهن پوليس وارا چرجي (مچرجي) پيا. واندين جي پرئي مڙس کي بانڌن سان ڊاڻي رکيائون، ۽ مٿان سوائي ڌمڪي ڏئي ويا تہ ٽاڻي تي اوهان جي مٿان ڪيس داخل ڪنداسين."
اتفاق سان سناسي خان بڪڪ اوچتو انهن واندين وٽان وڃي نڪتو. خير اتفاق تہ نہ ٿو چئي سگهجي جو اهو سندس معمول هو تہ پنهنجن جي سار لهجي. پر اتفاق ائين ٿو چئي سگهجي تہ پوليس وارو واقعو اڃا تازو هو. سناسي خان بڪڪ اتي پهتو. اهي هرا سيل هئا. خبرون ورتائين تہ انهن سڄي ڳالھ ڪري ٻڌائي. پڇيائين، "وري ايندا؟" چيائون، "ها، اڄ اچڻ جو چئي ويا آهن."
سناسي خان بڪڪ جيڪو مڙسن جو مڙس هو ان اطمينان سان چيو، "اوهان بنا ڪنهن فرق جي اڳ وانگيان ئي سندن سڏ تي ٻاهر نڪري وڃجو." اڃا توري دير مس ٿي هئي تہ گهوڙن جي ٽاپ ۽ هٽڪ ٿي تہ انهن ٻڌايو تہ، "اچن پيا." کين چيائين وينا هجو. اتجو نہ. "هي وينائي

رهيا. پوليس وارا گهوڙن سوڌو واڙ لتاڙي اندر اچي پونگن جي در تي بيهي هڪلون ڪرڻ لڳا. "اوبيدا. ٻاهر نڪر". پوڙهي ڪي سناسي خان اشاري سان ٻاهر وڃڻ جو چيو ته پوڙهو ٻاهر نڪتو. پوڙهو جيئن ئي ٻاهر نڪتو پوليس وارن گارين جي ريهه لائي ڏني. "اڙي حرامي پڙوا، اڄ به ٻڪر ڪونه ڏيندين ڇا؟" انهن جو ايترو چوڻ سناسي خان بڪڪ شينهن وانگيان ٿاهه ڏئي اٿيو، ۽ گجگوڙ ڪري ٻاهر نڪتو. پوليس وارا ڪي ٿي چار هئا. انهن سيني جي مٿان ائين ڪاهه ڪري آيو جو، انهيءَ اوچتي ڪاهه انهن جا حوصلا خطا ڪري ڇڏيا. سناسي خان جي لٺ سندن پيرا پيري وئي. جڏهن سيپئي پوليس وارا پٽ سان ملي پٽ ٿي ويا ته، ساڳي ئي شينهن واري گجگوڙ ڪري چيائين، "اوهان جي پيءُ جو مال آهي جو ٽيسو تاريخ ٻڪر لاءِ بينا آهيو؟ هلو، آئون ٿو هلان ٿاڻي تي." "پوليس وارا هٿ ٻڌي معافيون وٺڻ لڳا ته سناسي خان چيو،" چاچا جي پيرن تي پئو حرامي، جيڪو اوهان جي پيءُ جيڏو آهي." پوليس وارا پوڙهي جي پيرين پئي هٿ ٻڌي روئي معافيون وٺڻ لڳا. ڪين لٺ جي نوڪر سان اٿاري چيائين، "پگهارون حرام جون تا ڪٽو جو غريبن جون کلون ٽا لاهيو، آئون اوهان جي وڏن کي به سڃاڻا ٿو... ساڻن ملندس ته پتو پوندو." انهن هٿ ٻڌي چيو، "سائين، هن پاسي رڳو نهاريون ته ڏوهي ٿيون." سناسي خان چيو،"هنن جي حفاظت ڪجو هي مسافر وانديا آهن. سندس ملڪ وسندو ته هليا ويندا." پوليس وارا هاڪار ۾ ڪنڌ لوڏيندا گهوڙن جون واڳون هٿن ۾ جهلي جوتا گسڪائيندا، ۽ گهريندا لوڙهي ڪان ٻاهر نڪري ويا.

سناسي خان بڪڪ جي شخصيت ايڏي باوقار ۽ رعب دار هئي جو ڪنهن ڪي به ساڻس اڱرائي ڪرڻ جي همت نه ٿيندي هئي. پوءِ اڳيان پلي ڪيڏو به وڏي پاور ۽ طاقت وارو ماڻهو ڇو نه هجي.

پهرين مهاڀاري جنگ ڪان پوءِ جڏهن ترڪن خلاف انگريزن ڌرتي ٿامو ڪري ڏني هئي ته، ننڍي کنڊ جي مسلمانن سان گڏ ڪوهستان جا ماڻهو پڻ ترڪن جا حمايتي هئا.

اهو ڪو مذهب جو معاملو نه هو. پر ظالم ۽ مظلوم جي ڳالهه هئي. انگريزن جي سياست ۽ حڪمت عملي هر ڪنهن وٽ ساريل هئي ته، هو پنهنجي مفاد خاطر ڪيئن هنڌ هنڌ، جتي ڪٿي ننهن اٽڪائيندا آهن.خلافت تحريڪ به انهن ئي انگريزن جي ڪونس ڦتاين ۽ ظلمن جي خلاف تحرڪ ۾ آئي.

جبل جي ماڻهوءَ وٽ اسڪولي تعليم نه هئڻ جي باوجود شعور ۽ آگهيءَ جي ڪا ڪمي نه هئي ۽ اهي دنيا سان ڳنڍيل رهيا. اها وڏي حيرت جي ۽ سڄيءَ سنڌ لاءِ نئين ۽ قابل فخر ڳالهه آهي ته جڏهن انگريز، ترڪ جنگي قيدين کي بحري جهازن ذريعي ڪٽي ڪراچيءَ جي بندر گاهه

جي ويجهو اڇي سمنڊ ۾ ٻوڙي ماريندا هئا (جڏهن ته پنهنجي واريءَ مهل "جنگي قيدين" سان سٺي سلوڪ وارا معاهدا عمل ۾ آندائون جن جي پوئواري نه ڪرڻ جي سزا طور جاپان تي ايٽمي حملا ڪري لکين ماڻهو ماريا ۽ ڪاريا).
ترڪ فوجي قيدين کي سمنڊ ۾ ٻوڙي مارڻ جي پروڙ سڀ کان پهرين ڪراچي ۾ رهندڙ بکڪن کي پئي جيڪي تڏهن سرڪاري ملازمت ۾ هئا. انهن اها ڳالهه سناسي خان بکڪ تائين پهچائي. پوءِ ته اها ڳالهه سڄي ڪوهستان ۾ هُلي وئي. ڪوهستان جو شينهن سناسي خان بکڪ ڪراچي پهتو ۽ سيني گڏجي هڪ صلاح سان حڪمت عملي جوڙي، جنهن ۾ سناسي خان بکڪ سان گڏ حاجي نورمحمد بکڪ، ابراهيم بکڪ ۽ جهونجهار بکڪ (ٻئي سناسي خان جا پائر)، گل محمد جورڪاڻي، دريائي چٿو ۽ ٻيا شامل هئا. اهي رات جو لڪي ٻيڙين ۾ چڙهي اڌ رات جو برٽش نيوي جي جهاز کان پري ٻيڙيون لڪائي پاڻ تري اندران ئي اندران پاڻيءَ مان ترڪ فوجين کي ڪٽي پنهنجي ٻيڙين ۾ چاڙهي محفوظ ڪنارن تائين بچائي آڻي پهچائيندا هئا. اتان کين وٺي ڪراچيءَ ۾ ئي پنهنجن گهرن ۾ آڻي ڪارائي پياري سندن ورديون لهرائي، پنهنجا ڪپڙا پارائي وري لڪ چپ ۾ ترڪي اماڻي ڇڏيندا هئا. ائين انهن تمام گهڻن ترڪيءَ جي فوجين جي جان بچائي کين ترڪي موڪليو. الائي ڪيئن انگريزن کي خبر پئجي وئي پوءِ ته ڪوهستانين لاءِ انهن رڻ ٻاري ڏنو. سندن گهرن تي ڇاپا ۽ جهڙتيون ڏنيون. ٻارن ٻچن کي ڌڪا ٿاٻا.... اهو سڀ ڪجهه ساهوڪوهستاني سهندا رهيا. پر حاجي نور محمد بکڪ (جيڪو سرڪاري ملازم هو) ان جي گهران جهڙتي ڏيندي ترڪ فوجين جون قيدين واريون ورديون ملي ويون، جنهن کان پوءِ گرفتارين لاءِ ڇاپا هنيائون. ڇاپن ۾ مقامي ماڻهن جي ئي سات دغا ۽ سازشن سان حاجي نورمحمد بکڪ، ابراهيم ۽ جهونجهار بکڪ گرفتار ٿيا. انهن کي پوءِ بصره (عراق) جي قيد خانن ۾ وڃي قيد ڪيائون. (ڪوهستانين جو انگريزن سان نفرت ڪرڻ جو هڪ اهو به مثال آهي ته ٻي مها ياري جنگ ۾، جڏهن ترڪن جرمنين جو سات ڏنو ته ڪوهستاني ماڻهو جيڪي اڳ ئي ترڪن جا حمايتي هئا، انهن جو هٽلر هيرو ٿي ويو ڇو جو هٽلر ترڪن کي سنو رت ۽ سنو نسل قرار ڏنو هو. اڄ به ڀلي دنيا هٽلر کي ظالم يا ڊڪٽيٽر يا ڇا به چوي پر ڪوهستانين جي نظر ۾ هو هيرو آهي. ڇو جو هو پنهنجي قوم لاءِ سچو هو. ڪوهستانين ۾ اهو شعور آهي ته جيڪو ماڻهو پنهنجي قوم لاءِ سچو آهي. اهو ٻين به سڄڻ جي عزت ڪندو ۽ ٻي وڏي ڳالهه ته هو غيرتمند هو، جنهن شڪست کان پوءِ به دشمن جي هٿان پاڻ کي گينڊڙا ئي مارڻ بجاءِ پاڻ کي پاڻ موت جي حوالي ڪيو (اهڙي غيرت ڪوهستان جي قيمتي وٿ آهي.)

سناسي خان بڪڪ لاءِ مسلسل ڇاپا هنياپي ويا. پر هُو تہ پنهنجي علائقي جي پٽري، مُٺڪي جو واقف هو. ڪيس خبر هئي تہ ڪٿي خطرو ۽ ڪٿي حفاظت آهي.
هو جبلن ۾ پنهنجي ساٿين سان سفر ڪندي هڪ جاءِ تي آرام ڪري رهيو هو تہ، اتان ڪو انگريز فوجي (ميجر) پنهنجي ماتحتن سان لانگهائو ٿيو. هو ڇرڪي پيا. پر اهي سناسي خان کان واقف نہ هئا. بس مڳي ۽ وڏاندري ڪندي انگريز ميجر انهن کان پڇيو، "اوهان ڪير آهيو؟" سناسي خان کي سندس انداز ۽ سوال نہ وڻيو. چيائين، "ڇو؟" انگريز ميجر ساڳي مڳيءَ ۾ چيو، "ان لاءِ تہ اهو  سوال پڇڻ جو آئون حق رکان ٿو" سناسي خان جيڪو اڳ ئي انگريزن کان سخت نفرت ڪندو هو ان کي انگريز ميجر جو لهجو ڪاوڙائي ويو. چيائين،" ڪنهن بہ پرڏيهيءَ کي ڪنهن بہ ڏيهي کان اهو پڇڻ جو ڪوبہ حق ناهي تہ تون ڪير آهين؟ ها اهو اسان جو حق آهي تہ اوهان کان پڇون تہ اوهين ڪير آهيو؟"
نوجوان انگريز ميجر اهو ٻڌي تپي ويو. چي، "آئون حاڪم آهيان ۽ تون غلام...." اهو جملو اجا اڌ ۾ هو تہ سناسي خان جو هٿ مٿي ٿيو، ۽ انگريز ميجر جي گلابي منهن تي وڏين آڱرين جا گهرا ڳاڙها نشان ڇڏي ويو. انگريز ميجر ڏڏي تہ ويو. پر پنهنجي سخت ٽريننگ جي ٻل تي هڪدم پاڻ سنڀالي پنهنجي بندوق سنڀالي ۽ پنهنجي ماتحتن کي حڪم ڏنو تہ، "هن کي گرفتار ڪريو." هو اجا ڪجھ ڪن تنهن کان اڳ سناسي خان جي لٺ ٻاتاڙيل انگريز ميجر کي ڪيرائي وڌو. سندس ساٿين ٻجليءَ وانگر انگريز ميجر جي ماتحتن کي قابو ڪري ورتو.
سناسي خان، انگريز ميجر کي ٻڌي پنهنجي گهوڙي تي اونڌو ليٽايو ۽ سندس ماتحتن کي اتي ئي وٽن سان ٻڌو ۽ پاڻ انگريز ميجر کي ڪٽي روانا ٿيا.
اجا مس ڪو پنڌ ٿيو هوندو تہ سناسي خان سٽ ڏئي انگريز ميجر کي وارن کان جهلي مٿي ڪنيو ۽ ڪيس نفرت سان ڏٺو. پوءِ هڪدم پنهنجي ڪيسي مان چاقو ڪڍي ان جو نڪ وڍي ڇڏيائين. هو دانهون ڪندو رهيو ۽ هو ڪيس موٽائي سندس ماتحتن وٽ آيو. پوءِ انهن جا سڀيئي بندوقون ۽ هٿيار ڪٽي ڪين وٽن مان کولي آزاد ڪري پاڻ روانا ٿيا ۽ پنهنجن رازدان گونا گون جبلن جي پناهن ۾ هليا ويا.

اهو ڪو معمولي واقعو نہ هو. پوءِ تہ وٺ وٺان ٿي وئي. سناسي خان جيڪو اڳ ئي حڪومت کي گهربل هو. انهيءَ جي تلاش ۾ سڄو ڪوهستان اٿلائي ڇڏيائون.

جڏهن ڪيس لهي نہ سگهيا تہ سندس ڳوٺ تي ڪاھ ڪيائون جتي سندس گهر هو. ٻہ ننڍڙا ٻار، 8 سالن جي هڪ ڌيءَ ۽ 6 سالن جو هڪ پٽ ۽ سندس گهر واري جيڪا سندس سوٽ هئي ۽ جهڙس ئي سوپياوان ۽ سورهيہ هئي ۽ سندس صابر ستير ماءُ هئا.
سناسي خان جي عمر ان وقت تقريباً 30- 31 سال هئي. سندس مڙسي ۽ دانائيءَ جي هاڪ هنڌ هنڌ سرهاڻ جيان پکڙجي وئي هئي. سندس چاهيندڙن ۾ دوستن جو بہ وڏو حلقو هو جنهن ۾ ڪراچيءَ جو بيرسيٽر عبدالرحمان صاحب پڻ هو (جنهن جا پٽ بيريسٽر حسن علي عبدالرحمان، جنهن جي ڌي شيري رحمان جيڪا هن وقت امريڪا ۾ سفير آهي ٻيو پٽ طفيل علي عبدالرحمان جيڪو ملڪ جو اٽارني جنرل ٿيو هو/ هئا)

پوليس جڏهن سناسي خان بڪڪ جي گهر ۾ ڇاپا هڻڻ لاءِ سندس ڳوٺ پهتي تہ، انهن سان حڪومتي رول موجب بيرسيٽر عبدالرحمان پوليس اٿالي سان گڏ هو. اتي اچي ڪيس خبر پئي تہ پوليس سناسي خان بڪڪ جي گهر ۾ ڇاپو هڻڻ آئي آهي تہ هن پوليس کي چيو، "آئون اڪيلو ئي گهر جي اندر ويندس. مون سان گڏ اندر هلڻ جي ڪنهن کي بہ ضرورت ناهي." هن کان اڳ بيريسٽر عبدالرحمان ڪڏهن بہ سناسي خان جي ڳوٺ يا گهر نہ آيو هو. گهر ۾ اندر گهڙيو تہ سناسي خان جي پرده نشين گهر واري وڏي چادر ۾ ويڙهجي سندس سامهون آئي، جنهن کي ڏسي ۽ جنهن جي ڏاهپ ۽ شائستہ انداز واري گفتگو ٻڌي هو ڏاڍو متاثر ٿيو. سندس مٿي تي شفقت مان هٿ رکي چيو، "بابا، سڀ خبر ٿي ويندو." سناسي خان جي ماءُ کي دلاسو ڏئي ۽ ٻارن کي پيار ڪري گهر مان ٻاهر نڪري پوليس کي چيائين، "گهر ۾ ڪجھ بہ ڪونهي هلو..."

بهادرن جا دوست ۽ ساٿي بہ بهادر هوندا آهن. پر ڪي بدنيت ڪانئر وچ ۾ وار ڪري ويندا آهن. پوليس سناسي خان بڪڪ جي ڳولا ۾ سرگرم هئي. پر ڪيس لهي نہ ٿي سگهي.
هڪ ڀيري هو ڪراچيءَ ۾ پنهنجي هڪ دوست وٽ ساٿين سميت آيل هو تہ، سندس ڪنهن دشمن مخبري ڪري پوليس کي سندس موجودگي جو اطلاع ڏنو، پوليس اوچتو گهيرو ڪري ڪيس سندس ساٿين سميت گرفتار ڪري ورتو. سندس مڙئي دوست پهچي ويا. پر انگريزن کي ڊپ هو تہ جي ڪيس ڪراچيءَ ۾ هلندو تہ هو ڪين سنڀالي نہ سگهندا، انهن ڪراچي ۾ ڪيس هلائڻ نہ چاهيو. ۽ ڪيس هڪدم ممبئي وٺي وڃڻ جو حڪم ڏنائون.
جڏهن ڪيس سندس ساٿين سميت ممبئي وڃڻ لاءِ پوليس جي سخت گهيري ۾ بندر گاھ تي آندو ويو تہ، انهيءَ ڪوهستاني شينهن کي ڏسڻ لاءِ دنيا اٿلي پئي هئي جيڪي روئي رهيا

هئا. جڏهن ڪيس بحري جهاز ۾ سوار ڪيوپي ويو تہ سندس گھر واري، ٻہ ننڍڙا ٻار، ماءُ، پيئر، سؤٽ ۽ سڀ ئي مائٽ، عزيز ۽ دوست بندر گاهہ تي ساڻس موڪلائڻ آيا هئا، جيڪي ملاقات جي اجازت نہ ملڻ ڪري سڀ ئي پري کان ڪيس ڏسي هٿ مٿي ڪري لوڏي، ساڻس موڪلائي رهيا هئا تہ اوچتو پاڻ هڪل ڪري چيائين تہ، "منهنجا ٻئي ٻار مٿي ڪڍو تہ آئون ڏسان". جڏهن سندس مائٽ ۽ دوست اوچگارون ڏئي ٻارن کي مٿي ڪلهن تي چاڙهي جهليو تہ سندس ٻہ اکيون آليون ٿي ڏيئڻ جيان ٻرڻ لڳيون. سندس روشن پيشاني تجلا ڪري رهي هئي. مائٽن جي وچ ۾ بيٺل سندس پر جهلي گھر واري باوقار بيني گونگا ڳوڙها ڳاڙي لاڪيڻي لطيف جا بيت جهونگاري رهي هئي،

مُون اُيي تَڙ وَٽَ، پِرِينَ پَڳَهَ چَوڙِيا
ڪا مُنهين ۾ گهٽِ، نا تہ سڄڻ سڀاجها گهٽو
....
مون ايي تڙ جهل، پرين پڳهہ چوريا
ڪا منهين ۾ ال، ناتہ سڄڻ سڀاجهر گهٽو

سناسي خان ٻڪڪ جي ممبئي اسهڻ کان پوءِ جبل چڙ تہ ٻسو تي پيو. سندس گھر واري جنهن جي عمر ان وقت 27 سال هئي.

سَيئي جَوين ڏينهن، جڏهن سَڄڻ سَفر هليا
رُوئان رَهن نَہ سپرين، آيل ڪريان ڪِيئن
مون کي چاڙهي چِينئن، وِيو وَڻجارو اُهِري.
(شاهہ رح)

اها سندس وچوڙو نہ سهي بستري حوالي ٿي وئي، ٻار ڏاڏي ۽ چاچن جي حوالي هئا. سناسي خان جي سؤٽ چٽي خان ٻڪڪ جڏهن ممبئي وڃڻ چاهيو، تہ سناسي خان جي دوستن ڪيس جهليو تہ متان اتي اوهان کي بہ سؤٽ هجڻ جي ناتي سان گرفتار ڪيو وڃي، اسين وجون پيا ملاقات بہ ڪنداسين ۽ وري اچي اوهان کي حال احوال بہ ڏينداسين
هو روانا ٿي ويا.

سناسي خان کي ويندي به اٺ نو مهينا ٿي ويا هئا ۽ سندس دوستن به ورڻ ۾ دير ڪئي هئي. ان وچ ۾ سندس گهر واري جيڪا چوندي هئي ته، 'شال آئون سڄڻ (سناسي خان) ڪان اڳ وڃان، سندس وڇوڙو نه سهندي 28 سالن جي ڄمار ۾ گذاري وئي.

ٻارو ڇا ٻيا ٻه گهڻا، منهنجو اڇهو آرياڻي
چوندي رکيم چت ۾، ساجن سجاڻي
جاوندروڪاڻي تنهن جو موٽڻ مَسَ ٿيئي.
(شاه رح)

ڏک ۾ ڏک آيو سڀ ئي مائٽ هيٺا ۽ ڏکويل ٿي پيا. اوچتو اها خبر هُلي وئي ته سناسي خان جا اهي دوست ممبئيءَ مان موٽي آيا آهن جيڪي ساڻس ملاقات ڪرڻ ويا هئا. سڀڪو انهن ڏانهن ڊڊي ڊوڙيو ته انهن اوچنگارن سان ٻڌايو ته، "انگريزن اسان سان ڊوھ ڪيو ۽ انهن ٻنا ڪيس هلائڻ جي سناسي خان کي کاڌي ۾ زهر ڏئي شهيد ڪري ڇڏيو."

ڪوپا ڪلي ڪوڏيا، راوت ڪين رهن
يُجَاهِدُونَ فِي سَبِيلِ الله، ڪم اهو ئي ڪن
حورون هار ٻڌن، سهرا شهيدن ڪي.
(شاھ رح)

دوستن ٻڌايو ته جوڏي جوان اتي به ڪين ڪين مڃيو. ممبئي جيل جي قيدين ٻڌايو ته جڏهن جيل ۾ ڪيس دال ماني ڏنائون ته هن اها وٺي هيٺ رکي. جيلر کي به شايد ڪنهيءَ ڪنيو هو سو اهڙي اٽموٽ سان چيڙ ڪندي چيائين، "نهارين ڇا تو دال ۾، هتي اها ئي ملندئي". قيدين ٻڌايو ته اسين ان وقت دم بخود ٿي وياسين جڏهن سناسي خان پنهنجون ٽانڊا اکيون مٿي ڪٽي جيلر کي ڏنو ۽ وچ جيان دال واري پليٽ کڻي زور سان جيلر ڏانهن اڇلائي ته جيلر جو نرڙ به اڏ ٿي ويو. ائين پي لڳو ته سندس مٿو ٻن حصن ۾ ورهائجي ويو هو. پوءِ ته ڪيس سيني ڪان ڏار اڪيلي ڪوليءَ ۾ الائي ڪٿي بند ڪيائون. پوءِ ته جيڪو ساڻس ٿيو اهو اڪيلي ٿيو. قيدين ٻڌايو ته اسان هيڏو بهادر ماڻهو نه ٻڌو نه ڏٺو هو....
سيئي ڊنڊ ڪرون ڏئي روئڻ لڳا. سندس دوستن ممبئي مان آندل سناسي خان جا ڪپڙا ۽ لٽ سندس پيارن ۽ سؤٽن جي حوالي ڪئي ته نئين سئين پٽڪارو پئجي ويو.

دوستن ٻڌايو تہ ساڙس گڏ ويل ساٿين کي سزا اچي وئي آهي، جن ۾ سندس دل گهريو دوست گل محمد جورڪاڻي بہ شامل هو.
سناسي خان بڪڪ جهڙن پٽن تي ڪوهستان جيترو ناز ۽ فخر ڪري اهو ان جو حق آهي جن سر ڏنو پر آڃ نہ مڃي.

طبعي بهم رسان ڪه، بسازي بعانمي،
يا همستي ڪه ازسر، عالم توان گذشت.

(يا اهڙي طبيعت ڏاريو جو دنيا سان نهي ۽ منجهس کپي وڃو، يا اهڙي همٿ جو مورڳو دنيا کان ٻاهر نڪري وڃو).

# مالدار، سخي ۽ مهربان ڪردار: رُهيل بڪڪ (پوراڻي)

ڏيڊ پوٽا ٻه صديون اڳ ڪوهستان واري رَوهَ ملڪ جو 'روهيلو' رُهيل بڪڪ پنهنجي راڄ پاڳ پٽن پوٽن سان گڏ جبل جي شينهن علائقي ۾ رهندو هو. ساڍن ڇهن فوٽن جو قد رکندڙ اڇي ڳاڙهي رنگت وارو ڏاڏو رُهيل بڪڪ (منهنجي تڙ ڏاڏي رکئي بڪڪ جو وڏو ياءُ هو)، هاني ڪاني، منهن مهانڊي ۾ يوناني ۽ رومي بادشاهن سان مشابهت رکندڙ هو.

سندس لباس جي باري ۾ سندس پوٽو عمر بڪڪ (جنهن جي ڄمار ٻه سؤ سالن کان مٿي آهي). چوي ٿو ته، هو رڍن جي اُنَ ۽ ٻڪرين جي ڏاس مان ٺهيل لباس پائيندو هو. جيڪو هو پاڻ ئي رڍون ٻڪريون لُٽي، ڪَتي، تاجي، اُٽي ۽ سِبِي پائيندو هو. چون ٿا ته اهو اوني ڊگهو چوغي جهڙو لباس پائي هو بلڪل رومي ۽ يوناني نسل جو لڳندو هو.

وڏو مالدار هو. وٽس هزارن جي تعداد ۾ ڌڻ، ڪيراڳ ۽ وڳ هئا (رڍن، ٻڪرين ۽ ائن جا ميڙ). هو پنهنجي مال سان پاڻ ئي ڊراڙن سان گڏ ويندو هو. اهو ئي سندس شوق ۽ اها ئي سندس مصروفيت هئي. مال ۾ ساهه هوندو هئس. مال جي سک لاءِ جتي ڪٿي وانيو ٿي وجي رهندو هو.

هڪ ڀيري مال سان گڏ پنهنجي علائقي کان ٻاهر وانيو ٿي ويل هو. ڪوهستان مڙيئي ڪوهستان، ڪنهن جي ذاتي ملڪيت نه هئي. وڏو جهنگ هو جتي گاهه پاڻي هو. مال چاريندي اچي هڪ هنڌ پاڻي جي تلاءَ تي پهتو. مال کي پاڻي پيئڻ لاءِ ڇڏي پاڻ پنهنجي ڪلهي تان لسيءَ جي ڪَلي لاهي پيئڻ لڳو. اوچتو گهوڙي جي هٽڪ ٻڌائين ۽ ڇرڪي اٿي بيٺو.

ڏسي ته هڪ نهيو نڪيو همراهه گهوڙي تي چڙهيو وٽس آيو. رهيل بڪڪ ڪاوڙ جي ڇيس، "بنا هڪل جي ڪرَ ڪرَ (گڏهه جي) ڪندو آيو آهين ڇو؟ پوئتي ٿي منهنجو مال تو ٿاهين (ڇڙو ڇڙڪرين)."

گهوڙي سوار رعب مان چيو، "هي علائقو منهنجو آهي. آئون وڏيرو آهيان ۽ تون بنا موڪل جي اچي مال تو چارين!" وري هزارن جي تعداد ۾ سندس مال ڏانهن نهاري چيائين، "هنن مان جيڪو ٻه سنو پهرو (مال) هجي اهو چونڊي ڏي".

رُهيل بڪڪ جيڪو اهڙي لهجي جو رهيگ (عادي) نه هو. اهو تپي باهه ٿي ويو. هڪدم گهوڙي سوار کي ٻانهن کان جهلي وني جو سَٽَ ڏنائين ته همراهه اچي پَٽَ تي ٻُوٽَ ڀَرَ ڪريو.

رُهيل بڪڪ ڇڙي چيو، "ڪهڙو پٺهين جو علائقو اٿئي؟ جهڙو تون تهڙو آئون، سڀني جو ساڳيو پَٽُ آهي. هي وري مڙس ڏٽي تي آيو آهي گهوڙي تي چڙهي پِنَ گهرڻ، تون ته گهرجائو

آهين، گهوڙي تان هيٺ لهي نوڙت سان گُهر ته پِنَ به ملئي هيئن ٿو هٿ سان پنين؟ پڇهين جو مال آهي جو ڇُونڊا هَو (جوان مال) چوندي ڏاڙهي ڪي ڏيان؟"

وري همراهه جي منهن ۾ نهاري جيڪو رنگ جو سانورو، بت ۾ اپرو ۽ سندس قد جي اڌ جيترو مسَ هو، جيڪو هيٺ ڪرڻ جي ڪري پاڻ تان مٽي ڇندي رهيو هو، ۽ هٿ تي ڪو ڏڪ هئس ان ڪي ڪنهي به رهيو هو. تڏهن پڇيائينس،"نالو ڇا اٿئي؟" همراهه جيڪو هيسيل هو تنهن جواب ڏنو، "ڪالُوخان!" رُهيل بڪ منهن ۾ گهنج وجهي ناگواري مان چيو، "ڪالُو، اهو ڪهڙو نالو آهي؟" جواب ڏنائين، "مائٽن اهو نالو رکيو آهي." وراڻيائين، "مائٽن ڏوڙ وڌي اٿئي". وري ڏانهسن نهاريائين ته هو پنهنجي هٿ ڪي يڪو ڪنُهِي رهيو هو ته چيائينس، "هٿ ڪي ڇا اٿئي يڪو پيو ڪنهين؟ "جواب ڏنائين، پِٽَ ڦرُڙي آهي."

رُهيل بڪ جيڪو پاڻ نهايت صحت مند هو اهو نفرت مان پوئتي هٽيو ۽ چيائين، "پري ٿي ڏاڙهي (چڙمان جبل ۾ ڪنهن ڪي ڏاڙهي چئبو ته معنيٰ هن ڪي لئڙ ڪيائين يا گار ڏنائين)، گرَ (چمڙيءَ جي بيماري) اٿئي، پري ٿي منهنجي مال کان به، نه ته موچڙا ڏئي ٻاهر ڪيندو سانءِ."

پوءِ هن ڪي گهوڙي تي چڙهڻ به نه ڏنائين ۽ هو گهوڙي جي واڳ هٿ ۾ جهلي تيستائين پيدل ويندو رهيو جيستائين رُهيل بڪ نظرپي آيس.

چون ٿا ته اهو وڏيري جو پٽ هو، جنهن وجي جڏهن اها ڳالهه سربستي پنهنجي پيءَ ڪي ٻڌائي ته سندس پي مٿس ڪاوڙجي پيو ۽ ڪيس ڇڙٻ ڏيندي چيو، "اڙي تو رُهيل بڪ سان وجي ائين ڳالهايو آهي؟ جنهن کان اسين ڪانهاري ڪانهاري (پيار مان هٿ گهمائي) پوءِ ئي ڪجهه وننڊا آهيون. هو وڏو مالدار آهي، مهربان آهي، سخي آهي. جيڪو گهربو اٿس ڏئي ڇڏيندو آهي ۽ تو.... اڙي ياڳ وارو هئين جو توکي وجڻ ڏنائين، نه ته اڳ ڪنهن ائين تو وانگي ساڻس ڳالهايو هوندو، ته ان ڪي اگهاڙو ڪري وڻ سان ٻڌي پاڻ مال ڪاهي هليو ويو هو، ۽ پوءِ سندس ماڻهن ڏي چوائي موڪليائين ته، "فلاڻي هنڌ تي اوهان جو همراهه ٻڌو پيو آهي. کولي وجو نه ته پڳاڙ پيرا پيري ڇڏيندس."

اهڙا به ڪردار جبل جا هئا جن ڪي ياد ڪندي، سارينديِ خوشي ۽ فخر محسوس ٿيندو.

اَڄُ گُهرِ جَين تُون، بَدَا ماٺي پِنُرا
مَتان اَچِي مُون، وَيرِين وَاٺُون لائِيُون.
(شاهه رح)

# ڪتاب ’مانجو ڪوهستان‘ جو هڪ سگهارو ۽ پرجهلو ڪردار سيٺ علي محمد بڪڪ (مُنگهاڻي)



آيا آس ٿيام، ٻاروچا پنهور ۾
پسي پهر پنهونءَ جي، نُنهن سئين نيڻ نڙيام
گُوندر وِسريام، سُکن شاخون ڪَڍيون.
(شاهہ رح)

سيٺ علي محمد بڪڪ جو جيئڻ سچ ته لطيف سرڪار جي مٿئين بيت جي تعبير هو. سندس جيئڻ پڻ غريبن جا گوندر لاهڻ ۽ سکن جون شاخون ڪيڻ جو باعث بڻيو.

سيٺ علي محمد بڪڪ جا ڪاروبار، ڌنڌا ۽ ڪم عام ڪوهستانين جي مزاج جي برعڪس هئا، جن جي وسعتن جي ڪري سندس علائقي جي غريب بيروزگار ماڻهن کي مختلف ڪم مليا ۽ بيروزگاري جڻ غائب ٿي وئي هئي. هاري ناري، ڊراڙ، نوڪر، ڊرائيور، ڪلينر، مستري، منشي، مزدور ۽ چوڪيدار مطلب ته هر قسم جا ڪم ماڻهن کي مليا ۽ اهي روزگار سان لڳا ۽ ڪين سک، خوشي ۽ پاڻ پرائي ملي. هونئن به سندس فطرت خوشي ڏيڻ واري هئي. سندس هٿان ڪنهن کي به ڏک نه رسيو، "هٿان حبيبن، ڪڏهن ڪونه ڏکويو."

ڪوهستان جو ذڪر جڏهن به جتي به ايندو تڏهن اتي سيٺ علي محمد بڪڪ جو ذڪر سنن، بلڪ شاندار لفظن ۾ ڪيو ويندو. ان وٽ ڪوهستان جي ڏکن ۽ سورن جي خاتمي جو مشن هو.

سيٺ علي محمد بڪڪ هڪ بهادر، سخي، عقل جو اڪابر، صابر، ساهو، بي انتها ذهين، هر ريت ۾ حسين، شائستو، وضعدار، مشڪلون آسان ڪندڙ ۽ مهان ماڻهو هو.

هن پنهنجي سڄي زندگي محنت ڪندي گذاري. هو سخت محنت ڪش هو. محنت واري ڪم کان ڪڏهن به نه ڪيٻايائين. پنهنجي زمينن ۾ لاٻارو ٿيندو هو ته هارين سان گڏجي لاٻارو ڪندو هو. روڊن رستن ۽ جبلن ٽوڙڻ وارو سندس ڪم هوندو هو ته، پنهنجن ئي پگهاردار نوڪرن ۽ مزدورن سان گڏجي پاڻ به پٿر ڪٽيندو ۽ ڍوئيندو هو. محنت وارو ڪم ڪندي کيس راحت ملندي هئي.

پيسي جي وٽس ڪڏهن بہ ڪا ڪمي نہ هئي. سندس تجوڙيون هميشہ پيسن مان ڦٽڪنديون هيون، جن جا دروازه نوڪر لتون ڏئي بند ڪندا هئا. پاڻ پوءِ بہ نهايت سادي زندگي گذاريندو هو. وٽس گاڏين جي ڪابہ ڪمي نہ هئي. سڄي بلوچستان ۽ ڪوهستان ۾ ٽرانسپورٽ جو پايو وجهندڙ هو. جبل ۾ جڏهن ماڻهن گاڏيون اڪين سان نہ ڏٺيون هيون، تڏهن پاڻ روڊ ۽ رستا جوڙي اتي گاڏيون پهچايائين.

جابلو علائقا جتي وِرتَ (گرانٽ) جيترو بہ سنئون سڌو پٽ نہ هو، اتي ڊائنا مائيٽ سان جبل ٽوڙي رستا ناهي ماڻهن لاءِ سک ۽ سهولتون پيدا ڪيائين.

سندس ڪاروباري ڪوٺي لي مارڪيٽ ڪراچي ۾ هُئي/آهي، جتي پنهنجو ڪم پورو ڪري اٿندو هو تہ، گهر وڃڻ لاءِ پنهنجي خاص گاڏي ۽ ڊرائيور ڪي نہ ڏسي بنا ڪنهن پڇڻ جي ٽيڪسي يا بس ۾ گهر هليو ويندو هو.

عجيب قلندر شخص هو جنهن پنهنجا ماءُ ۽ پيءُ ٻچن وانگي سنڀاليا. ٻچا تہ شهزادن وانگي پااليائين. پاڻ علم جو عاشق ۽ روشن خيال هو. پنهنجي سڀني ٻارن کي اعليٰ تعليم ڏياريائين. سندس وڏو پٽ قادر بخش بکڪ ٽرپل ايم اي ۽ ايل ايل. بي هو. ٻيو پٽ پروفيسر ڊاڪٽر رسول بخش بکڪ پيٽالاجيءَ جو پروفيسر آهي ۽ آمريڪا ۽ يورپ جي ڪيترن ملڪن جو ڊگري يافتہ آهي. ٽيون پٽ محمد بخش بکڪ اليڪٽريڪل انجنيئر آهي ۽ چوٿون پٽ مولابخش بکڪ سنڌ گورنمنٽ ۾ هڪ اعليٰ آفيسر، لطيف جو ڄاڻو، اعلانٽر نويس، شاعر ۽ هن وقت (جولاءِ 2009ع)"شاه جي رسالي" جو منظوم اردو ترجمو ڪرڻ ۾ مشغول آهي. سيٺ صاحب جون نياڻيون پڻ تعليم يافتہ آهن.

سيٺ علي محمد بکڪ شروع ۾ مال ڌاريو تہ وٽس ڍڳين جا ڌڻ (ميڙ) هئا. جن جي ڪوٽ/ داڻي، گاهہ ۽ چاري لاءِ وڏا دڪان کولي ڇڏيائين. جڏهن سندس مال جا ڌراڙ ۽ نوڪر مال جو داڻو ۽ ڪوٽ وڏين سيمنٽ جي ڪونڊين ۾ جوڙيندا/ پسائيندا هئا تہ، سندس چوڻ هو تہ ڳوٺ ۾ جنهن بہ غريب وٽ هڪ بہ ڳئون يا ٻڪريون هجن تہ، انهن کي ٻئي وقت سندن مال لاءِ ڪوٽ ڏنو وڃي. ڳوٺ جا غريب ماڻهو جڏهن سيمنٽ جي وڏين ڪونڊين مان ڇُڙيل ڪُوٽ جون بارديون ڀري چلڪائيندا، هاريندا پنهنجي مال لاءِ ڪٽي ويندا هئا تہ، ڪوٽ هارڻ تان ڇڙي جڏهن ڌراڙ ڪين هڪلون ڏئي چوندا هئا، "ڪوٽ تہ ڪٽون ٿا پر هاريو ڇو ٿا؟" تڏهن ماڻهو کلي چوندا هئا، "ڏي ڏاتار، ڦاٽي.... پاندار جي."

ائين ئي جڏهن پاڻ ٽرانسپورٽ جو ڪاروبار شروع ڪيائين تہ، سندس گاڏين ۾ غريب ماڻهو بنا ڀاڙي جي ايندا ويندا هئا.

اهو دور ورهاڱي کان اڳ جو هو. جڏهن اجا گاڏيون عام نہ ٿيون هيون ۽ بلوچستان ۽ ڪوهستان جي ماڻهن جي عام سواري اٺ، گهوڙو يا ڏڳي گاڏي هئي. ڏڳي گاڏي بہ اٺ هلندي هئي جتي ڪو سنئون سيڌو پٽ هوندو هو. نہ تہ ڏڳا حضرت آدم عليہ السلام جي ڏڳن وانگيان پاڻ ڳالهائي بيهي رهندا هئا، "ڪيئن هلون، سنيئن زمين ڪٿي آهي؟" سيٺ صاحب اهڙن هنڌن تي روڊ رستا بنائي ڪراچيءَ کان حب، دريجي، ٻيلو، اٿل، وندر، پبني، خضدار، وڍ، ڪنراچ، هنگلاچ، اورماڙو، گوادر، مند، پنج گور، تربت، قلات، وغيره تائين گاڏيون هلايون. جبل جا ماڻهو جن ڪڏهن گاڏيون ڏٺيون ئي نہ هيون اهي تہ، پهرين پهرين گاڏين جو آواز ٻڌي خوف مان پِجي لڪي ويا هئا. هڪ هنڌ جڏهن سيٺ علي محمد بکڪ جي وڏي گاڏي"walkeshaw" جنهن کي عرفِ عام ۾، "واقعي شاهہ" چيو ويندو هو. اها گاڏي تمام وڏي ۽ نهايت غير معمولي هئي، جنهن جي اڳيان پراڻن بحري جهازن وانگي هڪ وڏو لوهي چڪرو هو جنهن ۾ ٿلها لوهي رسا ويڙهيل هوندا هئا.

انهي گاڏيءَ جو اهو ئي مخصوص ڪم هوندو هو تہ جتي بہ ڪا گاڏي/ ٽرڪ/بس وغيره ڦاسي پوندي هئي تہ، ان کي لوهي رسن سان ٻڌي ڇڪي ڪڍي ايندي هئي. اها گاڏي غير معمولي وڏي گاڏي هئي. اهڙي گاڏي اڄ تائين ڪٿي بہ نظر نہ آئي. اها گاڏي جڏهن پهرين جبل ۾ پهتي تہ ان کي ڏسي پهرين تہ ماڻهو ڊڄي ڀڄڳا. پر جڏهن ڪين ٻڌائي، سمجهائي موٽائي آندو ويو تہ بہ پري پري کان پيا ڏسن تہ هيءَ آفت اسان کي کائي ويندي. نيٺ ڪين ويجهو آڻي گاڏيءَ تي هٿ رکايائون تہ دل جهلي بيٺا ۽ پوءِ اهي ويا ۽ گاهہ جا وڏا ڀُنا ۽ پاڻي ڪٽي آڻي گاڏيءَ جي اڳيان رکيائون تہ اها کائي ۽ پئي. انهن سمجهيو تہ گاڏي بہ اٺ ۽ مال وغيره جيان گاهہ پاڻي کائيندي.

رات جو سيٺ علي محمد بکڪ جڏهن پاڻ پنهنجي جيپ ۾ اتي پهتو تہ، وري بہ جبل جا ماڻهو ڊوڙي آيا تہ رات وڏي گاڏي ويامي آهي ۽ (جيپ ڏانهن اشارو ڪري) هيءُ ٻچو ڄڻيو اٿس.

اهڙي دور ۾ جڏهن غربت عروج تي هئي. تڏهن هُن ماڻهن لاءِ سک ۽ سهنج ڪيا، غريبن کي ڪراچيءَ مان پنهنجن پيسن تي سامان وٺي ڏئي، پنهنجي گاڏين ۾ ڪٽائي سندن علائقن ۾ دڪان کولائي ڏنا.

"وَڏَ" جيڪو اڄ هڪ شهر جي صورت اختيار ڪري ويو آهي ۽ جيڪو سردار عطاءُ الله مينگل جو اباڻو علائقو ۽ مرڪز آهي. اتي اڳ ڪجهہ پونگن ۽ لوڙهن کان سواءِ ڪجهہ بہ نہ هو. وڏ ۾ وڏ سردارن جا ڪچا مٽيءَ جا گهر اڏيل هئا جتي ماڻهن جو گذر سفر مال ۽ باراني

زمينن تي هو. يا تہ رڍن ۽ ٻڪرين جي لٽيل اُنَ/ ڏاس تي هو، جنهن جو ملھ مال جي بدلي مال يعني جنس جي بدلي جنس واري ريت ۾ ڪاروبار هو.

سيٺ علي محمد بڪڪ جون گاڏيون جڏهن اتي پهتيون تہ وَڏِ ۾ خضدار جا بروهي اُن ۽ ڏاس جا ڪيئي مڻ ۽ ٽن وزني ننگ (وڏيون ڳوٽيون)، گاڏين ۾ وجهي ڪراچيءَ ڏانهن اماڻيندا هئا. جيڪي ڪراچي ۾ سيٺ علي محمد بڪڪ جي وڏن گدامن ۾ رکيا هئا. مال سان آيل ماڻهن کي سيٺ علي محمد بڪڪ پاڻ وٽ رهائي ڪارائي پياري سندن مال جو سٺو سودو ڪرائي وڪڻي ڪين پيسا ۽ راشن وٺي ڏئي گاڏين ۾ سوار ڪرائي سندن گهرن ڏانهن روانو ڪندو هو.

رودن ۽ رستن جي سلسلي ۾ جڏهن پاڻ وَڏِ (علائقو) ۾ ويو تہ، اتي ماڻهن جي ڏکيئي گذر سفر کيس گهڻو ڏکويو. انهن کي ضرورت جي ذري ذري شيءِ لاءِ گاڏين جو انتظار ڪرڻو پوي ٿو، پوءِ پاڻ اتي جو اتي نقشو تيار ڪري قطار ۾ آمهون سامهون دڪان اڏڻ جو چئي پاڻ ڪراچي موٽي آيو. دڪانن لاءِ ضروري سامان سودو، راشن ۽ ضرورت جون سڀ شيون موڪليائين. جڏهن دڪان اڏجي تيار ٿيا ۽ منجهن راشن ۽ سودي وغيره جو سامان رکجي ويو تہ، دڪانن جو افتتاح ڪرڻ لاءِ سردار عطاءُ الله مينگل، سيٺ علي محمد بڪڪ کي وڍ وٺي ويو جتي ٻنهي گڏجي دڪانن جو افتتاح ڪيو.

افتتاح ڪرڻ واري پهرين ڏينهن سردار عطاءُ الله مينگل دعوت ڪئي (سندس گهر بہ وَڏِ ۾ آهي). ان ۾ سيٺ علي محمد بڪڪ ۽ سڀني دڪاندارن شرڪت ڪئي. ماني کائڻ کان پوءِ هڪ دڪاندار اٿي چيو، "سڀاڻي منهنجي پاران دعوت آهي." اجا سيٺ علي محمد بڪڪ ڪجھ چوي تنهن کان اڳ سردار عطاءُ الله مينگل چيو، "سڀاڻي سيٺ صاحب جو ڪراچيءَ ۾ ضروري ڪم آهي جنهن لاءِ کيس اتي پهچڻو آهي." اهو ٻڌي سيٺ علي محمد بڪڪ حيران ٿي ويو، ڇو جو ٻئي ڏينهن تي کيس ڪوبہ ضروري ڪم نہ هو. جڏهن سڀئي ماڻهو موڪلائي هليا ويا تہ سردار عطاءُ الله مينگل کلي چيو، "اسين جي سڀاڻي اُن دڪاندار جي ماني کائون ها تہ، پوءِ انهن سڀني دڪاندارن جي ماني کائڻ لازمي ٿي پوي ها، جن جو تعداد اوهان کي خبر آهي تہ سو کان بہ مٿي آهي ۽ جي هڪ جي ماني کائي ٻئي جي نہ کائون ها تہ جيڪر اهي پنهنجي بيعزتي سمجهي ڪاوڙجي پون ها تہ، فلاڻي جي ماني اوهان کاڌي اسان جي ڇو نہ ٿا کائو. ڪڏهن ڪڏهن تہ اهڙي صورتحال تي بندوقون بہ ڪڍجي وينديون آهن."

انهي ڳالهه جو ذڪر پوءِ به سردار عطاءُ الله مينگل ساڻس ڪندو هو ته، "اتي جي اسين هڪڙي دڪاندار جي ماني کائون ها ته الائي ڪيترا مهينا اتي رهڻو پوي ها." اهڙي ريت سيٺ صاحب سڄي بلوچستان ۾ رودن جو چار وڃائي ڇڏيو.
لطيف سرڪار سان هر هڪ جبل واسي عشق ڪري ٿو (جيڪو به سنڌي ٻولي ڳالهائيندو آهي). سيٺ علي محمد بڪڪ به لطيف سائينءَ جو عاشق هو (جنهن جو ذڪر مون پنهنجي ڪتاب "چپر ڪين ڏي..." ۾ ڪيو آهي، جيڪو ڪراچي يونيورسٽيءَ جي لطيف چيئر ڇپايو آهي). پٻني ناڪي وٽ سيٺ علي محمد بڪڪ جي گاڏين جو اسٽاپ هوندو هو. اها ئي پٻني جتي اچي سسئي ويچاري ٻاتاڙجي وئي هئي رڳا جبل ئي جبل ڏسي.

آڏ ترِچا آهڙا، ڏاڪا ڏونگر ڪي،
هي جي وَرَ وندر جا، ماريندا مون ڪي،
هاڙهو هيٺيءَ ڪي، لنگهائج لطيف چئي.
(شاهه لطيف)

سسئيءَ جو ته هونئن ئي پهڻن ۾ پير پيو هو جو پنيور به پٽرائين ٽڪريءَ تي واقع آهي. پوءِ به نج جبل جي مقابلي ۾ ڪيس ميداني علائقو چئي سگهجي ٿو.
پاڻ (سسئي) اصل ته الائي ڪٿي جي هُئي. سيوهڻ جي يا.... پر جن کي "ڳڙو" تي اچي ملي هئي انهن به اکين جو نور ڪري سانديي هئي جو، "جائي ڪان نيپاج متي" ۽ "مُور ڪان لاپ منو" هوندو آهي. پر سسئيءَ ويچاريءَ کي ته ڪرم جا ڪي ڏڪا لکيل هئا جو اچي پهاڙن ۾ پئي. لطيف بادشاهه به حق تي چيو آهي.

سِرِ جي تانُ سُورَ، سامائي تان سک ويا،
اهي ٻئي پُورَ، نماڻيءَ نصيب ٿيا.

پٻنيءَ وٽ اچي جبلن ته ڪيس گهڻو ورچايو ۽ ڏکويو پر اتي هڪ پنوارئين (پنوائتي) ٻئوش (وحشي) ڊراڙ 'للي ليڏٽي' کي ڏسي ڏني ۽ هيڪاري پريشان ٿي وئي. للو جيڪو مال چارڻ لاءِ نه ٿي ويو ته ڪيس ماءُ چيو هو، "ابا، مال چارڻ وڃ، اتي توکي 'ڏندان' (ڏندن) ڪَرِڪي ڪنوار ملندي". سسئيءَ کي ڏسي هن ڀانيو ته اها ئي امان جي ڏسيل ڪنوار آهي سو جيئن ئي هو، سسئيءَ ڏانهن وڌيو ته سسئي هرڻ وانگيان ڇال ڏئي وني ڀڄي ته سندس چنڊ چهري

تان چادر سرڪي پئي. سندس سونهن جو تجلو ٿيو ۽ سامهون وار جبل جرڪي پيو، جنهن کي اڄ بہ مقامي ماڻهو 'مُنهن ٻار' جبل چوندا آهن. يعني جتي سسئي جو منهن ٻاهر ۽ ظاهر پڌرو ٿيو. اهو جبل اڄ بہ سج ۾ اندلٺ وانگيان ست رنگي لڳي ٿو. انهيءَ جبل ۾ چون ٽا تہ 'چرولي' نالي پٿر آهي. سسئيءَ، پنوارئين للي ليڏٽي کي ڏسي هر اسيل هرٽيءَ جيان ڇال ڏيندي پڄندي پي وئي. اڳيان جيڪو بہ وڻ واٽ ۾ پي آيس ان تان ٽپ ڏيندي ٻرانگهون پريندي لطيف چواڻي پي وئي،

ولاڙئو وٽين چڙهي، ڏئي پٽولي لانگ،
ٽاريءَ ٽاريءَ ڇانگ، سسئي مور ٻچن جيان

قصو تہ وڏو ۽ تفصيلي آهي. مختصر ائين تہ اتان هڪ سوڙهي پيچري تان پڄندي ڊوڙندي پي وئي. للو سندس پويان حيران پريشان پي آيو. سوڙهو پيچرو پار ڪري سسئيءَ ڏٺو تہ اها هڪ وادي هئي جيڪا چؤڦير جبلن جي گهيري ۾ هئي. "ڪرڙا ڏونگر ڪ گهٽي، جت ماڻر متاهين." انهيءَ متاهين ماٿري ۾ پاڻ کي جبلن ۾ ڦاٿل ڏسي دعا گهريائين تہ زمين ڦاٽي پئي ۽ پاڻ انهيءَ ۾ پيهي وئي. انهيءَ واديءَ جو نالو 'سنگهر' آهي ڇو جو اتي جبل سنگهر/ زنجير وانگر ڪڙو منجهہ ڪڙي جيئن جڙيل آهي.
سيٺ علي محمد بڪڪ، 'سنگهر' واري علائقي ۾ انن ذريعي آيو، ڇو جو جبل جي سوڙهي پيچري تان ڪنهن بہ گاڏيءَ جو گذر ناممڪن هو. سواءِ انن ۽ پيادن جي ٻيو ڪنهن بہ ذريعي اتي پهچڻ ممڪن نہ هو. سيٺ علي محمد، سسئي ۽ پنهون جي قبر (گڏيل) وٽ آيو جيڪا مٽيءَ جي هڪ ٻُنيءَ جي صورت ۾ هئي. لطيف بادشاهہ جي دادلن ڪردارن کي جبلن ۾ هينئن اجڙيل، بيجلو ۽ ننڌڪو ڏسي ڪيس گهڻو ڏک ٿيو ۽ پاڻ سندن قبر ناهڻ جو ارادو ڪيائين پر ڪيئن؟ اتي اڏاوت وغيره جو سامان ڪيئن پهچائجي؟ سسئيءَ وٽ پهچڻ لاءِ تہ هڪ ئي گذرگاهہ هو، جيڪو جبلن جو اهو اوکو سوڙهو پيچرو هو، جتان هڪ ماڻهو يا ڪو اٺ ئي گذري سگهيو ٿي.
سيٺ علي محمد بڪڪ جيڪو هڪ ماهر قدرتي انجنيئر هو ۽ روڊ ۽ رستا ٺاهڻ جو ايڪسپرٽ هو (جنهن جي ڪيل ماپ کي ڪو وڏو انجنيئر بہ رد ڪري نہ ٿي سگهيو). تنهن انهيءَ سوڙهي پيچري کي وڏو، موڪرو ۽ گاڏين جي هلڻ لائق بنائڻ لاءِ پنهنجي تيز ۽ روشن اکين سان پيچري جو جائزو ورتو ۽ جانچيو. جنهن ڪان پوءِ موٽي ڪراچي آيو جتان ضروري سامان ۽ ماڻهو ڪٺي پڄني (علائقو) پهتو ۽ ان سوڙهي پيچري واري جبل کي ڊائنامائيٽ سان

ٿوڙي پيپچري ڪي ايڏو وڏو ڪرايو، جو اتان ڪا جيپ، ڊاج وغيره آسانيءَ سان گذري سگهي. جنهن ڪان پوءِ هُن سسئي ۽ پنهونءَ جي گڏيل خوبصورت قبر هڪ ڇاپري جي هينيان بنائي. قبر جي سار سنڀال ۽ خدمت لاءِ هڪ پگهاردار مجاور نالي لاهوتي وهاريو، جنهن ڪان پوءِ ڪيس اطمينان ٿيو ته هاڻي مائي سسئي لطيف سرڪار ڪي دانهن نه ڏيندي.

سسئيءَ جي قبر تي هاڻي ته مقبرو پڻ بنايو ويو آهي ۽ اتي خير خيراتون ۽ لنگر ورهايا وڃن پيا. پر جڏهن سسئي ۽ پنهونءَ جي آخري آرام گاهه سنگهر جي ماتريءَ ۾ مٽيءَ جي هڪ ڍڳ جي صورت ۾ ننڍڙڪي حالت ۾ هئي جتي پهچڻ به ناممڪن هو. تڏهن سيٺ علي محمد بڪ جبل ٿوڙي، رستا جوڙي سسئي جي آخري آرام گاهه بنائي دنيا سان متعارف ڪرايو. هاڻي پلي اتي ڪو تاج محل تعمير ڪري (آمين) پر سسئي جي مقام جي سجاڻپ سيٺ علي محمد بڪ ڪرائي. ان لاءِ هاڻي اهو به پيو ٻڌڻ ۾ اچي ته ڪن ڪامورن جا پونيئر اهو ڪريڊٽ پنهنجي وڏن ڪي ڏيڻ ۾ رڌل آهن، جن جي وڏن تيار رستي تان گذري سسئيءَ جي بنيل قبر جي پر ۾ لطيف جا ڪجهه فريم ٿيل بيت رکيا.

ضلعي خضدار جي مشهور درگاهه حضرت شاهه بلاول نوراني جي مزار تائين، ائين ئي جبل ٿوڙي سيٺ علي محمد بڪ رستو بنايو، جتي اڳ ميڙي (ميلي) تي ويندڙن ڪي وڏي ڏکيائي هوندي هئي.

شاهه نوراني تي ويندڙ جا ٽي (زيارتي) هڪ مقام 'محبت فقير' وٽ گاڏيون بيهاري پاڻ انن تي يا پيدل حضرت شاهه بلاول نوراني جي مزار تائين ويندا هئا. ڇو جو شاهه نورانيءَ جي 'پِڙَ' تائين پهچڻ لاءِ اڳيان جبلن ۾ هڪ سوڙهو ۽ ننڍو رستو بلڪ واٽ هئي. ان جي پر مان هيٺ هڪ 'ڍورو' وهندو هو/ آهي، جتي انبن، ڪجين، آمرين ۽ ڄموئن جا بيحد وڏا ۽ گهاٽا وڻ آهن. انهيءَ مقام ڪي 'ڏنڊٽو' چيو وڃي ٿو. روايت آهي ته انهيءَ ڍوري وٽ حضرت شاهه بلاول نوراني ڏندڻ ۽ وضو ڪندا هئا، جنهن نسبت سان انهيءَ جاءِ ڪي، 'ڏنڊٽو' چيو وڃي ٿو. جبلن جي انهيءَ سوڙهي واٽ تان زيارتي پاڻ ۽ سندن ٻار ٻچا ڳِهرِ جي پِڙَ ۾ مزار تائين پهچندا هئا.

'محبت فقير' تائين به تڏهن (1950- 1951ع) سيئي گاڏيون رڳو سيٺ علي محمد بڪ جون هلنديون هيون ۽ پاڻ سڄي بلوچستان جو تڏهن اڪيلو ئي ٽرانسپورٽر هو. جنهن پوءِ ساڳئي نموني ڊائنا مائيٽ سان جبل ٿوڙي، موڪرو (ويڪرو) ڪري گاڏين جو رستو بنائي ماڻهن لاءِ آسانيون پيدا ڪيون، ان ڪان پوءِ ننڍيون گاڏيون (جيپ/ ڊاج وغيره) محبت فقير

جي زيارت ڪان پوءِ، سڏيون پڙَ تائين پهچڻ لڳيون ۽ وڏين گاڏين جا زيارتي پڻ محبت فقير ڪان پوءِ ننڍين گاڏين ۾ ويهي پڙَ ۾ پهچڻ لڳا.
شاهه نورانيءَ جي ميلي ۾ ماڻهو پهچائڻ لاءِ جيئن ته سيٺ علي محمد بڪڪ جون 10- 11 گاڏيون هلنديون هيون، ۽ ميلي تي ويندڙ آخري گاڏي غريبن، فقيرن ۽ ملنگن لاءِ مفت ويندي هئي. انهي زماني ۾ سيٺ علي محمد بڪڪ جون گاڏيون هڪ ته سندس لي مارڪيٽ واري اسٽاپ تان ويندي‌ون هيون، ۽ ٻيون سندس گهر واري وڏي گيراج مان ويندي‌ون هيون.گاڏين جا ڊرائيور جن جون وڏيون پڳهارون، وڏيون عزتون، سنا ڪاڏا. جتي گاڏيون بيهن اتي انهن لاءِ ڪڪڙ ٻڪر ڪسجيو وجن ۽ وڏيون دعوتون ٿيو وجن. ڇو جو تڏهن اجا گاڏيون نيون نيون ماڻهن ڏٺيون هيون ۽ انهن کي هلائڻ وارا ته وڏي ڳالهه هئا. معنيٰ ته عام ڪان مٿي ۽ منفرد هئا.
سيٺ علي محمد بڪڪ جا سيئي ڊرائيور نوجوان ۽ برجستا هئا ۽ جڏهن اهي تيار ٿي اچي ڊرائيونگ سيٽ تي وهندا هئا ته عام ڪان مختلف لڳندا هئا. بوسڪيءَ جا ڪپڙا، قراقليون ٽوپيون، ڪارا چشما، ڪارا ايراني ريشمي وڏا رومال ڪلهن تي، سونيون زنجيرون ڪنڌن ۾، سونهري پٽن واريون گهر گليون روليڪس واچون ڪراين ۾، وڏن ڳاڙهن ٻُڙن واريون ٽلهيون سونيون منڊيون آڱرين ۾، ڪارا چلڪٽا چيڪات ڪنڌڙ بوٽ پيرن ۾ پائي، گاڏين جون چاٻيون آڱرن ۾ رنگائي اهڙي ته ناٽ سان هلندا هئا جو هوائي جهاز جا پائلٽ پري ٿي بيهن.
شاهه نوراني تي ويندڙ آخري مفت هلڻ واري گاڏيءَ جو ڊرائيور، هاشم بڪڪ هو جيڪو نهايت حاضر جواب ۽ يوڳائي هو. گاڏيءَ ۾ چڙهڻ لاءِ سيپئي غريب، فقير ۽ ملنگ اچي گڏ ٿيا هئا. انهيءَ ڳوٺ (حاجي مريد بڪڪ ڳوٺ) جو هڪ چريو جنهن جو نالو مصري هو ۽ ذات جو 'ٻُرو' هو. اهو ٻه پراڻن ڪپڙن جي هڪ وڏي هڙ ۽ پنهنجي زورائتي ڪتي سميت اچي سهڙيو. هيڏي هوڏي پيو لوٽا هٽي. هر ڪو پيو ڪيس ڏڪي ٻاهر ڪڍي ته اوچتي سندس نظر گاڏيءَ جي ڊرائيور، هاشم بڪڪ تي پئي جيڪو گهوٽ ٻٽيو ٽلي رهيو هو. هڪل ڪري چيائين، "هاشو، او هاشو. ڪهڙي گاڏي نورانيءَ تي وجي پئي؟"
سيٺ علي محمد بڪڪ جي وڏي گيراج ۾ سندس ڪيئي گاڏيون بيٺل هيون، جن ۾ هڪڙو خراب ڪيڪڙو بنا ٽائرن جي بلاڪن تي رکيل هو. هاشم بڪڪ مشڪي بلاڪن تي رکيل ڪيڪڙي ڏانهن اشارو ڪري چيو، "او، هو پريون ڪيڪڙو پيو نوراني تي وجي. ڊوڙي وجي هنڌ والار نه ته جاءِ ڪانه ملندئي." اهو ٻڌي مصريءَ هڪدم ڊوڙ ڪري بلاڪن تي رکيل

ڪيڪڙي ۾ پنهنجي بيحد وڏي ميرن پراڻن ڪپڙن واري هڙ اچلائي ۽ پنهنجي ڪتي کي ٻه چاڙهي پاڻ ٽپ ڏئي ڪيڪڙي ۾ چڙهي ويهي چوڻ لڳو، "سنو ٽيو جو سويرو آيوس. اويرو اچان ها ته هنڌ ئي ڪونه ملي. اجا ته سجي گاڏي خالي آهي." ميڙي تي وجڻ واري گاڏيءَ ۾ ماڻهو ويهندا ويا ۽ گاڏي رواني ٿي وئي. مصريءَ کي جڏهن گهٽي دير ٿي ته سڏ ڪرڻ لڳو، "هاشو، اوهاشو، ماڻهو نه ٿا هلن ته ڇڏين ڪٽي. مون کي ته وٺي هل نورانيءَ جي ميڙي تي." اهو هو سچو يوڳ جيڪو ياد اچي ويو. انهيءَ ساڳي ئي چرئي سان لاڳاپيل هڪ دکدائڪ واقعو پڻ آهي ته، هڪڙو پناڻ مڇي وڪڻڻ وارو آيو. مصريءَ هن کان مڇي ورتي. جڏهن پناڻ پيسا گهريا ته چوي، "آهين ئي ڪونه!" پناڻ چيو، "مڇي موٽائي ڏي." ته مصريءَ هڪدم مڇي اچلائي پنهنجي ڪتي کي ڏني. مڇيءَ وارو پناڻ اچي ڪاوڙيو ۽ جيئن ساڻس وڙهڻ لاءِ اڳيان وڌيو ته، مصريءَ يڪدم ڦڙتيءَ سان پنهنجو ڪتو ڪٽي اچلائي مڇيءَ واري پناڻ کي هنيو. ڪتو ٻه زورائتو ۽ پاڻ مصري چريو ٻه سگهارو سو جيئن ئي پناڻ کي زور سان ڪتو هنيائين ته، وڃي سيني ۾ لڳو ته پناڻ زيپوڙو ڪري هيٺ پٽ تي ڪريو ۽ بيهوش ٿي ويو. اهو سڀ اک ڇنڀ ۾ ٿيو. ماڻهن ڊوڙي اچي پناڻ کي مٿي ڪنيو ته پناڻ ۾ ساهه جڙي ئي ڪونه. وري ڊوڙيا ۽ ڊاڪٽر کي وٺي آيا جنهن اچي ڏسي تپاسي چيو ته، "هي مري ويو آهي." پوءِ ته پناڻ جي مائٽن وٺ وٺان لائي ڏني. مصري چرئي کي پوليس ٻڌي ڪٽي وڃي بند ڪيو. ڪيس هليو ۽ جڏهن مصريءَ کي عدالت ۾ بيان ڏيڻ لاءِ آندو ويو ته هن چيو، "پناڻ کي مون نه، ڪتي ماريو آهي." ڪجهه مهينا جيل ۾ بند رهيو ۽ پوءِ ڪيس چريو چئي آزاد ڪري ڇڏيائون.

مصري چرئي جي واقعن جو هن مضمون سان واسطو ڪونهي پر اها ٻه هڪ ڪوهستاني چرئي جي روئداد آهي جنهن لاءِ هتي گنجائش نڪري پئي.

شاهه نوراني تي ويندڙ گاڏين جا ڊرائيور اتي ويساهين (ساهي پٽڻ) ڪاڻ لاءِ ٽڪي پوندا هئا. جيئن ته شاهه نوراني جي مزار هڪ ماٿريءَ ۾ آهي جيڪا تمام وڏن جبلن جي ٻانهن ۾ ويڙهيل آهي.

اتي جا جبل ايڏا وڏا ۽ ڊگها آهن جو ڪڪر ٻه انهن جبلن جي اڌ مان گذرندا آهن. لطيف چواڻي، "ڇپر ۽ ڇمر، ٿا لڳهه لڳن پاڻ ۾..." اهي جبل اهڙا پراسرار ۽ قديم آهن جن جي پراسراريت ۽ قدامت تي لکجي ته ڪيئي ڪتاب لکجي وڃن، جن جو ٿورو ذڪر مون پنهنجي ڪتاب، "شاهه لطيف جي ٻوليءَ جو تحقيقي جائزو" ۾ ڪيو آهي اهو ڪتاب ڪراچي يونيورسٽي (لطيف چيئر) ڇپايو آهي.

انهيءَ پراسرار واديءَ ۾ شاهه نورانيءَ جي درگاهه پڻ هڪ جبل جي اڌ ۾ آهي. جيئن ته اتي زمين اڻ لڀ آهي سو، سيٺ علي محمد بڪڪ پنهنجي گاڏين جي ڊرائيورن، ڪلينرن، مسترين، منشين ۽ پنهنجي نوڪرن جي رهڻ، سمهڻ وغيره لاءِ شاهه نورانيءَ جي درگاهه جي پر وارن جبلن کي ٽوڙي هيٺ مٿي وڏا وڏا تلها نهرايا، جو جو ميڙي ۾ تمام گهڻا ماڻهو ايندا هئا جن لاءِ پڙَ ۾ هنڌ ئي نه ٿيندو هو.
وڏن ڌنڌن ۽ ڪاروبار ۾ وير ۽ دشمنيون پڻ وڏيون ٿينديون آهن. ائين ئي بلوچستان جي بااثر ماڻهن پنهنجي اثر کي گهٽ ٿيندو ڏسي سيٺ علي محمد بڪڪ سان وير رکيو. هيڏانهن هوڏانهن رنڊڪون ۽ رڪاوٽون وجهڻ لڳا، جن کي پاڻ ڪا اهميت نه ڏيندو هو. ڇو جو سندس سڄو ڪاروبار سچ تي ٻڌل ۽ قانون جي تحت هو. پر ويري ته ويري آهن سو هڪ ڀيري شاهه نوراني جي ميلي جي موقعي تي اتي گهات هڻي ويهي رهيا. جڏهن سيٺ علي محمد بڪڪ جون سڀ ئي گاڏيون زيارتن/ جاتين کي شاهه نوراني جي پڙَ ۾ پهچائي، اچي محبت فقير جي مزار تي بيٺيون (جتي سندن اسٽاپ هو) ۽ سڀ ئي ڊرائيور، ڪلينر وغيره آرام ڪرڻ لاءِ شاهه نوارني جي پر وارن جبلن ۾ نهيل تلهن تي هليا ويا ته، آڌي رات جو گهات ۾ ويل هچارن خالي گاڏين تي فائرنگ شروع ڪري ڇڏي. گاڏيون وڏيون هيون (ٽرڪون ۽ بسون وغيره)جن ۾ هڪ هڪ گاڏيءَ ۾ 10-12 ٽائر لڳل هئا. اوچتي فائرنگ جي آواز تي سڀ ئي ڊوڙي اچي اتي پهتا. پرويري ڀڄي ويا.سيٺ علي محمد بڪڪ پاڻ ڪراچيءَ ۾ هو جنهن کي اطلاع ڪيو ويو، جيڪو اطلاع ملڻ شرط هڪدم سيني گاڏين جا سيئي نوان ٽائر ۽ گهربل سامان ۽ مستري ساڻ ڪٽي اتي پهچي ويو ۽ سيني گاڏين کي نوان ٽائر لڳرائي ڇڏيا. پاڻ ميلي جي پڇاڙي تائين نورانيءَ جي پڙ ۾ رهيو ۽ ميلي جي پڄاڻيءَ تي سيني گاڏين کي زيارتين سميت موٽائي آيو. پوءِ خبر پئي ته ويرين جو خيال هو ته سندن ڪارروائيءَ سبب گاڏيون اتي ئي بيٺيون رهنديون ۽ مسافر رلي ويندا. پر سيٺ علي محمد بڪڪ جهڙو بهادر ۽ ذهين ماڻهو اهو سڀ ڪٿي برداشت ٿي ڪري سگهيو. جنهن ڪان پوءِ دشمني ويتر وڌي وئي. ٻني ناڪي واري اسٽاپ تي بيٺل سيٺ علي محمد بڪڪ جي هڪ بس کي باهه ڏئي ساڙيو ويو ته سڄي خلق ڪاوڙجي پئي. مجرمن کي جهلڻ لاءِ سرڪاري مشنري به حرڪت ۾ اچي وئي، دريجيءَ جو ايماندار نائب تحصيلدار راجا منظور جيڪو ڏاڍو متحرڪ عملدار هو. ان هڪ هڪ مجرم کي ڳولي ڳولي گرفتار ڪيو. انهن پوءِ ڏوهه باسيو ۽ بااثرن جا نالا ظاهر ڪيا. اهڙيءَ صورتحال ۾ سيٺ علي محمد بڪڪ جا جذباتي چاهيندڙ ڪاوڙجي پيا، جن ۾ بروهين جي اڪثريت هئي جن بدلي طور ويريين کي وڏا نقصان ڏنا.

انهيءَ سجي ڇڪتاڻ ۾ جهڳڙي ۾ سيٺ علي محمد بڪڪ جو پنهنجي ماڻهن کي اهو ئي حڪم جهڙو چوڻ هو، "مال جو، گاڏين جو، زيان ۽ نقصان ٿيئي ته ٿيئي، باقي ڪوبه جاني نقصان ٿيڻ نه کپي . نقصان ته نه ٿئي بلڪه ڪنهن به ماڻهوءَ کي ڪوبه جسماني ڏک نه لڳڻ کپي."

سيٺ علي محمد بڪڪ جو راڄ ڀاڳ به وڏو هو ته، ڪيس چاهيندڙن جو حلقو به نهايت وسيع هو جيڪي پڻ بدلي ونڻ لاءِ آتا ۽ مستعد هئا، تنهن کان علاوه سندس جانثار ڊرائيور جيڪي نهايت بهادر ۽ سگهارا هئا ۽ مقابلي لاءِ سدائين مسلح ۽ لانچيل هوندا هئا انهن چيو، "اسين وڙهڻ لاءِ اڳرائي نه ڪنداسين. پر جي اهي پنهنجن علائقن ۾ اسان جي سامهون آيا ته اسين به ڪين نه ڇڏينداسين." پر سيٺ علي محمد بڪڪ جي ڪين اهائي هدايت هئي "وڙهجو نه!" هُو قتل ۽ خون جي سخت خلاف، نرم دل ۽ ٻاجهارو انسان هو.

دشمني ۽ وير جي انهيءَ طويل سلسلي جو جڏهن پير سائين پاڳاري، جام آف لسٻيلا جام مير غلام قادر عالياڻي ۽ سردار عطاءُ الله مينگل پرچاءُ جي صورت ۾ خاتمو ڪيو ته، سيٺ علي محمد بڪڪ سان اهي روئي پاڪر پائي مليا. حالانڪ پير سائين پاڳاري ۽ سيني منصفن مٿن ڏوهه ڏنڊ پڻ رکيو هو. ان جي باوجود جڏهن اهي ڪليءَ دل سان مليا تڏهن سيٺ علي محمد بڪڪ ڪين چيو، "اڄ اسين هڪ ٻئي سان سينو سيني سان ملائي مليا آهيون ته اسان کي ڪوبه ڏک ۽ پڇتاءُ ڪونهي. چو جو انهيءَ سجي ويڙهه ۾ ڪو هڪ به جاني نقصان نه ٿيو آهي." سيني اها ڳالهه مڃي ۽ ڪليءَ دل سان اعتراف ڪيو ۽ ان جو ڪريڊٽ سيٺ علي محمد بڪڪ کي ڏنو.

پير سائين پاڳاري سان سيٺ علي محمد بڪڪ جي شروع ۾ سڃاڻپ به سندس گاڏيون ۽ جبل جي ڏکين علائقن سان سندس وابستگي هئي.

سيٺ علي محمد بڪڪ جون گاڏيون جيئن ته، بلوچستان جي ڪنڊ ڪڙڇ تائين هلنديون هيون جن ۾ هنگلاڄ جهڙو ڏکيو علائقو پڻ شامل هو. هڪ ڏينهن سيٺ علي محمد بڪڪ پنهنجي لي مارڪيٽ واري ڪاروباري ڪوٺي ۾ ويٺل هو ته هڪ ماڻهو آيو، جنهن پنهنجو تعارف ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ صاحب طور ڪرايو ۽ چيائين، "پير سائين پاڳاري جو هنگلاڄ وڃڻ ۽ پٻ جبل ۾ شڪار ڪرڻ جو پروگرام آهي جنهن لاءِ اوهان جي رهنمائي کپي."

سيٺ علي محمد بڪڪ حامي ڀري ۽ شڪار جي پروگرام جو ٻڌي هيڪاري سرهو ٿيو. سيٺ علي محمد بڪڪ هڪ نهايت ماهر شڪاري هو جنهن وڍ، خضدار، ڪنراڇ ۽ پٻ جبل ۾ وڏا شڪار ڪيا، جن ۾ چِٽي (چيتي) جو شڪار پڻ شامل آهي. مصروفيتن جي ڪري شڪار لاءِ

وقت گهڻ ملندو هئس. پر پوءِ به شڪار لاءِ وقت ڪڍي ويندو هو. ان وقت جبلن ۾ بي انداز شڪار هوندو هو. تنهن هوندي به پاڻ احتياط سان شڪار ڪندو هو. پوءِ ته شڪار ڪرڻ بلڪل بند ڪري ڇڏيو هئائين.

پير سائين پاڳاري سان هنگلاج ۽ پپ جبل ۾ شڪار جو پروگرام بنيو جنهن ۾ ساڻس گڏ سندس سوٽ سيٺ غلام محمد بڪڪ پڻ شامل هو. پير سائين پاڳاري جون پنهنجون گاڏيون ۽ پنهنجون تياريون هيون. جڏهن ته سيٺ علي محمد بڪڪ پڻ پنهنجي طرفان مڪمل تياري ڪئي هئي، ڇو جو پاڻ انهن رستن ۽ جبلن جي ڏکيائين کان واقف هو.

سائين پير پاڳارو پنهنجي مريدن (حرن) ۽ دوستن سان گڏ انهن علائقن ۾ پهريون ڀيرو وڃي رهيو هو. ڪيس انهن علائقن جي باري ۾ معلومات نه هئي.

سيٺ علي محمد بڪڪ ۽ سيٺ غلام محمد بڪڪ پنهنجي پنهنجي جيپن ۾ هئا. قافلي ۾ گاڏيون گهڻيون هيون جن ۾ پير سائين پاڳاري جون مختلف گاڏيون هيون، جن ۾ راشن پاڻي، کاڌو پيتو بلڪ هر طرح جو سازو سامان موجود هو.

سائين پير پاڳاري جي اسپيشل جيپ سيني کان اڳيان هئي، جنهن جي پويان ٻيون سڀئي گاڏيون هيون. سڀ ئي گاڏيون جبلن جون چڙهايون چڙهنديون ويون. جيئن پوءِ تيئن جبلن جون چڙهايون وڌنديون ڏکيون ٿينديون ويون. ننڍيون گاڏيون چڙهنديون ويون. وڏيون گاڏيون جن ۾ راشن پاڻي ۽ کاڌو پيتو هو اهي وڏيون ۽ ڏکيون چڙهايون چڙهي نه سگهيون ۽ پنيان هيٺ ئي رهجي ويون. تان جو آخر ۾ پير سائين پاڳاري جي گاڏي، ڪي سندس مريدن جون گاڏيون ۽ سيٺ علي محمد بڪڪ جي جيپ ۽ ڊاج ۽ سيٺ غلام محمد بڪڪ جي جيپ مٿي جبل جي چڙهاين تائين پهچي ويون. رات ٿيڻ واري هئي. سائين پير پاڳاري پنهنجي خاص ماڻهن (حُرن) کي چيو، "پاڻي ۽ ڪافي کپندي."

حُر ڏسن ته سائينءَ جي انهن گاڏين مان ڪا هڪ گاڏي به مٿي پهچي نه سگهي آهي، جن ۾ سائين پير پاڳاري جو اسپيشل فرانس جو پاڻي ۽ سندس مخصوص ڪافيءَ جا پريل ٿرماس هئا. پوءِ ته ڏاڍا پريشان ٿيا. بلڪ حر ته اصل ٻاتاڙجي ويا. سائين پير پاڳارو به ڪين حيرانيءَ مان ڏسڻ لڳو ته اوچتو سيٺ علي محمد بڪڪ چيو، "سائين ڳڻتيءَ جي ڪا به ڳالهه ڪانهي. کاڌو پاڻي سڀ ڪجهه موجود آهي." چانهن، ڪافي، پاڻي ۽ ٻيون کاڌي جون چيزون سائينءَ جي اڳيان رکيائين ۽ ٻين به سيني موجود ماڻهن اڳيان رکيائين ته سيٺ غلام محمد بڪڪ پڻ پنهنجي جيپ مان خاص بنايل منايون، ڪيڪ ۽ بسڪيٽ ڪڍي آيو. اهو سڀ ڏسي سائين پير پاڳارو گهڻو خوش ٿيو ۽ چيائين. "بڪڪن جي مهرباني آهي نه ته حال برا هئا." کاڌي

پيتي وغيره مان فارغ ٿي شڪار لاءِ تيار ٿيا. پير سائين پاڳاري جو پٻ جبل ۾ يا انهن ڪرڙن ۽ ترچن جبلن ۾ شڪار ڪرڻ جو اهو پهريون پيرو هو جن لاءِ لطيف سائين فرمايو آهي،

ڪرڙا ڏونگر ڪـ گهٽي، جتِ جبل گوناگون
يا
آڏ ترچا آهڙا، ڏونگر ڪي ڏاڪا

پير سائين پاڳارو انهن ڪرڙن گوناگون جبلن جي آڏن ترچن ڏاڪن تان، بنا ڪنهن پرواهہ ۽ خوف جي جبلن جي گدبن ۽ سرهن وانگيان ڇال ڏيندو مٿي چڙهندو پي ويو. اهو لقاءُ ڏسي حُر پريشان ٿي ويا تہ الائي ڇا ٿيندو؟ جيئن جيئن سائين پير پاڳارو اوڪن اڙانگهن جبلن تان مٿي چڙهندو وڃي، تيئن تيئن حُرن جو ساهہ ويڙهجندو مٺ ۾ ايندو وڃي ۽ هو حيران پريشان، سائينءَ جي پنيان پنيان مٿي چڙهندا وڃن. سائين پير پاڳارو بيهڻ جو نالو ئي نہ وٺي. هڪ هنڌ سائينءَ جو پير ٿورو اٽڙيو تہ حُرَ خوفزده ٿي سيٺ علي محمد بڪڪ کي منٿون ڪرڻ لڳا، جيڪو پڻ سائينءَ جي پويان ئي مٿي چڙهندو پي ويو، "اسان کي ايڏي جرئت ناهي جو سائينءَ کي مٿي چڙهڻ کان جهليون يا چئون. خدا جي واسطي اوهان ڪين مٿي چڙهڻ کان جهليو. هي چاڙهيون نهايت خطرناڪ آهن. خدا نہ ڪري سائينءَ کي ڪجهہ ٿيو تہ اسين سڀ حُرَ هڪ ٻئي کي گوليون هڻي ماري ڇڏينداسين. وري جيئرا موٽي گهرن ڏانهن نہ وينداسين." سيٺ علي محمد بڪڪ بہ محسوس ڪيو تہ سائين، واقعي خطرناڪ چاڙهين تان چڙهي رهيو آهي ڇو جو پاڻ انهن جبلن جو ڄاڻو هو. اڳيان وڌي اچي سائين پير پاڳاري کي جهليندي چيائين، "سائين، هي جبل اوکا آهن خاص ڪري پٻ جبل جي لاهين چاڙهين جو ڪو پتو سٽو ڪونهي."

پٽي ڏونگر ڏوريان، ڪيچين لاءِ ڪڙيو،
پهاڙن پٻ جي، وجا چوٽ چڙهيو،
ڪري ساجن سوگهو، سندم جيءُ جڙيو،
لکن تان لڙيو، پير نهاريان پرينءَ جو.
(شاهہ رح)

پير سائين سيٽ علي محمد بکڪ جو چيو مڃيو ۽ بس ڪئي. هنگلاج ياترا ۽ پٻ جبل ۾ شڪار ڪرڻ کان پوءِ سائين پير پاڳاري سان محبتن جا ناتا جڙي پيا. سائين پڻ ڪيس گهڻو پائيندو هو.

سيٽ علي محمد بکڪ جي مخالف 'ڏر' تي پرچاءُ مهل ڏنڊ ۽ ڏوهه پڻ سائين پير پاڳاري رکيو. انهيءَ مهل سائينءَ ڪيس پاڪرپائي چيو هو، "سيٽ صاحب، هي ڏنڊ اوهان جي ڪيسي جي خرچي بہ ناهي پر ڏنڊ مڙيئي ڏنڊ آهي."

جڏهن آئون سنڌي ادب جي معتبر رسالي، 'سوجهرو' جي ايڊيٽر انچيف هيس تہ، خيرپور مان محترم غلام عباس پنيري فون تي ڳالهائيندي ٻڌايو هو، "تازو هڪ پرچي ۾ سائين پير صاحب پاڳاري تي نمبر پي ڪڊيوسين جنهن لاءِ سائينءَ جون تصويرون کپيون ٿي. آئون ڪراچيءَ واري، 'ڪنگري هائوس' ۾ سندس خدمت ۾ حاضر ٿيس ۽ هن کي تصويرن لاءِ عرض رکيم تہ پاڻ اٿيا ۽ تصويرن جا 'البم' کڻي آيا. هڪ البم ۾ سندس پراڻيون شڪار جون تصويرون هيون. پير سائين پاڳاري صاحب هڪ تصوير تي هٿ رکي چيو تہ، هي تمام بهادر ماڻهو هو ۽ مون اهڙا بهادر ماڻهو زندگيءَ ۾ گهٽ ڏٺا آهن..."

وڌيڪ ٻڌايائين، "جڏهن مون عرض ڪندي پير صاحب کان ان ماڻهوءَ جو نالو پڇيو تہ پاڻ فرمايائون، 'هن بهادر شخص جو نالو سيٽ علي محمد بکڪ آهي."

واٽن وَهي ويا، وَرَ مَنجهائي واسيا،
اهڙا هوت هيا، سُج ڪيائون سُرهي.
(شاهہ رح)

سيٽ علي محمد بکڪ هميشہ هيٺن جو همراهہ رهيو. جنرل ايوب جي آمراڻي دور ۾ جڏهن قوميتن، خاص ڪري سنڌين ۽ بروچن کي چلڻ ۽ چٿڻ لاءِ فوجي حڪومت سرگرم هئي. سنڌي ۽ بروچ سندس حڪم مڃڻ کان نابري واري وينا هئا. فوجي حڪومت جي سنڌن خلاف وٺ پڪڙ لڳي وئي تہ، بروچ پنهنجي قدرتي محفوظ پناهہ گاهن/ جبلن، چيرن، اڏن ۽ غارن ۾ هليا ويا ۽ فوجي حڪومت سان دل گهريو مهاڏو اٽڪائي وينا. ويڙهاڪن جي اڳواڻي خير بخش مري ۽ شير محمد مري المعروف جنرل شيروف ڪري رهيا هئا. انهن سان بلوچستان جا ٻيا قبيلا پڻ ٻيل ۽ همراهہ هئا، جن ۾ بکڪ، مينگل، جکراڻي، ڪوسا وغيره شامل هئا.

فوجي حڪومت ڏرتيءَ ڏٽين لاءِ رڻ ٻاري ڏرتي تپائي ڏني هئي. خاص ڪري مري قبيلي تي حڪومت بمباري ڪري قيامت برپا ڪري ڏني. سڀ ئي مرد جبلن ۾ هئا يا جبلن ۾. بمباري ڏاس مان اٺيل تنبن ۽ ڪتن جي پونگن ۾ لڪل اجين، ٻڪين ۽ هراسيل زالن ۽ ٻارن جي مٿان ٿي رهي هئي، جيڪي ڊنل هيسيل دانهون ڪندا جبلن جي گهيري ۾ هڪ چيڙي ڪان ٻي چيڙي تائين ڀڙيُون (تيز ڊوڙن) ڪندا شهيد ٿي رهيا هئا. انهن جو ڪو به اوهي واهي ۽ خبر رکندڙ نه هو. فوجي جنرل جا ماڻهو بدمست هاٿيءَ وانگيان بي پرواهيءَ سان ڪين چيپاڻي رهيا هئا.

فوجي حڪومت طرفان ويڙهاڪن جي علائقن بلڪ سڄي بروچ ۽ سنڌي علائقن ۾ هٿيارن تي ته پابندي لڳائي وئي هئي. ان سان گڏ راشن وغيره تي پڻ پابندي لڳائي وئي هئي جنهن ڪري لوڪ بک مرڻ لڳو. حالانڪه ساڳين علائقن ۾ فوجي حڪومت پنهنجن حمايتن/ دلالن جا گهر راشن پاڻيءَ مان ٿُهي (مڪمل ڀري) رهي هئي. ماحول اهڙو خطرناڪ هو جو حق ۽ سچ چوڻ موت کي سڏڻ برابر هو ۽ غريب ويچارا وات تي ماڪ جو چُونو هنيو وينا هئا.

سيٺ علي محمد بڪ جون گاڏيون جيئن ته ڪراچي ڪان حب، دريجي، ٻيني، سنگهر، وندر، وڍ، خضدار، ڪنراچ، مستونگ، قلات، هنگلاچ، اورماڙو مڪران، گوادر، پنج گور، مند، خاران، تربت.... مطلب ته سڄي بلوچستان ۾ هلنديون هيون، جن کي فوجي حڪومت محدود ڪري ڪن مخصوص علائقن تائين هلڻ جي اجازت ڏني هئي.

سيٺ علي محمد بڪ هڪ بهادر ۽ سچو قومپرست هو، جنهن جا قلات جي خان، لسٻيلي جي ڄام ۽ بلوچ سردارن سان گهرا قريبي واسطا ۽ دوستيون هيون. سردار عطاءُ الله مينگل ۽ سندس والد نواب رسول بخش مينگل سان ته بيحد گهرائيءَ وارا واسطا هئا. نواب رسول بخش مينگل سيٺ علي محمد بڪ کي تمام گهڻو پائيندو هو، جو ته جڏهن سرداريءَ واري ڇڪتاڻ ۾ سندس ئي مينگل قبيلي ۾ خون ۽ قتل جا سلسلا شروع ٿي ويا ته، نواب صاحب پنهنجو اباڻو پڊ 'وڍ' ڇڏي ڪراچي هلي آيو هو تڏهن سيٺ علي محمد بڪ ساڻس وڏيون نيڪيون ڪيون. جن جو پنهنجن پونيئرن جي برعڪس پاڻ سدائين معترف رهيو ۽ جڏهن به سيٺ علي محمد بڪ ساڻس ملڻ ڪراچيءَ واري سندس رهائش گاهه تي ويندو هو ته، وڃڻ مهل نواب صاحب گهڻو جهلڻ جي باوجود، وڏي عمر ۽ بيمار هوندي به پاڻ سيٺ علي محمد بڪ کي هيٺ لهي گاڏيءَ تائين موڪلائڻ ايندو هو.

نواب رسول بخش مينگل نهايت ئي دلبر ماڻهو هو. ڪيس فنڪارن سان ڏاڍو چاهه هوندو هو، مهان ڪلاڪار استاد محمد جمن جو ته اصل عاشق هو ۽ ڪيس غلام فريد صابري قوال به

وٽندو هو. هو نهايت خوش طبع، ٻاجهارو ۽ گڻ ڳڻيندڙ انسان هو. شاهه نورانيءَ جي ميلي تي اڪثر ويندو هو ۽ اتي محفلون وغيره ڪرائيندو هو. هڪ ڀيري شاهه نوراني جي ميلي تي وڃڻ جو سندس موڊ نه هو ته ڪنهن ٻڌايس، "سائين، هن ڀيري ميلي تي استاد محمد جمن به اچي پيو." ته خوشيءَ مان سندس اکين ۾ چمڪ اچي وئي، "هان، جمن به اچي ٿو؟"
"ها سائين ۽ غلام فريد صابري قوال وارا به پيا هلن."
"هان، صابريءَ وارا به اچن پيا!" هڪدم اتي چيائين، "پوءِ ته ميلي تي ضرور هلبو. جمن به اچي پيو، صابريءَ وارا به اچن پيا. پوءِ ته رسول بخش جا ڪم ڏسڻ وٽان هوندا. ڪٽي هونديس قميص ته ڪٽي هونديس گنجي." معنيٰ خوشيءَ مان آپي کان ٻاهر نڪري ويندو.
سو، بيرحم فوجي آمرن جڏهن سردار عطاءُ الله مينگل ۽ سندس ننڍي ڀاءُ مهر الله مينگل کي ٻين قومپرستن سان گڏ گرفتار ڪيو تڏهن نواب رسول بخش مينگل جهڙي نفيس انسان کي به گرفتار ڪيو. اهو ٻڌي سيٺ علي محمد بڪڪ کي گهڻو ڏک ۽ فڪر ٿيو. ڇو جو کيس خبر هئي ته نواب رسول بخش مينگل جيل وڃڻ کان ڊڄندو هو (۽ ڊڄڻ به کپي اهڙن وحشي دشمنن کان). اڳ به کيس فوجي آمرن سردار عطاءُ الله مينگل جي والد جي حيثيت ۾ گرفتار ڪري ڏاڍيون تڪليفون ۽ اذيتون ڏنيون هيون جنهن کان پوءِ هو سيٺ علي محمد بڪڪ کي چوندو هو، " سيٺ، عطوءَ (سردار عطاءُ الله مينگل) کي سمجهاءِ ته ماٺ ڪري ويهي. هي جڏهن به اها ڳاڙهڪي ٽُوپي (روسي ڪيپ) پائيندو آهي ته پاڻ ته جهلجي ويندو آهي پر حرامي فوجي مون کي به سندس پيءُ جي ناتي جهلي ويندا آهن. مون اڳ به فوجين کي چيو هو ته آئون عطوءَ جو پيءُ ناهيان. پر انهن حرامين چيو، "بدها جهوٽ بولتا هلاَ." ڇو جو سردار عطاءُ الله مينگل پنهنجي والد نواب رسول بخش مينگل جو بلڪل هم شڪل آهي.
سردار عطاءُ الله مينگل ماڻهن جي اڳيان اهي ڳالهيون ٻڌي مرڪي اٿي هليو ويندو هو. پر پوءِ اڪيلائيءَ ۾ سيٺ علي محمد بڪڪ کي چوندو هو، "اتان اٿڻ ۾ ئي منهنجي عافيت آهي نه ته آئون جيڪر اتي ويهان ته بابا سيني ماڻهن اڳيان 'عطوعطو' پيو چوندو."
ٿيو به وري ائين ئي هو ۽ نواب رسول بخش مينگل جو ڊپ سچ ثابت ٿيو، کيس سردار عطاءَ الله سان گڏ گرفتار ڪري ڪين ڪوئيٽا جيل ۾ بند ڪيائون. پوءِ ته جنرل شيروف (شير محمد مري) سميت سڄي ويڙهاڪ قيادت گرفتار ٿي وئي.
جبلن ۾ وڙهندڙ جوڌن تائين ڪير پهچي؟ ڪير ڪين راشن پاڻي، هٿيار بارود ۽ ضرورت جو سامان پهچائي؟ ڪنهن جي به وس جي ڳالهه نه هئي. حساس علائقن مٿان فوجي هيلي ڪاپٽرن جي جانچ جاري هئي. ڪو ڪک پن به سندن اجازت کان سواءِ چُري ڦري نه ٿي

سگهيو. حڪومت حيران هئي، "سڀ واٽون ۽ دڳ بند آهن. سڀ گهيڙ گهٽ بلاڪ آهن. تنهن جي باوجود ڇپرن ۾ وينل ويڙهاڪن کي سڀ ڪجهه ملي رهيو آهي ۽ اهي زور شور مان وڙهي رهيا آهن."

سيٺ علي محمد بڪڪ جي لي مارڪيٽ (ڪراچيءَ) واري ڪاروباري ڪوٺي جڻ ته ويڙهاڪن جو هيڊ ڪوارٽر بڻيل هئي. سندس ٽرڪون سخت پابندين جي باوجود مقصد تائين رسائي حاصل ڪري رهيون هيون. ٽرڪن جا ڊرائيور سيٺ علي محمد بڪڪ اهڙا ٽرينڊ ڪيا هئا، جو اهي ويڙهاڪ جوڌن جو روپ اختيار ڪري ويا هئا. اهي ساهه ڏيندا پر راز نه سليندا/ ڳجهه نه ڳرهيندا.

سيٺ علي محمد بڪڪ ۽ سندس سؤٽ سيٺ غلام محمد بڪڪ، هڪ ڏينهن لي مارڪيٽ واري ڪوٺيءَ ۾ وينل هئا ته سندن دوست محمود هارون صاحب (سنڌ جو اڳواٽو گورنر ۽ هاٽوڪي ملڪ جي گڏيل قومن ۾ نمائندي حسين هارون جو وڏو چاچو)، لالا اسرار احمد خان، غفار پاشا ۽ ڪي ٻيا دوست وٽن آيا. جن اچي کين ٻڌايو ته، "اوهان ٻنهي (سيٺ علي محمد بڪڪ ۽ سيٺ غلام محمد بڪڪ)، ۽ اوهان جي ٽن ڊرائيورن (عظيم محمد بڪڪ، شفيع محمد بڪڪ ۽ غلام شفيع بڪڪ) جي گرفتاريءَ جا وارنٽ نڪري ويا آهن. اسان چاهيون ٿا ته اوهان گرفتاريءَ کان اڳ پنهنجي ضمانت ڪرائي ڇڏيو."

سيٺ علي محمد بڪڪ ۽ سيٺ غلام محمد بڪڪ اڳ ئي فوجي آمرن جي وعده خلافين کان واقف هئا. ڇو جو ساڳئي فوجي آمر جنرل ايوب، اڳ سردار نوروز خان سان ويساهه گهاتي ڪئي هئي جو پهرين ڪيس گرفتار ڪيو هو ۽ پوءِ هن کان سندس نوجوان ۽ سورهيه پٽ ۽ پاٽئيا گهريا هئا، جيڪي فوجي جنرلن کي رڪ جا چڻا چٻائي رهيا هئا. جڏهن پوڙهي سردار نوروز خان ائين ڪرڻ کان انڪار ڪيو ته جنرل ايوب ڪجهه معتبرن جي اڳيان قرآن پاڪ تي هٿ رکي قسم کڻي سردار نوروز خان کي چيو، "توهان پنهنجا پٽ ۽ پاٽئيا اسان جي اڳيان پيش ڪريو ته، اسين سندن مطالبا مڃي کين توهان سميت آزاد ڪري ڇڏينداسين. ڇو جو اسان خون خرابي جي خلاف آهيون." سردار نوروز خان پاڻ نهايت سچو، ويساهه وسوڙو، معصوم ۽ مهربان هو سو انهن ڪوڙن ڪُساڪين فوجي آمرن جي قرآن پاڪ تي هٿ رکي قسم کڻڻ واري ڳالهه تي ويساهه ڪري ويو ۽ پنهنجن پٽن ۽ پاٽئين کي سمجهائي زوريءَ مڃائي کين آٽي فوجي آمر جي اڳيان پيش ڪيو، اهو جنرل ايوب جنهن قرآن پاڪ تي هٿ رکي سردار نوروز خان کي حلفيه چيو هو ته، هو سندس پٽن ۽ پاٽئين جا مطالبا مڃي

ڪين آزاد ڪندو، ان ڪوڙي ۽ ظالم آمر جنرل ايوب، پوڙهي سردار نوروز خان جي اکين اڳيان سندس ڇهن نوجوان سورهيہ پٽن ۽ ڀائٽين کي ڦاهيءَ تي لٽڪائي ڇڏيو.
سيٺ علي محمد بڪڪ پنهنجا اهي خدشا دوستن جي اڳيان رکيا تہ، انهن چيو تہ بيشڪ اوهان جا خدشا وزن دار آهن. پر اسين بہ سڀ ٿي اوهان سان گڏجي هلون ٿا ۽ ڪوئيٽا مان ضمانت منظور ڪرائي وري گڏجي ڪراچي ايندا سين. ڇو جو حڪومت اها ذميداري اسان جي مٿان رکي آهي تہ اسين اوهان کي ڪوئيٽا ۾ آڻي ضمانت ڪرايون.
سيٺ علي محمد بڪڪ وارا سڀيئي دوستن سان گڏجي ڪوئيٽا آيا ۽ سندن خدشا درست ثابت ٿيا. ڇو تہ فوجي حڪومت سندن ضمانت رد ڪري ڪين گرفتار ڪري ڪوئيٽا جيل ۾ اماڻي ڇڏيو. محمود هارون وارا انهيءَ ويساهہ گهاتيءَ تي حيران پريشان ٿي ويا. پوءِ خبر پئي تہ اهو سڄو پلان سيٺ علي محمد بڪڪ جي هڪ مخالف ايم.اين.اي جي چوڻ تي جنرل ٽڪا خان بڻايو هو. انهيءَ ايم.اين.اي ٽڪا خان کي وڏيون دعوتون ڏنيون. تحفا ۽ شڪار ڪرايا هئا. اهوئي جنرل ٽڪا خان جنهن پوءِ 1971ع ۾ ڍاڪا ۾ چيو هو تہ، "ڀلي ڪيترا بہ لک بنگالي مرن انهن کي ماريو، اسان کي ماڻهو نہ، زمين ٿي کپي."
محمود هارون وارن ڪين ضمانت تي آزاد ڪرائڻ لاءِ پوءِ وڏا وس ڪيا، پر سندن ڪوبہ وس هلي نہ سگهيو ۽ هو مڙس ٻڌائي موٽي ڪراچي آيا.
سيٺ علي محمد بڪڪ وارن کي ڪوئيٽا جيل ۾ مڃائڻ لاءِ ڏاڍيون اذيتون، اوجاڳا،بکون، گهر وارن سان ملاقات بند..... پر اهي ڪين مڃائي نہ سگهيا.
جيلن ۾ بيان کان ٻاهر اذيتون ۽ سزائون ۽ جيل کان ٻاهر غريب مسڪين عام ماڻهن جي مٿان ڏاڍ جو ڏنڊو پي هليو. هر ڪو ماڻهو هيسيل ۽ ٻاتاڙيل هو. چوڏسائن ۾ ڌڪاءُ پکڙيل هو ۽ فوج جنهن کي وٽي ڪنيي ڪٽي پي وئي ۽ جيڪو ڪجهي ويو اهو ونئون ويو. نڪا پڇا نڪا تات. نڪا ڳالهہ نڪا ڳت. قومپرست جبر جي جنڊ ۾ ڏرجي ۽ پيسجي رهيا هئا، جن جي باري ۾ ٻاهر جي دنيا کي ڪو پتو ستو نہ هو. تڏهن ميڊيا مس ٻانبڙا پائي رهي هئي جنهن جي مٿان بہ شيپاڪن جو شپڪو لڳو پيو هو/ لٺ جو وسڪارو هو.
حڪومتي ذريعا، "سڀ خير آهي" جو راڳ سُر سان آلاپي رهيا هئا. عام ماڻهوءَ جو ملڪي ميڊيا تان ارواح ڪڇي ويو هو. اهي باقاعدگيءَ سان بي بي سي ريڊيو ٻڌي رهيا هئا. رات جا اڌا مس اٺ ٿيندا هئا تہ بي بي سي ريڊيو جون خبرون جهر جهنگ، جبل ڪوهہ ۾ ٻري پونديون هيون. ماڻهن جي دلين ۾ بي بي سي ريڊيو جي نيوز ڪاسٽرز رضا علي عابدي، اطهر علي، ۽ ياور عباس، جا نالا چٽجي ويا هئا، جتان ڪين ٽڙي ڦڙي ڪا خبر هتي جي سنگين حالتن

بابت پئجي ويندي هئي. پر جڏهن بي بي سي نيوز جي هڪ ليڊي رپورٽر جي هڪ رپورٽ بي بي سي ريڊيو تان نشر ٿي ته دنيا ڇرڪي پئي ۽ سندن اکيون حيرت مان ڦاٽي ويون. رپورٽ ۾ ڄاڻايل هو ته "بروچ قبيلن خاص ڪري مري قبيلي تي بمباريءَ بابت خبرون حاصل ڪرڻ ۽ حقيقتون ڏسڻ لاءِ جڏهن اسين فوجي حڪومت جي اجازت سان، فوجي هيلي ڪاپٽرن ذريعي متاثره علائقن جو جائزو وٺي رهيا هئاسين ته، مٿان ڪان اسان کي هيٺ جبلن جي وچ ۾ هڪ ڳوٺ نظر آيو جيڪو ويران ۽ تباهه حال علائقي ۾ گهبرايل ڊوڙون ڪري رهيو هو. اسان پائليٽ کي اتي هيلي ڪاپٽر لاهڻ لاءِ چيو. جڏهن هيلي ڪاپٽر اتي لٿو ۽ اسين ان مان هيٺ لٿاسين ته اتي اسان کي ويراني نظر آئي ۽ بمباريءَ جا واضح ۽ چٽا پٽا نشان مليا. اسان انهيءَ گهبرايل ۽ ڊوڙون ڪندڙ ڳوٺ کي مشڪل سان قابوءَ ۾ ڪيو جيڪو هيلي ڪاپٽر کي ۽ اسان کي ڏسي وڌيڪ گهبرائجي ويو هو. اسان ڏٺو ته ڳوٺ جي مٿان ڪجهه لڏيل هو جيڪا شايد ڪپڙن جي ڪا هڙ هئي. اسان جڏهن مٿس بدل ڪپڙن جي موڙي/هڙ کي کوليو ته ان مان ٻن ٻارن جا لاش مليا جن جي ڄمار مشڪل سان 2-3 مهينا هوندي. انهن کي شايد مائرن محفوظ هنڌ ڏانهن لڏپلاڻ ڪرڻ مهل ڳوٺ تي نرم ڪپڙن ۾ آرام ده ۽ حفاظت سان ٻڌو هو ۽ پاڻ بمباريءَ جي نظر ٿي ويون هيون. ڳوٺ بمباريءَ کان گهبرائجي ٻڄي جبلن ڏانهن ڀڳو هو ۽ تباهه حال ويرانن ۾ ڊوڙي ڏٽين کي ۽ ٻارن جي مائرن کي تلاش ڪري رهيو هو. ٻارن جا لاش ڳريل هئا جن ۾ ڪيڙا پئجي ويا هئا ۽ شديد بدبوءِ اچي رهي هئي."

البرٽ ڪاميو چوي ٿو ته، "اهي سڀ جيڪي اڄ آزاديءَ خاطر جدوجهد پيا ڪن دراصل انهن جي ويڙهه سونهن جي بقاءَ لاءِ ٿي رهي آهي."

بي.بي.سي ريڊيو جي انهيءَ رپورٽ اچڻ ڪان پوءِ حالتن ڦيرو کاڌو. دنيا جي طاقتور ملڪن جون نظرون انهيءَ خطي تي کپيون ۽ فوجي آمرن جو رويو بدليو. قومپرست قيدين سان ملاقات ڪرڻ جا در کليا. سندن مائٽ ۽ دوست ديوانه وار ڪوئيٽا جيل ڏانهن ڀڳا ۽ ساڻن ملاقاتون ڪيائون جن جو تقريبن سال کان ڪو پتو سٽو نه هو . اهي ملڻ وارا جذباتي منظر به وڏا داستان گهرن ٿا.

ملڻ ڪان پوءِ خبر پئي ته مٿن ملڪ ٽوڙڻ، بغاوت ڪرڻ ۽ باغين کي هٿيار ۽ راشن پهچائڻ وارا الزام لڳايا ويا آهن. اتي ساڻن گڏ، نواب رسول بخش مينگل، سردار عطاءَ الله مينگل، سندس ننڍو ڀاءُ مهر الله مينگل، شير محمد مري (جنرل شيروف) گل محمد جکراڻي، عرض محمد جکراڻي (جيڪب آباد وارا) ۽ ٻيا ڪيئي جوڌا هئا.

حڪومت جي ڪجهہ نرم رويي سبب کين ڪوئيٽا جيل کان مچ جيل ۾ منتقل ڪيو ويو هو، جتي کين پنهنجي گهر جو کاڌو کائڻ جي پڻ اجازت ڏني وئي هئي. ان کان پوءِ سيٺ علي محمد بڪڪ جي چوڻ تي سندن گاڏيون راشن، بورچي ۽ پيا ڪم وارا ماڻهو کڻي مچ جيل پهچي ويون، جتي سيٺ علي محمد بڪڪ جي چوڻ تي روز ديڳيون چڙهڻ لڳيون ۽ ساڻس گڏ قيد ۾ ٻين ڊار بيرڪن ۾ قيد ٿيل سڀني ساٿين کي سندس پاران کاڌو پيتو ۽ چانهيون وغيره ملڻ لڳيون.
نواب رسول بخش مينگل اڳ ئي سيٺ علي محمد بڪڪ کي گهڻو پائيندو هو. اهو چوڻ لڳو، "سيٺ علي محمد بڪڪ اسان کي پنهنجو نمڪ کارائي خريد ڪري ڇڏيو آهي."
نواب رسول بخش خان مينگل جي سرشت ۾ نمڪ حلالي ۽ وفا شامل هئي. سندس ٻي شادي جام آف لسٻيلا جام غلام قادر عالياڻي جي ڀيڻ سان ٿيل هئي، جنهن مان کيس ٻہ پٽ مهر الله خان مينگل ۽ ضياءَ الله خان مينگل ٿيا. جڏهن نواب رسول بخش مينگل، قلات جي خان الله يار خان جي عتاب ڪري پنهنجو اباڻو پڊ، وَڍ ڇڏي ڪراچي آيو هو تہ لسٻيلي جي جام غلام قادر خان کيس وڏو ڏڍ ۽ تحفظ ڏنو، جنهن کي نواب رسول بخش مينگل زندگيءَ جي پڇاڙ ڪن لمحن تائين ڳائيندو رهيو، ايتري قدر جو جڏهن لسٻيلي جي جام مير غلام قادر خان جا سردار عطاءُ الله مينگل سان سياسي اختلاف ٿيا تہ نواب رسول بخش مينگل پنهنجي مويي پٽ سردار عطاءُ الله مينگل جي خلاف اٿي بيٺو. اليڪشن جا ڏينهن هئا جام مير غلام قادر جي مقابلي ۾ سردار عطاءُ الله مينگل لسٻيلي جي سيٽ تي پنهنجي مضبوط اميدوار ماسٽر مجيد حسين رونجهي کي بيهاريو. اهو ٻڌي نواب رسول بخش مينگل جيڪو اڳ ئي بيمار هو، اهو ڊپريشن ۾ اچي سخت بيمار ٿي پيو. سيٺ علي محمد بڪڪ کيس ڏسڻ ۽ طبيعت پڇڻ ويو تہ نواب صاحب جي اکين ۾ لڙڪ پرجي آيا. چوڻ لڳو، "سيٺ، جام سان مقابلو ڪري عطوءَ سنو نہ ڪيو آهي. جام کيس سانديي سنڀالي وڏو ڪيو آهي." سيٺ علي محمد بڪڪ جيڪو پاڻ بہ جام صاحب جو حامي هو، ۽ ساڻس گڏ ورڪ ڪرڻ ۾ بہ شامل هو ان نواب صاحب کي آٿت ڏيندي چيو، "نواب صاحب، اوهان فڪر ڇو ٿا ڪريو، جام صاحب تہ دهلن دمامن سان کٽي ويندو." نواب صاحب جيئن تہ خوش طبع هو تنهن ان بيماريءَ واري سخت حالت ۾ بہ ڪمزور ۽ جهيڻي آواز ۾ چيو، "سيٺ، دهل دمام گهوريا (ٺهيو) جام صاحب رڳو زور ڏئي کٽي تہ بہ سنو." بيماري ۽ فڪر واري ماحول ۾ چيل سندس اهو خوشگوار جهونڪي جهڙو جملو ماحول کي مهڪائي سڀني کي کلائي ويو.

ٿيو ۽ ائين. ڄام وڏي اڪثريت سان ڪٽي دهلن ۽ دمامن سان نواب رسول بخش مينگل وٽ مبارڪون وصول ڪرڻ آيو. خوشيءَ واري اها خبر ۽ سندس خراب طبيعت ڪي درست ڪري نہ سگهي. هو ڄڻ تہ ڄام صاحب جي فتح جي خبر ٻڌڻ جي انتظار ۾ پنهنجو ساهہ روڪي ويٺو هو.

سيٺ علي محمد بڪڪ جڏهن ڄام صاحب جي ڪٽڻ جون مبارڪون ڏيڻ وٽس آيو تہ، نواب صاحب جي طبيعت ٺيڪ نہ هئي ۽ وٽس سردار عطاءُ الله مينگل بہ پريشان ويٺو هو. سيٺ علي محمد بڪڪ کي ڏسڻ شرط هن سردار عطاءُ الله مينگل جي موجودگيءَ ۾ چيو، "سيٺ، منهنجي وصيعت ٻڌي ڇڏيو. مرڻ کان پوءِ منهنجي مڙهہ کي وَڏِ واري منهنجي اباڻي بروهين واري مقام ۾ نہ ڏيڪجو. بلڪ مون کي لسٻيلي ۾ ڄامن جي خانداني قبرستان ۾ دفنائجو." وصيعت ڪرڻ جي ٻئي ڏينهن ئي پاڻ وفات ڪيائين.

سندس وفات کان پوءِ سندس ميت گاڏين جي وڏي جلوس ۾ جڏهن ڪراچيءَ کان لسٻيلي پهتي هئي، تہ ڄام غلام قادر خان اتي سڀ ئي انتظام ڪري ڇڏيا هئا. سردار عطاءُ الله مينگل پنهنجي پيءُ نواب رسول بخش مينگل جي ميت ڄام غلام قادر جي حوالي ڪندي چيو، "ڄام صاحب، وصول ڪريو پنهنجي ماڻهوءَ جي ميت. هي زندگيءَ ۾ بہ اوهان جو هو ۽ هاڻي بہ اوهان جو آهي. پنهنجي ميت سنڀاليو." ڄام غلام قادر خان روئندي نواب رسول بخش مينگل جي ميت وصول ڪئي ۽ سردار عطاءُ الله مينگل اوپرن جيان پري بيهي رهيو. اهڙوئي هو نمڪ حلال، وفادار ۽ مهربان نواب رسول بخش مينگل.

سيٺ علي محمد بڪڪ جي ذڪر سان گڏ نواب صاحب جو ذڪر ڪرڻ ان لاءِ ضروري ٿي پيو هو جو جيل ۾ گڏ رهڻ ڪري هُو وڌيڪ سيٺ جي قريب ٿيو ۽ ساڻس وڌيڪ پيار ڪندو هو.

مچ جيل ۾ قيد رهندي کين ڏهہ مهينا ٿي ويا هئا. جنهن دوران ملڪ جي صورتحال اهڙي ابتر ٿي وئي هئي، جو مجبورن فوجي آمر اليڪشن ڪرائڻ تي آماده ٿيو ۽ بغاوت وارن ڪيسن بابت بہ سندس رويو نرم ٿيو ان جي نتيجي ۾ سيٺ علي محمد بڪڪ وارا ۽ ٻيا سڀئي سياسي قيدي آزاد ٿيا.

شيڪسپيئر چوي ٿو، "منهنجو ذڪر ڪجو، چو جو آئون ڏوهاري ڪونہ آهيان." آزاديءَ کان پوءِ بہ سيٺ علي محمد بڪڪ جون پنهنجي قوم لاءِ ساڳيون ئي سرگرميون رهيون. پر ڪن مفاد پرست ٻروچ اڳواڻن جي فوجي حڪومت سان ٺاهہ ڪرڻ جي نتيجي ۾، آزاديءَ واري قومي تحريڪ کي ڪاپاري ڌڪ لڳو ۽ اها بيساهي ٿي وئي.

سيٺ علي محمد بڪڪ بلوچستان جي هر اهم جرڳي جو ميمبر رهيو. قلات ڊويزن ۽ لسٻيلي ڊسٽرڪٽ ڪائونسل جو پڻ ميمبر هو. سندس ڪيل فيصلا مثالي هئا. سندس گهر ۽ ڪاروباري ڪوٺي راڄ ڀاڳ جي فيصلن جو مرڪز هئي.

حضور صلعم جو ارشاد پاڪ آهي، "سڀ کان وڏيڪ پرهيزگار ماڻهو اهو آهي، جيڪو حق ڳالهه چوڻ مهل پنهنجي فائدي ۽ نقصان جو خيال نه تو ڪري." سيٺ علي محمد بڪڪ اهڙوئي امين ۽ منصف هو.

سندس مهمان نوازي به حيران ڪندڙ هئي. بلوچستان جي غريب علائقن جا ماڻهو رمضان شريف جي مهيني ۾، بنا ڪنهن ڪم ڪار جي ڪراچي ۾ اچي سندس اوطاق ۾ رڳو خاص روزا رکڻ لاءِ ايندا هئا ۽ سڄو رمضان شريف وٽس ٽڪي روزا رکي پوءِ ويندا هئا. انهن کي ڪارائڻ پيارڻ ۽ هنڌ بسترا ڏيڻ سڀ ڪجهه پاڻ پنهنجن هٿن سان ڪندو هو. نوڪرن جي هوندي به پاڻ پاٽيءَ جا ڪرئا (ڪونئرا) کڻي بيهندو هو.

اهڙا ئي انسان ذرتيءَ جو مانُ، شان ۽ سونهن هوندا آهن. انهن جي هئڻ سان انسانيت ڪنڌ مٿي کڻي هلندي آهي. ماڻهپو مرڪندو آهي.

هڪ فارسي شعر آهي،

آدميت نه به نطق، نه به ريش، نه به جان
طوطيان نطق، بزان ريش، خران جان دارد-
(معنيٰ: ماڻهو نه ڳالهائڻ تي آهي نه ڏاڙهيءَ تي ۽ نه ساهه تي آهي. ڳالهائين طوطا به ٿا، ڏاڙهيون ٻڪرن کي به آهن ۽ ساهه گڏهه کي به آهي.)

لطيف بادشاهه جو بيت آهي:

راڻا ڀسان نَہ رَاڄَ ۾ ، مَٿي جِن مَٽي،
ڪَوهُ جَاڻا ڪيڏانهن وِيا، ڏُروڙين ڏٽي،
اُتر لڳن آڪرا، چا ها پين چٽي،
ڪتون تِن ڪَٽي، نِئِي لُڏاٽين لاٽِيون.

# هڪ خوبصورت ۽ بهادر ڪردار
# سيٺ غلام محمد ٻڪڪ (جمعاڻي)



هڪ اهڙي شخصيت جيڪا مقناطيسي ڇڪ جي جيئري جاڳندي تصوير هئي. هر شخص وٽس ڇڪجي ويندو هو.

بيحد خوبصورت، بهادر ۽ سگهارو، جنهن جي اکين سان اکيون ملائي ڳالهائيندڙن جو تعداد تمام گهٽ هو. سچ ته سندس اکين ۾ اکيون وجهي ڳالهائڻ يوڳ يا معولي ڳالهه نه هئي. ايڏو ئي رعب ۽ تجلو هو سندس اکين ۾.

ڪوهستان ۾ سندس بهادريءَ جا قصا ائين ئي مشهور آهن، جيئن پراڻي زماني جي سورهين جا قصا ۽ ڳالهيون.

هو هڪ ديو مالائي ڪردار لڳندو هو. جڻ يونان جو ديوتا، جڻ روم جو ڪو شهنشاهه هلندو هو ته جڻ زمين هلندي آهي. آسمان هلندو هو.

سدائين مهڪيل، سدائين ٽهڪيل. خوشبوئن جو شيدائي. مهانگو ترين عطر، مشڪ، اگر، خس.... الائي ڇا ڇا؟ ڪٿان ويهي اٿي ويندو هو ته اهو هنڌ اها جاءِ ڏينهن جا ڏينهن مهڪندي رهندي هئي. جنهن واٽ تان لنگهيندو هو. اها واٽ گلستان بنجي ويندي هئي. گلابن جو چمن بنجي ويندي هئي. سندس محفل مان ڪو اٿي ويندو هو ته اهو به واسوند ٿي ٽهڪاريندو ويندو هو.

راڻي جي رهاڻ مان، ڪو آيو آديسي
خستوري خوشبوءَ سين، تنهن ولات سڀ واسي
سوڏو سناسي، اتاهين ٿي آيو.
(شاهه رح)

يقين ڪريو اهو مبالغو ڪونهي حقيقت آهي. ڳالهائيندو هو ته ڏاهپ جا درياءَ اٿلائي ڇڏيندو هو. گفتگوءَ جو انداز نهايت دلڪش ۽ رشڪ جهڙو. آواز اهڙو جنهن کي ڪنهن سان به تشبيهه ڏئي نه سگهجي!! ڪلندو گهٽ هو، ٽهڪ ڏئي کلڻ وارو منظر اڻ لڀ هو.

سندس پسند اعليٰ ۽ لاجواب هئي. هر شيءِ جو معيار جڏهن متاهون هوندو هو تڏهن سندس استعمال ۾ ايندي هئي. لباس پائڻ جو اهڙو سليقو هوندو هئس جو چاهيندي به ڪو ائين پائي نه سگهي. سندس ريس ڪندي ڪيترن سندس انداز ۾ لباس پائڻ جي ڪوشش ڪئي. پر ڇڻ ته پاڻ کي ڪلڻ هاب ڪيائون.

سندس دوستن جو تعداد تمام گهڻو هوندو هو. شايد ان ڪري جو ساڻس دوستي رکڻ جي خواهش هر ڪنهن کي هوندي هئي.

سورهيه سناسي خان بڪڪ جو اهو ئي ڇهن ورهين جو سڪيلڌو پٽ جنهن کي پاڻ اسيريءَ جي حالت ۾ ممبئي وڃڻ مهل دوستن ۽ مائٽن جي ڪلهن تي چاڙهي پري کان بحري جهاز مان آخري ڀيرو ڏسي الوداع چئي هئائين، جنهن ۾ پنهنجي بي مثال پيءُ جا جينس مڪمل منتقل ٿيا هئا، هو ڇڻ سندس تصوير بنجي ويو هو. ساڳي ئي خوبصورتي، ساڳيوئي بهادر ۽ سگهارو، ساڳيو ئي غريبن جو پرجهلو، ساڳيوئي رعب ۽ دٻدٻو ۽ ساڳيو ئي ظالمن لاءِ ڏيهو ۽ چرڪ.

مشهور صحافي ۽ مترجم محترم مظفر شاهه بخاري ٻڌايو ته، سندس والد محترم غلام علي شاهه بخاريءَ ڪيس ڳالهه ٻڌائي ته، سيٺ غلام محمد بڪڪ هڪ غير معمولي شخص هو. جنهن جي بهادري ۽ ذهانت دنگ هئي. هن هڪ واقعو ٻڌايو جيڪو سندس بهادري ۽ ذهانت جو مثال آهي. هڪ ڀيري سندس هڪ ٽرڪ گهاري جي پوليس، ٿاڻي ۾ بند ڪئي، جنهن ۾ اهڙو سامان هو جنهن کي ڇڏائڻ لاءِ پوليس کي وڏي خرچي جي اميد هئي. سيٺ غلام محمد بڪڪ کي سندس ماڻهن اطلاع ڪيو، هو هڪدم جيپ ۾ هڪ ماڻهوءَ سان گڏ ٿاڻي تي پهتو. ٿاڻي وارا پنهنجا ڪپڙا ڇنڊي ڦوڪي اتي ٻيٺا ته هو اچي ڪا ڏي وٺ ڪندو. غلام محمد بڪڪ ٿاڻي جي اندر آيو ته سندس ٽرڪ جيئن جو تيئن بيٺل هئي. هن پنهنجي ماڻهوءَ کان پڇيو، "ٽرڪ هلائي سگهندين؟" سندس ماڻهوءَ انڪار ڪيو ته چيائين، "نيڪ آهي ٽرڪ مان ٿو ڊرائيو ڪريان. تون جيپ ڪڍ پر جيپ کي ٽرڪ جي بلڪل پويان رکج. ۽ جڏهن مان اشارو ڪريان ته هڪدم جيپ کي ٽرڪ جي اڳيان ڪڍي وڃج. "ايترو چئي جيپ جي چابي هن کي ڏئي پاڻ جيپ مان ٽپ ڏئي لهي، هڪدم ٽرڪ جي ڊرائيونگ سيٽ تي وينو. اهو سڀ ڪجهه لمحن ۾ ئي ٿيو هو. هن جيئن ئي ٽرڪ اسٽارٽ ڪئي پوليس وارن ۾ ڦڙڦوٽ پئجي وئي. ڇو جو اهو سڄو منظر سندن سوچن کان به ٻاهر هو. اهي هڪدم ڏانهس ڊوڙيا ته هو ٽرڪ کي ٿاڻي مان ٻاهر ڪڍي چڪو هو. ۽ سندس پويان ئي سندس جيپ به ٿاڻي کان ٻاهر نڪري وئي هئي. پوليس وارا پنهنجي گاڏيءَ ڏانهن ڀڳا ۽ گاڏي انهن کي پويان لڳي. جڏهن گهارو

ڪراس ٽيڻ تي هو تہ منظرنامو اهو هو تہ اڳيان ٽرڪ، پويان جيپ ۽ ان جي پويان پوليس جي گاڏي. سڀئي گاڏيون تيز اسپيڊ ۾ وڃي رهيون هيون. جڏهن سيٺ غلام محمد بڪڪ ڏنو تہ گاڏيون هڪ ٻئي جي لڳو لڳ اچي ويون آهن تہ هن جيپ کي اڳيان نڪرڻ جو اشارو ڪيو. سندس ماڻهو ان ئي اشاري جو منتظر هو. اهو تيز رفتاري سان جيپ کي ٽرڪ جي اڳيان ڪڍي ويو. جيئن ئي جيپ اڳيان نڪتي تہ پوليس گاڏيءَ جو بمپر ٽرڪ کي ڇهڻ لڳو. هن هڪدم ايڪسيليٽر کي دٻائي بريڪ هڻئي تہ، پوليس جي گاڏي زوردار ٽڪر سان اٿلجي پري هلي وئي. هو ٽرڪ کي اڏائيندو ڪڍي ويو، پوليس وارن پاڻ کي سنڀالي هڪدم آءِ جي پوليس کي ڪراچي ۾ وائرليس تي ٻڌايو تہ، "فلاڻي رنگ جي ٽرڪ ۽ فلاڻي نمبر پليٽ واري گاڏي جيڪا اسان جهلي ٿاڻي ۾ بند ڪئي هئي، ان جو مالڪ ان کي زبردستي ڪڍي هليو ويو آهي جيڪو ڪراچيءَ ڏانهن پيو وڃي، ان کي گرفتار ڪيو وڃي. انهيءَ ٽرڪ کي پنيان ڏڪ لڳل آهي." آءِ.جي پوليس ڪاوڙ جي ڇيو، "ڪوڙا، اهڙي رنگ ۽ نمبر واري گاڏي تہ مون وٽ آهي ۽ هينئر بہ بيٺي آهي. جنهن کي پنيان ڪوبہ ڏڪ لڳل ناهي."

سندس اهڙيون ئي پراسرار سرگرميون هونديون هيون جيڪي عام ماڻهن لاءِ هاڪاري هيون. پاڻ پنهنجي بي مثال پيءُ وانگر هميشہ سفر ۾ هوندو هو. سندس جيپ سدائين سفري سامان سان ليس هوندي هئي. هڪ ئي وقت ۾ هو الائي ڪيترن هنڌن تي پهچي ويندو هو، ڪنهن بہ ڏڪئي جي دانهن تي بنا دير ۽ بنا ڪٽڪوت جي پڄندو هو. جتي بہ ٻڌندو هو تہ ڪنهن غريب سان ناانصافي ۽ ظلم ٿي رهيو آهي تہ، هو انهيءَ محل اتي پڄندو هو. پوءِ اهو جبل جو پلي ڪيڏو بہ ڏورانهون ۽ ڏکيو علائقو ڇو نہ هجي. ظالم پلي ڪيڏو بہ طاقتور هجي، هو اتي پهچي غريبن سان انصاف ڪري ۽ کين حفاظت ڏئي محفوظ ڪري ايندو هو. جتي هو پهچي انصاف ڏئي اچي اتي ڪو نا انصافي ڪرڻ جو سوچي بہ نہ سگهندو هو.

هڪ ڀيري ڪوهستان جي علائقي مول ۾ سنڌي هندن جي گدامن ۾ ڪن بااثر ماڻهن جي چرچ تي ڌاڙو هنيو ويو، جتان چاليهہ ڳوٽيون ايلائچي ۽ ٻيو سامان چوري ڪيائون. واڻئا ويچارا روئندا دانهن ڪڍي ڪراچيءَ ۾ سيٺ غلام محمد بڪڪ وٽ آيا جنهن انهن کان شڪ ۽ پڪ وغيره پڇيا. انهن پنهنجا شڪ ڪيس ٻڌايا تہ پاڻ کين دلاسو ڏئي ڪارائي پياري گهرن ڏانهن اماڻيو تہ اوهان سان انصاف ٿيندو. پاڻ هڪدم انهن چورن ۽ ڌاڙيلن جي ڳوٺ پهتو. سندن وڏن کي گهرائي چيائين، "سڀاڻي تائين توهان چوري ڪيل سامان ۽ چاليهہ ڳوٽيون ايلائچين جون ساڳين گدامن تائين پهچائي ڇڏجو، نہ تہ ٻيءَ صورت ۾ توهان جو مقابلو واڻين سان نہ مون سان ٿيندو ۽ ها هڪڙي بہ ايلائچي گهٽ ٿي تہ ان جو بہ حساب ڪتاب ٿيندو."

پوءِ واقعي ٻه ائين ئي ڪيائون. واٽين جي دانهن جي اهڙي طرح داد رسي ٿي جو ڪوهستان ۾ واهه واهه ٿي وئي. جنهن ڪان پوءِ سندس چيل اهي لفظ سڄي ڪوهستان ۾ چڙ ته محاورو بنجي ويا ته، "هڪڙي ٻه ايلائچي گهٽ ٿي ته ان جو ٻه حساب ڪتاب ٿيندو."
اهڙا سيڻ سڌير، ڪين لهنديءَ ڪي ڀيا.
سيٺ غلام محمد بکڪ انتهائي درجي جو بهادر ۽ ذهين هو جنهن جا ڪيل ڪارناما ڳڻڻ ڪان مٿي آهن. جيئن اهو ٻه هڪ واقعو آهي ته، ڪنهن برادريءَ جي ٻن گروپن ۾ وڏي دشمني هئي، ۽ انهن جو هڪ ٻي سان جهڙپون ٿينديون رهنديون هيون. هڪ ڀيري ٻنهي گروپن ۾ پنهنجي علائقي ڪان ٻاهر جهڳڙو ٿيو، جنهن ۾ هڪ گروپ جو سگهارو ماڻهو مارجي ويو، جنهن تي ٻئي گروپ جي ٻن ٽن ماڻهن جي مارڻ جو الزام هو، جنهن جي ڪري انهن چيو ته اسين سندس لاش ڪي ڳوٺ ۾ آڻڻ نه ڏينداسين. انهن چؤ طرف سخت گهيرو هڻي ڇڏيو ۽ ڳوٺ جي واٽ ٻه انهن جي پاسي ڪان ئي هئي، ان ڪري انهن چيو ته جيڪو ٻه لاش ڪڻڻ ايندو اسين ان ڪي ٻه مارينداسين. ٻي ڪا واهه نه ڏسي ماڻهو ڊوڙي سيٺ غلام محمد بکڪ وٽ آيا ۽ سڄي سربستي ڳالهه ٻڌايائون. ڳالهه ٻڌي ڪيس ڏاڍي ڪاوڙ آئي ته مارڻ ڪان پوءِ وير کهڙو؟ پاڻ انهن سان گڏجي لاش وٽ آيو، ۽ لاش ڪي پنهنجي جيپ ۾ اڳيئن سيٽ تي ٻڌي ويهاريو. پاڻ اڪيلو ئي جيپ ڊرائيو ڪري لاش ڪي سندس گهر ۾ پهچائي موٽي آيو. سڀ ئي حيران ٿي ويا ۽ جڏهن مخالفن ڪي خبر پئي ته اهي منهن مٿو پٽڻ لڳا ته لاش گهر ۾ ڪيئن پهتو؟! اهڙي ئي غير معمولي ۽ پراسرار شخصيت هئي سيٺ غلام محمد بکڪ جي.
ظالمن سان مهاڏو اتڪائڻ ڪيس وراثت ۾ مليل هو. جنهن سبب جي ڪري دشمنن جو تعداد ٻه گهڻو هو، جيڪي زندگيءَ جي پڇاڙ ڪن لمحن تائين ساڻس پڄي نه سگهيا هئا.
هو بيحد طاقتور هو. جسم جو نارمل ۽ ڪثرتي. وٽس ڄڻ ته خدائي طاقت هئي جيڪا هرهڪ ڪي حيران ڪري ڇڏيندي هئي.
هڪ ڀيري شڪار ڪرڻ دوران سندس گاڏيءَ جو ٽائر برسٽ ٿي ويو. گاڏيءَ ۾ ساڻس گڏ چار پنج ڀيا ٻه ماڻهو هئا. سڀ ئي گاڏيءَ مان هيٺ لٿا ته پاڻ اسپيئر ٽائر ڪڍي چيائين، "گاڏيءَ ڪي هڪ پاسي ڪان ٿورو مٿي ڪڻو ته ٽائر بدلايان، ڇو جو جيڪ ڪڻڻ رهجي ويو آهي." سڀ ئي جوان ۽ زورائتا ماڻهو هئا. گاڏيءَ ڪي هڪ پاسي ڪان مٿي ڪنيائون پر گاڏي ايترو مٿي نه ٿي سگهي جو ٽائر بدلائي سگهجي. جڏهن تمام زور ۽ ڪوشش جي باوجود گاڏي مٿي ٿي نه سگهي ته پاڻ ٿورو ڪاوڙجي چيائين، "هٽو، آئون ٿو گاڏي مٿي ڪڻان اوهين ٽائر بدلايو." سيني چيو، "اسين ٻه ٿورو ساٿ ڏيون؟" پاڻ سيني ڪي پري ڪري اڪيلي ئي گاڏيءَ ڪي مٿي

ڪنيائين تہ گاڏي مٽي تي وئي ۽ ماڻهن کي ايڏي حيرت ۽ اچرج ٿي جو انهن کان ٽائر بہ بدلجي نہ پيو سگهيو ۽ ٽائر بدلائڻ ۾ بہ ڪافي دير لڳي. پاڻ اڪيلو ئي گاڏيءَ کي مٽي ڪري بيٺو رهيو. اهڙيون ڳالهيون بہ تمام گهٽيون آهن.
ڪنهن غريب سان ڪنهن ڏاڍي ماڻهوءَ بي واجبي ڪئي تہ، پاڻ اتي پهچي ويندو هو ۽ غريب جي جند ظالم کان آجي ٿي پوندي هئي يا عمر لاءِ....
ڪوهستان ۾ سندس لقب "شينهن" ۽ "شهباز" هئا. هو سچ بہ شينهن ۽ شهباز هو. هر هنڌ بنا دير پهچڻ سندس "شهباز" واري صفت هئي، تہ بي ڊپائي، طاقت ۽ جرئت "شينهن" واري علامت هئي.
ڊپ سندس سرشت ۾ ئي نہ هو. هُو ڪوهستان جي جهنگن ۽ جبلن ۾ گهمندو ڦرندو هو جتي هن ڪيئي عجيب ۽ خوفناڪ لقاءَ ڏٺا. ساڻس ڪيئي حيرت ناڪ ۽ پراسرار منظر منهن مقابل ٿيا، جيڪي ڪنهن عام ماڻهوءَ سان ٿين تہ جيڪر انهن جا هانءَ ڦاٽي وڃن.
هڪ ڀيري آڌيءَ رات جو جيپ ۾ گهري جهنگ مان گذري رهيو هو. ساڻس گڏ هڪ ماڻهو هو جنهن ٻڌايو تہ، جهنگ مان گذرندي گاڏيءَ جي لائيٽ ۾ اسان ڏٺو تہ سامهون رستي تي هڪ انساني کوپڙي پئي هئي، ان جي اکين مان روشني ائين نڪري رهي هئي جڻ سرچ لائيٽون هجن." هن ٻڌايو تہ، "مان بلڪل هوش وجائي وينس پر سيٺ غلام محمد بڪڪ پاڻ گاڏي بيهاري هيٺ لٿو ۽ پنهنجي ٻنهي هٿن سان کوپڙيءَ کي کٽي رستي تان هٽائي، هڪ پاسي رکي وري اچي گاڏي ۾ ويٺو ۽ پنهنجو سفر جاري رکيائين."
سيٺ غلام محمد بڪڪ نهايت عبادت گذار هو. نماز تهجد سميت پڙهندڙ ۽ چوويهہ ڪلاڪ وضوءَ ۾ رهندڙ هو. قدرت پاران کيس وڏيون طاقتون مليل هيون. هڪ اها بہ تہ هو جنهن بہ بند تالي ڏانهن هٿ وڌائيندو هو تہ اهو کلي ويندو هو! هو هڪ ئي رات ۾ لکين درود شريف پڙهڻ جو پڻ وظيفو ڪندو هو.
سندس خوبيون بي انت ۽ بي شمار آهن. سندس شخصيت جا ڪيئي روپ ڪيئي رخ هئا. ڳالهائيندو ۽ فيصلا ڪندو هو تہ جڻ ججن جو جج هوندو هو. هلندو هو تہ هڪ ايٿليٽ لڳندو هو. شڪار ڪندو هو تہ سندس نشان بي مثال هو. ڊرائيونگ ڪندو هو تہ هڪ لاجواب ڊرائيور لڳندو هو. سندس گاڏيءَ جي اڳيان پنهنجي گاڏي وڌائڻ جو  ڪو ڊرائيور تصور بہ ڪري نہ سگهندو هو. وڏا وڏا ڊرائيور سندس ڊرائيونگ جا معترف هئا. هونئن بہ سندس شخصيت ايڏي باوقار ۽ بارعب هوندي هئي جو گهٽ ماڻهو سندس سامهون اچڻ جو سوچي سگهندا هئا.

هڪ محفل ۾ غلام مصطفيٰ جتوئي صاحب (جيڪو ان مهل سنڌ جو وزير اعليٰ هو)، تنهن جڏهن سيٺ غلام محمد بڪڪ جي شخصيت ۽ بهادريءَ جي واکاڻ ڪندي چيو ته، "غلام محمد خان بڪڪ جي اکين ۾ اکيون وجهي نهارڻ سان وڏن وڏن جو به..... نڪري ٿو وڃي." ته اتي انهيءَ محفل ۾ وينل سندس هڪ مخالف سردار چيو، "جتوئي صاحب، اهي پراڻيون ڳالهيون آهن. هاڻي ائين ڪونهي." اهو ٻڌي اتي ئي وينل ڪوهستان جي هڪ معروف شخصيت چيو، "جتوئي صاحب، نيڪ آهي غلام محمد خان بڪڪ جي هاڻي جواني ناهي. پر آئون هاڻي به پنهنجي سڄي دولت ۽ زمينون انهيءَ شرط تي رکان ٿو ته هاڻي به هي سردار صاحب سندس اکين ۾ رڳو هڪ منٽ نهاري ڏيکاري ته آئون سڀ ڪجهه ڏئي ڇڏيندس." پوءِ سردار صاحب ڪٽي اکيون هيٺ ڪيون.

انهيءَ ساڳئي سردار سان سندس مخالفت ان ڪري هئي جو سردار جي راڄ ۽ علائقي جا ماڻهو پنهنجا فيصلا ۽ دانهون سيٺ غلام محمد بڪڪ ڏانهن کڻي ايندا هئا. سيٺ غلام محمد بڪڪ جي ڪيل فيصلن کي رد ڪرڻ جو اهو سردار سوچي به نه ٿي سگهيو، ڇاڪاڻ ته هن جا فيصلا ماڻهن کي قبول هوندا هئا، جنهن جو ازالو هو پنهنجي گهر ۽ علائقي ۾ ويهي ائين ڪندو هو جو سندس خلاف ڳالهائيندو رهندو هو ته، "هو اهي رعب ٻين کي ڏيکاري آئون راڄ جو ڌڻي آهيان سردار آهيان. ماڻهو ته الائي ڇو مڙئي اجايو هن کان مرعوب ۽ متاثر آهن." ائين ئي هو گهڻو ڳالهائيندو هو، ۽ ڪڏهن ته هو ماڻهن کي چوندو هو ته، "وڃي ڪيس چئو ته آئون ڊڄڻ وارن مان ناهيان." ماڻهو وڃي اهي سڀ ڳالهيون ڪجهه وڌائي، اچي سيٺ غلام محمد بڪڪ کي ٻڌائيندا هئا جيڪي پاڻ خاموشيءَ سان سڀ ٻڌندو رهندو هو.

سيٺ غلام محمد بڪڪ ۾ سگهه، بهادري ۽ بي ڊپائيءَ سان گڏ، صبر تحمل ۽ برداشت ڪرڻ واريون خوبيون ماڻهن کي حيران ڪري ڇڏينديون هيون ته، هيڏو سگهارو ماڻهو ڪيئن ٿو سڀ سهي وڃي. هو ته ڄڻ لطيف سرڪار جي هن بيت جي مڪمل تشريح هو ته،

سوڍا صَبر تنهنجو، لَڄاين مَرَڪُ
نه ڪُڇڻ سِين نَڪُ، رِيءَ رُڪَ راڻي وَڍيو.

سچ به وٽس صبر جا انبار هئا. حيرت جهڙو ماڻهو جنهن ۾ هرهڪ خوبي وافر مقدار ۾ موجود هئي.

ڳالهائڻ/ ماٺ. ڏک/ دلاسو ٻئي حدون، ٻئي سطحون، هڪ ئي وقت ڪارگر ۽ متحرڪ. هڪ ئي ماڻهوءَ ۾ هئڻ وسهڻ جهڙي ڳالهه ناهي پر ائين هو.

عبادت گذار هو ته تهجد سميت سڀ نمازون پڙهندو هو. ۽ چوويهه ڪلاڪ وضوءَ ۾ رهندو هو. هڪ ئي رات ۾ لکين صلاتون ۽ درود وظيفا ڪندو هو.
ٻيو دنگ اهو ته ڪنهن سٺي سينيما هائوس ۾ ڪا سٺي انگريزي فلم آئي ته هڪدم ماڻهو موڪلي ٽڪيٽون گهرائيندو ۽ پنهنجي لائق ۽ پرجهل پاٽيجي قادر بخش بکڪ کي ساڻ وٺي فلم ڏسڻ ويندو هو، پنهنجي وفادار ماڻهن سميت.
سندس پسند جا ايڪٽر چارٽن هسٽن، گريگري پيڪ، ڪرڪ ڊگلس هئا. سندس پسنديده فلمون بن حر، لارنس آف عربيا، مڪناز گولڊ، گنز آف نيوران، اسپارٽيڪس، ڪلوپترا ۽ اهڙيون ئي تاريخي ۽ ڪلاسيڪل فلمون هيون.
هڪ ڀيري دستور موجب پنهنجي ڪا وٽندڙ فلم ڏسڻ لاءِ سينيما ۾ آيو، ته اتي سندس مخالف سردار به پڻ فلم ڏسڻ آيو هو. ٻنهي کي سندن ماڻهن هڪ ٻئي جي موجودگيءَ جي خبر ڏني. سيٺ غلام محمد بکڪ پنهنجي ماڻهن کي چيو." ڏسجو، متان نڪري وڃي."
سردار صاحب کي به شايد پنهنجا موڪليل پيغام ياد آيا ۽ هو ٽڙ ڦٽڙ ڪري انٽر ويل کان اڳ سينيما کان ٻاهر نڪتو. سيٺ غلام محمد بکڪ جي ماڻهن جي نظر ۾ هو جيئن ئي هو ٻاهرين دروازي ڏانهن وڌيو ته هنن سيٺ غلام محمد بکڪ کي ٻڌايو ته، "سردار صاحب ٻاهر پيو نڪري." سيٺ غلام محمد بکڪ بجليءَ وانگر پنهنجي سيٽ تان اٿيو ۽ سينيما کان ٻاهر نڪتو ته، سردار صاحب جيڪو پنهنجي سوٽ ۽ باڊي گارڊن سان گڏ هو سو پنهنجي گاڏيءَ ۾ چڙهي رهيو هو. قداور سيٺ غلام محمد بکڪ وڏيون وکون کڻي وٽس پهچي ويو ۽ سندس ڪالر جهلي چيائين، "ماڻهن کان ڏاڍا پيغام موڪليا اٿئي. ٻيهي جواب ٻڌُ."
سردار صاحب پنهنجي قميص جي ڪالر ڇڏائڻ جي ڪوشش ڪندي چيو، "مون کي جوابن جي ضرورت ناهي...." هن جو جملو اجا اڌورو هو ته سيٺ غلام محمد بکڪ شينهن وانگر پنهنجو هٿ مٿي کنيو ۽ هڪ زوردار چماٽ سنهڙي سيپڪڙي سردار صاحب جو منهن وڃائي وجود ڌوڏي وئي. انهيءَ وچ ۾ حيرت ۽ عجب اهو ٿيو ته چماٽ سردار صاحب کي لڳي ۽ سندس سوٽ چڪرائجي نڪاءَ ڪري اچي پٽ تي ڪريو.
سيٺ غلام محمد بکڪ به ڏانهس نهاريو ۽ گارڊ جيڪي ڪيس ڏسي سکتي ۾ اچي ويا هئا، انهن ڇرڪي اچي ڪيس مٿي کنيو جيڪو بيهوش ٿي ويو هو. سيٺ غلام محمد بکڪ موٽي وري سينيما ۾ آيو ۽ فلم ڏسڻ لڳو.

ٻئي ڏينهن تي اها خبر هُلي وئي تہ سردار صاحب جو سئوٽ هارٽ اٽيڪ سبب اسپتال ۾ گذاري ويو. خبر پئي تہ جڏهن سيٺ غلام محمد ٻڪڪ، سردار صاحب کي چماٽ هنئين هئي، تڏهن سندس رعب، ڪاوڙ ۽ دهشت ڏسي خوف مان ڪيس اٽيڪ ٿيو.

سيٺ غلام محمد ٻڪڪ کي رب تعاليٰ گهڻيون خوبيون ڏنيون هيون. هُو پٿرن جي وڏي شناس رکندڙ هو ۽ پٿرن جو ماڻهن تي سنن ۽ خراب اثرن کان پڻ چڱي ريت واقف هو.

اڪثر هُو ڪوهستان جي پراسرار ۽ گونا گون جبلن ۾ شڪار ڪرڻ لاءِ ويندو هو. ڪيترا جبل جي چوٽين ۾ هن هڪ اهڙو بہ سَرَه (Ibex) شڪار ڪيائين جنهن جا ڏند سون جا هئا. ان جي تصديق صرافن بہ ڪئي. پاڻ چوندو هو تہ، "جبلن ۾ وڏيون قدرتون ۽ راز آهن. اتي جا وڻ ٻوٽا ڪيميا آهن، اتي جا پٿر پارس آهن.

هڪ ڀيري پٻ جبل ۾ شڪار دوران جبل جي چوٽين ۾ ڪيس هڪ سِپَ (سيپي) جهڙو پٿر مليو، جنهن جو ڍڪڻ کولڻ سان کلي ويو تہ ان جي اندر مختلف خانا هئا، جن ۾ مختلف رنگ رنگ جا سفوف پيل هئا. پاڻ چوندو هو تہ، 'اهي انسانن لاءِ رب پاڪ جي طرفان سوکڙيون آهن جيڪي فرشتا جبلن جي چوٽين تي رکي ويندا آهن.' پاڻ پنهنجي منڊين ۾ فيروزا ۽ يعقوت (روبل) پٿر پائيندو هو جيڪي اڇي سون جون هونديون هيون.

پنهنجي ماڻهن جي ڏک سور ۾ گڏ رهڻ وارو هي جري جوڌو حڪومت جي ڪڌن قانونن خلاف هميشہ ڪاوڙيل ۽ سرگرم رهيو. جدوجهد ڪندڙ بلوچ ساٿين سان گڏ سختيون ۽ قيد بہ ڪاٽيائين.

پنهنجي سؤٽ (ٻنهي جا ڏاڏا سڳا ڀائر هئا) ۽ ماروٽ سيٺ علي محمد ٻڪڪ سان گڏ پاڻ بہ جيل ۾ رهيو، جنهن جو تفصيلي ذڪر، سيٺ علي محمد ٻڪڪ" جي پروفائل ۾ آيل آهي.

هُو ايڏو غير معمولي بهادر هو جو دشمن هن کان ڏنئون ڏيندا هئا. هو دوستن جو دوست ۽ يارن جو يار هو. ڪنهن ڳالهہ ۾ جي 'نہ' ڪيائين تہ ان ڳالهہ ۾ 'ها'، ڪرائڻ جي طاقت ڪوبہ نہ ساري سگهندو هو.

سائين پير پاڳاري سان سندس واسطا گهرا ۽ عقيدت وارا هئا. هُو سائين پير صاحب پاڳاري کي پنهنجي زمينن واري بنگلن ۾ دعوت ڏئي وٺي ويندو هو، جتي ڪوهستان جي مهان ڪلاڪار استاد محمد جمن جون يادگار محفلون ٿيون هيون.

سيٺ غلام محمد ٻڪڪ ڀٽائي گهوٽ جو عاشق هو. هر هفتي راڳ ٻڌڻ ڀٽ شاهہ ويندو هو. جوانيءَ ۾ تہ هر جمعي جي رات ڀٽ شاهہ ۾ گذاريندو هو. پر آخري ڏينهن ۾ بہ هُن ڀٽائي رحہ تان پيرو نہ پٽيو.

ائين پاڻ شاهه بلاول نوراني (خضدار بلوچستان) جو معتقد هو. هر جمعي جي نماز اتي ئي پڙهندو هو ۽ اهو سلسلو زندگيءَ جي پڇاڙيءَ تائين قائم رهيو. حيرت جي ڳالهه اها آهي جو آخر ۾ بيماري ڪري هو گاڏي ڊرائيو ڪري نه سگهندو هو، ته پنهنجي پرجهل ۽ پاڻ جهڙي ئي بهادر پٽ سليمان خان بڪڪ سان گڏ زيارت ۽ نماز پڙهڻ لاءِ شاهه نوراني ويندو هو. پڇاڙيءَ ۾ ڊاڪٽرن ڪيس سختيءَ سان منع ڪئي ته اهي ڏکيا ۽ اوکا سفر سندس صحت لاءِ صحيح ناهن. پر جنهن سڄي زندگي پنهنجي مرضيءَ سان گذاري هئي اهو آخر ۾ ڪيئن ٿو ڪنهن جي مڃي سگهي!

سائين پير صاحب پاڳاري ڪي به دعوت ڏئي شاهه نوراني وٺي ويو هو. اتي پير سائين پاڳاري جيڪو هڪ لاجواب فوٽو گرافر پڻ هو تنهن پنهنجي ڪيمره ڪڍي چيو، "غلام محمد خان، چون ٿا ته جوانيءَ ۾ اوهان جي اکين ۾ نهارڻ جي ڪنهن ۾ به جرئت نه هوندي هئي. مهرباني ڪري ساڳي نهار ڪريو ته آئون فوٽو ڪڍان." سيٺ غلام محمد خان بڪڪ، سائينءَ سان هجت ڪندي ساڳئي انداز سان، ڏانهس نهاريو ته سائينءَ فوٽو ڪڍي ڪلندي چيو، "سچ به غلام محمد خان آئون هاڻي به اوهان جي اکين جو تاب جهلي نٿو سگهان."

سائين پير صاحب پاڳاري جو ڪڍيل سندس اهو فوٽو نه رڳو سندس گهر ۽ اوطاق ۾ لڳل آهي. پر پير سائين پاڳاري جي ڪراچيءَ واري رهائشگاهه 'ڪنگري هائوس' ۾ پڻ لڳل آهي. جڏهن ته سائينءَ جي خليفن ٻڌايو ته، 'سيٺ غلام محمد بڪڪ جي اها تصوير سائينءَ جي پير ڳوٺ واري 'ڪنگري هائوس' ۾ به لڳل آهي.

مٿي جيئن ذڪر ڪيو اٿم ته سيٺ غلام محمد بڪڪ، لطيف سرڪار جو عاشق هو ۽ هميشه زيارت ڪرڻ ۽ راڳ ٻڌڻ لاءِ ڀٽ شاهه ويندو هو. شاهه سائينءَ جا خليفا ۽ راڳائي فقير ساڻس ڏاڍي محبت ڪندا هئا. آخر ۾ بيماريءَ دوران جڏهن پاڻ ڀٽ شاهه تي ويو هو ته سندس قابل موچي پٽ سليمان خان بڪڪ، ڪيس پنهنجي مضبوط ڪلهي جو سهارو ڏئي وٺي اچي رهيو هو ته، لطيف سرڪار جا اهي راڳي فقير جن ڪان اڪثر هو لطيف ؒ جو ڪلام ٻڌندو هو. انهن کي سندس شاندار هلڻ ۽ خوبصورت سراپو ياد هو. اهي ڪيس سهاري تي هلندو ڏسي روئي پيا.جيئن ئي هو آهستي آهستي قدم کڻندو وڌي رهيو هو، تيئن ئي راڳي فقير لڙڪ لاڙي لطيف ؒ سرڪار جو هي بيت پڙهي رهيا هئا،

جهرَ جهنگ جبلَ ڪوهَ، مَئي سَڀُ مَنَاڙِيا
اڱڻ اَسي ڪوهَ، مَئي لئہ مُشڪل ٿِيا.

سناسي خان بڪڪ جو سڪيلڻو پٽ، جنهن کي ڪوهستانين، 'شينهن' ۽ 'شهباز'، جا لقب ڏنا- جيڪو پنهنجي خاندان جي بهادرين کي ۽ ڪوهستان جي عظيم روايتن کي ملهائي پاڻ کي سرخ روءُ ڪري ويو.

اهڙا شينهن مڙس جيڪي انسانيت جو ڪَرُ آهن، پَرُ آهن، ڏڍ آهن، اهڙن باڪمال انسانن کان دنيا جي بي خبري جڻ تہ هڪ سانحو آهي.

چار تراريون چيلهہ سين، ٻڌي ٻہ پاڳون
اڳين جون آڳون، ڪونئر ڪلي ۾ موڪيون.

(شاهہ رح)

# هڪ شاندار ڪردار
# حاجي مريد خان بڪڪ (چاڪراڻي)



مارشل بلاوسڪي (امريڪن ميٿو لاجسٽ) چيو آهي ته، "اسين ڇهرن مٿان ڇهرن ۽ شڪلين مٿان شڪلين جي دنيا ۾ جيئڻ لاءِ مجبور آهيون. اسين پلجي ويا آهيون ته ڪڏهن حقيقت ۾ آسمان هو به سهي! حقيقت ۾ ڪا غذا به هئي! حقيقت ۾ ڪڏهن ڪا شيءِ به هئي!"

سچ به مٿين ڳالهه حقيقت آهي. اسان جي اڳيان، اسان جي سامهون اهڙيون شخصيتون زندگي گذاري، نيڪيون ڪري هليون وجن ٿيون. پر اسين اهو يقين ڪرڻ ڪان ائين قاصر آهيون، جيئن مارشل بلاوسڪي چيو آهي ته، "ڪڏهن حقيقت ۾ آسمان هو به سهي!"
جڏهن ته آسمان پنهنجي حقيقت نه ٿو لڪائي ان جي حقيقت ازل ابد ڪان قائم آهي. پر جڏهن اسين پاڻ انهن حقيقتن ڪان ذهني طور انڪاري آهيون ته پوءِ پلي مٿي تي خوبصورت آسمان موجود هجي. پر اهو منظر نظر نه ٿو اچي.
اهڙيون ئي پرپور شخصيتون ڪوهستان ۾ موجود هيون/ آهن، جن جي حقيقين ڪان اهي ماڻهو واقف ناهن، جن جي انهن سان سڃاڻپ ۽ واقفيت نه ٿي سگهي آهي.
حقيقت ۾ آئون خوشنصيب آهيان جو اهڙن حقيقي آسمانن ڪان واقف آهيان ۽ انهن جو تعارف فخر سان ڪرائي به رهي آهيان.
اهڙيون ئي آسمانن جهڙيون ٻاجهاريون شخصيتون ڪوهستان ۾ پڻ ڄايون، نپنيون ۽ اُپريون جن ۾ حاجي مريد خان بڪڪ جي پڻ هڪ شخصيت آهي.
'ڪوهستان'، جنهن جي باري ۾ پنهنجي لڪيل مهاڳ ۾ پڻ چيو اٿم ته، "وَسي ته نخلستان نه ته ريگستان. اهو آهي مانجو ڪوهستان"
ڪوهستان ۾ وَسَ (مينهن جي مند) وري پنهنجي وَسَ (اختيار) واري آهي، جيڪا ڪوهستان تي گهڻ مهربان رهندي آهي. جنهن جي ڪري اتي جي رَهَڪَ (رهڻي ڪهڻي) ڏکي ۽ غريباڻي آهي. پر صبر ۽ شڪر واري دولت سان مالا مال ماڻهو ڪڏهن به هيڻا ۽ پَرَوَسِ (ٻين جي اختيار

۾) نہ رهيا آهن. اهي پنهنجا ڏک پنهنجي ئي اندر ۾ سانديي وهندا ۽ پنهنجا وَيرَ وَڏِ (جهڳڙا ۽ معاملا) ڏارين اڳيان ظاهرئي نہ ڪندا، پنهنجا پاڻ ۾ هڪ هنڌ ويهي گڏجي نبيري اُتندا.
نبيرا اهي ڪندا جن جي ساک هوندي، جن تي اعتماد هوندو.
اها ساک، اهو اعتماد جبل وارن کي انهن پنهنجن ساڪائتن (سچي ساک وارا) ۽ پُر اعتماد ڏاهن تي هو، جن جو چوڻ سندن لاءِ وحيءَ سمان هو. جن ۾ حاجي مريد خان بڪڪ پڻ نشانبر هو جيڪو سندن فيصلا سندن ئي مزاج موجب ڪندو هو، ۽ اهي سڀئي کير کنڊ ٿي ويندا هئا.
"بڪڪ برادريءَ لاءِ اهو مشهور آهي تہ هو نہ ڪنهن کي سردار يا وڏيرو مڃيندا آهن. نہ ئي وري پنهنجن مان ئي ڪنهن کي سرداريءَ جي يا وڏيرڪي پڳ ٻڌندا آهن."
لس ٻيلي گزيٽيئر (1907ع) ۾ سي.ايف منچن (جنهن جي نالي پويان پنجاب ۾ "منچن آباد" ضلعو آهي) لکي ٿو تہ، "بڪڪ برادري جيڪا ٻين برادرين جي ڀيٽ ۾ پاڻ کي زمين جا فرزند ڪوٺائيندي آهي (جيڪي سچا بہ آهن) جڏهن تہ اتي جون ٻيون برادريون پاڻ کي شام، عراق وغيره کان آيل ٻڌائين ٿيون (جيڪو ڪوڙ آهي) ۽ بڪڪ برادري جيڪا تعداد ۾، ڳڻپ ۾ ٿورائي ۾ آهي ان جي باوجود هو نہ ڪنهن ٻي برادريءَ جي ڪنهن ماڻهوءَ کي پنهنجو سردار يا وڏيرو تسليم ڪري ٿي، نہ ئي هو پاڻ ۾ ئي ڪنهن تي سرداري يا وڏيري جي پڳ ٻڌن ٿا."
بڪڪ برادريءَ جو اڄ بہ ڪو سردار ۽ وڏيرو ڪونهي، اهي سڀ ئي پاڻ ۾ گڏجي اهڙن پنهنجن ماڻهن کان پنهنجن مسئلن، ويرن وڍن ۽ پلاندن جا فيصلا ڪرائيندا آهن جيڪي سچا، ساڪائتا ۽ بااعتماد هجن.
حاجي مريد خان بڪڪ اهڙو ئي سچو، ساڪائتو ۽ بااعتماد ماڻهو هو، جنهن تي هو اکيون ٻوٽي ڀروسو ڪندا هئا.
حاجي مريد خان بڪڪ پنهنجي ڪراچيءَ واري گهر ۽ اوطاق ۾ بہ فيصلا ڪندو هو. پر اڪثر فيصلا هو ٻاهر ۽ سر زمين تي ڪندو هو جتي اهي لاڳاپيل ماڻهو هوندا هئا يا جن زمينن تي جهيڙو جهڳڙو هوندو هو. سندس ڪيل فيصلا نهايت مدبرانہ هوندا هئا، جن تي واهہ واهہ ٿي ويندي هئي. وٽس هر قسم جا فيصلا ايندا هئا. نہ رڳو پنهنجي برادريءَ جا پر ٻين بہ گهڻين برادرين ۽ ذاتين جا فيصلا وٽس ايندا هئا، جن ۾ چريا ڪريا ماڻهو يا زالون مڙس پاڻ ۾ وڙهن تہ اهي بہ سڀ فيصلا وٽس ايندا هئا.

اهي ۽ اهڙا فيصلا هو وري مختلف انداز سان ڪندو هو. پاڻ جيئن ته خوش طبع ۽ خوش مزاج هو سو فيصلا به پوڳ خوشي سان ڪندو هو. هونئن به سندس محفلن ۾ ٽهڪ ٽڙندا رهندا هئا. ڪٿي جي ڪنهن محفل ۾ ماڻ هوندي ته ماڻهو چوندا، "هجي ها حاجي مريد خان بکڪ ته ماڻ ۽ اداسيءَ جي خبر پوي...."

هڪ ماڻهو پنهنجو فيصلو ڪٺي وٽس آيو ته، "سائين، منهنجي زال مون سان ڏمرجي جيئن مائٽن ۾ وئي آهي تيئن وري ئي نه ٿي. ڪيترا پيرا آئون وٺڻ ويس مون کي ته پُڇي ئي نه ٿي، ميڙيون به موڪليم. اهي به موٽائي ڇڏيائين. وڏي وات خور آهي. ڇپ تاروءَ سان ئي نه ٿي لڳيس، وات هٽي ماڻهوءَ ماڻهوءَ سان پڇي جواب ڏئي ويٺي آهي. هاڻي آئون تو وٽ آيو آهيان خدا ڪارڻ زال موٽائي ڏيم."

حاجي مريد خان بکڪ جيڪو ڇهن فٽن ڪان به مٿي قد رکندڙ، وڏي پريل بت جو زورائتو خوبصورت شخصيت جو شاندار ماڻهو هو جنهن جي اڳيان مائي ته ڇا پر مرد به انڪار ڪري نه سگهندو هو. تنهن، ان ماڻهوءَ کي چيو ته، "مون کي پنهنجي زال جي مائٽن جي گهر وٺي هل." حالانڪ هو ڪين پاڻ وٽ گهرائي به سگهيو ٿي. پر جيئن ته سندس طبيعت بيحد مختلف ۽ خوش مزاج هئي. اهو ماڻهو ڪيس وٺي زال جي مائٽن جي گهر آيو جتي سندس زال رهيل هئي.

ماڻهن جو حاجي مريد خان بکڪ جي اچڻ جو ٻڌو ته سيني جي ڏڍي ڊوڙ ٿي وئي (هرڪو ڊوڙندو آيو). هو سيني سان ملي گهر اندر آيو. سيني ماين اُٿي ساڻس ڪيڪاريو، ڪٿون هنڌ وڇائجي ويا. سڄو گهر ۽ اڱڻ ماڻهن سان پرجي ويو ته پاڻ ان ماڻهوءَ کان پڇيائين، "تنهنجي زال ڪٿي آهي؟" ان ماڻهوءَ هٿ جو اشارو ڪري چيو ته، "فلاڻي آهي."جيڪا واقعي به تيز ۽ چالاڪ نظر پئي آئي.

حاجي مريد خان بکڪ ان مائيءَ کي سڏي پاڻ وٽ گهرايو، "امان، هيڏي مون ڏي اچ." مائي هيڏي وڏي ماڻهو کي پنهنجي گهر ۾ ڏسي اڳ ئي گهبرائجي وئي هئي. اها سڏ ڪرڻ تي ويتر ڏڄي وئي. آهستي آهستي هلي وٽس آئي ته سندس مٿي تي هٿ رکي سندس مڙس ڏي نهاري گهروڙي پوندو ڏئي چيائين، " اڙي حرامي، هن لاءِ تو تون چوين ته گهر نه ٿي هلي؟ هيءَ ته صفا بي زبان آهي. ضرور تو ڪيس رنجايو هوندو. تڏهن ته گهر ڇڏي آئي آهي. هيءَ ته اهڙي آهي ئي ڪانه جو گهر هلڻ کان انڪار ڪري. تون وڏو ڪوڙو آهين. ڪيئن ٿو چوين ته گهر نه ٿي هلي! پنهنجي گهر چونه هلندي؟ پنهنجو گهر ته پنهنجو آهي مائٽن جو گهر ٿورو ڪي پنهجو اٿس، هينئر آئون هن جو هٿ تنهنجي هٿ ۾ ڏيان ٿو، هاڻي جو هاڻي وٺي پنهنجي

گهر وجينس. باقي بي حياءَ هاڻي ڪو جهڳڙو ٻڳڙو ڪيئي ته اهڙا موچڙا ڪائيندين جو جڳ ڏسندو."

سڀ ئي ڪلڻ لڳا. حاجي مريد خان بکڪ مائيءَ کي هٿ ۾ جهلي سندس مڙس کي سڏيو، "اڄ پيڙسان پڙوا لائق ته ڪونهين پر جهلينس هٿ ۾...."

مڙس خوش ٿي اچي زال جي هٿ ۾ جهليو. حاجي مريد خان بکڪ مائيءَ جي هٿ ۾ خرچي ڏئي چيو، "وڃ امان، مڙس سان گڏجي پنهنجي گهر وڃ، هاڻي جي ڪا شڪايت ٿيئي ته پنهنجي مائٽن جي گهر متان وڃين. سڌي مون وٽ منهنجي گهر اچجين پوءِ ڏسجانءِ ته ڪهڙو ٿو حشر ڪريانس." مائيءَ به مشڪي پنهنجا گنديون ڪپڙا ڪنيا ته حاجي مريد خان بکڪ وري به سندس مڙس کي دڙڪو ڏئي چيو، "هٿ ۾ جهلينس پاڙيا، لائق ته ناهين هن زال جو پر..." مڙس خوشيءَ مان زال جي هٿ ۾ جهليو ته زال به ڦڪي ٿي مرڪي مڙس کي هٿ ڏنو. تڏهن سڀ ئي ٺهڪ ڏئي کلي پيا جن ۾ حاجي مريد خان بکڪ جو اُچو ۽ شاندار ٺهڪ به نمايان هو.

هڪ پيري هو پنهنجي وڏي گهر جي وڏي اڱڻ ۾ گهري ڇانوَ واري وڏي نم جي وڻ هيٺيان ڇپر کٽ تي ليٽيو پيو هو ته، ڪنهن مائيءَ جي روئڻ جو آواز ٻڌائين جيڪا سندس در ٽپي اندر آئي هئي. هُن متو مٿي ڪڻي ڏنو ته اها سندس ئي پاڙي جي ڇوڪري 'شني خاصخيلڻ' هئي. جنهن کي هن سڃاتو ٿي ته اها ڏاڍي ڏالي ڀولي ۽ معصوم آهي. هو اٿيو، ڪيس اٿندو ڏسي شنيءَ در ڪان ئي دانهن سان چيو، "طلاق، طلاق، طلاق... مون کي مڙس ڪان طلاق ٿي ڪپي." هن مشڪي ڪيس پاڻ وٽ سڏيو، هوءَ وٽس اچي هيٺ پٽ تي ويني ٿي ته هُن ڪيس پاڻ سان گڏ کٽ تي ويهاريو.

شني، عام بلڪ گهٽ ذهن واري هئي ۽ ڪيس جيڪو مڙس ڏنو ويو هو ان جو نالو 'ربو' هو. اهو سندس ماسات هو. اهو مرگهيءَ جو مريض هو. گڏهه گاڏي هلائي گهر جو خرچ پڪو ڪيندو هو. پر ڪڏهن ته جڏهن ڪيس مرگهيءَ جو دورو پوندو هو ته گڏهه گاڏيءَ تان پٽ ڪري زخمي ٿي پوندو هو. گهر ۾ جيڪو به ٽڪو آن رڪيل هوندو هو ته، اهو به ڊاڪٽرن ڏي اچڻ وڃڻ ۾ ختم ٿي ويندو هو. روز گهر ۾ کٽ پٽ لڳي پئي هوندي هئي. حالانڪ سندس ماسي (سس) به پورهيو وغيره ڪري ڪيس ڪجهه نه ڪجهه ڏيندي هئي. پر غربت وڏي آفت آهي جنهن ڪري جهڳڙو روز جو معمول بنيل هوندو هو گهر ۾. اڄ شايد وڏو جهيڙو ٿيو هو جو نوبت طلاق وٺڻ تائين پهتي هئي.

حاجي مريد خان بڪڪ پنهنجي وڏيءَ گهر واري (سيٺ علي محمد خان بڪڪ جي ڀيڻ) جيڪا سندس ئي طبيعت جهڙي ۽ سندس ئي هم مزاج هئي تنهن کي سڏ ڪندي چيائين، " آمنہ، شنيءَ جي ڪاسار تہ لهہ، ڪو پاڻي ڪا ماني تہ ڪارائينس." سندس گهر واري جيڪا پڻ مهمان ڪارائڻ ۽ فريادين جو فرياد ٻڌڻ جي رهيگ (عادي) هئي. اها مشڪندي آئي ۽ شنيءَ کي پليڪار ڏنائين تہ شنيءَ چيو، مون کي نڪو پاڻي کپي نڪا ماني! مون سان انصاف ڪريو."

حاجي مريد خان بڪڪ مشڪي چيو، "تون اسان جي گهر جي ماني پاڻي نہ ٿي کائين پئين تہ پوءِ تنهنجو فيصلو ڪيئن ڪنداسين؟"

شنيءَ معصوميت مان چيو، "صبح کان وني گهٽڪو ڪونہ ڪاڏو اٿم سو مٿي ۾ ڦيري اٿم. ڪجهہ بہ وٽيئي نٿو." سيني سمجهيو تہ گهٽڪي جي نالي تي هوڪاوڙجي پوندو ڇو جو هو گهٽڪي جي سخت خلاف هو. پر هن شنيءَ ۾ نهاري مشڪي چيو، "پوءِ ڪائين ڇو نہ ٿي گهٽڪو؟" شني چيو، "پيسا آهن پر ڪير وني آڻي ڏي."، حاجي مريد خان بڪڪ چيو، "اڳي ڪير آڻي ڏيندو هو؟" چيائين، "اڳي آئون پاڻ ئي ڪبين (ڪيبن) تان وني ايندي آهيان." هُن چيو، "هاڻي بہ پاڻ وني اچ". شنيءَ معصوميت ۽ حيرانيءَ مان چيو، "هاڻي ڪبين تي ڪيئن وڃان؟ منهنجو پيءُ، ڀائر ۽ ڏير وات تان ئي جهلي موڇڙا ڏيندا تہ تو طلاق جو نالو ڇو ورتو؟ ڇو جو آئون گهر مان ئي طلاق، طلاق ڪندي نڪتي آهيان."

حاجي مريد خان بڪڪ مشڪي پاڻ اٿيو، پٽڪو ٻڌي، پنهنجو چانديءَ جي مُٺ وارو بانئو هٿ ۾ ڪٽي چيائين، "هل مون سان گڏ، ڏسان ٿو تہ ڪهڙو تو مُتُبر (معتبر) اڳيان اچي ۽ توکي مارڏي." حالانڪہ هو ڪنهن ڪان بہ سندس لاءِ گهٽڪو گهرائي سگهيو ٿي، پر اهي ئي تہ سندس عجيب انداز هئا، جنهن جي ڪري هو نهايت مشهور ۽ معروف هو.

اهي ماڻهو سندس جي نالي واري ڳوٺ، 'حاجي مريد خان بڪڪ ڳوٺ' ۾ رهندا هئا ۽ هو انهن غريبن جو ساٿي ۽ محبوب هو.

هو اڳيان، شني پٺيان. جڏهن هو انهن جي گهرن وٽ پهتا تہ پاڻ شنيءَ کي چيائين، "تون وڃي گهٽڪو وني آءُ آئون هتي بيٺو آهيان." هوءَ هلي وئي تہ پاڻ اُچي (بلند) آواز ۾ (سندس آواز ڳرو ۽ وڏو هوندو هو) هڪل ڪري مشڪندي چيائين، "عبدو (شنيءَ جو پيءُ)، خيرو، ربو، گلو، نبو (شنيءَ جو مڙس، ڀاءُ ۽ ڏير) شني گهٽڪو وٺڻ پئي وڃي، جهلڻو اٿو تہ ٻاهر نڪرو."

حاجي مريد خان بڪڪ جو آواز ٻڌي اهي سڀ ئي مرد ۽ مايون ٻاهر نڪتا ۽ ڪلي ساڻس مليا. عام خير خيريت جون ڳالهيون ڪرڻ لڳا تہ، حاجي مريد خان بڪڪ نهايت سنجيدگيءَ مان

ڪين چيو، "شنيءَ سان نهي هلو، نہ تہ سنو نہ ٿيندو. اڳ ئي اوهان ساڻس بيو اجبي ڪئي آهي (مرگهيءَ جو مريض نوجوان ڇوڪريءَ کي مڙس ڏئي). هاڻي ڪيس وڏيڪ رنجايو ۽ ستايو نہ نہ تہ جيئن هو چوي ٿي آئون ڪيس طلاق ڏياري ڇڏيندس."

هو سيئي رنجيده ٿي ڪنڌ هيٺ ڪري ڪيس ٻڌي رهيا هئا. ايتري ۾ شني گهٽڪا هٽن ۾ ڪنيو آئي ۽ حاجي مريد خان بڪڪ ڪيس پاڻ سان وٺي پنهنجي گهر آيو.

هن ايندي ساڻ گهٽڪو کولي ڪاڍو، گهٽڪو کائي بس ڪيائين تہ ڪيس ماني ڪارائي چانهہ پياري پوءِ پڇيائين، "ربوءَ (شنيءَ جو مڙس) کان طلاق تہ وٺين ٿي پوءِ ڇا ڪندينءَ؟ هونئن تہ ربو توکي ڏي وٺي، ڪارائي پياري ٿو. سندس ماءُ جيڪا تنهنجي ماسي آهي، اها بہ تنهنجو خيال ڪندي آهي. ڏوڪڙ پيسو بہ ڏئي ٿي. پر جي تون ربوءَ کان طلاق وٺنديءَ تہ پوءِ اهي توکي تہ ڪونہ سنڀاليندا. تنهنجو پيءُ ۽ ڀائر بہ تہ توکي گهر ۾ ڪونہ ڇڏيندا. پوءِ ڪيڏانهن ويندينءَ؟"

هو ساڻس برابريءَ واري نموني ڳالهائي رهيو هو. سڀ ئي گهر ڀاتي (حاجي مريد خان بڪڪ جي گهر جا ڀاتي سندس ٻار ۽ ڀائٽيا وغيره) مشڪي مشڪي دلچسپيءَ سان اهو ڪيس ٻڌي رهيا هئا. شنيءَ ڪو جواب نہ ڏنو تہ حاجي مريد خان بڪڪ جيڪو اهڙن فيصلن ڪرڻ جو ماهر هو تنهن مشڪي شنيءَ کي چيو، " يلا ڪو اڪ ٻڪ ۾ جهليو اٿئي ڇا؟" ان تي سيني ٺهڪ ڏنا تہ شنيءَ بہ مشڪي چيو، "ها". ٺهڪ وڏيڪ وڌا اڀريا. حاجي مريد خان بڪڪ پنهنجي ڪل روڪي چيو، "ڪير؟" شنيءَ بنا ڪنهن خوف ۽ ڦڪائيءَ جي چيو، "نوريءَ (سندس ڀائٽي) جو ڏير!" پوءِ تہ ٺهڪن جو طوفان ڪڙو ٿي ويو. جڏهن ماٺ ٿي تہ حاجي مريد خان بڪڪ ڪيس چيو، "يلاجي آئون هينئر ئي سيني کي گهرائي توکي طلاق ڏياري ڇڏيندس تہ پوءِ توکي ڪوبہ گهر ۾ اندر گهڙڻ نہ ڏيندو ۽ تنهنجو سامان بہ ڪو توکي ڪڻڻ نہ ڏيندو. جيڪا بہ تنهنجي قيمتي چيز تنهنجي گهر ۾ رکيل آهي اها بہ توکي نہ ڏيندا، پوءِ؟" شنيءَ نهايت اطمينان سان چيو، "اهو آئون سڀ ڪڻي آئي آهيان." سيني حيرت مان ڪيس ڏنو جنهن وٽ ڪابہ چيز نہ هئي.

حاجي مريد خان بڪڪ چيس، "ڪهڙي قيمتي چيز يا سامان ڪڻي آئي آهين؟ نظر تہ اچي ئي نہ ٿو؟" هن مشڪي پنهنجي ڪيسي مان بہ ٽي سو روپيا ۽ هڪ فوٽو ڪڍي ڏيکاري چيو، "هي ٽي سورو پيا ۽ هي رشيد (ڇورو جنهن سان شادي ڪرڻ ٿي چاهيائين) جو فوٽو .بس بيو ڪجهہ بہ ڪونهي منهنجو گهر ۾."

شنيءَ جي سادگي ۽ معصوميت تي سيني مشڪيو ۽ سندس ڏک به ٿين. حاجي مريد خان بڪڪ ڪيس نهايت سنجيدگيءَ سان سمجهائي چيو، "ٻڌ، تنهنجو ماسات ربو تنهنجي لاءِ سهي آهي. نه ڪو وڙهي ٿو، نڪو نشو ٿو ڪري، تون سيني پنهنجن جي وچ ۾ ويني آهين، سياڻي جي اهو ڇورو جنهن سان تون شادي ڪرڻ چاهين ٿي ۽ جنهن کي آئون سڃاڻان ٿو ته اهو لوفر ۽ نشائي آهي. اهو توکي ٻه ٽي مهينا به نه رکندو. پوءِ تون ڪيڏانهن وينديءَ؟ هاڻي منهنجو چيو ڪري تون پنهنجي گهر وڃ، اجا تنهنجي شاديءَ کي ٻه ٽي سال ٿيا آهن. اولاد ٿيندئي ته سڀ وسري ويندئي."

شني سندس ڳالهائڻ تي يڪو "ها" ۾ مٿو ڌوڻيندي رهي. ۽ مشڪي سندس فيصلو مڃيائين. تڏهن حاجي مريد خان بڪڪ مشڪي چيو، "هاڻي اها پنهنجي قيمتي ملڪيت، ڇوري رشيد جو ڦوٽو منهنجي اڳيان ڦاڙي ڦٽو ڪر ته آئون به ڏسان ته تو منهنجو فيصلو دل سان قبول ڪيو آهي."

شنيءَ هڪدم ڪيسي مان ڦوٽو ڪڍي سندس اڳيان ڦاڙي پرزا پرزا ڪري هوا ۾ اڇلائي ڇڏيو، تڏهن حاجي مريد خان بڪڪ خوش ٿي سندس مٿي تي شفقت مان هٿ رکي چيو، "شاباش..." پوءِ سندس مائٽن ۽ ساهرن کي گهرائي، سمجهائي، دڙڪا ڏنا، "هاڻي هن معصومڙي کي ڪابه تڪليف نه اچڻ گهرجي." سيني سندس فيصلو مڃيو ۽ سڀ ئي خوش خوش شنيءَ کي ساڻ وٺي هليا ويا. پوءِ واقعي به هوءَ پنهنجي مڙس سان خوش رهڻ لڳي ۽ کيس اولاد به ٿيو.

حاجي مريد خان بڪڪ جڏهن ٻاهر جبل ڏانهن فيصلن وغيره لاءِ ويندو هو ته ماڻهو کيس پنهنجن گهرن ۾ وٺي ويندا هئا. گهر ڇا، پونگا، جهوپڙيون اتي سندس لاءِ ڪٿون هنڌ وڇائجي ويندا هئا. وڏي عمر جون يا شادي واريون عورتون ته پنهنجن مردن سان گڏ اچي ساڻس ڪينڪا رينديون هيون. باقي نوجوان ڪنواريون ڇوڪريون جيڪي کيس پري کان ڏسي تجسس وچان ويجهو کان ڏسڻ چاهينديون هيون. پر جيئن ته جبل ۾ ڪنواري ڇوڪري سواءِ پنهنجي خاندان جي باقي ڪنهن به غير مرد جي منهن تي نه پوندي آهي/ سامهون نه ايندي آهي، اهي به حاجي مريد خان بڪڪ کي ڏسڻ لاءِ حيلا هلائينديون هيون.

هڪ ڏينهن هو اسان جي گهر آيو (هو منهنجي والد سيٺ علي محمد بڪڪ جي پڦي ڪميءَ (ڪمل) جو پٽ ۽ منهنجي والده حسن جان جيڪا سناسي خان بڪڪ ۽ صاحبڏني بڪڪ جي ڌيءَ آهي ان جو ماسات هو). اهڙي ويجهي سڱ هئڻ جي ڪري هو اڪثر اسان جي گهر ايندو هو، ۽ ڪن پيچيده فيصلن جي باري ۾ بابا سان صلاح مشورو پڻ ڪندو هو. ائين ئي هو

اسان وٽ آيو هو، سندس ڳالهيون هونئن ئي دلچسپ ۽ وٽندڙ هونديون هيون، سو ڳالهين ڳالهين ۾ هڪ ڳالهه ٻڌايائين ته، آئون ڪنهن فيصلي جي سلسلي ۾ پنهنجي برادريءَ ڪان ٻاهر جبل ڏانهن ويو هئس. اتي اندر گهر ۾ ويٺو هئس ته اوچتو منهنجي نظر پونگيءَ (گهر) جي هيٺئين پڪي (ڏرِي، پٽرِ) تي پئي. ڏسان ته پڪو متي ڪنيل آهي. ۽ نوجوان ڇوڪرين جا منهن قطار ۾ نظر آيا، جيئن ئي منهنجي نظر مٿن پئي ته انهن هڪدم پڪي ڪي هيٺ ڇڏيو ۽ غائب ٿي ويون. مون ڪليو ته گهر ۾ وينل بہ سڀ ڪلي پيا. جن پڻ اهو منظر ڏٺو هو. چيائون ته، "اسان جون نياڻيون بہ اوهان کي ڏسڻ چاهين ٿيون سو...." مون ڪين چيو، "اهي منهنجون بہ نياڻيون آهن ٻچا آهن. ڪين وني اچو". هو اتيا ۽ ڇوڪرين کي وٺي آيا جيڪي ڦڪيون ٿينديون وات تي پوتيون رکي اندر گهر ۾ آيون ۽ مون کي ڪيڪاري ويهي رهيون."

حاجي مريد خان ٻڪڪ وٽ هر هڪ ماڻهو مانائتو هو. ڳوٺ ۾ هڪڙو "محبوب شاهہ" نالي مست هوندو هو. جيڪو رڳو وٽس اچي ڪاڏي جون فرمائشون ڪندو هو ته فلاڻي شيءَ بہ ڏي، فلاڻي شيءِ بہ ڏي. هو سندس سڀ فرمائشون پوريون ڪندو هو ۽ محبوب شاهہ ڪڏهن ڪائيندو هو، ته ڪڏهن سڀ ڪجهہ اچلائي هليو ويندو هو. پر حاجي مريد خان ٻڪڪ جي روبي ۾ ڪو بہ فرق نہ ايندو هو.

تيئن نئي جو سائين گل حسن شاهہ مست اوچتو سندس ڳوٺ ۾ وارد ٿيو ۽ اتي ئي رهجي ويو. سندس مائٽن ڪيس وڄايو هو جيڪي ڪيس ڳوليندا ڳوليندا 'حاجي مريد خان ٻڪڪ ڳوٺ پهتا' پر هو ساڻن نہ ويو. سندس ماءُ جيجي حليمان روئندي روئندي موٽي وئي. هو جيترا ڏينهن بہ رهي هئي حاجي مريد خان ٻڪڪ جي گهر ۾ رهي هئي، ۽ پوءِ پنهنجي مرضيءَ سان موٽي وئي هئي. پٽ کان نامراد ٿي، جنهن کي حاجي مريد خان ٻڪڪ دلاسو ڏنو هو ته هي منهنجو گهر بہ اوهان جو آهي. جڏهن بہ اچڻ چاهيو اچي ٿا سگهو. باقي سائين هينئر اوهان سان هلڻ نہ ٿو چاهي ته، آئون بہ زور زبردستيءَ سان ڪيس نہ موڪليندس."

پوءِ سائين گل حسن شاهہ وٽس ئي رهڻ لڳو. سائين ڪنهن سان بہ نہ ڳالهائيندو هو. ڪيس گهر جي ٻاهران وڏي وڻ جي هينيان کٽ، هنڌ، دلو ۽ گلاس رکي ڏنو هو. ماني رکي وڃبي هئي ته، کائيندو هو نہ ته بس.... رڳو پيو هلندو ۽ چڪر پيو هڻندو هو.

تڏهن منهنجو ادا مولا بخش ٻڪڪ سنڌ مدرسةالاسلام ۾ پڙهندو هو. روز سائين گل حسن شاهہ کيس ايندي ويندي ڏسندو هو. هڪ ڀيري ادا اسڪول کان گهر پي آيو ته، سائين سندس پويان پويان گهر تائين آيو ۽ واپس هليو ويو. ٻئي ڏينهن هو وري اسان جي گيٽ وٽ آيو، ۽ ٻاهران زور سان چيائين، "اي مولابخش مون کي هڪڙي ڪاپي ۽ قلم تہ ڏي" اسين سڀ ئي

حيران ٿي وياسين تہ بظاهر چريو نظر ايندڙ، يعني بي ترتيب وڌيل مٿي جا وار ۽ ڏاڙهي جا وار، ڳاڙهيون خوفناڪ اکيون، جنهن کي ڏسي ٻار رڙيون ڪري ڀڄي ويندا هئا. اهو ڪاپي ۽ قلم پيو گهري! ڇاڪندو هو ڪاپي ۽ قلم کي؟ ڇاهو پڙهيل آهي؟ لکي سگهي ٿو؟
ادا مولا بخش ڊوڙي وڃي ڪيس ڪاپي ۽ قلم ڏنو جيڪي وٺي هو خاموشيءَ سان هليو ويو.
پوءِ ادا مولا بخش اها حيران ڪندڙ خبر ٻڌائي تہ اسڪول ايندي ويندي آئون جڏهن ڏانهنس نهاريندو آهيان تہ هو مون ڏانهن شڪر گذار نظرن سان ڏسندو آهي، ۽ پوءِ زور شور سان لکڻ لڳندو آهي. پوءِ تہ هيڪاري اسان کي تجسس ٿيو تہ هو، ڇا ٿو لکي؟ پر سواءِ حاجي مريد خان بکڪ جي ٻيو ڪوبہ سندس ويجهو يا ڪٿ تائين نہ ويندو هو. ۽ حاجي مريد خان بکڪ کي ڏسي هو ڪاپي بند ڪري ڇڏيندو هو، اٿندو هو تہ ڪاپي ڪڇي ويندو هو.
هڪ ڀيري ادا مولا بخش اسڪول کان موٽيو تہ ڏنائين، سائين گل حسن شاهہ ڪاوڙيل هو ۽ نهايت جلال ۾ هو. ڪاپيءَ مان بہ ٽي پنا ڦاڙي مروڙي اڇلائي پاڻ ڪاپي ڪڇي هليو ويو. ادا مولا بخش ٻڌايو تہ آئون ڊڄندي ڊڄندي، هيڏانهن هوڏانهن نهاري تہ سائين تہ نہ پيو ڏسي يا اچي، مون هڪدم اهي مروڙيل ڪاغذ ڪنيا ۽ ڀڄندو آيو آهيان."
اسين اهي ڪاپي جا مروڙيل پنا ڏسي حيران ٿي وياسين. اهو انگريزيءَ ۾ لکيل هڪ خط هو جيڪو چين جي عظيم رهنما مائوزي تنگ جي نالي لکيل هو.... (تڏهن عظيم مائو جيئرو هو.) خط ۾ لکيل هو، "عظيم سائين، مون کي چيني ٻولي نہ ايندي آهي تنهن ڪري آئون انگريزي ٻوليءَ جو سهارو وٺي رهيو آهيان. تون مهان آهين جنهن اهڙو سرشتو متعارف ڪرايو آهي، جنهن جي ڪري امير ۽ غريب جو فرق مٽجي وڃي ٿو. آئون توهان وٽ پهچي توهان جي وڏي شخصيت جي اڳيان پنهنجو سر نمائي نہ ٿو سگهان. پر هتي چين جي جهنڊي اڳيان پنهنجو سر جهڪايان ٿو."
ٻيو خط امريڪا جي صدر جان.ايف.ڪينڊي جي نالي هو، جنهن ۾ لکيل هو تہ، "امريڪا غريب ملڪن سان بيواجبيون ۽ ظلم بند ڪري. ۽ تنهنجي خوبصورت پرسنلٽي مان آئون اميد رکي سگهان ٿو تہ تون اهڙو ڪم ڪري سگهين ٿو ۽......" اسين تہ رڳو حيراني مان هڪ ٻئي ڏانهن تڪيندا رهياسين تہ هو پڙهيل لکيل ۽ سياسي شعور رکندڙ آهي.
سائين گل حسن شاهہ ماني رڳو حاجي مريد خان بکڪ جي گهرجي کائيندو هو. سڄو ڳوٺ چاهيندو هو تہ هو سندن بہ ماني کائي. پر ٻين جي ڏنل ماني اتي ئي پئي هوندي هئي. البتہ ڪپڙا هو رڳو ادا مولابخش کان ئي گهرندو هو. اهي بہ تڏهن جڏهن سندس ڪپڙا بلڪل ڦاٽي ويندا هئا تہ، هو اسان جي در وٽ اچي زور سان چوندو هو، "اي مولابخش، مون کي ڪپڙن

جو هڪڙو جو ڙو تہ آڻي ڏي". ادا مولا بخش ننڍڙو هو اهو امان کي چوندو ۽ امان وڏن ادن جي کپڙن مان هڪڙو جوڙو ڪڍي ڏيندي هئي. هو وننڊو بہ رکو ادا مولابخش جي ئي هٿن مان هو. ٻين پائرن مان ڪو وجي ڪيس ڏيندو هو تہ هو بنا وڻڻ جي ڪنڌ هيٺ ڪري هليو ويندو هو ۽ ٻئي ڏينهن وري ايندو. ادا مولابخش ڪيس ڪپڙا ڏيندو هو تہ وٺي هليو ويندو هو، ۽ ٻئي ڏينهن ڏسبو هو تہ اهي ڪپڙا پاتل هوندا هئس. ٻيا جي ڪيس ڪپڙا ڏيڻ چاهيندا هئا تہ اهي بہ اسان جي گهر ڏئي ويندا هئا تہ، پلي ادا مولا بخش ڪيس ڏي ۽ واقعي هو اهي ڪپڙا ادا مولابخش کان وٺي ويندو هو ۽ پائيندو هو.

اهڙا ڪيئي ماڻهو حاجي مريد خان بڪڪ وٽ رهيل هوندا هئا. ماڻهن سان سندس محبت جو اندازو انهيءَ مان لڳائي سگهجي ٿو تہ، سندس اوطاق تي اوير سوير ماڻهوءَ کي کاڌو ۽ هنڌ مليو ٿي. پلي ڪو ٿڪيو ٿڙيو مسافر آڌيءَ رات جو اچي تہ ڪيس پيٽ ڪير ۽ رلي وهاڻو ضرور ملندو هو.

سندس پٽ غلام قادر بڪڪ ٻڌايو تہ، آڌي رات هئي تہ گهر جي ٻاهرين ڏيڍيءَ واري در تي کڙڪو ٿيو، بابا ننڊ ۾ هو. ٻيو بہ هرڪو ستو پيو هو تہ امان جي اک کلي. هن اچي مون کي اٿاريو، منهنجي عمر تڏهن 9- 10 سال هوندي. آئون اکيون مهٽيندو اٿيس ۽ وجي در کوليم تہ ٻاهر ... (معروف ماڻهو) بيٺو هو. تڏهن هو نهايت غريب هو ۽ مون ننڍڙي سان بہ جهڪي مليو هو. چيائين، "ڪاڪا، حاجي تہ ستل آهي نہ؟" مون چيس، "ها." تہ نهايت آهستي چيائين، "متان ڪو کڙڪو ڪيو اٿئي. ڪاڪو جاڳندو تہ ڪاوڙ جي پوندو؛ اسان جا افعال ئي اهڙا آهن سو تون آهستي ڪاڪيءَ کان کاڌو ۽ هنڌ وٺي آءُ". آئون موٽي امان وٽ آيس ۽ ڪيس سڀ ٻڌايم. امان کير پيٽ ڏنو جيڪو آئون چلڪائيندو چلڪائيندو ڪيس ڏئي موٽي آيس تہ امان رلي ۽ وهاڻو ڏنو. آئون وهاڻو ڪلهي تي رکي رلي گهريندو گهريندو ڪيس ڏئي آيس. هو سڀ وٺي هليو ويو."

جبل ۾ رهندڙ برادرين جي فيصلن کان علاوه هو ڪراچيءَ ۾ رهندڙ پراڻن يعني ورهاڱي کان اڳ آيل پناڻن، پنجابين ۽ چاچين وغيره جا پڻ فيصلا ڪندو هو، ۽ انهن جا مسئلا حل ڪندو هو. مينهن وسندو هو تہ غريبن جي اوني ۾ وسندڙ مينهن ۾ گهر کان ٻاهر نڪري پوندو هو ۽ ڪچن گهرن ۾ رهندڙ غريبن ۽ نيئن جي پير ۾ رهندڙ چاچين کي گهرن مان ڪڍي، سرڪاري اسڪول کولائي انهن ۾ رهائيندو هو، ۽ انهن جي ضرورتن جا بندوبست ڪندو هو.

هو وڏو مال دار هو. سندس مال جا واڙا سندس ڳوٺ کان علاوه ڪراچي جي ٻين علائقن موڪي، صفوران، سونگل وغيره ۾ پڻ هئا. اهي خوبصورت علائقا ورهاڱي مهل آفتن جي شڪلن ۾ آيل هڇائن جهڙن ڏارين ڏوتن ڪي ڪوڙن ڪليمن ۾ ڏنا ويا، جيڪي هاڻي گلستان ڦلهار ۽ گلشن ڏوڙچار بنجي ويا آهن.

ڪراچيءَ جي معروف علائقي رنڇوڙ لائين ۾ پڻ سندس مال جو واڙو هو. انهيءَ علائقي ۾ مارواڙين جي گهڻائي هئي جيڪي جڻ ته سڀ ئي سندس عاشق هئا. محمد هاشم گذدر (ميئر ڪراچي)، حاجي عبدالله گذدر ۽ حاجي ابوبڪر گذدر تقريباً سڀيئي سندس گهرا دوست هئا.

مارواڙي قوم ۾ وري عورتون به پنهنجا ڏار ڪارو بار ڪنديون هيون، جن ۾ ڪن جا دڪان هوندا هئا ته ڪن جا مال جا واڙا هوندا هئا.

ڪراچيءَ جي پراڻي جوبلي سينيما جي مالڪ غلام محمد مارواڙيءَ جي ڀڦي ۽ ان وقت جي مشهور هوٽل، 'احسان هوٽل' جي مالڪ جي ڀڦي مائي زينا مارواڙي، مردن جهڙي حشمت واري هئي جنهن جو پڻ وڏو مال جو وارو هو. اها حاجي مريد خان بڪڪ جي ڀيڻ بنيل هئي.

ڪراچيءَ ۾ وري مال جا چور به گهڻا سو جڏهن به ڪنهن مارواڙيءَ جو مال چوري ٿيندو ته، اهي مائي زينا مارواڙيءَ ڏانهن دانهن ڪٽي ايندا هئا. اها وري حاجي مريد خان بڪڪ وٽ ايندي هئي، جيڪو چورن ۽ پاٿاري دارن ڪي به سڃاڻندو هو ته سندن ٿمن (ٿم- جتي چوري جو مال لڪائي رکجي.) کان به واقف هو. اهو انهيءَ مهل اتي وڃي مارواڙين جو مال موٽائي ايندو هو. مارواڙي ويچارا شروع ۾ ته ائين سمجهندا هئا ته هو ڀُنگ (تاوان) ڏئي مال ڇڏائي ايندو آهي. اهي ساڻس ڀنگ بابت ڏي وٺ جون ڳالهيون ڪندا هئا ته حاجي مريد خان بڪڪ جو وڏو ٺهڪ فضائن ۾ ٻُري ويندو هو. چو جو هو چورن جو دشمن هو. هڪڙو واقعو آهي ته ٺاٽي ۾ ڪي ماڻهو جهليل هئا جن کان ايس.ايچ.او پڇا ڳاڇا ڪري رهيو هو جيڪي چوري ڪندي جهليا هئا. انهن چورن مان هڪ ماڻهوءَ ايس.ايچ.او کي چيو ته، آئون چوريءَ ۾ نه دشمنيءَ ۾ جهليو آهيان. مون کي منهنجي دشمنن جهلايو آهي. هن پڇيس "ڪير تنهنجو دشمن آهي؟" چور جواب ڏنو، "حاجي مريد بڪڪ:" ايس ايچ او جو وڏو ٺهڪ ايريو ۽ ڪيس چيائين، "ها واقعي حاجي مريد خان بڪڪ چورن جو دشمن آهي."

ڪراچيءَ جو ميئر محمد هاشم گذدر (آرڪيٽيڪ) سندس گهرو دوست هو، جيڪو ڪيس اجمير شريف (انديا) ۾ خواجه معين الدين چشتي رح جي زيارت لاءِ پڻ وٺي ويو هو.

حاجي مريد خان بکک حج جو فرض پڻ پنهنجي انهن ئي مارواڙي دوستن ابوبڪر گڏدر وغيره وارن سان گڏ ادا ڪيو جتي ڪيس حضوراڪرم نبي سڳوري ﷺ جي زيارت مبارڪ خواب ۾ نصيب ٿي هئي. پاڻ ٻڌايائين ته، "حج جي ادائگي دوران مديني پاڪ ۾ حضورجن جي روضي اقدس ۾ حاضري ڏيندي سندس ڄاري مبارڪ تي مٿو رکي روئي رهيو هو هئس ته مون کي خبر ئي نه پئي ته ڇا ٿيو. ڪيئن ننڊ اچي وئي، ڪيئن خواب ڏٺم، خواب ۾ ڏسان ٿو ته ڪو ماڻهو مون کي اٿاري چوي ٿو ته، 'اٿي اٿي هلي حضور. آئون هڪدم ٽپ ڏئي اٿان ٿو ۽ ٻاهر نڪري ڏسان ٿو ته ماڻهن جا هشام (هجوم) لڳا پيا آهن. آئون ماڻهن کي هٽائيندو هٽائيندو پاڻ لاءِ جاءِ جوڙيان ٿو، ۽ اچي ماڻهن جي وچ مان ڪنڌ ڪڍي ڏسان ٿو ته، سبحان الله سامهون نبي آخر الزمان صلعم بيٺل آهي. ڪين جبو مبارڪ پاتل آهي. مٿي مبارڪ تي رومال ائين ويڙهيل هو ۽ پاڻ ائين بيٺل هو جو آئون رڳو سندس چهري مبارڪ جو هڪڙو پاسو ئي ڏسي پي سگهيس. آئون سندس ديدار مبارڪ ڪندو رهيس. منهنجون اکيون ۽ اندر ٺرندو ۽ روشن ٿيندو رهيو ته اوچيو سندس آواز مبارڪ اڀريو، "اوهان سڀني کي حج ادا ڪرڻ جي سعادت مبارڪ هجي. پر اها ڳالهه ضرور ياد ڪري ان تي عمل ڪجو ته حج ڪري واپس گهر وڃڻ کان پوءِ ڪو به گناهه جو ڪم نه ڪجو." ۽ پوءِ منهنجي اک روضي جي خدمت گذارن جي جاڳائڻ ڪري کلي وئي، جيڪي روضي مبارڪ کي سجدو ڪرڻ کان منع ڪري چئي رهيا هئا ته، "سجدو رڳو الله کي ڪرڻو آهي." اک کلڻ کان پوءِ مون کي ويساهه ئي نه ٿي آيو ته آئون ايڏو خوش نصيب ٿي ويو آهيان، ۽ پوءِ روئندو خدا جي اڳيان سجدي ۾ ڪري پيس." هو اها ڳالهه ڪندي روئي ڏيندو هو. پوءِ جڏهن سندس دوستن کي انهيءَ خواب مبارڪ جي خبر پئي ته اهي سندس ديدار ڪرڻ لاءِ بار بار ايندا هئا. اهي هر بار خواب ٻڌائڻ جي خواهش جو اظهار ڪندا هئا، جن ۾ مشهور عالم (جيڪو سندس دوست به هو) مولانا محمد شفيع اوڪاڙوي سر فهرست هو، جيڪو هميشه ڪنهن نه ڪنهن وڏي عالم کي وٺي 30- 35 ماڻهن سان گڏجي وٽس ايندو هو. نئين سر ڪائونس خواب مبارڪ ٻڌندو ۽ روئندو هو. حج تان واپسي وارو سندس تاريخي استقبال پڻ يادگار واقعو آهي، جيڪو سندس ماروٽ سيٺ علي محمد بکک ارينج ڪيو هو، سيٺ علي محمد بکک جيڪو بلوچستان ۾ ٽرانسپورٽ جو پايو وجهندڙ هو، ان جون الائي ڪيتريون گاڏيون ماڻهن سان پرجي ويو هيون. انهن سڀني جي هٿن ۾ گلن جا هار هئا. اهو دور 1951ع جو هو جڏهن اجا نوٽن جي هارن جو رواج گهڻ بلڪ نه هئڻ جيترو هو. تڏهن سيٺ علي محمد بکک ۽ سندس سؤٽ

سيٺ غلام محمد بڪڪ (سناسي خان بڪڪ جو سڪيلڊو پٽ) ڪيس نوٽن جا وڏا هار پارايا جن کي ڏسي ماڻهو حيران ٿي ويا هئا.
حاجي مريد خان بڪڪ جا فيصلا رڳو جبل تائين محدود نہ هئا. ان جي ڪري سندس دوستيون بہ لامحدود هيون، جن ۾ سندس ويجها دوست، سائين علي محمد شاهہ عرف سائين علو شاهہ (سائين قادر ڏني شاهہ جو والد ۽ سائين اعجاز شاهہ شيرازي ۽ سائين شفقت شاهہ شيرازي جو ڏاڏو)، جت برادريءَ جو سردار مامون خان ملڪاڻي، ڪيهر برادريءَ جو نواب حاجي عارب ڪيهر، غلام رسول ڪيهر (سنڌ اسمبليءَ جو اسپيڪر)، سردار الله بخش گبول، (نبيل گبول جو ڏاڏو)، محمد هاشم گذدر، (اڳوڻو ميئر ڪراچي) مير بند علي خان ٽالپر، حسن علي آفندي (وڏي حسن عليءَ جو پٽ)، وڏيرو ملهہ خان پالاري، رئيس يوسف چانڊيو، سائين قادر ڏنو شاهہ، سيد روشن علي شاهہ، (سپريم ڪورٽ جي اڳوڻي چيف جسٽس سجاد علي شاهہ جو والد) وغيره.
جڏهن 1952ع ۾ ڳوٺ جو نقشو بنيو ٿي، تڏهن ڪراچيءَ جو ڪليڪٽر محمد اسحاق خان هو جيڪو پڻ ڪيس گهٽو پائيندو هو، سندس جو پٽ ناميارو وڪيل خالد اسحاق خان پڻ سندس دوست هو. ڇو جو وٽس ڪيئي ماڻهو اهڙا بہ مدد لاءِ ايندا هئا جن جا ڪيس عدالتن ۾ هلندڙ هوندا هئا. حاجي مريد خان بڪڪ کين خالد اسحاق خان کي پنهنجو وڪيل مقرر ڪرڻ جي صلاح ڏيندو هو.
جبل ۽ لاڙ واري پاسي جي ماڻهن جا ڪيس گهڻو ڪري سيشن ڪورٽ ۾ ويندا هئا. جتي مرزا ارشاد بيگ جج هو جيڪو مرزا اسلم بيگ (سابق چيف آف آرمي اسٽاف) جو پاءُ هو.
سيشن ڪورٽ ۾ اچڻ وڃڻ جي ڪري جج ارشاد بيگ حاجي مريد خان بڪڪ جي شخصيت کان بيحد متاثر ٿيو. ماڻهن جو مٿس اعتماد ڏسي هو اڪثر ڀهراڙين جا فيصلا ڪورٽ ۾ ڪرڻ بجاءِ سندس حوالي ڪري ڇڏيندو هو. چوندو هو تہ، "هتي ويچارا غريب رلي ۽ وڃن خرچن ۾ پئجي ٿا وڃن، توهان راجوڻي نموني سان انهن ڪيسن جو نبيرو ڪريو."
يعني سيشن ڪورٽ جي جج مرزا ارشاد بيگ کي حاجي مريد خان بڪڪ جي سچائي ۽ تدبر تي ايڏو اعتماد هو، جو هو ڪورٽ جا فيصلا بہ سندس حوالي ڪري ڇڏيندو هو.
نہ رڳو راجوڻي فيصلا پر ماڻهن جي هر طرح جي مدد ڪرڻ بہ جڻ سندس ذاتي ذميدارين ۾ شامل هو. ڪيس جڻ رب ماڻهن جون بي لوث خدمتون ڪرڻ تي مامور ڪيو هو.
زمانو 1952ع وارو، سهوليتون گهٽ، غربت گهڻي، پاڻ حج ڪري آيو هو، تہ پنهنجي ڏاهپ جي ڪري وڏو تجربو پڻ حاصل ڪري آيو. سو نہ رڳو سندس برادريءَ ۽ علائقي جا ماڻهو

پر سجيءَ سنڌ جا ماڻهو خاص ڪري لاڙ واري پاسي جا ماڻهو ۽ عام طور تي لاڙڪاڻي، ۽ شڪارپور وغيره تائين جا ماڻهو، هڪ ٻئي کان سندس باري ۾ ٻڌي حج تي وڃڻ مهل وٽس ايندا هئا. هو انهن سڀني ماڻهن کي رهائڻ، کارائڻ پيارڻ، حاجي ڪيمپ وٺي وڃڻ، ٽڪا لڳائڻ، دوائون پيارڻ، ۽ پاسپورٽ ٺهرائڻ کان وٺي معلمن تائين کين مدد فراهم ڪري حج تي روانو ڪندو هو.

هن ٻه شاديون ڪيون جن مان ڪيس ائن پٽن، نياڻين ۽ پوٽن جو اولاد آهي جن کي سندس ڪارنامن تي فخر آهي

تلک آثارنا، تدل علينا
فانظرو وابعدنا، الي الاثار.
(اهي اسان جا ڪارناما آهن جي اسان جي سڌ ڏين ٿا. اسان کان پوءِ انهن ڪارنامن ڏي ڏسجو).

يار سڏائي سيڪو، جاني زباني
آهي آساني، ڪم پئي ٿي ڪل پوي.
(شاهه رح)

# هڪ سگهارو ۽ دادلو ڪردار
# قادر بخش بکڪ (منگهاڻي)



ڪَوڪَو وَٽا ڇَو وَيڙهه ۾، وِيا سَپُ وَرِڪَ
سَدي مَيَنِ سِڪُ گَڏَ گونئرن نہ لهي.
(شاهہ رح)

پيار ڌرتيءَ تي بہ پير نہ ٿو رکي ۽ نہ ئي انساني سرن مٿان گهمي ٿو، جيڪي بهرحال ايترو نرم ڪونہ آهن. پر اهو دنيا ۾ وجود رکندڙ سڀ کان نرم شئي يعني انساني دلين ۾ موجود آهي. اهو اتي رهي ٿو، پسار ڪري ٿو ۽ اتي ديرو دمائي ٿو، ائين بہ ناهي تہ سمورين دلين ۽ روحن ۾، پر جتي ڏاڍائي، شوخي ۽ ڪنورتا آهي اتان اهو پر پکيڙي اڏامي وڃي ٿو ۽ اتي وڃي واهيرو ڪري ٿو، جتي نرمي، نزاڪت ۽ مڙڻ، جڙڻ آهي. پوءِ هو نہ رڳو پنهنجن پيرن سان پر پنهنجي پوري وجود ۽ هستيءَ سان ان سڀ کان نرم جاءِ تي پنهنجو آستانو اڏي ٿو. ڇا؟ پوءِ پيار کان وڌيڪ بي ڪا انمول ۽ نازڪ نفيس شئي ٿي سگهي ٿي!"

يونان ۾ سقراط واري دور جي سڀاجهي شاعر اگيٿون جا هي مٿيان وٽندڙ ۽ اثرائتا جملا ڄڻ تہ عڪس آهن خوبصورت، جوان، تعليم يافتہ، سجاڳ روشن ذهن ۽ رحمدل قادر بخش بکڪ جي ڪومل دل جا، جتي پيار جو اهو نازڪ نفيس ۽ حساس پکي مڪمل سنڀال ۽ پوري تحفظ سان رهيل هو.

برک صحافي ۽ ناليوارو دانشور مرحوم ف.م. لاشاري صاحب پنهنجي مضمون "قادر بخش بکڪ کي ڪير وساري سگهندو؟" (هلال پاڪستان اخبار، فيبروري 1988ع) ۾ لکي ٿو تہ، "جيڪڏهن گڏيل قومن واري اداري کي هڪ بااختيار ادارو بنائجي تہ انسان ذات جي اجاين تڪرائن کي ختم ڪرڻ لاءِ، اهو جذبو اهم ڪردار ادا ڪري جيڪو دنيا جهان جي خير لاءِ قادر بخش بکڪ جي دل ۾ هو." قادر بخش بکڪ جهڙا امر انسان صدين پڄاڻا پيدا ٿيندا

آهن، انهن جي دلين ۾ رب پاڪ رڳو پيار، محبت، خير، نرمي، ٻاجهه ۽ رحم رکندو آهي، جن جو نصب العين ماڻهوءَ جا آزار، تڪليفون، غم ۽ درد ختم ڪرڻ ۽ کين خوشيون، سڪون، سک ۽ آرام ڏيڻ هوندو آهي. اهي انسان ذات جا وارث، نمائندا ۽ ترجمان هوندا آهن، جيڪي ذات ۽ برادرين کان مٿانهان هوندا آهن. انهن جي اڳيان هر هڪ ساهه وارو مستحق هوندو آهي: تحفظ جو، پناهه جو، خوشين جو ۽ امن جو.
قادر بخش ٻڪڪ انهن سيني خوبين سان سينگاريل ۽ سنواريل هو جيڪي هڪ ڀلي انسان لاءِ ضروري هونديون آهن. ڪراچيءَ جي تاريخ ۾ اهڙا ماڻهو گهٽ ٿيا هوندا، جن ڪراچيءَ جي ماڻهن جي سک ۽ خوشحاليءَ لاءِ ايترو سوچيو، پتوڙيو، جاکوڙيو ۽ ڪيو هوندو.
ڪراچيءَ جو هڪ هڪ ڳوٺ، هڪ هڪ ماڻهو سندس نظرن ۾ هو ۽ وٽس هرهڪ جي سک ۽ خوشحاليءَ جي خوابن جهڙا پيارا ۽ مڪمل پروگرام هئا. جن مان ڪن تي عمل ڪري سگهيو، باقي ٻيا سڀ سندس ڪمهلي وڃڻ سبب ملتوي ٿي ويا هميشہ لاءِ!
"ٻين جا بار کڻي پنهنجيون سموريون صلاحيتون، وقت ۽ وت ڏئي، ايتري مختصر حياتيءَ ۾ هن ايترا ڪم ڪيا جيڪي ڪرڻ لاءِ ڪيترين ئي ڊگهيون حياتيون گهرجن." (ف.م. لاشاري 1988 ع).
قادر بخش ٻڪڪ ڪراچيءَ جي ڳوٺن جي بچاءَ ۽ کين سهوليتون ڏيڻ جي شروعات، پنهنجي ڳوٺ "حاجي مريد ٻڪڪ ڳوٺ" کان ڪئي، جتي اڳ ڪا بہ بنيادي سهولت نہ هئي، اتي هن سيوريج جو اهڙو سسٽم آندو جيڪو اڳ سڄي ڪراچيءَ ۾ نہ هو. پاڻيءَ جو اهڙو جامع ۽ روان سلسلو هلايائين جو اڄ سندس وڃڻ جي 20 سالن پڄاڻا بہ، بنا ڪنهن رڪاوٽ جي صاف، منو ۽ مفت پاڻي جاري آهي. سڄي ڪراچيءَ ۾ ڀلي پاڻي بند هجي پر هن اولياءَ صفت انسان جي ڳوٺ ۾ پاڻي وافر مقدار ۾ موجود هوندو آهي. جتي ماڻهن پنهنجي گهرن اڳيان باغ باغيچا لڳائي ڇڏيا آهن. بجلي، گيس، ٽيليفون ۽ هر جديد سهوليت اڄ "حاجي مريد ٻڪڪ ڳوٺ" ۾ موجود آهي. جيڪي هن پنهنجي مختصر زندگيءَ ۾ مهيا ڪيو هيون. ائين ئي ڪراچيءَ جي هر هڪ ڳوٺ لاءِ وٽس پروگرام هئا.
مشهور صحافي ۽ روزاني اپيل ڪراچيءَ جي ايڊيٽر محترم شيرمحمد کهاوڙ پنهنجي مضمون، "سنڌ جو دادلو فرزند قادر بخش ٻڪڪ" ۾ لکيو آهي تہ، "جڏهن جماعت اسلامي جو عبدالستار افغاني ڪراچي ميٽروپوليٽن ڪارپوريشن (ڪي.ايم.سي) جو ميئر هو تہ، انهن ڏينهن ۾ ميئر صاحب عالمي بئنڪ ۽ يو.اين.اي کان امداد حاصل ڪرڻ لاءِ ڪراچيءَ جي ڪيترن ڳوٺن کي نيون ۽ ڪچيون آباديون قرار ڏئي انهن جي سروي شروع ڪرائي

ڏني. ان سلسلي ۾ جڏهن هڪ ٽيم "حاجي مريد بکڪ ڳوٺ" جي سروي ڪرڻ لاءِ پهتي ته قادر بخش بکڪ صاحب انهيءَ ٽيم کي موٽائي ڇڏيو ۽ انهيءَ سلسلي ۾ جڏهن ڪائونسلرن جي راءِ معلوم ڪرڻ لاءِ پرڏيهي وفد ڪراچيءَ جي دوري تي آيو ته، قادر بخش بکڪ صاحب ڪراچيءَ جي قديمي ڳوٺن جي بچاءَ ۾ ڪي.ايم.سي جي ڪائونسل اجلاس ۾ مدلل ۽ پر اثر تقرير ڪندي چيو ته، "اسان جا ڳوٺ ننڍڙيون آباديون يا ڌرتي ڌڪاڻن جون وسنديون ڪونهن جو، انهن کي اک ڇنڀ ۾ قلم جي هڪ جنبش سان ڪچيون آباديون قرار ڏنو وڃي. اسان وري حڪومت جي ان عمل تي خوش ٿي تاڙيون وڄايون ته هاڻي سهوليتون ملنديون. ڪراچيءَ ۾ قائم سنڌين جا سوين ڳوٺ اسان جا عظيم تهذيبي ۽ ثقافتي ورثو آهن، جن جي اندر ۾ سوين هزارين سالن جي تاريخ سمايل آهي. حقيقت اها آهي ته انهن عظيم تهذيبي ۽ ثقافتي ورثي جي امين ڳوٺن اڳيان خود نئون ڄميل پاڪستان، هڪ ڪچي آبادي آهي ان ڪري حقيقت جو ادراڪ ڪندي انهن ڳوٺن کي ڪچيون آباديون نه پر قديم آباديون قرار ڏنو وڃي."

جڏهن عالمي وفد سندس اهي ڳالهيون ٻڌيون ته هو هن کان گهڻو متاثر ٿيو ۽ وفد جي ميمبرن "حاجي مريد بکڪ ڳوٺ" جو دورو ڪيو. قادر بخش بکڪ صاحب کين ڳوٺ جي گهٽيءَ گهٽيءَ جو سير ڪرايو ۽ ماڻهن سان ملاقاتون ڪرايون ۽ کين سنڌ جي قديم ڳوٺن جي مسئلن کان واقف ڪرايو. ان بعد ڪي.ايم.سي به مجبور ٿي "حاجي مريد بکڪ ڳوٺ" سميت ڪيترن سنڌي ڳوٺن تان ڪچي آبادي واري ڇاپ لاهي، کين قديم آبادي طور تسليم ڪيو جيڪا سچ ته سنڌ واسين جي موقف جي وڏي ڪاميابي هئي. (2 فيبروري 2004ع)

قادر بخش بکڪ ڪراچيءَ جي ڳوٺن لاءِ نهايت فڪرمند هو ۽ هر هڪ ڳوٺ جي ننڍي وڏي تقريب ۾ شريڪ ٿي سندن مسئلا ۽ تڪليفون معلوم ڪندو هو. ڪڏهن ڪڏهن ته وٽس ڪراچي ۽ سندس پس گرداين وارن ڳوٺن ۾، هڪ ئي ڏينهن تي ٽيندڙ شادين جا چاليهه پنجاهه ڪارڊ ايندا هئا ته پاڻ مشڪي پنهنجي ڊرائيور کي چوندو هو ته، "ادا، هلو ته هڪ هڪ گراهه ڪائيندا سڀني سان شريڪ ٿيندا هلون!" ائين هو هڪ ئي ڏينهن تي ٿيندڙ چاليهه پنجاهه شادين ۾ شريڪ ٿيندو هو ۽ اتي رواج موجب ٻجارون، پونت ۽ پوئا (پاهت) پڻ ڏيندو ۽ پريندو هو. موٺ ۾ کيس وڏيون عزتون ۽ وڏا مان ملندا هئا ۽ گهوٽ پنهنجن ڪلهن ۽ ڪنڌن مان اجرڪ ۽ هار لاهي کيس پارائيندا هئا.

ڪراچيءَ جي ڳوٺن لاءِ پتوڙيندي ۽ جاکوڙيندي کيس ڪاميابيون پڻ مليون. برک شاعر، دانشور ۽ هر دل عزيز ادبي پرچي "سوجهرو" جي ايڊيٽر محترم تاج بلوچ صاحب پنهنجي

مضمون "سنڌ جو سچو ۽ گمنام سپاهي قادر بخش بڪڪ" ۾ لکيو آهي (سوجهرو، فيبروري 2004ع) ته، "قادر بخش بڪڪ بنيادي جمهوريت واري سرشتي کان پنهنجي سياسي زندگيءَ جي شروعات ڪئي ۽ هڪ بي لوث شخص وانگيان، هڙان وڙان نه رڳو پنهنجي ڳوٺ جي غريب ۽ پنتي پيل رهواسين جي هر طرح سان مدد ڪئي، پر هن ماڙيپور، نيو ڪراچي، گلشن اقبال ۽ گلستان جوهر جي چوڌاري جيڪي به سنڌي ڳوٺ آهن انهن ڪي بچائڻ لاءِ وڏو جهاد ڪيو. جنهن کي سنڌ جي تاريخ ۾ اجا اجاگر نه ڪيو ويو آهي.
هن پنهنجي والد سيٺ علي محمد بڪڪ جي بلوچستان تائين وڏيل ڪاروبار ۽ ملڪيت سان ڪراچيءَ جي سنڌي ڳوٺن کي بچائڻ ۽ سنڌي ماڻهن جي جانين جي حفاظت لاءِ پيسو پاڻيءَ جيان وهايو ۽ ڳوٺن جي گهٽائي بچائي ورتي.
جڏهن هڪ سنڌي ڳوٺ جنهن کي هن پاڻ پناهگيرن جي قبضي گيريءَ کان بچايو هو، ان ڳوٺ جا رهواسي وٽس آيا ته انهيءَ ڳوٺ جو نالو "قادر بخش بڪڪ ڳوٺ" رکيو وڃي ته پاڻ سختيءَ سان منع ڪيائين. ان ڳوٺ جو نالو پاڻ ئي "مارويڙا ڳوٺ" تجويز ڪيو هو (ڳوٺ جي ماڻهن پوءِ به سندس نالي جو بورڊ "قادر بخش بڪڪ ڳوٺ" لڳائي ڇڏيو هو جيڪو پوءِ سندس ئي ناراضگيءَ جي ڪري لاٿو ويو). هو ڪراچيءَ جي ڳوٺن کي بچائڻ لاءِ سدائين متحرڪ هوندو هو. سندس انهيءَ ڊوڙ ڊڪ جي نتيجي ۾ ڪراچيءَ جي مقامي ماڻهن کي وري به سڪون جون ننڊون مليون هيون ۽ هو بي اونا ٿي ويا هئا. سندس انهن اعليٰ ڳڻن کي سارينڌي محترم فقير محمد لاشاري صاحب پنهنجي هڪ مضمون ۾ لکيو آهي ته، "شهرت جي شوق واري پڪڙجنڊڙ وبا جي هن دور ۾ قادر بخش بڪڪ انهن سيني ڳالهين کان مٿان هو، ڪيس پنهنجي وقار وڏائڻ لاءِ ڪنهن به فالتو ۽ اڌاري شئي جي مدد وٺڻ جو ڪو تصور ڪونه هو. لڳيم ٿو ته هو قاصد ٿي آيو هو ۽ چڱائيءَ جا پيغام ڏئي، چڱاين جو عملي مظاهرو ڪري، دنيا کي ڪجهه ياد ڪرائي هليو ويو."
محترم شير محمد کهاوڙ پنهنجي مضمون، "مڙس ماڻهو" ۾ لکيو آهي ته، "قادر بخش بڪڪ نه رڳو ڳوٺ واسين پر ڪراچيءَ جي سمورن سنڌين جو پرجهلو ۽ مددگار هو. وٽس وڃڻ لاءِ وقت به مقرر ٿيل نه هوندو هو. اڌ رات هجي يا ٽتل ڏينهن، جنهن وقت به ڪير سڏ ڪندو هو ته، پنهنجا ڪم اڌ ۾ ڇڏي ان جي مدد کي پنهنجي زندگيءَ جو مقدس فرض سمجهي نڪري پوندو هو.
ضلعي ٿرپارڪر جي ٿڌهوڪي هڪ غير سنڌي ڊپٽي ڪمشنر، ڪوڙن ڪاغذن جي آڌار تي ڪراچيءَ جي "ڪنڊو ڳوٺ" جون زمينون پنهنجي نالي ڪرائي، ورهين کان آباد ڳوٺاڻن کي

گهرن مان بي دخل ڪرڻ شروع ڪيو. ضياءَ آمريت جا اهي ڏينهن هئا جڏهن ماڻهو اجا گهرن ۽ ڳوٺن جي تحفظ لاءِ رستن تي اچڻ نه سڪيا هئا. نيٺ هو بڪڪ صاحب وٽ پهتا جنهن ڊي سي طرفان ڪيل هيراڦيرين کي عدالت ۾ چئلينج ڪيو، جنهن جي ڪري ڊي.سي زمين جي مالڪيءَ تان ۽ پنهنجي ڪوڙي دعويٰ تان هٿ ڪڍي ويو. ڳوٺ واسي اڄ تائين قادر بخش بڪڪ کي دعائون ڏئي رهيا آهن

قادر بخش بڪڪ صاحب جو شمار سنڌ جي انهن سورهيه مڙسن ۾ ٿئي ٿو، جن کي مائرون ٿڃ ۾ سنڌ ۽ سنڌيت سان محبت جي ستي پياريندون آهن. جيڪڏهن ائين نه هجي ها ته پنڊ ڳوٺ هاڪس بي کي ليز نه ملي ها.

هي ڊاڍو ڏکوئيندڙ ۽ عجيب قسم جو واقعو آهي. ڪراچيءَ جا ادارا ڪيترن ئي ڏهاڪن کان سنڌين خلاف ڪات ڪهاڙا کنيو بيٺا آهن. ضياءَ جي ڏينهن جي ڳالهه آهي ته ادارن جا ڪرتا ڌرتا، پنڊ ڳوٺ کي ڊاهڻ لاءِ ميدان ۾ نڪري آيا. ڳوٺ واسي پاڻ کي نِنڌڪو سمجهڻ لڳا نيٺ ڪنهن طريقي سان هو قادر بخش بڪڪ صاحب وٽ پهتا. جنهن سندن ڳالهه ٻڌي ڪين چيو ته، "ڪنهن به ماءُ ڄائي کي اها طاقت ڪانهي جو توهان ڌرتيءَ جاون کان پنهنجا ڪک ۽ اجها خالي ڪرائي. مان توهان سان واعدو ٿو ڪريان ته ڳوٺ کي ليز ڏياري پوءِ ساهه ڪڍندس."

2 فيبروري 1988 ع جي ان نياڳي گهڙيءَ کان ٿورو اڳ جڏهن هي مانجهي مڙس مرڪندڙ منهن سان پنهنجي گهر ۾ داخل ٿيو ته، هڪ فائيل پنهنجي الماريءَ ۾ رکي گهر وارن سان ڪل پوڳ ۾ لڳي ويو ۽ ڪلندي ڪلندي ڳوٺ واسين جي اکين ۾ لڙڪ ڏئي ويو.

سندس وفات کان اٽڪل ٻن مهينن کان پوءِ انهيءَ ڳوٺ جا 20-25 ماڻهو بڪڪ ڳوٺ ۾ آيا ۽ اچي سڀ کان پهرين سندس گهر جي دروازي وٽ بيهي پنهنجا گوڏا ۽ ڇاتيون سٽي ماتم ڪري پار ڪڍي رنا ۽ پوءِ سندس پٽن کي چيائون ته، "سائين قادر بخش اسان سان واعدو ڪيو هو ته هو اسان جي ڳوٺ کي ليز ڏياريندو. اسان کي ته آفيسر آفيسن ۾ گهڙڻ ئي نه ٿا ڏين. توهان مهرباني ڪري سندس فائيل جاچي ڏسو. اسان کي پڪ آهي ته بڪڪ صاحب اسان کان موڪلائڻ کان اڳ، پنهنجو واعدو پورو ضرور ڪري ويو هوندو ڇو ته هو واعدو نه پاڙڻ سکيو ئي ڪو نه هو."

انهن ٻن مهينن ۾ ڪنهن به گهرڀاتيءَ بڪڪ صاحب جي الماڙين يا ڪاغذ پٽن کي ڏٺو به نه هو نه وري ائين ڪرڻ جي ڪنهن ۾ همٿ به هئي. نيٺ دل تي پٿر رکي جڏهن سندس الماڙي کي کوليو ويو ته مٿئين خاني ۾ پنڊ ڳوٺ هاڪس بي جو فائيل پيل نظر آيو، جنهن ۾ ڳوٺ

ڪي ليز ڏيڻ جي حڪم وارو ڪاغذ سڀ ڪان مٿان لڳل هو. قادر بخش بڪڪ وچڻ ڪان اڳ پنڌ ڳوٺ جي رهواسين سان سندن ڳوٺ ڪي پڪي ڪرڻ وارو واعدو پاڙي چڪو هو.

قادر بخش بڪڪ صاحب جي زندگي اهڙن ڪيترن ئي انوکن واقعن سان ڀريل آهي جنهن ۾ هن پنهنجي ذاتي صلاحيتن ۽ اباڻي ملڪيت کي ڪراچيءَ جي غريب ۽ ڏتڙيل سنڌين جي مالي، اخلاقي ۽ سياسي واهر لاءِ وقف ڪري ڇڏيو هو. ڪراچيءَ جي چوڌاري سنڌين جا جيڪي به مشهور ڳوٺ آهن انهن کي پڪو ڪرائي ماڻهن کي پنهنجي جڳهين ۾ حفاظت سان رهائڻ ۽ آباد ڪرڻ ۾ قادر بخش بڪڪ صاحب جو وڏو هٿ هو، خدا کيس جنت ۾ ضرور جاءِ ڏني هوندي ڇاڪاڻ ته انهن ڳوٺن جا رهواسي زندگيءَ جون بنيادي سهوليتون ماڻيندي اڄ به کيس هٿ کڻي دعائون ڪندا آهن ۽ هن المناڪ وڇوڙي تي سندن هانءَ هيٺا نظر پيا ايندا آهن. نوڪرين جي سلسلي ۾ ڪراچي ايندڙ سنڌي نوجوانن کي پڻ همٿائيندو ۽ مددون ڪندو هو.

سنڌي ادب جي مشهور ڪهاڻيڪار صديق منگئي پنهنجي مضمون، "پلاٽي پنڌ پيا" (سوجهرو، فيبروري 2006ع)، ۾ لکيو آهي ته، "قادر بخش بڪڪ تمام وڏو ماڻهو هو، ڪڇهريءَ جو مور، وڻندڙ سڀاءُ، ملنسار مزاج ۽ دردمند هردي وارو انمول انسان هو. پنهنجي سوچ ۽ نظرين ۾ اڏول ۽ فڪر ۾ مدلل هو.

گفتار جي غازين جي اڻ کٽ قطار ۾ مون قادر بخش بڪڪ جهڙا ڪردار جا غازي گهٽ ڏٺا آهن. نه اجائي اوڪ ڊوڪ، نه وڏي پٽاڙ، ڳالهه ڪم جي ۽ انداز اثرائتو. سندس شخصيت جي اپريل خوبي هئي.

ڌرتي ۽ ڌرتيءَ جي پيڙهيل ۽ مظلوم جي ڳالهه ڪڍهن کيس جذبات ۾ ضرور آڻيندي هئي پر شائستگي ان ۾ به هوندي هئي. هو مصلحتن جي ڳنڍڙي ۾ سن تي ويل وجودن جي وچ ۾ پنهنجي جملي حواسن سان متحرڪ انسان هو. هو سچو، کرو ۽ آدرشي انسان هو. حق گوئي ته کيس سٽيءَ ۾ پيل هئي.

هڪ ڀيري سال 1977ع ۾ هڪ تعصبي ڪامورو اسان استادن جي ڳچيءَ ۾ فٽ ٿي ويو. رڪاوٽون وجهي تنگ ڪرڻ لڳو. ڳالهين مان ڪڙ تيل نه نڪتو ته احتجاج ڪيوسين. فرحانه اسڪول پاپوش نگر ناظم آباد ۾ استادن جو احتجاجي ميڙاڪو ٿيو. قادر بخش بڪڪ تڏهن ڪائونسلر هو. منهنجي چوڻ تي استادن جي ان احتجاجي گڏجاڻيءَ ۾ شريڪ ٿيو. هن پنهنجي تقرير ۾ ان تعصبي ڪاموري کي اها چنڊ پٽي جو ٻئي ڏينهن اهو آفيسر اسان وٽ هلي آيو اهو ڏينهن ڏهاڙو جڻ ڪٿيءَ ڪن ويڙايا.

"قادربخش بڪڪ ڪي.ايم.سي اسڪولن ۾ سنڌي استاد مقرر ڪرائڻ لاءِ پڻ ڀرپور ڪوششون ورتيون. سندس ڪوششن سان ڪجهه اسڪولن ۾ سنڌي استاد مقرر پڻ ڪيا ويا هئا."

قادر بخش بڪڪ جو ادراڪ ۽ شعور غير معمولي هو. ڪراچي ۾ جڏهن وڏا وڏا رهائشي پلان جوڙيا پئي ويا، گهڻ ماڙ پلازه، فليٽز، لگزري شاپنگ سينٽرز ۽ مارڪيٽون بڻيون پئي ۽ جڏهن اسٽيل مل ۽ پورٽ قاسم وجود ۾ آيا پئي تڏهن پاڻ انهن اسڪيمن تي خوش نه هو ۽ ان وقت سندس مشهور مقولو وجود ۾ آيو هو ته، "اسان کي سنڌ خوشحال نه ٿي کپي، سنڌي خوشحال کپن ٿا."

ساڳي ڳالهه سماجي ڪارڪن شعيب بڪڪ پنهنجي مضمون، "سياسي شعور جو ڏٺي" (سوجهرو، فيبروري 2006ع)، ۾ لکي آهي ته، "جڏهن ماڻهو ترقيءَ جا حوالا ڏيندي اسٽيل مل ۽ پورٽ قاسم وغيره جي ڳالهه ڪندي نرندا هئا ته، ان سڄي ماحول ۾ ان سحر ۽ نشي ڪان آزاد جبل جيڏو ارادو رکندڙ، هڪ انسان قادر بخش بڪڪ هو جنهن جو ڳالهائڻ به سچ ته هلڻ به سچ هو. هو هر هنڌ هڪڙي ڳالهه ضرور چوندو هو ته، "بابا، ڌرتي بچايو، بگهڙ سڃاڻو، هي وڏا منصوبا جيڪي صبح شام پيا ڳڻايو اهي اوهان جا نه آهن. اهي اوهان کي غلام بڻائڻ وارا منصوبا آهن، اکيون کولي هلو، هوش ڪريو، انهن منصوبن جي ڪري ڪراچيءَ ۾ غير سنڌي ماڻهن جي يلغار ٿيندي ۽ اسين اقليت ۾ ٿورائيءَ ۾ تبديل ٿي ويندا سين. اسان جو نسل تباهه برباد ٿي ويندو ۽ اسين ريڊ انڊين ٿي ويندا سين." وقت وڏو گواهه آهي جيڪو گواهي ڏئي رهيو آهي ته، هن جيڪو به چيو اهو سچ هو، حقيقت هئي. جنهن کي قادر بخش بڪڪ ارڙهن سال اڳ پڙهو ڪري ويو هو ۽ اڄ اسين ڏسي رهيا آهيون ته جيڪا اوسر ٿئي پئي اها ڪنهن به صورت ۾ سنڌ ۽ سنڌين لاءِ نه آهي."

پنهنجي ماڻهن سان هر مشڪل مهل ۾ ساٿي ٿيڻ ۽ ساٿ ڏيڻ واري سندس املهه وصف ڏانهن اشارو ڪندي محترم صديق منگئي جي مضمون ۾ آهي ته، "1975ع ۾ بنگالي ملازمن جي بنگلاديش وڃڻ ڪري جهانگير ويسٽ، ايسٽ ڪوارٽرس، جمشيد ڪوارٽرس، فيڊرل بي ايريا ڪوارٽرس ۽ ٻين هنڌن تي سوين ڪوارٽر خالي ٿيا. اهي اسٽيٽ آفيسر پگهڙن مٺ تي ڌارين کي ورو ڪرڻ لڳا.

انهن ڏهاڙن ۾ اسان لينگئيج ٽيچرس ائسوسيئيشن، سنڌي استادن جي حقن لاءِ جوڙي هئي. تنظيم جو بنياد "حاجي مريد بڪڪ ڳوٺ" ۾ پيو هو ۽ سرگرمين جو مرڪز به "حاجي مريد بڪڪ ڳوٺ" هو. ان رات ڳوٺ ۾ تڪڙي گڏجاڻي گهرائي بئي ڏينهن ور ڪنجي ڳوٺ جو

نالو ٽپي جهانگير ڪواٽرس ۾ ڪاهي پياسين. پهريون ڏينهن ڏهه ڪواٽر قبضي ۾ ڪري ورتاسين اهو سلسلو شروع ٿي ويو جيڪو به سنڌي استاد يا سنڌي ملازم مليو پئي ڪيس ڪواٽر قبضي ۾ ڪري پئي ڏنوسين. اڄ جهانگير ڪواٽرس ڪان سواءِ ٻين هنڌن تي به سوين ملازم ڪواٽرن ۾ رهيا پيا آهن. ان سموري ڪم ۾ نه رڳو قادر بخش بڪڪ جي عملي واهر ۽ پٺڀرائي شامل هئي. پر سنڌس وڏائي جو ان ڪان وڏو مثال ڪهڙو ڏئي سگهجي ٿو جو، سنڌس ڪنهن به ماڻهوءَ ڪنهن به ڪواٽر تي قبضو نه ڪيو ۽ نه ئي اهڙي خواهش ڏيکاري.
قادر بخش بڪڪ دوستن ۾ ۽ ڪڙم قبيلي ۾ مقبول هو. ننڍا وڏا سنڌس عزت ڪندا هئا. هو هئو به دل ۾ وهاڻ جهڙو. ذاتي ڪچهرين ۾ هو بڪڪ ڳوٺ جي ٻاڙه مارڪيٽ بنجڻ ۽ نوجوانن جي مستقبل جي باري ۾ گهڻو فڪر مند نظر ايندو هو. هو ڳالهيون ذهن سان گڏ دل تي به ونڻ وارن ماڻهن مان هو ۽ اهڙا حساس هردن وارا ماڻهو گهڻو جي به ته نه سگهندا آهن."
صحافي شير محمد ڪهاوڙ پنهنجي مضمون، "مڙس ماڻهو" (سوجهرو فيبروري 2006ع) ۾ لکيو آهي ته، "فقير محمد لاشاري چوندو هو ته  يا ٿجي مڙس ماڻهو يا ويهجي مڙس ماڻهوءَ جي پاڙي ۾. اسين مڙس ماڻهوءَ جي پاڙي ۾ رهيل آهيون جنهن جو نالو قادر بخش بڪڪ آهي. هو  نه رڳو پنهنجي خاندان جو پرجهلو آهي پرجڻ ته سڄي ڳوٺ جو ڳاڊفادر آهي."
سماجي ڪارڪن گلزار شفيع بڪڪ پنهنجي مضمون، "هر دل تي نقش..." (سوجهرو، فيبروري 2006ع) ۾ هڪ شعر جو مفهوم لکيو آهي ته، "پاڻ لاءِ ته هن جهان ۾ هرڪو جيئي ٿو پر زندگيءَ جو مقصد آهي ٻين جي ڪم اچڻ... اهو شعر منهنجي عزيز جناب قادر بخش بڪڪ صاحب جي وڏي شخصيت تي مڪمل نهڪندڙ آهي. جنهن پنهنجي سڄي زندگي ٻين جي ڪمن لاءِ وقف ڪري ڇڏي هئي.
ڪيس اسان ڪان جدا ٿيندي 18 سال ٿيڻ وارا آهن. پر اڄ به ماڻهو سنڌس نالو وني روئي ڏيندا آهن. ڪنهن لاءِ لڙڪ لاڙڻ معمولي ڳالهه ناهي، تڏهن ئي ته ماڻهو اڄ به اهو نعرو هڻن ٿا ته، هر دل تي نقش، قادر بخش قادر بخش...."
برڪ صحافي ۽ دانشور ف.م. لاشاري صاحب سنڌس ڪمهلي وڃڻ تي هڪ آرٽيڪل، "قادر بخش بڪڪ ڪي ڪير وساري سگهندو" (هلال پاڪستان، فيبروري 1988ع) ۾ لکيو آهي ته، "ڪراچيءَ جي وچ ۾ بڪڪ ڳوٺ تي 2- فيبروري ڪان ماتم ۽ اوندهه جا ڪارونيار ڇانيل آهن. اکين مان وهندڙ ڳوڙهن جا سلسلا بند ٿيڻ جو نالو ئي نه ٿا وٺن. گهرياتي، اوڙو پاڙو، ڪراچيءَ جا سوين ڳوٺ، غريب مسڪين، هڪ ڏڪوئيندڙ احساس جي وڻ ويڙهي ۾ وڪوڙجي ويا آهن. مٿن ڇانورو ڪري بيٺل ڪڪر اوچتو ئي اوچتو هٽي ويو آهي ۽ ماڻهو

تيز تڪي ساڙيندڙ تنهڻ اس ۾ بيهي رهيا آهن. سمورن گمانن تي غالب ايندڙ پوائتي حقيقت موت، هڪ پياري حقيقت قادر بخش بڪڪ کي جسماني طرح سموري خلق کان ڌار ڪري ڇڏيو.

چڱاين، محبتن، نيڪين ۽ انسان دوستيءَ جا ونڊ ورهائيندڙ قادر بخش ائين اوچتو هليو وڃي، سمجهه ۾ نٿو اچي. لڳي ٿو ته معمول مطابق ڪنهن ڏڪويل جو اهنج اڪلائڻ لاءِ نڪري ويو آهي ۽ ايترو ته مگن آهي جو واپس اچڻ جو اطلاع ڏيڻ وسري ويو اٿس."

محترمه ف.م لاشاري صاحب جي لائق نياڻي نصرت لاشاري پنهنجي مضمون، "خوشبوءَ جهڙو ماڻهو" (سوجهرو، فيبروري 2006ع) ۾ لکيو آهي ته، "هن مهڙ کان ئي پنهنجي سماج سڌراڪ واري سڄاڻ برقرار رکي ۽ خاص طرح سان ڪراچيءَ ۾ رهندڙ بي پهچ سنڌين جي سماجي ۽ قانوني واهر لاءِ پاڻ پتوڙيو. پاڻ ٽن سبجيڪٽس ۾ ماسٽرس سان گڏ لا گريجويٽ پڻ هو.

قادر بخش بڪڪ صاحب پنهنجي نهٺي طبيعت ۽ سماجي خدمتن جي ڪري ماڻهن کي ڏاڍو پيارو هو. اهو ئي سبب هو جو ڪيس ڪائونسلري جي سيٽ تي ٿيندڙ اليڪشن ۾ هر ڀيري برتري حاصل ٿيندي هئي ۽ ماڻهو سنڌس بي لوث سماجي خدمتن جي ڪري ڪيس ووٽ ڏيندا هئا. ان ووٽ جي موٽ ڪو قادر بخش بڪڪ صاحب کان سکي. هر ننڍي وڏي مسئلي کي حل ڪرڻ لاءِ پوءِ اهو ڪنهن سان به درپيش ايندو هجي. بنا ڪنهن مت ڀيد جي پاڻ وڃي حل ڪرائي ايندا هئا ۽ سنڌس اوطاق جا دروازا هر وقت هرڪم لاءِ ايندڙ ماڻهو لاءِ، کليل هوندا هئا. ڪو ضرورت مند سنڌس در تان خالي نه موٽندو هو، جنهن در تان ڪو سوالي خالي نه موٽي اتي خدا جا خاص بندا رهندا آهن.

هڪ ڀيري بابا (ف.م لاشاري) ۽ بڪڪ صاحب پاڻ ۾ ڪچهري ويني ڪئي ته، ٻاهران هڪ ماڻهو گوڙ ڪندو ڪمري ۾ داخل ٿيو ته بڪڪ صاحب پڇيس ته، "ڇو ٿو گوڙ ڪرين؟" ته ان ماڻهوءَ وراڻيو، "اسان جي پاڙي جو نلڪو خراب آهي اسين پاڻيءَ لاءِ ڏاڍا پريشان آهيون." اهو ٻڌي قادر بخش بڪڪ صاحب پاڻ سان ٻيا به ماڻهو ساڻ ڪري اتي وڃي بيهي اهو نلڪو نيڪ ڪرايو. واپسي تي بابا (ف.م لاشاري) ڪيس چيو، "بڪڪ صاحب، اهو ڪم ته توهان جا ماڻهو به ڪرائي پي سگهيا پوءِ توهان پاڻ ڇو تڪليف ڪئي." بڪڪ صاحب وراڻيو، "فقير سائين، اسان کي ووٽ ڏئي هي ماڻهو اسان تي نه فقط اعتماد ڪن ٿا پر ڪي اميدون به رکن ٿا. هنن جون ضرورتون تمام ننڍڙيون ۽ بنيادي آهن. انهن کي پورو ڪرڻ اسان جي ئي وڏي ۽ اهم ذميداري آهي. ائين نه ڪريان ته شايد رات جو سڪون جي ننڊ ئي نه اچي ها،پاڻ

ڪي ۽ پنهنجي ضمير کي مطمئن رکڻ لاءِ بہ ماڻهن جا ڪم ڪندي مزو ايندو آهي. ان اطمينان جي ڪري ئي زندگي ڪارگر گذري ٿي.

اهي ئي گڻ هئا قادر بخش بڪڪ صاحب ۾ جنهن جي ڪري هو، هلندڙ ڦڙندڙ سماجي ڀلائيءَ جو ادارو سڏجڻ لڳو. اهڙيون ئي اڻ ڳڻيون يادون هر ان ماڻهو وٽ هونديون جيڪو هڪ ڀيرو بہ قادربخش بڪڪ صاحب سان مليو هوندو."

حضرت عيسيٰ عليہ السلام فرمايو آهي تہ، "نيڪ عمل اهو آهي جيڪو ماڻهن جي توقع کان بي نياز ٿي ڪيو وڃي." قادر بخش بڪڪ ساڳئي فرمان تي پورو لهندڙ بي مثال انسان هو. سندس محبتون ۽ خدمتون بي لوث هيون، هو ماڻهن جي توقع کان سچ بہ بي نياز ٿي سندن لاءِ آسانيون ۽ سک پيدا ڪندو هو. پنهنجي ذات لاءِ هن ڪڏهن بہ ڪنهن ۾ ڪا توقع نہ رکي، البتہ هو ماڻهن کان اها توقع رکندو هو تہ هو پنهنجا حق سڃاڻن ۽ انهن جي ادائگيءَ ۾ ڪن لاٽار نہ ڪن.

"سندس گهر غريبن ۽ ضرورتمندن لاءِ جڻ عافيت ۽ ڇوٽڪاري جي پناهہ گاهہ هو. طرح طرح جا ماڻهو قسمين قسمين مونجهارا کڻي الائي ڪٿان ڪٿان کان وٽس ايندا هئا. هو اڪيلو ۽ تنها سيني جا مسئلا حل ڪري هر هڪ ماڻهوءَ کي خوش ۽ مطمئن  ڪري موٽائيندو هو جيڪا ڳالهہ عام ۽ معمولي ناهي.

ڪراچيءَ جي قديم ڳوٺن جو ڪيس وڏو اونو ۽ فڪر هوندو هو ۽ ڪراچي جي سوين ڳوٺن جا هزارين ماڻهو پڻ ڪيس ئي پنهنجو رهبر ۽ رهنما مڃيندا هئا. پوءِ اهو ڪندو ڳوٺ هجي يا پنڊن ۽ پانگورين جا ڳوٺ. ريڪسر هجي يا حسن اوليا وليج. پراڻي گوليمار جا ڳوٺ هجن يا نئين گوليمار جا ڳوٺ. ماڙيپور جون قديم وسنديون هجن يا شير شاهہ ۽ حسين آباد جا پراڻا ڳوٺ. نہ هٿيءَ جون قديم وستيون هجن يا ڳجهڙي جا ڳوٺ. پاڻيءَ جو، روڊن جو، بجليءَ جو، گيس جو يا عدالتن جو مسئلو هجي، نوڪرين جو يا اسڪول، ڪاليج يا يونيورسٽين ۾ ڪنهن داخلا جو مامرو هجي، اهي سڀ مسئلا ۽ معاملا هو ائين نپائيندو ۽ حل ڪندو هو جڻ سندس پنهنجا ڪي ذاتي مسئلا هجن. ايتري قدر جو انهن جو سڳاوتيءَ جو جهڳڙو هجي يا ٻن ڀائرن جو ڪنهن ديوار يا گهر جي ڪنهن ڇڳي يا ڇاپري جو ڪو تڪرار هجي، سڀ ئي دانهن کڻي وٽس ايندا ۽ هو ان ئي مهل ساڻن گڏجي وڃي واقعي واري هنڌ تي پهچي فيصلو ڪري ڪين پرچائي ڪير ڪنڊ ڪري ايندو.

ڪراچيءَ ۾ هٿوڙا گروپ نڪتو جنهن جو نشانو حسن اوليا وليج ۾ هوت قبيلي جو هڪ معزز گهر بنيو، ان ۾ نوَ (9) قيمتي جانيون ضايع ٿيون. صبح جو سويل سڀ کان پهرين

ڪيس اطلاع ڪيو ويو. ايتري قدر جو گهر جي دروازي ڪان ٻاهر نڪرندڙ رت ڏسي ويجهن مائٽن دروازو کولڻ کان اڳ ۾ ڪيس اطلاع ڪيو (ايڏو ئي ته اعتماد هو ماڻهن جو سندس ۾).

پاڻ انهيءَ ئي مهل اتي پهچي پنهنجي نگرانيءَ ۾ دروازو کولائي سڀ ڪم ڪيو ۽ ماڻهن جي مٿان طاري ان خوف کي ختم ڪيو. پر ان دکدائڪ واقعي جو سندس دل تي وڏو اثر پيو هو. پاڻ اڪثر انهن مظلوم شهيدن جو ذڪر ڪندي ۽ کين ياد ڪندي ڏکارو ٿي پوندو هو. جنهن ڪانپوءِ هن هر هڪ ڳوٺ ۾ ميٽنگ گهرائي حفاظتي اپاءَ ورتا ۽ ماڻهن کي ذهني ۽ جسماني تحفظ ڏنو. پوءِ ئي ڪيس ڪجهه سڪون مليو هو.

ٻوليءَ جا جهيڙا ٿيا، جنهن ۾ ڪراچيءَ جا معصوم ٻي ڏوهه سنڌي ڪنا ويا هئا. ڪلاڪوٺ جو 15 ورهين جو معصوم عبدالرشيد جدگال، جيڪو پاڪ ڪالونيءَ ۾ رهيل پنهنجي ماسيءَ جي خير خيريت لاءِ آيو هو، جنهن کي ڌارين ڏوتن "سنڌي آيا..... سنڌي ڪومارو....." چئي ڪيس ورائي ويا ۽ مٿس اهڙو تشدد ۽ ظلم ڪيائون جو دنيا جا ظالم ترين انسان چنگيز خان ۽ هلاڪو خان به جيڪر شرم کان ڪنڌ جهڪائي ڇڏين. ظالمن بيڏوهه معصوم عبدالرشيد جدگال جون ٻئي اکيون گولين سان اکوڙي ڇڏيون، ان ڪانپوءِ سندس ٻئي ٻانهون ۽ ٻئي ٽنگون ڌڙ کان ڌار ڪيون. ان معصوم ڌرتيءَ ڌڻي جي لاش کي ايڏو ته چٿيو ۽ چچريو هو، جو سندس ماءُ جنهن ڪيس ڄڻيو هو اها به سڃاڻي نه سگهي هئي. لس ٻيلي اٿل جي "صابرو" ذات جي ستن ڄڻن کي گوليمار ۾ سندن گهرن ۾ جيئري ئي باهه ڏئي ساڙي ماريو ويو هو. ائين ئي اسان جو سڄو شهر ڪراچي اسان سنڌين لاءِ مقتل گاهه بنيل هو. گهر گهر، گهٽيءَ گهٽيءَ ۾ سنڌي ڪنا ۽ ماريا پي ويا. ڪراچيءَ جا به جوڪيا ڊاڪٽر پائر جيڪي عباسي اسپتال ۾ ڊيوٽي تي هئا، انهن کي اسپتال مان گهلي ڪڍي ٻاهر روڊ تي آزاديءَ سان بنا ڪنهن خوف ۽ پرواهه جي گولين سان پروڻ ڪيو ويو هو. سنڌي ٽوپي، اجرڪ ۽ پٽڪو جرم بنيل هو، ڪيترن عمر رسيده معزز سنڌين جا پٽڪا ۽ ٽوپيون لاهي مٿن تشدد ڪيو ويو هو. سنڌين جي حڪومت هوندي به سنڌي حڪمران بيوس تماشائي بڻيل هئا. تڏهن قادر بخش ٻڪڪ ذاتي طور مسلح نوجوانن کي ڳوٺن جي پهري لاءِ مقرر ڪيو هو ۽ ائين سيئي ڳوٺ محفوظ ڪيا هئا.

سَرها ڏنم سي، جِن سَاجاهه سِراڻِ سِين
تيغ تِنين جي کي، ڪَٺُ نه لڳو ڪڏهين.
(شاهه رح)

(ج. ع. منگهاڻي، سوجهرو، فيبروري 2004ع).
ساڳي ڳالهه محترم فقير محمد لاشاري صاحب پنهنجي مضمون ۾ ڪئي آهي، جيڪو هلال پاڪستان اخبار 1989ع ۾ قادر بخش بڪڪ جي پهرين ورسيءَ تي ڇپيو هو ته، "ڪراچيءَ جي ڪنڊ ڪڙڇ وڳوڙن جي چڪر ۾ اچي وڃي، پر بڪڪ ڳوٺ ۾ نسلي توڙي فرقي وارانه فساد نه ٿيڻا آهن ۽ اهو سمورو سهرو قادر بخش بڪڪ تي آهي."
قومن جون، برادرين جون ۽ ذاتين جون دشمنيون ۽ وير هوندا آهن. پر جڏهن به ڪو اهڙو واقعو ٿيو ته هو سختيءَ سان پنهنجي ذات ۽ برادريءَ وارن کي منع ڪندو هو ته، "مون کي پنهنجو ڪم ڪرڻ ڏيو!"
ماڻهن جا اهنج سهنج ڪرڻ وارو سندس دائرو نهايت وسيع هو.

نڪو سَنڌو سور جو، نڪو سنڌو سِڪَ
عدد ناهه عشق، پڄاڻي پاڻ لهي.
(شاهه رح)

ماڻهو به سندس مٿان پروانن جيان نثار ٿيندا هئا، الائي ڪٿان ڪٿان ڪان رڳو ساڻس ملڻ ۽ کيس ڏسڻ لاءِ ايندا هئا ۽ وٽس رهي پوندا هئا.

ويٺي جِنين وَٽ، ڏکندو ڏور ٿيئي
تون تنين سين ڪَٽِ، اوڏا اڏي پکڙا.
(شاهه رح)

محترم ف.م لاشاري صاحب به ائين چيو آهي ته، "منهنجي ساڻس ڏيٺ ويٺ 1980ع ۾ ٿي هئي، جڏهن حاجي مريد بڪڪ ڳوٺ جي مسئلن تي هڪ اردو اخبار لاءِ جتي آئون ملازم هئس فيچر لکڻو هو، قادر بخش بڪڪ سٺ واري ڏهاڪي کان بنا وقفي علائقي مان چوندبو ايندو هو. ٻن سالن کان پوءِ سندس ڳوٺ ۾ سندس ئي هڪ جاءِ ۾ مسواڙي طورٻن سالن لاءِ رهيس. وري آگسٽ 1987ع ۾ آئون لڏي سندس ئي پاڙي ۾ وڃي رهيس. جيڪڏهن قادر بخش نه هجي ها ته مان نه ٿو سمجهان ته اتي وڃي رهان ها."
قادر بخش بڪڪ هڪ اهڙو بي مثال ڪردار هو جنهن جو مثال ممڪن ئي ناهي. هو ايترو ته حساس ۽ انسان دوست هو جو ڪنهن کي به ڏک ۽ تڪليف ۾ ڏسي نه سگهندو هو.
ائين به نه هو ته هن ڪنهن غريب گهراڻي ۾ جنم ورتو هو، يا پاڻ کي پنهنجي زندگيءَ ۾ ڏک ۽ تڪليفون ڏٺيون هئائين، هو سيٺ علي محمد بڪڪ جهڙي شاهوڪار ۽ مالدار شخص جو پهريون پٽ هو، جنهن جي پالنا لاڏ ڪوڏ مان شهزادن جيان ٿي هئي. جنهن سڄي زندگي

ڪا ملازمت ۾ سروس نہ ڪئي هئي، جنهن ڪي ڪڏهن بہ ڪا مالي ۽ معاشي پريشاني نہ رهي هئي. هو ڪنوارو هو ۽ مٿس ڪا بہ گهريلو ذميداري بہ نہ هئي سندس والد جون ڪيتريون ئي گاڏيون هيون تنهن هوندي بہ پاڻ هميشہ غريبن سان گڏ پيدل يا بسن وغيره ۾ سفر ڪندو هو. ڪنهن ڪي بہ ٿوري تڪليف ۾ ڏسندو هو تہ تڙپي پوندو هو. ڪنهن بيمار ڪي ڏسي هڪدم ان ڪي پاڻ اسپتال ڪٺي وجي علاج ڪرائيندو هو. ڪنهن عورت جو ڪو مسئلو هوندو هو تہ هڪدم ليڊي ڊاڪٽر گهرائيندو هو يا وري ايمبولينس ۾ اسپتال پهچائيندو هو. ڪنهن ٻار جي داخلا وغيره جو مسئلو هوندو تہ مائٽن کان اڳ ان جي آڱر جهلي وٺي وڃي حل ڪرائي ايندو هو.

محترم گلزار شفيع صاحب پنهنجي هڪ ليک ۾ لکيو آهي تہ، "هڪ ڀيري منهنجو هڪ بلوچ دوست مون وٽ آيو تہ، سندس ننڍي ڀاءُ ڪي پوليس بي گناهہ جهلي وئي آهي. مون چيس، "اچ تہ ادا قادر بخش ڏانهن هلون!" اسان اچي ادا سان اها ڳالهہ ڪئي. ادا هڪدم انهيءَ وقت اسان سان گڏجي ٿاڻي تي آيو. ادا ڪي ڏسي سڀ ئي پوليس وارا اٿي ڊوڙي اڳيان آيا ۽ فورن چانهہ بسڪيٽ ڪٺي آيا. جنهن کان پوءِ انهن ادا کان پڇيو تہ، "ڪيئن اچڻ ٿيو". ادا چيو، "اسان جي علائقي جو هڪ ٻار اوهان گرفتار ڪري آيا آهيو ان لاءِ آيو آهيان." ايس.ايڇ.او چيو، "بڪڪ صاحب، هڪ نہ بہ ڇوڪرا آهن!" ٻنهي ڄڻن ڪي ادا جي سامهون آندو ويو. ادا چيو، "بلوچ ڇوڪرو بي گناهہ آهي ان ڪي اوهان غلط گرفتار ڪيو آهي، ڇو جو ان جو مجرمن سان ڪو واسطو ڪونهي." انهن هڪدم بلوچ ڇوڪرو ادا جي حوالي ڪيو بلڪ چيائون، "ٻئي ڇوڪرا اوهان جي علائقي جا آهن ٻنهي ڪي وٺي وڃو. ادا چيو، "نہ، آئون ڏوهي نہ، بيڏوهيءَ ڪي ڇڏائڻ آيو آهيان. وڌيڪ اوهان ڄاڻو اوهان جا مجرم ڄاڻن!" ايترو چئي ادا قادر بخش بڪڪ صاحب بلوچ ڇوڪري ڪي ٻانهن ۾ جهليو ۽ ڪيس وٺي ٿاڻي کان ٻاهر نڪري آيو، آئون رڳو حيرت مان ادا ڪي تڪيندو رهيس، ڇو جو ٻيو ڇوڪرو واقعي مجرم هو ۽ هيروئن جو ڪاروبار ڪندو هو!"

مشهور صحافي شير محمد کهاوڙ پنهنجي مضمون، "سنڌ جو دادلو فرزند قادر بخش بڪڪ" ۾ لکي ٿو تہ، "اها منهنجي خوش نصيبي آهي جو مون ڪي ساڻس بہ ڪچهريون ڪرڻ جو موقعو مليو، جيڪي منهنجي ياد جو خوبصورت سرمايو آهن. اهي شايد مان ڪڏهن بہ وساري نہ سگهان. انهن مان پهرين ڪچهري ان وقت ٿي جڏهن پاڻ ڪائونسلر هو ۽ ماڻهن جو انبوهہ سندس آفيس ۾ ڪنو ٿيو بيٺو هو. مان ۽ مرتضيٰ لاشاري ڪائونس ريڊيو لاءِ

انٽرويو وٺڻ ويا هئاسون. تڏهن مون کي پهريون ڀيرو ان غريب پرور ۽ انسان دوست شخص کي ويجهي کان ڏسڻ جو موقعو مليو.
بي ملاقات وري سائين فقير محمد لاشاري سان گڏ ٿي. اسان ٿي چار ڄڻا هلال پاڪستان جي آفيس مان موٽياسون ته پاڻ به ڪجهه دوستن سان گڏ، حاجي مريد بڪڪ ڳوٺ جي ڪشادي روڊ تي ملي ويو. پوءِ ته ايڏي گرم جوشيءَ سان مليو جو ڄڻ عيد ٿي وئي. آڌيءَ رات جو اوطاق تي وٺي آيو جتي ڪرسيون ڪيرايون ويون ۽ ڏاڍي سڪ سان ماني ڪرائڻ جو چيائون. پر اسان جي انڪار تي جلد گهر چانهه جو چوايائون جتان چانهه جا ٿرماس ڀرجي آيا. مون اڪثر ڏٺو ته فقير محمد لاشاري صاحب سان جڏهن دوست ملندا هئا ته هو ڪچهريءَ ۾ گهڻو وقت ڪيس ٻڌندا هئا ۽ دوست گهٽ ڳالهائيندا هئا پر اڄ ڳالهه مختلف هئي جتي اسين سڀ فقير محمد لاشاري صاحب سميت چپ هئاسين ۽ رڳو بڪڪ صاحب ڳالهائي رهيو هو. سندس ڳالهين مان سنڌ ۽ سنڌين سان سندس عشق جي پروڙ پئجي رهي هئي. پاڻ ڪراچيءَ جي ندين نالن ۽ ڪشادن گهرن ۾ رهندڙ ڏارين تي فلڪ ئي نه ٿي آنڌائين، ۽ ڪليل طور چئي رهيو هو، "جڏهن به ڏرتيءَ ڄاوا اٿندا ته اهي پناهگير سندن اڳيان بيهي نه سگهندا."
شير محمد کهاوڙ پنهنجي مضمون، "مڙس ماڻهو" ۾ چوي ٿو ته، "مون جڏهن فقير محمد لاشاري صاحب کان حاجي مريد بڪڪ ڳوٺ ۾. رهڻ جو سبب پڇيو ته چيائين، يا ٿجي مڙس ماڻهو يا ويهجي مڙس ماڻهوءَ جي پاڙي ۾ سو اسان نه رڳو مڙس ماڻهوءَ جي پاڙي ۾ اچي وينا آهيون پر هي گهر به ان مڙس ماڻهو جو آهي جنهن جو نالو آهي قادر بخش بڪڪ، هونءَ رڳو پنهنجي خاندان جو ڀرجهلو آهي پر سڄي ڳوٺ جو ڳاڊفادر آهي."
صحافي رسول بخش راهب صاحب پنهنجي مضمون، "اهڙا ماڻهو مرڻا ناهن." ۾ لکيو آهي ته، "سنڌ امڙ هيرن جي کاڻ آهي ۽ سندس اولاد موتيءَ داڻا آهن. انهن موتيءَ داڻن مان هڪ عظيم هيرو مرحوم قادر بخش بڪڪ هن پوميءَ پيدا ڪيو. قادر بڪڪ صاحب 1938ع ۾ بڪڪ ڳوٺ ڪراچيءَ ۾ جنم ورتو. ابتدائي تعليم پنهنجي ڳوٺ جي نهايت قديم اسڪول ابراهام ربين اسڪول ۾ ورتائين، مئٽرڪ سنڌ مدرسة الاسلام مان پاس ڪيائين. اڳتي تعليم ڪراچي يونيورسٽي مان حاصل ڪيائين جتان ايم.اي پوليٽيڪل سائنس، ايم.اي اڪنامڪس، ايم.اي انٽرنيشنل رليشنس ۽ ايل.ايل.بي پاس ڪيائين. پاڻ تمام ذهين انسان هو. سياسي زندگي 1960ع کان شروع ڪيائين ۽ بي.ڊي يونين ڪائونسل جو چيئرمين ٿيو. 1964ع ۾ بيهر بنا مقابلي چيئرمين چونڊ ويو جيڪو 1979ع تائين رهيو. 1979ع، 1983ع، 1987ع ۾ ڪراچي ميٽروپوليٽن جو ڪائونسلر چونڊيو ويو، جنگ اخبار اها خبر

نمايان ڏني هئي ته، قادر بخش ٻڪ واحد ڪائونسلر آهي جنهن چوندون ڪٽڻ جي هيٽ ٽرڪ ڪئي آهي. ان ڪان علاوه ڪارپوريشن طرفان جسٽس آف پيس به رهيو.
قادر بخش ٻڪ صاحب هڪ سادي ۽ نماڻي طبيعت وارو ماڻهو هو. خداوند ڪريم پاران ايتريون صلاحيتون ملڻ ڪان پوءِ به هن مرد مجاهد ۾ ڪا به وڏائي ۽ تڪبر نه هو. سدائين پيو ڪلندو ۽ مشڪندو هو. هن تمام وڏا ترقياتي ڪم ڪرايا. ٻڪ ڳوٺ ۾ بجلي، گيس، روڊ، رستا، سيوريج سسٽم، اسڪول، پليون ۽ ٽيلي فون جون سهوليتون ڏنائين، سڄي قبرستان ۾ لائٽون لڳرايائين.
هو وقت جو نهايت پائبند هو، جيڪو وقت ڏيندو هو ان تي پهچندو هو. صبح جو 8 وڳي ڪان رات جو 1 وڳي تائين آفيس ۾ ويهي ماڻهن جا مسئلا حل ڪندو هو. هر ننڍي وڏي ڪي عزت ڏيندو هو. هن ذات برادريءَ وارو فرق نه رکيو، پنهنجي هڙان وڙان ڏئي ماڻهن جا مسئلا حل ڪندو هو. سنڌ ۽ بلوچستان ڪان پري پري جا ماڻهو سندس اوطاق تي ديرو ڄمائي وينا هوندا هئا، سدائين ميلا متل هوندا هئا."
قادر بخش ٻڪ صاحب ۾ سيني بي مثل خوبين سان گڏ، هڪ اها به حيرت جهڙي خوبي هئي ته هو هڪ لاجواب نثر نويس پڻ هو. اسڪول جي زماني ڪان اخبارن ۽ رسالن ۾ مضمون وغيره لکندو هو. ڪاليج واري لائيف دوران سندس لکڻ جو ذڪر برک شاعر ۽ دانشور محترم تاج بلوچ صاحب پنهنجي مضمون، "سنڌ جو گمنام سپاهي قادر بخش ٻڪ" (سوجهرو 2004ع) ۾ ڪندي چيو آهي ته، "ايس.ايم ڪاليج ۾ مشهور ڪهاڻيڪار غلام نبي آگرو جيڪو بي.اي فائنل جو شاگرد هو ان کي ڪاليج مخزن جو ايڊيٽر مقرر ڪيو ويو. مون سندس مخزن لاءِ ڪجھ بيت لکيا جيڪي مقبول ٿيا. ائين محدود پيماني تي هڪ شاعر طور سڃاڻ ملي. ان ڪان اڳ واري ڪاليج مخزن ۾ قادر بخش ٻڪ نالي ڪنهن شاگرد جو مضمون شايع ٿيو هو. ان مضمون جي ٻوليءَ جو ڏاڍو چرچو هو. سائين احسان بدوي مرحوم سان ته اسين پهرين ڏينهن ڪان ئي نه نهياسين. باقي مرحوم پروفيسر اياز قادري جون اسان پارن ڏنگن شاگردن تي بيپناھ شفقتون هيون. هو لاجواب انسان ۽ بهترين استاد هو. انهيءَ قادر بخش ٻڪ جي مضمون جي ڪوهستاني لهجي جي تز واهپي جي ڳالھ ڪندي، ٻڪ صاحب جي انداز کي "سير ڪوهستان" جي ليکڪ جي ٻوليءَ سان ڀي ڀيٽيو. پر افسوس جو وڙول جي باوجود همراھ سان ملاقات نه ٿي سگهي. هو شايد ريگيولر ڪلاسز اٽيند نه ڪندو هو يا ڪندو هوندو ته اسان واري شرارتي عاشق مزاج ۽ شيطاني ٽولي ڪان ڌار هو. اهو ئي سبب هو جو مضمون جي شهرت جي باوجود ساڻس ملاقات نه ٿي سگهي ۽ پوءِ ڏکهي

عرصي کان پوءِ جڏهن 1983ع ۽ 1986ع ۾ ساڻس مختصر ملاقاتون مرحوم فقير محمد لاشاري ۽ محمد عرس ملاح جي معرفت ٿيون ته، ساڻس ملي ڪاليج واري دور ۾ بي خيالي ۾ ڏٺل سندس اڻ لڪائتو خاڪو ذهن ۾ جاڳي پيو. قد جو پورو پنو، بت ۾ ڀريل، جانئو جوان، ڇهري تي سنجيدگي، گفتگوءَ ۾ ڌيرج ۽ باڊي لينگئيج ۾ ايڏي پختگي ۽ اعتماد ۽ نمرتا جو نه ڀانءِ ته سندس خاڪي ڪي ڪهڙا رنگ ڏجن ۽ ڪنهن سان ڀيٽ ڏجي.

هن سان ملي خبر پئي ته هن واري پاليٽڪس اسان واري ئي هئي. پر هن جي سياسي ساڃاهه ۽ ڪارڪردگي جو دائرو ڪراچيءَ جا مسڪين ماڻهو ۽ انهن جون قديم وسنديون هيون. جن کي ٻاهران لوڌ جي آيل ڪيئي حيلا بهانا هلائي يا ته مسمار ڪري رهيا هئا يا ڪين اتان تڙي ڪڍڻ جي ڪوشش ۾ هئا ته، جيئن شهر مان هلي ويل سنڌي هندن جي جائدادن ۽ جاگيرن تي قبضي ڪانسواءِ، ڪراچيءَ شهر جي اندر ۽ ڀرپاسي ۾ رهندڙ مسڪين مارو‌ئڙن جا پراڻا پڊ اصلي وارثن کان کسي پاڻ ان جا مالڪ بنجن."

قادر بخش بکڪ نه رڳو ذات ۽ برادرين ۾ ڪو فرق نه رکندو هو پر سندس خدمتن، محبتن ۽ شفقتن واري "دين" ۾ ڪنهن به مذهب جو قيد ۽ شرط نه هوندو هو. سندس لاءِ هندو، مسلمان، عيسائي... سڀ هڪ جهڙا مستحق هوندا هئا.

گلزار شفيع بکڪ پنهنجي مضمون، "هر دل تي نقش..." ۾ پڻ ان پاسي ڏانهن اشارو ڪندي لکيو آهي ته، "مان ۽ ٻيا سندس ڪارڪن ساڻس گڏجي هڪ علائقي حسن ڪالوني وياسين. جيئن ئي اتي پهتاسين ته اتي جا ماڻهو ڪيس ڏسندي ئي پري کان ڊوڙندا آيا ۽ اچڻ ساڻ ڪيس ڀاڪر پائي هٿ ملائڻ لڳا. پر اسين ٻيا جيڪي ادا سائينءَ سان گڏ آيا هئاسين، انهن سان ڪنهن به هٿ نه ملايو. پوءِ اهي ماڻهو ڪرسيون ۽ هڪ ميز کڻي آيا جيڪا انهن ادا قادر بخش بکڪ صاحب جي اڳيان رکي ۽ پوءِ اهي چانهه بسڪيٽ ۽ ڪيڪ وغيره کڻي آيا جيڪي انهن ميز تي رکيا. اسان ڏٺو ته رڳو هڪڙو ئي ڪوپ هو جنهن ۾ انهن چانهه ڀري ادا سائينءَ کي ڏني جيڪا وٺي هو پيئڻ لڳو. اسين ساڻس گڏ آيل سڀئي حيران ۽ وائڙا هئاسين ته اسين به ته ادا سائينءَ سان گڏ آيا آهيون. چانهه وغيره ته نهيو انهن ته اسان سان هٿ به نه ملايو آهي اهو ڇا آهي؟ ڪهڙي ماجرا آهي!

ادا قادر بخش انهن سان ڳالهائڻ، سندن مسئلا ٻڌڻ ۽ حل ڪرڻ ۾ محو ٿي ويو. واپسي ۾ جڏهن اسان هن کان اها ماجرا معلوم ڪئي ته چوڻ لڳو، "اهي سڀ ئي عيسائي خاڪروب آهن! ڇا اوهين انهن سان هٿ ملايو ها! انهن جي آندل چانهه پيئو ها؟" پوءِ پاڻ ڏکارو ٿي چوڻ لڳو، "انهن ويچارن جي تڪليفن ۽ مشڪلاتن جو ته ڪو ڪاٿو ئي ناهي". پوءِ اسان کي

نصيحت ڪرڻ لڳو ته، "بابا، ماڻهوءَ کي ماڻهو ئي سمجهو، هندو مسلم ۽ عيسائيءَ جي ورچ نه ڪريو، غريبن جي پارت اٿو."
قادر بخش بڪڪ چڻ سائين بلهي شاهه جو پوئلڳ هو ته،
ڇڏ جهڳڙا مسجد مندر دا
گهن طور طريق قلندر دا.
(بلهي شاهه سائين)
غير معمولي ذهين، اولياءَ صفت، صوفي منش قادر بخش بڪڪ، جنهن لاءِ محترم فقير محمد لاشاري پنهنجي هڪ مضمون ۾ لکيو آهي ته، "قادر بخش بڪڪ دنيا داري نباهيندي هڪ درويش صفت شخص هو. جيڪا ڳالهه ڏاڍي ڏکي ۽ ورلي آهي. ڪنهن کي ڪو ڪم ڪار نه هجي ۽ سنيون ڳالهيون چوي سا ڳالهه اهميت نه ٿي رکي. ڳالهه آهي تتي ٿڌي ۾ ڪاهڻ جي باوجود قادر بخش جي مزاج ۾ اهڙيون صفتون هيون جيڪي بلاشڪ اعليٰ چئجن ٿيون."
قادر بخش بڪڪ نوجوان، ذهين، خوبصورت، اعليٰ تعليم يافته، پوليٽيڪل سائنس، اڪنامڪس ۽ انٽرنيشنل رليشنس ۾ پوسٽ گريجويٽ ۽ لا گريجوئيٽ هو. جنهن وٽ دنيا جي تاريخ ۽ تهذيب جي ايڏي وڏي ڄاڻ ۽ معلومات هئي، جو جڏهن هو پنهنجي پياري گنڀير، نرم ۽ ملائم آوزا ۽ لهجي ۾ ڳالهائيندو هو ته، ڄڻ ڪائنات هم تن گوش ٿي ويندي هئي ۽ ٻڌندڙ حيرت زده ٿي ڪيس ٻڌندا هئا. سندس علم جي پالوٽ ۾ پڄندا، سرشار ۽ سرسبز ٿيندا رهندا هئا.

ڪَنُ ٿِي ڪَيچين ڪُچيو، ڪُڇُ مَ تا ڪُڇَنَ
اِشارتون اُن جون، سُڪُو تَان سُڄَنَ
وٺان ويهي تِنِ، سُڻُ ته سوز پرائين.
(شاهه رح)

سندس ڪچهرين مان ماڻهو وڏا فيض پرائي اٿندا هئا، جن ۾ ماڻهن کي پنهنجي ذات جي سڃاڻ ۽ حق جي ساڃاهه ملندي هئي. ايڏو مهان ماڻهو ائين اوچتو ئي اوچتو ڪمهلو هليو وڃي ته، اهو نقصان ۽ هاڃو رڳو سندس گهر ۽ ڪٽنب جو ئي ناهي، پر سڄي سنڌي قوم جو نقصان بلڪ قومي سانحو آهي.
محترم فقير محمد لاشاري چوي ٿو ته، "مون کي اهو مفروضو سمجهه ۾ نه آيو ته پلوڙ ماڻهو ائين اوچتو بنا اطلاع ڏيڻ جي، موقعي مهل جي ضرورت ۽ خيال کان لاپرواهه ٿي تڙ تڪڙ ۾

ايترو پري چو هليا ويندا آهن. سو بہ سوچڻ ڪانسواءِ تہ پنيان ڪهڙي ڪربلا ٿيندي؟ قادر بخش بڪڪ جهڙوڪر عملي سمجهاڻي ڏئي ويو اٿم تہ، هو ڊارون جي ارتقائي نظرئي جي هڪ قانون Survival of the fittest (ڏاڍو سو گابو) جي ڊوڙ ۾ حصو وٺڻ کان انڪار ڪري ٿو. هن پنهنجي محبت ۽ خلق جي خدمت جي ذريعي جيئڻ تي گهريو.
هو نوننيون هٽي زور زبردستي سان اڳ ڪڍڻ جي خلاف هو. پنهنجي جيئڻ لاءِ ٻين جي جياپي تي ڌاڙ ڪرڻ بدران، پنهنجي حياتيءَ جون گهڙيون ٻين کي خوش ڪرڻ جي حوالي ڪري هن پاڻ تي ڪا بہ ميار رکڻ نہ گهري، جيئڻ جو هن پنهنجو هڪ خاص ڍنگ قائم ڪيو. ٻين کي مان ڏيڻ، ٻين کي اهنج ۾ ڪم اچڻ، ٻين جون بيواجبي ڪاوڙون سهڻ ۽ مٿن ڪاوڙ ڪرڻ وارن جي وڏيڪ ڪم اچڻ، جهيڙن فسادن کي ٽارڻ ۽ هر هڪ کي پنهنجائپ ڏيڻ اهڙا ڪم آهن، جن ۾ قادر بخش بڪڪ ڪڏهن بہ ڪوتاهي نہ ڪئي.
قادر بخش بڪڪ دنيا کي امن، پيار ۽ پنهنجائپ سان رهڻ جو نياپو ڏئي ويو. پر ڪيس ائين هليو نہ وڃڻ کپندو هو. شايد ڪيس ٻين جي سيني تڪليفن جو احساس هيو پر اهو نہ سمجهيائين تہ سندس ائين بي مهل هلئي وڃڻ سان ڪيترين دلين تي ڪاتيون وهي ويندين.
محترم تاج بلوچ صاحب چوي ٿو تہ، "سندس وفات جو ٻڌي آئون حيدرآباد مان آيو هئس ۽ سندس ڪانڌپي ۾ آيل ماڻهن جي اشڪبار انبوهہ دل ڏاري ڇڏي هئي، شام غريبان جو منظر هو."
شير محمد کهاوڙ صاحب چوي ٿو تہ، "اهو 2 فيبروري 1988ع جو اياڳو ڏينهن هو، جڏهن دردمند دل رکندڙ سنڌ جو هي دادلو فرزند هميشہ لاءِ ڌار ٿي ويو هو. سندس وفات جي ڏينهن حاجي مريد بڪڪ ڳوٺ ۾ ڄڻ ڪو زلزلو يا قيامت آئي هئي. هر طرف روح راڙو هو. 20 سالن پڄاڻا جڏهن آئون ڪيس ياد ڪري رهيو آهيان تہ منهنجي اکين ۾ پاڻي ڀرجي آيو آهي."
صديق منگيو صاحب چوي ٿو تہ، "هي جهان مانجهاندي جو ماڳ آهي. انسان جي مٽي پور آهي جيڪا اوس ڀرڻي آهي. هتي ڪوبہ رهڻو نہ آهي هر ماڻهو پنهنجي حصي جو ٽڪ پڄي موٽڻو آهي. پر پيار ۽ پنهنجائپ جي آوي ۾ پڪل ڪي اهڙا جيءَ جيارا ماڻهو بہ هوندا آهن، جيڪي پنهنجي سورن جي ڳنڍ پاسي تي رکي ٻين لاءِ سوچيندا ۽ لوچيندا آهن. اهي پنهنجي جيون مند ۾ جيڪو پوکيندا آهن ان جي لاپ کان اڳ ئي وڇڙي ويندا آهن.
اڄ قادر بخش بڪڪ اسان وٽ ڪونهي پر سندس يادون سينن جي لاڪرن ۽ اکين جي اوطاق ۾ اڄ بہ محفوظ آهن. جيستائين هن جهان ۾ هڪ بہ سچي انسان جو وجود آهي، قادر بخش مرڻو ناهي. مون وٽ لاکيڻي لطيف جي هن بيت کان سواءِ ڪيس پيٽا ڏيڻ لاءِ ڪجهہ بہ نہ آهي.

لڏيو لطيفن، پلاٽي پنڌ پيا
هٿان حبيبن، ڪڏهن ڪو نه ڏڪوئيو."

حضرت دائود عليہ السلام فرمايو آهي تہ، "جيڪي ماڻهو زندگيءَ کي هڪ مقدس فرض سمجهي گذارين ٿا اهي ڪڏهن بہ ناڪام نہ ٿا ٿين." گلزار شفيع بکڪ صاحب پنهنجي مضمون ۾ لکيو آهي تہ، "ادا قادر بخش بکڪ صاحب جنهن وقت گذاريو هو، ان وقت آئون ساڍس گڏ هئس ڏينهن جو تقريبن هڪ وڳي ادا وفات ڪئي. سندس وفات جي خبر جهنگ ۾ باهہ جيان پکڙجي وئي. هونئن جڏهن بہ ڪو ماڻهو مرندو آهي تہ ان جا عزيز دوست ۽ مائٽ مٽ واسطيدار ماڻهن کي اطلاع ڪندا آهن. پر ادا جي وفات جي خبر بلڪل جهنگ جي باهہ وانگيان پکڙجي وئي هئي. جنهن هزارين دلين کي ڏک، ماتم ۽ صدمي ۾ ساڙي رک ڪيو هو. جنهن بہ ٻڌو ان پنهنجي اوڙي پاڙي کي ٻڌائي ڇڏيو. اسين جيڪي سندس ويجها مائٽ، دوست، عزيز هئاسين، انهن کي تہ ان مهل ڪنهن ڳالهہ جو هوش نہ هو، خبر ئي نہ ٿي پئي تہ ماڻهن جو اهو سمنڊ ڪٿان اٿليو آهي، هر طرف دانهون، ڪوڪون ۽ رڙيون هيون. ماتم ۽ روڄ راڙي جو هي نظارو اسان اڳ ڪٿي بہ نہ ڏٺو هو، اسان ڪنهن کي بہ نہ ٿي سڃاڻتو تہ ڪير آهي هر قوم ۽ هر مذهب جا ماڻهو اچي پهتا هئا ۽ سندس موت تي واڪا ۽ رڙيون ڪري رهيا هئا. سندس ديدار ڪرڻ لاءِ ماڻهن جون وڏيون قطارون هيون. سندس جنازي کي قبرستان تائين پهچڻ ۾ الائي ڪيترا ڪلاڪ لڳي ويا. جيڪو سندس گهر کان بلڪل ويجهو هو. جڏهن ڪيس لحد ۾ لاٿو ويو تہ مون کي ويساهہ ئي نہ ٿي آيو تہ هي جسم ڪو بي جان جسم آهي. الله سائين سندس مغفرت ڪري. سچ بہ جيڪي ماڻهو پنهنجي زندگي ماڻهن جي خدمت لاءِ وقف ڪندا آهن، اهي ڪڏهن بہ نہ مرندا آهن سدائين جيئرا رهندا آهن. اسان جي علائقي جا سيئي ماڻهو پوءِ ڀلي کهڙي بہ قوميت ۽ مذهب سان واسطو رکندا هجن. اڄ بہ يعني 20 سالن کان پوءِ بہ سندس نالو ونڻ سان روئي ڏيندا اهن ۽ ڪنهن لاءِ لڙڪ لاڙڻ معمولي ڳالهہ ناهي هوندي تڏهن ئي تہ ماڻهو اڄ بہ اهو نعرو هڻن ٿا تہ، "هر دل ۾ نقش، قادر بخش قادربخش."

نصرت لاشاري پنهنجي مضمون ۾ لکيو آهي تہ، "هڪ ڏينهن ڪنهن اچي ٻڌايو تہ قادربخش صاحب گذاري ويو آهي! مون کي ياد آهي اهو ڏينهن، ان ڏينهن حاجي مريد بکڪ ڳوٺ جي ڪنهن بہ گهر ۾ ڪني نہ چڙهي هئي، هر اک آلي ۽ دل اداس هئي. زندگي بيوفا ڪنهن سان وفا ڪئي آهي؟ پر قادربخش بکڪ صاحب جو اوچتو موڪلائڻ سوين دلين کي درد ڏئي

ويو. مون ڪيترا ڀيرا بابا (ف.م لاشاري) کي قادربخش بڪڪ صاحب لاءِ ڏوڪويل ڏٺو. هن ماڻهن سان ايترين تہ نيڪيون ڪيون جو ماڻهو ڪيس وساري ئي نٿا سگهن.
قادر بخش بڪڪ صاحب پنهنجي حيثيت ۾ وت ڪان وڌيڪ پاڻ ارپڻ واري جذبي سان ايڏو تہ ڪم ڪري ويو آهي جو ڪراچيءَ جو چوڌاري آباد سنڌين جا ڳوٺ سندس ئي ڪري اڄ بہ آباد آهن. اهڙن خوشبوءِ جهڙن اندر جي اجرن ماڻهن لاءِ ئي شايد ڀٽ ڌڻي بادشاهہ چيو آهي، "ڪنهن ڪنهن ماڻهوءَ منجهہ، اڃي بوءِ بهار جي."
قادر بخش بڪڪ جي پهرين ورسي (2 فيبروري 1989 ع) تي هلال پاڪستان اخبار ۾ لکيل پنهنجي مضمون، "توکي سارينديس سپرين" ۾ محترم فقير محمد لاشاري صاحب لکيو آهي تہ، حاجي مريد بڪڪ ڳوٺ جي رونق کي گم ٿيئي اڄ سال پورو پيو ٿئي. قادر بخش جي هلئي وڃڻ ڪانپوءِ جيڪا اباڻڪائي پيدا ٿي، سا اجا ختم نہ ٿي آهي بلڪہ ان مختلف شڪليون ورتيون آهن. هيڏو سارو خال ڪيئن پرجي! ڪو ماڻهو قادر بخش بڪڪ ٿي پوي تہ اها ننڍڙي ڳالهہ ناهي ۽ قادربخش بڪڪ اڻ مندائتو سڀ ڪم ڪاريون رڻ ۾ رولي هليو وڃي تہ اها بہ ڪا معمولي ڳالهہ ڪانهي.
سنو ماڻهو پنهنجي وجود سان شعوري توڙي غير شعوري طرح ننڍن توڙي وڏن نقصانن کي روڪي ٿو. قادر بخش بڪڪ جو ڇڏيل خال بڪڪ ڳوٺ ۾ بلڪل واضح آهي. زندگي موجود آهي، جايون ڀتيون، وڻ، هوا، پکي، پکڻ سڀ آهن، تعداد جي لحاظ کان ماڻهن جي بہ اٽاٽ ڪانهي پر جيڪو پيار ڪراچي شهر جي هن ڪنڊ ۾ موجود هو سو ناهي! قادر بخش جا ڀائر پروفيسر رسول بخش، انجنيئر محمد بخش ۽ مولا بخش بہ ڏاڍا قربائتا مڙس آهن. نهايت ڀلا ماڻهو. راڄ وارن هڪ ٻئي شخص کي ڪائونسلر بنائي، ڪائونسلر وارو خال پريو آهي.
ڏنڏا ڪفا بہ هر ڪنهن جا هلي رهيا آهن ڪو بہ اڙيو نہ ٿو رهي. پوءِ بہ هڪڙو پختو احساس ڳوٺ جي ننڌڻڪائي جو موجود آهي، ۽ اهو اسان جي هن يار جي وڃڻ سان ٿيو آهي.
اڳي سڄي ڳوٺ جي طرفان قادربخش سوچيندو هو، هاڻي هر ڪنهن کي خدشا آهن.
قادربخش ڳوٺ وارن لاءِ، پنهنجن پراون لاءِ، جنهن کي بہ اڙيل ڏٺائين، تڪليف ۾ ڏٺائين، هٿ وڌائيندو هو. اهڙو چشمو جتان هر اجايل پوءِ اهو ڪير بہ هجي اڄ اجهائي سگهندو هو.
خلق جو بنيادي مسئلو هي آهي تہ ان کي خاطري کپي. ٻين لفظن ۾ ضمانت کپي، احساس جي ضمانت، ڪنهن همدرد دوست جي موجودگيءَ جي ضمانت، ڀلي ان وٽان ڪجهہ بہ نہ ملندو هجي، پر اها پڪ هجي تہ هن شخص جي هوندي اڪيلائپ محسوس نہ ٿيندي تہ اهو تمام وڏو آٿت آهي.

قادر بخش جي وجهه جيڪو خال پيدا ڪيو آهي سو ڇو نه ٿو پرجي؟ اهو هڪ ڏار سوال آهي.پروفيسر ڊاڪٽر رسول بخش، انجنيئر محمد بخش ۽ مولابخش ۽ ٻيا سڏا سنوان سچا ماڻهو آهن. ڏاڍو پيار ڪندڙ، گهڻي ۾ گهڻي مون کي قادر بخش جي کوٽ محسوس ڪرڻ نه ڏني اٿن. پر اصل کوٽ جيڪا پنهنجي جاءِ تي آهي سا آهي قادر بخش جي کوٽ. قادربخش جي کوٽ ان ڪري آهي جو هن پنهنجي جاءِ پاڻ ناهي هئي. قادربخش پنهنجي جاءِ قبضي جي پلاٽ تي نه ناهي هئي. هن جي ذهن ۽ روش ۾ محبتن جا جيڪي باغ هئا، تن جون ڇڪيون هن پاڻ پوکيون هيون. هرڪو ماڻهو پنهنجي جاءِ پاڻ پيدا ڪري ٿو. هاڻي قادر بخش پنهنجي پاڻ پيدا ڪيل جاءِ خالي ڪري هليو ويو، سا جاءِ ڪو ٻيو ماڻهو ڪٿان پريندو! جيستائين وس پهتو تيستائين جاءِ پري وئي. قادربخش جي وفات سان ڪائونسلر جي جاءِ خالي ٿي ته اها پائرن ڳڏجي پري ڇڏي. هو جنهن گهر ۾ هو اتي به خير سان ٻيا گهرڀاتي آهن، هو جيڪو ڪاڏو ڪائي ها، اهو ڪاڏو ڪائڻ لاءِ به ماڻهو آهن. پر هو پنهنجي نيڪ نيتي، ساٿ ڏيڻ ۽ نباهڻ، هر ڪنهن جو هڏ ڏوکي ۽ ڪل وقتي سماجي ڪارڪن هجڻ جي حوالي سان، خلق سان جيڪو رشتو جوڙي ويو، ان رشتي جو خال ڪٿان پرجي سگهندو!

ياد ٿو اچيم ته جڏهن پاڻ ڪائونسلريءَ جي چونڊ جي مهم هلائي رهيو هو، تڏهن سندس ڪنهن ڪارڪن هڪ ڊر جي ماڻهن خلاف ڳالهايو ۽ چيو ته، "انهن جي خلاف پنهنجا ماڻهو به فلاڻي يا فلاڻي پروپيگنڊا هلائين. مون ڏٺو ته قادربخش کي اها ڳالهه صفا نه وڻي. پر اها به حقيقت هئي ته ڳالهه ڪرڻ وارو سندس حمايتي ڪارڪن هو. عام حالتن ۾ پنهنجي حمايتي ڪارڪن سان سو به چونڊن جهڙي عمل ۾ ڇينپ نه ڪيبي آهي. هن پيار واري انداز ۾ ڪيس منع ڪئي پر مون ڏٺو ته سندس اهو انداز هو به فيصلي وارو، "ياد رکي ڇڏيو چونڊن کي دشمنيون وڌائڻ جو ذريعو بنجڻ نه ڏيو، اليڪشن کٽڻ لاءِ ڪا به ڪريل حرڪت ناهي ڪرڻي، ڪو ٻيو گند ڪري ته ان کي ڏسي پاڻ به گند ڪريون ائين نه ٿيندو!" لڳ ڀڳ اهي لفظ هئا قادر بخش جا ۽ پوءِ هن همراهه کي توڙي ٻين کي به ٻڌائي ڇڏڻ ۽ قائل ڪرڻ لاءِ قادربخش ڳالهايو ۽ ڪنهن به ذهن ۾ ان ڳالهه متعلق ڪو مونجهارو رهڻ نه ڏنائين.

قادربخش وٽ ڪراچيءَ ۾ سنڌي ڳوٺن جي، ورهاڱي کان پوءِ ٿيندڙ لاڳيتي تباهيءَ جا وڏا احوال هئا. وٽس ان قصي جا سڀ تفصيل هئا. جنهن جي شروعات ۾ ڪراچيءَ جا سنڌي ڳوٺ سڪيا، ستايا، مالوند ۽ ٻني ٻاري وارا هئا ۽ قصي جي هاڻوڪي ماڳ ۾ اهي مال، ٻني ٻاري ۽ گهرن گهاٽن ڇا ڳوٺن کان وانجهجهي چڪا آهن، بيمار آهن، بي روزگار آهن، جهيڙوڪار آهن، ڏينهن راتيون گهرن ۾ جهيڙا ڪن ٿا، وٽن زندگيءَ جو ڪو جواز نه رهيو آهي، وٽائن

زنده رهڻ جا سبب ڪسجي چڪا آهن. قادربخش انهن ماڻهن لاءِ آسرو ۽ اميد هو ۽ وڏي ڳالهه ته مايوس به نه هو. سنڌي ماڻهن جي مستقبل ۾ قادربخش جو ويساهه ڪڏهن ته ايڏو گهڻو هوندو هو، جو ان جا ظاهر سبب به سمجهه ۾ نه ايندا هئا. ايترو سو سمجهندو هئس ته معصوم ماڻهوءَ جو ويساهه پنهنجي جاءِ تي سگهاري حقيقت هوندو آهي. اها حقيقت ۽ اها ضمانت، پنهنجي ماڻهن جي لاءِ اها خاطري، جيڪا قادربخش جي روپ ۾ حاجي مريد بڪڪ ڳوٺ ۾ موجود هئي سا هاڻي هتي ڪانهي، پر اهو به سچ آهي ته اها حقيقت هتي هئي! هڪڙي شيءِ هئي ۽ اها شيءِ ڪانهي. انهن ٻن حقيقتن جو سچ، محسوس ڪرڻ جي شيءِ آهي. ان کي بيان نه ٿو ڪري سگهجي." "وڃڻ ويل سنڌس آخري سفر پڻ حيرت جهڙو ۽ نهايت عجيب طرح جو هو، ڪيترن ئي ماڻهن کي سنڌس وڃڻ واري صدمي سبب هارٽ اٽيڪ ٿيا. ڪيترن ئي ماڻهن پنهنجا مٿا ديوارن سان ٽڪرائي ڦاڙي ڇڏيا، جن جي رتن جا نشان ڪيتري وقت تائين سنڌس گهر، اوطاق ۽ آفيس جي ديوارن تي هئا. روئڻ ۽ ماتم ڪرڻ جو اڻ ويساهه ڏيندڙ حيرت ناڪ اهو انداز، اڄ تائين ڪنهن جو ڏٺل ۽ ٻڌل ناهي نه هو. جو سنڌس اوچتي وڃڻ جو ٻڌي هزارين ماڻهو ديوانه وار سنڌس گهر پهتا ۽ مايون، مرد، ٻار سڀ ئي پنهنجا مٿا ۽ گوڏا ايڏي ته زور سان سٽي رهيا هئا، جو سٽڻ جي زوردار آوازن ۾ روئڻ جو شديد آواز دٻجي ويو هو. الائي ڪيتري دير تائين اهو سٽڪن جو هل ۽ آواز زمين ۽ آسمان ٻوري رهيو هو.

سنڌس ديدار مهل الائي ڪيترا ماڻهو سنڌس خوبصورت نوراني ۽ دلدار چهرو ڏسي، سنڌس جنازي جي چوڦير ڦري پاڻ کي گهوري ۽ صدقو ڪري رهيا هئا، ۽ رڙيون ڪندي چئي رهيا هئا ته، اسان جي جان وڃي ۽ هي زنده ٿي پوي. ڪيترائي نوجوان سنڌس قبر ۾ ليٽي/ سمهي پيا هئا ته سنڌس بدلي ۾ اسان کي دفن ڪريو!

رات جو ٻين وڳي سنڌس آخري سفر پورو ٿيو هو. سنڌس چهرو نور جا تجلا ڏئي رهيو هو. ڪنهن چيو ته، "بتيون ڪٿي آهن؟ پري کان آيل ماڻهو ديدار ڪرڻ ٿا چاهين." ته ان وقت ڪي.ايم.سي جو اپوزيشن ليڊر ۽ هاڻوڪو گڏيل قومن ۾ ملڪ جو مستقل نمائندو عبدالله حسين هارون صاحب ۽ ڪائونسلر صديق رانوڙ صاحب روئندي چوڻ لڳا. "بتين جي ڪهڙي ضرورت آهي ! اسان جي يار جو چهرو ته چنڊ جيان چمڪي رهيو آهي."

قبرستان ۾ به ڪيتري دير تائين سنڌس ديدار جو سلسلو جاري هو. ڪيس دفن ڪرڻ لاءِ ڪنهن جي به دل نه ٿي چاهيو.

سنڌس آخري سفر ۾ لکين ماڻهو شريڪ ٿيا هئا جن ۾ عالم سڳورا پڻ شامل هئا انهن ٻڌايو ته اسان جنازي کي کلهو ڏيندي ڪيترن جنن ۽ فرشتن کي به ڏٺو هو جيڪي پڻ ڪلهو ڏئي

رهيا هئا. رات جو سندس جنازي سان گڏ پڪي ٻه اڏامي رهيا هئا، جن لاءِ مشهور آهي ته اهي رات جو نه ٿا اڏامن جتان جتان ٻه سندس جنازي جو سفر هو اتان گهرن جي ڇتين ۽ گيلرين مان عورتون گلاب جا گل ۽ عرق گلاب ڇٽي رهيون هيون ۽ ٻارڙا آڌيءَ رات جو ٻه روئندي رڙيون ڪندي، سندس جنازي کي سلامي ڏئي رهيا هئا. جنازي جي مٿان پيل چاڙن، اجرڪن، شالن ۽ هارن جو ته ڪو شمار ئي نه هو ۽ گهر ۾ ڪانڊيپي جي موقعي تي ۽ فاتحه لاءِ هر مڪتبه فڪر، پارٽي، فرقي ۽ مذهب سان واسطو رکندڙ ماڻهو آيا هئا. جن ۾ پير سائين پاڳارو، سيد جلال محمود شاهه، سيد زين شاهه، سيد غلام شاهه، سيد قائم علي شاهه (موجوده وزير اعليٰ سنڌ)، ممتاز علي ڀٽو (جنهن سندس والد سيٺ علي محمد ٻڪڪ سان تعزيت ڪندي چيو ته، "هي نقصان رڳو اوهان جو ناهي پر سڄي سنڌ جو نقصان آهي"). عبدالحفيظ پيرزادو (جيڪو پاڻ ٻه گهڻو بيمار هو ۽ دبئي کان آيو هو). شفيع محمد ڄاموٽ، سردار مهر الله مينگل، سردار منير مينگل، سردار گهرام خان مينگل، سردار علي نواز زهري، رسول بخش پليجو، علي نواز ٻٽ، شعبان بخت، اعجاز شاهه شيرازي، اڪبر لاسي، سائين احمد شاهه ذاڪري، سردار احمد گبول، ستار گبول، نبيل گبول، محمد صالح پوتاڻي، وڏيرو ملهه خان پالاري، سائين منير شاهه ذاڪري، عبدالحڪيم بلوچ، رسول بخش بلوچ، مولوي نعمت الله، پروفيسر غفور احمد، حسين هارون، الحاج شميم الدين، عبدالله بلوچ، زهير اڪرم نديم، حنيف طيب، صديق راٺوڙ، محسن ڀوپالي، فقير محمد لاشاري، تاج بلوچ، شير محمد کهاوڙ ۽ ڪراچيءَ جا ته اٽڪل هرهڪ پارٽي جا ماڻهو آيا هئا. سياسي پارٽين جي وومين ونگز جون سيئي عهديدار عورتون پڻ سندس گهر ۾ سندس ماءُ ۽ ڀينرن سان تعزيت ڪرڻ آيو ن هيون.

لکڻ لاءِ ته قادر بخش ٻڪڪ تي ڪيئي ڪتاب لکجي وڃن، پر هتي وڌيڪ رڳو لطيف سرڪار جو بيت ڏيندس،

جڪرو جس ڪرو، ٻيا مڙيئي خان
مٿي ان مڪان، هئي اصل ايتري.

ٿامس ڪارلائل جي جڳ مشهور ٿيوري آهي ته، "هيرو هر دور ۾ پيدا ٿيندو آهي پر ماحول جي ناپر، لاتعلقي ۽ لاپرواهي ڪيس ايري اڇڻ جو موقعو نه ڏينديون آهن. اهڙي ريت نامناسب ماحول سبب هيرو اڻ ڄاتل، اڻ سڃاتل، اڻ ڳاتل هتان هليو ويندو آهي."

ڪارلائل جي اها ٿيوري محترم قادربخش ٻڪڪ جي زندگيءَ تي مڪمل نهڪي اچي ٿي. قادربخش ٻڪڪ هڪ حقيقي هيرو هو جيڪو ساڳين ڪارلائل جي ڄاڻايل سببن جي ڪري

سنڌ جي گهٽائيءَ تائين ٻڌجي، سجاڻپي ۽ ڳائجي نہ سگهيو، ۽ ائين ئي اڻ ڄاتل، اڻ سڃاتل ۽ اڻ ڳاتل اهو هيرو هتان هليو ويو.

وِيو ٻارَو ڇَونِڪري، هاڻي ڪَريان ڪِئين
سِڄَ اُلَٽي سِينئن، سَنُون ڏينديس سُڄَ ۾
(شاهہ رح)

فيبروريءَ جو مهينو هڪ گهر لاءِ نہ، سڄيءَ سنڌ لاءِ سُوءَ (سوڳ) پريو پاسندو اٿم! 2 فيبروري 1988ع محترم قادر بخش بڪڪ جي وفات جي تاريخ آهي. ائين ڪٿي چئجي تہ اها تاريخ سنڌ جي پيڙهيل، واڙيل ۽ مظلوم سنڌين جي سورن، ڏکن ۽ دردن جي واڌاري جي هڪ نئين تاريخ آهي جنهن بابت ڪين خبر ئي ناهي تہ انهيءَ تاريخ، سندس لاءِ سوچيندڙ، لوچيندڙ، جاڪوڙيندڙ ۽ پتوڙيندڙ، ڪيڏي وڏي شخصيت انهن کان کسي آهي!
ڪين پتوئي ناهي تہ انهيءَ اياڳي رات (2 فيبروري 1988ع) ۾ هو انهيءَ شخص کان محروم ٿي ويا آهن، جيڪو سندس لاءِ ڪهڙيون ڪهڙيون روشن راهون ڳوليندڙ، سندس من ۾ سنڌين جي سک ۽ آجپي لاءِ ڪهڙا ڪهڙا واسيل هبڪاريل ماڳ هئا ۽ پنهنجن ڏکين ماروئڙن جي سک ۽ خوشين لاءِ سندس روشن ماڻڪين ۾ ڪيڏا جرڪندڙ خواب هئا.
افسوس، اهو تعليم جي زيور سان مڪمل آراستہ (ٽرپل ايم. اي ۽ ايل.ايل.بي) انسانيت جي مڪمل تصوير، خوبصورت ۽ ذهين شخص پنهنجي خوابن جي تعبير ۽ مقصد حاصل ڪرڻ کان اڳ، اوچتي سڏ تي تڙ تڪڙ ۾ دنيا ڇڏي هليو ويو. جڏهن هُتي جن کي بہ پنهنجي مسئلن جي حل لاءِ سندس شديد گهرج هئي.

ڏونگر پُونِين ڪِيرَ، سَجَڻَ مَيخُون ڏُونگرَين
هَهِڙَا سَيڻَ سُڌِيرَ، ڪِينَ لَهنديئين ڪَي ٻيا.
(شاهہ رح)

آئون ڄاڻان ٿي ۽ مون کي خبر آهي تہ هو ڇا هو! هُو منهنجو وڏو ياءُ هو. ڪراچيءَ جا سڀ ئي اصلوڪا رهاڪو ڄاڻن ٿا تہ، هو سنڌ جو ڪيڏو سچو سپوت هو، ڪيڏو سنڌين جو گهٽگهرو هو ۽ اهي سندس انهن قولن کان پڻ واقف آهن. جيڪي هو محفلن، مجلسن، ميٽنگن ۽ ڪچهرين ۾ چوندو ۽ ڳالهائيندو ۽ پوءِ انهن تي عمل بہ ڪندو هو.

ماڻهوجڏهن ڪراچي جي ترقي ۽ خوشحالي جي ڳالهه ڪندا هئا ته پاڻ ان مهل چوندو هو، اسان کي خوشحال سنڌ نه ٿي کپي! اسان کي سنڌي خوشحال کپن ٿا!" سندس اهو چوڻ/ قول اڄ به ماڻهن جي دلين تي چٽيل آهي.

پوءِ به دل چاهي ٿي ته سڄيءَ سنڌ کي ٻاڪارون ڪري ٻڌائجي ته،

قادر بخش ٻڪڪ هڪ فرد جو نالو ناهي،

قادر بخش ٻڪڪ هڪ مشن جو نالو آهي،

قادر بخش ٻڪڪ هڪ تحريڪ جو نالو آهي،

قادر بخش ٻڪڪ هڪ روشن ماڳ جو نالو آهي.

ڇو جو، قادر بخش ٻڪڪ هڪ بيحد وسيع ذهن ۽ فراخ دل رکندڙ انسان هو، جنهن وٽ هڪ هڪ سنڌيءَ جي آس، اميد ۽ گهرج ائين ساريل هئي، جيئن هڪ ماءُ کي پنهنجي هرهڪ ٻچي جي آس، اميد ۽ گهرج ساريل هوندي آهي.

قادر بخش ٻڪڪ پنهنجي سڄي زندگي سنڌين جي سک ۽ خوشحاليءَ لاءِ ارپي ڇڏي هئي. ڪراچيءَ جي هڪ هڪ ذڪايل سنڌيءَ لاءِ پوءِ اهو ڪراچيءَ جي ڪنهن به ڪنڊ ۾، ڪنهن به ڳوٺ ۽ جاءِ ۾ رهندو هجي. هن سيني غاصبن سان ويڙهه وڙهي هئي، پوءِ اهو غاصب ڪٿي ڪيڏو به باحيثيت ۽ طاقتور ڇو نه هجي. انهيءَ ڳالهه جي سچائيءَ جا ثبوت ڪراچيءَ جي اهم جاءِ تي واقع ڪندو ڳوٺ جي ڪورٽ ذريعي طاقتور چنبي کان آزادي، ڪلفٽن جي قيمتي خطي ۾ واقع ڀندن جي ڳوٺ کي ليز ڏيارڻ يا ماروئڙا ڳوٺ کي وسائڻ ۽ بچائڻ جا چٽا پٽا واضح ثبوت آهن.

جيئن سچل ڳوٺ ۾ وسيل ماڻهو چون ٿا ته جڏهن شروع ۾ اسين ڪراچيءَ ۾ آيا هئاسين ته، قادر بخش ٻڪڪ خرچ پيسا ڏئي رهايو هو ته ڪراچي اوهان جي آهي! جيئن اتي جوئي ٽپيدار شاهد نوح پوٽو چوي ٿو ته جڏهن اسين ڪنبياري مان ڪراچي آيا هئاسين ته ڏاڍا پريشان هئاسين. پر محترم قادر بخش ٻڪڪ صاحب اسان جي ڏاڍي مدد ڪئي ۽ هاڻي اسين ڪراچيءَ ۾ خوش ۽ آباد آهيون.

ڪراچيءَ جهڙي گوناگون ۽ گياپ شهر جي هڪ ڇيڙي کان وٺي ٻئي ڇيڙي تائين، وسيل سنڌين ۽ ٻروچن جي هرهڪ ننڍي وڏي تقريب ۾ شريڪ ٿيڻ، ڏک سک ۾ شامل ٿي سندن مسئلا معلوم ڪرڻ ۽ حل ڪرڻ وارا حيرتناڪ ڳڻ اڄ به ڳاتا وڃن ٿا.

فيصلن ۽ تقريبن ۾ شرڪت دوران دلچسپ واقعا به ٿيندا هئا جيئن سندس ئي ڳوٺ ۾ رهيل مگڻهارن جي پاڙي ۾ هڪ غريب ۽ اڌ ڇرئي جوڙي جي شادي هئي. شادي ڇاڄڻ ته سارا تن ۽

عقلمندن لاءِ هڪ يوڳ هئي، جنهن ۾ سندس ڪجهه مائٽ ئي شريڪ ٿيا هئا. اهو جڏهن هُن ٻڌو ته پاڻ اتي پهچي گهوٽ کي هار پارائي، ٻجار (پوت/ پوئو) ڏئي ساڻن گڏ هيٺ ويهي ڪچهري ڪرڻ لڳو. ڳوٺ وارن جو ٻڌو ته قادر بخش بڪڪ چرين جي شاديءَ ۾ شريڪ ٿيو آهي، ته سڄو ڳوٺ شاديءَ ۾ شريڪ ٿيو ۽ بنا ڪاڏي پيتي جي گهوٽ کي هار ۽ ٻجارون ڏئي شاديءَ کي يادگار بنائي ڇڏيائين، جنهن کي ياد ڪري اڄ به ماڻهو خوش ٿين ٿا.
ائين ئي دڙي (بڪڪ موريءَ) ۾ رهيل بڪڪ برادريءَ جي ڪجهه ماڻهن ۾ هڪ ٻئي سان ناراضگي هئي، جنهن جي ڪري سندن ڏنا ورتا سڱ به رُڪيل هئا. دڙي ۾ ڪنهن تقريب ۾ شريڪ ٿيڻ ويو ته ماڻهن اتي ڪيس اها دانهن ڏني. پاڻ ساڻن گڏ اتي وڃي ڪين پرچايو ۽ رواج موجب ڏنل ڇوڪرين کي پوتيون پارائي، هڪ ئي رات ۾ 19 مڱڻن جون تقريبون ڪرايون، جيڪي الائي ڪيتري وقت کان رُڪيل هُيون. اتي به هڪ نهايت دلچسپ ڳالهه ٻلڪ يوڳ ٿيو.
ڪوهستان جي ريت مطابق مائرون پنهنجن پٽن جي مڱڻين جون پوتيون ڏاڍن لاڏن، ڪوڏن ۽ شوق مان نهرائينديون آهن. جيڪي نهايت خوبصورت ۽ قيمتي هونديون آهن. ڪي ته پوتين تي چانديءَ جو ڪم به ڪرائينديون آهن.
مطلب اهو ته وڏ گهراڻن جي ڳالهه ڏار آهي پر غريب مائرون به مڱڻيءَ جي پوتيءَ تي وڏا خرچ ڪنديون آهن. پر انهيءَ رات سيني مائرن پنهنجن پٽن جون پوتيون، بنا ڪجهه پڇ جي سندس هٿ ۾ ڏئي ڇڏيون جن جو تعداد اوڻيهه هو. پوءِ سڀ ئي مائٽ ۽ راڄ وارا ساڻس گڏ هڪ هڪ لاڳاپيل گهر ۾ آيا. جيڪا ڇوڪري جنهن کي ڏنل هئي ان کي مائٽن جي موجودگيءَ ۾ پوتي پارائيندو ويو. ڏاڍيون خوشيون ۽ مبارڪون ٿي ويون. پاڻ ته انهيءَ رات ئي ڪراچي موٽي آيو پر ٻئي ڏينهن دڙي ۾ صبح کان وني ڏاڍا خوشيءَ وارا يوڳ ٿيا! مائرون پاڻ ۾ ٺهڪ ڏيو پيون چون ته، "منهنجي پٽ جي پوتي سني هئي جيڪا فلاڻي جي پٽ جي نالي تي پئجي وئي." وري ڪليو چون، "هڪ ئي وقت ۾ سندس هٿ ۾ سڀ ئي پوتيون هيون، پوءِ جيڪا جنهن جي قسمت ۾ آئي، پوتي گهوري منهنجي ننهن ته مون کي ملي!"
اڄ اهي ڏيئرون جن تي هُن پوتيون وڌيون هيون پاڻ مائرون آهن، اها ڳالهه ياد ڪري کلي پونديون آهن، ۽ وري ڪيس ياد ڪري روئي پونديون آهن.
ڪراچيءَ ۾ وسندڙ هر سنڌي ۽ بروچ مرد، عورت ۽ ٻار ٻچو سندس حساب ۽ ڳڻپ ۾ هو. وٽس ڪراچيءَ جي تقريباً سيني مقامي نوجوانن جي نالن، تعليم ۽ اهليت جون لسٽون هيون، جن جي نوڪرين ۽ روزگار لاءِ وٽس وڏا پروگرام ۽ پلان هئا.

ڪيس خبر هئي تہ ڪراچيءَ جي پراڻين وسندين شير شاھ، هارون آباد، ماڙيپور، ريڪسر، حسن اوليا وليج، ڪراچي جي لس ٻيلي، گوليمار ۽ لالوڪيت جي قديمي ڳوٺن، صفوران، سونگل، موڪي، ملير، گڏاپ ۽ ٻين سنڌي وسندين ۾ ڪهڙا مسئلا ۽ ڏکايون آهن!

جڏهن ڪيس ماڙيپور جي سنڌي عورتن سندس جلسي ۾ شريڪ ٿي روئي پاڻي نہ ملڻ جون دانهون ڏيندي ٻڌايو هو تہ، "اسين ميلن جا ميل پنڌ ڪري پاڻي آڻينديون آهيون جنهن دوران ڪيترين جا حمل بہ ضايع ٿي ويا آهن. اهو ٻڌي پاڻ تڙپي پيو ۽ نهايت جذباتي ٿي روئي ڏنائين. ساڻن واعدو ڪيائين تہ، پاڻي اوهان کي ضرور پهچائيندس!

هرهڪ علائقي ۾ ترقياتي ڪم ڪرائڻ يا پاڻي پهچائڻ، هڪ ماڻهوءَ جي ذاتي اختيار ۽ وس کان ٻاهر هوندو آهي. تنهن هوندي بہ قادر بخش بکڪ هر ممڪن هڙان ۽ وڙان ڪوششون ڪيون ۽ ماڙيپور ۾ لاڳاپيل عورتن جي دانهن جو تدارڪ ڪيو. اتي پاڻيءَ جون لائنون پهچائي ڏنيون ۽ ٻين بہ ڏکين سنڌي وسندين لاءِ ڪي.ايم.سي ۾ وينل پوش علائقن (ڊفينس ۽ ڪلفٽن وغيره) جي ڪائونسلرن کان سندن حصي جا پيسا ائين ورتا تہ، "اوهان وٽ ڪهڙا مسئلا آهن؟ اوهان جا پيسا تہ ڦٽ پاٽن کي آئل ڪلر ڪرڻ ۽ اهڙن ئي ڪمن ۾ ڪم ايندا، منهنجا ماڻهو اجيا ۽ ڏکيا آهن." ائين هن نہ رڳو پنهنجي ڳوٺ جا پرسيني سنڌي وسندين جا ڏک هلڪا ڪيا. جتي جا ماڻهو اڄ بہ ڪيس هٿ مٿي کڻي دعائون ڪن ٿا تہ، "اسان کي توهان پاڻي ۽ سک ڏنا الله ڪندو تہ هُتي خوش ۽ سکي هوندين ۽ بهشت جا جام پيو پيئندين." (آمين)

"اِني لا اُحب الا فلين" يعني، جٺاءُ نہ ڪندڙ شين سان منهنجي پريت ڪانهي.

قادر بخش بکڪ جو سچو پورهيو جٺاء دار آهي، ۽ ايترن سالن پڇاڻان بہ ماڻهن انهن سکن مان فيضياب ٿي رهيا آهن. حضرت دائود عليہ السلام فرمايو آهي تہ، "جيڪي ماڻهو زندگيءَ کي هڪ مقدس فرض سمجهي گذارين ٿا اهي ڪڏهن بہ ناڪام نہ ٿا ٿين."

سندس ورسيءَ جي مناسبت سان لکيل هي مختصر ۽ ننڍڙو ليک رڳو سندس ياد جو ورجاءُ آهي.

لاڻي جَو وِيا، سَو مَنجهين ٿُو مَڇُ ٻَري
سَو اُجهامي ڪِئان، جنهن جو سَورينڌُ سُپرِين.
(شاھ رح)

(قادر بخش بکڪ، 02 فيبروري 1988ع تي وفات ڪئي).

# ڏاهو، بهادر ۽ ويچ ڪردار
# عمر خان بڪڪ (پوراڻي)



سگهاري رُهيل بڪڪ جو پوٽو عمر بڪڪ، جيڪو سوسالن ڪان مٿي ڄمار ماڻي گذاري ويو. جنهن ڪي سڄي زندگي ڪنهن بيمار نہ ڏٺو، سدائين چاڪ وچوبند، لانچيو پلاٽيو سفر لاءِ اسهيل هوندو هو.

حياتيءَ جي آخري ڏينهن ۾ بہ سندس نظر تيز، ڏند مضبوط، ٻڌڻ ۽ سونگهڻ مطلب تہ سڀ حسون زنده، حساس ۽ ڪم ڪندڙ رهيون.
هو عقل جو اڪابر، ڏاهو ۽ ڄاڻو هو. جبل جو ڪو بہ هنر هن ڪان ڳجهو ۽ لڪل نہ هو. جبل جي خزانن ڪان واقف بلڪ جبل جي ڪڪ پن، وڻ وَٽَ (پٿر) جي فائدن، نقصانن، ڳڻن ۽ اَوَڳڻن ڪي سمجهندڙ ۽ انهن ڪان بخوبي باخبر هو. ائين ڪٽي چئجي تہ ماڻهوءَ ۽ مال جو ويج هو.
جبل ۾ وَسَ (مينهن جي مند) ۾ وسندڙ خدائي خزانن جهڙي 'ڏٿ' ڪي واپرائڻ ۽ سنڀالڻ جو ڪيس ڏانءُ هو.
چپر ۾ ٿيندڙ گلن ڦلن، پنن ٻُورن، ولين پاڙن، چوڏن ۽ چلين جي اهميت ڄاڻندو هو، ۽ انهن مان فائدا وٺندو ۽ ونديندو هو.
پاڻ جسم ۾ نہ ٿلهو نہ سنهو، بيحد مضبوط ۽ ڪسرتي بدن قد جو گهٽو نہ ڊگهو نہ بندرو، ڪٽڪائي رنگ واري وٽندڙ شڪل جي عمر خان بڪڪ جي، تندرستي ۽ جسماني بناوٽ ۾ ڪوبہ راز نہ هو.
زندگيءَ جو وڏو، بلڪ تمام وقت هن هل هلان ۽ پيرين پنڌ ڪندي گذاريو. وهڻ ڄڻ تہ سندس مذهب ۾ گناهہ هو. ڪاڏو بہ گهٽ ڪائيندو هو، باقي جي مقابلو ٿئي، جيئن اڪثر جبل ۾ نوجوان مرد گهٽو ڪائڻ جو مقابلو ڪندا آهن تہ، ڏسون تہ ڪير ٿو گهٽو گوشت، گهٽو گهہ ۽ گهٽي ماکي ڪائي سگهي؟ اهڙن مقابلن ۾ هو هڪ ئي وقت ۾ سڄاپڪل چيلا، گهہ ۽ ماکيءَ جا ڪٽورا پي مقابلا ڪٽي ويندو هو.

ڄمار جي پڇاڙيءَ واري وقت ۾ ڪاڏو بلڪل گهٽائي ڇڏيو هئائين. اسان وٽ ايندو هو (امان ۽ بابا جو سڱ ۾ چاچو هو ۽ اسين ڪيس ڏاڏو چوندا هئاسين). اسين ڏاڍا خوش ٿيندا هئاسين ۽ سڀ ڪان پهرين ڪيس ڪاڏي پاڻيءَ لاءِ چوندا هئاسين ته، چوندو هو، "ماني ٿوري ڪي گهٽي گهران ڪائي آيو آهيان. هلاڪي (تڪليف) نه ڪجو."

آئون ڏک مان چونديس ته، "ڏاڏا، سدائين ائين ڇو ٿا چئو؟" ته مشڪي چوندو هو، "ابا، پراڻي ڪلَ آهي ڦاٽي پوندي ته موچي به سبي نه سگهندا." اسين سڀ ئي کلي پونداسين ته خوش ٿي چوندو، "ها، کلندا رهو، آئون به اوهان وٽ وندر لاءِ ايندو آهيان. ڪاڏي جو بکيو ڪو به ڪونهي، فقير ڪي به عزت سان نه ڏبو ته انهيءَ لاءِ به بيا در گهڻا آهن." پوءِ جو اچي ڏاهپ جي پالوٽ ڪندو هو ته اصل واهڙ وهائي ڇڏيندو هو. اسان ڪي وندرائي مالا مال ڪري ڇڏيندو هو.

واقعا، قصا سڀ منظوم ٻڌائيندو. آئون لکڻ چاهينديس ته لکي نه سگهنديس. ٽيپ ريڪاڊر آڻينديس ته چوندو، "ڇڏيو بابا، ائين ڳالهين مان رس چس ۽ مزو نڪري ويندو، سڄو ڌيان ايڏانهن هوندو، ۽ ڳالهيون الائي ڪٿي هونديون؟"

هاڻي ڏک ٿيندو اٿم ته جي ٽيپ ريڪارڊر لڪائي رکان ها ته الائي ڪيترا خزانا محفوظ ٿي وڃن ها!

تڏهن آئون به ننڍي هيس ۽ عقل به عمر سارو (ڄمار جيترو) هو. هو مومل راڻي جو قصو ٻڌائيندو هو ته جبل جي ڪيئي گمنام شاعرن ۽ سگهڙن جي سوين بيتن سان قصي جي پڄاڻي ڪندو هو. سندس ياد داشت حيرت جهڙي تيز هئي.

عمر خان بڪڪ سڄي زندگي چانهه نه پيتي ۽ هٿرادو بنايل شربت، ڪوڪ، بيڪريءَ جون چيزون نه کاڌيون. مٺائي وغيره لاءِ به چوندو هو ته، "جتي بنجن ٿيون اتي جي وڃي ڏسو ته ان ۾ ڇا ڇا ٿا وجهن؟" وري پاڻ ئي چوندو ته، "هر شئي ڪوڙي، گهه ڪوڙو، کنڊ ڪوڙي، اٽو ڪوڙو...."

پاڻ مني ۾ رڳو ڪجور ۽ ماکيءَ کي پسند ڪندو هو. نه ته گهٽو ڪڙين شين سان رغبت هوندي هيس.

نم جا ڪچا پن ڇني انهن کي گهوٽي پاڻي وجهي، ڪپڙي مان ڇاڻي ٽامي جي ڪٽوري ۾ وجهي پي ويندو هو. پنن، ولين وغيره کي گهوٽڻ لاءِ هو هميشه پٽر جو اکرو استعمال ڪندو هو.

ڪڏهن هو ننڍي سائيز جا اڇي رنگ جا بصر ڪٽي، انهن جو کلون لاهي وچ وارو حصو ڪڍي پاڻيءَ ۾ ڪاڙهي، اوٻاري، ناري، ڇاڻي پي ويندو هو.

ٻي وڏي حيرت جي ڳالهه اها جو ايريال/ پٽ ڪنوار/ رس ول جيڪا سندس ڪراچيءَ واري گهر ۾ پوکيل هئي (اڄ به آهي). ان مان هڪڙو ٽڪرو وڍي ان جي وچ ۾ چاقوءَ سان چيرو ڏئي، ذرو لوڻ جو وجهي مٽي گهرجي ڇت تي رکي ڇڏيندو هو. سڄي رات ماڪ پوندي هيس. صبح جو اٿي نيراني پيٽ اهو ايريال جو ٽڪر کٽي ڇلي، کل لاهي رکو ئي رکو کائي ويندو هو.

ايريال ايڏي ته ڪڙي هوندي آهي جو ان کي جڏهن چاقوءَ جو هلڪو چيرو به ڏبو آهي ته، ان مان اهڙي تيز ۽ ڪڙي بانس نڪرندي آهي جو ماڻهوءَ جو مٿو ئي ڦري ويندو آهي.

عمر خان بڪڪ جو هڪ مائٽ ڪراچيءَ ۾ بيمار هو. ڪيس شگر/ مٺن پيشابن جي بيماري هئي تنهن کي هو پڇڻ ويو، ان جي ڪمزوري ۽ حال ڏسي کيس پار ڏنائين ته، 'روز صبح جو نيراني پيٽ ايريال جو ذرو کائي ڇڏي ته نيڪ ٿي ويندو'هن ماڻهوءَ کان ڪڙي زهر ايريال جڏهن کاڌي نه ٿي ته کيس پاڻ ئي ايريال جو انچ جيترو ذرو ڇلي، جيڪو بلڪل سائي رنگ جي جيليءَ جهڙو شفاف ۽ ٽرڪندڙ هو اهو چمچي تي رکي ڏيندي چيائين ته، "هي گوريءَ وانگر وات ۾ وجهي هڪدم پاڻيءَ سان ڳڙڪائي ڇڏ." بيمار ماڻهوءَ ائين ئي ڪيو ۽ روز هڪ انچ جيترو ايريال جو ٽڪرو هو پاڻيءَ سان ڳوري ڇڏيندو هو.

قدرت خدا جي اهو شگر جو مريض بلڪل صحتياب ٿي ويو ۽ عام نارمل زندگي گذارڻ لڳو.

پاڻ هميشه سچو/ اصلي گهه ۽ گهر ۾ پينل ڪٽڪ يا چانورن جي ماني ۽ گهر ۾ چڙهيل چانورن جو پت کائيندو هو.

ٻڪر جي گوشت سان رغبت هيس. هونئن به جبل وارن جي مرغوب غدا گوشت ئي هوندي آهي. سڄي زندگي ڪوبه نشو نه ڪيائين. بلڪ ڪڏهن چانهه به نه پيتائين. ڪڏهن جي شربت جي طلب ٿيندي هيس ته ماکيءَ ۾ پاڻي ملائي پيئندو هو، يا آمري جو شربت جيڪو گهر ۾ ئي نهندو هو اهو پيئندو هو يا وري لسي. ٽانوَ هميشه ٽامي يا ڪنجهي جا استعمال ڪندو هو، جيڪي سدائين قلعي ٿيل، مَليل ۽ چمڪندڙ هوندا هئا. نڪر جي ڪُني ۾ جميل دهي ۽ نڪر جي پاٽ ۾ ماني ۽ پت شوق سان کائيندو هو. ڪوپر يا المونيم جي ٽانون لاءِ چوندو هو ته ، " انهن ۾ کاڌو زهر ٿي ويندو آهي." آئون ساڻس چاڳ ڪندي کلي چوندي هيس ته، "ڏاڏا، اسين ته روز اهو زهر کائڻ جي باوجود جيئرا آهيون!" مشڪي چوندو هو ته، "بابا، اوهان کي ته ڄاپندي ئي اهو پڙو (ڄاپڻ مهل ٻار جي پهرين خوراڪ) پيو آهي اوهين زهر کي پَيٽاري (زهر پروف) ويا آهيو!"

پاڻ پاڻي پيئڻ مهل گلاس کان وڌيڪ ٽامي جي ڪٽوري کي ترجيح ڏيندو هو.

گوشت ڪائڻ جو شوقين هو. ٻڪر ڪي پاڻ ئي ڪهي ٺاهي ٽانڊن تي پچائي (سَجي ڪري) ڪائيندو هو. گوشت وڍڻ جو ايڏو ماهر هو جو چوندو هو تہ، 'گوشت وڍڻ مهل ڪات جي ڪابہ ضرورت ڪانهي. ڪات هڏين جا ذرا ڪري وجهندو آهي. گوشت وڍڻ لاءِ تکي ڇريءَ جي ضرورت هوندي آهي. ڪيس گوشت جي هر حصي جي سواد جي خبر هوندي هئي.'چوندو هو تہ، 'گوشت سَنڌن ڪان ڌار ڪبو تہ اهي سورهن ٽڪر ٿي پوندا. يعني ڪوڊي (ٻڪر يا رڍ) ڪي سَنڌن ڪان ڇريءَ سان الڳ ڪبو تہ اهي سورنهن ۽ جي سورهن حصن ڪي وچ مان هڪ هڪ ڇريءَ جو ڌڪ هڻبو تہ اهي ٻٽيهہ ٽڪر ٿيندا. پاڻ چوندو هو تہ، 'ڪوڊي سورهن سڄا ۽ ٻٽيهہ اڌ ٿيندي آهي، ان ڪان وڌيڪ ٽڪر ڪبا تہ اهو پور پور ۽ بي مزو ٿي ويندو.'
جبل ۾ عام طرح هر مرد سجي (ٽانڊن تي گوشت پچائڻ) بنائيندو آهي پر عمر بڪڪ سجي بنائڻ جو ماهر هو، ڪيس گوشت پچائڻ جو ڏانءُ هو. پاڻ چوندو هو تہ، "گوشت پچائڻ مهل ڪائين مان دونهون نڪرڻ نہ ڪپي، نہ ئي باھ جي ڄڀين ۾ گوشت پچائجي. گوشت تڏهن پچائجي جڏهن بنڊ ٻري ٽانڊا ٿي وڃن." پاڻ دونهاٽيل گوشت اڇلائي ڇڏيندو هو.
سندس پچايل گوشت مشهور هو. جبل جو ماڻهو سندس پچايل گوشت ڪائڻ ڪان اڳ ڏسڻ سان سڃاڻي ويندو هو تہ، 'هي عمر بڪڪ جو پچايل گوشت آهي.'
سيٺ علي محمد بڪڪ جي گهر ۾ دعوت هئي. شهر جا وڏا وڏا بورچي گهرايل هئا. ڪوهستان جو مشهور ۽ حيرت ناڪ بورچي عيسڪي ٻرو بہ هو. حيرت ناڪ انهيءَ ڪري جو سندس رڌيل، پچايل ڪاڌا عجيب انوکي سواد وارا هوندا هئا، مڇي ۽ گوشت ڪان علاوه دال ۽ ڀاڄي بہ اهڙي هوندي هئي جو، ٻين جا بنايل پلاءَ بہ ڇڏي سندس بنايل دال ڪائجي. پر سَجي بنائڻ لاءِ عمر بڪڪ جي اڳيان عيسڪي ٻري سميت سيني بورچين ڪنن تي هٿ رکيا.
دعوت ۾ گوشت پچائڻ جي سجي زميداري عمر بڪڪ جي مٿان رکي وئي هئي. ڪاڌن جا ڪيئي قسم هئا جيڪي عيسڪي ٻري جي نگرانيءَ ۾ ٻين بورچين جي حوالي هئا.
مهمانن ۾ پير سائين پاڳارو، ڄام آف لس ٻيلا ڄام مير غلام قادر عالياڻي، ڄام مير مراد علي جوکيو، نواب رسول بخش مينگل، سردار عطاء الله مينگل، سردار دودا خان زرڪ زئي (زهري)، وڏيرو اميد علي پوتاڻي ۽ ٻيون ڪيئي سنڌ ۽ بلوچستان جون اهم شخصيتون شامل هيون.
اها دعوت سيٺ علي محمد بڪڪ ۽ وڏيري اميد علي پوتاڻيءَ جي پرچاءُ واري سلسلي ۾ ٿيل هئي.

سڀ مهمان آيا. سندن اڳيان کاڌو رکيو ويو. کاڌي ۾ هر چيز لاجواب هئي. پر سيني پڪل گوشت جي تعريف ڪئي. پڪل گوشت ۾ ٻڪر جون جيراڊيون (ڪليجون)، مُنڊيون ۽ ويڙهيون هيون.

'ويڙهي' جبل جي ماڻهن جي گڏيل پسند آهي. 'ويڙهي' ٻڪر جي آنڊن مان بنائي ويندي آهي. جنهن جو طريقو اهو آهي ته ٻڪر جا سڻيا آنڊا (چربيءَ وارا) ڌار ۽ اڻيا آنڊا (بنا چربيءَ وارا) ڌار سجائي، سڄا بنا وڍڻ جي پائيپن وانگر ڌوئي صاف ڪري سڻيا، چربيءَ وارا آنڊا ڍَهه، ٻارهن انچ ڊگها جهلي ان جي مٿان اڻيا آنڊا ويڙهيا ويندا. يعني مٿان کان هيٺ، هينيان کان مٿي ائين ڄڻ تجريدي آرٽ هجي. آنڊن جي آخري چيڙي کي مضبوطي سان ڳنڍ ڏبي ته مٿان ڪلي اڌڙي پوي. اهڙي ريت 'ويڙهيون' ناهيون وينديون آهن. پوءِ انهن کي ٽانڊن مٿان رکي پچائي ڳاڙهيون ڪري ڪڍبيون آهن، جن جي سواد ۽ مزي کان اهي ئي واقف هوندا جن اهي 'ويڙهيون' کاڌيون آهن. ڪي ته 'ويڙهين' جو ٻوڙ به رڌيندا آهن جيڪو پڻ نهايت لذيذ ٿيندو آهي. دعوت ۾ پڪل گوشت ۽ ويڙهيون کائي ڄام مير غلام قادر، سيٺ علي محمد ٻڪڪ کي چيو، "مون زندگيءَ ۾ گهڻائي پڪل گوشت ۽ ويڙهيون کاڌيون آهن، پر هھڙو پڪل گوشت ۽ ويڙهيون مون سڄي زندگيءَ ۾ نه کاڌا آهن! مهرباني ڪري مون کي انهيءَ ماهر سان ضرور ملاقات ڪرايو. جنهن هي ڪارنامو ڪيو آهي."

جڏهن ڄام مير غلام قادر عالياڻي سان سيٺ علي محمد ٻڪڪ، عمر ٻڪڪ کي ملائي ساڻس تعارف ڪرايو ته، "هي منهنجو ڏور جو چاچو ۽ پيٽويو آهي." ته ڄام صاحب اٿي پاڪر پائي ساڻس مليو ۽ سندس شخصيت کان متاثر ٿيو، ۽ سندس گهڻي تعريف ڪيائين.

پيشي جي اعتبار کان عمر ٻڪڪ مال (ٻڪريون ۽ رڍيون) جو واپاري هو. مال جي خريداريءَ لاءِ هوتڙ کان انديا جو بارڊر ٽپي ويندو هو ۽ اتان هزارن جي تعداد ۾ پاهو ۽ ٻاڪرو مال خريد ڪري ايندو هو. پاڻ سندس پائيوار ساٿي ۽ ڌراڙ اهو سڄو سفر مال سان گڏ پيرين پنڌ ڪراچيءَ تائين ايندا هئا. ان وچ ۾ جهنگ، جبل، رڃ سڃ مان گذرندي ڪين ڪيئي واقعا پيش ايندا هئا. ڪٿي چورن سان مقابلو ته ڪٿي درندن سان دهدور (مدمقابل) ٿيڻو پوندو هو. ڪيترن مفيد تجربن کان به آگاهي ٿيندي هيس. پاڻ اهي سيئي واقعا ۽ مفيد تجربا پنهنجي جوءِ ۾ خير سلامتي سان پهچي آرام سان ويهي ڪچهرين ۾ پلٽائيندو هو.

سندس آواز ڏيمو ۽ انداز نهنو هو. ڪچهرين ۾ سڄيون راتيون گذري سڄ اڀري اچن ڪنهن کي به وقت ۽ ٽڪ جو احساس نه ٿيندو هو. پاڻ به تازو توانو ته ٻڌندڙ به تازا توانا هوندا هئا، جن کي سندس لاجواب ۽ ڏکين تجربن جو حاصل ملندو هو.

اسان جي گهر ايندو هو تہ آئون هن کان سندس ڏکين سفرن جا عجيب واقعا ٻڌڻ چاهيندي هيس. هو اسان سان ڏاڍو پيار ڪندو هو. چوندو هو، "ابا، هل هلان واري زندگي جيڪو بہ گذاري ٿو ان جي پلئہ ۾ هميشہ خزانا پيل هوندا، ڇو جو دنيا عجيب واقعن ۽ خزانن مان ڀري پئي آهي. منهنجا تہ پنڌ بہ وڏا تہ ڄمار بہ وڏي. واقعن جو تہ ڪوشرو پانڌ (دنگ، ڇيهہ) ئي ڪونهي."

ورهاڱيءَ کان اڳ جو واقعو ٻڌايائين تہ، 'راجستان مان مال وٺي وريا هئاسين، ٻنهي پاسن هند توڙي سنڌ ۾ وڏو ڏڪار ۽ ڪاڙهو هو. اسين ڏهہ ٻارهن ڄڻا ساٿي هئاسين. اسان سان گڏ وڏا ڌڻ (رڍن، گهيٽن جو ميڙ) ۽ وڏا ڪيراڳ (ٻڪرين جو ميڙ) هئا. پاڻيءَ جون پريل وڏيون اوئيون (پخالون) ۽ ڪاڏي جو سامان بہ هو. پر اسان کي اَوسَو (فڪر ۽ اونو) رڳو مال جو هو تہ، متان ڪڪ پن ۽ پاڻي نہ ملڻ جي ڪري مال نہ مري..... سو صلاح اها ڪئي سين تہ رات جو ٿڌ ۾ سفر ڪجي ۽ ڏينهن جو اس ۽ گرميءَ ۾ وڻن جي ڇانو ۽ اوٽ ۾ ويهي پاڻ ۽ مال کي آرام ڪرائجي.

ائين، سفر ڪندي ست اٺ ڏينهن ٿي ويا، هلندي هلندي وچ وچ ۾ جتي بہ ڪڪ پن ۽ پاڻي ڏٺوسين تہ مال بہ اوڏانهن ڪاهيوسين. هيڏو سارو مال جتي ويهي اتي گاهہ پاڻي چَٽُ ڪري وجي. هونئن بہ پهاڪو آهي تہ "اُٺ چري ٻٽيهہ تہ ٻڪري چري ڇٽيهہ" يعني ٻڪريون هر قسم جو وڻ ٻوٽو کائينديون آهن. جڏهن تہ اٺ ڪي ڪي وڻ ٻوٽا نہ کائيندو آهي.

واٽ تي ڪٿي ڪو پهرو (مال) اگهو (بيمار) ٿئي تہ اهو ڪهي کاڌوسين. مڙئي پي گاڏي کاتو هليو. هڪ هنڌ هڪ وڏي اَوَٺ (نوجوان ٻڪري) اگهي ٿي. هونئن تہ پي ڦُنڪِي (چمڪي ۽ ڇهڪي) پر وَيسرينڊي (اوچتو) الائي ڇا ٿيس. اها ڪنيسين. پر ان جي کل الاهي نرم ۽ ڪونئري سني، ريشم جهڙي هئي. سو اها مون زِڪَ (گهہ کي محفوظ رکڻ واري پخال) جو ارادو ڪري سني نموني ۽ خبرداريءَ سان لاٿي ۽ کيس سڪڻ کان بچائڻ لاءِ، ان تازي رت هاڻي (لڳل) کل ۾ چُڪِيَل (ختم ٿيل) تراهہ (تلاءَ) جي تري مان پاڻي کُري کڍي وليون پاڙون تري واريون کل ۾ وڌم. وري تراهہ جي اِندن (پاسن) تي موريل وليون ٻوٽا، ڦش ڦوهر (ڪڪ پن) ڇني کوهي. اهي بہ سڀ کل ۾ وڌم تہ کل پرجي دٻڙو (گول مٽول) ٿي وئي، اوئيون بہ پاڻيءَ مان ڀريل. مڙس اسين بہ سڀ زورائتا ۽ سگهارا هئاسين. بار کلهن تي کنيو اڄ ٻڪ جي پرواهہ بنا هلندا رهياسين. هلندي هلندي بہ ٽي ڏينهن ٿي ويا. ان وچ ۾ واٽ تي پاڻيءَ جو اتو نڪو پتو. گهڻو ئي نهاريوسين، گهڻو ئي ڳوليوسين. پر جيڏانهن تيڏانهن

ڪارو سڪڻو پَٽ. ڪک نہ پن، ڏٺي نہ آدمي وَيَرووَڪُ (ويران بيابان) هو. مال تہ ساڻو ٿيندو اَجهندو (ويهندو) ويو. پر اسين ماڻهو بہ بي حال هجون.
'اوئين' ۾ جيڪو پاڻي هو اهو واٽ واٽ تي چُرُڪُ چُرُڪُ (ذرو ذرو) ڪري پي چڏيوسين. هاڻي اوئيون بہ سڪل هيون، ڪنهن بہ ڳالهہ جي مَتِ ۽ نوا نہ ٿي پئي تہ ڇا ڪريون؟ صلاحون ڪيوسين پر، 'ڊئوبنا ڊوليا، ڪانهي ساڃاهہ سونهن جي' صلاحن ۾ ڪو حال نہ هو جو اسين پاڻ ئي بي حال هئاسين. ڪهڙيون صلاحون ڪريون؟ صلاحن سان ڪو زمين مان ٿوپو ڦٽي پوندو يا ڪو اسين حضرت اسماعيل نبي هئاسين جو چڙهيون هڻي زم زم ڪيون. نڙيون سڪي نوٽ تي ويون. سڪٽيون ڀيتون ڏئي ڏئي ٿُڪ بہ چڪي وئي. هڏ (بنهہ) ساهہ تي نڪتو تہ مون کي اَوٽَ (ٻڪري) واريءَ ڪل ۾ پيل پاڻي ياد پيو. سنگتين کي چيم، "ڪل وارو پاڻي وسري ويو؟ اهو بہ تہ پاڻي آهي." سڀ ئي سنگتي چرڪي پيا. مون اوئيءَ جو منهن ڪولي ڪٽوري ۾ پاڻي اوتيو تہ، پاڻي ڇا جڻ رت جو ڀريل ڪٽورو هجي. پر اجا رت ڪان بہ ٻيءَ ڀتاڻو (ٻي طرح جو) ڳٽ (گهاتو/ ٿلهو)، ڳاڙهو، لچڪڻو، جرڪندڙ پاڻياٺ وارو محلول هو، جنهن ۾ ڪجهہ ڪجهہ ساواڻ ۽ پيئراڻ بہ وچ وچ ۾ هئي. اهو ڏسي سنگتين دڄي چيو، "نہ ادا نہ اهو تہ زهر آهي زهر، اڪين ڏنو موت!" مونکان اهڙي (موت واري) حال ۾ بہ اساري ڪل نڪتي چيم، "هاڻي وري جيئرا آهيون؟ نہ منهن مهاڙ جي خبر، ويري وَڪَ ۾ وڪ وجهڻ ڪان بہ لاچار پيا آهيون، پوءِ تہ ساهہ ڪڻ ڪان بہ لاچار ٿينداسين. ليٽڙجي، ڦٽڙي مرڻ ڪان سنو آهي تہ سقراط وانگي وِهَ (زهر) جو پُرُ پيالو پي مرون! مون وارا سنگتي ياڙيا تي ٻرُ تي بينا. منهنجي پر مان اٽي ڪجهندا، ڪُرُڪندا پري وڃي وينا. جڻ ڪو آئون ڪين زوريءَ پياريان ها. مون ڪٽوري ۾ نهاريو ۽ دير ئي ڪانہ ڪيم، هڪدم ٻنهي هٿن ۾ ڀريل ڪٽورو جهلي ڪٽي وات تي رکيم ۽ اندر ۾ اوتيندو ويس اهو ذائقي ۾ ڪڙو صفا زهر جهڙو هو، جيئن ئي اهو زهر اندر گهڙي پيٽ ۾ پهتو، تہ منهنجو اندر ۽ ٻاهر بدن جيڪو اڄ ۾ باهہ وانگر تپي رهيو هو اهو هڪدم ٺري برف جا ڳڙا ٿي پيو. سنگتي اڪيون ڦاڙي مون ڏانهن تڪي رهيا هئا تہ، 'هاڻي ٿو مري، هاڻي ٿو مري.' پر منهنجي بدن ۾ تہ قوت ۽ توانائيءَ جي هڪ اهڙي لهر ايري جو آئون جيئرو ٿي ويس. ساڻو ساڻو جو مئو پيو هئس، ٽپ ڏئي اٿي ٻيهي رهيس. منهنجا ساٿي وڏيڪ خوف ۽ ڊپ مان مون کي ڏسڻ لڳا تہ مون ڪين هڪل ڪندي چيو، "ياڙي اٿو، هي زهر نہ پر امرت آهي. آب حيات آهي." منهنجي چستي ۽ تازگي ڏسي اهي بہ سرڪي سرڪي اورتي آيا، آئون ڪين ڪٽورا ڀري ڏيندو ويس ۽ هو سڀ ئي پيئندا رهيا.

'اسين سڀ ئي ساٿي جڻ نوجوان ٿي ويا هئاسين. اسان منجهه (۾) ايڏي طاقت، ڦڙتي ۽ ٻل اچي ويو هو جو اسين پاڻ تي پاڻ حيران هئاسين. جنهن ۾ ڳري (وزني) شيءِ ڪي ڪٿون اها ائين مٿي ڪجي اچي منهن سان لڳي، جڻ ڪنهن هلڪي چيز ڪي بنا اندازي وزني سمجهي ڪٽي ويا هجون."

'پوءِ تہ ابا، اسان ڪي ڪنهن بہ اڄ ۽ بڪ جي خبر ئي ڪا نہ ٿي پئي.'ڏاڏي عمر بڪڪ ٻڌايو تہ، "تازي رت واري ڪل ۾ تراهہ جي تري جو مٿيءَ وارو پاڻي، وليون، ٻوٽا، پاڙون، چوڏا، ڪڪ پن ۽ گرمي انهن سيني جارس ۽ مند (موسم) گڏجي هڪ اهڙو امرت تيار ڪيو جيڪو مئل بہ جياري وجي. اهي وليون، پاڙون، ٻوٽا الائي ڪهڙا هئا جن جو رت واري تازي ڪل ۾ گرميءَ ۾ سنڌڻ جا پار پتا ائين اوڪا ۽ اڻ لڀ آهن، جيئن لقمان حڪيم وٽ ڪن مرضن جو علاج، دوا داروءَ جي خبر ۽ پتو هوندي بہ وٽس اهڙي دوا اڻ لڀ هئي جيڪا هو مريض کي ڏئي سگهي. جنهن جي ڪري هو اهڙن مريضن کي لاعلاج ڪوني موٽائي ڇڏيندو هو."

عمر بڪڪ هو تہ جبل جو ڏراڙ ماڻهو. پر ڪيس نہ رڳو جبل جي ڏاهپ، ادب ۽ سگهڙائپ جي ڄاڻ هئي. پر ڪيس دنيا جي مشهور واقعن جي پڻ پروڙ هئي.

هونئن بہ هو هر ڳالهہ نهايت ڌيان، توجهہ ۽ دلچسپيءَ سان ٻڌندو هو. ڳالهائڻ ۾ هن ڪڏهن بہ تڪڙ نہ ڪئي نہ ئي هو وچ ۾ پئي ڳالهائيندو هو.

ڏاڏو عمر بڪڪ اسان کي پاڻ سان (سندس پنهنجي ذات سان) رَهَمُورَو (رذل يا ونڌريل) ڏسي لقمان حڪيم جي اها جڳ مشهور ڳالهہ دلچسپيءَ سان ٻڌائڻ لڳو، جيڪا ٻڌل هوندي بہ نئون مزو ڏئي رهي هئي. ڇو جو اها ڳالهہ هڪ اهڙو پريڪٽيڪل ماڻهو ٻڌائي رهيو هو جيڪو اهڙن آزمودن ۽ تجربن مان گذري آيو هو.

عمر بڪڪ چيو، "ابا، لقمان حڪيم لاءِ مشهور آهي تہ سواءِ وهم جي ٻئي هر مرض جي وٽس دوا هوندي هئي. پر ڪي مرض اهڙا بہ هئا جن جي دوا کان واقف هوندي بہ، هو علاج ڪرڻ کان لاچار هوندو هو. ڇو جو اهڙن مرضن جي دوا سندس پهچ کان پري ۽ وس کان ٻاهر هوندي هئي.

هڪ ڀيري وٽس هڪ لاچار اکهو (بيمار) آندائون جيڪو هڏ (بنهہ) ختم هو. لقمان حڪيم کيس اونڌو سونڌو ڪري ڏسي تپاسي ماٺ ٿي ويو. اکهي جي سور مان ڪنجهو ڪنجهہ هجي. لقمان حڪيم ٻاهر اچي اکهي جي مائٽن کي چيو تہ، "هن جي دوا مون وٽ ڪانهي. باقي قدرت وٽ ضرور آهي. اها ڪري تہ ڪري نہ تہ هيءُ مري ويندو." مائٽ روئندا اکهي وٽ آيا جيڪو درد مان دانهون ڪري رهيو هو. وري هٿ ٻڌي حڪيم کي چيائون تہ، 'اکهائيءَ جو

دارون اوهان وٽ ڪونهي. پر ڪِين (ڪجهه) تہ ڏيو، ڪو ڊپ ڪو پهو اهڙو تہ ڏيو جو هي ڪو دم ڪوپل تہ آرام ڪري. لقمان حڪيم ساڳي ورندي ڏني تہ، هن لاءِ مون وٽ تہ ڇا ڪنهن وٽ بہ دارون ڪونهي سواءِ قدرت جي، هي ائين ئي لڇي، تڙپي، ڦتڪي مري ويندو. منهنجي اها ئي ورندي آهي جيڪا اوهان کي ضرور ڏکوئيندي پر اهوئي سچ، اها ئي حقيقت آهي ان کان سواءِ ٻيو جيڪو بہ دلاسو ڏيندس اهو ڪوڙ هوندو." اگهي جا مائٽ روئندا اگهي کي کڻي هليا ويا.

لقمان حڪيم کان نا اميد ٿي گهر اچڻ کان پوءِ مريض جو مرض وڌندو ويو. سور ٻيڻا ٽيڻا ٿيندا ويا. جڏهن سور جون حدون ٽپجي ويون تہ هڪ رات مريض گهر وارن کان لڪي اٿيو. دانهون اندر ۾ روڪي نِڪي نِڪي ٻاهر نڪتو. ارادو پاڻ کي مارڻ جو هئس. پر پاڻ کي مارڻ لاءِ بہ ٻل ڪپي. سوچيائين، پاڻ کي کوهہ ۾ اڇلايان، وري سوچيائين اتي بہ الائي مران يا اجا پڄي پُري وڏيڪ ڏنجهن (عذابن) ۾ پوان. ائين گِهرجندو، ڪِسڪندو، سِرڪندو اچي مُقام (قبرستان) ۾ سهڙيو (پهتو). رات چانڊوڪي هئي. ۽ هو سڀ ڪجهہ ڏسي رهيو هو. چوَ طرف رڳو قبرون ئي قبرون هيون کي نهيون نڪيون کي پڳل پُريل. ڪن مان هڏا ۽ کوپراٽيون (کوپڙيون) ئي ٻاهر نڪتل هيون. هڪ پڳل قبر کان ٻاهر هڪ کوپراٽي (کوپڙي) جو اڌڙ (اڌ) هڪ پيالي وانگر سنئون سڌو پيو هو. هُن ڏٺو تہ انهي اڌڙ ۾ ڪجهہ پاڻي پيل هو، جيڪو پراڻو ۽ سنهاري (ڪائي) لڳل هو، ۽ صفا سائو نير ٿي ويو هو. هو اجا ڪجهہ اڳتي وڌي يا نہ تہ اوچتو واسينگ (ڪاريهر/ ڪنگ ڪوبرا) جو شوڪارو ٿيو. موت جي آس هوندي بہ موت کي ويجهو ڏسي جُڪي، هبڪي، اتي ئي موريل ٻوٽن ۾ لڪي ويو. رات چانڊوڪي هئي ۽ چنڊ جي تيز روشنيءَ ۾ هو سڀ چٽي طرح ڏسي رهيو هو، هُن ڏٺو تہ هڪ بيحد وڏي جسامت وارو ڪارو ڪٽ واسينگ نانگ مستيءَ ۾ جهومندو، شوڪارا هڻندو پيو اچي، اچڻ ساڻ هن کوپراٽي جي اڌ وٽ اچي جنهن ۾ سنهاري لڳل پراڻو پاڻي پيل هو. ان ۾ هڪدم پنهنجو سڄو زهر اوڳاڇي ڇڏيو. بنا ڪنهن نهار نگاهہ جي وري ائين ئي تڪڙو وريو، ۽ جتان آيو هو وري بنا دير اوڏانهن هليو ويو.

'بيمار جيڪو اڳ ئي موت جي آس کڻي گهران نڪتو هو، اهو اهڙو سولو موت اڳيان ڏسي خوش ٿي ويو ۽ وِرمَ (دير) ئي نہ لاتائين، اڳيان وڌي اچي ٻنهي هٿن سان کوپراٽيءَ جو اڌ پيالي وانگر کڻي، اکيون ٻوٽي اهو سڀ پي ويو.

'اهو پيئڻ شرط اهو اگهو اَرو (چڱو ڀلو) ۽ نوبنو ٿي ويو. ۽ ڪلندو خوش ٿيندو گهر ڏانهن موٽيو.'

ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ لقمان حڪيم پنهنجي مطب ۾ وينو هو تہ هڪ تندرست، طاقتور ۽ سَبرُ نوجوان وٽس آيو. جنهن ايندي ساڻ حڪيم کان پڇيو، "مون کي سڃاڻو ٿا؟" لقمان حڪيم ڪيس سڃاڻڻ کان نابري واري تہ نوجوان چيو، "حڪيم صاحب، آئون اهو ئي مريض آهيان جيڪو ڪجهہ وقت اڳ اوهان وٽ علاج لاءِ آيو هو، ڇو تہ اوهان لاءِ مشهور هو تہ سواءِ وهم جي ٻيو هر مرض جي دوا اوهان وٽ آهي. حڪيم صاحب ، آئون وهم جو مريض نہ پر جسماني مريض هئس جنهن جي مرض جي دوا اوهان وٽ نہ هئي. ۽ اوهان ان ڪي بنا دوا ڏيڻ جي نااميد ڪري مرڻ لاءِ موٽائي ڇڏيو هو. اڄ ڏسو. منهنجي مرض جي دوا هئي ۽ آئون ٺيڪ ٺاڪ ٿي ويو آهيان."

لقمان حڪيم بنا ڪنهن متاثر ٿيڻ ۽ بنا هُند گُند جي چيو، "ٻچا، هاڻي ياد آيم تہ تون ڪير آهين. تنهنجي مرض جي دوا جي مون کي خبر تہ هئي پر اها دوا ڏيڻ منهنجي وس ۾ نہ هئي. بلڪہ سواءِ قدرت جي ٻئي ڪنهن بہ ماڻهوءَ جي وس ۾ نہ هئي ۽ قدرت اها دوا توکي کي ڏني."

نوجوان هجت مان چيو، "حڪيم سائين، اها دوا ڪهڙي هئي جيڪا اوهان جي وس ۽ اختيار ۾ نہ هئي؟"

لقمان حڪيم چيو، "تنهنجي مرض جي دوا اها هئي تہ، ڪنهن تمام پراڻي انساني کوپڙي ۾ سالن کان مينهن جو پاڻي پيل هجي اهو مينهن جو پاڻي ايڏو پراڻو هجي جو پنهنجو رنگ ئي مٽائي وجي، جنهن ۾ هڪ تمام وڏي ڄمار ۽ وڏي جسامت وارو واسينگ نانگ چانڊوڪيءَ رات ۾ مست ٿي اچي، ان کوپڙيءَ ۾ پيل پراڻي پاڻيءَ ۾ پنهنجو سڄو زهر اوڳاڇي ڇڏي. ان وقت مريض جو بہ اتي بروقت موجود هجڻ ضروري آهي ڇو جو جڏهن واسينگ، کوپڙيءَ ۾ پيل پراڻي پاڻيءَ ۾ زهر اوڳاڇي تہ اهو تازو زهر پيل پاڻي بنا دير جي مرض کي پيئڻو آهي، ۽ ائين جي سڀ ڪجهہ ٿي پوي تہ اهو ئي علاج اهڙي مرض جو آهي ۽ توسان بہ ضرور ائين ئي ڪجهہ ٿيو آهي. اها هئي تنهنجي مرض جي دوا، جيڪا منهنجي وس ۽ اختيار ۾ نہ هئي، اهو ڪرشمو قدرت جي وس ۽ اختيار ۾ هو..... ۽ قدرت توکي بچائي ورتو آهي."

'اهو ٻڌي نوجوان روئندو لقمان حڪيم جي پيرن تي ڪري پيو ۽ پنهنجي ڪوتاهين جي معافي وٺڻ لڳو." ڳالهہ پوري ڪري عمر بڪڪ مشڪي چيو، "اهوئي امرت اسان جي اوئيءَ (پخال) ۾ بہ سنڌيل هو. جيڪو لقمان حڪيم جي مريض گهان (وانگي) اسان مئلن کي بہ جياري ويو هو."

مون چرڪي پڇيو، "ڏاڏا، اوئي تہ الاهي وڏي هئي ۽ پريل بہ هئي. ٻيو پاڻي ڪيڏانهن ويو؟" عمر بڪڪ ڪلي چيو، "ابا، ان مهل اها سونت ۽ نوا (سمجهہ) ڪٿي هئي جو ان آب حيات جو قدر ڪري سنڀالي رکون! اسان جيئرا ٿياسين تہ مال ياد آيو جيڪو پوين پساهن ۾ هو. ان کي ڏُڪُ ڏُڪُ سُرُڪُ سُرُڪُ پياريوسين تہ اهو بہ هلڻ جهڙو ٿيو."

عمر خان بڪڪ تي شاديون ڪيون ڪيرن پٽن، پوٽن، ڌيئرن ۽ ڏوهٽن وارو هو. سڀ ئي زالون ۽ ٻار منجهانس (هن مان) گهڻو خوش هئا، ڪڏهن بہ ڪنهن گهر ياتي ۽ اوڙي پاڙي کي ساڻس شڪايت نہ ٿي. هن ڪنهن کي بہ ڏک نہ رسايو. ڪنهن ڪزاني پرڏيل ڌيئرن جي گهر ويندو هو تہ ناني، ڌيئر ۽ ڏوهٽا، ڪيس پيرِ وانگي پوڄيندا هئا.

بهادر انسان هو تڏهن (ورهاڱي ڪان اڳ) هو مال جي سانگي سجاول ۽ دڙي جي پاسي رهيل هو. سنڌو درياهہ تڏهن مست الست، موجن پريو هو. ٻيلا سرسبز ۽ گهرا هوندا هئا. سندس مال ٻيلن ۾ هو ۽ پاڻي پيارڻ لاءِ مال کي سنڌوءَ جي ڪناري وٺي ويندا هئا. اتي واڳوئن جي حڪمراني هوندي هئي.

سندس وڏو ڀاءُ خان محمد بڪڪ هڪ ڀيري مال کي پاڻي پيارڻ ويو، جيڪو پڻ ڏاڍو بهادر ۽ جاننو هو. درياهہ جي ڪناري تي مال کي واڳوئن ڪان بچائڻ لاءِ، اهي پاڻ لنيون هٿن ۾ کڻي چيلهہ جيڏي پاڻيءَ جي اندر وڃي بيهندا هئا. پاڻيءَ ۾ لنيون هڻي شپڪا ڪري واڳوئن کي پري ڪندا هئا. ننڍا واڳو تہ هٽي ويندا ها. وڏن کي هٽائڻ لاءِ وڏيون ڪوششون ڪرڻيون پونديون هيون ۽ وڏيون مشڪلاتون پيش اينديون هيون.

هڪ ڀيري هڪ بيحد وڏو واڳو هيٺا هيٺي (زوران زوري) اڳيان وڌندو آيو. هنن ڪيس پٺيان ڌڪڻ جي وڏي ڪوشش ڪئي پر هو نہ رڪيو ۽ خان محمد بڪڪ تي حملو ڪري سندس ٽنگ ۾ وات وڌو.

خان محمد بڪڪ سگهارو مڙس هو. اهو واڳوءَ کي ڪناري تائين گِهِري (گهلي) آيو. پريان ٻينل ڌراڙ کي هڪل ڪري هن ڪان ڪهاڙي گُهريائين پر ڌراڙ ياڙيو ٿيو ۽ ڪيس ڪهاڙي ڏيڻ لاءِ اڳيان نہ وڌيو. هُو اڪيلي ئي واڳوءَ سان مقابلو ڪندو ڪيس لنيون هڻندو بار بار ڪناري تي وٺي پي آيو. اهو نظارو پريان ٻينل ڌراڙ ڏسي رهيو هو. نيٺ واڳو ڪيس گِهِري پاڻيءَ ۾ کڻي غائب ٿي ويو. ڌراڙ ڊوڙي وڃي گهر ٻڌايو، سڀ ئي ڊوڙندا ڪناري تي آيا. پر اتي ڪجهہ بہ نہ هو سواءِ انهن هٿن جي گيساٽن (نشانن) جي، جيڪي هن واڳوءَ کي بار بار ڪناري تي آڻيندي ڪيا هئا.

عمر بڪڪ بہ ڪناري تي آيو پنهنجي دلير ياءُ جي هٿن جا ۽ واڳوءَ سان اڪيلي سر ويڙهہ ڪرڻ جا نشان ۽ گيسات ڏسي سندس اکين ۾ لڙڪ تري آيا جيڪي هن بيدرديءَ سان هٿن جي ترين سان رهڙي ڇڏيا.
پوءِ تہ وڏا وس ڪيائون، ٽوبا آيا، رڇ پيا. پر لاش هٿ نہ آيو. خان محمد بڪڪ جي سگهاري ۽ ڏاهي ماءُ سائينءَ ڏني، پٽ جي ملڻ جي آس ۾ چاليهہ ڏينهن سنڌوءَ جي ڪناري تي ويٺي رهي ۽ ڪناري ڪي تڪيندي رهي. سندن پٽن ۽ پوٽن ڪيس گهر وٺي وڃڻ جي ڏاڍي ڪوشش ڪئي. پر هوءَ پنهنجو هانءُ درياهہ کان پلي نہ سگهي. چاليهي تائين اتي ئي ويٺي رهي ۽ روئندي رهي. درياهہ جي ڪناري واري رائي سندس اکين ۾ پوندي رهي. هوءَ پنهنجو نور وڃائي نيٺ گهر موٽي آئي.

عمر خان بڪڪ کي ياءُ جو ڏک جهوري ويو هو. پر سندس اندر ۾ واڳوءَ کان بدلو وٺڻ جي باهہ ٻرندي ڪوروا ٿيندي وئي. هن گهڻو ئي ڳوليو پر ڪيس اهو واڳو نظر نہ آيو. هو واڳوءَ کي سڃاڻندو هو ڇو تہ اهو بادشاهہ واڳو هو ۽ پنهنجي وڏي جسامت ڪري سَوَن ۾ سڃاتل هوندو هو.
هونئن بہ جهنگ ۽ جبل جي ماڻهوءَ وٽ پنهنجن پَٽن ۽ پاڻين جي مخلوق ساريل هوندي آهي. خان محمد بڪڪ کي تہ واڳو ڪٽي ويو. پر عمر بڪڪ اها جوءِ نہ مٽائي، ۽ اتي ئي مال کي پاڻي پيارڻ ويندو رهيو.
ٻپ تہ عمر بڪڪ جي سرشت ۾ ئي نہ هو، سيني چيس تہ 'اها جوءِ مٽاءِ، واڳو هڇاخور آهي. هاڻي تہ هيڪاري ماڻهوءَ جو رت چکيو اٿس." هُن کي انهن ڳالهين جو ڪو اثر نہ پيو هُن جو تہ پلاند هو، واڳوءَ تي اهو ڪيئن ٿو واڳوءَ جو پاڙو ڇڏي سگهي.
هڪ ڏينهن هو ڪهاڙي هٿ ۾ جهليو مال کي پاڻي پياري رهيو هو تہ اوچتو واڳو پاڻيءَ مان نڪتو. مال ٽٽو (ڀڳو) پرواڳوءَ هڪ وڏي گهٽي کي ڀڄندي پويون ٻہ ٽنگون وات ۾ جهلي ورتيون.
عمر خان بڪڪ بروقت بيٺل هو ان بجليءَ جي تيزي سان گهٽي جون اڳيون ٽنگون جهلي ورتيون. چوندا آهن تہ واڳو پاڻيءَ جو شينهن آهي ۽ پاڻيءَ ۾ ڏاڍو سگهو آهي. تنهن عمر بڪڪ کان گهٽو ڇڏائڻ ۽ پاڻيءَ ۾ اندر نئڻ جي وڏي ڪوشش ڪئي. پر سگهاري ۽ بهادر عمر خان بڪڪ گهٽي جون اڳيون ٻئي ٽنگون جهلي واڳوءَ کي پاڻيءَ مان ٻاهر ڪڍي آيو. ڪهاڙي سان سندس منهن ۽ نڪ تي لڳاتار وار ڪرڻ لڳو. واڳوءَ جو وات گهٽي جي ٽنگن مان نڪتو تہ عمر بڪڪ گهٽي کي ڪٽي پويان اڇلائي، بدستور واڳوءَ جي منهن تي ڪهاڙين

جا وار ڪيا، ۽ هڪ اهڙو وار بہ ڪيائين جو ڪهاڙي واڳوءَ جي نڪ ۾ متي ۾ سَڪُ گڇي وئي. ۽ ٻاهر نڪري نہ سگهي. تڏهن هُن ڪهاڙيءَ مان هٿ ڪڍيا ۽ پري تي بيٺو. واڳو رت ڳاڙيندو ڪهاڙيءَ سميت پاڻيءَ ۾ اندر هليو ويو.
ڪجهہ ڏينهن ڪان پوءِ سندس ساٿي ۽ علائقي واسي وٽس آيا تہ فلاڻي هنڌ واڳو مئو پيو آهي. تنهنجي ڪهاڙي اجا بہ متي ۾ گتل اٿس.
عمر بڪڪ ساڻن گڏجي ان پاسي ويو تہ اهو ساڳيو ئي واڳو هو. هُن وڏي واڳوءَ جي متي مان پنهنجي ڪهاڙي واڳوءَ جي منهن تي لت رکي ڪڍي ورتي ۽ سندس ساٿين واڳوءَ جو پيٽ ڪهاڙين سان چيريو تہ پيٽ ۾ عورتن جا سونا زيور ۽ ٻيو بہ گهڻو ڪجهہ نڪتو جن ۾ انساني هڏيون بہ هيون. يعني ان واڳوءَ عورتن سميت الائي ڪيترا ماڻهو ڪاڏا هئا.
عمر خان بڪڪ پنهنجي ڪهاڙي ڪلهي تي رکي پاءُ جو پلاند واڳوءَ ڪان وٺي سرخ روءُ موٽي آيو.
عمر خان بڪڪ جي ذهانت، بهادري ۽ شخصيت ڏسي مون کي اِن ٽوئانگ جي چوٽي ياد اچي ويندي آهي تہ، "دنيا ۾ ڪنهن صحت مند ۽ عقلمند پوڙهي ڪان وڌيڪ ٻي ڪابہ خوبصورت چيز ناهي."
سندس ڪهاڙيءَ جو واڳوءَ جي متي ۾ گڇڻ ۽ ٻاهر نہ نڪرڻ واري واقعي تان مون کي لسبيلي جي اربيلي ۽ رزميہ شاعر نم جي هڪ املهہ سٽ اتي نهڪي ايندڙ لڳي تہ، "ڪَوسيون ڪپارن ۾، ٿيون ڇهٽيو چَڪَ وجهن..."

بولي ٻجهارت، جوڳيان سندي ذات جي
ڏورڻ گهڻو ڏاکڙو، هلڻ ۾ حيرت
عجب عبادت، پهہ پروڙڻ ان جو.
(شاهہ رح)

عمر خان بڪڪ جي وڏي جمار جا وڏا قصا، ڳالهيون ۽ ڪارناما ٻڌي انسانيت تي فخر ٿيندو آهي.
مون کي پاڻ تي بہ فخر آهي تہ مون سندس ڳالهيون، سندس واتان، سندس روبرو ويهي ٻڌيون آهن.

ميڪسم گورڪي چوي ٿو تہ، "مون وٽ سادا دل ۽ گمنام انسان پنهنجي تجربي ۽ مشاهدي جا لازوال تحفہ کڻي اچن ۽ منهنجي روح کي مالامال ڪن. اهي انهن کان بهتر آهن جو پڙهيل ڪڙهيل اچن ۽ مڪر ۽ فريب سان منهنجي روح کي رنج پهچائين."

# هڪ معجزاتي ڪردار
# صاحب ڏني بڪڪ (جمعاڻي)

سناسي خان بڪڪ (جمعاڻي) جي سؤٽ ۽ سندس جيون ساٿياڻي بيحد خوبصورت، سگهڙ ۽ علم حاصل ڪرڻ جي تمنائي، صاحب ڏني بڪڪ.

جبل ۾ اتي رهيل جتي سواءِ پنهنجن جي ڪجهہ گهرن جي، ٻيو مڙئي الو الا، نڪو اوڙو نڪو پاڙو، جبل ئي جبل، مضبوط ڪوٽن جيان اڀا، لوهي ڪلن وانگر زمين ۾ نوڪيل.

ڏونگرَ پُونيين ڪِيرَ، سَجڻ مَيخُون ڏُونگرين.

جتي ڪنهن مزمان (مهمان) مڙهي جو اچڻ بہ ڏکيو. سالين ڪالين ڪوٽڙيو ڦڙيو اچي منهن ڪڍندو تہ ڪيس اکين ۾ اوتارا، هانءَ ۾ هنڌ ۽ جيءَ ۾ جايون ڏيندا، نہ پائيندا تہ ڪٽي وهاريونس.

صاحب ڏني، گهر ۾ سيني ڪان ننڍي هئي ۽ گهٽي دادلي پڻ هئي. هوءَ دادلپائيءَ جي لائق بہ هئي، جو منجهس ڪو بہ ڪُرُ زيانُ (عيب) ڪونہ هو. هر نيت ۾ سوهڻي هئي.

اجا 11-12 سالن جي مس هئي تہ وٽن هڪ نوراني چهري وارو اڌڙوٽ سباجهو ماڻهو منمان (مهمان) ٿي آيو. انهن حسب دستور ڪيس مانَ مان آئِڪَر (پليڪار) ڪئي. جڏهن ٻڌايائين تہ، 'سيد آهيان' تہ ڪٽون هنڌ وڇائجي ويا، هٿ پير ڌارڻ لڳا. دل جي دالانن ۾ دلبر وانگي رهايائونس. هن پنهنجو نالو سيد غلام رسول شاهہ ٻڌايو. مايون بہ سندس منهن پيون، جيڪي عام مهمان جي اڳيان نہ ايندينون هيون. عام مهمان کي گهر ڪان پرتي چِٽرُ (تڏو) رلي وهاڻو، ڪَرٽو (ڪونئرو)، پاڻي ڪاڏو ڏبو هو. هيءُ تہ سيد سڳورو هو، گهر منجهہ ئي رهايائونس.

جهنگ جبل، جتي ڪنهن ملي موراڻي جو بہ اچڻ وڃڻ نہ هو جيڪو مُئي جيئري کي سُرهو ڪري. هي تہ سيد پير هو. وٽس ڪل مڏي هڪ تسبيح ۽ ٻيو بڪچو (بجڪو) هو، جنهن ۾ قرآن شريف هو. پاڻ نماز پڙهي جڏهن قرآن شريف جو دور مني آواز سان ڪرڻ لڳو تہ، هرڪو اکين ۾ پاڻي پري سِرڪي اچي وٽس وينو.

ڪوهستان جو ماڻهو عقيدي جو ڪمزور ڪونهي. جهڙو جبل مضبوط تهڙا پاڻ بہ مضبوط، مسلمان تہ مسلمان، هندو تہ هندو. بس، بي نڪا ويل (ويڪرائي)، نڪا ديگهہ، نڪو منڊ ڪامڻ تي وسهن نڪو تعويذ پليتي ڪي مڃين.

پرهي ته سيد سڳورو آيو هو، ان جو ته نمونو ئي اورُ (ٻيءَ طرح) هو. آواز جهيڻو ۽ مٺو. قرآن شريف جو دور قرئت سان ڪيائين ته، ڄڻ ڪَنجهاڻيڪا ڪري وڳا، سيني جا پوزرا اڀري وار ڪاندارجي ويا.
صاحب ڏني معصومڙي ٻه اچي سائينءَ جي ويجهو ويٺي. سائينءَ قرآن شريف بند ڪري سندس ملوڪ منهن ۾ نهاري پاٻوهه مان پڇيو، "امان، قرآن شريف پڙهنديءَ". صاحب ڏنيءَ جون روشن اکيون تارن وانگي ٽمڪي پيون. هن هاڪار ۾ ڪنڌ ڌوڻيو ته سائينءَ اتي وجي کيس وضو ڪرايو. پاڻ سان گڏ ويهاري کيس قرآن شريف پڙهائڻ لڳو.
سڀ ئي مائٽ حيرانيءَ مان ڏسڻ لڳا ته، جيئن جيئن سائين پڙهائيندو وجي، تيئن تيئن هيءَ ٻارڙي ٻه سندس پويان پڙهندي پئي وجي.
سائين کيس ڏينهن رات پڙهائڻ لڳو ۽ هوءَ بنا تنگ ٿيڻ جي ڏينهن رات شوق سان قرآن شريف پڙهندي هئي. هڪ ته سائينءَ جي پڙهائڻ جو حيرتناڪ طريقو ۽ ٻيو ان ٻارڙيءَ جي ذهانت، شوق ۽ اٽورچائي. هوءَ قرآن شريف پاٽيءَ وانگر پيئڻ لڳي. اجا هفتو مس ٿيو هو ته سائين انهن ڪان ائين چئي موڪلائي ويو ته، "وري ايندس."
انهن کيس گهڻو ئي جهليو ته اجا ٻه ٽي ڏينهن رهي پئو، ترسو پر هن نه مڃيو. صاحب ڏني کيس حيرت مان تڪي رهي هئي. جڏهن سائينءَ هن ڪان ٻه موڪلايو ته هن رڳو ايترو چيو، "سائين، منهنجو قرآن شريف اجا پورو نه ٿيو آهي." ته سائينءَ مشڪي ڏانهنس ڏسندي سندس مٿي تي پيار مان هٿ گهمائي چيو، "امان، تون فڪر نه ڪر! آئون توکي سڄو قرآن مجيد پڙهائي پوءِ ويندس." هو هليو ويو.
سائينءَ جي شخصيت اهڙي عجيب ۽ ايڏي سنجيده هئي جو ڪنهن کي ٻه ساڻس گهڻو ڳالهائڻ جي همٿ نه ٿيندي هئي.
ٻه ٽي ڏينهن گذريا ته سائين موٽي آيو. سڀ ئي حيران پريشان ته ڪيڏانهن ويو هو؟ ڪيئن آيو آهي؟ نه اٺ نه گهوڙو نه ئي ٻي ڪا سواري اٿس...... پر هو پڇي نه سگهيا.
وري ٻه هفتو مس رهيو ۽ وري هليو ويو. نڪو ڪير پڇي سگهي، نڪو ڪير جهلي سگهي. ڄڻ مٿس صاحب ڏنيءَ کي قرآن شريف پڙهائڻ جي ذميداري رکيل هئي، جيڪا هو نڀائي رهيو هو.
وري آيو، وري ٻه ٽي ڏينهن رهي وڃڻ لڳو ته ماڻهو ٻه ساڻس گڏ هلڻ لڳا. جيئن جبل وارن جو دستور آهي ته مهمان کي موڪلائڻ مهل ساڻس گڏجي اڌ وات تائين ته ضرور وڃبو آهي.

ڪراچي جهڙي وڏي شهر ۾ به جابلو ماڻهن جو اهو ئي دستور آهي. دروازي تائين ته ضرور ساڻس گڏجي وڃبو. يا جي گاڏي آهي ته گاڏيءَ تائين گڏجي وڃبو.
جهنگ جبل ۾ ته مانائتي مهمان سان پري پري تائين گڏ وڃي واٽ تائين ڇڏي ايندا آهن.
سائين ته وڏي ڪان به وڏو مانائتو مهمان هو جنهن سان اڳ به وڃڻ چاهيائون، پر سائينءَ جو بيزاريءَ وارو رويو ڏسي ڊڃي بيهي رهيا. هاڻي جو سائين ڪِ تي پيرا آيو ته ڪين ٿوري همٿ ٿي. اهي وڃڻ مهل ساڻس گڏ هلڻ لڳا ته سائينءَ ڪين سختيءَ سان منع ڪندي ائين به چيو ته، "جڏهن به آئون وڃان ته، مون سان گڏ ۾ منهنجي پويان ڪوبه نه اچي." ائين چوندي سندس نوراني چهري تي قدرتي جلال اچي ويو هو ۽ ماڻهن ڪي چڻ تنبيهه ٿي وئي.
سائين، جڏهن ائين چئي هليو ويو ته هڪ همراهه چيو، "سائين اسان ڪي پنهنجي گُڏَ (پنيان) ۾ اچڻ کان ڇو ٿو جهلي؟ سو به ڪاوڙجي، اڄ آئون به ڏسندس."
جبل جو ميداني علائقو هو. سائين پيرين پيادو وڃي رهيو هو. هي سڀ ئي ڪيس ويندو ڏسي رهيا هئا. جڏهن سائين گهڻو پري هليو ويو ۽ مس ڏسڻ ۾ ٿي آيو ته اهو همراهه اٿيو ۽ سائينءَ جي پويان پيو . اهڙي نموني سان جو سائينءَ ڪي ستين واءَ مان واءُ به نه پوي!
هلندي هلندي هڪ هنڌ هڪ ننڍو وڻ آيو. سائين وڻ جي پنيان ويو ته وري نه نڪتو همراهه جبل جو هو. جبل وارن جي نظر تيز ٿيندي آهي. هن هيڏانهن، هوڏانهن ڏٺو. پر سائين ظاهر نه ٿيو. همراهه حيران ٿي ويو. يڪو وڻ ڪي تڪڻ لڳو ته هير (هينئر) ٿو نڪري.... هير ٿو نڪري. جڏهن گهڻي دير ٿي ۽ سائين، اڳيان پويان، آسي پاسي ڪٿان به نه نڪتو ته هو ڊوڙندو ڊوڙندو وڻ وٽ آيو. اچي ڏسي ته اتي ڪير به نه هو. همراهه اچي پريشان ٿيو ته ڪلي پَٽَ ۾ جتي پٽرو مُتِڪَو سڀ پڌرو آهي. اتي هيڏو سارو ماڻهو ڪيڏانهن غائب ٿي ويو؟ وري جان هيٺ نهاريائين ته پيرن جا نشان وڻ وٽ اچي دنگ ٿا ڪن. نه هيڏي نه هوڏي نه اڳيان نه پنيان.
همراهه جبل جو سياڻو ماڻهو هو ۽ پيرن جي سَرَتَنِ (نشانن) جو سَراز (ماهر) هو.
وري ڊوڙيو گهرن ڏانهن اچي سيني سان اها روئداد اوريائين. سيئي ڊوڙيا ان وڻ ڏانهن. وڻ وٽ اچي ڏسن ته واقعي اها ڳالهه هئي ته، پيرن جا سَرٽ وڻ ڪان ٻاهر ڪيڏانهن به ڪونه ٿي ويا. هرڪو حيران پريشان موٽي آيو.
صاحب ڏنيءَ جو اهو سڀ ٻڌو ته اچي روئڻ ۾ ڇٽڪي. چوي ته، "جڏهن سائينءَ چيو هو ته منهنجي پنيان متان اچو ته پوءِ ڇو وياءُ هاڻي الائي اچي نه اچي..." هوءَ روئڻ لڳي ته سيني ڪي گهڻو ڏک ٿيو.

اجا مس ٻہ ٽي ڏينهن ٿيا هئا، ڏسن تہ سائين غلام رسول شاهہ پيو اچي. بنا ڪنهن فرق جي اڳوٽيءَ وانگيان ماٺ ۽ سنجيده. سڀ گهڻو خوش ٿيا. زالين مڙسين ڊڊي ڊوڙ ٽي وئي، سڀ مڙي اچي مُچ ٿيا. صاحب ڏني تہ گلاب وانگيان ڪڙي رهي هئي.

صاحب ڏني کي قرآن شريف پڙهندي مس ڪو مهينو ڏيڍ ٿيو هو ۽ هوءَ بنا پڙهائڻ جي پاڻ ئي قرآن شريف پڙهڻ لڳي هئي. سڀ خوش ۽ حيران هئا.

سائينءَ کي نڪا حيرت نڪا خوشي، انهن ئي ڪجهہ ڏينهن ۾ صاحب ڏني قرآن شريف ختم ڪرڻ واري هئي، جيڪو هڪ انوکو معجزو ۽ ڪارنامو هو تہ جبل جي هڪ 11- 12 سالن جي ڇوڪري جنهن اڳ زندگي ۾ ڪڏهن ڪو ڪتاب اکين سان نہ ڏنو هو نہ ئي ڪو اکر.... اها ڪيئن ٿي ايترن ڏينهن ۾ سڄو قرآن شريف پڙهي سگهي!! پر ائين ٿي رهيو هو.

سائينءَ ايندي ساڻ پاڻي پيتو. صاحب ڏني وضو ڪري قرآن شريف کنيو ۽ هو ڪيس پڙهائڻ لڳو. سڀ حيرانيءَ مان ڏسندا رهيا تہ سائين هميشہ پيرين پيادو (پيدل) ايندو آهي. پرنڪو ٿڪ نڪو ٿيو تازو توانو.

قرآن شريف پڙهائيندي اوچتو سائينءَ چيو، "بابا، پٽ، هاڻي تنهنجو قرآن شريف پورو ٿيڻ وارو آهي." صاحب ڏني خوش ٿيڻ لڳي. سندس مائٽ بہ حيران ۽ خوش هئا تہ ٻارڙي ائين شوق ۽ باقاعدگي سان پڙهي رهي آهي.

سائينءَ ڪيس آخري سورتون پڙهائيون. اهي جڏهن صاحب ڏنيءَ پڙهيون تہ ڪيس دعاختمہ القرآن پڙهائي. 14 سجدا ڏيارئين. ۽ پوءِ دعا گهري ڪلمو پڙهي سندس مٿي تي هٿ رکي ڪيس مبارڪ ڏنائين. بعد ۾ سندس پيءُ مُنگهي خان ٻڪڪ کي پڻ مبارڪون ڏئي چيائين، "قرآن پاڪ پورو ڪرڻ تي شڪراني جو نياز ڪريو." منگهي خان ٻڪڪ ٻڪر کهي نياز ڪيو ۽ سائينءَ کي اجرڪ پارايا.

ٻئي ڏينهن تي سائين غلام رسول شاهہ، صاحب ڏني جي مٿي تي چمي ڏئي ڪيس قرآن شريف سوکڙي ڏيندي چيو، "قرآن پاڪ کي پڙهندي رهجانءِ هاڻي آئون هلان ٿو."

ڪنهن کي بہ ڪيس روڪڻ جي همٿ نہ ٿي سڀ ماڻهو سائينءَ لاءِ سوکڙيون ۽ الائي ڇاڇا کڻي آيا. منگهي خان ٻڪڪ ڪيس سوکڙيءَ ۾ اٺ ڏنو تہ سائينءَ چيو، "بابا، آئون هيڏي بار کي ڇا ڪريان؟" سيني کي سڀ موتائي ڏئي وڃڻ لڳو تہ مڙئي ساڻس روئي موڪلائڻ لڳا.

صاحب ڏنيءَ روئندي،لڙڪ لاڙيندي، سڏڪندي چيو، "سائين، وري اچجو." سائينءَ انهرو ٽي جواب ڏنو، "امان، پٽ، يا نصيب....." ۽ هليو ويو.

سائين جڏهن سيني ڪان موڪلائي هليو ويو ته ساڳيو همراهه جيڪو اڳ به سائينءَ جي پنيان ويو هو، اهو وري به سائينءَ جي ڪڍ ويو. تجسس ته هو!!. ڪيئن ٿو وڃي؟ ڪيڏانهن ٿو وڃي؟ اٺ به موٽائي ڏنائين.

ٻيا ته سڀ تجسس هوندي به سائينءَ جي چوڻ جي احترام ۾ سندس پويان نه ويا ته، "منهنجي پنيان نه اچو." پر ان نوجوان کي اڻ تڻ ته هئي ۽ جائز به هئي، ڇو جو وڻ جي پويان سائينءَ کي هن غائب ٿيندي ڏٺو هو.

هُو لڪي لڪي وري به سائينءَ جي پويان ۽ پري پري کان هلندو رهيو. جڏهن تمام گهڻو پنڌ ٿيو ۽ نوجوان به هلي هلي ٿڪجي پيو ته هن اهو اڻ وسهندڙ منظر ڏٺو، جيڪو تصور کان به ٻاهر هو. هن ڏٺو ته اوچتو سائين زمين کان مٿي ٿيو ۽ اڏامندو نظرن کان غائب ٿي ويو. نوجوان جا اوسان خطا ٿي ويا. هو بيهوش ٿي ڪري پيو. سندس پويان ماڻهو کيس ڳوليندا آيا جن اچي کيس بيهوش ڏٺو. ڪنهن وٽ پاڻيءَ جي اوئي (پکال) هئي جنهن مان ٻڪ پري مٿس ڇٽيائون، تڏهن هو مس هوش ۾ آيو پر گهڻو ٻاتاڙيل هو.

ماڻهو کيس گهر وٺي آيا جڏهن هو سامت ۾ آيو ته سيني سان اها ناقابل يقين ڳالهه سربستي ڪري ٻڌايائين. سڀ ئي ڳوٺ وارا مائٽ ڊوڙي آيا. وري به سيني کي ساڳي ڳالهه نئين سئين پيو ٻڌائي. اتي هڪ ڏراڙ ڊڄندي ڊڄندي چيو، "مون به اهڙو لقاءُ ڏٺو." سيني ڇرڪي کيس ڏٺو ۽ چيو، "تو ته ڳالهه ئي نه ڪئي ڇو؟ نندي ڳالهه ته نه هئي؟" چيائين، "مون کي پنهنجي اکين تي پاڻ ئي ڪو ويساهه نه ٿي آيو. مون ڀانيو ته منهنجي اکين ۾ ترِمرِ ٿي رهي آهي. جي ٻين سان ڳالهه ڪندس ته سڀ ئي ٺٺوليون ڪري بينوايو، بينوايو چئي مٿو کٽندا (چريو ڪندا)".

سيني چيس ته، "هاڻي ته ٻڌاءِ ڇا ڏٺئي؟" چيائين، "مال چارڻ ته روز ويندو آهيان تنهن ڏينهن به مال سان گڏ هيم. مال کي واري ورائي پي چاريم ته پري کان سائينءَ کي ڏٺم. ڏسان ته سائين وکون ته کڻي ئي نه پيو. مون کان گهڻو پري هو. پر آئون کيس ڏسي سگهيس پي ته هو زمين کان مٿي هو. ۽ هليو نه ٿي اڏاڻو پي. اکيون مهٽيم، گُنيم (اگهيم)، ته الائي رڄ آهي يا ڇا؟ پر پوءِ ڇتو ئي ڏٺم ته هو اڏامندو، اڏامندو گم ٿي ويو هو."

سائين غلام رسول شاهه جي اها ڪرامت، معجزو ۽ ڪرشمو جبل جي وڏڙن کي ياد آهي، ۽ اها ڳالهه نندين ۾ به مشهور آهي.

صاحب ڏني جيڪا اڳ ئي پنهنجي سلڇڻيءَ طبيعت جي ڪري دادلي هئي. اها وڌيڪ عزت ۽ احترام واري ٿي وئي. هوءَ جڏهن وضو ڪري قرآن شريف جو دور قرئت سان ڪندي هئي

تہ ماڻهو عقيدت مان روئي پوندا هئا. سندس مٿي تان هٿ گهمائي چوندا هئا، "ياڳن واري آهين. جنهن کي قرآن شريف پڙهائڻ لاءِ ڏٽيءَ عرشن مان اڏمندڙ فرشتو موڪليو. ملائڪ موڪليو هو."

صاحب ڏني هئي بہ اهڙي ئي حيادار، نندپڻ ۾ ئي سندس مڱڻو سندس سؤٽ سناسي خان بڪڪ (جيڪو پڻ ڪوهستان جي هڪ ڪردار جي صورت ۾ ڪتاب ۾ موجود آهي) سان ٿيل هو. اجا مس سامائي تہ سندس شاديءَ جون تياريون شروع ٿي ويون، هوءَ پرڻجي سناسي خان بڪڪ جي گهر آئي. ٻئي هڪ جهڙا سهڻا ۽ ذهين هئا، مائٽ ڪين گڏ ڏسي ٺرندا هئا. ڄڻ ٻنهي کي رب چوندي هڪ ٻئي لاءِ بنايو هو.

سناسي خان بڪڪ جون مصروفتيون انتهائي حيران ڪندڙ ۽ پراسرار هيون. جنهن جي ڪري هو گهر کي وقت گهٽ ڏئي سگهندو هو. پر صاحب ڏنيءَ ڪڏهن بہ منهن نہ گهنجايو. سندس غير موجودگيءَ ۾ مڙئي ذميداريون پنهنجي مٿي تي کنيائين. ڇو جو گهر ۾ سواءِ سندس چاچيءَ (سس) جي ٻيا سڀ مرد هئا. يعني سناسي خان وارا پاڻ ۾ ڇهہ (6) ڀائر هئا ۽ ڪين ڪا ڀيڻ نہ هئي.

صاحب ڏنيءَ جا مائٽ حيران هئا تہ هيڏي دادلي، جنهن گهر ۾ ڪک ڀڃي ٻيٽون نہ ڪيو (هن ڪان وڏيون ٿي پيئرون هيون ۽ اڪابر ماءُ ينيي هئي)، اها ڪيئن پئي سڄي گهر جا مَڏالا (ذميداريون) ڪٽي!!

جهنگ جبل جي رَهَڪ (رهڻي ڪهڻي) پلي ڪيڏي بہ سکي هجي، پوءِ بہ گهڻي اوکي ۽ خطرن سان ڀريل هوندي آهي. ڪک پن، ڪاٺي پاڻي وغيره سڀ گهر لاءِ عورتن کي ئي ڪرڻو پوندو آهي. پنڌ وڏا جتي اُٺ ڪان سواءِ ڪا سواري بہ نہ هجي. جبلن جي پنڌ ۾ اٺ جي سواري بہ گهڻي ڏکي هوندي آهي. ماڻهو پائنئين اُٺ گهوريو (نهيو) پير ئي وڏي سواري آهن.

هڪ ڀيري سندس ڀيڻ ڪَملُ (ڪَمي) وٽس آئي تہ، "امان نيڪ ڪانهي توکي ياد ٿي ڪري...." هن ڊجي چيو، "گهڻو نيڪ ناهي ڇا؟" ڪمل کلي چيو، "امان جي دادلي آهين سو زهيري (اڪنڊي) آهي سو....."

سناسي خان سفر تي اسهيل هو. هُن پنهنجي چاچيءَ (سس) ڪان موڪل ورتي، ۽ ڀيڻ سان گڏجي ماءُ جي گهر وڃڻ لاءِ نڪتي جيڪو هڪ ٻن جبلن جي پنيان هو.

صاحب ڏني گهر مان نڪتي تہ پاڻ سان لٺ بہ کنيائين تہ ڪمل کلي چيس، "پُرهہ (مرد) آهين ڇا لٺ ڇو کئين اٿئي؟" کلي ڀيڻ کي چيائين، "تو جهڙي ياڙي آهيان ڇا، جو پاڻ ڦرائيندس."

ڪمل ڪلي چيو، "طعنو تي هٽين؟" پيڻ کي ڪلي ياڪر پائي چيائين، "ماڻهوءَ کي ايڏو بہ ڏٻرو ۽ ڪمزور ٿيڻ نہ گهرجي، جيئن تون. گهٽ ۾ گهٽ ماڻهو پنهنجي سنڀال تہ ڪري سگهي. لَٽَ ان لاءِ ڪنئين اٿم تہ جهنگ جبل آهي. متان ڪو نانگ بلايا گدڙ ڀڳاڙ اڳيان اچي.... تہ بہ ماڻهو سڪتا هٿ تہ نہ هجي."

ڪمل خوف مان درڙي پري چيو، "پوءِ تون ڇا ڪندينءَ! انهن سان دَهَدُور (مدمقابل) ٿيندينءَ ڇا؟ منهنجو آسرو متان ڪرين. آئون ڀڄي وينديسان."

صاحب ڏنيءَ پيڻ ۾ نهاريو جيڪا هراسجي وئي هئي. چيائينس، "نہ، نہ دهدور ڪونہ ٿينديس، ڪجهہ ڪونہ ٿيندو، هل."

صاحب ڏنيءَ واريون پاڻ ۾ چار ڀينرون سمل (سمي)، ڪمل (ڪمي)، آسودي ۽ پاڻ صاحب ڏني ۽ هڪ ڀاءُ ڇتو خان بڪڪ هو (جيڪو پڻ ڪتاب ۾ هڪ ڪردار طور آيل آهي).

وڏي پيڻ سمي تمام گهڻو بهادر ۽ ساهو (برداشت ڪرڻ واري) هئي. ان کي سهڻ لاءِ ڏک بہ وڏا آيا. ڪيس ٽي ڀار هئا. بہ پٽ پنهون ۽ لونگ، ۽ هڪ ڌيءَ هئي. ٽئي ڀار جاننا، جوان، قداور ۽ طاقتور بهادر ۽ عزت وارا هئا. جن کي ڏسي غيرن کي حيرت وني ويندي هئي تہ هيڏا طاقتور ماڻهو بہ ٿيندا آهن!!

سندس وڏو پٽ پنهون ايڏو تہ طاقتور هو جو هڪ ڀيري ماءُ سان گڏ ٻيڙيءَ ۾ ڪيڏانهن ويو ٿي. پتڻ تي ٻيڙيءَ ۾ ڪي اٺ ۽ جوان گورا بہ چڙهڻا هئا، جيڪي نہ ٿي چڙهيا. ماڻهن گهڻيون ئي ڪوششون ڪيون. زور ڏنا پر گورا ٻيڙي ۾ چاڙهي نہ سگهيا. هونئن بہ اٺ لاءِ مشهور پهاڪو آهي تہ، "ائين ٿو گهَلَ ڪري جيئن پتڻ تي اُٺُ." اهو سڀ ڏسي پنهون اڳيان وڌيو ۽ هڪ هڪ گوري کي اڪيلي ئي ڪلها ڏئي ياڪرن ۾ پري اچلائي ٻيڙي ۾ وڌو. اهو ڏسي ماڻهن کي ڏندين آڱريون اچي ويون ٻنهي پائرن کي ڏسي ماڻهو سندن ماءُ سميءَ کان پڇندا هئا تہ، "امان، پٽ خوراڪ (طاقتور قسم جي معجون) تي پاليا اٿئي يا ڏاٽيءَ (طاقتور مرد) جو نسل آهن؟" تہ سمي پٽن ڏانهن نهاري چيو هو تہ، "جيجل، پليا تہ رَبَ تي آهن. باقي ڏاٽيءَ جو نسل ضرور آهن."

سميءَ جو گهر وارو الله رکيو بہ نهايت قداور، بهادر ۽ طاقتور مڙس هو جنهن جي هڪڙي لپاٽ (چماٽ) لڳڻ سان ڪنهن ماڻهو کي نڪ وات ۽ ڪن مان رت وهڻ جاري ٿي ويندو هو. جنهن چيو تہ، "هن کي هٿن ۾ وڏيون منديون پاتل آهن." جڏهن هن پنهنجا هٿ ڏيکاريا هئا تہ ڪيس ڪا هڪ بہ مندي پاتل نہ هئي.

اولاد سان هر ماءُ پيار ڪندي آهي. پر سميءَ جو پنهنجي ٻارن ۾ ساهه اٽڪيل هئي. وري قدرت جا انصاف ۽ تماشا ڏسو تہ سندس ٽيئي ٻار ڦوھ جوانيءَ ۾ سندس ئي اکين اڳيان گذاري ويا.
جڏهن پنهون ۽ پني لڏي (ڏيءَ) ڪان پوءِ سندس آخري سهارو سگهارو پٽ لونگ گذاري ويو تہ، هوءَ جيڪا عقل جي اڪابر هئي ٻين کي متيون ڏيندي هئي اها پاڻ مَتِ وڃائي ويني. پٽ جو جنازو گهر ۾ اندر رکيل هو. ۽ هوءَ گهر ڪان ٻاهر نڪري چيلهه ٻڌي پٽڻ ۽ شاهه جا بيت پارن ۽ اوسارن ۾ چوڻ لڳي. هي بيت تہ هرڪو سندس ڳالهه ڪندي هاڻي بہ ٻڌائي ٿو تہ سميءَ پنهنجي پٽ جا پار ڪندي هي بيت چيو هو،

"گهوڙن هنئين سيڪا، انن هنيس آنءُ
جا نينهن ڳنهندي نانءُ، سامون جيئن پوندي مامري."

صاحب ڏنيءَ جي ٻي پيڻ ڪمي (ڪمل)، جيترو سندس ٻيون پيٽون بهادر هيون اوتري ئي هيءَ وري صفا ڊڄڻي هئي. جڏهن سندس نئين نئين شادي ٿي هئي، يعني اجا هوءَ ڪنوار هئي. زيور وغيره بہ سڀ پاتل هونداهيس پر جيئن جبل جو دستور آهي تہ، گهر جي ڪاٺي پاڻي عورتن جي حوالي هوندي آهي، سو ڪمي بہ پاڻي ۽ ڪاٺي لاءِ گهران نڪتي. ٻيون سهيليون، ساهيڙيون اڳ نڪري ويون هيون هيءَ بہ سندن پنيان نڪتي. اجا اڌ واٽ ۾ هئي تہ سامهون هڪ ماڻهو سڄو چادر ۾ ويڙهيو- سيڙهيو بينو هو. ان نڪو ڳالهايو نڪو ٻولاهيو رڳو ماٺ ڪيو وچ واٽ تي بينو هو. ڪميءَ ڇاڪيو جو دانهن ڪري ڪيس چيائين، "جيڪو بہ آهين متان اڳتي وڌيو آهين. مون وٽ جيڪو بہ آهي اهو پٿري تي رکيو ٿي وڃان. هڪدم پنهنجا سمورا زيور، نٿ سميت ڪڍي پٿري تي رکيا تہ اهو ماڻهو، جيڪو سندس ڪو سؤٽ ماسات هو جنهن يوڳ ڪرڻ ۽ ڪلائڻ لاءِ اهو سانگ ڪيو هو. تنهن ٺهڪ ڏئي اجرڪ منهن تان هٽايو. پرهوءَ ايڏي تہ ڊنل هئي جو سڀ زيور ڪڍي اڇلائي وٺي گهر ڏانهن دانهون ڪندي ڀڳي هئي. اهو ماڻهو بہ زيور ڪٺي سندس پنيان ئي، "ادي، ادي" ڪندو پي آيو، گهر اچي هوءَ بيهوش ٿي ڪري پئي.
سندس گهر واري ان ماڻهوءَ سان ڏاڍي جٺ ڪئي. ڪيس چڙٻون ڏنائين تہ، "هي ڪهڙو يوڳ آهي؟ توکي تہ خبر آهي تہ هوءَ ڊڄي ٿي، صفا ڪو ڇڻ آهين. منهنجي گهر واريءَ کي جي ڪجهہ ٿيو تہ......"

پوءِ مس مس ڪري ڪيس هوش ۾ آندو هئائون. ٽين ڀيڻ آسودي جيڪا جواني ۾ ڪنواري ئي گذاري وئي، اها پڻ نهايت طاقتور ۽ سگهاري هئي. سندس مگڻو ٽيل هو. جبل ۾ ڇوڪري پنهنجي مگڻيندي کان منهن ڍڪيندي آهي.

هڪ دفعي سندس خاندان جي مردن ۾ اهو مقابلو ٿيو ته ٽَيرَ (وڏو ٻڪر) جي وڍيل ڪچي سِسِي (منڍي) ڪي ڪير ٿو طاقت ۽ زور سان وات ڦاڙي ٻه اڌ ڪري سگهي؟ گهر جون عورتون ٻه گڏ هيون. جبل جون عورتون طاقتور ۽ سگهاريون آهن، جيڪي گهر ۾ ٿيندڙ اهڙن مقابلن ۾ حصو به وٺنديون آهن. سيني پي زور آزمايو، آسوديءَ جو مگڻيندو به مقابلي ۾ شامل هو جنهن جي ڪري هوءَ گهر جي اندر ئي هئي. سندس مگڻيندي کي پنهنجي مگڻينديءَ جي طاقت جي خبر هئي. ڇو ته اها سندس سؤٽ هئي. ان چيو ته، "سِسِي گهر اندر وجي آسوديءَ کي ڏيو ته اها به سگهه آزمائي!" سيني چيو، "سهي آهي."

عورتون سِسِي کڻي اندر آسوديءَ وٽ آيون. ۽ کيس چيائون ته، تنهنجي مگڻيندي تنهنجي سگهه آزمائڻ لاءِ موڪلي آهي." هن عورتن کان سسي ورتي ۽ هڪ ئي سٽ سان سسي کي ٻه اڌ ڪري کين موٽائي ڏني، ته سيني ماڻن، مردن جا ٽهڪ ٽڙي پيا. هر طرف واهه واهه ٿي وئي.

صاحب ڏني چوٿين نمبر تي هئي ۽ سيني کان گهڻو مختلف هئي. هوءَ بهادر، بي ڊپي ۽ بيپرواهه هئي. جهنگ جبل ۾ بنا ڪنهن خوف جي هليو ويندي هئي.

صاحب ڏني ۽ ڪمي ٻئي ماءُ ڏانهن وجي رهيون هيون. ٻن جبلن وارو پيٽ جهاڳي اڳئين جبل تي چڙهيون. وَسَ (مينهن) جي مند هئي. جبل سڄو ڏٽ مان ڇنجهٽيون (مڪمل پريل) هو. ٻئي پيٽرون هلنديون، ڪلنديون ڪٽان ڳاڱي، ڪٽان ڳاڱو، ڪٽان ڇيڙ، ڪٽان ڪنالي، ۽ ڪٽان ٻير، چننديون داٽو داٽو وات ۾ وجهنديون چٻينديون پي وييون ته، اوچتو واسينگ نانگ جو ڦوڪارو ٻڌائون. ٻئي ڇرڪي بيهي رهيون جان نهارين ته وات تي سامهون ئي سامهون هڪ اجگر واسينگ ڦڻ ڦلهاريو کين گهوري رهيو آهي. ڪمي ته وٺي جبل جي ٻي پاسي کان ڀڳي، پر صاحب ڏني بيهي رهي، جيئن ئي واسينگ وڌيو هُن جي لٺ وڄ وراڪو ڪري نانگ جي مٿي ۾ لڳي ته نانگ مُڇَ (ڍير/ گڏ) ٿي ويو . وري ٻي لٺ به ساڳئي طرح نانگ جي مٿي ۾ هنيائين ته نانگ پورو ٿي ويو. نانگ ماري ڀيڻ کي سڏيائين ته کيس ڪو به جواب نه مليو. هوءَ لٺ هٿ ۾ جهلي مشڪندي جبل تان هرٽي وانگي ڇالون ڏيندي، ماءُ جي گهر پهتي ته ڪمي رليءَ ۾ ڏڙٻي (ڏڪي) رهي هئي. صاحب ڏنيءَ ٽهڪ ڏئي سندس منهن

تان رلي ڪنئين (هٿائي) ته هوءَ ٻَري (تپ) جي لُٽِ (گهٽو) ۾ هُڙِڪي رهي هئي. ڪيس ڊپ مان سيئوٻرو (سرديءَ سان بخار) اچي ويو هو.
صاحب ڏني ماءُ سان ملي، ڪيس نيڪ ڏسي ڪلي ڪميءَ ڏانهن اشارو ڪري پڇيائين، هِن ڪي ڇا ٿيو آهي؟" ماءُ مشڪي چيس، "نانگ، نانگ ڪندي اچي رليءَ ۾ پُٽرِي (گهڙي) آهي."
ايتري ۾ سندس پاءُ ڇتو خان بڪڪ به آيو جنهن کي نانگ مارڻ جي ڳالهه ٻڌايائين، جنهن چيو ته، "ائين ڪڏهن به ڪاري نانگ کي ماري اڇلائي نه ڇڏبو آهي! نانگ جو متو ڇِلي (ڇٽي) ڪيس ڪفڻ (ڪفن) ڏئي دِڪبو (دفن ڪبو)آهي."
صاحب ڏني، پاءُ ۽ سوٽن سان گڏجي متي جبل تي آئي ۽ اچي ڪين مئل نانگ ڏيکاريائين. ڇتو خان بڪڪ غير معمولي شخصيت جو مالڪ هو، جنهن هڪدم نانگ جي اکين ۾ نهاريو (چوندا آهن ته نانگ کي جڏهن ڪو ماريندو آهي ته مارڻ واري جي تصوير نانگ جي اکين ۾ رهجي ۽ ڇٽجي ويندي آهي، جي نانگ نر هوندو ته نانگڻ اچي اکين ۾ ڇٽيل تصوير ڏسندي آهي. جي نانگڻ ماريل هوندي ته نَرُنانگ اچي اها تصوير ڏسندو آهي ۽ پوءِ پلاند ڪندا آهن نانگ جو بدلو وٺڻ واري ڳالهه دنيا ڄاڻي ٿي). بلڪل ائين ئي ڇُتي خان نانگ جي اکين کي ڏٺو پر نانگ جو متو ۽ اکيون ڇٽيل هيون ۽ وات مان ڪا شيءِ نظر اچي رهي هئي. هُن نمي (جهڪي) ڏٺو ته نانگ جي وات ۾ ڪنهن ٻيءَ بلاجي پڇڙي ظاهر ٿي رهي هئي. ڇتي خان بڪڪ نانگ جي پڇ تي لت رکي وات ۾ پيل پڇڙي کي جو ڇڪيو ته، اها نڪرندي آئي تان جو اها سڄي ڪوراڙ بلا ظاهر ٿي، جنهن کي واسينگ نانگ ڳهي ويو هو. ٻنهي کي ماپيائون ته اهي تقريبن ست ست فٽن جون هيون. انهن بلائن کي پنهنجي قد سان ماپيائون، جيڪي پاڻ به ڇهن فٽن کان متي هئا ۽ بلائون ته انهن کان به ڊگهيون هيون. انهن ڪڏون ڪوٺي ٻنهي بلائن کي ڪپڙي ۾ ويڙهي دفن ڪري موٽي آيا.
سناسي خان بڪڪ جڏهن سفر کان موٽيو ۽ ڪيس پنهنجي سورهيه سياڻي گهر واريءَ جي نانگ مارڻ واري ڳالهه جي خبر پئي ته ڏاڍو خوش ٿيو.
سناسي خان کي پنهنجي گهر واريءَ سان ڏاڍو چاهه هو. هو سندس غير موجودگيءَ ۾ سندس ذڪر خوشيءَ ۽ فخر سان ڪندو هو. پنهنجا سپ سوٽ ماسات جڏهن گڏ ڪچهري ڪندا هئا ته، سناسي خان بڪڪ پنهنجي گهر واري ۾ پيار مان نهاري چوندو هو ته، "مون کان پوءِ صاحب ڏني کان وڌيڪ قابل ۽ بي ڊپو ماڻهو مون کي گهٽ نظر اچي ٿو." صاحب ڏني ڊڄي چرڪي سندس چپن تي هٿ رکي چوندي هئي، "ائين نه چئو آئون شال توکان اڳ وڃان.!!
سناسي خان بڪڪ شاندار ٺهڪ ڏئي چوندو هو، "الله ڪري ته آئون تنهنجي وڃڻ جو نه ٻڌان."

اهو سڀ ڏسي ۽ ٻڌي سندن خاندان وارا انهيءَ خوبصورت، شاندار ۽ بهادر جوڙي جي وڏي ڄمار لاءِ دعائون گهرندا هئا.
لطيف سرڪار کي آئون هميشہ پراسرار چوندي آهيان جيڪا حقيقت بہ آهي. جهنگ جبل، جتي ڪنهن تعليم جو ڪو تصور بہ ناهي، لکڻ پڙهڻ پنهنجي جاءِ تي، جتي ڪنهن ملي موراڻي جي بہ پهچ ڪانهي. اچ وڃ ناهي، اتي لطيف بادشاھ جو ڀرپور طريقي سان پهچڻ ۽ هر هڪ دل ۽ روح ۾ گهڙڻ، جاءِ ونڻ وڏي ڳالھ آهي.
پُرِهَ (مرد) گهوريو (نهيو) نڪرن، هلن، ڦرن، گهمن ٿا. پر اهي مايون جن جبل ڪان سواءِ نڪو ڏٺو نڪو وائنو. انهن جي ڏک ۽ سک جي اظهار لاءِ لطيف پاڪ سنپوڙو (تيار) بيٺل ڏسي حيرت جادر ڪلي ڦاٽڪ ٿيو وڃن ٿا.
ائين ئي جڏهن ٻئي زال مڙس (سناسي خان بڪڪ ۽ صاحب ڏني) هڪ ٻئي جي موت جو نہ ٻڌڻ جون دعائون گهرندا هئا تہ، هي بيت صاحب ڏني جي واتان نڪري، ٻنهي جي وچ ۾ ڏيئن وانگيان جرڪي پوندو هو،

اگڻ تازِي ٻهر ڪُنديون، پَڪا پَٽَ سُونهَنِ
سرهي سَيجَ پاسي پِرين، مَرُ تا مِينهن وَسن
اَسان ۽ پِرين، شَالَ هُونِ بَرابر ڏِينهنڙا.

ڪين بہ ٻار هڪ پٽ غلام محمد خان بڪڪ ۽ هڪ ڌيءَ حسن جان هئا. سناسي خان وارا پاڻ ۾ ڇهہ ڀائر هئا، ڪين ڪا ڀيڻ نہ هئي. اهو ڌيءَ جي ڄمڻ تي ڏاڍو خوش ٿيو هو. جڏهن تہ صاحب ڏنيءَ واريون پاڻ ۾ چار ڀيڻيون هيون ۽ ڪين هڪ ئي ڀاءُ هو، جنهن جي ڪري پٽ سندن اکين جو نور هو. صاحب ڏني عقل جي اڪابر هئي، سناسي خان جهڙي وڏي شخصيت جي غيرموجودگي ۾ بہ هوءَ بنا ڪنهن لڪاءَ ڏيڻ جي معمول وانگي هڪ هڪ ڳالھ تي ڌيان ڏيندي ۽ نباهيندي هئي.
ٻئي جوان هئا اجا سندن نئين زندگيءَ جو جڻ تہ آغاز ٿيو هو. اجا تہ سندن ٻارڙا بہ ننڍا هئا. اجا تہ سندن سِڪَ بہ پوري نہ ٿي هئي جو اوچتو سناسي خان بڪڪ گرفتار ٿي ويو (اهو سڄو احوال سناسي خان بڪڪ جي پروفائل ۾ آيل آهي).
سناسي خان بڪڪ جي گرفتاري ۽ سندس ممبئي روانگيءَ صاحب ڏنيءَ کي جهوري بہ اڌ ڪري ڇڏيو هو. هوءَ جڻ تہ دمبخود هئي. گهر ۽ پاڻ تہ ڇا هوءَ پنهنجن ٻارن کي بہ وساري

ويني هئي. پوءِ تہ سندس ڪرت رڳو سناسي خان جي موٽڻ لاءِ دعائون ڪرڻ، ڪيس ياد ڪرڻ ۽ سندس بابت سوچڻ هو.

مائٽ ڪيس گهڻو ئي دلاسا ڏيندا هئا. پر ڪيس ڪيئن تشفي ٿئي، جو سناسي خان نہ رڳو پري هو. پر دشمنن وٽ قيد ۽ قابو هو، جنهن جي ورڻ جو بہ بظاهر ڪو آسرو نہ هو.

مائٽ ۽ عزيز سڀ ڪجهہ ڄاڻندا ۽ سمجهندا هئا. سندس اڳيان لڙڪ لڪائي ڇڏيندا هئا. پر پوءِ پاڻ ۾ گڏجي روئي هانءُ هلڪو ڪندا هئا.

هوءَ بيحد حسين ۽ روادار هئي. سناسي خان جي وڇوڙي هن کان سڀ ڪجهہ وساري ڇڏيو هو. سڀ وٿس وينل هوندا هئا. پر هوءَ پاڻ سيني کان غافل هوندي هئي. هڪ ڀيري وضو ڪرڻ لاءِ اٿي، وضو ڪندي ٻانهون جو ڏوتائين تہ جڻ ٻانهن مان لاٽون نڪتيون ۽ چوڌير روشنيون ڦري ويون. ماڻهو ڪيس حيران ٿي ڏسڻ لڳا. هوءَ نور جي گهيري ۾ ڀٽائي بادشاهہ جو بيت جهونگاري رهي هئي،

تَنَ جِنِ جِي تَانگَ، سَي سَجَڻ سَفر هليا
لُئِج لاتِ لَطِيف چَوي، ڪَڏهن اِيندم ڪَانگَ
ڪَنهن سَناٽي سَانگَ، پِرين پَر ڏيهي ڪَيا.
(شاهہ رح)

سندس مائٽ لڪائي انجهيون (لڙڪ) گُهَندا (اگهندا) رهيا، هوءَ بي پرواهيءَ مان اٿي اچي قرآن شريف پڙهي دعا گهرڻ لڳي. سندس اکين ۾ اهو ئي منظر هوندو هو، جڏهن سناسي خان ٻڪڪ کي بحري جهاز ۾ چاڙهي ممبئي وني وجي رهيا هئا تہ، پاڻ پنهنجي ٻارن کي مٽي ڪرڻ جو چيو هئائين، جڏهن ٻارن کي چاچن مٽي ڪٽي ڪيس ڏيکارڻ چاهيو هيو، تڏهن صاحب ڏنيءَ ڇلڪندڙ نيڻن سان ڏٺو هو تہ هو ڪيس ئي ڏسي رهيو هو.

هوءَ اڳيان قرآن شريف هوندي بہ اهي ئي بيت جهونگاري رهي هئي، جيڪي سناسي خان ٻڪڪ کان موڪلائڻ مهل ڪراچيءَ جي بندر گاهہ تي چيا هئاسين.

مُون اُيي تَڙَ وَٽَ، پِرين پڳهَہ ڇَوڙِيا
ڪَا مُنهِين ۾ گهٽ، نَا.... تَہ سَجڻ سَٻاجهاڪَهَڻُو.
مُون اُيي تَڙَجَهل.... پِرين پڳهہ ڇَوڙيا
ڪَا مُنهين ۾ اِلَ، نا تہ سَجڻ سَٻاجها گهڻو.

مون ايي تڙ هيٺ، .... پرين پڳهه چوڙيا
ڪا منهين ۾ ڏيٺ، نا تہ سڄڻ سباجها گهڻو
مُون اُيي تَڙَ پَاسِ.... پرِين پڳهه چوڙيا
هُو الله توهار اُهريا، آئون دَم دَم دُعا ڪندياس
آهہ نہ لاهينداس، مَوتي اِيندا مَان ڳَرَي.

سناسي خان جي وچوڙي جي جهوري صاحب ڏني کي ڳاريندي نيٺ ڪٽ جي حوالي ڪري ڇڏيو. سندس ڀينرون وٽس ئي هونديون هيون. ماءُ ۽ پاءُ بہ وٽس روز ايندا ويندا هئا. سناسي خان جي امڙ ۽ پائر وڏا باهمت ۽ حوصلہ مند هئا. اهي ٻارن کي ۽ صاحب ڏني کي سنڀالڻ ۽ پرپائڻ ۾ پورا هئا، جن جي ڏک ۽ جهوريءَ جو تہ ڪو ڪاتو، ڪو ڇيهہ ئي نہ هو تنهن هوندي بہ هو صاحب ڏنيءَ لاءِ ڊنل هئا تہ الائي ڇا ٿيندو؟ سندس چڱ ڀلائيءَ لاءِ هر هر دعائون پيا گهرندا هئا.

سندس ڀينرون وٽس ئي رهيل هيون تن کي چيائين تہ، "اوهين پنهنجن گهرن ٽڙن، ٻارن ۽ ورن واريون آهيون، وڃي گهر سنڀاليو. آئون مران ڪانہ ٿي جو پنهنجن گهرن ڏانهن نهاريو بہ نٿيون." هو روئڻ لڳيون تہ ڪين يقين سان چيائين تہ، "هير (هينئر) اوهان وڃو، مون تي ويساهہ ڪريو جڏهن بہ مرنديس اوهان کي اڳواٽ ٻڌائي ڇڏينديس" (ائين ڪير ٿو چوي پنهنجي مرڻ لاءِ!!) .

سمل ۽ آسودي روئنديون هلي ويون باقي ڪمل وٽس ئي رهي پئي هئي. ڇو جو سندس گهر ويجهو هو. ان کي بہ چيائين تہ، "ادي، تون بہ ڀلي ڪانيءَ پاڻيءَ لاءِ وڃ." ڪمل روز صبح جو پنهنجي گهر ويندي هئي ۽ رات جو موٽي اچي وٽس ئي سمهندي هئي.

هڪ صبح جو جيئن ئي ڪمل پنهنجي گهر وڃڻ لاءِ سنيري تہ ڪيس سڏي چيائين، "ادي، اڄ نہ وڃ!" ڪمل ويچاري اڳ ئي ڊڄڻي هئي اها روئڻ لڳي. ڪيس پنهنجي ويجهو اچڻ لاءِ چيائين. هوءَ ويجهي آئي تہ ڪيس چيائين، "ادي، پاڻ کي سنڀال، منهنجا ٻچا بہ اوهان سيني کي پرتا آهن. چاچيءَ (سس) کي ۽ منهنجي سؤٽن (ڏيرن) کي بہ سنڀالجو. امان، ادا ۽ ادين کي بہ گهراءِ. سناسي خان تہ ڪونہ موٽيو. جي موٽيو تہ منهنجا سلام ياد ڪري، ساري ڏجوس..." هوءَ جڻ خود ڪلامي ڪري رهي هئي.

سندس ڪٽ جي چؤڦير سندس ماءُ، پاءُ، ڀينرون، سس ڏير ۽ ٻار بيٺل هئا. سندس اکين جي روشن ماڻڪين ۾ سناسي خان جو گلاب جهڙو مهڪيل چهرو تري رهيو هو. هن ماٽ ۽

خاموش پنهنجون خوبصورت اکيون کٽي، جن ۾ لڙڪ جرڪي رهيا هئا. پنهنجن ٻنهي ٻارن ۾ آس ۽ پياس مان نهاريو. پنهنجي مٿي جي هينيان رکيل وهاڻو پاڻ پنهنجن هٿن سان هٽائي زور سان ڪلمو پاڪ پڙهيو، **'لا اِلہٰ اِلاَّ اللهُ مُحَمَّد رَّسُولُ الله** .' ۽ پنهنجا هٿ پير ڊگها سڌا ڪري اکيون ٻوٽي ڇڏيائين.

سپ ئي مائٽ عزيز اهو معجزو اکيون ڦاڙي اچرج مان ڏسي رهيا هئا. جيڪو ويساهه کان ٻاهر هو. **اِناللهِ واِنا اِليہ راجعون**. ان وقت صاحب ڏني جي عمر 28 سال هئي. اهو جوان موت ۽ اهي غير معمولي ڳالهيون وسرڻ جهڙيون ناهن. جڏهن ساڳئي مهيني ۾ ممبئيءَ کان 32 سالن جي سناسي خان بکڪ جي شهادت جي خبر آئي ته، قيامت جهڙي روج راڙي ۾ به لطيف رح جي هي سٽ سيني کي چٽي ياد آئي، "اسان ۽ پرين، شال هون برابر ڏينهڙا." سندس سچي دعا جي قبوليت تي هرڪو حيران هو جيڪي ٻئي هڪ ٻئي کي چوندا هئا ته، "شال آئون تنهنجي وڃڻ جو نہ ٻڌان."

# هڪ وضع دار ڪردار
# وڏيرو ملھ خان پالاري (ڳلاڻي)



ڪوهستان جي مردم خيز خطي جي هڪ نهايت مڻيادار شخصيت وڏيري ملھ خان پالاريءَ جي آهي جنهن جي تعريف ۽ساراھ ڪان سواءِ جڻ تہ ڪوهستان جي تاريخ اڌوري ۽ اڻ پوري آهي.

هن قابل احترام شخص کي قدرت وڏيون خوبيون عطا ڪيون آهن، ۽ وڏين وصفن سان نوازيو آهي جن ۾ سرفهرست سندس ماڻهپي جي شناس آهي جيڪا گهٽ ڳالھ ناهي.
مردم شناس ماڻهوءَ وٽ خود پنهنجي شناس بہ هوندي آهي. جنهن وٽ پنهنجي ذات جي سڃاڻپ هجي اهو ئي بهترين ۽ لاجواب ماڻهو هوندو آهي.
مردم شناسي ۽ ماڻهپي جي سڃاڻپ ڪيس لوڙايو بہ آهي. پر هن مانجهي مرد ڪڏهن بہ ان ناياب وصف مان هٿ نہ ڇڏايو. بلڪ پاڻ ان ۾ پڪو ٺيندو ڪندن بنجي ويو.
ماڻهپي ۾ ويساھ بہ وڏو اٿس. هن چونڊي چونڊي اهڙا ماڻهپي مان پُرُ ماڻهو هٿ ڪيا جيڪي هئا بہ هيرا ۽ موتي.
سائين جي.ايم.سيد سان سندس محبت ۽ عقيدت جو اهو مثال آهي تہ، سائين جي ايم سيد وٽس مهمان ٿي سَريءَ ۾ آيو ۽ وڏيري ملھ خان پالاريءَ جڻ تہ سائينءَ کي پنهنجي دل جي خانن ۽ اکين جي ماڙکين ۾ پوري مقيد ڪري محفوظ ڪري ڇڏيو.
اڄ بہ جتي وٽس سائين جي.ايم.سيد رهيو هو اهي هنڌ، بسترا، ٿانوَ ٿپا، ڪٽون پلنگ ۽ اهو ڪمرو سائينءَ جي خوشبوئن سان مهڪي رهيو آهي. اهڙو ئي ڳڻائتو آهي هي مرد مٽير اسان جو پيارو ملھ خان پالاري صاحب.

دوستي نباهڻ ۽ ساٿ ڏيڻ ڪو هن ڪان سکي. موت ۾ پلي ڪيڏو به نقصان ۽ ڇيهو رسي. پر ساٿ نڀائڻ واري پنهنجي رسم ڪي مڙس تي منهن ڏيڻ، ۽ سرخ رو ٿيڻ جڻ ته سندس ئي حصي جون وصفون آهن.

ڪيئي دور آيا ويا، ڪيترن ئي جابر ۽ ظالم آمرن اليرون ۽ اڳرايون ڪيون. پر جبل جي هن جبل جهڙي شخصيت ڪي مڃائڻ وارو نڪو آيو نڪو ڄايو.

هتي ته سائي ڊائي ملڪ ۾ به جهموريت جي ڪا خاص ريت نه رهي آهي. جڏهن ته ڪوهستان جهڙي اوڪي ۽ ڏکئي ملڪ ۾ اهڙي ڪنهن ڳالهه جو تصور به اڃ ڏنو خواب آهي. ائين ناهي ته ڪو ڪوهستان ۾ انصاف ۽ قانون اڃ لپ آهي.

ڪوهستاني وڏيرا ڏاڍا امن پسند ۽ انصاف ڏيندڙ آهن. 'فضل' ڪرڻ واري ڳالهه بي آهي. باقي 'عدل' ڪرڻ سان ڏوهي ڪڏهن به سزا ڪان نه ٿو بچي سگهي. جڏهن ته ڳالهه آهي جهموريت جي جيڪا ان ملڪ ۾ اڃ لپ آهي، جنهن ملڪ سان اسان جو ڪوهستان واڙيل آهي. تنهن هوندي به جبل جي ماڻهن ۾ بچڙي سچڙي ۾ فرق آهي. اپري سيري جي مٽي تي ٻاجهه پريو هٿ رکن ته ظالم سان مهاڏو به اٽڪائين.

ملڪ ۾ فوجي آمر ايوب خان جي حڪومت هئي جنهن ظلم ڪري، ماڻهو پيڙهي، ملڪ جو خزانو خالي ڪري پچاڙيءَ ۾ پاڻ ڪي چونڊيل حاڪم سڏائڻ جي شوق ۾ اليڪشن ڪرائڻ جو ارادو ڪيائين.

ظالم آمر اڳيان هرڪو ٻڌو ٻانهو ٿي بينو. ڪنهن به پاڻ ۾ ست نه ساريو ته سنڌ ڄائي، جناح صاحب جي جهڙس ئي سچي ڀيڻ محترمه فاطمه جناح ميدان ۾ نڪري نروار ٿي. پوءِ ته ظالم آمر ظلم جون ٻاهيون ٻاري ڇڏيون. جنهن به امڙ سائڻ جي حمايت ڪئي ٿي ان تي ظالم جو ظلم ڪڙڪي پيو ٿي.

اهڙي ماحول ۾ به ڪوهستان جا جوڌا ظالم سان مقابلو ڪرڻ لاءِ اٿي سنوان ٿيا. سيٺ علي محمد بڪڪ، سيٺ غلام محمد بڪڪ ۽ سندن بڪڪ برادري جا ٻيا به ڪيئي مرد مٽير، تڏهن بغاوتن جي ڪيسن ۾ ڦاسي گهاٽن ۽ سولين جا منتظر هئا، ته ڪي وري محترمه جي حمايت ۾ اٿي ڪڙا ٿيا هئا. انهن ۾ قادر بخش بڪڪ، سليمان بڪڪ ۽ وڏيري ملهه خان پالاريءَ جهڙا مرد مجاهد به شامل هئا. هڙان وڙان محترمه فاطمه جناح جي اليڪشن ۾ مددگار ٿي بينا. حالتن جو مقابلو بيدپا ٿي ڪيائون.

ظالم آمرن جا ته ڪم ئي ڪڏا ۽ اونڌا هوندا آهن. جنرل ايوب خان حڪم ڪيو ته ڪوهستان مان ٻڪريون ڪڍيو وڃن. ڇو جو ٻڪريون وڻ ۽ قيمتي ٻوٽيون ڪائي وڃن ٿيون.

ڪوهستانين جو تہ ڏن دولت بلڪ ساھ پساھ ئي ٻڪريون آهن. اهي ابالا ۾ اپاتا ڪيڏانهن وجن؟ ڪامورا حڪم جا ٻندا پاڳين جي پويان پئجي ويا.
وڏيرو ملھ خان پالاري اها ڳالھ ڪٽي پير غلام رسول شاھ جيلانيءَ وٽ ويو ۾ صلاح مشورو ڪري پير صاحب جي اڳواٽيءَ ۾ وفد ونئي وجي ذوالفقار علي ڀٽي (شهيد) سان لاهور ۾ مليا. ڀٽي صاحب (شهيد) جي مشوري سان پير غلام رسول شاھ جيلاني صاحب جي اڳواٽيءَ ۾، عبدالستار پيرزادي (مرحوم) کي وڪيل ڪري هاءِ ڪورٽ مان فوجي حڪم خلاف اسٽي آرڊر ورتائين.
وڏيرو ملھ خان پالاري پنهنجي ڄمار بابت ٻڌائي ٿو تہ، اسان وٽ ٻهراڙين ۾ تہ ڄم جي تاريخ لکيل نہ هوندي هئي. ڇو تہ ايترو علم عام ڪونہ ٿيو هو. انهيءَ ڪري ڪن اهم واقعن سان مشابهت جوڙي عمر جو اندازو ڪيو ويندو آهي. ائين ڪندي آئون بہ ٻڌائي سگهان ٿو تہ پهرين مهاڀاري لڙائي جيڪا 1914ع کان 1918ع تائين هلي اها مون کي چڱيءَ طرح ياد آهي انهيءَ وقت جيڪي تنگ حالتون هيون، ڪاڏي پيتي ۾ عام استعمال جي شين جي اڻاٺ ۾ خوف و حراس مون کي بلڪل ياد آهن. ٻيو واقعو تہ هاڻي لکڻ پڙهڻ مان معلوم ٿيو آهي تہ، ملڪ صوبدار خان 1921ع ۾ وفات ڪئي، مون کي اها ڳالھ بلڪل ياد آهي چڱيءَ طرح سان. آئون پنهنجي مينهن سان جوءِ ۾ هئس تہ ڏڍُ وڳو ۾ خبر پئي تہ ملڪ صوبدار خان گذاري ويو آهي. انهيءَ وقت اٽڪل 17- 18 سالن جو هوندس. انهيءَ مان اندازو ٿئي ٿو تہ ويهين صديءَ جي پهرئين ڏهاڪي جي پهرين سالن ۾ ڄائو هوندس."
ماشاء الله ماشاء الله يعني هن وقت سندس ڄمار تقريباً هڪ سو 6-7 سال هوندي. پنهنجي اها ڊگهي ڄمار هُن رائگان يا اجائي نہ گذاري آهي. ان ڊگهي ڄمار ۾ سندس ڪيئي ڪارناما، انصاف ڀريا فيصلا، ملهائيتون ڪچهريون، دوستن سان اوجون (مددون)، مڙسيون، ظالمن ۽ جابرن سان مقابلا، شوق، ذوق ۽ محبتون درج آهن.
پنهنجي شوق/ ذوق بابت چوي ٿو تہ، "منهنجو نندپڻ کان ئي ٻهراڙيءَ جي حساب سان انن ۽ گهوڙن جي سواريءَ جو شوق رهيو، جيڪو ان وقت ضرورت بہ هئي. سنو گهوڙو عزت جي بہ نشاني سمجهي ويندي هئي. شادين، غمين، ميلن ملاڪڙن ۾ انن ۽ گهوڙن جا مقابلا ٿيندا هئا ۽ ڪٽ- هار بہ ٿيندي هئي. مون کي سنن وهٽن ڏارڻ، سواري ڪرڻ ۽ گهمائڻ جو خفت هوندو هو ۽ اڄ بہ آهي.

"آئون پاڻ بہ وهٽن جو سنو هسوار آهيان. سنڌ جي ٽر ۽ ڪاڇي گر ۾ سنن وهٽن جا هسوار منهنجا دوست رهيا آهن. ٽر ۾ انن جا هسوار فقير لطف علي، حڪيم جوٽيجو، نظام نهڙيو، سروپو نڪر ۽ ٻيا بہ ڪيترائي دوست هئا جيڪي اڄ هن فاني دنيا ۾ ناهن رهيا.

"آئون ڀلا اٺ گهوڙا ڪاهي سنڌ جي ميلن جهڙوڪ، غلام شاهہ، ساجن سوائي، اڏيرو لعل، مهرشاهہ، پير پٺو ۽ لس ۾ پير حسڻ ۽ ٻيا بہ حب لس جا ميلا لڳندا هئا اتي ويندو هئس."

اهو وري آئون ٻڌائيندي هلان تہ، سائين ملهہ خان پالاري اٺ ۽ گهوڙي سواري سؤ سالن جي ڄمار کان متي عمر تائين ڪندو رهيو آهي. مون کي سندس لائق ۽ وضع دار پٽ در محمد پالاري صاحب ٻڌايو تہ، "هاڻي مس ڪي بہ سال ٿيا آهن جو اٺ ۽ گهوڙي جي سواري نہ ڪندو آهي."

محترم ملهہ خان پالاري شخصي طرح سان نهايت مهربان، ٻاجهارو ۽ سنڌي روايت پسنديءَ جو عظيم مثال آهي. 'آئي ڪي آءُ ۽ ويندي ڪي ويهہ' چوڻ واري عظيم ريت جي پاسداري جو ثبوت، سندس وڏيون اوطاقون ۽ گهر جا بيحد وڏا بورچي خانہ آهن.

مهمان مڙهي جي ماني ۽ رهڻ جو انتظام وقت ۽ موسم جي پرواهہ بنا چوويهہ ڪلاڪ جاري آهي. جنهن ۾ ساڻس گڏ سندس سڄي آکهہ بہ خوشيءَ سان شامل آهي. اها سندس ئي شاندار تربيت آهي جو سندس اولاد ساڻس گڏ آهي ۽ ڀرپور طريقي سان ڪلهي شريڪ آهي.

مهمانوازي ۽ اوطاقن جي باري ۾ پاڻ چوي ٿو تہ، "اڳاٽي زماني ۾ اوطاقون مردن جون نشانيون هونديون هيون، جنهن کي اوطاق نہ هوندي تہ هو مڙس ماڻهو ڪونہ ليکبو هو. اوطاقن ۾ رونقون، ڪچهريون، مچ تي مارڪا، مڙس ماڻهن، مردانن (تڪڙا، متحرڪ، مظبوط، همٿ وارو) جون نشانيون هونديون هيون. مون کي بہ حال سارو اوطاقن ۽ مهمانن جو شوق رهيو.

"سدائين سياري ۾ مچ مارڪو ۽ يارن دوستن جي آمد سان عيدون ٿي وينديون هيون. اڄ تہ سيڪو پنهنجي بدن کان بيزار آهي. مهمان ڏٺائين تہ تپ چڙهي ويندس"

وڏيرو ملهہ پالاري ڪوهستان جو 'نڪ' مڙس آهي، جنهن وٽ ڪوهستان جي هر هڪ سُرهي ۽ سُهڻي ريت ۽ رسم پنهنجي شان ۽ مان سان دنگ ڪري ٿي. پوءِ اها مڙسي هجي، مهمانوازي هجي، اوڄ يا مدد ڏيڻ هجي، انصاف ڏيڻ هجي يا ڪچهري. هو هرهڪ ڳالهہ ۾ پورو ۽ پڙُ آهي.

ريڊيو حيدرآباد جي پروگرام، 'ڪچهري' جنهن ۾ سيد صالح محمد شاهہ جو امر ڪردار "فتح خان" جنميو هو. ان پروگرام ۾ سڀ کان پهرين وڏيري ملهہ خان پالاري جي شان ۾ موري

جي مهان ڪلاڪار طالب پالاريءَ مورو ڏنو هو، 'ملهه وڏيري تان مورو چوان.' جيڪو ڪوهستان جي جبلن ۽ پٽن ۾ پڙا ڏاڪري ٻُري ويو هو ۽ ملهه خان پالاري انهي عزت ۽ خراج جو لائق بہ هو. هو مڪمل طريقي سان ان جو حقدار بہ هو.

وڏيرو ملهه خان پالاري ڪوهستان جي اها وضعدار شخصيت آهي، جنهن کي مثال طور پيش ڪري سگهجي ٿو. سندس لباس، سندس گفتگو، سندس هلت چلت ۽ هاڻي ڪاني سڀ ڪجهه معتبر ۽ وضعدار آهن. ان جو هو پاڻ خيال بہ رکي ٿو ۽ چوي ٿو تہ، "اڳي مردن جي پوشاڪ بہ مرداڻي هوندي هئي، وڏيون سٿڻيون، اجرڪ، پٽڪا، لُنگيون، مون اهي سڀ پوشاڪون پهريون. اڳي خوشبوءَ ۾ عطر جو استعمال بہ عام هوندو هو، ڪن ۾ عطر جو ڦُنبو هڻبو هو، جتيون چانديءَ واريون ۽ هٿ ۾ لڪڻ بہ چاندي وارو هوندو هو. منهنجو اهڙو چانديءَ چمڙي سان لڪڻ سائين غلام مصطفيٰ شاهہ (مرحوم) سابق وزير تعليم ڪٽي ويو، جيڪو پڻ لڪڻ ۽ باننن کي گڏ ڪرڻ جو تمام وڏو شوقين هو."

راڄ ڀاڳ جا معاملا هجن يا پائر برادريءَ جا مسئلا، سائين ملهه خان پالاري سدائين جتي ڪٿي سچ جو ساٿاري رهيو آهي. موٽ ۾ پلي ڪيس ڪيڏو بہ وڏو ذاتي نقصان ٿئي پر پاڻ هميشہ هر هنڌ 'سَرِ جواب' رهيو. جنهن لاءِ پاڻ چوي ٿو تہ، "اڳي راڄ وندي هئي سڀ معاملا راڄ ۾ گڏجي نبيربا هئا. خوشامند ۽ ووٽ جي لالچ ڪانہ هئي. هاڻي تہ ووٽ گهرجن، انصاف جي ضرورت ڪانهي. اڳي ماڻهو دڙڪي داٻ تي جهڪندا ڪونہ هئا، عزت ڏئي پنهنجا ڪبا هئا. هاڻي سڄو ڪم صوبيدار حوالي آهي" (ڏاڍي جي لٺ کي بہ مٽا).

پنهنجي علائقي جي حاڪميت بابت چوي ٿو تہ،" اسان وٽ بہ سرداريون آهن. هڪ حمل خان جي سرداري جنهن جو مرڪز ٽاڻو احمد خان آهي. ٻي سرداري ٻاپڙي جي، جنهن جو مرڪز ٽاڻو بولا خان آهي. حمل ۽ ٻاپڙو ٻئي پائر هئا. ڪوهستان جو اتريون حصو حمل جو هو جن جا اڳواڻ ملڪ صوبدار خان وارا هئا ۽ ڏکڻ ڪوهستان ۾ ويندي درياهہ تائين ٻاپڙي جي سرداري هئي، جن جو اڳواڻ ملڪ بولا خان رهيو. جڏهن ملڪ بولاخان 1939ع ۾ بنا اولاد جي وفات ڪئي تہ، ملڪ صوبدار خان جي پاءُ ملڪ شير دل خان، جيڪو خيرپورميرس ۾ ڊپٽي سپرٽننڊيٽ پوليس هو، انهيءَ ڪوشش ڪئي تہ جيئن تہ حمل ۽ ٻاپڙو ٻئي پائر هئا. جيڪڏهن هڪ پاءُ بنا اولاد جي گذاري ويو آهي تہ انهيءَ جي سرداري ٻئي پاءُ جو حق آهي ان ڪري هن پنهنجي وڏي فرزند ملڪ نصيرخان کي پڳ ٻڌائڻ جي ڪوشش ڪئي. اهو انهيءَ وقت علي ڳڙهہ ۾ زير تعليم هو، تنهن کي دستاربنديءَ لاءِ گهرايو ويو. راڄن سان صلاح مشورا شروع ڪيا ويا. ان وقت حماتن پاران حاجي اسماعيل حماتي، جاڪرن جي پاران عبدي

خان جاکرو وڏيءَ عمر وارا هئا. پالارين ۾ حاجي الهڏنو منهنجو چاچو جيڪو پيرسن ۽ ضعيف هو جيڪو پوءِ هڪيو ئي گذاري ويا. انهن انهيءَ ڳالهه ۾ راضپو ڪونه ڏيکاريو. منهنجي وڏي ياءُ مرحوم متاري خان ۽ مون انهيءَ ڳالهه تي انڪار ڪيو. اسان جو چوڻ هو ته، جيڪڏهن ملڪ بولا خان گذاري ويو آهي ته، سندس عزيزن مان ڪنهن به ٻاپڙاٽيءَ تي پڳ ٻڌي وجي."

انهيءَ ڳالهه تي ٽاٽي احمد خان جي ملڪن مخالفت ڪئي. چيائون ته، "اسان ائين ٿيڻ ڪونه ڏينداسين." اسان وري ملڪ بولا خان جي سيني راڄن سان صلاح مشورو ڪري ملڪ بولاخان جي ڏور جي سؤٽ ملڪ جيئند خان عرف علي بخش خان کي پڳ ٻڌڻ لاءِ تياري ڪئي، جنهن تي ٽاٽي احمد خان جي ملڪن چيو ته، 'ٽاٽي بولان خان ۾ اسان اهو اجتماع ڪرڻ نه ڏينداسين.'انگريزن جي حڪومت هئي. امن امان لاءِ هنن ٽاٽي بولاخان ۾ پڳ جي ميڙ لاءِ منع ڪئي. اسان مجبور ٿي جهمپير ۾ راڄ گهرائي ملڪ علي بخش خان کي پڳ ٻڌي ڇڏي ۽ اسان حاڪمن جي نظر ۾ اچي وياسون. اهو زمانو ورهاڱي واري هلچل جو هو. ورهاڱي جا آثار نظر اچي رهيا هئا. ٽاٽي احمد خان ۾ انهيءَ وقت پڳدار ملڪ سردار خان هو. هُو جاگيردار هو. انگريزن وٽ هنن جي اهميت هئي. هنن کي پاور هو ته ڪنهن به ماڻهوءَ خلاف لکن ته، هن تي ڪيس ڪيو وجي ته، هو ٻڌو ويندو. پڳ واري ڪاوڙ تان مون تي ۽ منهنجي ياءُ مرحوم متاري خان تي 110 جو ڪيس ڪرايو ويو. پنهنجا واسطيدار ماڻهو شاهد ڏنائون. ڪيس ڪرڻ کان پوءِ اها ڪوشش ٿي ته ملڪ بولا خان جي واسطيدار راڄن جي شهرن ۾ بدامني پيدا ڪئي وجي ته جيئن هندو برادري هي شهر ڇڏي وجي. انهيءَ سلسلي ۾ ڏڌرن ڪَرچات (علائقو) مان اچي ڪلي ڪوهر مان سيٺ ڪوڏڻ مل جي گهر سميت سڄو شهر ڦريو. مول جي هملاٽي صاحبان اچي سَريءَ شهر مان چَتي مل جي گهر ۾ ڌاڙو هنيو. نتيجي ۾ ڪلي ڪوهر شهر جا هندو لڏي هندوستان هليا ويا. سيٺ ڪوڏڻ مل جا پٽ ٽاٽي بولاخان ۾ اچي رهيا. ڪجهه گهر جهمپير لڏي ويا. ڪي گهر سريءَ لڏي آيا.

"ٻنهي ڌاڙن جا فرياد داخل ٿيا، ڪيس چالان ٿيا، جوابدار گرفتار ٿيا. ڪجهه عرصي کان پوءِ راجوٽي ڪري جوابدار ڇڏايا ويا.

"اسان ٻنهي ڀائرن تي داخل ڪيس تي اسان تي وارنٽ نڪتا. ان وقت ايس.پي صاحب هندو هو. انهيءَ مون کي گهرايو، آئون اتي ويس، مون هن  کي ڳالهه ٻڌائي. ۽ سڄي صورتحال ڪلي ۽ سريءَ جو ڌاڙو هن جي اڳيان هو. هُو مخالف کي سمجهي ويو. مون کي ان وقت جي ڊپٽي ڪليڪٽر صاحب شايد آغا محمد يعقوب هو، ان وٽ وٺي ويو. هن کي سڄي ڳالهه ڪري

ٻڌايائين ته، هي ڪيس هنن تي پڳ واري معاملي ۾ ٺيل آهي. ڊپٽي صاحب اسان جو ضامن ڪنيو. ڪيس هليو، فريادي، شاهد سڀ آيا. اسان جو وڪيل مرحوم عبدالشڪور منشي هو، ڪيس هلائي ڪورٽ اسان کي باعزت بري ڪري ۽ عزت جي ڪيس جو حق ڏنو.

"اسان عزت جي ڪيس ڪرڻ لاءِ نقل ورتاسون ۽ ڪورٽ ۾ وياسون، پوءِ اسان جا ڀُڦاٽ مرحوم حاجي محمد علي حملاڻي ۽ لعل بخش حملاڻي آيا ته هاڻي ڪيس نه ڪريو. ڳالهه کي اتيئي ختم ڪريو. جنهن کان پوءِ اسان ڪيس تان هٿ ڪڍي وياسون."

"اسان ته پنهنجي پاران ڳالهه ختم ڪري ڇڏي. پر هميشه حاڪمن جا ناپسنديده رهياسين."

"ٻاپڙي جي پڳ ملڪ علي بخش خان کان پوءِ سندس فرزند مرحوم محب علي خان عرف ملڪ صفر خان کي ٻڌائي وئي. هن وقت ملڪ محب علي جو سالو ملڪ دوست علي خان انهيءَ پڳ کي هلائي رهيو آهي جو ملڪ محب علي خان به بنا اولاد جي گذاري ويو.

"اسان کي جڏهن هتي ڪيس ڪري تنگ ڪيو ويو ته مون تي 110 کان سواءِ به ٽيهارو ڪن ڪيس ڪرايا ويا. ڏاڍو ڏکيو وقت آيو ته. منهنجي نواب غيبي خان چانڊئي سان نياز مندي هئي. انهيءَ چيو ته جيڪڏهن توکي نه ٿو رهڻ ڏنو وڃي ته، پوءِ اچ ته منهنجي جاڳيرن مان هڪڙي ديهه سڄي توکي ڏيان ٿو. تون ۽ تنهنجا واسطيدار ونې اچي هتي رهه. مون چيس ته، 'سائين، مون کي خبر آهي ته توهان وٽ نهري پاڻي آهي، آباديون سنيون آهن پر آئون پنهنجو اباڻو پڊ ڪو نه ڇڏيندس. ڏک سک سڀ عارضي آهن. الله ڪندو ته ڏک لهي ويندو.'

"رب جي فضل سان اڄ هن وڏي عمر ۾ پنهنجن پڊن، پنهنجن ٻچن ۽ راڄن سان عمر جو آخري حصو خوش گذاري رهيو آهيان. باقي ڪرڙي اک اڄ به آهي. الله سائين شر کان بچائيندو آمين."

سائين ملهه خان پالاري جا ابا ڏاڏا پڻ وڏا مالدار ڀاڳيا هئا، جنهن ڪري جمندي ئي سندس واسطو مال سان ٿيو. مال لاءِ ٻني هجڻ ضروري آهي.

سندس مائٽن جون چڱيون باراني ٻنيون هيون پر سائينءَ پاڻ به پنهنجي ذاتي محنت سان ٻنيون ناهيون ۽ ڪوهه کوٽائي آبادي ڪرائي.

وَسَ تي آڌار ڪنڌڙ ڪوهستان جهڙي ملڪ ۾، (مينهن) بنا ٻنين سان وڏيون محنتون ۽ هلاڪيون ڪرڻيون پونديون آهن.

وڏيري ملهه خان پالاريءَ کي ٻنين جو شوق عشق جي حد تائين آهي. اڄ به ڏينهن رات ٻنيءَ ۾ محنت ڪندي نه ٿڪبو آهي. هن مهل سائينءَ جي ڄمار ماشاءَ الله سو سالن کان به چڙهيل آهي. پاڻ اجا به جڙد مڙد ۽ پنهنجي منٺ موتاجي ۽ هٿين پيرين آهي.

ٻنين تي تڳڻ، نوٽ پوني ملڪ ۾ ڄڻ ڪوڙ وڍڻ آهي. سو زندگيءَ جي گذر سفر لاءِ ورهاڱي کان ٻه اڳ پاڻ گاڏي (ٽرڪ) وٺي ڪارو بار شروع ڪيائين جيڪو اڄ تائين جاري آهي. اڄ سندس پوٽا اهو ئي ڪارو بار ڪري رهيا آهن. انهيءَ ڪارو بار بابت پاڻ چوي ٿو ته، "انهيءَ زماني ۾ يعني ورهاڱي کان ٻه اڳ برادرم سيٺ علي محمد بڪڪ پڻ اهو ئي ڪاروبار شروع ڪيو هو."

آئون (ج.ع. منگهاڻي) جڏهن پنهنجي لکڻين ۾ چوندي لکندي آهيان ته لفظ، 'وڏيري' جي باري ۾ گهٽ وڌ نه ڳالهايو وڃي، بيعزتي نه ڪئي وڃي يا ڪو گٿو لفظ نه ڳالهايو وڃي ته، منهنجي اڳيان وڏيري ملھ خان پالاري جهڙائي سچا، محنت ڪش، پورهيت، مهربان ۽ معتبر 'ڪوهستاني وڏيرا' جن جي سچائي، انصاف پسندي، ۽ پاڻ پنهنجي هٿن سان پورهيو ڪري زندگي حق حلال جي ڪمائي ڪائي گذاريندڙ سڀاجها ۽ اٽمول انسان هوندا آهن. جيڪي هڙان وڙان ڏئي وٺي ماڻهن جون مشڪلون، مسئلا ۽ ڏک ٽاريندا آهن. نه ڪي آٿهڙو، واٿهڙو، اڙي ٽڙي کان ڪسي ڦري پنهنجا پيٽ پري جُهجَهه (وڏا پيٽ) چاڙهيندا آهن.

سُوار ڏڪار هڪ جهڙا، ٿورو ڪائي گهڻو شڪر ڪندڙ شَنبِيءَ (هاني ڪاني/ اسٽڪچر) سُهڻا. جن جو جيئرو مثال وڏيرو ملھ خان پالاري آهي، جيڪو ڪڏهن به ٿلهو نه رهيو. سنهو سيڌو، سنئون سپڪ، قداور ۽ بردبار.

ڪَشن سانِ ڪَسي، ڏِيلَ ڪَيائُون ڏُبَرا
پَيٽ نه هَير يَائُون پَانهنجا، چُوري سَانِ چَسي
وَيراڳِين وَسي، رَامُ سَدائين رُوحَ ۾.

(شاهه رح)

سائين ملھ خان وڏيري جي ٻاجهه، نياز ۽ نوڙت جو هي تازو شاندار نمونو ته ڏسو! آئون جيڪا سندس اولاد جي برابر آهيان يا اجا به ننڍي، اها جڏهن ڪيس سندس عزت ڀرئي، شانائتي ۽ پروقار زندگيءَ جي باري ۾ ڪجهه پڇڻ تي چاهيان ته موٽ ۾ چوي ٿو ته، "مون ڪي منهنجي نياڻي محترمه ج.. ع. منگهاڻي صاحبه کان حڪم پهتو ته آئون پنهنجي زندگيءَ جو مختصر احوال لکي ڪيس موڪليان انهيءَ لاءِ عرض آهي ته...."

آئون جيڪا سندس نياڻي آهيان، ننڍي آهيان، عرضدار آهيان. ان ڪي 'حڪم' ڏيندڙ ٿو چوي!! پاڻ جيڪو وڏو آهي، پيءُ جو مقام رکندڙ آهي، حڪم ڏيندڙ آهي اهو 'عرض' ٿو ڪري!!

اها آهي ٻاجهه، اها آهي نوڙت. اها آهي وڏائي ۽ اها آهي معتبرائي. 'ڊوليو تنهين ڊار، هيناهيون هلن جي'.... هونئن ته سائين ملهه خان پالاري صاحب خوبين جو ڀنڊار آهي. پر جيڪا اڻ لڀ حيرتناڪ خوبي منجهس آهي. اها آهي پنهنجي راڄ ڀاڳ ۽ واسطيدارن جي هرهڪ شادي ۽ غميءَ ۾ شريڪ ٿيڻ.

مون کي ياد آهي (ڪيئن ٿيون وسري سگهن اهي محبتون ۽ يادگيريون)، ته اسان جي خاندان جي هر ڏک ۽ سک ۾ پاڻ شريڪ ٿيندا رهيا آهن ۽ دعوتون ڏئي پاڻ وٽ گهرائيندا رهيا آهن. سندس دوستن جو حلقو تمام وڏو آهي ۽ پاڻ وري اهڙو مهلائتو مڙس، جو مجال ناهي ڪنهن جي ڪا مهل ٽري يا رهجي وڃي. حالتن ۽ موسمن کان لاپرواهه پنهنجي راڄ ڀاڳ ۽ سنگت ساٿ سان ساڻ رهندو ساٿ نڀائيندو رهيو آهي. اهو سلسلو اڄ به جاري ۽ ساري آهي، جنهن لاءِ چوي ٿو،

"ڪافي وقت گذري ويو آهي. زندگيءَ جي نما شام آهي. الله العالمين جو شڪر آهي. حياتيءَ جا ڏينهن عزت سان گذري ويا. باقي جيڪي بچيا آهن شال عزت سان گذرن. پنج ئي وقت نماز پڙهيو پيا رب کان اها دعا گهرون. اسان پنهنجو وقت امن امان سان گذاريوسين. ڏاڍو سٺو وقت هو، محبتون، عزتون هيون. نه ڪو لوڀ، نه ڪا لالچ. اڄ ته راڄن جا ڏٽي لالچ ۾ اچي راڄ ڇڏي پيسي جا واپاري بنجي پيا آهن، جتي ڪتي اڪ اٿن. الله سائين سڀني کي پنهنجي امان ۾ رکي آمين ثم آمين."

آخر ۾ اسان ڪوهستانين جي هڪ آس آهي ته، الله سائين کيس تندرستي ۽ خوشين سان گڏ وڏيڪ جياري ۽ دنيا جي وڏي کان وڏي ڄمار واري انسان جو ريڪارڊ ٽوڙي ڪوهستان جو نالو گنيز بڪ آف ورلڊ ريڪارڊ ۾ درج ڪرائي. اسان کي خوشيون ۽ فخر ڏي. آمين ثم آمين.

تَان ڪَي سَاڻِن اَورِ، جَان آهِين اَوطاقنِ ۾
ڏَهَ ڏَهَ پِيرا ڏِينهن ۾، پَاڻَ مَتاهِين گهورِ
وِيا جي هِنگلورِ، تَہ ڪَرَمَ مِلَندَئِي ڪَاپَڙِي

(شاهه رح)

نوٽ: هي مضمون قابل احترام وڏيري ملهه خان پالاري جي حياتيءَ ۾ لکيم، جنهن کي پڙهي پاڻ ڏاڍو خوش ٿيو. سندس وفات 05- ڊسمبر 2011ع تي ٿي.

# هڪ سريلو ڪردار ۽ نڙ جو بي تاج بادشاهه
# نابين شاهه محمد بڪڪ (ٽوڪاٽي)



هر هڪ قوم جو پنهنجو پنهنجو مزاج، طريقو، انداز، ريت، رواج ۽ قدر مختلف ۽ ڌار هوندا آهن، اهي سڀ 'جينس' جا معاملا آهن، جيڪي ڪين پنهنجي خاندان ۽ رت مان حاصل ٿيندا آهن.

ائين ڪي قومون مادر پدر آزاد هونديون آهن ته ڪي وري، پنهنجي صديون پراڻي ريتن، رسمن ۾ جڪڙيل بلڪ انهن جون پائبند ۽ پاسداري ڪندڙ هونديون آهن.

'بڪڪ' به ڪوهستان جي هڪ اهڙي سگهاري ۽ معتبر قوم آهي جنهن وٽ پنهنجو عزت پريو تاريخي ورثو آهي، جيڪو سندن رڳن ۾ رت وانگيان گردش ڪري ٿو.

وٽن عزت ۽ معتبرائي جا ڪي ماڻ ۽ ماپا آهن جن کان جيڪو به انحرافي ڪندو آهي، اهو ڄڻ ته انهن کان ڇڄي ڌار ٿي ويندو آهي. مثال طور سچائي ۽ بهادري اهڙا نج جرڪندڙ موتيءَ جهڙا گڻ آهن، جيڪي ڄڻ ته، 'بڪڪ' قوم جي آئين جا بنيادي نقطا آهن. ڪوڙي ۽ ڪانئر ماڻهوءَ جي وٽن ڪا وقعت ڪانهي. اهڙو ماڻهو ٽڪيارو ٿي تڙجي ويندو آهي. اهڙي لولي ڪين ماءُ پاران پينگهي ۾، ۽ ٻنڊڻ ۾ سوتي واريءَ سُٽيءَ سان گڏ مليل آهي. ٻار جڏهن اهو سڀ ٻڌي وڏو ٿيندو آهي ته سندس لاءِ اهوضروري هوندو آهي ته هو سچو ۽ بهادر ٿيئي.

وقت سان گڏ انهن ۾ ضرور ڪجهه تبديلي ۽ فرق آيو هوندو. پوءِ به 'بڪڪ' قوم جا ماڻهو اڄ به ڪوهستان ۾ سٺي ساک واري حيثيت رکن ٿا. جن جي رهڻي ڪهڻي ۽ رک رکاءُ نهايت عزت پريو، ۽ معتبراڻو آهي. هو ڳالهه جا پڪا ۽ سچا آهن. اهي دوستي، دشمني نباهي ڄاڻندا آهن.

وٽن ظاهري ڌن دولت جي ڪا به حيثيت نه هوندي آهي، نه ئي هو اهڙن کان متاثر ٿيندا آهن، جن وٽ ڌن گهڻو ۽ ڪردار گهٽ هوندو آهي. ڪردار جي وٽن وڏي اهميت آهي.

'بڪڪ' قوم جي اڳيان ڳائڻ ۽ وڄائڻ جو شعبو يا ڪٽي چئجي ته اهو ڏنڌو سندن خيال موجب لنگهن ڪي جڳائي. جيئن ڪنيار ٿانو، موچي جوتا، مهاڻا مڇي وغيره سان منسوب آهي. تيئن ڳائڻ ۽ وڄائڻ لنگهن سان ئي منسوب آهي. دنيا ۾ به گهڻو ڪري راڳ ڳائڻ ۽ وڄائڻ ميراثين جي حوالي هوندو هو.

ان هوندي به 'بڪڪ' قوم پنهنجن لنگهن ڪي عزت ۽ برابريءَ جي نگاهه سان ڏسي ٿي. ڪين سندن پورو پورو حق ۽ احترام ملي ٿو.

اسين ڏسندا آهيون ته ٻين قومن ۽ راڄن جا لنگها نهايت غريب ۽ ويچارا ڏسڻ ۾ ايندا آهن. جن ڪي سندن راڄ جا ماڻهو حقارت سان ڏسندا آهن، ۽ انهن کان گهٽ درجي وارا ڪم وٺندا آهن. اهي به دڙڪي، داٻ ۽ رُعب سان.

جڏهن ته، 'بڪڪ' قوم جا لنگها پنهنجي راڄ ۾ عزت ۽ احترام ملڻ جي ڪري ٻين راڄن ۾ به عزت وارا هوندا آهن. اهي ڪنهن به ٻئي راڄ ۾ بنا دعوت جي نه ويندا آهن. ٻين راڄن جا لنگها ساڻن سگ ڳنڍيندي فخر سمجهندا آهن ته، "وڏي راڄ جا عزت وارا لنگها آهن."

'بڪڪ' قوم جي لنگهن ۾ مهان ڪلاڪار استاد محمد جمن، استاد حاجي آمن (مشهور سارنگي نواز)، حاجي ڪيوڙو، حاجي الله ڏنو، مشهور فنڪار شفيع جمن، اويس جمن، مشهور ڊولڪ نواز استاد داؤد، بينسري نواز هارون، الله ورايو عرف گندو، عبدالرحيم عرف مُنيو، خداڏنو ۽ ٻيا؛ اهي سڀ ئي مشهور ريڊيو ۽ ٽي.ويءَ جا فنڪار آهن/هئا. يعني، 'بڪڪ' قوم ڳائڻ ۽ وڄائڻ ڪي لنگهن تائين محمدود ڪيو آهي. جي ڪنهن به سندن قوم جي ماڻهوءَ ڳايو يا وڄايو ته ان تي لنگهي جو ٺپو لڳي ويندو آهي، جنهن جي ڪري اڳ ته اڳ پر هن جديد دور ۾ به بڪڪ قوم جو ڪوبه فرد ڳائڻ ۽ وڄائڻ واري دنيا ۾ وارد نه ٿيو آهي. ڪوبه مائٽ پنهنجي اولاد ڪي ڳائڻ ۽ وڄائڻ جي اجازت نه ڏيندو آهي. اهو ئي سبب آهي ته اڄ تائين سواءِ شاهه محمد بڪڪ جي ٻيو ڪوبه ماڻهو انهيءَ ميدان ۾ نه آيو آهي.

شاهه محمد بڪڪ جڻ ته پهريون ۽ آخري 'بڪڪ' آهي جيڪو فن جي اوڪي دنيا ۾ داخل ٿيو. انهيءَ سريلي دنيا جي افق تي وهائو تاري جيان جرڪي اڀريو، جنهن جو مثال ۽ برابري ڪندڙ اڄ تائين پيدا ٿي نه سگهيو آهي.

رهبر سنڌ سائين جي.ايم.سيد پنهنجي ڪتاب، "جنب گذاريم جن سين" ۾ شاهه محمد بڪڪ جو ذڪر نهايت عزت سان ڪيو آهي، "هن ڪي خدا ڏات ڏني هئي جنهن جي ڪري ان ۾ مهارت حاصل ڪري ويو. مختلف راڳڻيون، ڪافيون، لهرا، ڦوڪون وڄائي ويندو هو. ريڊين تان مختلف طرزون ٻڌي پنهنجي نيون طرزون ايجاد ڪيون هئائين. ساز سرود سان ڪيس

عشق هوندو هو. نڙ وڄائڻ مهل وجد ۾ اچي ويندو هو. نانگ وانگر آواز تي جهولڻ لڳندو هو. نانگ ٻئي جي آواز تي مست ٿيندو آهي. هي پنهنجي آواز تي جهولندو نظر ايندو هو.
"سندس اهڙي طرح وجد ۾ اچڻ ۾ عجيب موج هوندي هئي. ڪيس ڪراچي شهر ۾ ڪيترين مجلسن ۾ نڙ وڄائڻ جو موقعو مليو، جتي دنيا جي ڪيترن ملڪن جي سفيرن، آفيسرن مردن ۽ عورتن ڪيس ساز وڄائيندي ڏٺو.
"اها اڪين ڏٺي ڳالهه آهي تہ هن جي نڙ وڄائڻ مهل ساري مجلس محويت جي عالم ۾ اچي ويندي هئي ۽ مثنوي مولانا روم جو بيت دل تي تري ايندو هئو تہ،
بشنواز ني چون حڪايت مي ڪند
از جدائي ها، شڪايت مي ڪند
(نڙڪان سندس ڪهاڻي ٻڌو، جو وڇوڙي ۾ دانهون ڪري رهيو آهي) (ڪتاب "جنب گذاريم جن سين"، (جلد ٻيو)، ص 393، 1979ع)
شاهه محمد بڪڪ هڪ غريب مارو ماڻهو هو. هن آٿين ۽ چاڙهين جي مڪمل تشبيهہ ٿيل گهراڻي ۾ جنم ورتو هو. سندس پيءُ رمضان بڪڪ ۽ ماءُ مريم بڪڪ ٻئي سادي طبيعت جا مومن ماڻهو هئا. انهن سادن سودن جي جهول ۾ قدرت اهڙو انمول ۽ ناياب موتيءَ داڻو وڌو هو جيڪو جڳ جرڪائي ويو.
هونئن بہ جبل جو ماڻهو فطرتي طرح سان سادو سودو، قناعت پسند ۽ معصوم هوندو آهي. هارَهُورَ (هارڻ اڇلائڻ) ڪرڻ ۽ شَتان پتان (ڦاڙي خراب) ڪونہ ڪري. صبر ۽ شڪر جا تہ جڻ مثال هوندا آهن. هڪ مهل ڪاڏائون تہ ٻيءَ مهل لاءِ اَگر ڪٽي مٿي سَجيندا تہ، "هير (هينئر) ڏنائين آهي وري بہ ڏيندو."
جبل هڪ خطو ڪونهي دنيا آهي/ ڪائنات آهي. جتي لمحي لمحي ماڻهپي جا نت نوان، حيرت ناڪ ۽ معتبراڻا نظارا عام ڏسجڻ ۾ ايندا آهن.
شاهه محمد بڪڪ جنهن ڪي لاڏ مان، 'شاهو' چيو ويندو هو؛ ڄاپندئي نور ڪان وانجهيل نہ هو، ڪيس ٻاروتڻ ۾ ماتا جي بيماريءَ سبب نور جهڙي الاهي نعمت ڪان محروم ٿيڻو پيو.
جبل ۾ چيو ويندو آهي تہ، "الله هڪڙي لٽيندو آهي تہ ٻي پٽيندو آهي." اها ئي مهرباني قدرت شاهه محمد بڪڪ سان خصوصي طور ڪئي جو، هن ڪان ظاهري نور کسي ڪيس سراپا نور ڪري ڇڏيو. سندس اندر ٻاهر ايڏو سوجهرو ڪيائين جو ڪيس اکين واري نور جي حاجت ئي نہ رهي، پرواهہ ئي نہ رهي.

'نڙ' جبل ۾ سيني سازن کان وڌيڪ پسند ڪيو ويندو آهي. هڪ ته 'نڙ' جي ڦوڪ واري سوز ۽ درد کي هو پاڻ سان واڳيل سمجهندا آهن. ٻيو وري هو نڙ پاڻ ئي ٺاهيندا آهن. جنهن جي ڪري ٻين سازن جي ڀيٽ ۾ 'نڙ' وڌيڪ آسان هوندو آهي. ٻئي نمبر تي 'دنبورو' سندن پسنديده ۽ وٽندڙ ساز آهي جيڪو پڻ پاڻ ئي بنائيندا آهن.
جبل جا ماڻهو 'نڙ' جي لئي تي پنهنجي/ پرائي شاعري ڳائيندا آهن. دنبوري تي اڪثر مورا ڏيندا ۽ ڳائيندا آهن. دهل ۽ ڏڪڙ جو رواج جبل ۾ ڪونهي.
رمضان بڪڪ کي ڇهن پٽن: شاهه محمد بڪڪ، سليمان بڪڪ، محمد رحيم بڪڪ، امير بخش بڪڪ، مينهن وسايو بڪڪ ۽ جمعي بڪڪ جو اولاد هو. جن ۾ ماءُ ۽ پيءُ جي ساهه اٽڪيل هئي ('ساهه' جبل ۾ مونث آهي). سندن ماءُ مريم بڪڪ هڪ معصوم سادي ۽ ٻاجهاري عورت هئي. سندس سادي طبيعت بابت هي ڳالهه اڄ به اسان وٽ مشهور آهي ته، سندس ننڍي پٽ جمعي بڪڪ جو، جيڪو ڪنهن گاڏيءَ ۾ ڪلينر هو ايڪسيڊنٽ ٿيو. جنهن ۾ هو ڊرائيور عبدالمجيد بڪڪ سان گڏ زخمي ٿي پيو. اها خبر جڏهن سندس ماءُ کي پهتي ته اها روئندي پٽيندي ڪراچي ۾ پهچي وئي، اتي سندس پٽ، ڊرائيور عبدالمجيد جي گهر ۾ علاج هيٺ هو. ٻئي زخمي هڪ ئي گهر ۽ هڪ ئي ڪمري ۾ هئا. جڏهن ماڻهو ڪين پڇڻ ايندا هئا ۽ جي هو سٽل هوندا هئا ته پڇندا هئا ته، "بيمار ڪٿي آهن؟" ته هوءَ عبدالمجيد ڏانهن اشارو ڪري چوندي هئي، "هو عثمان (عبدالمجيد جو پيءُ) جو آهي ۽ پنهنجي پٽ ڏانهن اشارو ڪري روئي چوندي ته، "هيءُ الله جو آهي."
اهڙن پيار ڪندڙ مائٽن جي اڳيان سندن پٽ (شاهه محمد)، نور کان محروم هو جنهن کي ڏسي هو سدائين جهڄندا ۽ ڪڄندا هئا. پر شاهه محمد بڪڪ ته هڪ غير معمولي شخصيت جو مالڪ هو. پنهنجن سيني ڀائرن کان گهڻو مختلف ۽ نفيس هو. سندس رويا ۽ پسند سيني کان ڌار ۽ منفرد هئي. هن ننڍپڻ ۾ ئي پنهنجي پيءُ سان 'نڙ' جي خواهش ڪئي جيڪا سندس پيءُ ڪيس 'نڙ' ڏئي پوري ڪئي.
پوءِ ته 'نڙ' ۽ شاهوءَ جي "سنگت" (سنگت جبل ۾ مذڪر آهي) .ايڏو ته پڪو ٿي ويو جو ڄڻ سندن وچ مان سڄي دنيا هٽي وئي هئي ۽ هو ٻئي هڪ ٻئي ۾ تحليل ٿي هڪ ٿي ويا هئا.
لطيف رح چواڻي، 'هينئڙي ۾ حل ٿيا....'
هو پنهنجي ڳوٺ، 'عيسيٰ بڪڪ' ۾ رهندو هو. هي ڳوٺ دڙي ۽ لائق پور جي وچ ۾، تعلقي ميرپوربٺوري ۾ آهي.

'نڙ'، جبل جو ساز آهي. ماڻهو ٻڌندا ۽ وڄائيندا آهن. پر شاهوءَ ان ۾ عجيب درد پري ڇڏيو هو. هڪ ته نڙ جو آواز پاڻ ئي سراپا سوز ۽ درد هوندو آهي. لطيف پاڪ فرمائي ٿو ته،
وَڍيل ٿي وايون ڪري، ڪُنل ڪُوڪاري
هِن پَنَ پنهنجا ساريا، هوءَ هَنجون هَڏن لَئہ هاري.
لطيف رح هي بيت سسئيءَ جي حوالي سان چيو آهي. سندس بي انتها گهٽي ڏک ۽ درد کي نڙ جي سوز ۽ درد سان سلهاڙيو آهي، جيڪا رڻن ۽ رجن ۾ رلندي دانهون ڪوڪون ڪندي، جبلن ۽ ڇپرن ۾ جلندي ۽ ڇلندي پنهنجي پرينءَ جي ڳولا ۾ مروئن ۽ دردندن سان ٿاجا (ڏک واريون ڳڏ جاڻيون/ تعزيتي ميڙا) ڪندي مُونجرَندَ (مبهم ۽ غير واضح رستا) پي وئي. جنهن جي درديلن دانهن کي لطيف رح مڪمل طرح نڙ سان تشبيهه ڏني آهي.
وَڍيل ٿِي وَايُون ڪَري، ڪُنل ڪُو ڪاري
هُن پَنَ پنهنجا ساريا، هيءَ هنجون هَڏن لاءِ هاري.
بيت جي لفظي معنيٰ آهي ته،
'وڍيل ٿي وايون ڪري'معنيٰ = نڙ جي وڍيل ڪاني، جنهن کي پنهنجي وجود (وڻ) کان وڍي ڌار ڪيو ويو آهي، جنهن جي ڪري هوءَ دانهون ڪري رهي آهي.
'ڪنل ڪوڪاري، معنيٰ = سسئيءَ کي پنهنجي محبوب پنهونءَ کان ڌار ڪري جڻ ڪيس ڪنو ويو آهي. جيڪا انهيءَ وڇوڙي ۾ ڪوڪون پئي ڪري.'هُنَ پَنَ پنهنجا ساريا' معنيٰ= نڙ جي ڪانيءَ پنهنجا پن ۽ ساوڪ ياد ڪئي آهي. 'هيءَ هنجون هڏن لاءِ هاري' معنيٰ = هيءَ/ سئي پنهنجي انهيءَ وجود لاءِ جنهن کان ڪيس کهي ڌار ڪيو ويو آهي. انهيءَ لاءِ پئي روئي رڙي. ۽ هنجون هاري.
نابين شاهه محمد ٻڪڪ کي اهڙو کهڙو سوز ۽ درد هو جيڪو نڙ جي سوز ۽ درد تي ٻه حاوي ٿي ويو هو، جنهن ۾ هو پنهنجي ڦوڪ اوتي هرهڪ ماڻهوءَ کي مست الست ڪري ڇڏيندو هو.
شاهوءَ کي ڌات قدرت جي پاران سوڪڙيءَ جيان ملي هئي پر درد ۽ سوز ڪيس اکين جي نور کان محروميءَ ڪري هو، يا ڪنهن اهڙي سبب جي ڪري هو جنهن جي باري ۾ هُن پاڻ سائين جي.ايم.سيد کان سوال ڪيو هو. جنهن لاءِ سائين چوي ٿو ته، "اهو ڪهڙي شيءِ جو فراق هو جو شاهه محمد نابينا ۾ ايترو سوز ۽ گداز پيدا ڪندو هو؟
"هن رزا کي عمومي طور سمجهڻ لاءِ زماني قديم کان مغرب ۽ مشرق جي عالمن، فيلسوفن ۽ درويشن پي ڪوششون ڪيون آهن. يونان جي عالمن "ٽريجڊي" (Tragedy) صنف جا

ڊراما لکيا ۽ ان جون فلسفيانه تشريحون ڪيون، جنهن تي اڄ تائين به يورپ جا عالم ۽ فيلسوف لکي رهيا آهن. جيڪڏهن اسان مشرق ۾ صرف، ايران ۽ سنڌ جي درويشن جي ڪلام مان ان مسئلي کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪنداسون ته به راز جي اهميت ۽ عظمت جو پتو پئجي ويندو.

"مولانا روم ان جو سبب نڙانديءَ جي زبان  کان هيئن طرح چوائي ٿو،

ڪز نيستان تا سرا ببريده اند

از نفيرم مردوزن ناليده اند

(جڏهن کان مون کي نڙلي کان وڍي جدا ڪيو ويو آهي مون ۾ ان جي فراق اهو درد پيدا ڪيو آهي جو مرد ۽ عورتون منهنجو آواز ٻڌي غمگين ٿيو پون).

شاهه محمد بکڪ جي انهيءَ سوز ۽ درد جو راز ڇا هو؟/ سبب ڪهڙو هو؟ اهو ڪو به نه ڄاڻي سگهيو آهي. ايتري قدر جو هو پاڻ به بيچين ٿي سائين جي.ايم.سيد جو هٿ پنهنجي هٿن ۾ جهلي اڪثر چوندو هو، "عام منهنجو نڙ ٻڌي تعريف ڪن ٿا پر منهنجي اندر جي سوز کان واقف ناهن. اميد ته تون واقف هوندين؟" ۽ ان وقت سائين جي.ايم.سيد کي مولانا روم جو هي بيت ياد اچي ويندو هو،

هر ڪسي ازظن خود شد يارمن

وزدرون من نجست اسرار من

(سڀ ڪنهن پنهنجي نقطي نگاهه کان مون کي پسند ڪيو آهي ليڪن منهنجي اندر جي احوال طرف نگاهه نه ڪئي).

'نڙ' اڄ به جبل جي 'ساز' جي حيثيت ۾ سڃاتو ويندو آهي. نابين شاهه محمد بکڪ انهي جبل جي سڃاڻپ رڪندڙ ساز 'نڙ' سان ڏاڍو نيايو. نڙ جي حيرت ناڪ فنڪار جي حيثيت سان، سڄاپڄي دنيا جي اڳيان اچي نڙ کي پنهنجن چپن سان ڇهي جڻ ڪيس عرشن تائين پڄائي ڇڏيو هو.

واقعي به اهو ان ساز (نڙ) جو عرش تي پڄڻ هو. جڏهن چين جي وزيراعظم چواين لائي جي اڳيان ڪراچيءَ ۾ شاهه محمد بکڪ پنهنجي فن جو مظاهرو ڪيو هو ته هُو دمبخود ٿي ويو. ڪجهه دير ته هو انهيءَ حيرت ۾ وينو رهيو. پوءِ اٿي اچي اسٽيج تي ساڻس مليو هو. جڏهن ڪيس خبر پئي ته اهو عظيم فنڪار نابين آهي ته هو سندس هٿ مان نڙ وٺي ڪيس ڏسندو ئي رهجي ويو. پوءِ ڪيس انهيءَ ئي مهل پنهنجي ملڪ چين جي اچڻ جي باضابط دعوت هڪ وزيراعظم جي حيثيت سان ڏني، ته سڀ ئي وينل ڪيس اهڙي عزت ملڻ تي حيرانيءَ مان

تڪڻ لڳا. پرجبل جي غيرت مند پٽ ائين چئي چين وجڻ کان معذرت ڪئي ته، "سائين، اوهان جي وڏي مهرباني. پر آئون اوهان جي ملڪ نه ٿو اچي سگهان، چو ته جڏهن آئون ڪجهه ڏسي نه ٿو سگهان ته پوءِ، اوهان جي ملڪ ۾ اچي ڪيئن اوهان جو ملڪ ۽ ماڻهو ڏسي سگهندس." سندس انهيءَ جواب وزيراعظم چين مسٽر چواين لائيءَ کي حيران ڪري ڇڏيو هو:

ڪي جو ٻيجل ٻوليو، پنيءَ ويهي پان
راڄا رتولن ۾، سيباڻو سلطان
"آءُ مٿاهون مڱڻا، مقابل ميدان
گهوريان لک لطيف چئي، تنهنجي قدمن تان قربان
مٿو هي مهمان، هلي آءُ ته هُتِ ڏيانءِ!"

(شاهه رح)

چون ٿا ته پوءِ سندس لاءِ چين جي حڪومت پاران وڏي رقم موڪلي وئي جيڪا ڪيس ملي نه سگهي هئي. اها وچ ۾ ئي واڳن جي وات ۾ هلي وئي. جنهن جي جبل جي صابر ۽ شاڪرپٽ شاهه محمد بڪڪ نڪا شڪايت ڪئي، نڪا ئي ڪيس ضرورت ۽ پرواهه هئي. ڪيس اڪثر وڏين وڏين محفلن ۽ مجلس جون دعوتون ملنديون هيون پر هو لاپرواهه ۽ مرضيءَ وارو هوندو هو، وجي نه وجي سندس مرضي هوندي هئي. سندس راڄ جا لنگها جيڪي تقريباً سيئي مشهور فنڪار هئا. اهي سندس خدمت ۾ جتي ڪٿي ساڻس گڏ هوندا هئا.

استاد محمد جمن جو وڏو ياءُ حاجي الله ڏنو جيڪو پاڻ به سرندي ۽ دنبوري وڄائڻ جو استاد هو، ۽ سنو ڳائيندڙ هو جنهن جو ذڪر استاد محمد جمن تي لکيل پروفائيل ۾ تفصيل سان آيل آهي اهو جسم ۾ مضبوط ۽ لحيم شحيم ماڻهو هو. اهو ته جڻ سندس باڊي گارڊ ۽ محافظ هوندو هو. هلندي جي رڪاوٽ ۽ کو کڏو وغيره نظر آيس ته هڪدم سنهڙي پر قداور ۽ خوبصورت شاهه محمد بڪڪ کي پنهنجي ڳُوندي (پنيءَ) تي کڻي هلندو هو. سڀ راڄ جا لنگها ساڻس ايڏو پيار ڪندا هئا جو ڪيس زمين تي پير رکڻ به نه ڏيندا هئا.

نابين شاهه محمد بڪڪ غير معمولي صلاحيتن جو مالڪ هو. جيئن چئبو آهي ته، "الله هڪڙي لٺي بي پيٺندو آهي". تيئن ئي جڻ ته هن کان اکين جو ظاهري نور کسي سڄي ڪائنات جو روشنيون، سندس اندر ۾ اوتي ڪيس سوجهراين جو مسڪن ڪري ڇڏيو هو.

هن ڪڏهن به ڪنهن سان به، 'نور' وڃائڻ بابت ڏک نه اوريو، جڻ ته ڪيس غرضي ئي نه هئي انهيءَ ڪميءَ جي. هو پنهنجي ٻانهن تي ٻڌل عام مروجه واچ ۾ نهاري وقت ٻڌائي سگهندو هو.

هڪ ڀيري هو اسان جي گهر آيو تہ ڪنهن هن کان ٽائيم پڇيو تہ، منهنجي وڏي ادا قادر بخش ٻڪڪ کيس مشڪي چيو، "شاهو، پنهنجي ٻانهن واري واچ ۾ نہ پر اسان جي ديوار تي لڳل گهڙيال ۾ نهاري ٽائيم ٻڌاءِ؟" هن ديوار ۾ لڳل گهڙيال ۾ نهاري صحيح صحيح وقت ٻڌائي ڇڏيو. ٻي وڏي ڳالهہ اها تہ سڄي زندگي ڪنهن بہ چيز سان ٽڪرائجي هن ڌڪ نہ کاڌو.

هن مضمون لکڻ مهل مون پنهنجي ڀاءُ پروفيسر ڊاڪٽر رسول بخش ٻڪڪ کان شاهہ محمد ٻڪڪ جي شڪل ۽ شبيهہ بابت معلومات ورتي چاهي تہ ڪلي ٻڌايائين تہ، "جڏهن فلم ديدار ۾ دليپ ڪمار کي انڌي جي ڪردار ۾ ڏٺم تہ مون کي شاهو ڏاڍو ياد آيو. بلڪل ائين ئي هو شاهو. ائين ئي ڪنڌ ٻيڻو ڪري سِسي (مٿو) نمائي، آهستي ڳالهائڻ جو انداز، ائين ئي هلڻ... لڳم تہ دليپ ڪمار شاهوءَ کي ڏسي اهو ڪردار ڪيو آهي. يعني فلم ديدار ۾ دليپ ڪمار جي هر ادا ۾ مون کي شاهو نظر آيو."

ڏک جي ڳالهہ اها آهي تہ سندس وڄايل نڙ جي ڪابہ ريڪارڊنگ ريڊيو تي موجود ناهي. چيو وڃي ٿو تہ ان لاءِ پاڻ منع ڪئي هئائين. جيڪو سچ بہ ٿي سگهي ٿو. ڇو جو هن پنهنجي قوم، 'ٻڪڪ' جي سامهون ڪڏهن بہ 'وڄائڻ' واري جي روپ ۾ پاڻ کي آڻڻ پسند نہ ٿي ڪيو. هن ڪڏهن بہ پنهنجي قوم (ٻڪڪ) وارن جي اڳيان نڙ نہ وڄايو هو.

ڪراچيءَ ۾ ڪنهن نجي محفل ۾ کيس پنهنجي فن جو مظاهرو ڪرڻو هو. هن محفل ۾ شريڪ ٽيندڙن جا نالا پڇيا. جن ۾ حاجي مريد خان ٻڪڪ جو نالو بہ کيس ٻڌايو ويو. نالو ٻڌي هن نڙ وڄائڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو. پوءِ جڏهن سندس ملاقات حاجي مريد خان ٻڪڪ سان ٿي تہ هن چيو، "اتي جي مان نڙ وڄايان تہ آئون بہ ڦڪو (شرمندو) ٿيان ۽ اوهان بہ..." اهڙو ئي هو روايتن جو پابند نابين شاهہ محمد ٻڪڪ.

ان جي باوجود بہ انهيءَ ڳالهہ ۾ ڪو منطق ڪونهي تہ ريڊيو وارا سندس ڪوبہ آئٽم محفوظ نہ ڪن. اهو تہ ريڊيو جو پنهنجو اصول هئڻ گهرجي تہ ڪنهن بہ عظيم شيءِ کي هو محفوظ رکن، جيڪو سندن فرضن ۾ شامل آهي.

شڪر آهي تہ ڪن ريڪارڊن ۾ سندس وڄايل نڙ موجود آهي، جن ۾ استاد محمد ابراهيم جا ڳايل ڪلام

1-منهنجي ٻاروچل کي ٻاجهہ پوي، آهيان ڏونگر ڏوري الا
2- لڳي لاهوتين سين الا، جوڳي من ۾ مچ مچائي ويا.

استاد محمد ابراهيم تہ چڻ سندس عاشق هو. هڪ شاديءَ جي محفل ۾، جڏهن شاهہ محمد بڪڪ گذاري ويو هو تہ هن روئندي چيو هو تہ، "واهہ واهہ سبحان الله، شاهہ محمد نابينا جهيڙو عظيم فنڪار هاڻي پيدا نہ ٿيندو. آئون سندس نڙ بنا چڻ اڌورو آهيان. محفلن ۾ مون سان اهو ئي ساٿ ڏيندو هو."

شاهہ محمد بڪڪ انهيءَ ئي رمز ۾ بيمار ٿيو. ائين ئي سنڌي فنڪارن سان روايتي اڻ پڇائيءَ واري حالت ۾ ميرپور بٺوري جي هڪ عام اسپتال ۾ 5 مئي 1957ع تي گذاري ويو. مهان ڪلاڪار استاد محمد جمن بہ ائين ئي غربت ۽ ڪسمپرسي جي حالت ۾ گذاري ويو هو.

انهن سڀني ڳالهين جي باوجود اهو آئت ضرور آهي تہ، رهبر سنڌ سائين جي ايم سيد ڪيس زبردست مڃتا ڏئي ويو! سندس قبر تي مقبرو بنائي، پاڻ اتي وڃي سندس ميڙو لڳائي ڪيس امرتا بخشي ويو.

جن جون سيڻ لهن سارون، تن تان ڏکندو ڏور ٿئي. ڪنهن ڏاهي چيو آهي تہ، "جنهن وٽ گهٽ آهي اهو نہ پر جيڪو گهڻي جو حرص رکي ٿو اهو غريب آهي."

واقعي بہ شاهہ محمد بڪڪ کي محفلن ۾ انعامن جي صورت ۾ الائي ڪيترو ملندو هو، جيڪو هو پاڻ سان گڏ هلندڙ لنگهن ۽ بين غريبن ۾ ورهائي هٿ سکڻا ڪري اتي ويندو هو. جبل جي عظيم پٽ نابين شاهہ محمد بڪڪ کي ڀيٽا ڏيندي آئون، هڪ جبل واسيءَ جي حيثيت ۾ ڏاڍو فخر ۽ خوشي محسوس ڪري رهي آهيان.

ڳجهہ پنهنجي ڳجهہ سين، رند رساڻي لاءِ

اجل اپيو آهہ، پنيءَ تو پلاڻيو.

(شاهہ رح)

# ڪوهستان جي مدر ٽريسا
# ماسي مهران بڪڪ (زهرياڻي)

جبل ڪي ورهہ ٿيا ڇڏي ڪراچيءَ ۾ تڏهن آئي جڏهن سندس شادي ٿي هئي. پوءِ بہ جبل سان سندس ناتو جڙيل رهيو. اچڻ وڃڻ، ڏيڻ وٺڻ ۽ آڻڻ نيڻڻ سڀ ئي سلسلا هلندڙ هئا.
شڪل شبيهہ جي هوءَ سنجيده، سوبر ۽ رعب دار هئي. منهنجو وڏو ادا قادر بخش بڪڪ کيس 'مهاراڻي وڪٽوريہ'چوندو هو، هوءَ واقعي بہ مهاراڻي وڪٽوريہ سان نهايت گهڻي مشابهت رکندي هئي.
هوءَ ٻاجهاري ۽ ڪَندل (ڪرڻ واري) هئي. هر ڪنهن جو خيال رکڻ، ڪارائڻ پيارڻ، ڌوتي سيتي ڪرڻ، ڳنڍَ سَندَ ۽ ڇِير اَوتي، سڀ جو مَڏالو (ذميداري) مٿي تي هوندو هيس.
جبل مان ڪو اڳهو سگهو ايندو هو تہ بہ وٽس اچي رهندو ۽ ٽڪندو هو. رڌي پچائي عزت سان اڳيان رکندي هئي. دوا دارو، حڪيم ڊاڪٽر، پير فقير سيني ڏانهن پئي آڻيندي نيندي هئي.
رڌڻ پچائڻ جي بہ وڏي سَراز (ماهر) هئي. سائو مرچ بہ جي، آمريءَ پِچو ۽ ڪٽو لوڻ جو انبوري، گهہ ذرو ڪٽڇي ۾ وجهي تريائين تہ ماڻهو آڱريون چٽي ويهي رهي.
جبل ۾ جڏهن ڪنواري هوندي مائٽن جي گهر ۾ هئي تہ بہ سندس رڌيل پچايل ڪاڏو مشهور هو. چون ٿا تہ ڪنهن ڏڪار مهل وٽن ڪو مهمان آيو تہ ماني رُڪي هئي (بنا ٻوڙ جي)، جيڪا مهمان جي اڳيان نہ ٿي رکي سگهيا. ڳولڻ سان ڪيس گهر ۾ پيل هڪ ٻہ پراڻيون سُسيل، سُڪل موريون هٿ آيون. ماءُ چيس، "هيءَ ڪهڙي ٿي خواري ڪرين؟ مهمان ڪي ماني ۽ جهڻ (لسي) جو ڪٽورو ڏيو بس!" هن نہ مڃيو، ڇا ڪيائين جو اهي سڪل موريون ڌوئي پوئي، پتيلي ۾ پاڻي چاڙهي. ان ۾ سڄيون موريون وجهي ڇڏيائين. جڏهن اهي نرم ۽ ڪونئريون ٿيون تہ پاڻي مان ڪڍي، ڇِلي، ڪُري، ڪُتي رکيائين. سڃا ڳاڙها مرچ، سڪل ثوم، ذرو بصر اکريءَ ۾ ڪٽي پَتيلي ۾ گهہ وجهي، ان ۾ مصالحو وجهي پُڄي ان ۾ ٻاقيل ڪٽيل موريون وجهي، پُڄي پُڄي ذرو لوڻ ۽ ٿوري دهي وجهي دم تي رکي ڇڏيائين.
ٿوري دير ڪان پوءِ پتيلي جو ڍڪ لاٿائين تہ خوشبوءَ مان سڄو گهر واسجي ويو. ڄڻ فائيو اسٽار هوٽل جي ڪا اسپيشل ڊش هجي. مهمان تہ ڪائي ڇريو ٿيو. پر سندس گهر وارا بہ جيڪي سندس سوادي ڪاڏي ڪائڻ جا رهيگ (عادي) هئا. اهي بہ ڏڪار ۾ اهڙي سني ٻوڙ (ٻوڙ=جبل ۾ مونث آهي.) ڪائي خوش ٿيا.

اها ئي ماسي مهران بڪڪ پرڻجي ڪراچيءَ ۾ آئي ته ماهر بورچي ٿي وئي. سنو ڪاڏو بنائڻ ڪان علاوه هوءَ هڪ ماهر ويج به هئي. ڪيس اها ميراث پنهنجي چاچي عمر خان بڪڪ (پوراڻي) ڪان ملي هئي.
جبل ۾ به هوءَ ڪڪڙ، ٻڪر جي اگهائي سگهائي ۾ ڏڪ ڦٽ جو علاج ڪندي هئي. ڪراچيءَ ۾ آئي ته ڪيس وڏا تجربا ۽ مشاهدا ٿيا.
هونئن به هوءَ گهرجي ٿوري گهڻي اگهائي (بيماري) جو پاڻ ئي علاج ڪندي هئي. ڪنهن کي ڏڪ نڪتو يا ڪو وڍيو ۾ ڪُترِيو ته سرنهن جي تيل ۾ سائي اگڙي، ذرو لوڻ ۽ هيڊ جو وجهي، ٽاٽاري (تيل ۾ گرم ڪري) وَڍَ ۽ ڏَڪَ تي سَوسِي سَوسِي (اڌ گرم) رکي مٿان پٽي ٻڌي ڇڏيائين ته جڻ ماڻهوءَ ڪوڙ وڍيو. (ڪوڙ ڳالهايو).
ڪنهن کي جلاب، الٽي ٿيا ته، پاڻيءَ ۾ کنڊ ۽ لوڻ ڪاڙهي ست پيرا ڪپڙ ڇاڻ ڪري (ڪپڙي سان ڇاڻي) ڏينهن ۾ ٽي چار پيرا پياريندي ۽ ڪاڏي ۾ پٽڙي ڪچڙي ۾ ڏهي ڪارائيندي ته ڪيڏانهن ويا دست جلاب ۽ ڪيڏانهن الٽي ۽ اوڪارا. ماڻهو نئون نِمرو هَر (هرڻ) پيو جهليندو.
شهر ۾ جيڪي ڊاڪٽر الٽي جلاب لاءِ او. آر. ايس پياريندا ۽ ڊرپون چاڙهيندا آهن. اهو ئي ساڳيو جبل جو ديسي طريقو ماسي مهران وٽ هو.
ائين، نه رڳو هوءَ ماڻهن جا علاج ڪندي هئي. پر جانورن، مال ۽ پکي پکڻ جا به سور نه سهي سگهندي هئي. انهن جا به علاج ڪندي هئي. هڪ ڪڪڙ جي ٽنگ ڀڳي ته هُن ميٽ چوڙي (پسائي) ان جو ليپو ڀڳل ٽنگ کي ڏئي، مٿان ننڍيون ننڍيون ڪانيءَ جون پٽيون ڪنيارن وانگي رکي، وري ان جي مٿان به ميٽ جو ليپو چاڙهي، ڪپڙي جي پٽي سَڪُ ٻڌي ڇڏيائين ته اها هَڏي جڙي وئي هئي. ائين ئي هن هڪ ڪبوتر جي ڀڳل ٽنگ به جوڙي هئي.
ماڻهن جون خدمتون ڪرڻ جو ڄڻ ته سُٺيءَ ۾ پِرَو (ڄمڻ وقت ٻار جي پهرين خوراڪ)پيل هئس.
جبل ۾ ڪنهنجي شادي ٿيندي هئي ته هَٺاڙو پيڃڻ (شاديءَ جي خريداري) لاءِ ماڻهو جبل مان هلي ملي وٽس ڪراچيءَ ۾ ايندا هئا. ۽ ماسي مهران جي گهر ۾ ئي اچي رهندا هئا. ڪاڏو پيتو، هنڌ بسترا، ڊوڙون، ڊڪون، هلاڪيون سڀ ماسي مهران جي ٻِلي ۽ ڪاتي ۾ هونديون هيون.

ٻين جون خذمتون ڪندي ڪيس خوشي ٿيندي هئي. سندس گهر وارو فيض محمد ٻڪڪ سندس پڦيءَ جو پٽ هو. اهو مانيٽي طبيعت جو مالدار شخص هو، جنهن جي طرف کان ڪيس ڪابہ روڪ ٽوڪ ۽ جهل پل نہ هئي.
هتاڙي لاءِ آيلن ڪي وني هوءَ هڪدم بازارن جو رخ ڪندي هئي. جبل جي ماڻهن جي خريداريءَ لاءِ سندن پسنديده بازار اڄ بہ لي مارڪيٽ آهي. جيڪا سندن مزاج شناس آهي. جتان ڪين پنهنجي پسند جي هرهڪ شيءَ مليو وڃي. موتين واريون سوڙيون، جهابن وارا رومال، ٽڪين واريون ونجٽيون (وڃٽيون)، آڃڻ (سرمو)، آڃٽي (سرمي داني)، پِرِزِڻ (سرائي)، مُساڪ، سُراهي، ٽوپ، سليڦر (شادي ۽ مڱڻي لاءِ مخصوص ڪنوار جا جوتا)، مُوڙي ۽ ڇٻڙي جو سامان، جنهن ۾ سڪل ڪارڪون، بادام، ڪوپرو، ڪشمش، ڏاک، سوپاريون، لونگ، ايلائچون، مصري وغيره. اڪيو (ونانهہ مهل ڪنوار جي منهن تي ٻڌڻ لاءِ ٻن اڪين وارو خاص بنايل ڪپڙو)، ڪَنڊلي جو سامان، سڳو، پَٽ، مهلب، لونگ، جل ڦل، جعفر (جاءِ ڦل) وغيره.
ڪَنڊلو، اها خوبصورت ۽ خوشبودار ڪَنڊي، جيڪا شاديءَ مهل ڪنوار پائيندي آهي. مرد ڪڏهن بہ ڪنڊلو نہ پائيندو آهي. ڪنڊلي جي هڪ مخصوص ۽ وڻندڙ خوشبو آهي جيڪا ڪنوار لاءِ مخصوص آهي. جبل جون وضع دار سهاڳڻيون بہ عام طور گهر ۾ پائينديون آهن. لي مارڪيٽ مان جبل وارن ڪي ڪنوار جا ڪپڙا سوسيون، ٻانڊٽيون، گج، مقيسي پريل پَٽَ جون گنديون (پوتيون)، پريل جتيون، سانڌ سؤنڻ جا مخصوص ٽانوَ؛ ٽالي، ڪٽوري، ٽِڪ (آرسي جبل جو مخصوص نالو 'ڏوتَارِي)، سُرهو تيل مطلب تہ ڪراچيءَ جي صدر ۽ طارق روڊ جي پيٽ ۾ جبل وارن ڪي پنهنجي مطلب جي هر شيءِ لي مارڪيٽ مان ملي ويندي آهي.
تنهن کان سواءِ 'سونارو مارڪيٽ' يعني صرافہ بازار بہ اتي ئي آهي. جتي جا سونارا سندن مرضيءَ جا سونا زيور گهڙي ڏيندا آهن، جن ۾ ڏانوڻ واري پِرڻي سان نٿ، پَهلودي دُرَ، سادا دُر، والڙيون، ڊيدا، ڏاٽي، ڦُلڪ، ڏاندڙو (بولو)، چوڙيون، ڪڙا، ڪنگڻ، جهومڪ،ٻَڪل، ايرينگ، بسليٽ (برسليٽ)، هار، دهريون، منڊيون، ڪيرول، وَرٽا ۽ ٽاچٽي وغيره.
چانديءَ وارا بہ اتي ، جتان هَس، چيريون ٻانهيون، لساپٽا، پٽي واري ٻانهين، ٽائيٽ، ڪيروليون، ورول، ٻُرنجي ڪڙا، سيپئي هڪ ئي هنڌان نهي ملندا. تہ وري ٻارن جا رانديڪا، گاڏيون ڪائڻ پيئڻ لاءِ سندن پسند جا ڪاڏا ۽ شربت ملي ويندا اٿن.

جبل وارن ۾ هٿاڙو پيجڻ جي به هڪ رسم هوندي آهي ۽ گهڻين ماين کي دعوت ڏئي پاڻ سان گڏ بازار وٺي ويندا آهن. اتي گهوٽيتا کين ڪارائيندا پياريندا به آهن.
هٿاڙو پيجڻ (گهوٽ ۽ ڪنوار لاءِ شاديءَ جي خريداري) ڪان پوءِ اها به ڄڻ ته رسم آهي. بلڪ رسم ئي آهي ته خريداريءَ کان پوءِ گهوٽيتا گڏ آيل سيني ماين ۽ ٻين پنهنجي ويجهي مائٽياڻين لاءِ، جيڪي پلي ساڻن گڏ نه به آيل هجن. انهن سيني لاءِ لي مارڪيٽ جو مشهور چاٻو حلوو، المعروف 'ڪراچي حلوو' ۽ جبل ۾ معروف 'چيڪو هلبو' ضرور وٺي ڏيندا آهن، جيڪو لي مارڪيٽ جا ماهر حلوائي روايتي طريقي سان بادام جي وڏن پنن ۾ ويڙهي ڏيندا آهن.
ماسي مهران بڪڪ ٿورن ڏوڪڙن مان به ريڙهه پيڙهه ڪري کين گهڻي خريداري ڪرائي ڏيندي هئي. وٽس سکن ۽ ڏکن جا ميڙا متا (متل) پيا هوندا هئا. ڇو ته وٽس ماڻهو هر قسم جا ايندا هئا؛ ڪي خوشين جو خريداريون ڪرڻ ايندا هئا ته، ڪي وري اگهن لاچارن کي وٺي ايندا هئا. تنهن کان علاوه ٿيون طبقو انهن پيرن فقيرن جو به وٽس ايندو هو جيڪو ڄڻ ته ڪيس خوشين سان مالا مال ڪري ويندو هو. جن جون بزرگيون ۽ معجزا ماڻهن کي حيران ڪري ڇڏيندا هئا.
ماسي مهران بڪڪ پاڻ ڪا عقيدي جي ڪچي نه هئي. هوءَ هڪ سپرنارمل عورت هئي. جبل وارن جي فطري فطرت موجب ڪنهن به جادو ۽ منڊ ڪامڻ تي نه وسهندي هئي. ڏکيءَ جا ڏک ڏسڻ ۾ ايندا آهن ۽ طريقو به ته ڪيئن لاهجن ته پوءِ اهي نظر ايندڙ ڏک لاهجن يا پوپن ۽ پليتن جي پنيان پئجي وقت وڃائجي! ائين ئي اگهي جي اگهائي بابت به وٽس حڪيم ۽ ڊاڪٽر سُجهندا هئا، تنهن ڪري هن نکو دم، ڦيٽو، پاڻ ڪيو نه ڪرايائين. نه ئي ان باري ۾ ڪنهن کي ڪو ڏس پتو ۽ مشورو ڏنائين. هوءَ نوس حالتن ۾ نوس قدمن جي پاسداري ڪندڙ وڏي درجي جي عورت هئي.
وٽس جيڪي پير ۽ فقير ايندا هئا انهن کي به خبر هئي ته، هوءَ مٿن ڪو ايمان يا يقين نه رکندي هئي. ائين هو به وٽس عام مهمانن وانگي رهندا هئا. خير، سادات هئڻ جي ڪري هوءَ کين عزت، احترام ۽ اهميت ڏيندي هئي. پر ائين نه، جيئن عام ماڻهو انهن تي فدا ٿيندا هئا، هوءَ کين ٻين سان گڏ ڪارائيندي پياريندي هئي. اهي به ڪيس سڃاڻندا هئا، ۽ ائين ئي گهر-ڀاتين وانگي رهندا هئا.
انهن ۾ دڙي شهر جو هڪ سيد به هو، جيڪو انتهائي سادي طبيعت جو هڪ فقير منش ۽ ڪل مڪ انسان هو. پاڻ به پيري فقيري کي اهميت ڏيندڙ نه هو. نياڻي سياڻي جي مٿي تي هٿ

رکي ڪينڪاريندو هو. ساڻن ويهي ڳالهيون ٻوليون، ۽ يوڳ چرچا ڪندو هو. هو ٻه ساڻس يوڳ چرچا ڪنديون هيون ته سائين ٻه سندن هر ڳالهه سهندو هو. حالانڪ هو وڏي عمر جو هو ۽ وٽس وڏيون قوتون ۽ طاقتون هيون، جن جي خبر نڪو ماسي مهران کي هئي، نه ئي انهن يوڳ ڪندڙ ۽ ساڻس برابريءَ جو سلوڪ ڪندڙ شرارتي ڇوڪرين کي هئي.

سائين جسماني طرح سان سنهڙو ۽ ڪمزور هو. شايد ان ڪري ئي اهي نوجوان ڇوڪريون جيڪي جبل جي نسل جون هيون ۽ بيحد طاقتور ۽ قداور هيون، تن جي اڳيان سائين جي ظاهري شباهت هئي. جنهن جي بنياد تي هو سائينءَ سان يوڳ مشڪرا ڪنديون هيون. ان لاءِ پڻ سائين ئي ڪين همٿائيندو ۽ اڳتي وڌائيندو هو. مثال، جڏهن نوجوان ڇوڪريون ساڻس ڪينڪاريندي هيون ته سائين ساڻن هٿ ملائيندي سندن هٿن کي زور ڏيندو هو ۽ سندن هٿ سَڪ جهليندو هو، پهرين ته ڪين سنو نه لڳندو هو. پر پوءِ هو انهيءَ حرڪت کي "سائينءَ" جي عادت سمجهي سندس هٿ کي ٻه زور سان جهليندي هيون. يعني ڪنيڪارڻ مهل هو ٻه سائين جي هٿ کي زور ڏئي ڪينڪاريندي هيون!

هڪ ڀيري هڪ نوجوان ڇوڪريءَ جي هٿ کي ڪينڪارڻ مهل، هن سَٽَ ڏني ته انهن نوجوان، مضبوط ۽ قداور ڇوڪرين پاڻ ۾ صلاح ڪئي ته، "سائين آهي ٻه صفا ڪمزور اسان جي سٽ سهي ٻه نه سگهندو. پر اسين ٻه ڪيس ائين سٽ ڏينديوسين." ماسي مهران کي خبر پئي ته، انهن ڇوڪرين کي دڙڪا ڏنا ته، "متان ڪا سائينءَ سان اهڙي حرڪت ڪئي اٿوَ. سائين ڪو معمولي ماڻهو ڪونهي...." ڇوڪرين چيس،"پوءِ سائين ڇو ٿو اسان کي سٽون ڏي." ماسي مهران ناگواريءَ مان چيو، "امان، اوهين ٻه پنهنجي گهرن ۾ سک سان ويهي رهو. روز سائينءَ ڏانهن نه ايندي ڪريو."

ماسي مهران کي خبر هئي ته سائين جي هٿ ۾ وڏي جنات آهي. ڇو جو سائين روز هن کان مانيون، کنڊ ۽ گهه وٺي اهي پوري ڪري جنن کي کارائيندو هو. ۽ چوندو هو، "امان بشارت خاتون، (سائينءَ ماسي مهران تي بشارت خاتون نالو رکيو هو)، هيءَ جنات مون کي اولاد وانگي پياري آهي." اهو لقاءُ ٻه ماسي مهران ڏٺو هو ته سائين ڪڏهن ڪجهه لکندو پيو هو ۽ اهو رومال ۾ ويڙهي اڳڻ واري وڻ تي چڙهي مٿي ٻڌي ايندو هو ۽ چوندو هو، "امان بشارت خاتون، گهر ۽ مائٽن ڏانهن خط موڪليو اٿم." صبح جو ڏسبو هو ته اهو ٻڌل رومال غائب هوندو هو. رات جو ٻئي رومال ۾ ويڙهيل خط وڻ ۾ ٻڌل هوندو هو ته سائين چوندو هو "جواب اچي ويو آهي."

اهي سڀ خبرون ماسي مهران وٽ هيون جنهن بنياد تي هوءَ ڇوڪرين کي سائينءَ جي ويجهو اچڻ کان جهليندي هئي. ڇوڪريون ماسي مهران جي ناراضگيءَ سبب سندس گهر ۾ گهٽ اچڻ لڳيون بلڪ پوءِ ته اچڻ ئي ڇڏي ڏنائون. سائينءَ ماسي مهران کان پڇيو ته، "هاڻي نياڻيون نه ٿيون اچن. تو ڪين جهليو آهي ڇا؟" ماسي مهران ويچاري ڇا چوي، بس ايترو چيائين، "سائين، ڪم ۾ اوليون (ڦاٿل) هونديون." سائينءَ مشڪي ڪنڌ ماٺ ڪئي.
هڪ ڏينهن هڪ ڇوڪري ڪو نياز وغيره کڻي ماسي مهران جي گهر آئي ته سائينءَ چيس، "هاڻي نه ٿيون اچو ڇو؟" ڇوڪريءَ نهه پهه جواب ڏنس، "سائين، تون به اکي (وناهن) ۾ وينل ڪنوار ڪونهي جو ٻاهر نه ٿو نڪرين. هتي ماڻهو ناراض ٿا ٿين."
سائين پوءِ واقعي به ٻاهر نڪرڻ لڳو ۽ انهن ڇوڪرين جي گهرن ۾ وڃڻ لڳو، جتي سڀ ئي ڇوڪريون گڏ ٿينديون هيون. وري اڳ جيان يوڳ ٿيڻ لڳا. سائين ڏاڍو خوش ٿيڻ لڳو. هاڻي ته يوڳن سان گڏ لاڳيون (هٿ سان يوڳ واري ڪيچل ڪرڻ) يا ڪِتولي (ڪتڪائي ڪرڻ) به شروع ٿي ويو. هڪ ڇوڪري جيڪا سُهڻي، قداور ۽ نهايت طاقتور هئي جنهن سان سائين به گهڻي طاقت آزمائي ڪندو هو. اها به روز ايندي هئي.
ڇوڪرين پاڻ ۾ صلاح ڪئي ته، "هاڻي سائينءَ جو گهڻو لحاظ نه ڪبو." سائين وٽن ايندو هو ته اهي سندس لاءِ کٽ تي هنڌ وڇائي وهارينديون هيون. سندن مائٽ خوش هئا ته، "سائين اسان جي گهر ٿو اچي." اهي سڀ سائينءَ جي اڳيان احترامن هيٺ پٽ تي وهندا هئا. هڪ ڏينهن سائين وٽن آيو. ڏاڍي يوڳ واري انداز ۾ اچي کٽ تي وينو ۽ ساڻن يوڳ ڪرڻ لڳو. اها خوبصورت ۽ مضبوط ڇوڪري به آئي. اچي سائينءَ سان ڪينڪاريائين ته سائينءَ سندس هٿ کي جهلي سٽ ڏني. ڇوڪريءَ به پروگرام جي تحت ته، 'هاڻي لحاظ ناهي ڪرڻو.' وٽي جو سائينءَ کي سٽ ڏنائين ته سائين کٽ تان اچي زور سان هيٺ ڪريو، ۽ بيهوش ٿي ويو. سڀ ئي پريشان ٿيا. ماسي مهران به آئي ۽ ڇوڪرين تي ڪاوڙجي چيو، "هچاخوريون، هي ڇاڪيوَ؟" ڇوڪريون به پريشان مجرمن جيان بيٺيون رهيون.
سائينءَ کي مس مس پاڻي ڇٽي هوش ۾ آندائون ته هو ڏاڍو ڪاوڙيل هو. ماسي مهران جي گهر اچي ڪيس چيائين، "آئون دل خوش ڪرڻ ويندو هئس. انهن مون سان ائين ڪيو!" ماسي مهران چيس، "سائين مون ته ڪين جهليو هو پنهنجي گهر ڏانهن به اچڻ کان. اوهين پاڻ انهن جي گهر ويندا هئا." سائينءَ کي الائي ڇو جلال اچي ويو ۽ هو ماسي مهران تي به ڪاوڙجي پيو. "آئون ان لاءِ ته نه ويندو هئس ته هو منهنجي بيعزتي ڪن. اهو سندن طريقو درست نه هو."

ماسي مهران وري ڪاوڙجي ڇوڪرين وٽ آئي ته، "اوهان جي انهيءَ حرڪت سائينءَ کي ڪاوڙائي ڇڏيو آهي. هاڻي هلي سائينءَ کان معافي وٺو." ڇوڪريون ٻڙ ٿي بينيون ته، " اسين ڇو معافي وٺون. غلطي سندس هئي. اڳرائي پاڻ ڪيائين...." ماسي مهران گهڻيون ئي منٿاڪٽيون ڪيون. پر ڇوڪرين نه مڃيو. هوءَ خالي موٽي گهر آئي ته سائين در ۾ اڪيون وجهيو وينو هو. پڇائين، "نه آيون؟" ماسيءَ جواب ڏنو، "نه سائين، ڇوڪريون ٻتوريون ضِدُوڙيون آهن. چيو نه ڪيائون." سائينءَ چيو، "ڏسان، ڪيئن نه ٿيون اچن."
ٻئي ڏينهن تي سڀ ئي ڇوڪريون ڪنهن نه ڪنهن تڪليف ۾ ورتجي ويون. جنهن خوبصورت ۽ مضبوط ڇوڪريءَ سائينءَ کي سٽ ڏئي ڪٽ تان ڪيرايو هو، اها سنڌن کان صفا سُڪي وئي هئي. ماسي مهران ڇوڪري جي مائٽن کي سڄي ڳالهه اچي ٻڌائي. ڇوڪري هلڻ کان لاچار هئي جنهن کي جهول ۾ کڻي سائينءَ وٽ آيا ۽ ڏاڍيون معافيون ورتائون. ڇوڪريءَ پاڻ اکيون نمائي معافي گهري ته سائينءَ مشڪي معاف ڪيو ۽ حيرانيءَ جي ڳالهه اها ته، ڇوڪري انهيءَ رات نيڪ ٿي وئي.
ماسي مهران سائينءَ جي پيرن تي ڪِري پئي، "سائين، هي گهر تنهنجو آهي منهنجي ٻچن جو مَنو نه ٿي. نياڻيون اڻ سمجهه آهن. ٿوريءَ تي به ايڏي تعدي ڏني اٿن."
پوءِ واقعي به سائين مختلف ٿي ويو. باقي ڇوڪريون ته ايڏيون ڊنل هيون جو ڪنهن ضروري ڪم لاءِ به ماسي مهران جي گهر نه ايندڀون هيون. سائينءَ کي به ڏک ٿيو. هڪ رات جو اوچتو ماسي مهران کي ايترو چئي گذاري ويو ته، آئون جيڪر هتان هليو وڃان پر منهنجي مٽيءَ جو پنوڙو هتان جو آهي. مون کي هتي دفن ڪجو. مون کي منهنجي اباڻي قبرستان دڙي ڏانهن نه نجو." پوءِ واقعي به هُن کي جتي چيو هُئائين اتي ئي دفن ڪيو ويو. اڄ به سندس قبر حاجي مريد ٻڪڪ ڳوٺ جي صديون پراڻي قبرستان ۾ موجود آهي، جنهن جي باري ۾ اها ڳالهه ورهاڱي کان پوءِ آيل پناهگيرن ۾ مشهور آهي ته، "هي قبر ڪنهن جلالي بزرگ جي آهي، جيڪو اسان جي گهڻن ماڻهن جي خواب ۾ آيو آهي. اسان تي ڏاڍو ڪاوڙيل آهي، ۽ هن ئي قبر مان اٿي اسان کي چوندو آهي ته، هتان کان نڪرو، وري هليا وڃو پنهنجي ملڪ..... نه ته آئون اوهان کي تباهه برباد ڪري ڇڏيندس."
ماسي مهران ٻڪڪ وٽ اهڙا سائينءَ جهڙا غير معمولي انسان به سدائين لاءِ رهيل هئا. هوءَ بنا ڪنهن تڪليف جي سندن خدمتون ڪندي هئي.

آخر ۾ ماسي مهران جو اهو خلوص ۽ پيار سندس لاءِ ڏاڍو مهانگو ٿي پيو. جڏهن ماڻهو رِين ڪِين (اجايو/يڪو) هڏ ماڳهين (بنهہ/ صفا) وٺس اچي رهي پوندا هئا، بنا ڪنهن ڪم ڪار جي رڳو وينا ڪائيندا ۽ ڪچهريون ڪندا هئا.
هُن وٽ ڪو خدمتي ادارو نہ هو، نہ ئي هوءَ ڪا اين.جي.اوز جي رهنما يا ڪرتا ڌرتا هئي. يا مٿس ڪي ڊونرز ملڪن مان ڊالر وسندا هئا. هوءَ تہ هڪ عام غريب عورت هئي جنهن کي ڪٿان بہ ڪو آنو ٽڪو نہ ملندو هو. نہ ئي هوءَ ائين ڪرڻ چاهيندي هئي. هوءَ تہ بس پنهنجي ذات جي تسڪين خاطر اهو سڀ محدود طريقي سان ڪندي هئي جنهن کي واندن ۽ بيڪمن ماڻهن لامحدود ڪري ڪيس ورچائي ڇڏيو هو. ان جي باوجود هوءَ جيترو پڄي سگهندي هئي پئي ڪندي هئي.
جبل ۾ ڪنهن کي خارش وغيره ٿيندي هئي تہ لڏوئي اچي ماسي مهران جي گهر لهندو هو. هوءَ کين وني ڪراچيءَ جي منگهو پير واري مشهور گرم چشمي (جبل ۾ معروف "ڪوسي ڪشتي") تي ويندي هئي. اتان بہ ٽي تڙڪرائي پوءِ کين رواٽيندي (اماٽيندي) هئي. بہ ٽي تڙ ڪرائڻ معنيٰ بہ ٽي ڏينهن رهائڻ جنهن ۾ کاڌو پيتو، رهائش سڀ ماسي مهران جي ٻلي هوندا هئا.
پڇاڙيءَ ۾ ماڻهن ڪيس ڏاڍو تنگ ڪيو. جيئن پهاڪو آهي تہ، 'سڄڻ سڄي ٻانهن ڏي، تہ بہ ڪجهہ ڪائجي ڪجهہ رهائجي.' پر ماڻهو تہ سڄي ٻانهن ئي ڪائڻ وارا هئا.
ماسي مهران ٻڪ جي ڳوٺ وارا تماش بين هئا. اهي رڳو ڪيس حيرت مان ڏسندا هئا. اهي ويچارا بہ ڇاڪن؟ جن جي پنهنجي پورت بہ مس ٿيندي هئي. اهي تہ بس رڳو سندس مستقل مزاجي ۽ اڻ ورچائيءَ تي ڪيس تڪيندا رهندا هئا.
هڪ پيري ماسي مهران جي ڌيءَ جي شادي هئي. هن مٿن مائٽن ڏانهن ڪوٺون، دعوتون موڪليون. پروٺس سڄو جبل اچي اٿليو. يعني جن کي دعوت مليل نہ هئي اهي بي دعوتيا بہ اچي پهتا. پاڻ سيني کي ڪارائي پياري، هنڌ بسترا وڇائي، اَوڇون اوڍيون (شاديءَ جا تعفا.) شادي ختم ٿي تہ سيني کي ڪراچي ۾ پنهنجا ڪم، خريداريون ۽ مرض ياد آيا. ماسي مهران ويچاري شاديءَ جي ڪمن ڪارين ۾ ٿڪل ڪٽل/ ٽٽل اها وري اچي ڦاٿي. هڪڙن کي وني وڃي خريداريون ڪرائي اچي تہ، ٻين کي پئي ڊاڪٽرن ۽ اسپتالن ڏانهن وني وڃي.
سيني جا ڪم اڪلائيندي کين پنهنجن گهر ڏانهن موڪليندي وئي. اجا مس شاديءَ وارا مهمان رواٽيائين تہ نڪ اچي ٻيا مهمان پهتا جن سان گڏ هڪ بيمار ڇوڪري هئي. ماسي

مهران اڄا شاديءَ جو ٽڪ ٻه نه لاٿو هو، سندس خواهش هئي ته آرام ڪري، جنهن جو هن مهمانن جي اڳيان لڪاءُ به نه ڏنو، ۽ سندن خدمتن ۾ لڳي وئي.
هاڻي ايترو بس فرق آيو هو اڳوڻيءَ کان، جيئن اڳ هر ڪم آرام سان ڪندي هئي. پر هاڻي سڀ ڪم تڙتڪڙ ۾ ڪري، علاج يا خريداريون تڪڙو تڪڙو ڪري، ڪين گهرڻ ڏانهن رواڻيندي هئي ۽ ڪيس اطمينان ٿيندو هو ته، 'هنن جا ته ڪم ٿي ويا!'
ائين ٿڪل هئڻ جي باوجود هوءَ بيمار ڇوڪريءَ کي ان ئي مهل سول اسپتال وٺي وئي ۽ ٽيسٽون وغيره ڪرائي، خيراتي دوائون وٺي گهر آئي ته گهر ۾ ٻيا ٻه ٽي مهمان وينل هئا، جيڪي لي مارڪيٽ مان سون وغيره وٺڻ آيا هئا. ماسي مهران ٿڪل ٿڪل آئي هئي. پر ڇا ڪري، بيمار ڇوڪريءَ جي مائٽن کي دوائون ڏئي، سمجهائي ته، "هاڻي ڇوڪريءَ کي گهر وٺي وڃو. گهر ۾ وڃي دوائون ڪارايو. حال ڏيڻ لاءِ ڪنهن هڪ ماڻهوءَ کي موڪلجو."
ڇوڪريءَ جي مائٽن چيو ته، "اڄوڪي رات هتي آهيون، سڀاڻي هليا ويندا سين!"
ماسي مهران نڪو ڪڇيو نڪو پڇيو، نڪو ها ڪيائين نڪو نه. پاڻ ويني ٻه نه، ٻيٺي ٻيٺي پاڻيءَ جو ٻُتو (ڍڪ) نڙيءَ تان ڇاڻيائين ۽ وري نون مهمانن سان گڏجي لي مارڪيٽ جي صرافه بازار ڏانهن رواني ٿي. اتي پهچي انهن کي تڪڙو تڪڙو خريداري ڪرائي ٻاهر نڪتي بس اسٽاپ تي آئي ته سندس نظر موئداڻ (جبل جو علائقو) ڏانهن ويندڙ گاڏيءَ تي پئي ۽ هُن انهن مهمانن کان اتان ئي موڪلائي ڪين گاڏيءَ ۾ چاڙهي روانو ڪيو. پاڻ اڪيلي ئي مطمئن گهر ڏانهن هلي ته، "سڀاڻي ڇوڪريءَ وارا ٻه هليا ويندا ته آرام ڪنديس. پوءِ سامت جو ساهه کڻنديس. هوءَ انهيءَ ئي اطمينان سان گهر پهتي ته گهر ۾ روڄ لاڙو متو پيو هو.
اڄي ڏسي ته اها بيمار ڇوڪري گذاري وئي هئي ۽ مائٽ منهن متو پٽي روئي رهيا هئا.
ٿڪل ٽٽل ماسي مهران ٻڪ ٻڪ آهستي ساڻ اچي سندن پر ۾ ويني ۽ ساڻن گڏ لڙڪ لاڙڻ لڳي.
ماسي مهران جي سڄي زندگي ائين ئي خدمتن، خاطرين ۽ هڻ هٽان ۾ گذري وئي. ائين ئي ڊوڙون ڊڪون ڪندي، پڄندي هلاڪيون ڪندي پاڻ ٻه ڪمزور ۽ بيمار ٿي پئي.
هڪ ڏينهن انهن ئي مهمانن جي گهيري ۾ پنهنجي گهر ۾ سڪون سان اکيون ٻوٽي ڇڏيائين (اِناللہ وانا عليه راجعون).

جَان جَان هُئي جِيئري، وِرِچي نَہ ويني
وَڃي پُونءِ پِيئَي، سَاريندي کي سَڄڻين.

(شاهہ رح)

حقيقت ۾ جبل جا ڪردار ڏاڍا سگهارا ۽ ٻلوان آهن جن ڪي سارڻ ۽ ياد ڪرڻ اسان جي ذميداري آهي. شال اسين اهي ذميداريون نباهي سگهون.

# ٽي لطيفي ڪردار

## حاجي اسماعيل بنديجو، گلو بنديجو (ساجناڻي) ۽ وڏيرو غلام قادر بنديجو



حاجي اسماعيل بنديجو



وڏيرو غلام قادر بنديجو

حاجي اسماعيل بنديجو ڪوهستان جو هڪ دلچسپ ڪردار آهي جنهن جا عجيب رخ هئا. قد جو ڊگهو، رنگ جو پورو، جسماني طور پورو پنو، نہ ٿلهو نہ سنهو. ڪرت ۾ واپاري. حيثيت ۾ سکيو. بلڪ ڪجهہ ڪجهہ شاهوڪار.

هو 'پشم' (رڍن ۽ ٻڪرين جي اُن ۽ ڏاس) ۽ ڪوئلي جو واپار ڪندو هو. وٽس هڪ گاڏي (ڊاج) بہ هئي. پر سندس گهڻو بلڪ سڄو ڪاروبار سيٺ علي محمد بکڪ جي لي مارڪيٽ ڪراچيءَ ۾ واقع واپاري ڪوٺي ۽ گاڏين وسيلي ٿيندو هو.

حاجي اسماعيل بنديجي ٽي شاديون ڪيون جن مان ڪيس پٽن ۽ ڌيئن جو اولاد آهي.

ٽين شادي هن پنهنجي پسند تي ڪئي هئي، جيڪا هن کان عمر ۾ گهڻو ننڍي ۽ نهايت خوبصورت هئي. هن نئين ڪنوار لاءِ وڏي شوق سان گهر بنايو هو. هن پنهنجي وڏي گهر جي ڇت تي هڪ نهايت خوبصورت گهر اڏايو، جيڪو ڏاڍي چاهہ سان سينگاريو ويو هو. سيني ديوارن ۽ ڇتن تي حسين چٽسالي ڪرايائين ۽ ديوارن تي چوڪير فريم ٿيل وڏي سائز جون نهايت ناياب تصويرون ۽ سينريون لڳرايون. گهر ڏسڻ سان سندس ذوق، نفاست ۽ لطيف احساسن جو اندازو ٿي ويندو هو.

اهو زمانو پيسي جي لحاظ سان سندس عروج جو زمانو هو. پر پوءِ واپار ۾ ڏنڌي ۾ کوٽ ۽ نقصان ڪري تمام گهڻو غريب ٿي ويو هو. جنهن لاءِ پاڻ چوندو هو تہ، 'ماڻهن مون کان قرض

وني موتائي نہ ڏنا.'پوءِ هو هڪ هڪ ماڻهوءَ جو نالو وني ڪيس پنهنجو قرضي ڄاڻائيندو هو. پوءِ پلي ڪنهن هن ڪان قرض نہ ورتو هجي. پر هو هرهڪ لاءِ چوندو هو تہ، 'فلاڻو بہ منهنجو قرضي آهي. فلاڻو بہ منهنجو قرضي آهي'. ڪيترن سيٺين، سڪين ۽ سچن ماڻهن ڪي بہ پنهنجو قرضي ڄاڻندو هو جيڪي سندس قرضي نہ هئا. ماڻهو ڪيس دلچسپيءَ سان ٻڌندا هئا ڇو جو، سندس ٻڌائڻ جو طريقو دلچسپ ۽ ڪل جهڙو هوندو هو. جنهن جي ڪري ماڻهو سنجيدگيءَ سان نہ پر لطف وٺڻ لاءِ ڪائنس پڇندا ۽ ٻڌندا هئا.

پڇاڙيءَ ۾ عمر وڏي ٿي وئي هيس، ۽ ڪمزور بہ گهڻو ٿي ويو هو. دم ۽ اُپي ساهہ جي بيماري بہ هيس. پر آخر تائين قرضين کي سارپندو رهيو. جڏهن ڪو هن ڪان قرضن بابت پڇندو هو تہ هو نهايت سَرهو ٿي ٻڌائڻ لڳندو هو تہ، "فلاڻي تي منهنجا هڪ لک سٺ هزار نوَ سو چاليهہ روپيا اٺ آنا ڏهہ پايون آهن. فلاڻي تي بہ لک چاليهہ هزار ڇهہ سو ٻارهن آنا ست پايون آهن. فلاڻي تي پوءِ ساهہ پرجي ايندو هئس. ۽ سهڪي سهڪي جهيڻي آواز سان بہ اهو سلسلو جاري رکندو هو تہ، "فلاڻي تي ٿي لک اسي هزار..."

هو واپاري هو. ضرور ڪن هن ڪان قرض ورتا هوندا، پر آخري عمر ۾ هو هر ڪنهن کي پنهنجو قرضي چوندو هو.

هونئن نہ تہ هو شوم (ڪنجوس) ۽ ڪُپتيو نہ هو. ماڻهن جون دعوتون ڪندو هو. عرس ۽ ڪارهيون (يارهيون) پڻ باقاعدگي سان ڪندو هو. ۽ ديڳيون لاهي دنيائون ڪارائيندو هو. ديڳيون بہ پنهنجون هيس جيڪي هن پاڙ ورتيون ۽ نهرايون هيون. ٻيا بہ ڳوٺ وارا شاديءَ ۽ غميءَ لاءِ وٽانس ديڳيون وني ويندا هئا. جن بابت بہ چوندو هو تہ ، 'فلاڻن فلاڻن منهنجون ديڳيون موتائي نہ ڏنيون.'

پنهنجي گهر ۾ ڪيل ڪنهن دعوت يا عرس ۽ يارهين مهل دعوت ڏيڻ جو بہ عجيب دلچسپ طريقو هوندو هئس. ڪنهن پير مرشد ۽ وڏيري کي وجي چوندو تہ، 'فلاڻي تاريخ تي اوهان جي ماني ڪئي اٿم. ضرور اچجو...' وري ڪن کي چوندو هو تہ، 'منهنجي پٽ جي طهر، خوشي يا شادماڻو آهي جنهن جي دعوت ڏيانوَ ٿو. ۽ ڪن کي وري عرس ۽ يارهين جي دعوت ڏيندو هو. ۽ واقعي بہ اهي سڀ تقريبون ۽ دعوتون ساڳي ئي پت تي ڪندو هو. مختلف ماڻهو مختلف تقريبون سمجهي شرڪت ڪندا هئا. ڳوٺ ڪان ٻاهر وارن کي تہ الائي اهڙي طريقي ڪار واري لقاءَ جي خبر پوندي هئي يا نہ. پر سندس ڳوٺ وارا ضرور سندس اهڙين حرڪتن تي ڪلندا هئا. پر جيڪا ڳالهہ سيني ڪان وڏيڪ اهم آهي يا جنهن جي ڪري هن ڪتاب، "مانجو

ڪوهستان" جو هڪ ڪردار وارو درجو ماڻيو آهي. اها سندس پياري وصف آهي، شاهه سائينءَ سان عشق ۽ قدرتي طرح سان الهام ٿيل پٽ ڌڻي بادشاهه جو ڪلام.
هو ڪو پڙهيل نہ هو. بلڪہ هو تہ حرف شناس بہ نہ هو. پر شاهه سائينءَ جو ڪلام ڪيس ياد هو. هو سنڌوءَ جي روان وهڪري جيان مست، ارڏو ۽ چل چل وهندڙ هو.
جڏهن هو لطيف رح جا بيت پڙهندو هو تہ وجد ۾ اچي ويندو هو ۽ بيخود ٿي روئڻ لڳندو هو.
هو هر موقعي ۽ مهل جو اظهار لطيف رح جي بيتن سان ڪندو هو. ڪاوڙيل هجي تہ بہ لطيف رح، جي ريڌل (پرچيل) هجي تہ بہ لطيف رح جا بيت بوڙيون ڏئي سندس اندر مان اوتجي پوندا هئا.
لطيف رح جا اهڙا اهڙا بيت چوندو هو جو ماڻهو چون ٿا تہ، اهي اسان لطيف رح جي رسالن ۾ نڪو ڏٺا نڪو پڙهيا!
اهي بيت هن ڪي ڪٿان مليا؟ ڪيئن مليا. اهي پر اسراريون لطيف رح ۽ جبل وارن جون اڄ تائين پر اسرار آهن.
لطيف رح جو ڪلام پڙهندي حاجي اسماعيل بنديجي جو پورو رنگ ويتر نکر جي ڳاڙهو ۽ نوراني ٿي پوندو هو.
هو اسان جي گهر امان (منهنجي ماءُ) سان ملڻ لاءِ ايندو هو. ڪيس خبر هئي تہ امان پڻ لطيف رح جي عاشق ۽ ڄاڻو آهي. عمر جو وڏو هو ۽ امان کي پنهنجي ڌيءَ بنايو هئائين. امان پردي دار هئي پر حاجي اسماعيل بنديجو عمر جي وڏي هئڻ ڪري بابا جي اجازت سان حجت ڪري گهر اندر هليو ايندو هو. امان وٽ اچي اٿلي پوندو هو. سندس اچار ۽ لهجو ايڏو تہ بيساختہ ۽ مڪمل درست هوندو هو جو، هر بيت منظر بنجي نظرن جي اڳيان گذرڻ لڳندو هو. بيت پيو پڙهندو هو ۽ لڙڪ لارون ٿي ڳلن تان ڳڙندا رهندا هئا.
هن امان کي پنهنجو نالو ڏنو هو 'ياڳيري' ۽ هو امان کي انهيءَ نالي سان ئي سڏيندو هو. چوندو هو تہ، " امان ياڳيري، تو وٽ ايندو آهيان تہ سڀ ئي ڏک ۽ فڪر لهيو تا وڃن، ۽ وڃي شاهه ئي شاهه ٿو رهي."
حاجي اسماعيل بنديجو سخن جو سچو. ۽ عزت ڏيندڙ انسان هو. سندس ٻن پٽن جون شاديون هيون. امان کي چيائين، "امان ياڳيري، جيسين تون اچي گهوٽن ۽ ڪنوارين کي پهرين لائون نہ ٿي ڏيارين، تيسين لائئون ۽ ٻيون رسمون نہ ٿينديون." هُن بابا کان امان کي شاديءَ تي وٺي وڃڻ جي موڪل نہ ورتي هئي ۽ امان، بابا جي موڪل کان سواءِ شاديءَ تي نہ ٿي وئي.
بابا جا پنهنجا ڪاروبار ۽ ڪم هئا. انهن مصروفتين جي ڪري حاجي اسماعيل جي بابا سان ملاقات نہ ٿي سگهي هئي. نيٺ الائي ڪٿان ڪٿان کان بابا جو پتو لڳائي پهتو، ۽ بابا کان

امان جي موڪل وٺي آيو. تيسين گهوٽ ۽ ڪنواريون سيجن تي ويٺا رهيا. جيسين وڃي امان پهرين لائون نہ ڏياري، تيسين ڪابہ رسم نہ ٿي هئي. صبح وارو لائن جو وقت بہ نڪري ويو هو. اهڙو ئي هو حاجي اسماعيل بنديجو پنهنجي سخن جو سچو.

ڪرت جي حساب سان هو 'پشم' (اُنَ ۽ ڏاسَ) جو واپاري هو. سڄي بلوچستان جي 'پشم' جو واپار سيٺ علي محمد بڪڪ جي گاڏين، سندس لي مارڪيٽ ۾ واقع ڪاروباري ڪوٺي ۽ سندس وڏن وڏن گودامن ذريعي ٿيندو هو. جيڪو سڄي بلوچستان ۽ خاص طور تي لس ٻيلي، وڍ، خضدار، نال وغيره مان ٿيندو هو.

بلوچستان مان 'پشم' سان گڏ 'گگر' ۽ ڪوئلي جو پڻ واپار ٿيندو هو جنهن لاءِ نيڪا ۽ پرمٽون لس ٻيلي جو ڊي.سي ڏيندو هو. تڏهن لس ٻيلي جو ڊي.سي سيٺ اسماعيل ميمڻ هو، جنهن جي جڏهن حاجي اسماعيل بنديجي سان ملاقات ٿي تہ، خبر پئي تہ هو پڻ لطيف ؒ جو عاشق آهي. ڊي.سي سيٺ اسماعيل ميمڻ ۽ حاجي اسماعيل بنديجي جي ويجهڙائي نالي پائي، (هم نام) هئڻ ۽ لطيفؒ سان 'مشترڪ عشق' تنهن زماني ۾ وڏو مشهور هو.

ڊي.سي لس ٻيلي وٽ طرحين طرحين جي ڪمن، نيڪن، پرمٽن لاءِ واپارين، نيڪيدارن ۽ ٻين ماڻهن جي وڏي رش هوندي آهي. پر جيئن ئي حاجي اسماعيل بنديجو آفيس ۾ ايندو هو تہ ڊي.سي پنهنجا سڀ ئي ڪم ڪاريون ڇڏي ڪيس هڪدم اندر گهرائيندو هو پاڻ وٽ ۽ پوءِ ڪلاڪن جا ڪلاڪ لطيف ؒ جا عاشق پاڻ ۾ ڪچهريون ڪندا هئا. ٻاهر ويٺل سڀ ئي ماڻهو ويهي ويهي تنگ ٿي هليا ويندا هئا.

چون ٿا تہ ڊي.سي لس ٻيلي سيٺ اسماعيل ميمڻ، حاجي اسماعيل بنديجي کان لطيف ؒ جا ڪافي اڻ لڀ بيت ٻڌي لکيا بہ هئا.

نہ رڳو حاجي اسماعيل بنديجو پر سندس پاءُ گل محمد عرف گلو بنديجو ۽ سندن وڏيرو غلام قادر بنديجو پڻ لطيف ؒ جا ڄاڻو ۽ عاشق هئا. کين لطيف ؒ جو گهڻو ڪلام ياد هو

لطيفؒ سان جبل جي ماڻهن جو عشق ۽ لطيفؒ جو ڪلام جبل ۾ پهچڻ پڻ هڪ معجزو آهي. اهو اهڙوئي پراسرار آهي جهڙو پراسرار پاڻ لطيف بادشاهہ آهي.

جبل جا ماڻهو نڪو پڙهيل نڪو سيلاني آهن. کين پنهنجو جبل ايڏو پيارو آهي جو جبل کان پري ٿيڻ سندن لاءِ وڏو عذاب آهي. مس ڪيڏي ڏڪار جي لاچار مان نڪرن ٿا سو بہ تڏهن، جڏهن ٻار ٻچو بک مان پاهہ پيو ٿيندو. يا مال پٽاري لاءِ ڪک پن يا پاڻيءَ ٻٽو (ڏُڪ) نہ پسندا تہ بہ وڪون اڳت (اڳيان) وجهندا. نہ تہ جهڙي تهڙي ڏک بک کي تہ پچن بہ ڪونہ. پرواهہ ئي ڪونہ ڪندا. ائين پٽي ڏئي ويهي رهندا ڄڻ پلاءَ کائي ويٺا هجن. پلي ڏهہ نيرانيون (بکون)

هجن حرام ڪو ڪِشِڪَاءُ (پرواهه) بہ هوندن. مليرو (ذات جو قسم) چڙهيو تہ جڻ ٻڪر ۾ برياني رڌي. سڏ ڪري هڪ ٻئي کي راڳن سان ٻڌائيندا، "اوفلاٽا، ٽامڙو چڙهيو آهي مليرو رڌو آهي." معنيٰ ڪجهہ نہ ڪجهہ تہ رڌو آهي. ڪائي پي سُپا جي سُپا تي رکي ڪانيون ڪڍي ويهي رهندا. مارڪن (ڳالهين) جي ڏم پئي پوندن. اوپرو اچي کو ڏسندو تہ پائيندو، 'آنا او ڦڙاٽا ڪائي وينا آهن.'

اهڙن هنڌن تي لطيف رح جو ڪلام پجڻ بلڪ عام هئڻ سچ پچ تہ اڻ وسهندڙ ڳالهہ پئي لڳندي آهي.

جبل وارن تڏهن نڪو 'هالا' ٻڌو هو نڪو 'حيدرآباد ۽ 'ڀٽ شاهہ'. پانيان ٿي ڪَلَ ئي ڪانہ هوندن جو اهو اکر (ڀٽ شاهہ) سندن سَوٽي (گمان) ۾ ئي ڪونہ هو. هاڻي ٻڌو هونداٺون تہ ٻي ڳالهہ آهي. پر صدي ڏيڍ صدي اڳ تہ سوال ئي پيدا نہ ٿو ٿئي.

جبل وارن جو پير 'ڪوناٺو' آهي. ۽ روحاني مرڪز حضرت شاهہ بلاول نوراني آهي. جيڪو ضلعي خضدار ۾ آهي. اتي رمضان شريف جي مهيني ۾ نَو، ڏهہ ۽ يارهين تاريخن تي ميڙو لڳندو آهي. جبل جو تقريبن هر ماڻهو ٻارين ٻچين ميڙي تي ويندو آهي. اتي شاهہ نورانيءَ جي پڙ ۾ باقائده پنهنجا تنبو ۽ ننديا پونگا اڏي، ڪي تہ رمضان جي پهرئين روزي کان اچي وهندا آهن. لاهوت لامڪان جي زيارت بہ ضروري سمجهن.

اسين جبل جا ماڻهو، 'شاهہ' معنيٰ شاهہ نوراني سمجهون، ننڍپڻ ۾ اسڪولي ڪتابن ۾ جتي، 'مرد تہ ڪيٺ، عورت تہ ائٺ' سان گڏ، 'شاهہ جا بہ بيت ياد ڪريو' پڙهندا هئاسين تہ، سمجهندا هئاسين تہ، 'شاهہ نوراني' جا بيت ياد ڪرڻ جو ٿا چون. پوءِ خبر پئي تہ اها شاهہ لطيف سرڪار جي بيتن جي ڳالهہ آهي. پر لطيف رح جي ڪلام جو پڙاڏو تہ جبل ۾ صدين کان آهي. جڏهن تہ ڪين اها بہ خبر نہ هئي تہ شاهہ لطيف ڪير آهي، ۽ سندس مزار شريف ڪٿي؟ اها ڪا بہ خبر ڪين اڳ نہ هئي. پر لطيف جو ڪلام جبل ۾ عام هو اها وڏي ڳالهہ آهي ۽ وڏي عجب جهڙي ڳالهہ آهي.

جبل جو عظو (عظيم محمد) توراڻي جيڪو نابين هو، ۽ لطيف جو حافظ هو. ان جو ذڪر ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ پنهنجي ڪتاب 'ٻيلاين جا ٻول' (شايد) ۾ ڪيو آهي.

جبل جا نہ رڳو پُرهہ (مرد) پرمايون بہ لطيف رح جي ڪلام کان واقف ۽ ڄاڻو آهن، جيڪي ڏک سک جو لطيف رح جي بيتن سان اظهار ڪنديون آهن. ايتري قدر جو وڙهڻ مهل يا ٽوڪ ٽاڙ ۾ بہ لطيف رح جا بيت چونديون آهن. يعني شاديءَ جي راڳن ۾ بہ لطيف رح تہ غميءَ جي پارن ۽ اوسارن ۾ بہ لطيف رح جا بيت هوندا آهن.

جيئن هن ئي ڪتاب جي هڪ خاڪي، 'سناسي خان بڪڪ' ۾ ذڪر ڪيو اٿم ته، جڏهن ڪيس انگريز گرفتار ڪري ممبئي پاڻيءَ واري جهاز ۾ وٺي وڃي رهيا هئا ته، ڪراچي بندرگاهه تي رخصت ڪرڻ مهل سندس گهر واريءَ سرساموندڊيءَ جي بيتن جي لانڊ پڙهي هئي. جيڪي هئا، 'مون اپي تڙ وٺ ...' جيڪي هن پار ڪيندي چيا هئا.

تيئن ئي قدرتي طور حاجي اسماعيل بنديجو نه رڳو پاڻ پر سندس پاءُ گلو بنديجو پڻ لطيف جو ڄاڻو هو. اهو به پنهنجي هر ڪيفيت جو اظهار لطيف رح جي بيتن سان ڪندو هو.

گلو بنديجي ۾ ڪو نقص هو يا الائي ڇا هن شادي نه ڪئي هئي. پر صنف نازڪ سان سندس گهڻي قرابت هوندي هئي. سُهڻيون عورتون ڏسي ڏاڍو خوش ٿيندو هو، ۽ انهن کي ويجهو ٿيڻ جي ڪوشش ڪندو هو.

سندس گهڻو وقت بلڪ تقريباً سڄو وقت عورتن منجهه گذرندو هو. سندن ڪم ڪار ڪرڻ، هٽ دڪان تان سودو سلف آڻي ڏيڻ وغيره.

سندس ڳوٺ ۾ سُوهڻين جي گهڻائي بلڪ فراواني هئي جيڪا ڪيس فرحت ڏيندي هئي. هو سدائين کلندو، مرڪندو ۽ ڳالهائيندو هو. صبح جو پنهنجي گهر کان ٻاهر نڪرڻ سان ئي جيڪا به سُوهڻي مائي ڏسندو ته بي اختيار چئي ڏيندو.

نَيرا نائي نَيڻ، نيئي آچ پرين کي
سَٿُر ڪاڏا ڪيڻ، جه ڏنو منهن محبوب جو.

پنهنجي گهر مان ڪنهن به ڪم ڪار لاءِ نڪرندو هو ته، هر ان گهر جي اڳيان ضرور گذرندو هو جتي ڪا سُوهڻي عورت هوندي هئي. ان کي ڏسي ٿوري دير اتي بيهي لطيف سائينءَ جو ڪو بيت پڙهي مشڪي اڳتي ٿيندو هو. ائين هو هڪ هڪ سُوهڻيءَ مائيءَ وٽ بيهي ڪلي ڳالهائي بيت چئي هليو ويندو هو. ائين ئي بيهندو بيت جهونگاريندو هلندو ويندو هو. پلي گهر جو ڪوضروري يا تڪڙو سودو آڻڻو هجيس ته به هو پنهنجي معمولات ۾ فرق نه آڻيندو هو.

ڳوٺ پنهنجو هو، هر ڪو سندس طبيعت کان واقف هو. ڪنهن کي به سندس اها بي ضرر عادت خراب نه لڳندي هئي. نه ئي ڪڏهن ڪيس ڪنهن ڇُڙُ ٻُڪُ (چنيپ) يا دڙڪو ڏنو. دڙڪو ته ڇا پر ڪنهن ساڻس اَنهري منهن سان به نه نهاريو هوندو. جهڙو پاڻ کل ڦل هو تهڙو ئي سيڪو ساڻس کل ڦل هوندو هو. ڳوٺ جي وڏڙين کي گلو بنديجي جا چيل بيت نه رڳو ياد آهن. پر انهن جي ادائگي به ياد اٿن. جن ٻڌايو ته، گهر مان نڪرندي ئي اول فلاڻي سُوهڻي

عورت کان شروع ڪندو هو جيڪا وڏ گهراڻي جي هئي، ۽ نهايت قيمتي نفيس، رنگين ۽ ريشمي پوشاڪون پائيندي هئي. ۽ هار سينگار ڪرڻ جو به وڏو ڏانءُ هوندو هئس.'

سچ به اهو دور سچن ماڻهن جو محبتي ۽ معجزا تي دور هو. جنهن ۾ هرڪو هڪ ٻئي جو گهڻگهرو ۽ خير خواهه هوندو هو. نڪا ٺوڪ نڪا ٺاڙ. جي ڪو گهٽ عقل وارو بينوايو ۽ ٻي سونتيو هوندو هو ته، ان جي به هر ٻي وقوفيءَ واري ڳالهه ٻڌبي هئي، سهبي ۽ برداشت ڪبي هئي. ڪل واري ڳالهه تي ڪلبو هو. پوءِ ڀلي اها مٽن ئي ڇو نه هجي. منافقي ۽ مڪاري ڪانه هئي. جيڪو جهڙو هو اهو تهڙو ئي ڏسڻ ۾ ايندو هو. نه ڪو پوش نڪو پردو، نڪوروپ نڪو ٻهروپ.

گلوءَ جي به هر حرڪت نه رڳو سيڪو سهندو هو. پر سندس حوصلو وڌائڻ لاءِ ساڻس ساٿ ڏئي ڪلندو به هو. پوءِ ڀلي اها تلخ ۽ اڻ سهائيندڙ هجي. ظاهر آهي ماين سان اظهار محبت ڪرڻ، پوءِ ڀلي اها لطيف ؒ جي بيت جي آڙ يا آڏ ۾ ڪيل هجي پر سمجهي ته هرڪو ويندو. پر گلوءَ جي معصوم اظهار تي هرڪو لطف اندوز ٿيندو هو.

شروعات ۾ ايندڙ سُوهڻي مائي جيڪا وڏ گهراڻي هئي، ان جو حسن ۽ سليقو ٻئي متاثر ڪندا هئا. گلو ان ڏانهن ويندي ۽ وٽس وهندي ڏاڍو سرهو ٿيندو هو. اتي ويندي سان ڪيس ڏسي مرڪي بيت جهونگاريندو هو،

جَهڙا گُل گُلاب جَا، تَهڙا مَٽن وَيس
چَوتَا تَيل چَنبيليا، هَا هَا هُو هَميش
پَسيو سُونهن سَيد چَئي، نِينهن اَچن نَيشَ
لاَلن جي لبيس، آتڻ اڪر نه اڃهي.

بيت ٻڌي وڏيري ناز مان ڪلندي ته سندس گهر وارو به ٺهڪ ڏئي ڪلي پوندو هو. انهن کي ڪلندو ۽ خوش ٿيندو ڏسي گلو بود ۾ پرجي ٻهُورُ (چوٽ) چڙهي ويندو هو ۽ وڏيري ۾ نهاري چوندو،

گُجر ڪي گِجميل جُون، تَارُن ۾ تَبرون
هَٽي حاڪمن ڪي، زَور پَريون زَبرون
ڪَاڪِ ڪَنڌيءَ قَبرون، پَسو پَر ڏيهين جُون.

هو وڏيريءَ وٽ گهڻي دير تائين وهندو هو. ڪيس سُوهڙيءَ سان پڪي سوپاريءَ جي ڪُتر ڪري ڏيندو. بار بار حقو ٻاري اڳيان رکندو هو، ڳالهيون مارڪا ڪندو، ڪلندو، بيت چوندو يڪو وينو هوندو هو.

وَسَنِ ۾ وِهِسَنِ، ڏِهاڙي ڏِسَڻَ لَءِ
جِيئن جِيئن پِرين پَسن، تِيئن تِيئن نَشا نِينهن جا.

اتان اڳتي اُٿندو هو تہ اصل اتاولو ٿي پوندو هو. روئڻهارڪو ٿي بيت جهونگاريندو. هَري هَري وڪون وجهندو ويندو هو.

وَسَنِ ۾ وِهِسَنِ ڏِهاڙي ڏِسَڻَ لَءِ
ڏِسي ڏِسي آئيون، تَوءِ تَلاشِيُون ڪَنِ
ڏِاپِيو نہ ڏاپَنِ، پَسَڻَ مَنجهان پِرين جي.

اتان اڳتي ٻاهر نڪرندو هو تہ ٻِليءَ مان بيت جهونگاريندو ويندو هو.

جَي ڪَاڪِ ڪَڪَورِيَا ڪَاپَڙِي، تِنِ لَهي نہ لاَلِي
ڪَڙِي ڪَيفَ خُمارِيا، مَي پِي مَوالي
ڪَري حَاصِلِ هَليا، ڪَيفيت ڪَمالي
وَتَنَ وِصالي،لڌُوڙِيان لَوڏِي ٿِيا.

اڳتي وڌندو ڪنهن سُوهڻيءَ ڪي ڏسندو تہ بيت چوندو،

مُومَل ڪي مَجاز جَا، اکين ۾ اَلِماس
نَڪا عَام نہ خاص، جَي وِياسَي وَڍِيا.

اجا اڳتي وڌندو وري ڪنهن گهر- آڳر ۾ اڱڻ تي ڪا سُوهڻي ڏٺائين تہ بيت چوندو.

تُون جَا ٻَائِي ٻَانهيءَ واري، ڪهڙو تُنهنجو نَامُ؟
آئِين جتي اُبنا، سَو ڳُجر سَندو گَامُ
ڪهڙو اَتانِ ڪامُ؟ هِت لڪين خَانَ ڪَپي وِيا.

اڳتي هلندو ويندو. ڪٿي جي پاڙي پريندي، ڪوه وٽ ڪي ڪپڙا ڌوئيندي، ڪي ٿي چار جو انڙيون ڏٺائين تہ وڏي توار جهونگاريندو،

سَونَ وَرنيون سَوڍِيون، رُپَي رَاند ڪَنِ
اگر اوطاقنِ ۾ ، ڪٿوري ڪَٽنِ
اَوتيائون عَنبير جَا، مَٿي طاق تَڙَن
ٻَاٽن ٻَيلهون ٻَڌيون، پَسيو سُونهن سَڙَن
ٿِيا لاَهُوتي لَطيف چئي، پَسَڻَ لاءِ پِرين
اِجهي تا اَچن، ڪَاڪَ ڪَڪَورِيا ڪَاپَڙِي.

ائين هڪ هڪ سُوهڻيءَ جي در اڳيان لنگهيندو بيت چوندو ويندو هو. پڇاڙيءَ ۾ جڏهن پنهنجي گهرجي ويجهو پهچندو ته بيت چوندو گهر ۾ گهڙندو هو.

جَڙَ گهوڙا پڙُ گهوڙيا، تَڙَ جُون تَڪون ڪَنِ

نَوَ جَٽيون نَاتر سِين، پَاڙيارِيُون پُڇن

هِن گامَ نالو کهڙو، هِي گهرَ سَندا ڪِنِ

هِي گامُ مِڙَوئي گوجَرو، جِتِ رَانَوڙِيون رَهن

ڏَهَ ڏَهَ پيرا ڏِينهن ۾، خُونَ ڪِلندي ڪَنِ

سَمُهَون وَجُ مَ تِنِ، اڳيان رَاڻا! تو رِڻُ وَهي.

۽ ٿڏا شوڪارا پريندو پنهنجي گهر جي اندر هليو ويندو هو.

آئُون اُتاهين آئِيو، جِت ٻِئي جِي نَاهِ مَجَالَ

مُومَلَ جي ماڙيءَ ڪي، طَرَح طَرَح تَالَ

لَڪَ مَارَ ايو لاَلَ (لعل)، مَوڙيو اَچان مَينڌرا.

گلو بنديجو ويچارو صفا بي ضرر ماڻهو هو. محنتي، چئيڪار، سڌ تي جيءُ چوڻ وارو. ايماندار، هٿ جي هاج (ڪم) ڪندي، مجال ڪنهن جو ٽڪو آنو هيٺ متي ٿئي. نکا ڄُکي (هبچ) نڪو جوق. (لالچ). ڪيس ڪنهن ٻه ڪڏهن ڪنهن ڪا ڪجهه گهرندي نه ڏٺو.

سيٺ غلام محمد ٻڪڪ ڪيس انهن خوبين جي ڪري گهر ۾ سودو سلف يا ٻاهر جي ڪم ڪار تي مامور ڪيو هو.

ادب لحاظ، نياز ۽ نوڙت ڪو هن کان سکي. ڪڏهن ٻه ڪنهن سان ڪا ڳجهي يا ڪُسَري (اڻ وٽندڙ) کيچل نه ڪيائين. جيڪو ٻه چوندو سو سامهون ۽ کُلو چوندو. جيڪا ٻه حرڪت ۽ کيچل ڪندو اها سيني جي سامهون ڪلئي طرح سان ڪندو. لڪل ۽ الڪي (اٽلڪي) مستي ڪنهن سان ٻه نه ڪيائين. باقي اها ته زائفان ذات سان گهڻي پوندي هيس. ڪڇهري ته ٻه انهن سان جي مارڪا ته ٻه انهن سان. پائيندو هو ته جيڪا ٻه مائي سندس پرمان لنگهي اها ساٽس لڳي (ٽچ ٽي) گذري. جنهن لاءِ هو کُلي ڪوشش ٻه ڪندو هو، ۽ ارادتن اتي بيهندو هو. يا وهندو هو جتان ڪنهن مائيءَ جو لنگهندي ساٽس ٽڪر ٿئي.

هڪ ڀيري سيٺ غلام محمد ٻڪڪ جي گهر جي ٻاهرئين اڱڻ تي، نماز پڙهڻ لاءِ مصلو هٿ ۾ جهليو بيٺو هو ته سيٺ صاحب جي پٽ سليمان خان ڪنهن ڪم لاءِ ڪنهن مائيءَ کي سڏيو. گلوءَ ڇا ڪيو جو ڊوڙ ڪري هڪدم دروازي وٽ جتان مائيءَ کي اچڻو هو، اتان مصلو اهڙي طرح وڇائي نماز نيتي ڇڏي جو گذرڻ مهل مائي ضرور ساٽس لڳي پوءِ گذري. سڌ تي

مائي آئي تہ در جي اڳيان گلو نماز نيتي بيٺو هو. مائي اچي در وٽ بيهي رهي. سليمان خان چيس، "بيهي ڇو رهين آهين؟ اچ نہ؟" مائيءَ گلوءَ ڏانهن اشارو ڪري چيو، "هن کي تہ ڏس، دستگير ڇٽ ڪريس. درجي وچون وچ مصلو وڇائي ويهي رهيو آهي." گلو جيڪو نماز جي رڪوع ۾ هو ان بنا نهارڻ جي نماز جي وچ مان ئي جواب ڏنس، "دستگير ڇٽ ڪري توکي، جاءِ گهٽي پئي آهي متنجي ڇو نہ ٿي وڃين؟" ايترو چئي پاڻ سجدي ۾ هليو ويو تہ مائيءَ پڻ پڻ ڪندي چيو، "الله ماريو، نڪو سنئين سمجهي نڪا ونگي، جيئن وڏيس تو تيئن ٿو ڪري ڪٿي آهي جاءِ لنگهڻ لاءِ؟"
گلوءَ سجدي مان مٿو ڪڍي چيو، "الله ماري توکي، متنجي تہ ڏس، ڪيڏي جاءِ پئي آهي."
پاڻ وري بہ سجدي ۾ هليو ويو. اهو هو گلو ۽ اها هئي سندس معصوم عبادت.
دڪان تان سامان سڙهو آڻيندو تہ اهو بہ ٿيلي وغيره ۾، نہ پر پنهنجي پهراڻ جي جهولاڻ (دانوڻ) ۾ وجهي آڻيندو هو. ماين جي اڳيان جهولاڻ جهلي چوندو، "سامان ڪڍو" مايون چونديون، "هيٺ رک يا ٿانو ۾ وجهہ." چوندو، "هتان جهولاڻ مان ڪڍڻ ۾ ڇا هي؟ هتان ڇو نہ ٿيون ڪڍو؟ هتان ڪڍڻ ۾ موت ٿو اچيوَ؟" مايون ڦڪائيءَ مان وات تي هٿ يا چني رکي 'کي کي کي' ڪري کلڻ لڳنديون هيون تہ، هو لطيف سرڪار جي بيتن جون قطارون لڳائي ڇڏيندو هو،

ڪَا جَا پِرِ پِرين، نَہ سَا سُئي نَہ ٻُڌِي
مَتيون سَڀُ مُنجهن، اَهڙِي ڏِني قَيضي.

مايون ٺهڪ ڏئي کلنديون تہ چوندو،

لَڏي آيا لاَلَ، پِيرَن سِين پَنڌ ڪَري
سَاجَنُ اکيون جي ڪٽي، تَہ ڪَوڙين پَايان پَالَ
مُنهنجي نَاهِہ مَجالَ، تہ ڪَو وَيڻُ وَرائي وَارِيان.

حاجي اسماعيل بنديجو ۽ سندس ياءُ گلو بنديجو ٻئي لطيف رح جا عاشق، ڄاڻو ۽ حافظ هئا. ٻئي اڻ پڙهيل بلڪ حرف شناس بہ نہ هئا.
لطيف رح جو ڪلام انهن ڪيئن ٻڌو؟ ڪٿان ٻڌو؟ ڪنهن ٻڌايو؟ ڪنهن سيکاريو؟ اهو سڀ اهڙو ئي ڳجهہ آهي جهڙو ڳجهو پاڻ لطيف رح آهي. اهو ڳجهہ، اهو راز اها پراسراريت جبل ۾ هڪ خوشبو، هڪ هڳاءَ جيان پکڙيل آهي، ۽ صدين کان پئي مهڪي.

نَڪو ڏِيگهہ نَڪو وَيلُ، نَڪو مُنهن مُهاڙِ ڪا
اِي اُهو ئي ڪَيلُ، ڪَورُ پَرُوڙَي ڪِينَ ڪِي.

انهن ٻنهي پائرن ڪان پوءِ سندن وڏيرو غلام قادر بنديجو، لطيفؒ شناس جي صورت ۾ سامهون آيو.
جنهن ۾ پنهنجي ٻنهي مائٽن جي سواءِ لطيف ؒ سان عشق جي ٻي ڪا بہ مماثلت، هڪ جهڙائي ۽ مشترڪ ڳالهہ نہ هئي.
وڏيرو غلام قادر بنديجو نهايت قابل، پڙهيل، سنجيدهہ ۽ معاملي فهم هو.
هو وڏيرو هو فيصلا بہ ڪندو هو جن مان ڪي سندس ڪيل فيصلا نهايت انوکا، دلچسپ ۽ صلح پريا ڏاڍا مشهور ۽ مانائتا ٿيا. جن مان هڪ اهو تہ جي بہ ماڻهو پاڙ ۾ وڙهن يا گهر ۽ بہ خاندان پاڙ ۾ جهڳڙو ڪن تہ، انهن وابستہ ماڻهن ڪان سواءِ ٻئي ڪنهن وچ جي پارٽي بازي، گروپ بندي يا ڪنهن هڪ جي ٻَڌي ڪندي، ٻي ڌر جي شادي يا غميءَ ۾ شرڪت نہ ڪئي تہ ان تي پنجاهہ هزار ڏنڊ پوندو هو تہ، اهي تہ پاڻ ۾ وڙهيل هئا اوهين ڇو ڌُرِ ٻڻيا؟ اهو اهڙو فيصلو هو جنهن جي ڪري ڪنهن بہ ڪنهن سان رت پت نہ ڪييو، ۽ نہ ئي ڪو ڪنهن جي ڌر بنيو.
ٻيو سندس فيصلو اهو هو تہ پلي ڪيڏو بہ وڏو جهڳڙو ٿئي پر جيڪو بہ پهرين ڏک هڻندو ان تي پنجاهہ هزار ڏنڊ پوندو هو.
اهڙي صورت ۾ سندس راڄ (بنديجا) ۾ ڏاڍا دلچسپ واقعا ٿيندا هئا. مثال، ڪي پاڻ ۾ وڙهندا هئا ۽ جي ڪنهن ڏک هڻن لاءِ الير ڪئي تہ اڳيون ڇاتي اڳيان ڪري چوندو، "هڻ، هڻ هڻي تہ ڏس!" ۽ الير ڪرڻ وارو پنجاهہ هزار ڏنڊ پوڻ جي خوف مان هٿ هيٺ ڪري ڇڏيندو هو. ائين سندس راڄ ۾ جهڳڙا گهٽ ٿيندا هئا.
وڏيرو غلام قادر بنديجو هڪ نهايت اعليٰ منتظم پڻ هو. ڪنهن بہ شادي وغيره جو هَشنگ (سڄي ذميداري) هٿ ۾ ڏنو ويندو هو تہ، هو اها تقريب ٿوري خرچ ۾ ئي نهايت شانائتي طريقي سان نباهي ڏيندو هو. باقي گهٽي ۽ امونگڙي (بيحد گهٽي) خرچ سان تہ هن اهڙيون اهڙيون تقريبون ڪيون جو راڄن ۾ واهہ واهہ ٿي وئي. اڄ بہ اهي تقريبون مثالي ليکيون وينديون آهن. جن ۾ اعلا ترين ڪاڌي پيتي ڪان علاوه مهمانن ڪي وهارڻ، ڪارائڻ، بهترين ٿانون جي چونڊ ۽ هٿ وغيره ڌئارڻ جا بہ لاجواب انتظام هوندا هئا.
پاڻ بہ هڪ زبردست بلڪ لاجواب بورچي هو. بورچين ۽ ديڳين جي نگراني ڪندي ڪيس ڏانءُ اچي ويو هو ۽ سندس پار ڏيڻ ۽ بورچين ڪي سيکارڻ سان بہ ڪاڌا بي مثال ٿي پوندا هئا.
باقي لطيف ؒ سان عشق تہ خانداني طور جڻ ورثي ۾ مليل هئس. جڏهن منهنجي ڪتاب، "ڇپر ڪين ڏي..." (2002ع) جي ڇپجڻ جي ڪيس خبر پئي تڏهن پاڻ سخت بيمار هو.

منهنجي ادا مولا بخش بڪڪ کي فون ڪري چيائين تہ، "آئون اوهان وٽ اچڻ ٿو چاهيان." ادا کيس پليڪار ڏني تہ، "ڀلي اچ پنهنجو ئي گهر اٿئي." جڏهن هو اسان جي اوطاق ۾ اچي وينو تہ هو گهڻو بيمار پي لڳو. اچا جيسين ادا ڪجهہ ڳالهائي تہ پاڻ اڳ ئي ڳالهايائين تہ، "آئون ڪتاب کي ڏسڻ آيو آهيان." ادا حيران ٿي چيس، "اهو اوهان فون تي بہ چئي پي سگهيا. ايڏي تڪليف چو ڪيوَ؟" پاڻ کلي چيائين، "ڪتاب جو ديدار ڪرڻو هو. ديدار ڪرڻ لاءِ ماڻهوءَ کي پاڻ هلي اچڻو پوندو آهي."

ڪتاب، 'ڇپر ڪين ڏي.....' ڏسي ۽ پڙهي ڏاڍو خوش ٿيو هو. وجڻ مهل جڏهن ادا ڪتاب گفٽ ڪيس تہ سندس لڙڪ لڙي آيا هئا.

ادا ٻڌايو تہ هو جيتري دير اوطاق ۾ وينو هو اهو سمورو وقت هن رڳو لطيف ؒ تي ڳالهايو ۽ بيت پڙهيائين.

وڏيرو غلام قادر بنديجو هڪ وضع دار ۽ جبل جي اعليٰ روايتن جو پاسدار ماڻهو هو. پاڻ جبل جي هيرن، موتين ۽ جواهرن ۾ هڪ سنو داڻو ماڻهو هو. پاڻ تازو نندي عمر ۾ وفات ڪري ويو آهي.

ڪَاڇَي پئي ڪُوڪَ، سَچ ڪہ سَنگهارن لَڏيو
مَادَرِ اَوءِ مَلُوڪَ، اُتي وِيٽرا اُڪَرِي.

ها، تہ اهو آهي جبل ۽ اهي آهن جبل جا لطيفي ڪردار. حاجي اسماعيل بنديجو، گل محمد عرف گلو بنديجو ۽ وڏيرو غلام قادر بنديجو.

# هڪ ڇاتل سڃاتل ڏاهو ۽ پڙهيل ڪردار
# الله بچايو يار محمد سمون (بهلول/ ڇٽو)



ڪوهستان جي هيءَ واحد شخصيت آهي جنهن سڀ کان پهرين ڪتاب' سير ڪوهستان' (1942ع) لکي ڄڻ ته، ڪوهستان کي هڪ معتبر سڃاڻپ ڏني.

هو پهريون ڪوهستاني ماڻهو هو جيڪو ڪوهستان جي حوالي سان خاص طور ادبي حلقن ۾ سڃاتو ويو هو.

'سير ڪوهستان' ڪتاب تنهن دور ۾ ادبي دنيا ۾ ڄڻ انقلاب آڻي ڇڏيو هو. سنڌ جو ماڻهو، خاص طور سنڌ جو اديب ڪوهستان جي شاهوڪار ٻولي ۽ ڪلچر سان متعارف ٿيو هو.

الله بچايو يار محمد سمون هڪ ذهين، مشفق، ڏاهو ۽ باغ بهار طبيعت جو باوقار انسان هو. پيشي جي اعتبار سان هو استاد هو. سندس رهائش ڪراچي جي هڪ ڳوٺ 'حاجي مريد خان بکڪ ڳوٺ' ۾ هئي، جتي هو ڳوٺ جي قديم (ڏيڍ سؤ سال پراڻي) درس گاهه، 'ابراهام ربين بوائز اسڪول' ۾ هيڊ ماستر هو.

هُو هڪ لاجواب استاد هو. شاگردن کي پڙهائڻ ۽ ڪنٽرول ڪرڻ ۾ سندس ڪو مثال نه هو.

هُو هڪ سٺو منتظم پڻ هو.

منهنجا چارئي ڀائر، قادر بخش بکڪ (ٽرپل ايم.اي ۽ ايل.ايل.بي)، پروفيسر ڊاڪٽر رسول بخش بکڪ (ماهر پيٿا لاجسٽ)، محمد بخش بکڪ (اليڪٽريڪل انجينئر) ۽ مولابخش بکڪ (ايڊيشنل سيڪريٽري سنڌ حڪومت)، شاعر اديب، شاهه رح جو ڄاڻو، ۽ شاهه جي رسالي جو منظوم اردو ترجمو ڪندڙ) سندس شاگرد رهيا آهن. انهن جي دلين ۾ الله بچائي يار محمد سمي لاءِ لڪين عزتون ۽ احترام آهن. جڏهن وڏو ادا قادر بخش ڳوٺ جي اسڪول مان فارغ ٿي سنڌ مدرسة الاسلام ۾ پڙهڻ ويو ته اسڪول جي پرنسپالن بابت گهڻي ڄاڻ حاصل ڪيائين. جنهن کان پوءِ هو اسڪول جي اڳوڻي پرنسپال سر وائنس جي زندگيءَ کان گهڻو متاثر ٿيو، جيڪو شاگردن کي پنهنجي اولاد وانگر سمجهندو هو، ۽ هر موسم ۾ سندن خيال رکندو هو. سياري جي موسم ۾ هاسٽل ۾ رهيل شاگردن جي سار سنڀال لهڻ لاءِ، هو اڌيءَ رات جو اٿي اچي انهن جي مٿان چادرون، ڪمبل ۽ سوڙيون وغيره پائيندو هو.

الله بچايو يار محمد سمون پڻ ساڳئي طريقي سان پنهنجن شاگردن سان، ۽ اسڪول جي ٻين استادن سان گهڻو پيار ڪندو هو. سندس رويو ساٿين دوستن جهڙو هوندو هو، جنهن جي ڪري ادا قادر بخش بڪڪ ڪيس 'سروائنس' جو خطاب ڏنو هو.

اهو دور 50-1945ع جو هو، جڏهن اجا ڳوٺن ۾ تعليمي شعور گهٽ هو، ۽ اسڪول ۾ حاضري بہ معمولي هوندي هئي.

ڪراچيءَ جي اصلي رهاڪن جي مزاج کي آئون آسٽريليا جي اصلي رهاڪن 'ايبوريجن' جي مزاج سان تشبيهہ ڏيندي آهيان. اصل لِکَ بہ نہ لاهين. ساڳيا طور طريقا، ساڳيا ئي نمونا. ساڳيو ئي وچون وچ رهڻ جو انداز ۽ مزاج. جيئن ايبوريجن آسٽريليا جي مرڪز ۾ رهيل آهن، تيئن هي بہ ڪراچي شهر جي وچون وچ (مرڪزي ضلعو) ۾ رهيل آهن. اهڙي وقت ۾ جڏهن اجا تعليم جي اهميت نہ هئي، شاگردن کي پڙهائڻ ۽ ڪنٽرول ڪرڻ وڏي ڳالهہ هئي. تڏهن (۽ هاڻ بہ) سنڌي ۽ بروچ غريب ۽ بيروزگار هئا. اهي زندگيءَ جي هر سهوليت کان وانجهيل هئا. هُو تڏهن بہ ڪين پڙهڻ لاءِ اتساهيندو ۽ حساب ۾ رکندو هو.

پراڻي گوليمار مان ڪجهہ خاصخيلي ۽ مڪراني ڇوڪرا پڙهڻ ايندا هئا (تڏهن مڪراني بہ سنڌي پڙهندا هئا). ان وقت نڪو اسڪول ۾ يونيفارم جو رواج هو نڪو جوتن پائڻ جي پابندي هئي. جيڪو جيئن اچي بس اچي اسڪول ۾ پڙهي. انهن ڇوڪرن جي گهرن ۽ اسڪول جي وچ ۾ ڪو گٽر هو يا ڇا. پر جڏهن بہ اهي ڇوڪرا اسڪول ۾ ايندا هئا تہ سندن پير گوڏن تائين گٽر جي ڪِن ڪچري سان پريل هوندا هئا. اهو سندن روز جو معمول هو، جنهن تان هُن ڪڏهن بہ ڪين نہ ڪو روڪيو نڪو اعتراض ڪيو. ڇڻ تہ هو ان ۾ ئي خوش هو تہ هو پڙهڻ اچن ٿا. پوءِ ڪين ڌاري ڪلاس ۾ وِهاري پڙهائيندو هو. ڪڏهن جي اهي ڇوڪرا نہ ايندا هئا تہ هو پنهنجي باغ بهار ۽ ظريفاڻي مزاج موجب خوبصورت مرڪ سان سندن لاءِ پڇندو هو تہ، "الائي ڇو، اڄ لانگ بوٽن وارا يار نہ آيا آهن شال خيريت سان هجن."

لانگ بوٽ ان ڪري جو گٽر مان پير ۽ ٽنگون ائين پريل هونديون هيون جو پري کان ائين لڳندو هو ڄڻ ڪين لانگ بوٽ پاتل آهن. پوءِ تہ سڀ ئي ڪين سندن غيرموجودگيءَ ۾ 'لانگ بوٽن وارا يار' چوندا هئا.

اهڙو ئي شاداب طبيعت جو ڏٺي هو ماستر الله بچايو يارمحمد سمون. جيئن چئبو آهي بلڪ حقيقت آهي تہ، مڪمل رڳو الله تعاليٰ جي ذات مبارڪ آهي، ۽ جيڪا هر خاميءَ کان عاري آهي. باقي بندو نامڪمل ۽ ناقص آهي. يلي هو ڇا مان ڇا هجي پوءِ بہ ڪا ڪثر ۽ ڪاڻ رهجيو وڃي. يعني 'مڪملتا' ماڻهوءَ جي ذات سان منسوب نہ ڪجي تہ بهتر. ٻيءَ صورت ۾ ڪنهن

نہ ڪنهن وقت، ڪنهن نہ ڪنهن ڳالھ ۾ ڪا اگھرائپ ظاهر ٿي، مايوسيءَ جو سبب بنجي پوندي آهي.
جيئن هاڻي الله بچائي يار محمد سمي جي هڪ اگھرائپ نما ڪامپليڪس ظاهر ٿي اسان کي مايوس ڪيو آهي. اهو قومن ۽ ذاتين جي باري ۾ آهي.
سڀ کان پهرين سندس پنهنجي ذات يعني جند جان سان وابستہ 'ذات' جو ذڪر ڪبو. الله بچايو يار محمد سمون ذات جو، 'ڇتو' آهي. 'ڇتا' برادري جي حساب سان وڏي برادري آهي جنهن جون شاخون ۽ نکون، توراڻي، بَهلول، گنجا، مارچا وغيره آهن. ماستر صاحب پاڻ، 'ڇتن'، جي شاخ، 'بَهلول' سان تعلق رکندڙ هو، جنهن پاڻ کي 'ڇتو يا بهلول' سڏائڻ بجاءِ، 'سمون' سڏايو.
ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي مرتب ڪيل ڪتاب، 'ٻيلاين جا ٻول' مطابق لس ٻيلي جون قديم سنڌي قومون 'سما' ذات سان تعلق رکن ٿيون. شايد انهيءَ تعلق سبب هُن پاڻ کي 'سمون' چوائڻ وڌيڪ پسند ڪيو.
جڏهن تہ تحقيق ڪندي مون پنهنجي هڪ مقالي 'سخي ڄام سپڙ ۽ چارڻن جون چلولايون' ۾ لس ٻيلي جي قديم سنڌي قومن جو تعلق 'سومرن' سان ثابت ڪيو آهي. ان تحقيق مطابق، 'ٻڪڪ' قوم سميت لس ٻيلي جي اڪثر قبيلن جو تعلق سومرن سان آهي.
لس ٻيلي جي هڪ قديم سنڌي قوم 'موندرا' آهي، جيڪا هاڻي تمام گهڻو تعليم يافتہ آهي. انهن وٽ هڪ يوڳ نما ڳالھ مشهور آهي تہ، "جڏهن سمن کان شڪست کائي هتي جبلن ۾ آيا هئاسين تہ ڏاڍا ڊنل ۽ هيسيل هئاسين. اسان پاڻ کي خوف مان 'سومرا' چوائڻ ڇڏي ڏنو هو تہ متان مارجي نہ وڃون. جڏهن تہ هئاسين 'سومرا' ئي، جيڪا ڳالھ لڪائڻ جي باوجود ذهن ۽ زبان تي وينل هئي. تنهن زماني ۾ جي ڪنهن اوپري پڇيو تہ "اوهين ڪير آهيو؟" تہ اسان جي زبان مان، "سو... سو... سو.... موندرا نڪري ويو. اسين 'سومرن' مان 'موندرا' ٿي وياسين."
اها ڳالھ شايد يوڳ هجي پر هيءَ ڳالھ يوڳ ناهي تہ لسٻيلي جي قديم سنڌي قومن جي نسبت سمن سان نہ پر سومرن سان آهي.
لسٻيلي گزيٽيئر (1907ع) ۾ آهي تہ، "لسٻيلي جون قديم سنڌي قومون سومرن جي نسل مان آهن جيڪي سمن جي حڪمراني واري دور ۾ جڏهن شڪست کائي پوءِ ڪين گهڻ درجي جو سمجهي گهڻ درجي وارا توهين آميز ڪم وٺڻ چاهيائون جيڪي ڪرڻ کان انهن انڪار ڪيو ۽ اُتان ڏڪجندا پنيان ٿيندا اچي جبلن ۾ پهتا."
عام ڄاڻ موجب لس ٻيلي ۾ رهندڙ اڪثر قومن جو تعلق سمان قبيلي سان هو، ان ڪري انهن پاڻ کي لس ٻيلي جي قديم سنڌي قومن جي نسبت سان، 'سمون' سڏايو، جيڪا هن پنهنجي

اصل ذات 'ڇتا' سان ٻي واجبي ڪئي. ان جو هن کي اختيار به آهي ته هُو پاڻ کي ڪنهن به ذات سان منسوب ڪري سگهي ٿو.
اصل ٻي واجبي هن ٻي ڪئي آهي جيڪا نهايت تڪليف ڏيندڙ آهي، جيڪا ڪوهستان جي هڪ قديم سنڌي قوم 'ٻڪڪ' کي تاريخ جي ورقن تان ميسارڻ جي دانسته ڪوشش ڪرڻ آهي.
'ٻڪڪ' قوم جيڪا اڄ به هڪ سگهاري حقيقت بنجي نه رڳو ڪوهستان جي شينهن علائقن ۾ اُچي ڪَرَ سان رهيل آهي. پر ڪوهستان جي دادلي انٽرنيشنل شهر ڪراچي جي وچون وچ (مرڪزي ضلعي) ۾ اهم ترين علائقي ۾ پنهنجي وسيع و عريض ڳوٺ 'حاجي مريد خان ٻڪڪ ڳوٺ' ۾ رهيل آهي، جتي هُو صاحب پاڻ به رهندو هو. انهيءَ ڳوٺ ۾ ئي قائم قديمي درسگاهه، 'ابراهام ربين بوائز اسڪول' ۾ هيڊماستر هو، جتي اڄ به سندس پٽ، پوٽا، ڏيئرون ۽ ڏوهٽا رهن ٿا.
ڪتاب، 'سير ڪوهستان' جي باب، 'قومون ۽ رواج' صفحو 123 ۾ جتي ڪوهستان جو قومون ڳڻايون ويون آهن، اتي هن 'ٻڪڪ' قوم کي نه ڳڻايو آهي. حيرت جي ڳالهه اها آهي ته 'ڇتا' ذات کي هن پهرئين نمبر تي ڳڻايو آهي. حالانڪه هن پاڻ کي 'ڇتو'ذات سان منسوب ڪرڻ ڇڻ ته عار سمجهيو. جڏهن ته سچ اهوئي آهي ته سندس تعلق، 'ڇتو' ذات سان آهي، جنهن ڪري هُن ذاتين، ۾ 'ڇتو' ذات کي اوّليت ۽ اهميت ڏني آهي.
سوال اهو آهي ته جي 'ٻڪڪ' ذات ڪوهستان ۾ ناهي ته پوءِ ڪٿي آهي؟ انهيءَ سوال جي جواب جي اميد ان ڪري به معدوم آهي جو ڪتاب 'سير ڪوهستان' جي فاضل مصنف جي وفات کي 56 سال ٿي ويا آهن (وفات: ڊسمبر 1958ع). باخبر آهي سيڪو ته، 'سچ' ڪڏهن به ختم نه ٿيندو آهي. بيشڪ ڪيس هر دور ۾ موافق حالتون نه ملنديون آهن. ڪڏهن ڪڏهن هو ڪوڙ جي اٿاريل ڌوڙ ۽ دونهين جي ڌڌڙ ۾ وڪوڙجي دونهاٽجي ويندو آهي. پر وقت وري به سندس اجرو ۽ ملوڪ منهن سنواري پڌرو ڪندو آهي.
ڪنهن به قوم جي باري ۾ ڪو به ماڻهو خراب رويو ۽ غلط پروپيگنڊا ڪري سگهي ٿو. پر وقت ان جي تصحيح ڪندو آهي.
سگمنڊ فرائيڊ چيو آهي ته، "سڀ کان وڏو فاتح وقت آهي." واقعي به وقت وڏو فاتح آهي جنهن اڄ 'ٻڪڪ' قوم جي باري ۾ تصحيح ڪرڻ جو موقعو ڏنو آهي.
'ٻڪڪ' قوم بابت ماڻهن وٽ گهٽ بلڪ اڻ هوند جيتري معلومات آهي. ان جو سبب اهو آهي ته هيءَ هڪ جابلو قوم آهي. جن جي رهڻي ڪهڻي خوفناڪ جبلن ۾ آهي، ۽ جن جا اصول

عجب آهن تہ، پرائي سک کان پنهنجو ڏک بہ سنو آهي. جنهن ڪري هو ڏکن، ڏکارن ۾ بہ پنهنجا پد نہ ڇڏيندا آهن.

"بڪڪ" قوم اصل ڪٿي جي آهي؟ انهيءَ سوال جو جواب مروجہ تاريخن ۾ ڳولڻ بہ اجايو ٿيندو. هڪ تہ اهي تاريخون ويجهي ماضيءَ جون آهن. ٻيو وري انهن ۾ سچ جو فقدان آهي. جڏهن سنڌ ملڪ جي تاريخ اڻ لپ آهي. اهڙيءَ صورت ۾ سنڌ ۾ وسندڙ قومن جي تاريخ ڪيئن ۽ ڪٿان لهبي؟ ان جي باوجود قومون پنهنجو اصل ڳولڻ چاهينديون آهن، ۽ ان لاءِ سرگردان رهنديون آهن جيڪو سنو سنئوڻ آهي. قومون جڏهن پنهنجو اصل ڳولي لهنديون آهن تڏهن ملڪ جي تاريخ وسيع ٿيندي آهي.

'بڪڪ' قوم جي باري ۾ گهڻن ماڻهن رابطو ڪيو، ۽ معلومات حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. پر اها نوس حالت ۾ يا هڪ هنڌ سهيڙيل نہ هئڻ جي صورت ۾، ڪين مددگار نہ ٿي سگهي هئي.

انهيءَ دوران سوچون مسلسل حملا آور رهيون تہ، 'ڇا ڪنهن آسماني صحيفي جو انتظار آهي؟ جنهن ۾، 'بڪڪ' قوم بابت مڪمل تاريخ درج ٿيل هوندي؟ پڪ سان ڪو آسماني صحيفو لهڻو نہ هو. ماٺ کان بهتر آهي تہ اها ٽڙيل پکڙيل معلومات سهيڙجي ۽ 'بڪڪ' قوم جي تاريخ مرتب ڪجي.

انهيءَ عزم کي ويتر تڏهن تقويت ملي جڏهن ڪتاب 'سير ڪوهستان' ۾ 'بڪڪ' قوم نادرد هئي.

قومون پاڻ کي پاڻ جياريندي‌ون آهن ۽ جيڪي قومون پاڻ کي پاڻ جياريندي‌ون آهن، انهن کي ختم ڪرڻ ۽ ميسارڻ جي طاقت ۽ اختيار ڪنهن کي بہ نہ هوندو آهي. هونئن بہ ڪنهن جيئري ۽ سگهاري قوم کي تاريخ جي ورقن تان نہ ٿو ميساري سگهجي. اها بہ اهڙي قوم جنهن جي تاريخ هزارين سالن تائين محيط هجي.

'بڪڪ' قوم، هزارين سال قديمي قوم آهي، جنهن جو ذڪر هزارين سال اڳ جي پوٿين(Book late) ۾ موجود آهي.

مثال لاءِ هزارين سال اڳ جي پوٿي، 'پرا ودا نراَپيا' (تاريخ نائچ) ۾ آهي تہ ، 'ڪانيا (سن آف سندلي) جا پٽ، بڪڪ، واڊيلو، سيال، لنگڙيال، ٻڙيال، سيلرو، ٻگهيو ۽ ڪي ٻيا هئا جيڪي هڪ ئي ماءُ ۽ پيءُ جو اولاد آهن.

حضرت عيسيٰ عليہ کان بہ اڳ جي هڪ پوٿي 'بروڪت ڪُلانرآپيا' ۾ پڻ، 'بڪڪ' جو ذڪر آهي.

محمد صلاح الدين (سابق ڪشمنر سکر) جي ڪتاب "پٺاليني، راوڙ ۽ پاليءَ" ۾ جيڪا پراڻي زماني جي تاريخ آهي، ان ۾، 'بڪڪ' قوم جو ذڪر آهي. مڪران گزيٽيئر ۾، 'بڪڪ اسٽيٽ' جي باري ۾ اهڃاڻي ڏنل آهي.

لس بيلا گزيٽيئر (1907ع، مصنف سي.ايف. منچن) ۾ آهي ته، "ڊينگي ڪان دريجي تائين، 'بڪڪستان (Bikak country)' آهي. بڪڪ قوم واحد آهي جنهن ڪي مصنف هن سرزمين جو اولاد سڏيو آهي. اهي چون ٿا ته، 'اسين ٻئي ڪنهن بہ هنڌان ناهيون آيا. اسين هن ئي زمين مان پيدا ٿيا آهيون؟

محترم علي احمد بروهي پنهنجي هڪ ڪالم "ڪوٽ قلعا ۽ مقبرا" ۾ لکيو آهي تہ، هنگلاج ۾ 'بِڪڪ' قلعو آهي، جنهن جي ڪري بِڪڪ قوم سڏجي ٿي.

جناب ڄاموٽ حاجي خان چاچڙ سنڌي جي ڪتاب 'حضرت سنڌ' ۾ 'بڪڪ' قوم جو ذڪر آيل آهي.

'بڪڪ' قوم جي ٿورائي يا تعداد ۾ گهٽ هئڻ بابت قديم تاريخي حوالن مان معلوم ٿئي ٿو تہ، 'بڪڪ' قوم، بهادر، سگهاري، جنگ جو ۽ انصاف پسند قوم هئي، جنهن ڪوڙ ۽ نا انصافيءَ خلاف هميشہ جنگ ڪئي آهي. گهڻن هنڌن تي، 'بڪڪ' قوم جون نشانيون، علائقا ۽ قبرستان موجود آهن. پر پاڻ، 'بڪڪ' قوم نظر نہ ٿي اچي/ ناموجود آهي.

حضرت شاهہ بلاول نوراني (خضدار) جي آسي پاسي وارن علائقن خاص ڪري،'ڪنگوري' (علائقي) جي پاسي، بڪڪن جو هڪ غير معمولي قبرستان آهي، جتي تقريباً 360 قبرون آهن جيڪي سڀ هڪ جهڙيون ۽ هڪ ئي قسم جي پٿر سان خوبصورت ٺهيل آهن.

برطانوي دور حڪومت ۾، انگريز انهيءَ قبرستان کان ايڏو متاثر ٿيا جو انهن سڄي قبرستان کي، پٿر جي خوبصورت ۽ پائدار چؤ ديواري لڳائي ڇڏي. (روايت، محترم مرحوم حاجي خان محمد صاحب. خليفہ درگاهہ حضرت شاهہ نوراني).

بلوچستان ۾ وڍ (جهالاوان جو وچ) جي ويجهو هڪ علائقو آهي، جنهن کي 'بڪڪي' سڏيو ويندو آهي جيڪو قيمتي جبلن جو علائقو آهي. اتي ماربل جون کاڻيون آهن. ۽ لکل معلومات موجب، 'بڪڪيءَ' واري علائقي ۾ هڪ جبل ۾ 'فيروزا' (پنا، بيحد قيمتي پٿر) هيري جي برابري ڪندڙ پٿر جي کاڻ آهي. جتي پڻ بڪڪن جو وڏو قبرستان آهي جتي هڪ جبل کي، 'بڪڪان دا لاڪارا' سڏيو ويندو آهي.

'بڪڪ'، قوم جي بهادر/ ويڙهو ۽ جنگجو هئڻ بابت مشهور ليکڪ ۽ محقق محترم گل حسن ڪلمتي جي ڪتاب 'ڪراچي سنڌ جي مارئي' جي صفحي نمبر 47 تي آهي تہ، "مغلن ۽

ڪلهوڙن جي دور ۾ لس ٻيلي ۾ رونجها، بنديجا، ٻڪڪ، عالياڻي ڄام، گونگا ۽ جدگال طاقتور قبيلا هئا جن جون مغلن سان لڙايون لڳيون. انهن سڀني قبيلن جو واسطو ڪنهن نه ڪنهن طرح ڪراچيءَ سان آڳاٽي زماني کان رهيو آهي. ڪراچيءَ وارو علائقو سنڌ جو اڻ ٽٽ حصو رهيو آهي."

نواب غيبي خان چانڊيو جي سوانح حيات (2006ع) ۾ صفحي 122، 228 ۽ صفحي 380 تي نواب غيبي خان چانڊيو ۽ سردار رتي خان ٻڪڪ جي جنگين جو ذڪر آيل آهي. انهيءَ ڳالهه جي نسبت سان "رتي ديري" کي "رتو خان ٻڪڪ ديرو" چوڻ ۾ ٻڪڪ قوم حق بجانب آهي. مشهور شاعر تاجل بيوس جي شعري مجموعي، 'تاجل جو رسالو' ۾ 'سرگهاتو' صفحو 339 تي بيت 7 ۾ پڻ ٻڪڪ قوم جو ذڪر آهي،

ياڱريا ٻڪڪ، مڙئي وياوَ ڪلاچ جا
جوريجي جوکيا، آهن جي اڻ ٽڪ
پانڌ آيا پڪ، مٿيندا نه ماڱ کي.

اهڙي قوم جنهن جي لاءِ مختلف قومن سان تعلق رکندڙ ڪوهستاني پاڻ چون ته، "بنا ڪنهن ڊپ ڊاءَ ۽ رک رکاءَ جي هيءَ ڳالهه دعويٰ سان ٿو چوان ته، سڄي ڪوهستاني تر ۾ 'ٻڪڪ' قبيلو ٿورائيءَ ۾ هئڻ جي باوجود به دليري، دانائي، ڏاڍ مڙسي، سونهن، سگهڙپائي، حق گوئيءَ کان ويندي مهمان نوازيءَ تائين منجهن ڪابه ڪمي ڪانهي" (رخمان گل پالاري، ڪلاچي تحقيقي جرنل، سپٽمبر 2002ع، شاهه عبداللطيف چيئر، ڪلاچي يونيورسٽي).

'سير ڪوهستان' ڪتاب جي مصنف الله بچائي يار محمد سمي نه رڳو پنهنجي ڪتاب ۾، 'ٻڪڪ' قوم نه ڳڻائي آهي. پر حيرت ناڪ طريقي سان هن، 'ٻڪڪ' قوم جا ڪارناما ۽ بهادريون به پنهنجي ذات، 'چٽي' سان منسوب ڪيا آهن. جيئن ڪتاب، 'سير ڪوهستان' جي باب، 'صحت' ۾ صفحي 38 تي بهادريءَ جو هڪ واقعو 'ڪيرٿر چٽي' جي نالي ڪيو آهي. مٿي به ذڪر ڪيو اٿم ته فاضل مصنف جي ذات 'چٽو' آهي جيڪا هن پنهنجي نالي سان گڏ نه سڏائي آهي. پر پنهنجي ذات لاءِ ڪوبه معتبر ۽ بهادريءَ جو واقعو منسوب ڪندي يقينن ڪيس تقويت ملي هوندي.

جڏهن ته سڄي ڪوهستان ۾ اڪيلي سر چيتي سان دوبدو مقابلو ڪري مارڻ وارو هڪ ئي واقعو مشهور آهي جيڪو 'پوپٽ ٻڪڪ' جي نالي سان مشهور آهي. ان جو ذڪر ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ پنهنجي مرتب ڪيل ڪتاب 'واقعاتي بيت' ۾ صفحي 183 تي 'پوپٽ ٻڪڪ جو مهير جبل ۾ چيتو مارڻ' جي عنوان سان ڪيو آهي. هن کي ٻڌايل ڳالهه، اصل ڳالهه کان

ٿورو يعني معمولي طور مختلف آهي ته، "ڪوهستان ۾ مهير جبل ۾ هڪ خونخوار چيتو رهندو هو. هن چيتي ماڻهن جو ڪيترو ئي چوپايو مال ڪائي ناس ڪري ڇڏيو هو. آسپاس جي رهاڪن چيتي کي ڳولي مارڻ ۾ وسئون ڪونه گهٽايو هو پر چيتو هٿ نه آيو.

هڪ دفعي 'شودي ٻوهيري' جون انيون چرندي چيتي جي جوءِ ۾ وڃي پهتيون. انين کي ورائڻ 'شودو' به اچي پهتو. پرهمٿ نه ساري موٽي ويو، ۽ وڃي ٻين کي جاڻ ڪيائين. ٽي پائر پوپٽ بڪڪ، پريو بڪڪ ۽ پريو بڪڪ چيتي کي مارڻ لاءِ سنبريا ۽ هڪ ٻه ٻيا به ماڻهو هئا جيڪي موقعي تي پڄي ويا. ڳالهه تفصيلي آهي مختصر ائين ته، چيتي جي سامهون اڪيلو ئي

ساراهيان سچو ڌڻي، ڪم سندا ڪلتار
مڃيان محمد ڪارڻي، جو امت جو آڌار
مِرون (درندو) سجهي ٿو مهير (جبل) ۾ چِٽو (چيتو) چوڪيدار
سو جاءِ جوڙائي ٻيٺو، پسو آگي جا اختيار
انيون شودي ٻوهيري جون، ٿيون چَرن ڏارو ڏار
سي جهاڳي وييون جوءِ ۾، جتي چِٽو چوڪيدار
چٽو تن کي چڪاسي ٿو، گهٽيا ڪري گار
ٻوهيرو آيو ٻُڌِ (سڌسماءَ) تي، وري وريو وينجهار
ڪانڙا (ذات جا ماڻهو) آيا ڪارو چئي، ڪن بڪڪن کي ٻچڪار
ويري ويس ويجهڙا، پريائو پوپٽ ڏار
سوپون ڏين ٿو ان کي، تون صاحب رب ستار

پوپٽ بڪڪ ويو. چيتي هڪدم مٿس حملو ڪيو ۽ پوپٽ بڪڪ دوبدو چيتي سان مقابلو ڪيو. جڏهن چيتي زوردار چنبو هڻي سندس ٻانهن زخمي ڪئي ته، غير معمولي بهادر پوپٽ بڪڪ پنهنجي ٻانهن چيتي جي وات ۾ ڏئي ڇڏي. چيتو ۽ پوپٽ بڪڪ پاڻ ۾ ائين جڙجي ۽ وچڙجي ويا جو سندس پائر به سندس ڪا مدد ڪري نه ٿي سگهيا. پوپٽ بڪڪ مڙس ماڻهو هو، سو چيتي کي دسي مٿس چڙهي ويو. آخر هن چيتي کي چاقو سان ڳچيءَ ۾ وار ڪيو ته چيتي سندس ٻانهن مان وات ڪڍيو. تڏهن هن چيتي جو پيٽ ڦاڙي ڪيس ماري وڌو.
چيتو ايڏو وڏو ۽ وزني هو جو چار ماڻهو به هن کي کڻي نه ٿي سگهيا. پر بهادر پوپٽ بڪڪ جي سگهاري ياءُ اوپائي بڪڪ سٽ ڏئي، چيتي کي کڻي پنهنجي ڪلهي تي ڪنيو ۽ ٻئي پائر ٻين سان گڏجي جبل تان هيٺ لهي ڳوٺ پهتا.

پوپٽ بکڪ جو اڪيلي خونخوار چيتي سان دوبدو مقابلو ڪرڻ ته، هونئن ئي بهادريءَ جو اهم ۽ واڪاڻ جوڳو واقعو آهي. پر مٽين وزني چيتي کي اڪيلي سر کلهي تي کڻي جبل تان هيٺ لهڻ وارو واقعو به وڏو ڪارنامو آهي.
تڏهن انگريزن جو دور حڪومت هو. اهي قدر دان هئا. انهن جو اهو ٻڌو ته اهي هلي جبل ۾ آيا. انهن ٻنهي ڀائرن (پوپٽ بکڪ ۽ اوڀائي بکڪ) جي بهادريءَ تي کين بندوقون، ترارين (تلوارون) ۽ سندون ڏنيون. پوءِ ته سڄي ڪوهستان ۾ اهو واقعو هاڙهي هوڪ (مشهور) ٿي ويو. ماڻهن انهيءَ بي مثال بهادري تي شاعري ڪئي جنهن ۾ بيت ۽ مورا شامل آهن.
ڪنهن ڏاهي چيو آهي ته، "جڏهن ڪنهن قوم جي تاريخ گم ٿي وڃي ته ان دور جي شاعرن کي پڙهڻ کپي، اها وڃايل تاريخ ملي ويندي."
مٽين ڳالهه جي پوئواري ڪندي هتي انهيءَ دور جي هڪ شاعر ڪاري سگهڙ جي هڪ طويل شعر مان کي ٽڪرا ڏينديس، جيڪي هن پوپٽ بکڪ جي بهادريءَ جي واقعي تي پنهنجي ڪلام ۾ بيان ڪيا آهن، اهي بيت ڪتاب 'واقعاتي بيت'، ۾ شامل آهن. شعر آهي،
ڪتاب 'واقعاتي بيت' ۾ پوپٽ بکڪ جي واقعي ۾ هيٺ ڏنل نوٽ ۾ لکيل آهي ته، "هي روايت ڪراچيءَ مان صالح محمد سمي کان ملي."
صالح محمد سمون "سيرڪوهستان" جي مصنف الله بچائي يارمحمد سمون جو ننڍو ڀاءُ آهي، جنهن اهي حقيقتون سامهون آڻي جڻ ته ڀاءُ جي ڪيل غلطين جي تلافي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. صالح محمد يارمحمد سمون سٺو مضمون نگار ۽ نفيس انسان هو. 'نئين زندگيءَ' ۾ لکيل هن جا لاجواب مضمون ماڻهن جي دلين تي چٽيل آهن.
'نئين زندگي' رسالي ۾ ڇپيل پنهنجي هڪ مضمون ۾ جيڪو 'سسئي پنهونءَ' تي لکيل هو، ان ۾ هن اها سچائي ۽ حقيقت بيان ڪندي لکيو هو ته، "سسئي ۽ پنهون جي قبر، سيٺ علي محمد بکڪ جوڙائي آهي."
هُن نه رڳو اها حقيقت لکي. پر 'نئين زندگي' رسالي جو اهو پرچو پاڻ کڻي، هلي اچي دورازي تي ڪڙڪو ڪري سيٺ علي محمد بکڪ جي گهر ۾ ڏئي ويو هو. جڻ انهيءَ نيت سان ته، "ڏسو مون ڪابه حقيقت نه ميساري ۽ نه لڪائي آهي."
ڪيس اهڙي سچائيءَ تي لک سلام هجن، شل هو بهشت ۾ آرامي هجي. آمين.
هڪ ليکڪ جڏهن ڪنهن ماڻهو/ ذات ۽ علائقي يا ڪنهن به موضوع تي قلم کڻي ٿو ته ان جو بنياد سچ هئڻ گهرجي. ٻيءَ صورت ۾ قدرت جو قانون آهي ته، 'سچ' تي گهڻو وقت پوش پائي نه ٿو سگهجي. جنهن جو ثبوت هتي ئي موجود آهي ته جي هڪ ڀاءُ الله بچايو يارمحمد

سمون ڪنهن قوم (بڪڪ) ڪان انڪاري آهي تہ، ان ئي گهر ۾ جنم وٺندڙ ٻيو ڀاءُ صالح محمد يارمحمد سمون ساڳي قوم (بڪڪ) لاءِ هڪ سپاهيءَ وانگر دفاع ڪندي گواهي ڏئي رهيو آهي.

من چہ گويم، چون مي داني نهان
(آئون ڇا چوان، تون ڳجهي ڳالهہ ڄاڻين ٿو.)

هيري ٽرومين جي چوڻي آهي تہ، "آئون ڪنهن کي بہ تڪليف نہ ڏيندس رڳو سچ ٻڌائيندس، پر ماڻهو سمجهندا تہ آئون کين تڪليف ڏئي رهيو آهيان."

انهيءَ چوڻي تي ڪوهستان جي پڙهيل ڪردار ماستر الله بچائي يار محمد سمون تي لکيل پروفائل پورو ڪنديس تہ،

خدا مغفرت ڪري، عجب آزاد مرد هو....

ڪٽيو تَڪبر تَڪيا، جِيلا ڪَيو هَلن
مُوڙها تا نہَ لَهن، لَمي رَاهَ لَطيف چئي.

(شاهہ رح)

صُوفي ڃاڻِين، سَڌَ ڪَرِين، صُوفِين اِيءَ نہَ صَلاح
ڪَاتَي رَڪُ ڪلاهہ، وِجُهہ اُڇلي آڳ ۾.

(شاهہ رح)

## مددي ڪتاب ۽ مدد گار شخصيتون

1. شاهہ جو رسالو- محمد عثمان ڏيپلائي. (پاڪيٽ سائز.)
2. پراودا نراَپيا- (تاريخ نائچ) مدد گار ڊاڪٽر لعل بخش نائچ.
3. بروڪت ڪُلا نراَپيا- (تاريخ نائچ) مددگار ڊاڪٽر لعل بخش نائچ.
4. مڪران گزيٽيئر- مددگار گل حسن ڪلمتي.
5. لس ٻيلا گزيٽيئر- مددگار پروفيسر ڊاڪٽر رسول بخش بڪڪ.
6. ڪوٽ قلعا ۽ مقبرا- علي احمد بروهي.
7. پٽاليني، راوڙ ۽ پالي- مصنف محمد صلاح الدين.
8. حضرت سنڌ- ڄاموٽ حاجي خان چاچڙ سنڌي.
9. سوانح حيات نواب سر غيبي خان چانديو- تحقيق ۽ تاليف حڪيم خليفہ عبدالحميد چانديو.
10. ٻيلاين جا ٻول- ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ.

11. واقعاتي بيت- ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ.
12. ڪراچي سنڌ جي مارئي- گل حسن ڪلمتي.
13. سير ڪوهستان- الله بچايو يار محمد سمون.
14. مختلف معلومات ۾ مددگار- مولا بخش سيٺ علي محمد بڪڪ.
15. تاجل جو رسالو- تاجل بيوس.
16. مددگار ۽ پرجهلو- انجنيئر محمد بخش بڪڪ.

# هڪ اڻ ورچ ۽ محنتي ڪردار
# سائين بشير احمد جوکيو (هميرڪا)



ڪوهستان کي آئون جڏهن ذهني بلوغت پريو زرخيز خطو چوندي آهيان ته درست چوندي آهيان. جنهن لاءِ مون وٽ طاقتور دليل ۽ بي مثال ڪردار موجود آهن.

سائين بشير احمد جوکيو پڻ ڪوهستان جو مانُ مٿاهون ڪنڌ هڪ عظيم ڪردار آهي.

سائين بشير احمد جوکيو هڪ پڙهيل، ڳڙهيل، برجستو، متحرڪ، اڻ ورچ ۽ محنتي انسان هو. سندس سڄاڻپ هڪ استاد ۽ اورچ ماڻهوءَ جي آهي. جڏهن ته منجهس سمايل علم ۽ عقل جي پندارن، سندس سلجهيل ذهن ۽ سوچ، اڻ ورچائي، هردم هروقت، چاڪ وچوبند، سڏ ۾ سڏ ڏيڻ وارين اعليٰ وصفن کان شايد هرڪو ماڻهو واقف نه هجي.

سائين بشير احمد جوکيو جڏهن اين.جي.وي اسڪول ۾ استاد هو تڏهن منهنجو ماروٽ اختر بڪڪ وٽس شاگرد هو، جنهن جڏهن اسڪول ۾ منهنجي لکيل نعت،

مديني ۾ مون کي گهرايو محمدؐ

منهنجي التجا هيءَ اگهايو محمدؐ

جنهن جي آخري سٽ هئي:

منگهاڻيءَ کي پنهنجي بنايو محمدؐ

پنهنجي منڙي آواز ۾ ڳائي ته سائين جوکيو هڪدم چرڪي پيو. وٽس اچي پڇيائين، "اها نعت ڪٿان آندئي؟" تڏهن اختر کيس ٻڌايو ته اها نعت منهنجي ڦڦات ج.ع. منگهاڻيءَ جي لکيل آهي. اهو ٻڌي پاڻ ڏاڍو خوش ٿيو. مون کي هڪ نهايت تفصيلي خط لکي اختر جي هٿان موڪليو، جنهن ۾ هن پنهنجي خوشيءَ جو اظهار ڪيو. منهنجي لکيل انهن ليکن کي جيڪي مختلف اخبارن ۽ رسالن ۾ ڇپيا هئا انهن کي واکاڻيندي لکيائين ته، "آئون ج.ع. منگهاڻيءَ کي هڪ هندو ڇوڪرو سمجهندو هئس، مون کي کهڙي خبر ته اها منهنجي ئي ڪوهستان جي لائق نياڻي آهي."

سائين بشير احمد جوڪيو نياڻين جي تعليم جو حامي هو. هميشہ منهنجي هر لکڻيءَ کي فراخ دليءَ سان ساراهي منهنجي همٿ افزائي ڪندو هو. منهنجي ڪنهن ليک ۾ نج ڪوهستاني لفظ ۽ پهاڪا آيل هوندا هئا تہ ڏاڍو خوش ٿي، هڪدم مون کي فون ڪري ان جي تعريف ڪندو هو.

جَيڪَسُ جَيلاَهِين، مَارُونَاهِ مَلير ۾
مُنهنجي تَيلاَهِيين، اَڇيو ڪَو نہ ڪَرَ لَهي
(شاھ رح)

(شايد ملير ۾ منهنجا مائٽ ڪونہ آهن تڏهن تہ ڪوبہ اچي منهنجي سار نہ ٿو لهي.)

لطيف سرڪار جي ڪلام ۾ آيل ڪوهستاني لفظن جي غلط معنائن جي درستيءَ واري ڪم مهل، سائين جوڪئي صاحب مون کي هر طرح جي مدد ڪرڻ جي پيشڪش ڪئي. خاص ڪري منهنجي ڪم سان لاڳاپيل ڪتابن جي. مون کي جڏهن بہ ڪنهن ڪتاب، لغت يا مواد جي ضرورت پيش آئي تہ اها پاڻ نهايت خوشي مان منهنجي گهر اچي پهچائي ويو.

پَاند نہ پکي لَڏَجو، سَداڃن پَرياڻ
وِياڳُڻن ساڻِ، ماروئڙا تَرُ اُکَرِي.
(شاھ رح)

انهيءَ ڪم دوران هڪ لفظ، 'تاڙي' جي معنيٰ پاڻ ڄاڻندي بہ هن کان پڇيم تہ، هڪدم جواب ڏنائين، "ڪوهستان ۾ 'تاڙو' ڏيڏر کي چوندا آهن." جڏهن مون ڪيس چيو، "مون اهو لفظ سواءِ پنهنجي امان وڏي (ڏاڏي) جي ٻيو ڪنهن بہ گهر ياتيءَ کان نہ ٻڌو آهي." تڏهن پاڻ هڪدم سنجيده ٿي چيائين، "هاها، بلڪل درست، آئون تہ ذاتي طور ڄاڻان ٿو تہ 'تاڙو' ڪوهستان ۾ ڏيڏر کي چيو ويندو آهي، ان جي باوجود جيئن تہ هي تنهنجو ڪم نهايت نازڪ ۽ جوابداريءَ وارو تحقيقي ڪم آهي، ان جي لاءِ آئون جبل ويندس ۽ اتي جي ماڻهن کان لفظ، 'تاڙي' جي معنيٰ پڇندس." پوءِ واقعي بہ اهو سچار ڪوهستاني ماڻهو جبل ڏانهن ويو. اتي 'ڏڻ' ۽ 'ڪيراڳ'، چاريندڙ ڌراڙن کان بہ لفظ 'تاڙي' جي معنيٰ پڇي اچي مون کي ٻڌائي تہ، "جبل ۾ 'تاڙو'، ڏيڏر کي چيو وڃي ٿو نہ ڪي پکيءَ کي" وري پوءِ پنهنجي دل گهرئي دوست محترم احسن جوڪئي صاحب کان پڻ لفظ 'تاڙي' جي معنيٰ پڇي مون کي ٻڌائي تہ، "احسن بہ چوي ٿو تہ تاڙو ڏيڏر کي چيو ويندو آهي."

اهڙو ئي ذميدار ۽ زمين سان ڪميٽڊ ماڻهو هو سائين بشير احمد جوکيو صاحب.

ڪَوجَو وَهہ ڪاپائتين، ڪَتَن ۽ ڪَنبَنَ
ڪَارڻ سُودَ سَواريون، آتڻ مَنجهہ اَچن
اُنِ جي سُونهن سَيد چئي، تا صَراف سِڪن
اگهيا سُتَ سَندن، پائي ترازيءَ نہ تَوريا.

(شاهہ رح)

سائين بشير احمد جوکئي کي ڪتابن سان عشق هو. انهيءَ جو پتو تڏهن پيم جڏهن ساڻس پنهنجي ڪتاب 'مانجو ڪوهستان' جي لکڻ جي ڳالهہ ڪيم تہ پاڻ بيان کان ٻاهر خوش ٿيو. چيائين، "ڪنهن بہ معلومات يا ڪتاب جي ضرورت هجي تہ مون وٽ نئين زندگي ۽ مهراڻ رسالن جا سڀ جلد آهن، اوهان کي جنهن بہ پرچي جي ضرورت هجي مون کي ٻڌائجو."
آئون تڏهن تہ وڌيڪ حيران ٿيس جڏهن رسالي 'سوجهرو' ۾ محترم قادر بخش ٻکڪ صاحب تي نڪتل ڪارنر ۾ تاج بلوچ صاحب ايس.ايم ڪاليج جي مخزن ۾، ڇپيل سندس هڪ مضمون جي تعريف پنهنجي لکيل آرٽيڪل ۾ ڪئي هئي، جنهن کي پڙهي سائين بشير احمد جوکئي مون کي فون ڪئي تہ آئون ڪيس محترم قادر بخش ٻکڪ صاحب جا ايس.ايم ڪاليج ۾ پڙهڻ وارا سال ٻڌايان تہ هو سندس ڇپيل مضمون پڙهي. پاڻ وڌيڪ ٻڌايائين تہ وٽس ايس.ايم ڪاليج جا سڀ ڇپيل مخزن موجود آهن.

جِن کي دَور دَرد جَو، سَبق سُورپڙهن
ذِکر قُرِهي هَٿ ۾، ماٺ مُطالعو ڪَن
پَنو سَو پڙهن، جَنهن ۾ پَسن پِرينءَ کي.

(شاهہ رح)

سائين بشير احمد جوکيو گرامر جي هڪ ڪتاب 'نور گرامر' جو مصنف پڻ هو. جنهن بابت مون کي سنڌيءَ جي هڪ ذهين نثرنگار، شاعر ۽ مترجم شير مهراڻي ٻڌايو (جيڪو ڪراچي يونيورسٽي مان پي.ايچ.ڊي ڪري رهيو آهي) تہ، "سائين بشير احمد جوکيو صاحب جو مرتب ڪيل گرامر جو ڪتاب 'نورگرامر' ڪراچي يونيورسٽيءَ جي شاگردن ۾ ڏاڍو مقبول آهي. هر شاگرد سائينءَ جوکئي صاحب جو 'نورگرامر' ئي خريد ڪرڻ چاهي ٿو. ڇو جو اهو ڪتاب مڪمل ۽ مددگار آهي."

سائين جوکيو صاحب معاشي ۽ مالي طور ڪو سکيو ستابو نہ هو. ظاهر آهي تہ هڪ پرائمري يا سيڪنڊري ٽيچر اهو بہ ريٽائرڊ ان جي ڪمائي ڪيتري هوندي؟ پر مون ڪڏهن بہ سندس زبان تي اڻ هوند ۽ مهانگائيءَ جو ذڪر نہ ٻڌو. جڏهن تہ خاشا خاشا، ڏسٽا وائسٽا ماڻهو بہ ڏکين حالتن ۾ اڻ هوند جو ماتم ڪندي نظر ايندا آهن. اهڙي ٻوسائيندڙ ماحول ۾ سائين بشير احمد جوکيو صاحب، تتيءَ ٿڌيءَ ڪاهڻ وارو ۽ ڏکن ڪي سکن جي سونهن سمجهي مزو ماڻيندڙ، هڪ حيرت جهڙو باهمت اڻ مول انسان هو.

سدائين سَرهو، سدائين کلندڙ، ڇڻ ڪيس ڪو مسئلو، ڪو مونجهارو نہ هو.

ٿَوري قُوتَ قَرَارِيا، رَهَن سَبَرَ سَتَ
ڪَتيءَ ۾ ڪِهِ ٻُڪليا، پُٺَنِ اَهڙيءَ پَت
پَنوهارڪي پَتِ، پِيهي پُڄج مَلير ۾

(شاهہ رح)

جسماني طرح پاڻ سنهو، تندرست ۽ ڦڙت هو. ڪراچيءَ ۾ اهڙي ڪابہ ادبي تقريب نہ هوندي هئي جنهن ۾ پاڻ شريڪ نہ ٿيندو هجي. بشرطيڪ کيس دعوت مليل هجي. هونئن بہ سدائين هل هلان ۾ هوندو هو. 2009ع ۾ مون سان فون تي ڳالهائيندي ٻڌايائين، "بدر ابڙي صاحب وارا جبل ڏانهن وني ويا هئا." وري کلندي چيائين. "آئون هن عمر ۾ بہ جبل تي چڙهي ويو هئس ۽ بيا...." ساڳئي اپريل مهيني ۾ (2009ع) يعني وڃڻ کان ڪجهہ ڏينهن اڳ، جڏهن هو ڪنهن ڪتاب يا پرچي لاءِ سوجهرو جي آفيس ۾ آيو هو تہ، مون کي تاج بلوچ صاحب ٻڌايو تہ، "بجلي نہ هئڻ جي ڪري لفٽ بند هئي پر سائين بشير احمد جوکيو صاحب ست ماڙ مٿي چڙهي آيو هو. پاڻ بلڪل تازو توانو هو. نہ ڪو ساهہ چڙهيل هئس نہ ڪو ٿڪل هو."

سَدائين سَفَر ۾، رَمن مَٿي رَاهہ
پُرن پُورب پَنڌ ڏي، مَنجهہ مَوالي مَاهہ
جي اَلک سين آگاهہ، هَلو تُڪيا پَسون تِن جا.

(شاهہ رح)

سائين بشير احمد جوکيو هڪ گمنام سپاهيءَ جي حيثيت رکندڙ، اهو ڪوهستاني سچيت هو جيڪو پنهنجي ڌرتي ۽ ڌرتيءَ وارن لاءِ، پنهنجي علم ۽ ڄاڻ سان ويڙهہ وڙهندو

اونداهيون ٽاريندو رهيو. جنهن جي سوڀ نور جيان پنهنجن جون راهون روشن ڪري وئي آهي.
مُنهنجي هڪ مضمون، 'ڪو جو ڦهر ڪلاچ ۾/ ڪراچيءَ جو ڪيڏارو' ۾ مورڙي جي قبر بابت معلومات ۽ ڪديجيءَ جي بربادي‌ءَ جا سڀ ئي داستان سائين جوکئي صاحب جا ٻڌايل آهن.
اها ئي ڪديجي جيڪا سندس جاءِ پيدائش به آهي ۽ جيڪا هاڻي سندس جاءِ دائميت به آهي. جتي پاڻ پيدا ٿيو ۽ جتي هاڻي دفن آهي. اها ئي ڪديجي جنهن جا ڏک سندس اکين ۾ آلاڻ پري چڙهيندا هئا. اها ئي ڪديجي جنهن جي سونهن ۽ سرهاڻ سندس ساهه ۾ سمايل هئي ۽ جنهن جي ويرانيءَ جا تازا منظر سندس ماڻڪين ۾ چٽجي ڪيس درماندو ڪري ڇڏيندا هئا.
اهائي ڪديجي جنهن جي مني جهرڻي جون ساروڻيون ڪيس ٺاري ۽ جياري ويندون هيون. وري پيش منظر ۾ ساڳيو منو جهرڻو زهريلي پاڻيءَ جو وهڪرو بنجي سندس هانءَ کي ڪڙو زهر ڪري ٻاري ۽ ماري ڇڏيندو هو.
ڪديجيءَ جي مني جهرڻي جو پاڻي ڏارين ڏوتن جي ڪري زهر ٿيڻ تي مون کي انگريزي شاعر ڪالرج جي هڪ سٽ ياد اچي ٿي ته، "پاڻي ئي پاڻي چئني پاسي پاڻي، پرپيئڻ لاءِ هڪ ڦڙو به نه!!"
اها ئي ڪديجي جيڪا اڄ لانگ بوٽن جي پيل هيٺ ساهه کڻي رهي آهي، جتي واقعي به پاڻي ئي پاڻي آهي زهيريلو پاڻي ۽ جتي واقعي پيئڻ لاءِ هڪ ڦڙو به ناهي.
جتي سائين بشير احمد جوکيو مورڙي وانگيان پنهنجي اباڻي پٽ ۾، ٻڌ ۾ ڏارين وٽ قيد آهي غير محفوظ آهي:

گَنيائون ڪائر ڏي، سَاري هَاڃَ هِئان
لاَهي لَڏَ لطيف چئي، پَرئين ٿَرِ ٿيا
جَڏي ڳُڻ وِيا، ماروئڙا مَلير ۾.

(شاهه رح)

(بشير احمد جوکيو صاحب، پيدائش: 1932ع، وفات: 2009ع)

# سماجي ڪارڪن
# محمد عرف ممون ٻڪڪ باراڻي



جيئن بسنت رت جو احساس درماندن لاءِ مونجهه لاهيندڙ هوندو آهي. بلڪل ائين ئي ڪنهن مهربان ماڻهوءَ جو وجود، پيڙا ورتل انسان لاءِ ساوڻي جي وقت پري بوند مثل هوندو آهي.

محمد عرف ممونءَ جو وجود ٻه ڏکويلن ۽ بيمارن لاءِ وڏو آٿت، مدد ۽ سهاري جو باعث آهي.

سندس عمر هن مهل 70-72 ورهيه هوندي ۽ اهي، سڀ سال هن غريب بيمار ماڻهن جي خدمت ڪندي گذاريا آهن.

ڪيس ڪنهن ٻه اعزاز، ايوارڊ، سند ۽ سرٽيفڪيٽ جي نه پرواهه آهي نه ئي هو ان جي ڪمي محسوس ڪري ٿو.

پاڻ ڪو پيسي ڏوڪڙ وارو يا ڪو زميندار ۽ جاگيردار ڪونهي. نهايت غريب مسڪين ماڻهو آهي. پر سندس اندر ۾ اگهن جو ايڏو اهنجهه آهي جو هو برداشت ئي نه ٿو ڪري سگهي. ڪو غريب بيمار لاچار اسپتال ۽ دوا لاءِ واجهائي ۽ هو پٺ ڏئي هليو وڃي.

هو ڪنهن بيمار جي تڪليف ڏسي ئي نه سگهندو آهي. سندس غاريبي (غريب)، گهر ۾ سدائين اگهن جي ڪنجهو ڪنجهه لڳي پئي هوندي آهي. هو بنا ڪنهن نرڙ ۾ گهنج وجهڻ جي سندن خدمت ۾ لڳو پيو هوندو آهي. هڪڙن کي پيو اسپتال وٺي ويندو آهي ته ٻين کي اسپتال مان علاج ڪرائي پنهنجي گهر ۾ پيو آڻيندو آهي.

اهي بيمار ٻه سندس اوسي پاسي جا نه، پر جبل جي ڏورانهن علائقن جا هوندا آهن جيڪي سندس مائٽ ته ڇا پر ذات ڀائي ٻه نه هوندا آهن. اهي الائي ڪٿان ڪٿان ڪان سندس هاڪ ٻڌي ايندا آهن، جن جي رهائش ۽ کاڌي پيتي جو انتظام ٻه سندس ٻلي هوندو آهي. جبل جا مسڪين ماڻهو کهڙا وري راشن ۽ ڏوڪڙ ڪٽيو ٿا اچن. بس، بيمار کي گاڏي موٽر ۾ ياڙو ڪري ڪراچيءَ ۾ ممون ٻڪڪ جي گهر تائين پچايائون ته وڏو ڪارنامو ڪيائون. پوءِ ته بس جيڪي بيمار سان گڏ آيل هوندا انهن جي ٻه رهائش، کاڌو پيتو سندس حوالي هوندو.

وڏي ڳالهه اها جو رڳو ڪيس خبر پوندي آهي ته ڇپر ۾، ۽ جبل ۾ ڪو غريب ماڻهو گهڻو بيمار لاچار آهي. اچي به نه ٿو سگهي ته هو پاڻ اتي وڃي بيمار کي ڪراچي وٺي ايندو آهي.

حالانڪه هو پاڻ به نهايت غريب آهي. پنهنجي سڄي زندگي غربت ۾ ڪاٽي، ڏکويلن جا ڏک ڏور ڪرڻ ۾ گذاري آيو آهي.

سندس هڪ ئي پٽ آهي نالو اٿس صادق. جيڪو پڻ غريب ٻچڙيوال آهي. صادق جو وڏو پٽ مينهن وسايو جيڪو پڻ شاديءَ وارو آهي ۽ اولادي آهي.

ممون ٻڪڪ هينئر ماشاء الله پڙ ڏاڏو ٿيو آهي. تنهن کي ان ڳالهه جو ڪو اونو ڪونهي ته سندس پٽ، پوٽا، پڙپوٽا غربت ۾ ڏکي زندگي گذارين ٿا. نه ئي هن ڪنهن کي دانهن ڏني. يا حڪومت ۽ سرنديءَ وارن کي چيو هوندو ته انهن کي نوڪريون وغيره ڏيو. اهي سڀ محنت مزدوري ڪري پيٽ پالين ٿا.

ممون ٻڪڪ جي اڳيان غربت جي ڪائي اهميت ۽ پرواهه ڪونهي. ڇڻ غربت سندس مسئلو ئي ناهي.

هن وٽ جي ڪا اهميت آهي. پرواهه آهي. يا مسئلو آهي ته اهو ته هو ڪنهن به بيمار کي تڪليف ۾ ڏسي نه ٿو سگهي.

بيمارَ به پلي ڪيڏو به بيمار هجن. پر ڪيس ڏسي ڏاڍا سرها ۽ خوش ٿيندا آهن ته، بس هاڻي اسان جو نجات ڏيندڙ اچي ويو آهي. مون کي وري اهڙي صورت حال ۾ لطيف ؒ جو بيت ياد ايندو آهي ته،

اگهن ڪَيو اَڄُ، مِڙِي سَڌُ صَحَتَ کي
ڏُورُ ڏُکَندا پَڄُ، مَهَريءَ مُنهن ڏَيکاريو.

آئون ممون ٻڪڪ کي مدرٿريسا (ٿريزا) سان فخر سان هڪ جهڙائي ڏينديس. مدرٿريسا پڙهيل خاتون هئي. ٻيو جرمنيءَ جهڙي عزت واري ملڪ جي ڄائي، ۽ ٿيون وري هندوستان جهڙي عظيم جمهوريت واري ملڪ ۾ ڪوڙهه جي بيمارن جي خدمت ڪرڻ ۽ ڪين سانڍڻ آئي هئي. تنهن ڪري هن جو هر عمل، محنت، خدمت ۽ ڪوشش وارو عمل دنيا اڳيان نروار آهي.

جڏهن ته هي اڻ پڙهيل غريب ۽ پيڙهيل سنڌي قوم جو فرد آهي، جنهن جون خدمتون، محنتون ۽ ڪوششون لڪل ۽ اڻ ساريل آهن.

منهنجو مقصد مدرٿريسا جي عظمت گهٽ ڪرڻ يا ڪيس ميڄتا نه ڏيڻ هرگز ناهي.

منهنجو سر امڙ ٽريسا جي مهانتا اڳيان نميل آهي. پر ڳالهہ اها ئي آهي تہ بنا ڪنهن جي سهڪار ۽ مدد جي اڪيلو ئي ڪم ڪرڻ تي ممون بڪڪ بہ خراج لهڻي.
حيرت جي ڳالهہ اها آهي تہ هو ان سلسلي ۾ ڪنهن ڪان بہ ڪا مدد گهرندو بہ ناهي، جيترو پڇي سگهندو آهي پاڻ ڪندو آهي ۽ انهي نيڪ ڪم ۾ سندس پٽ ۽ پوٽا بہ ساڻس لاٽو پُوٽُ (ڳڏ ڳڏ مددگار) آهن.
جيئن چئبو آهي تہ سچ ڪي ڪاري هينان نہ ٿو لڪائي سگهجي. بلڪل تيئن ئي سندس خدمتون ۽ محنتون ماڻهن اڳيان مجتا ماڻي رهيون آهن.
هاڻي ڪراچيءَ جي سرڪاري اسپتالن ۾ ڪيس قدر جي نگاهہ سان ڏٺو وڃي ٿو . جڏهن بہ هو ڪنهن مريض کي اسپتال وٺي ويندو آهي تہ سندس مريض کي اهميت سان ڏٺو ويندو آهي.
ان کي جيڪا بہ تڪليف هوندي آهي ان بيماريءَ جي اسپيشلسٽ وٽ بناروڪ ٽوڪ جي هليو ويندو آهي. سندس آندل مريض کي دوا، رت يا آپريشن جي ضرورت هوندي آهي تہ اهو سڀ هڪدم ٿي ويندو آهي. ٻيو علاج بہ ترت ٿي ويندو آهي.
هو پاڻ ڏسڻ ۾ ڪمزور، هاني ڪاني/ جسم جو آهي. پر تنهن هوندي بہ هو ضرورت مند مريضن کي پنهنجو رت بہ ڏيندو آهي.
وڏي ڄمار هوندي بہ هو بغير ڪنهن ڊپريشن ۽ ٽينشن جي خوش باش، عمل جي ميدان ۾ تراپيون (ڊوڙون) ڪري رهيو آهي.
جنهن وقت بہ ڪيس ڏسبو تہ هو ڪنهن نہ ڪنهن مريض کي اسپتال وٺيو پيو ويندو. گاڏي موٽر تہ وٽس ڪانہ هئي جو هو مريضن کي آسانيءَ سان اسپتال تائين پهچائي. ڏسبو تہ مريض کي هٿ کان جهليو روڊ ڪراس ڪرائيندو، بسن ۾ ويهاريندو. وري هٿ وٺي بس مان پيو لاهيندو.
پاڻ بہ غريب. بيمار بہ غريب. ڪيئن ٿو پورت ڪري اها ضرور حيرت جهڙي ڳالهہ آهي.
ممون بڪڪ تي فخر ڪرڻ جو حق رکُو جبل نہ پر هر سنڌ واسيءَ کي آهي.
اسين جيڏي بہ عزت ڪيس ڏيون. اها ڏيندي ٿهون. جيڏو بہ مان ڪيس ڏيون اوڏو سونهون.
سندس نالو ڪنهن بہ سماجي ڪارڪن (نالي ڪونئي) يا وڏن نالن وارن سماجي ليڊرن اڳيان فخر مان پيش ڪرڻ جي لائق آهي.
اسان کي پنهنجن جو قدر ڪرڻ گهرجي. پراون کي گهڻو ئي ڏنوسين گهڻو ئي آزمايوسين (حاصل ڪجهہ بہ نہ ٿيو.) هاڻي پنهنجي کي بہ ڪجهہ مجتاڏيون، جيڪا حقيقت ۾ پنهنجي ذات جي مجتا آهي. اچو تہ پاڻ کي سجاڻون

(ممون بڪڪ ڪجهہ سال ٿيا آهن گذاري ويو آهي. مون سندس زندگيءَ ۾ ئي هي مضمون لکيو هو، جيڪو ٻين ڪان پڙهائي ڏاڍو خوش ٿيو هو. اها اخبار هر وقت پنهنجي ڪوٺ جي کيسي ۾ وجهي رکندو هو ۽ هر ڪنهن کي ڏيکاري خوش ٿيندو هو. ايتري قدر جو جڏهن مريضن کي وٺڻ جبل تي ويو هو تہ اتي بہ منهنجو لکيل اهو مضمون انهن کي ڏيکاريو. ڪراچي جي سرڪاري اسپتالن جي ڊاڪٽرن کي بہ اها اخبار ڏيکاري هئائين جنهن ۾ مضمون سان گڏ سندس تصوير بہ لڳل هئي.)

ويا سي وينجهار.....،

هَارِيا وَيجَ مُياسِ! سُتِ نَہ لَهِين سُورَجِي،

پِرِيَان کي چِوَندِياسِ، تَہ تَرسُ طَبيبن ڇڏيو.

# هڪ سريلو ڪردار ۽ نئون پيجل
# استاد محمد جمن (سخيراڻي)



سنڌي موسيقيءَ سان پيار ڪندڙن ۽ سنڌي موسيقيءَ جي ڄاڻ رکندڙ. اڳيان، مهان ڪلاڪار استاد محمد جمن جو نالو لکل ۽ اڻ ڀڄل نہ هوندو.

ڪوهستان ڪي اهو پڻ فخر حاصل آهي تہ استاد محمد جمن جهڙو بي مثال فنڪار سندس مٽي ۽ سندس خمير جي پيداوار آهي، جنهن ميوزڪ ۽ گائڪي جي دنيا ۾ اهو عروج ماڻيو جيڪو موسيقيءَ سان واڳيل هر هڪ ڪلاڪار جو خواب هوندو آهي. رشڪ جو باعث هوندو آهي.

استاد محمد جمن جو تعلق ڪوهستان جي ڏکين جبلن واري شينهن علائقي 'موئيداڻ' سان آهي. سندس پيدائش سخيراڻي مگڻهار قبيلي ۾ مشهور سرندي نواز استاد حاجي احمد المعروف حاجي آمن جي ڪکائين جهوپڙيءَ ۾ ، 'ڪنڊ جهنگ' جي هڪ ننڍڙي ڳوٺ ۾ ٿي.

هوش ۾ اچڻ کان اڳ ئي سندس ذهن ۽ ڪَن ساز ۽ آواز جي سنگم ٻڌڻ جا رهيگ (عادي) ٿي ويا هئا. جو تہ سندس ڪٽنب پنهنجي راڄ ڀاڳ ۾ خوشيءَ جي محفلن ۾ ڳائيندو وڄائيندو هو.

سندس پيءُ حاجي آمن جيڪو نهايت خوش شڪل ۽ خوش اخلاق هو، ۽ جيڪو پنهنجي خاندان جو پهريون فرد هو جنهن جو وڄايل ساز (سرندو)، گراموفون ريڪارڊز ۽ ريڊيو جي ذريعي پنهنجي راڄ ۽ علائقي جا دنگ اورانگي (اورانگهي) پري پري تائين ماڻهن جي دلين ۾ پهتو هو. حاجي آمن پاڻ چوندو هو، 'سندس وڄايل سرندي جو آواز ٻين بہ گهڻن استادن جي رڪارڊن ۾ آهي جن ۾ استاد برڪت علي خان صاحب، استاد قدرت الله خان صاحب شامل آهن. پر خاص طرح سان عظيم ڪلاڪار فيض محمد بلوچ جي سيني پراڻن رڪارڊن ۾ سندس ئي وڄايل سرندي جو آواز آهي.'

استاد محمد جمن اتفاقي يا حادثاتي ڳائڻو نہ هو. بلڪ سندس سڄو گهراڻو موسيقيءَ جي رمزن کان واقف هو. سندس سيئي ابا ڏاڏا موسيقيءَ جي اَجهل ڪائنات جا ملهائتا فرد هئا. اهي واڳيل هئا انهيءَ سريلي دنيا سان.

سندس گهراڻي بابت وڌيڪ معلومات ڏيڻ کان اڳ، سنڌ جي هڪ وڏي ۽ معتبر اداري پاران ڪيل هڪ غفلت ۽ لاپرواهيءَ ڏانهن هٽ، سَڄَ ڪنديس. هڪ ڀيري جڏهن انهيءَ وڏي ۽ معتبر اداري ۾ وڃڻ جو اتفاق ٿيو، ۽ ميوزيم ۾ فنڪارن جي گيلري ۾ استاد محمد جمن جي تصوير ڏسي خوشيءَ مان پيرن ۾ ڏانوڻ پئجي ويا. اتي ئي بيهي رهيس. تصوير جي هيٺيان لکيل هو، "استاد محمد جمن ولد.... (ڊيش ڊيش ڊيش)،" اهو لقاءُ ڏسي حيران ٿي ويس. انهيءَ اداري جي اهڙي لاپرواهيءَ واري غفلت ۽ لاغرضيءَ واري عمل پريشان ڪري ڇڏيو.

استاد محمد جمن کي ڪي سوين هزارين سال تہ نہ ٿيا آهن، جو سندس والد جو نالو معلوم ڪرڻ ممڪن نہ هجي. اجا تہ خير سان سندس سڄو خاندان پٽ، پوٽا، ڀائٽيا ماشاء الله سڀ سلامت آهن. بلڪ ساڳئي ئي ڪيتر ۾ لانچيا پلاٽيا بيٺا آهن. استاد محمد جمن جي پيءُ جو نالو پڇڻ لاءِ اوڙي پاڙي، ڄات سڃات کان رلي پني جهپا ڏئي. متا هٽي، هلاڪيون ڪري پڇڻ جي بہ ڪا ضرورت ناهي. جيئن مٿي ذڪر ڪيو اٿم تہ استاد محمد جمن جو والد ڪو عام ماڻهو نہ هو. بلڪ هُو پنهنجي دور جو ٻڌو سُئو سرندي وڄائڻ جو وڏو ماهر استاد هو. جنهن جو وڄايل سرندو وقت جي وڏن استادن جي گراموفون رڪارڊن ۾ موجود ۽ محفوظ آهي. باالفرض جي هو ڪو فنڪار نہ بہ هجي ها تہ بہ هو عام ماڻهو نہ هو، ڇو جو هو مهان ڪلاڪار استاد محمد جمن جو والد آهي. انهيءَ وڏي ۽ معتبر اداري جي ميوزيم مان ڏک ۽ مونجهہ کڻي گهر پهتيس.

انهيءَ سلسلي ۾ استاد محمد جمن جي پڳاٽ ۽ سالي، مشهور ڊولڪ نواز محمد دائود جي گهر فون ڪيم، جتي موجود استاد محمد جمن جي لائق پٽ اويس جمن بنا دير پنهنجو شجرو ٻڌائي ڇڏيو، "استاد محمد جمن ولد حاجي آمن ولد ڪنور ولد موڙائي ولد سومار ولد..."

بس هڪڙو فون ۽ ايتري دير. الله الله خير صلا (صلاح). استاد محمد جمن جي سلسلي ۾ اهڙيون لاپرواهيون، لاغرضيون، غفلتون ۽ اڻ پڇائون ٿينديون رهيون هيون. سندس زندگيءَ ۾ بہ جو سندس کان گهٽ ڄاڻو ۽ گهٽ درجي جي فنڪارن کي، سندس موجودگيءَ ۾ بہ وڏيون عزتون، وڏيون مراعاتون، وڏا انعام ۽ اعزاز ملندا رهيا. جن جو ذڪر فراخ دل استاد محمد جمن پاڻ بہ نجي محفلن ۽ ڪچهرين ۾ اڪثر کلي کلي ڪندو هو.

هوهڪ سچو فنڪار هو. جيڪو سچا سُر ڳائيندو هو. ڇو جو سُر ڪيس سُتيءَ ۾ مليل هئا. سندس والد کان علاوه سندس وڏو ڀاءُ حاجي الله ڏنو پڻ دنبوري ۽ سرندي جو ماهر استاد هجڻ سان گڏ هڪ ڪلاسيڪل گائڪ پڻ هو. جنهن کي ڳائڻ کان وڌيڪ سازن سان چاهہ هو.

هو ريڊيو ڪراچيءَ تان دنبوري ۽ سرندي وڄائڻ جي نسبت سان وابسته هو. دنبوري جا سُر ۽ تندون مختصر هوندا آهن. پر حاجي الله ڏنو دنبوري جي انهن مختصر تندن مان اهڙا سُر ۽ راڳ آلاپيندو هو جو ماهر حيران ٿي ويندا هئا. حاجي الله ڏني جي اڳيان دنبورو سندس طابع ٿي پوندو هو. منهنجو ياءُ انجنيئر محمد بخش بڪڪ راڳ ۽ ساز سان چاهه رکي ٿو. راڳ سان ٿوري گهڻي واقفيت به اٿس، ان ٻڌايو، "هڪ ڀيري ڏٺم ته حاجي الله ڏنو هٿ ۾ ٽٽل تارن وارو دنبورو کنيو پي ويو. مون کي ڏسي بيهي رهيو ۽ کيڪاري چيائين، "دنبوري جون تارون ڀڄي پيون آهن. نهرائڻ لاءِ پيو کڻي وڃان."
مون کيس چيو، "هن ٽٽل تارن واري دنبوري سان، 'لال موري پت...' واري ڌن وڄاءِ ته مڃاءِ. هن هڪدم دنبورو سنڀالي ٽٽل تارن کي ڇيڙي اهڙي ته مهارت سان اها ڌن وڄائي، جو آئون انهيءَ ناممڪن عمل تي حيران ٿي ويس. يعني سندس آڱرين جيئن ئي دنبوري جي تارن کي ڇهيو ته دنبورو ست ساز ٿي ويو هو."
حاجي الله ڏني جي سازن سان چاهه ۽ مهارت ته هئي پر هو نجي محفلن ۾ استاد محمد جمن سان گڏ ڳائيندو به هو. اهڙين محفلن ۾ ٻنهي يائرن جا زبردست مقابلا ٿيندا هئا. ٻئي يائر ڪلاسيڪل راڳن جا واهڙ وهائي ڇڏيندا هئا.
منهنجو وڏو ادا قادر بخش بڪڪ ته هاسيڪار سندن راڳ جا مقابلا ڪرائيندو هو. نمرين ۽ دادرن جا اهي مقابلا نهايت حيرت ناڪ ۽ متاثر ڪندڙ هوندا هئا. ٻئي يائر سچ اياري ڇڏيندا هئا. ماڻهو دمبخود، ساهه جهلي ويٺا سندن راڳ پيا ٻڌندا هئا. حاجي الله ڏنو پنهنجي راڄ ۾، ۽ پنهنجن ويجهن وٽ استاد محمد جمن کان سواءِ ڏار محفلون به ڪندو هو، جن ۾ صوفياڻي ڪلام سان گڏ هو غزل ۽ گيت به لاجواب ڳائيندو هو. يعني استاد محمد جمن ته راڳ جو ڇيهه ٿي ويو. پر حاجي الله ڏنو به دنگ هو. حاجي الله ڏني جو هڪڙو ئي پٽ آهي. خداڏنو، جيڪو پڻ راڳ کان واقفيت رکي ٿو، ۽ محدود حلقي ۾ ڳائي ٿو. هو ڏاڍو سريلو آهي.
مٿي جيئن چيم، استاد محمد جمن اتفاقي يا حادثاتي ڳائڻو نه هو. بلڪ سندس سڄو گهراڻو راڳ سان واڳيل هو. هن جو پيءُ حاجي آمن ۽ سندس ماءُ مائي مهناز (جيڪا انگياڻي مگڻهار قبيلي سان تعلق رکندڙ هئي) ٻئي بيحد خوبصورت ۽ ذهين هئا. سندس والد جي باري ۾ ٻڌايو اٿم ته هو سرندي وڄائڻ جو ماهر استاد هو. پر سندس ماءُ به راڳ جي ڄاڻ رکندڙ هئي. هوءَ پنهنجي ٻنهي پٽن (استاد محمد جمن ۽ حاجي الله ڏنو) کي ننڍپڻ ۾ ڳالهين، قصن ۽ ڪهاڻين ۾ موسيقيءَ جي سکيا ڏيندي هئي.

منهنجي بابا وڏي (ڏاڏو چتو خان ٻڪڪ) ٻڌايو تہ، هڪ ڀيري هو سندن گهر پرسان، لنگهي رهيو هو تہ گهر اندران منٺا منٺا سريلا آواز اچي رهيا هئا. مون کي انهن اڳيان وڌڻ کان روڪي ڇڏيو. هڪدم گهوڙي تان لهي بيهي ٻڌڻ لڳس تہ مائي مهناز پنهنجي ٻنهي پٽڪڙن پٽن کي، پنهنجي سريلي آواز ۾ منظوم قصو ڳائي ٻڌائي رهي هئي. سندس ٻئي پٽ سندس پويان پويان ائين ئي ورجائي ڳائي رهيا هئا.

ڪڪڙ منهنجو نيڪ نمازي ٻي نمازي تون

نہ مار منهنجي ڪڪڙ کي حرامزادي تون.

استاد محمد جمن جي ماءُ ۽ پيءُ سان گڏ سندس ڀڦيون، مائي صالحان ۽ مائي پِنٽي ۽ سندس چاچي مائي سوڍي پڻ وڏيون ڏاتوند ۽ سريليون ڳائٽيون هيون. جيڪي شاديءَ جي مختلف رسمن ۽ وقتن جا راڳ، ڳيچ، سهرا ۽ لاڏا نہ رڳو، ڳائيندڙيون هيون پر پاڻ پنهنجي شاعري ۽ موسيقيءَ ۾ ڳائينديون هيون. جڏهن بہ ڪنهن شادي ۽ خوشيءَ جي ڪنهن تقريب ۾ گڏجي راڳ ۽ سهرا ڳائينديون هيون تہ، سندن آواز جو زيرو بم ۽ آلاپ ائين هوندو هو جڻ ڪيئي ساز، سرندا ۽ سارنگيون وڄي رهيا آهن. حيرت اها جو اهي بنا ڪنهن ساز ۽ دهل جي ڳائينديون هيون. پر يقين ڪريو سندن آواز هارميونيم جهڙو هوندو هو. لڳندو ئي نہ هو تہ ڪي مايون ڳائي رهيون آهن. ائين لڳندو هو جڻ هارميونيم تي ڪا ڌُن وڄي رهي آهي.

استاد محمد جمن ڏاڍي ڪوشش ڪئي هئي تہ اهي سازن تي خاص ڪري هارميونيم تي ڳائين. پر انهن ائين نہ ڪيو. هونئن بہ سندن آواز ايڏا منا ۽ سريلا هئا جو ڪين ڪنهن بہ ساز جي ضرورت نہ هئي.

هن پنهنجي ڪنهن انٽرويو ۾ ڪين مڃتا ڏيندي اعتراف ڪيو آهي تہ، سندس ڀڦين ۽ چاچيءَ ڪيس ڪافي ڏنون ڏنيون آهن جن ۾ مشهور ڏنون،

1- مارن مون ڏي موڪليو رنگ رتو رومال، ڏوبيئڙي ڏوتو سو رنگيئڙي رتو...

2- چيرن ڪئي چمڪار، عطر ڪئي هبڪار، راٺل آيو ويڙهي لاڏل آيو ويڙهي...

3- ادل منهنجو چوڏهينءَ جو چنڊ ڀينر پلي پلي پلي آيو...

4- موهيڙيءَ تي اچان شال پريڙي ويا....

۽ ٻيون بہ ڪيئي شاندار ۽ شاهڪار راڳ ۽ ڏنون آهن.

شروع ۾ ڳائڻ سان گڏ هو بانسري بہ وڄائيندو هو. هن ريڊيو ڪراچيءَ تي پهرين ڳائڻ کان اڳ بانسري وڄائڻ لاءِ ئي آڊيشن ڏنو هو. ريڊيو تي رڳو بانسريءَ ئي وڄائيندو هو. اتي ئي ڪراچيءَ ريڊيو تي هن پنهنجي آواز جو آڊيشن محترم احمد غلام علي چاڳلا جي اڳيان ڏنو

هو. اهو ئي چاڳلا صاحب جنهن ملڪ جي قومي تراني جي ڌُن ڪمپوز ڪئي هئي. ائين ئي هن ريڊيو ڪراچيءَ تان بانسري سان گڏ ڳائڻ به شروع ڪيو. جنهن کي پوءِ ڪلاسيڪل راڳ سکڻ دوران سندس بي مثال استاد نظر حسين خان صاحب، بانسري وڄائڻ کان منع ڪئي هئي ته بانسري وڄائڻ سان گلي تي اثر پوندو، ۽ آواز خراب ٿي ويندو. جنهن کان پوءِ هن بانسري وڄائڻ ڇڏي ڏني هئي.

ريڊيو حيدآباد جي وجود ۾ اچڻ سان ئي هو ڪراچيءَ ريڊيو کان حيدرآباد ريڊيو سان منسلڪ ٿي ويو. اهو ئي دور هو سنڌي موسيقيءَ ۾ انقلاب اچڻ جو! انقلاب هڪ نه بلڪ به آيا هئا! هڪ ته سنڌي موسيقي جي دنيا کي نيون، اڻ ٻڌل ۽ اڻ ڇهيون ڌُنون مليون. ٻيون انقلاب هو حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي گهوٽ بادشاهه کي سندس روح سان درست اُچار، لهجي ۽ تلفظ سان ڳائڻ وارو انقلاب.

موسيقيءَ جي ڄاڻن کي خبر آهي ته سنڌي موسيقي استاد محمد جمن کان اڳ ايڏي وسيع، شاهوڪار ۽ مالدار نه هئي. هن کان اڳ سنڌي موسيقي موجود ته هئي. پر ڪيس اها سونهن جمال، رونق، وسعت، عروج ۽ ڪمال مليل نه هو. جيڪو سندس سنڌ ملڪ ۽ قوم جو تاريخي شاندار ورثي موجب هجي. پڳت ڪنور رام، استاد بيبو خان، استاد الله ڏنو نوناري، استاد عاشق علي خانصاحب، استاد برڪت علي خان صاحب ۽ ٻين قابلِ عزت استادن سنڌي موسيقيءَ لاءِ وس آهر ڪم ڪيو. پر ان دور کي سنڌي موسيقيءَ جو شاندار دور ته سڏي سگهجي ٿو. پر شاهوڪار دور نه ٿو چئي سگهجي- ڇو جو اهو ڪجهه محدود ڌنن ۽ راڳن تي مشتمل دور هو. البته جي استاد ورڙي (ٻڙلآ) غلام علي خان صاحب کي اونڌو زيڊ. اي. بخاري پنهنجي ڦوندڙ ۽ تعصب وچان جلاوطن نه ڪري ها ته جيڪر ٻي ڳالهه هجي ها.

استاد ٻڙي غلام علي خان صاحب جي ڳايل لطيف سائين جي رڳو هڪڙي وائي، "دم دم ياد پون ٿيون مارن منيون ڳالهڙيون...." ٻڌي به ماڻهو هڪ اهڙي دنيا ۾ پهچي وڃي ٿو جتي رڳو سک، امن، شانتي، آرام ۽ سکون آهي. ان ئي استاد ٻَڙي غلام علي خان صاحب جي اڳيان جڏهن هڪ محفل ۾ ننڍڙي محمد جمن (استاد محمد جمن تڏهن ننڍي عمر جو هو) هڪ ڪلام ڳايو ته استاد ٻڙي غلام علي خان صاحب کيس سڏي پاڪر پائي پنج روپيا انعام ڏنو هو، جنهن جو هن ڪيترن ئي پروگرامن ۾ پاڻ ذڪر ڪيو آهي، "استاد ٻڙي غلام علي خان صاحب جا ڏنل اهي پنج روپيا منهنجي لاءِ دنيا جي وڏن انعامن کان به وڏو انعام آهن." ڇو جو اهي ڪيس پنهنجي دور جي تانسين پاران انعام طور مليل آهن.

لطيف سرڪار ڪي استاد محمد جمن ڪان اڳ گهڻ بلڪ تمام گهڻ ڳايو ويو هو جن لطيف پاڪ جو ڪلام ڳايو به هو ته انهن به اهي ئي مروجه سولا ۽ معروف سُر ۽ راڳ ڳايا هئا.
هن جو تعلق جيئن ته ڪوهستان سان هو جتي نج ۽ شاهوڪار سنڌي ٻولي ڳالهائي ويندي آهي، ۽ لطيف بادشاهه جو ڪلام به ان ئي نج ۽ شاهوڪار سنڌي ٻولي ۾ آهي. اهو ئي ڪارڻ آهي جو هن جا اچار صحيح آهن ۽ لطيف رح جي راڳن جي ڄاڻ ۽ سڃاڻ رکڻ جي ڪري ڀٽائيءَ جي واين کي سنڌس ئي راڳن ۾ ڳائڻ ۽ انهن راڳن منجهان ئي لاڳاپيل بيت ڏيڻ استاد جو ڪارنامو نه پر هڪ معجزو آهي.
هو هڪ اهڙو روايتي ڪوهستاني هو جيڪو قدرتي طور لطيف رح جي ڪلام جو ڄاڻو ۽ ڪلاسيڪل راڳي هو، جنهن کي لطيف رح جي ڪلام ۽ راڳن تي وڏي دسترس هئي. هو هڪ ئي وائيءَ کي ساڳئي ئي راڳ ۾ ڳائيندي مختلف ڌُنون ڪمپوز ڪندو هو. نه ته هن کان اڳ ائين هوندو هو جو هڪ ئي ڌُن ۾ مختلف ڪلام ڳايا ويندا هئا. ائين سنڌي موسيقي اڻ هوند جيتري هئي. هن کي لطيفرح جي راڳ ۽ ڪلام تي عبور حاصل هو. جنهن پنهنجي زرخيز ذهن ۽ قدرتي ڏات جي آڌار تي راڳ کي وسعتون ڏنيون، جرڪائي لازوال ۽ بي مثال بڻائي ڇڏيو. انهن خوبين کان علاوه منجهس ٻي به هڪ غير معمولي خوبي هئي ته هو محفلن ۾ سڄيون راتيون ڳائيندو هو. جنهن رات سندس محفل هوندي هئي ان ڏينهن هو ڪاڏو به نه ڪائيندو هو. محفل به اڪيلو ئي اڪيلو پاڻ ئي ڪندو هو. ڪيس ڪنهن ٽوٽي ۽ ٽنپ جي ضرورت نه هوندي هئي. نڪو ساٿي نڪو پرجهلو. رات کان صبح تائين مسلسل ڳائيندو هو، جنهن جا اڄ به هزارين شاهد آهن ته هو جيئن جيئن ڳائيندو هو تيئن تيئن سندس آواز ريشمي تاڪين وانگر ڪلندو، جرڪندو ۽ پڙاڏا ڪرڻ لڳندو هو. هُو سدائين اُچن سُرن ۾ ڳائيندو هو. سندس آواز صبح تائين بنا ٽڪڻ جي چڙهت ۾ هوندو هو. ڪڏهن به ڪنهن محفل ۾ سندس آواز جهڪو/ ويٺل يا گلو گِگو نه ٿيو. صبح تائين تازو توانو، ڪلندو، ٻوڳ ڪندو ڳائيندو رهندو هو. جيئن جيئن رات نرندي گهري ٿيندي ۽ ڇُڪندي (ختم ٿيندي) ويندي هئي، تيئن تيئن هن جو آواز زمين ۽ آسمان جي وچ ۾ گهنٽين ۽ چنگن جيان پڙاڏا ڪندو ٻُرندو رهندو هو. شهرن ۾ ته ڪٽي لائوڊ اسپيڪرز وغيره آهن، پر جهنگ ۽ جبل ۾ جتي انهن جو ڪو تصور به ڪونهي اتي به جڏهن شادين جي محفلن ۾ هو ڳائيندو هو ته، سندس طاقتور ۽ سريلي آواز سان گڏ جبل به ڳائيندا هئا ته جهنگ به گڏجي جهونگاريندا هئا.

هاڻي ته خير معجزن/ ڪرشمن ۽ ڪرامتن تي ويساهه گهڻ ڪيو ويندو آهي. انهن کي گذري ويل وقت جا قصا ۽ ڪهاڻيون قرار ڏئي گهڻ اهميت ڏني ويندي آهي. بلڪ غير اهم سمجهيو ويندو آهي.

مغل شهنشاهه اڪبر جي اڳيان مهان راڳي تانسين، راڳ ديپڪ ڳائيندي پاڻيءَ ۾ باهه لڳائي ڇڏي هئي ته اچ انهيءَ واقعي کي ماڻهو پوڳ تصور ڪن ٿا- جڏهن ته آئون سمراٽ راڳي تانسين جي انهيءَ معجزي تي يقين ڪرڻ لاءِ مجبور ٿي پئي آهيان. ڇو جو ان ئي قسم جو معجزو اسان جي صديءَ ۾ رونما ٿي چڪو آهي. جنهن معجزي کان اسان جي ماڻهن جي گهڻائي لاعلم آهي/ بي خبر آهي.

استاد محمد جمن جو غلام محمد سومري صاحب نالي هڪڙو فدائي ۽ عاشق هو. جنهن جو تعلق شڪارپور جي سومرن جي معزز خاندان سان هو جيڪو بزرگ سياستدان ۽ قومي اسيمبلي جي اڳوڻي اسپيڪر محترم الاهي بخش سومري جو ويجهو عزيز ۽ ايس.پي فتح محمد سومري جو وڏو ڀاءُ هو.

غلام محمد سومري صاحب جو ڪراچيءَ ۾ چوڪنديءَ جي قريب مينهن جو وڏو واڙو هو. ۽ اتي ئي سندس اوطاق به هئي جتي هو اڪثر پنهنجن خاص دوستن کي دعوتون ڏئي استاد جون محفلون ڪرائيندو هو. ۽ اهو دور استاد محمد جمن جي جوانيءَ جي عروج وارو دور هو.

هڪ ڀيري محفل هلندي محترم غلام محمد سومرو وجد جي عالم ۽ خماريل لهجي ۾ استاد سان مخاطب ٿيو، "استاد، ڪراچي ڪڙهي پئي. اڄ ڪو مينهن وسائي ڪراچيءَ کي ٺاري ڏيکار." گرميءَ جا ڏينهن هئا. هونئن به ڪراچيءَ تي مينهن گهڻ مهربان هوندو آهي. غلام محمد سومري صاحب جا جملا اوطاق ۾ وينلن شريڪ محفل کي متوجه ڪري ڇرڪائي ويا. هن پنهنجي عاشق ڏانهن نهاري مشڪي چيو، "سومرا صاحب، بجليءَ جو انتظام ڪري ڇڏجو."

غلام محمد سومري صاحب ساڳي ڪيفيت ۽ پرڪيف آواز ۾ چيو، "پرواهه نه ڪر استاد، جنريٽر موجود آهن."

استاد محمد جمن سُر سارنگ مان بيت ڳائڻ شروع ڪيا. هڪڙو بيت،

اڄ رسيلا رنگ، بادل ڪديا بُرجن سين
ساز سارنگيون سرندا، وڄائي برجنگ
صراحيون سارنگ، پلٽيون رات پڌام تي.

ٻيو بيت:

سارنگ کي سارين، ماڻهو مرگهه مينهون
آڙيون ابر آسري، تاڙا تنوارين
پلر پيارين، تہ سنگهارن سک ٿيئي .

۽ ائين ٽيون ، چوٿون بيت.

ماڻهن کي جڻ سڪتو ٿي ويو هو. سڄو ماحول ٻيءَ پتاڻو ٿي ويو هو. ائين لڳاتار بيت ڳائيندي اوچتو، هڪدم سُر سارنگ جي وائي، 'رات بہ مينهڙا ونا، ڪنوڻين ڪيل ڪيا...' ڳائڻ شروع ڪري ڏنائين تہ لڳو سندس آواز آسمانن مان ڇڻي رهيو آهي. هو پاڻ بہ مدهوشيءَ مان ڳائي رهيو هو تہ ٻڌڻ وارا بہ سيپئي مدهوش هئا. بغير ڪنهن مڌ ۽ شراب جي سڄو ماحول ڳڱاٽيل هو.

سڄي ڪائنات جڻ وجد ۾ اچي وئي هئي تہ اوچتو، ڪراچيءَ جو آسمان جتي تارا ٽمڪي رهيا هئا، اتي الائي ڪٿان ڪڪر ڪارونڀار ڪري اچڻ لڳا. ۽ اوچتو وڄن/ ڪنوڻن ۽ ڪڙڪاٽن سان ڀرپور مينهن وسڻ شروع ٿي ويو. استاد محمد جمن جي ڳائڻ ۾ ڪو فرق نہ آيو. ماڻهن بہ ائين ئي سڪتي ۾ ساڪت وينل هئا جڻ سپ پٿر جا هجن. بجلي هلي وئي هئي، مينهن تريون ڏئي وسي رهيو هو، ۽ لڳاتار وسي رهيو هو.

اها ڪا محاورا تي، تصور اتي يا ٻڌل ڳالهہ ناهي. توڙي جو انهيءَ معجزاتي واقعي کي تقريباً پنجاهہ سالن جو وڏو عرصو گذري چڪو آهي. پوءِ بہ اجا کي اکين ڏٺا شاهد موجود آهن جيڪي ساڳي حيرت ڀرئي نموني، ان ناقابل يقين ۽ اڻ وسرندڙ واقعي جو بيان ڪندا آهن.

اهڙو ئي ٻيو واقعو پڻ هن جي عروج واري دور جو آهي. هڪ ڀيري هو حضرت لال شهباز قلندر جي عرس مبارڪ واري محفلِ موسيقيءَ ۾ ڳائي رهيو هو. ٻيا بہ ڪيئي ننڍا وڏا ڳائڻا ۽ فنڪار محفل ۾ شريڪ هئا. استاد محمد جمن واري تي پنهنجا مقبول ڪلام ٻڌائي رهيو هو، جن ۾ هڪ فارسي ڪلام حضرت لال شهباز قلندر جو پنهنجو بہ هو،

'بي نام وبي نشانم مست والست هستم....'

هو اصل فارسي ڪلام سان گڏ سنڌيءَ ۾ ڪيل ترجمو، 'بي نام وبي نشان مان، مست والست آهيان' ڳائي رهيو هو.

هزارين بلڪ لکين زائرين ڪيس ٻڌي ۽ ڏسي رهيا هئا. اها محفل موسيقي ريڊيو تان سڌو سنئون نشر ٿي رهي هئي (تڏهن اجا ٽي.وي آيل نہ هئي). تہ اوچتو استاد محمد جمن جي طبيعت خراب ٿي پئي. سندس اکيون ڦاٽي ويون. ڪنڌ ٽيڙو ٿي ويو. هٿ پير ڦري ويا. ۽ زبان هٿ جيڏي ٻاهر نڪري آئي. جسم لرزڻ ۽ ڏڪڻ لڳو، ۽ هو هوش حواس وڃائي بيهوش ٿي ويو. ماڻهو ڊوڙيا، اچي ڪيس ڪنيائون. هڪدم اسپتال ڪٽي ويا. سندس حالت ڏسي ڊاڪٽر ڊڄي ويا ۽ ڪيس هڪدم ڪراچي وٺي وڃڻ جي صلاح ڏنائون. ڪراچيءَ ۾ وڏين اسپتالن ۽ وڏن ڊاڪٽرن سندس علاج ڪيو. پر سندس حالت ۾ ڪو ذرو بہ فرق نہ آيو. سندس مائٽ، دوست ۽ پرستار حيران ۽ پريشان هئا. نيٺ ڊاڪٽرن کان مايوس ٿي ڪيس ساڳي حالت ۾ گهر ڪٽائي آيا تہ، دوائن مان فائدو نہ ٿو ٿئي ڪا دعا ۽ ڦيڻو وغيره ڪرائجي. سڀ ڪجهہ ٿيو پر سندس حالت ساڳي ئي رهي. سندس دوست ۽ چاهيندڙ سڀ سندس خدمت ۾ پر گهور لهڻ لڳا. جن ۾ سرفهرست قادر بخش بکڪ صاحب، سليمان بکڪ صاحب، غلام محمد سومرو صاحب، پيرل پياسي صاحب، عبدالڪريم بلوچ صاحب ۽ ٻيا ڪيئي شامل هئا.

سندس اهڙي حالت الائي ڪيترو وقت رهي. هُو ڪنهن کي سڃاڻي نہ سگهندو هو. نہ ڳالهائي سگهندو هو. سندس ڇپ حيرت ناڪ حد تائين ٻاهر نڪتل هوندي هئي. اوڙي پاڙي جا ٻار ڪيس ڏسي ڊڄي رڙيون ڪري ڀڄي ويندا هئا. "هرڪو پيو چوي تہ جمن چريو ٿي ويو آهي." آهستي آهستي عزيزن، دوستن ۽ گهڻگهرن جي محبت، محنت، توجهہ ۽ دعائن سان سندس حالت سڌرڻ لڳي. ۽ هو نيڪ ٿيڻ لڳو. پنهنجن کي سڃاڻڻ ۽ ساڻن ڳالهائڻ لڳو.

جڏهن هو مڪمل نيڪ ۽ صحتياب ٿي هلڻ گهمڻ ڦرڻ لڳو تہ، محترم قادر بخش بکڪ ڪيس پنهنجي اوطاق تي وٺي آيو. هاڻي هو ساڳيو خوش طبع ۽ يوڳائي هو. ڳالهہ ڳالهہ تي تاڙي ملائي ٺهڪ ڏيڻ لڳو تہ قادر بخش بکڪ صاحب هن کان سندس اهڙي عجيب ڪيفيت ٿيڻ بابت پڇيو، "استاد، ڇا ٿيو؟"

ٻڌايائين، "جڏهن آئون محفل ۾ ڳائي رهيو هئس تہ مون کي خبر نہ ٿي پئي تہ آئون ڪٿي آهيان. ۽ منهنجي اڳيان ڪير ويٺل آهن. مون کي ڪير ٻڌي رهيا آهن. ڪو پتو نہ هو. ائين ئي ڳائيندي ڳائيندي ڏٺم تہ سيوهڻ جي قبرستانن جون سڀ قبرون کُلڻ لڳيون ، ۽ مردا ڪفنن ۾ ويڙهجي قبرن کان ٻاهر نڪري محفل ۾ اچي مون کي ٻڌڻ لڳا. پوءِ اوچتو ڏٺم تہ حضرت لال شهباز قلندر پاڪ پنهنجي مرقد مبارڪ مان اٿي بيٺا ۽ مون ڏانهن وڌڻ لڳا. سندن نور جا تجلا چوڌس گهمي ويا. ۽ روشنيون ٿي ويون جنهن کان پوءِ مون کي ڪا بہ خبر پئجي نہ سگهي تہ مون کي ڇا ٿي ويو هو؟"

اهو آهي، 'مانجي ڪوهستان' جوغير معمولي، حيرت ناڪ، مهان ڪلاڪار جنهن ڪي سندس زندگيءَ ۾ ڪنهن به سرڪاري اداري جوڳي عزت، مان ۽ سڪ نہ ڏنو. جنهن جي ڪيس پرواهہ بہ نہ هئي. هو تہ پنهنجي ئي فقيريءَ ۾ خوش ۽ مست هو.
استاد محمد جمن ڪي جوانيءَ جي پور ۾ نجي محفلن ۽ شادين ۾ لکين روپيا ملندا هئا، جيڪي هو اتي ئي ڏئي وني خرچ ڪري اٿندو هو. ايتري قدر جو هو پنهنجو گهر بہ بنائي نہ سگهيو. اهو ئي غريباڻو ننڍو گهر. سندس تمام محدود گهرجون هيون.
استاد محمد جمن اسان جي پر ۾ رهندو هو. سندس ڏکئي گذر سفر ڪي ڏسي لطيف پاڪ جو بيت ياد ايندو هوم،
جنين سڪ ناهہ ڪو، چارڻ سي چئجن
رجن راهہ پڇن، متي ڪلهي ڪينرا.
اڄ جيڪا سنڌي موسيقيءَ جي هنج، سُرن ۽ سنگيت جي هيرن ۽ موتين مان پريل ۽ مالا مال آهي. اها صرف ۽ صرف استادمحمد جمن جي طفيل ئي آهي، جنهن لاتعداد ڌُنون ڪمپوز ڪري بيشمار گيت، نغمہ، سهرا لاڏا ڏنا. هن ڪيئي اهڙا گيت ڏنا جن جون ڌُنون تہ هن پاڻ ڪمپوز ڪيون. پر اهي ڌُنون ايڏيون انوکيون، اڻ ڇهيون ۽ عظيم هيون جيڪي پوءِ، سندس نالي بنا لوڪ ڌُنن جو روپ اختيار ڪري ويون آهن. اها هڪ فنڪار جي مڃتا ۽ عظمت آهي، جو هن جو پورهيو لوڪ ڪلا جو حصو بڻجي ويو آهي.
ڪير ٿو ڄاڻي پلا تہ هنن لوڪ گيتن جون ڌُنون استاد محمد جمن ڪمپوز ڪيون آهن؟
*ادل منهنجو چوڏهينءَ جو چنڊ.....
*لوڏي لنگيءَ پانڌُ راڻل آيو.....
* چيرن ڪئي چمڪار،عطر ڪئي هبڪار....
*مارن مون ڏي موڪليو رنگ رتو رومال....
۽ ٻيا بيشمار گيت ۽ سهرا آهن جن جون ڌُنون، هن جون ڪمپوز ڪيل آهن. عثمان فقير جي مشهور ڪافي، 'يار ڏاڍي عشق آتش لائي هي...' جي ڌُن تہ ملڪي سرحدون لتاڙي وئي آهي. جتي ڪٿي فوڪ توڙي پاپ ۾ اهائي ڌن بنا نالي جي وڄي ۽ ڳائجي رهي آهي.
برک شاعر ۽ دانشور تاج بلوچ صاحب جڏهن انڊيا ۾ مشهور شاعر ۽ فلمساز گلزار سان ملڻ ويو تہ، گلزار اها ئي ڪافي، ڪيسٽ تان اسپول تي شفٽ ڪري ۽ ورائي ورائي ٻُڌي رهيو هو. جڏهن تاج بلوچ صاحب ڪيس ٻڌايو، "اهو مهان ڪلاڪار استاد محمد جمن آهي. ۽ اها ڌُن سندس ئي ڪمپوز ٿيل آهي. جيڪو اسان جو آهي/ سنڌي آهي." گلزار صاحب اکيون ڦاڙي

وراڻيو، " آئون حيران آهيان تہ هيءَ ڪهڙي ڌُن آهي؟ هيٺ متي سڀ سُر جنهنجا عجيب ۽ حيران ڪندڙ آهن. ۽ ماڻهو انهن تائين پهچي نہ ٿو سگهي."
ساڳي ئي ڪافي هڪ پنجابي فلم لاءِ ملڪہ ترنم نورجهان کي، ڳائڻ لاءِ ڏني وئي تہ هن هڪدم انهيءَ ڌُن جي خالق جو نالو پڇيو. جڏهن کيس ٻڌايو ويو تہ اها ڌُن استاد محمد جمن جي آهي تہ هن متاثر ٿي چيو، "پهرين انهيءَ عظيم موسيقار کي ڌُن جي معاوضي جي ادائگي ڪريو تنهن کان پوءِ آئون اها ڌُن ڳائينديس." جڏهن اها پنجابي فلم تيار ٿي تہ فلم جي موسيقي ڏيندڙن ۾ استاد محمد جمن جو نالو پڻ ڏنو ويو هو.
جڏهن هو لاهور ويو هو ۽ اداڪار مصطفيٰ قريشي ۽ روبينہ قريشي جي گهر ۾ رهيل هو تہ اتي ملڪہ پکراج هن کان راڳ سکڻ آئي هئي.
هُو جيئن تہ فطرتن خوش مزاج ۽ ٻار جهڙي معصوم طبيعت جو مالک هو، سو جڏهن لاهور جي دوري کان موٽيو تہ قادر بخش ٻکک سان ملڻ آيو. کيس لاهور جون خبرون چارون ٻڌائڻ لڳو. ٻکک صاحب هن کان لاهور جا حال احوال ورتا. تہ استاد کلي ٻڌائڻ لڳو، " آئون مصطفيٰ قريشي صاحب وٽ ٽڪيل هئس تہ، هڪ ڏينهن مصطفيٰ قريشي صاحب ڪجھ ڪجھ گهبرايل ۽ حيران نموني مون وٽ آيو ۽ چيائين،
"استاد، ملڪہ پکراج اوهان سان ملڻ آئي آهي."
مون وراڻيو، "ڀلي اچي."
چيائين، "ملڪہ پکراج وڏي ڳالھ آهي. ڪيڏانهن بہ نہ ويندي آهي. اسان کي بہ لاهور ۾ رهندي وڏو عرصو گذريو آهي پر هوءَ ڪڏهن بہ اسان وٽ لڙي نہ آئي آهي. هي توهان سان ملڻ آئي آهي. جيڪا وڏي ڳالھ آهي."
مون چيو، "ها، ها وڏي ڳالھ آهي. پر ونی اچينس."
چيائين، "خبر اٿئي الاهي وڏي ڳالھ آهي."
تڏهن مون کلي چيو، "مصطفيٰ صاحب، هيءَ تہ ملڪہ پکراج آهي مان جي بہ ٽي ڏينهن وڌيڪ لاهور ۾ رهندس تہ علامہ اقبال بہ قبر مان اٿي ايندو." ايترو چئي هو ٽهڪ ڏئي پنهنجي مخصوص انداز سان قادر بخش ٻکک صاحب سان تاڙي ملائي کِلڻ لڳو.
جڳ مشهور سُر جي راڻي لتا منگيشڪر کان جڏهن سرحد جي هن پار وارن ڳائڻن ۽ موسيقارن جي باري ۾ پڇيو ويو تہ چيائين، "استاد جمن وڏو ڪلاڪار آهي."
هن جي ڪمپوز ڪيل هڪ ڌُن جيڪا زيب النساء جي آواز ۾ رڪارڊ ٿيل آهي، 'سادا من وي موهيا يار وي...' اها ساڳي ڏن انديا جي هڪ سنڌي فلم، 'اچ تہ ڀجي هلون' ۾ لتامنگيشڪر

جي آواز ۾ بي شاعري، 'منهنجا سپرين توکان وڇڙي...' ۾ ڳارائي وئي آهي. جنهن جي نکو ادائگي ڪئي وئي ۽ نه ئي فلم جي موسيقي ڏيندڙن ۾ استاد محمد جمن جو نالو ڳڻايو ويو آهي جيڪو هڪ اخلاقي ۽ قانوني ڏوهه آهي. جنهن لاءِ هن مضمون ۾ احتجاج رڪارڊ ڪندي انهيءَ ڏُن جي ادائگي ۽ استاد محمد جمن جو نالو فلم جي موسيقارن ۾ شامل ڪرڻ جو پرزور مطالبو ڪجي ٿو.

هن جيئن لطيف بادشاهه کي ڳايو آهي ان جو مثال اجا تائين سنڌي موسيقيءَ ۾ نه ٿو ملي. پر اسان ماڻهن ۾ الائي ڪهڙي وِڏ يا سنئون سڌو چئجي ته، حرامپائي آهي جو هروڀرو ايري کي سيري سان ملائي، مڙئي لئي مٿي ڪري هڪ جهڙو ڪندا آهيون.

جيڪڏهن هن کي گهربل صحيح مقام ڏنو وڃي ها ته هو بنا ڪنهن مقابلي جي هڪ عظيم موسيقار، مهان ڪلاڪار ۽ سنڌ جو نئون بيجل آهي، جنهن کي لطيف رح جي لفظن ۾ خراج ڏئي سگهجي ٿو.

'مٿو مٿائين گهوريان، مٿو تو مٿان
سو مون ٿئي نه هٿان، جنهن تون لائق مڱڻا.'

مٿو ڪٽي سچي وڍي نه ڏجي. پر سڪٽي وات جي واهه واهه ۽ حق ڳالهائڻ ۾ ڪهڙو ٿو خرچ اچي؟ ايتري سخا لاءِ به سڌ تا مرون.

سندس اهو به هڪ وڏو ڪارنامو آهي جو هن عورت ڪلاڪارن سان جيڪي ڊوئيٽ ڳاتا آهن، انهن ۾ پاڻ رڳو بيت ۽ واين جون وراڻيون ڳايون آهن. باقي سڄيون وايون انهن کان ئي ڳارايون آهن، جيڪو پڻ هڪ حيرت جهڙو خوشگوار ۽ باڪمال تجربو آهي. انهن دوگانن ۾ هن پاڻ جيڪي بيت ڳايا آهن، اهي اهڙي ته ماهراڻي انداز ۽ چابڪدستي سان ڳايا آهن جو عقل دنگ رهجي وڃي ٿو. مثال طور نور بانو سان گڏ ڳايل وائي،

* سکي ساندييم عمر جن سي سنگهاريون چو نه سارينس.

زيب النساء سان گڏ ڳايل وائي،

* مان ڪيئن جيئنديس جڳ ۾ پنهنجي پنهل پڃاڻا.

زرينه بلوچ سان گڏ ڳايل وائي،

* پيچ پنهل مون سان پائي جي هليو ويو. الا ڪنهن کي ٻڌايان....

امينه سان گڏ ڳايل وائي،

* جوڳي ڏاڍي ذات سامي ڏاڍي ذات.....

انهن سيني ڳائڻين سان گڏ ڳايل شاهه سائينءَ جي هڪ وائي،

*گهاتو گهر نہ آيا، جيڪس جهليا مڇ.

استاد محمد ابراهيم سان گڏ ڳايل گيت،

*وري آپڪي واهيري، تون هينئڙو هٿ ڪيو هيري.

۽ ثريا حيدر آباديءَ سان گڏ ڳايل لاجواب ڪمپوزيشن ۾ باڪمال گيت آهن.

هو هڪ سچو ڪوهستاني هو. هر سچي ڪوهستانيءَ وانگر لطيف سرڪار سندس روح ۾ رهيل هو. هن جي ڳايل ڪلامن ۾ اڪثريت حضرت شاهہ سائينءَ جي ڪلامن جي آهي. جيڪي هن لطيف رح جي روح، لهجي ۽ اچارن ۾ ڳايا آهن، ڇو جو لطيف رح جو ڪلام ڪوهستاني لهجي سان هبڪاريل آهي جيڪا هر ڪوهستاني کي امڙ جي ٿڃ ۽ لوليءَ وانگيان سُتيءَ ۾ ملندي آهي.

هو لطيف سرڪار جو عاشق هو. ۽ 'شاهہ جو رسالو'، هر وقت پڙهندو رهندو هو. هڪ ڀيري ٻڌايائين تہ مون هڪ بيت پڙهندي لفظ، "اويون" اچاريو تہ، اتي ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ پڻ ويٺل هو جنهن مون کي چيو، "اهو لفظ 'اويون' نہ 'اديون'آهي ۽ ڪاتب جي غلطي سان، ' د ' جي جاءِ تي 'و' لکجي ويو آهي. تون ان کي درست ڪري 'اديون' پڙهہ."

مون ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ کي عرض ڪيو، "سائين، هي لفظ، 'اديون' نہ پر، 'اويون' آهي. هي ڪتابت جي بگڙيل صورت نہ پر اصلي ۽ نج جبل جو لفظ آهي. واحد، 'اوئي'، ۽ جمع، 'اويون' ان ڀخال يا مشڪ کي چئبو آهي، جيڪا ٻڪر/ ٻڪريءَ جي کل مان بنائي ويندي آهي."

هن جهڙو فنڪار سنڌ ۾ وري الائي ڪڏهن پيدا ٿئي؟ جواب لاءِ شايد صديون ۽ قدرت بہ منجهي پون. ڏک مان لکڻو ٿو پوي تہ، استاد محمد جمن جا پڇاڙيءَ وارا ڏينهن ڏاڍا ڏکيا ۽ تڪليف ۾ گذريا هئا. جنهن ۾ سندس اهڙي پوئواري نہ ڪئي وئي جنهن جو هو لائق بہ هو تہ حقدار بہ هو. تنهن هوندي هن ڪڏهن بہ ڪنهن جي شڪايت نہ ڪئي. نہ ئي ڪڏهن ڪو هيٺو ۽ ويچارو رهيو. محمد قاسم ماڪا صاحب جو هن ڪان ورتل انٽرويو شايد سندس آخري انٽرويو آهي، جنهن ۾ بيماري ۽ پيسي جي اڻهوند جي باوجود ساڀيو ئي خوش مزاج ۽ خوش گفتار استاد هو. پنهنجي مخصوص انداز سان تاڙي ملائي کلي کلي پنهنجي زندگيءَ جا اهم، دلچسپ، تلخ ۽ شيرين واقعا ٻڌائي رهيو هو.

انهيءَ آخري انٽرويو ۾ استاد محمد جمن سنڌالاجيءَ جي هاڻوڪي ڊائريڪٽر محمد قاسم ماڪا کي پنهنجون ساروڻيون ٻڌائيندي چيو، "1959ع ڌاري پشاور ۾ هڪ بين الصوبائي موسيقيءَ جي محفل رچائي وئي. انهي محفل ۾ ملڪ جو صدر فيلڊ مارشل جنرل محمد

ايوب خان پنهنجي مهمان ايران جي شهنشاهه رضا شاهه پهلوي سان موجود هو. مون جڏهن عثمان فقير جي مشهور ڪافي، 'يار ڏاڍي عشق آتش لائي هي...' ڳائي بس ڪئي ته صدر ايوب اُٿي بيهي رهيو. صدر جي اُٿي بيهڻ سان ايران جي شهنشاهه سميت سڄو پنڊال اُٿي بيٺو ۽ صدر صاحب مون کي مخاطب ٿي چيو، 'محمد جمن حڪم ڪرو ڪيا چاهيي؟' ۽ مون ادب سان هٿ ٻڌي وراڻيو، 'سائين، بس آپ ڪي دعا چاهيي.'

اها آهي ڪوهستاني ماڻهو جي خود داري ۽ انا جو خوبصورت مثال. جڏهن ته هن کان اڳ هڪ اهڙي ئي نوعيت جي موسيقيءَ جي ڪانفرنس ۾ صدر ايوب ساڳيو ئي سوال هڪ پشتو ڳائڻي کان ڪيو هو ته، ان فنڪار صدر کي عرض ڪيو هو، 'منهنجي ٻچن کي پڙهائي لاءِ آمريڪا اماڻيو وڃي ۽ مون کي ايتري زرعي زمين ڏني وڃي جو منهنجون ست پيڙهيون ويهي کائين.' ۽ واقعي ٿيو به ائين جو ان فنڪار جون اڄ به ست پيڙهيون گهر ويهي کائي رهيون آهن."

ساڳئي ئي انٽرويو ۾ استاد محمد جمن، ماڪا صاحب کي پنهنجي خراب صحت ۽ معاشي بدحاليءَ جي حوالي سان ٻُڌايو، "جيڪڏهن آئون ههڙين حالتن ۾ مري وڃان ته منهنجي موت جو ڪارڻ، ريڊيو پاڪستان جي ان ڪم ظرف، ساڙيل ۽ متعصب اڳوڻي ميوزڪ پروڊيوسر کي ڄاڻايو وڃي، جنهن مون سان ڏاڍيون بي واجبيون ڪيون."

گوندر گذاريو ڪاپڙي، پڌر وجهن نه پاڻ
تن آيل آديسين جي، رُئان ڪاڻ رهاڻ
هٿ نه پسجن هاڻ، ويا ويراڳي نڪري.

استاد جا شاگرد ته ڪيئي هوندا/ آهن. پر سندس موييي پٽ شفيع جمن جهڙس ئي ساماڻو هو. ساڳيو آواز، ساڳيو انداز، ساڳي ڄاڻ، ساڳي سرهاڻ، ساڳي ذات ۽ ساڳي لات هئي. ائين ئي سڄيون راتيون اڪيلو ڳائي، سڄ اڀاريندو هو ۽ ائين ئي ماڻهن کي ساڪت وهاري صبح ڪندو هو.

شاهه نورانيءَ جي ميلي ۾ جڏهن شفيع جمن محفل مچائي ته، پڙَ جا مور ٿهوڪا ڏئي نچڻ لڳا هئا. وڏو خليفو حاجي خان محمد جيڪو راڳ جي محفلن ۾ گهٽ وهندو هو. اهو به پنهنجي آرام گاهه ۾ آرام ڪري نه سگهيو ۽ ٻاهر نڪري روئندو اچي محفل ۾ وينو. چيائين، "جمن جي پٽ شفيع اسان کي گهر ۾ وهڻ نه ڏنو." ۽ پوءِ سڄي رات وينو رهيو. ۽ راڳ ٻڌندو روئندو رهيو.

عام چوٽي آهي ته، وڏي ڇانوَ واري درخت جي هيٺان ننڍا ٻوٽا نسري نه سگهندا آهن. پر استاد محمد جمن جهڙي شاهه درخت جي ڇانوَ هيٺان سندس غير معمولي پٽ شفيع جمن نسري نروار ٿيو هو ۽ ايڏي وڏي موسيقار پيءُ جي سوين هزارين ڪمپوز ڪيل ڌنن جي باوجود پاڻ به پنهنجون ڌنون ڪمپوز ڪرڻ لڳو هو. سندس هڪ بيحد نرالي ڌن، 'رسڻ نماڻيءَ سان جاني تو نه جڳاءِ...' ته صدين تائين هلندڙ ۽ نيون ڌنون ترتيب ڏيڻ جو سبب بنجندي رهندي. پر افسوس جو استاد جو استاد پٽ نوجوانيءَ ۾ ئي هليو ويو. ساڳي بيماري ۽ ساڳئي ڏکين حالتن جي دز ۾ جواهر لَٽجي ويو.

اڄ نه اوطاقن ۾، ڪر ڳل ڪين رئن
نه سي آديسي اَسُڪا، جن سين مڙهيون سونهن
مڙهه پوريائون ماٺ تي، واجٺ ڪين وڄن
ويا نانگا نڪري، پهر نه پوربين
ساريو سناسين کي، اولاڪا اڄن
لاڇيئون لاهوتين، جوڙي ڏنيون جيءَ کي.

(شاهه رح)

هاڻي به هن جو ننڍو پٽ اويس جمن سنو ٿو ڳائي. سرپرستي هئڻ جي صورت ۾ استاد محمد جمن جو سِڪون لاهيندو. اويس جمن استاد جو حلالي پٽ آهي. شڪل، آواز ۽ انداز ساڳيا استاد محمد جمن وارا. پنهنجي ئي مٽي ڪٽي پيو جاڪوڙي. سنڌي موسيقيءَ جا وارث الائي ڪٿي آهن؟ پرجهلا ئي نه ٿا ٿين اويس جا.
ان ڳالهه ۾ ڪنهن به شڪ جي گنجائش ناهي ته، پيءُ ۽ ماءُ هر ڪنهن کي پيارا هوندا آهن. پر ائين به آهي ته ڪو اولاد سلڇڻو هوندو آهي ته ڪو ڪلڇڻو. ڪو سڌاتورو هوندو آهي ته ڪو ڪڌاتورو. پوءِ به مائٽن جي عزت احترام، سانڍ سنڀال، خيال ۽ ذميداري اولاد کي ئي قبول ڪرڻي پوندي/ ڪرڻ کپي.
استاد محمد جمن ته هڪ فنڪار هو. حساس، مخلص ۽ دل جو ڪونئرو. ماءُ ته سندس ننڍپڻ ۾ ئي گذاري وئي هئي. جڏهن ته سندس پيءُ حاجي آمن وڏي ڄمار ماڻي جيڪا سڄي عزت پري ۽ صحت منديءَ واري هئي. حاجي آمن، کل مک ۽ همدرد انسان هو. استاد محمد جمن کي خوش مزاجي ۽ خوش گفتاري پيءُ کان ملي هئي. کل ڀوڳ ۽ مزاج ۾ استاد محمد جمن سڄو پنهنجي پيءُ جهڙو هو. هن کي پنهنجي پيءُ سان عشق هوندو هو. زندگيءَ جي

پڇاڙڪن لمحن ۾ جڏهن حاجي آمن بيمار ٿيو ته استاد جمن سندس خدمت ۾ وسان نه گهٽايو. جڏهن حاجي آمن وفات ڪئي (وفات حاجي آمن 21 فيبروري 1971ع) ته سندس قبر گهر جي پر ۾ بنائي، ڏينهن رات اتي ئي وينو هوندو هو. تڏهن سندس هڪ نئون ڪلام رڪارڊ ٿيو هو، 'مون ڪيپا جنهن لئه ڪشالا يارسو ويندو رهيو.' جيڪو ريڊيو حيدرآباد تان سندس والد جي وفات جي حوالي سان رپيٽ ٿيندو رهيو هو.
پنهنجي والد جي ورسي هو هر سال نهايت اهتمام سان ملهائيندو هو، جنهن ۾ ملڪ جا ناميارا استاد ۽ ڳائڪ شريڪ ٿيندا هئا. وڏيون محلفون ٿينديون هيون، ۽ عام لنگر ٿيندو هو.
پاڻ لاءِ اها وصعيت ڪئي هئائين ته 'وفات ڪان پوءِ مون کي پيءُ جي پر ۾ دفن ڪجو.' جيڪا سندس لائق پٽ شفيع جمن پوري ڪئي. جيڪو پڻ پنهنجي پيءُ ۽ ڏاڏي جون ورسيون وڏي شان ۽ اهتمام سان ملهائيندو هو. اهو سلسلو شفيع جمن جي وفات (29- آگسٽ 2002ع) کان پوءِ بند ٿي ويو آهي.
استاد محمد جمن کي آخر ۾ جڏهن بيماريءَ نِزيگُ (جسماني طور ڪمزور) ڪيو هو تڏهن به کيس ڪا خطرناڪ بيماري نه هئي. کيس شگر جو مسئلو هو جيڪو اڄوڪي وقت ۾ ڪو مسئلو ئي ناهي، انسولين ۽ گوريون سڀ ڪجهه ڪنٽرول ڪري وجن ٿيون. پر کيس اُپچائيءَ واري هيٺائيءَ نهوڙي ڇڏيو هو. يعني، 'مارن مُنجهه مياس، ماڙين ماريس ڪين ڪي.'
شگر جي ڪري سندس اکين تي اثر ٿي پيو هو ۽ هن ڳائڻ تقريباً بند ڪري ڇڏيو هو. ريڊيو حيدرآباد تي شاعر ۽ نثر نويس نصير مرزا پروڊيوسر ٿي آيو هو، جنهن مون کان منهنجا ڪي غزل ڳارائڻ لاءِ گهريا ۽ پڻ منهنجي پسند جا ڳائڻا نمبر وار هڪ، ٻه، ٽي گهريا ته پهريون ڪير، ٻيو ڪير ۽ ٽيون ڪير؟ مون کيس پنهنجا غزل موڪليندي جواب ۾ لکيو هو، 'پهريون نمبر استاد محمد جمن، ٻيو نمبر استاد محمد جمن ۽ ٽيون نمبر استاد محمد جمن.' تڏهن استاد جمن بيمار ۽ نور کان لاچار هو. هاڻي ويچارو (پيارو ياءُ) نصير ڪري به ته ڇا؟ حيرت جي ڳالهه اها ته ايڏي وڏي شاهه استاد وٽ تڏهن پنهنجي عينڪ به نه هئي. سو نصير ڇاڪيو جو پٽي سٽي، خانا ڦلهوري شيخ ابراهيم جي هڪڙي پراڻي بغير ڪمانين واري عينڪ ڪٽي، ان ۾ سڳا ڏاڳا ٻڌي استاد محمد جمن جي ڪنن تي سَڪُ ٻيهاري هن کان منهنجو غزل،
چنگ پلا هي چوريو ڪنهن
حال اسان سان اوريو ڪنهن
لفظ منگهاڻي تي پيا سڏڪا

سور پراڻو سوريو ڪنهن
ڳارائي منهنجي دلي خواهش پوري ڪئي هئي (ٿورا ياءُ نصير مرزا صاحب).
استاد محمد جمن پنهنجي آفاقي آواز ۾ پنهنجي ئي ڪمپوز ڪيل الهامي ڌن ۾، منهنجو غزل ڳائي مون کي عرشن تي پهچائي ڇڏيو هو.

مٿي اٿي منهنجي، جي ڪوڙين هون ڪپار
تہ واريون واريون وڍيان، سسيءَ کي سڌ وار
تہ پڻ تند تنوار، تنهنجي مٿاهين مڱڻا.

(شاهہ رح)

اهو ئي منهنجو غزل استاد محمد جمن جي زندگيءَ جو آخري رڪارڊ آهي.

چارڻ چنگ ٻنگ لهي، وڄايو وڏاڻ
سِر تان هڏ آسان، پر مڱڻهار مٿي وهي.

(شاهہ رح)

مهان ڪلاڪار جا ڳڻ پچارڻ لاءِ ڄمارون گهرجن. جنهن ڪان هو بي پرواهہ هو. پنهنجي ئي دنيا ۾ مست الست، خوش ۽ سُکي هو.
ساڳين پورن، رمزن، غيرتن ۽ خوددارين ۾ ڪوهستان جو هي لاڏلو پٽ، پنهنجي غريباڻي گهر ۾ 27- جنوري 1990ع تي ابدي ننڊ سمهي پيو.

اڄ نہ اوطاقن ۾، تازا پٽر ڪک
آديسي اٿي ويا، پئي اڏامي رک
سامي ڪٽي سنک، وڄائي واٽ ٿيا.

(شاهہ رح)

# هڪ متنازعہ ڪردار
# دادلي گڏي

ماحول ۽ تربيت ماڻهو ته ڇا پر جانور ۽ پکيءَ جي فطرت ئي بدلائي ڇڏي ٿي.
اهڙا قصا ۽ ڪهاڻيون ۽ ڳالهيون ته گهڻيون ٻڌيون ۽ پڙهيون آهن. پر اکين سان ڏٺل منظر وڌيڪ متاثر ۽ حيران ڪن ٿا.
منهنجو ماروٽ اختر بکڪ جيڪو پاڻ به جانور ۽ پکي پالڻ جو شوقين آهي. وٽس ڳالهائيندڙ مَنو به آهن جن کي هو ڳالهائڻ سيکاريندو آهي، جن جو آواز ٻڌي الاهي خوشي ۽ حيرت ٿيندي آهي. هُو ملڻ سان سلام ڪندا آهن. ماڻهن جا نقل ڪندا آهن ۽ جانورن، ٻلن ۽ ڪتن جا آواز پڻ هوبهو ڪندا آهن. اهي نهايت پياريون ۽ سريليون سيٽيون وڄائيندا آهن ته دل وندري پوندي آهي.
اختر ڳالهه ڪئي ته، "آئون ڪنهن اهڙي جاءِ تان گذريس جتي گاريال ماڻهو رهندا آهن. مون ڏٺو ته اتي هڪ پڃري ۾ هڪ خوبصورت منو هو. منو ته هونئن به منهنجي ڪمزوري آهن، سو آئون منو کي ڏسي خوش ٿي بيهي رهيس. ڏسڻ شرط منوءَ ايڏي ته ڪچي گار مون کي ڏني جو آئون ڪلي ڪلي ڪَيرو ٿي پيس." جڏهن اختر اها گار منوءَ جي آواز ۾ ٻڌائي ته سڀ ڏاڍو کليا.
اهوئي گاريال گهراڻو آهي دادلي گڏيءَ جو، جتي پکي پکڻ به سندن ٻولي ڳالهائيندا آهن.
دادليءَ جو جنم اتي ٿيو جتي ڇوڪري مادر پدر آزاد هوندي آهي. ڪهڙو حياءُ، ڪهڙو شرم، جيڪو دل کي وڻيو اهو ئي عمل ڪبو. جيڪا ڳالهه وات مان جيئن نڪري، جهڙي صورت ۾ نڪري پلي نڪري وڃي. ڀلا ڪو گار ڏيڻ سان يا اگهاڙو اکر وات مان ڪڍڻ سان وات ڏکندو يا سور ڪندو ڇا؟ يا ڪو وات مان اپرو لفظ ڪڍڻ لاءِ پيسو ڏوڪڙ خرچ ٿيندو ڇا؟
جيڏيءَ مهل دل چاهي، جيڏي به وڃڻ لاءِ روح ڇوي هلي وڃ. شرط اهو ته گهر ضرور موٽي اچ. ٻي ڪابه روڪ ٽوڪ ناهي.

نَڪا جَهل نَہ پَلَ، نَڪو رَاتُر ڏِيهه ۾
آٽيو وِجهن آهُرَين، رَوڙِيو رَتا گل
مَارُو پَاڻَ اَمُلَ، مَلِيرُون مَرَڪَٽُو.

(شاهہ رح)

دادلي گدي رنگ جي سانوري، قد جي بندري، جوانيءَ ۾ ضرور پرڪشش ۽ وڻندڙ هوندي. تڏهن ته مڙس سنو مليو هئس سني جو مطلب ته صورت شڪل جو نيڪ ۽ ڪجهه ڪجهه ڏوڪڙ پيسي وارو به.... جيڪو ويچارو اڳ ئي گگدام هو پوءِ ته صفا زال جو مجو ٿي ويو. مرضي رڳو پنهنجي هلائيندي هئي، جيئن وڻندو هئس تيئن ڪندي هئي. ماڻهن اڳيان پنهنجي مڙس جي عزت ڪندي هئي ۽ "جيءُ ..جيءُ... ڏٽي ڏٽي." چوندي هيس. اڪيلائيءَ ۾ ڪتن سان گڏ ڪارائيندي هيس.

ٿوريءَ ڳالهه تي به وني جو ڪنان ڪڍي (زور سان) ڪچي گار ڏيندي هئي ته، اها گار سندس گهر ڪان پري رهيل پنهنجن گهرن ۾ به ڇتي ٻڌي ونن، جنهن جي ڪيس نڪا ڦڪائي نڪو پڇتاءُ.

وات جي اهڙي ڇتي جو هينان هوندي به مٿائين جو ڏيک ڏيندي هئي. گاريون اهڙيون ڪلاسيڪل ڏيندي هئي جو دل چاهي ٿي ته لڪجن پر، لکي نه ٿيون سگهجن نه ته پڙهندڙ به ايڏو کلن جو زمين تي ڪِري ڦٿڙن.

منهن جي وري اهڙي پڪي پلي ڪو ثابتيءَ ۾ جهلي ونيس، پني چِندي اٿڻ سان چوندي، "اها ماڻهين..... هئي." ڪوهستان جي هيءَ مشهور چوٽي به ضرور دادليءَ جهڙين جي ايجاد آهي ته، ڪنهن فاحشه کي ڪرت ۾ ڏسي ڪنهن عورت چيس، "هي ڇا.؟" اٿندي چيائين، "بيهه ته پُڇَ (ڪپڙا) پائي تو جيڏي ٿيان ٿي."

دادليءَ کي ڪنواري به ڪاجهل پل نه هئي بس، ماڻس باربار پڇندي هيس، "مهينو اچئي ٿو؟" پرٽجي ته هيڪاري هور لهي ويس. ٻار جنهن مان به ڄڻي نوڪي مڙس تي هٽندي. ۽ پاڻ ئي وات ڦاڙي ٺهڪ ڏئي چوندي، "ائي، ڏسو ته سهي خدا جي قدرت سڄو پيءُ جهڙو آهي." سندس مڙس ٻار ۾ نهاري ڏند ٽيڙي پيو نرندو هو. جنهن جو مهاندو ذرو به پيءُ سان نه ٿي مليو.

سڄي جواني دمادم مست قلندر ڪري گذاريائين. گهمي ڦري پاڻ به سُکي ٿي ته ٻين کي به سُکي ڪيائين، پاڻ به سِکي ته ٻين کي به سيکاريائين.

اَچا ڪَي آهين، جَيسَرَ مِيرياٽيون جڳ ۾

نِيو لِڱ لائِين، الله ڪَارڻ لَطِيف چَئي.

اولاد به ڄڻيائين سي پرٽايائين به. پر ڪِرت ساڳيئي سندس ڇورين جي به هئي. دادلي پاڻ تجربيڪار هئي. پنهنجي ڌيئن کي گهٽو ئي جهليائين پليائين. پر انهن جيڪو اڪين سان ڏٺو هو رات ڏينهن، اهوئي ڪيائون، ساڳئي ئي پَير تي هليون ساڳيو ئي هٽ ڪوليائون.

دادلي پاڻ وڏي فراخ دل مائي هئي. وٽس ذات پات ۽ مذهب جو مت ڀيد ڪونہ هو. "جيڪو آيو، سو اگهيو" جي مصداق واڻئي يا مسلمان جي ڪِري ڪانہ هيس. جيڪو بہ سٽيو ستابو هٽ آيس تنهن لاءِ، ست بسملاهيون. دل جا سيئي در کولي ڇڏيندي هئي.

هڪڙو سُوهڻو سڪيو واڻيو سندس سُوهڻي ڀاٽيجيءَ تي عاشق ٿي پيو. دادليءَ دير ئي نہ ڪئي هڪدم طوهر ڪرائي مسلمان ڪري، پنهنجي ڀاٽيجي پرڻائي ڪيس ڏئي پاڻ وٽ ئي رهائي ڇڏيائين.

واڻئي ويچاري جي ڪهڙي مجال، هوءَ پنهنجي ڀاٽيجيءَ ڪي پاڻ سان گڏ هلائيندي هئي.

پاڻ تہ هاڻي جواني ڪائي ڀي ڪَرَتَي ويني هئي. پوءِ بہ وٽس عمر جي ڪا اهميت نہ هئي. هر حال ۾ حاضر، جهڙو حال حبيبان تهڙو پيش پريان....

وٽندن تہ وڙڪندا، نہ تہ اڳين جو اختيار. پوءِ ڇاهي ڀاٽيجي ۽ ڏيئرون تہ هيون، گراهڪ خالي تہ نہ موٽندو. ان وچ ۾ سندس مڙس مري ويو جنهن جو هاڻي ڪو خاص مصرف بہ نہ هو. اڳ بہ جڏهن گراهڪ ايندا هئا تہ جي مڙس وينل هوندو هئس تہ، ان کي پري ڪنهن بازار ڏانهن ڪنهن نہ ڪنهن سودي سلف لاءِ موڪلي ڇڏيندي هئي.

مڙس جي مرڻ جو مٿس ڪو فرق نہ پيو. وري ان کي ئي نوڪي پنهنجو مڙس مشهور ڪيائين جيڪو سندس دل گهريو دوست هو. اهو مڙس جي هوندي سندس دين جو ڀاءُ هو.

دين جو ڀاءُ جڏهن مڙس ٿيس تہ هڪ بہ ٻنديا ٻار، سندس ئي قرار ڏئي ڇڏيائين جيڪي واقعي ئي هن جي مهانڊي هئا. ڪنهن جو ڇا ٿي ويو؟ ٻارن جا بوجها نئين مڙس ڪلي ڪنيا.

ڪراچيءَ جهڙي شهر ۾ سڀ ممڪن آهي. حرام حلال جو ڪو فرق ڪونهي. سڀ حلال آهي.

دادليءَ جي هڪ ڳالهہ نهايت حيرت جهڙي ۽ بيحد اهم هئي تہ هوءَ پنهنجن مائٽن ۽ سڱيڻن سان ڀلي ڪيئن بہ هجي، ڀلي ننهن ۾ پيت رڏائي ڇڏي (چوٽي)، ڀلي گارين سان ڇلي ڇڏين پر، غيرن سان ۽ اوڙي پاڙي سان ڪڏهن بہ نہ اٽڪي ۽ ڪو ٻاڙو ٻول نہ ٻوليائين. پاڙي سُرَهي هئي. سدائين مني. گهر ۾ ڪا خاص چيز رڏيندي يا پچائيندي هئي يا ڪو نياز وغيره ڪندي هئي تہ سيني ڪي ساري سنياري، گهر گهر ۾ پوشن ۾ ڍڪي موڪليندي هئي. سندس رڌيل ڪاڏو ڏاڍو سوادي هوندو هو. بلڪ هوءَ رڌپچاءَ جي ماهر هئي.

سندس مڙس هٽ کوليو تہ اتي تريل مڇيون، بجا، پڪوڙا، ڇٽا، ماڪ، باڪليٽ، مگ، تِرن ۽ ڦُلن جون ڳڙ واريون ٽڪيون، موهڻيون، بونديون سڀ پاڻ بنائيندي هئي. ۽ هٽ تي اهي رکندي ئي ختم ٿي وينديون هيون. جي ڪو چوندو هئس تہ تنهنجون بنايل چيزون سوادي

آهن ته، پوءِ هوءَ وات ڦاڙي ته هئي اهڙو مزي جو جواب ڏيندي هئي جو وجي ٿياخير. (لکجي ته سڀ ڪلو ها پر لکڻ مناسب ڪونهي).

باقي جي منو ڳالهائيندي هئي ته دنگ هو. جهڙيس ڳولي نه لڀي. ڪوجي سڏيندو هئس ته مرڪي چوندي، "صدقو وجان،جي ابا ڪي چوان، گهوري آهيان تنهنجي ساهه تان، اور گهور ٿيان تنهنجي جان تان."

ٻي وڏي غير معمولي خوبي اها هيس جو هوءَ حد کان وڌيڪ رحمدل هئي. ڪنهن جو به ڏک ڏسي نه سگهندي هئي، جي ڪو مسافر هوندو ته ڪيس پنهنجي گهر ۾ آڻي رهائيندي هئي. ڪو بيواهو لاوارث بيمار هوندو ته ان کي سانڍي سنڀالي، علاج ڪرائي، اسپتالن ۾ ڊاڪٽرن جا خرچ ڀريندي هئي. اسپتال ۾ داخل هوندو ته وٽس راتيون ٽڪي اوجاڳا ڪري چڱو ڀلو ڪري پنهنجي گهر آڻيندي هئي. پوءِ ان جي لاڙهي (مريض جو کاڌو) پاڻيءَ جو وڏو خيال ڪندي هئي. دوائون وقت تي پياريندي هئي.

ڪو ٻکيو، ڏکيو، لاوارث پوڙهو، ميرو منڊو ڏسندي هئي ته ان کي به گهر آڻي ڪارائي پياري، وهنجاري تيل ڦڻيون ڪري، پنهنجي ئي گهر ۾ رهائي ڇڏيندي هئي. اهڙا ننڍٽڪا ڪئي ماڻهو وٽس سالن جا سال رهيا پيا هوندا هئا. اڪيلو مرد يا مائي غريب بيوارثي ڏسندي ته اهو به سندس گهر ۾ رهيل هوندو.

پوڙهو/ پوڙهي، اڻ پهچ، غريب، ميرو، ڪنو، ڄڏو، اگهو سيني کي پنهنجي ئي گهر ۾ وهاري رڌي پچائي کارائيندي هئي. ڪير جي پڇندو، "اهي ڪير آهن؟" ته اکيون مٿي ڪڻي شاهد آڱر اڀ ڏانهن ڪري چوندي، "هُن جي مخلوق آهن اسان کي شل توفيق ڏي ته سندن خدمت ڪريون." ايتري قدر جو غريب لاچار ڪڌڙن کي به مٿي تي شفقت جو هٿ رکي گهر آڻي رهائيندي هئي.

سندس ننڍڙي گهر ۾ ماڻهن جا ميڙا لڳا پيا هوندا، هرڪو ڪائي پي پوڳ مشڪرا ڪندو، لاڳيون ڏيندو، ٺهڪ جو نڪاءُ پيو پوندو. ڄڻ سڀ هڪ ئي گهر جا ڀاتي هجن، گڏجاوا ۾ نپنيا هجن!!

اگها، سگها ٿي اٿندا ته مزدوري وغيره ڪرڻ نڪري ويندا. موٽندا ته پرجي ترجي ايندا، ڪو اٽو اَن پيو آڻيندو ته ڪو گوشت مڇي پيو آڻيندو. ڪو ڪير دهي ته ڪو فروٽ منائي، ڪو ڦليون پڳڙا ته ڪو پان سوپاريون، ڪو ٻيڙيون سگريٽ پيو آڻيندو، وڏي بستي لڳي پئي هوندي هئي.

دادليءَ جو گهر عجيب دنيا بلڪ حيرت ناڪ ڪائنات هو. پوءِ ته زمانو بدلجي ويو. سندس ڌيئون به اچي اڌڙوٽ ٿيون. ڏوهٽيون ساماٽيون اهي وري اهڙيون سهٽيون جو هرڪو پيو پنهنجا چپ چٽيندو هو. انهن وري جديد زماني جو انداز ڪنيو ۽ نانيءَ جي ڪرت 'ڪال گرلز' جي روپ ۾ ادا ڪرڻ لڳيون، موبائل هٿن ۾. فيشن ايبل ماڊل گرلز لڳنديون هيون. انهن جون نظرون هيٺ ڪنهن تي به نه پونديون هيون. دوستيون ۽ ياريون سڀ ٽاپ ڪلاس ماڻهن. سان تڪڙو ئي وڃي وڏيرن جا گهر وسايائون ۽ ننڍڙن ڊپائي گهرن مان نڪري ڊفينس ۽ ڪلفٽن جي وڏن لگزري بنگلن ۾ رهائش پذير ٿيون. هاڻي جڏهن سن گلاسز پائي پنهنجون گاڏيون پاڻ ڊرائيو ڪري نانيءَ جي گهر ايندون آهن ته ڄڻ ڪنهن پرستان مان پريون لٿيون هجن ڪين ڏسي سيني جا وات ڦاٽي ويندا آهن.
دادلي پاڻ ڪاري ڪوجهي سندس ڌيئرون به اهڙيون خاص نه. پر ڏوهٽيون حورن جهڙيون، اهي 'ڪراس بريڊ' جا ڪمال ماڻهن کان ڳجها ڪين هئا.
ڏوهٽين دادليءَ کي پاڻ سان گڏ وٺي وڃڻ چاهيو. پر دادلي ته پنهنجي ئي دنيا ۾ مست مگن هئي اها ڪيئن تي اهو سڀ ڇڏي سگهي.
پاڻ وڏي ٿي اگهامي ته واهه نه ته نوجوان ڇوڪرين جي ڪراچيءَ ۾ ڪهڙي ڪمي. ذات ذات جون رنگ رنگيليون ڇوريون ٽڪي ۾ ٽي.....
سندس ڪاروبار آڏيءَ کان پوءِ عروج تي هوندو هو. سندس گهر نيپيئر روڊ جون سِڪون لاهيندو هو.
تِن جيسَرَ مِيرَياٽِين جَسُ، جي الله ڪارڻ لَندِيون
هِتِ بِه رَهَين رَسُ، هُتُ بِه گڏيون هَوتَ کي.
پر ۾ شريفن جو پاڙو هو جن کي ساڻس ڪا خاص شڪايت نه هئي. ڇو جو سندس ڪاروباري سرگرمين جي وسعت سندس گهر جي چوديواري تائين محدود هئي.
هن ڪڏهن به اوڙي پاڙي جي ڪنهن نياڻي سياڻي کي ڪا اهڙي مت ڏني نڪا صلاح. نڪو ڪنهن کي ڪاريائين نه وري ڪيس اهڙي جرئت هئي، ڇو جو جن جي پر ۾ رهيل هئي اهي ڏاڍا ارڏا ۽ مضبوط ماڻهو هئا. هوءَ انهن جي شڪر گذار هئي جو انهن ڪيس پاڙي ۾ رهڻ ڏنو هو. باقي هوءَ انهن جون خوبصورت ڇوڪريون ڏسي ضرور سوچيندي ۽ دل ۾ ضرور ننديندي هوندي ته،

جَسُ تِنِ جَيسر ميرياٽين، جَي الله ڪارڻ لَنديون
ڪَبو ڪَوهُ سَتِين، جَي ڍَڪيو ڍَڪين پَاڻ کي.

هاڻي ته هوءَ صفا پوڙهي ٿي وئي آهي. پر اڄ به وٽس ميڙو متو پيو آهي. سندس ٽهڪن جا آواز ٻاهر به پيا ٻڌڻ ۾ ايندا آهن.
هاڻي به هوءَ ايڏي خوش طبع ۽ خوش اخلاق آهي جو سندس مائٽن ۾ يا سندس برادريءَ ۾ ڪٿي به ڪنهن جي ڪا شادي، مڱڻي يا ڪا به خوشيءَ جي تقريب هجي ته، هوءَ ميندي ۽ محفلون پنهنجي گهر جي اڳيان شاميانه لڳائي/ تنبو هڻي ڪندي آهي. اهڙين تقريبن ۾ وڏيون محفلون، وڏا فنڪشنز، وڏا راڳ، وڏيون ڊانسون ۽ وڏا سودا ٿيندا آهن. سڄي رات محفلن ۾ چرس، سگريٽ، پان، ٻيڙي، ڳٽڪا، ۽ ڪُپين (ديسي شراب) ۽ ٺرن (ديسي شراب) جي دٻ لڳي پئي هوندي. اهي محفلون ماين ۽ مردن جون گڏيل هونديون آهن، جنهن ۾ عشق جا اظهار اجا اُگهاڙ (واڌو) هوندا آهن. ڪي لڪ لڪوٽيءَ ۾ ته ڪي ڪلئي عام.
مايون، جيڪي سندس ڌيئون، ڀاڻيجيون ۽ ڀيون پاليل هيون، اهي پان وات ۾ وجهي، سگريٽ چپن جي مٿن ۾ جهلي، سوٽا هڻي نڪ ۽ وات مان دونهان ڪڍنديون، ريڪارڊنگ جيڪا لائوڊ اسپيڪرن تي فل واليوم ۾ هلي رهي هوندي، ان تي هڪ ٻئي جي ريس ۾ وجد ۾ اچي ائين نچنديون هيون، ڄڻ شڪاگو جي ڪنهن نائٽ ڪلب ۾ شيدياڻيون لاپرواهيءَ سان فن جو مظاهرو ڪري رهيون هجن.
ميندين جا ٿال سجائجي دادليءَ جي گهر مان گهوٽ ۽ ڪنوار جي گهرن ڏانهن نڪرڻ مهل عورتن جا هار سينگار به ڏسڻ وٽان هوندا هئا. دادليءَ جي ڀاڻيجي ڪاري شيدڻ نمرا جڏهن ڪارا بخمل جا سونهري ستارن وارا ڪپڙا پائي سگريٽ چپن ۾ اٽڪائي اکيون بند ڪري، سيان چوڌريءَ جي مست پنجابي گاني تي نچندي هئي ته روڊن تان گذرندڙ گاڏيون به بيهي رهنديون هيون. ڪڏهن ته ماڻهو گاڏين مان لهي اچي نمرا جي مٿان گهورون گهوريندا هئا ته ماين جي هوڪارن سان عرش ٻُري ويندا هو.
هاڻي ته هوءَ صفا جهور ٿي وئي آهي. سندس ياد داشت به هڪڙي ئي پٽ ۽ وڏي ڌيءَ جي مرڻ سان ختم ٿي وئي آهي. ڪڏهن ڪڏهن ته ويني ويٺي پنهنجي ننڍي ڌيءَ کي چوندي آهي، "امان، هلو ته پنهنجي گهر هلون، پرائي گهر ۾ رهندي به ڏس ڪيترا ڏينهن ٿي ويا آهن؟."
حالانڪه هو پنهنجي گهر ۾ ويٺل هوندي آهي. اهڙي حال ۾ به جي ڪو سندس حال پڇندو ته انتهائي پيار ۽ شفقت مان چوندي، "صدقو آهيان پنهنجي ٻچي تان، خوش آهيان."
هوءَ ڪيئن به آهي ڪهڙي به آهي پر جيئن به آهي جهڙي به آهي، اهڙي ئي ڏسڻ ۾ اچي ٿي. وٽس ڪا به رياڪاري، منافقت، مصلحت ۽ مفاد پرستي نه هئي.

اسان کي ميٺو پوندو ته هن پنهنجي ڇهري تي ڪوبه دوکي ۽ دولاب جو ڪول نه چاڙهيو. جهڙو ڪردار هئس اهڙوئي ڏسڻ ۾ ايندو هو. ڪيس ڏسي مون کي هڪ فارسي شعر ياد اچي ويندو آهي،

شيخ به زن فاحشه، گفت مستي
کز خيز گستي و به شر پيوستي
زن به گفت چنان که مي نمايم هستم
تو نيز چنان که مي نمائي هستي؟

(شيخ صاحب هڪ فاحشه عورت کي تنبيهه ڪئي ته، 'تو مستيءَ ۾ اچي چڱائيءَ جو رستو ڇڏي بڇڙائيءَ جي واٽ ورتي آهي.' عورت وراڻي ڏنس ته، 'آئون جهڙي آهيان. تهڙو پئي پاڻ کي ظاهر ڪريان. پر تون ته بِڌاءِ تون جيڪو پاڻ کي پيو ظاهر ڪرين حقيقت ۾ اهڙو آهين به.؟').

(ڪجهه مهينا ٿيا ته دادلي گدي فوت ٿي چڪي آهي).